


جناح جي باري ۾ !

[پاڪستان جي باني قائد اعظم محمد علي جناح جي
شخصيت ۽ سياسي ڪردار بابت هڪ تحقيقي مقالو]

اياز علي

روشني

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

captan abro

On Jinnah!

جناح جي باري ۾!

[محمد علي جناح جي شخصيت ۽ سياسي ڪردار بابت هڪ تحقيقي مقالو]

ايازعلي

روشني پبليڪيشن
ڪنڊيارو
2017ع

Roshni Book No. 792

كتاب جو نالو: جناح جي باري ۾!

ليکڪ: ايازعلي

موضوع: تحقيقي بايوگرافيڪل مقالو

ڇاپو ڦهريون: © روشني 2017ع

ڪمپوزنگ: انور حسين سومرو

روشني ڪمپوزرس اينڊ پرنٽرز حيدرچوڪ، حيدرآباد سنڌ.

ڇپيندڙ: فائين ڪميونيڪيشن، حيدرآباد، سنڌ.

ڇپرائيندڙ: روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو سنڌ

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، جامشورو.

JINNAH JE BAARE MEIN

By: **Ayaz Ali**

Composed by: Anwer Hussain Soomro

Roshni Composers and Printers, Hyder Chowk, Hyderabad

Printed by: Fine Communication, Hyderabad, Sindh

Published by: Roshni Publication, Kandiaro, Sindh

First Edition © Roshni 2017

استاڪسٽ

شاهه لطيف ڪتاب گهر، گاڏي ڪاتي حيدرآباد

پتائي بوڪ هائوس اوريئنٽ سينٽر حيدرآباد ڪنگ پن بڪ شاپ پريس ڪلب حيدرآباد + فيضان بوڪ ڊيپو حيدرآباد + ورسٽي بڪ شاپ جامشورو شير يزدان بڪ اسٽال پٽ شاهه + حيدر ڪتب خانو پٽ شاهه ڪليا واڙا سٽور اردو بازار ڪراچي

رابيل ڪتاب گهر، لاڙڪاڻو + رهبر بڪ ايجنسي رابعه سينٽر، لاڙڪاڻو+ مدني بڪ ڊيپو لاڙڪاڻو

نيشنل بوڪ ڊيپو بندر روڊ، لاڙڪاڻو+ نوراني بوڪ ڊيپو بندر روڊ، لاڙڪاڻو+ عبدالله بڪ ڊيپو بندر روڊ لاڙڪاڻو

اشرف بوڪ اسٽال مسجد روڊ، نوابشاهه+ مڪتبه گلشير، لياقت مارڪيٽ نواب شاهه

مهراڻ ڪتاب گهر، ڪپرو + العزيز ڪتاب گهر، عمرڪوٽ + ٽر ڪتاب گهر، مٺي المهراڻ ادبي ڪتاب گهر، سانگهڙ

ڪنگري بوڪ شاپ، اسٽيشن روڊ، ميرپور خاص + حر ڪتاب گهر، ميرپورخاص، حلال ڪتاب گهر ميرپورخاص

مدني اسلامي ڪتب خانو دادو+ سليم نيوز ايجنسي نيو بس اسٽينڊ، دادو + جنيد بوڪ ڊيپو دادو

عبدالرزاق بڪ اسٽال، ميهڙ+ ساحر ڪتاب گهر، ڪهندي ميهڙ، مرچو لال بوڪ ڊيپو بدين + رحيم بوڪ ڊيپو بدين

سوجهرو ڪتاب گهر، بدين، مهراڻ بوڪ سينٽر سکر + ڪتاب مرڪز فريئر روڊ، سکر + عزيز ڪتاب گهر، بئراج روڊ، سکر

الفتح نيوز ايجنسي، مهراڻ مرڪز سکر مڪتبه امام العصر، گهوٽڪي، مدني ڪتاب گهر پنوعاقل

سنڌ ڪتاب گهر، شڪارپور + مولوي عبدالحئي شڪارپور+ سعيد بوڪ مارٽ، شڪارپور

تهذيب نيوز ايجنسي خيرپور ميرس + نيشنل بڪ اسٽال، پنج گلو چوڪ، خيرپور ميرس

خيرپور بڪ ڊيپو خيرپورميرس، ميمڻ بڪ ڊيپو نوشهرويفروز، مڪتبه عزيزيه ڪهڙا + سچل ڪتاب گهر، درازا

ڪنول ڪتاب گهر، مورو+ تاسيه لائبريري اسپتال روڊ، ڪنڊيارو+ سارنگ ڪتاب گهر، ڪنڊيارو

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.

اڻپنا

دنيا جي اُنهن مڙني ماڻهن جي نالي:

جيڪي زماني ساز بنجڻ بدران آدرشي بنجڻ کي اوليت ڏين ٿا،

۽ جيڪي هرناجائز فائدي ۽ مراعات تي ٺٺڪار وجهن ٿا.

فهرست

- ليکڪ پاران 9
- قلم تازو 13

باب پهريون

جناح جو ننڍپڻ، تعليم ۽ لنڊن 15
حوالا ۽ سمجهاڻيون 36

باب ٻيو

هندستان ڏانهن واپسي! 41
حوالا ۽ سمجهاڻيون 56

باب ٽيون

جناح جي ڪانگريس ۾ شموليت ۽ لکنو معاهدو! 61
حوالا ۽ سمجهاڻيون 73

باب چوٿون

جناح ۽ گانڌي ـ هڪٻئي جي ابتڙ! 78
حوالا ۽ سمجهاڻيون 99

باب پنجون

رولٽ ايڪٽ، جناح ۽ گانڌيءَ جو سياست ۾ پير جمائڻ! 104
حوالا ۽ سمجهاڻيون 114

باب ڇهون

خلافتي تحريڪ ۽ جناح جي ڪانگريس مان نيڪالي
جو بندوبست! 117
حوالا ۽ سمجهاڻيون 145

باب ستون

جناح جي ذاتي زندگي جا لاها چاڙها ۽ هندستان جي سياست! 150
حوالا ۽ سمجهاڻيون 159

باب اٺون

نهرو رپورٽ، جناح جا تحفظات ۽ رتيءَ جو لاڏاٽو 161

حوالا ۽ سمجهاٽيون 182

باب نائون

گول ميز ڪانفرنس جو احوال! 187

حوالا ۽ سمجهاٽيون 212

باب ڏهون

جناح جو هندستان اچڻ، چونڊون ۽ ڪانگريسي ليڊرشپ جي ناعاقبت انديشي! 218

حوالا ۽ سمجهاٽيون 256

باب يارهون

لاهور ٺهراءَ ڪانپوءِ جي صورتحال! 265

حوالا ۽ سمجهاٽيون 291

باب ٻارهون

1943ع ڪان 1945ع وارو دور! 299

حوالا ۽ سمجهاٽيون 329

باب تيرهون

1946-45ع واريون چونڊون، ڪيبينيٽ مشن پلان ۽ جناح! 337

حوالا ۽ سمجهاٽيون 377

باب چوڏهون

جناح، مائونٽ بيٽن ۽ پاڪستان! 381

حوالا ۽ سمجهاٽيون 397

باب پندرهون

جناح ـ پاڪستان ڪانپوءِ! 400

حوالا ۽ سمجهاٽيون 417

ببليوگرافي 421

انڊيڪس (ڏسٽي) 426

"They forget that Mr. Jinnah, who represent this ideological transformation, can never be suspected of being a tool in the hands of the British even by his worst enemies. He may be too self_opinionated,an egoist without the mask and has perhaps a degree of arrogance which is not compensated by any extraordinary intellect or equipment. It may be on that account that he is unable to reconcile himself to a second place and work with others in that capacity for a public cause. He may not be overflowing with ideas, although he is not, as his critics make him out to be, an empty-headed dandy living upon the ideas of others. It may be that his fame is built more upon art and less on substance. At the same time it is doubtful, if there is a politician in India to whom the adjective incorruptible can be more fittingly applied. Any one who knows what his relation with the British Government has been, will admit that he has always been their critic, if indeed, he has not been their adversary. No one can buy him."

- Dr. B.R.Ambedkar

(Pakistan or Partition of India)

"Few individual significantly alter the course of history. Few still modify the map of the world. Hardly anyone cane be credited with creating a nation-state. Mohammed Ali Jinnah did all three."

- Stanley Wolpert

(Jinnah of Pakistan)

ليڪ پاران

اسان وٽ، سنڌيءَ ٻوليءَ ۾، گانڌيءَ جي زندگي ۽ سندس سياسي فڪر تي ته ڪافي مواد ۽ ڪتاب دستياب آهن، پر اچرج جهڙي ڳالهه اُها آهي ته، ننڍي کنڊ جي سياست ۾ مرڪزي ڪردار ادا ڪندڙ سنڌ_جائي جناح، جيڪو حقيقي معنيٰ ۾، ننڍي کنڊ جو هڪ وڏو اعليٰ پائي جو اڳواڻ هو جيڪو پنهنجي سوچ، سياست ۽ حڪمت عمليءَ واري فن جي لحاظ کان، نهرو گانڌي ۽ پٽيل جهڙن مڙني اڳواڻن کان ٻنهه مختلف ۽ منفرد حيثيت رکندڙ هو. اُن جي زندگي ۽ سياسي ڪردار جي حوالي سان ڪو تحقيقي ڪتاب ته نهيو پر ٻلهو ترجمو به ڪونهي، جنهن سببان جناح جي سياست ۽ شخصيت جي سمجهه جي حوالي سان سنڌيءَ ٻوليءَ ۾ گهربل مواد جي مستقل کوٽ ٿي رهي ٿي.

دراصل، انهيءَ کوٽ واري ڳالهه مون کي اُهو تحرڪُ ڏنو ته مان جناح جي زندگي ۽ سياسي ڪردار جي حوالي سان سنڌيءَ ۾ هڪ عدد تحقيقي بايوگرافيڪل مقالو لکان. اهو ئي سبب آهي،جو مان پاڪستان بابت پنهنجي تحقيقي مقالي لکڻ کانپوءِ ترت ئي جناح تي تحقيقي مقالي لکڻ ۾ مصروف ٿي ويس، ۽ لڳ ڀڳ ٻن ٽن سالن جي لڳاتار محنت ۽ مطالعي کانپوءِ جناح تي هي مقالو تيار ڪري ورتو.

مون پنهنجي، هن تحقيقي مقالي ۾ جناح جي باري ۾ ڪا نئين ڳالهه ناهي ڪئي، ۽ نه ئي وري هُن کي ڪنهن ٻنهه نئين زاويي سان ڏسڻ جي ڪا ڪوشش ڪئي اٿم. دراصل، هن مقالي ۾، جناح جي باري ۾ بيان ڪيل سموريون ڳالهيون ۽ نتيجا، ڊاڪٽر عائشہ جلال، ايڇ ايم سيروائي، ۽ ڊاڪٽراجيت جاويد وارن جي ڪيل ڳالهين ۽ نتيجن تي ئي ٻڌل آهن. ان ڪري، منهنجي هن مقالي جي ڪا انوکي اهميت ته ناهي، البت، جناح تي سنڌيءَ ٻوليءَ ۾ لکيل هن مقالي ۾، تحقيقي بنيادن ڪجهه اهڙيون به

ڳالهيون ڪيون ويون آهن، جيڪي مان پانيان ٿو ته، جناح تي لکيل ڪنهن به انگريزيءَ توڙي اڙدوءَ ۾ لکيل تحقيقي ڪتاب ۾ ناهن ڪيون ويون. مثال طور: هن ئي مقالي ۾ پهريون پيرو مختصر طور تي، ان حوالي سان سمجهاڻي ڏني وئي آهي ته، پاڪستان ۾ سرڪاري طور تي، جو ڪجهڻ سياسي مفادن تحت جناح جي اصل پيدائشي شهر جهرڪ کي نظرانداز ڪري، ڪراچي کي سندس پيدائش واري شهر طور ظاهر ڪرڻ تي زور ڏنو وڃي ٿو؛ ۽ اهم ڳالهه هن مقالي جي اُها آهي ته، هن ئي مقالي ۾ تحقيقي بنيادن تي اُهو موقف رکيو ويو آهي ته، جناح، پاڪستان ۾ اڙدوءَ ٻوليءَ کي قومي ٻولي (National Language) نه، پر سرڪاري ٻولي (State Language) ئي بنائڻ پئي چاهيو. هن جو سڄو زور اڙدو کي قومي ٻولي بنائڻ تي نه، پر سرڪاري ٻولي بنائڻ تي هو. جناح جي حوالي سان اهڙي ڳالهه ڪٿي جو نئين آهي. پرپڙهڻ ۽ سمجهڻ جهڙي آهي، ۽ جئين ته، اهڙو موقف جناح جي ڪنهن به سوانح حيات ۾ ناهي ۔ڪيو ويو آهي، ان ڪري، ڏنو وڃي ته، سنڌيءَ ٻوليءَ ۾ لکيل جناح جي هيءَ سوانح حياتي، انگريزي ۽ اڙدو ۾ جناح تي لکيل ٻين سمورين بايوگرافين کان وڌيڪ اهم نه هجڻ جي باوجود پڙهڻ جوڳي ضرور آهي.

هن بايوگرافيڪل مقالي لکڻ لاءِ، مون بنيادي طور تي جناح جي زندگيءَ تي انگريزي ۾ لکيل پنجن انتهائي اهم تحقيقي ڪتابن جهڙوڪ: اسٽينلي وولپرٽ جي "Jinnah of Pakistan" هڪيٽر بوليٽو جي"Jinnah_Creator of Pakistan"ڊاڪٽر اجيت جاويد جي" Nationalist and Secular Jinnah"، جي الانا جو"Jinnah_The Story of a Nation" کي ۽ عزيز بيگ(Aziz Beg) جي جناح تي لکيل سيني 'نگريزن ڪتابن کان وڌيڪ ۽ وڏي ضخامت واري انگريزي ڪتاب Jinnah his life and his Time کي بنيادي ماخذ واري حيثيت ڏيندي، انهن مان ئي مدد ورتي آهي. جيتوٽيڪ جسونت سنگهه جو ڪتاب Jinnah_India, Partition, Indepedence, به پنهنجي جاءِ تي هڪ انتهائي اهم ۽ تاريخي دستاويزي اهميت رکندڙ ڪتاب آهي. پر بهرحال، مان پانيان ٿو ته، اُن ڪتاب ۾ ليکڪ جو ڏرائتو نقطه نظر نمايان رهي ٿو. اهو ئي سبب آهي، جو مون اُن ڪتاب کي ماخذ واري حيثيت ناهي ڏني، البت، ان مان گهربل انگ اکر حاصل ڪرڻ وارو استفادو ضرور حاصل ڪيو اٿم. جڏهن ته، انهن ڇاڪاڻ پنجن ڪتابن

کانسواءِ، مون جناح جي زندگيءَ ۾ سندس سياسي ڪردار توڙي پاڪستان ۾ ننڍي کنڊ جي تاريخ تي انگريزيءَ ۾ اڙدوءَ ۾ لکيل ڪافي ڪتابن جو پڙ چڱي طرح سان اپياس ڪيو ۽ اُنهن مان گهربل مدد / فائدو به ورتو اٿم. مان ذاتي طور تي، اسماعيل خاصخيلي ۽ ادريس لغاريءَ جو به ٿورائتو آهيان، جن، هن تحقيقي مقالي لکڻ دوران، مون کي جناح جي حوالي سان ڪجهه گهربل مواد هٿ ڪري ڏيڻ ۾ مدد ڪئي. اُن لاءِ مان ٻنهي دوستن جو شڪرگذار آهيان. هتي محترم دوست شفيع برهماڻي جو ذڪر نه ڪرڻ به ساڻس وڏي ناانصافي ٿيندي، هن دوست به مختلف ادارن مان ڪتابي مواد هٿ ڪري ڏيڻ ۾ منهنجي وڏي مدد ڪئي. ان لاءِ مان سندس بي حد ٿورائتو آهيا. جڏهن ته غلام سرور پليجي ۽ سڪندر علي ابڙي جهڙن دوستن جون به ڪتابي مدد کان وڌي مالي مدد ڪرڻ جي حوالي سان پڙ وڏيون مهربانيون آهن، جيڪي مان چاهيندي به لاهي نه ٿو سگهان.

آخر ۾، مان اها وضاحت به ڪندو هلان ته، مون ڪتاب جي شروعات ۾ جناح جي حوالي سان، هندستان جي اڇوت برادري (جنهن کي هن دلت پڙ سڏيو ٿي)جي اڳواڻ ۽ هندستاني آئين جي خالق ڊاڪٽر بي. آر. امبيدڪر(Dr. B. R. Ambedkar) جا ڪجهه لفظ ڏنا آهن، جيڪي هن دراصل، پنهنجي جڳ مشهور ڪتاب Pakistan or Partition of India ۾ جناح جي سياسي عظمت ۽ سندس اڏول سياسي ڪردار جي قبوليت طور لکيا آهن. جڏهن ته، جناح جي هڪ جڳ مشهور سوانح نگار استينلي وولپرٽ جي جناح جي تعريف ۾ چيل ڪجهه لفظن (جيڪي هن پنهنجي جڳ مشهور ڪتاب "جناح آف پاڪستان"جي مهاڳ ۾ لکيا آهن) کي به شامل ڪيو ويو آهي، جن ۾ هن چيو آهي ته "ٿورن ماڻهن تاريخ کي تبديل ڪيو آهي. انهن کان به وري بنهه ٿورن ماڻهن دنيا جي نقشي کي تبديل ڪيو آهي، ۽ قومي رياست قائم ڪرڻ واري ڪم شايد ئي ڪنهن ڪيو هجي، پر جناح اهي ٻئي ڪم ڪري ڏيکاريا."

جيتوڻيڪ، وولپرٽ جي انهن لفظن سان مڪمل طور تي اتفاق نه ٿو ڪري سگهجي، ڇاڪاڻ ته، جناح پاڪستان جي نالي تي ڪنهن قومي رياست جو بنياد نه وڌو هو. اها، دراصل، ليڪ جي وڏي غلط فهمي (Misconception) آهي، ۽ خاص طور تي، اُها غلط فهمي جناح جي طرفان به_قومي نظريي جي ڳالهه کي استعمال ڪرڻ سببان ٿئي ٿي. بهرحال، قطع

نظر ان جي، اها هڪ پڌري حقيقت آهي تہ پاڪستان ڪا هڪ_ قومي رياست ناهي، پر اُها بنيادي طور تي، هڪ گهڻ_ قومي رياست هئي ۽ آهي، جنهن ۾ ڪا هڪ قوم نہ، پر مختلف قومون، دراصل 1940ع واري ٺهراءَ تحت، قومي خودمختياري جي ڏنل آئيني ضمانت تحت ئي شامل ٿيون هيون، ۽ اها ڳالهہ خود جناح بہ، چڱي طرح سان سمجهي پئي. ان ڪري، جناح جي ڪاتي ۾ هڪ قومي رياست نہ پر گهڻ_ قومي رياست جي بنياد وجهڻ جو ڪريڊٽ ڏئي سگهجي ٿو. باقي اهو تہ، هڪ ڏار بحث آهي تہ، جناح جي لاڏاڻي ڪانپوءِ، جناح واري گهڻ_قومي وفاقي پاڪستان کي، ڪئين نام نهاد مفروضاتي "مهاپاڪستاني" قوميت واري، هڪ_قومي وحداني پاڪستان ۾ تبديل ڪيو ويو ۽ ڪيئن اُن کي جمهوريت، آئين ۽ وفاقيت جي بنيادي روح ۽ اصولن جي ابتڙ غير وفاقي ، غير آئيني ۽ غيرجمهوري طريقي سان هلايو ويو ۽ جو ملڪ ۾ شامل تاريخي قومن ۽ وحدتن سان دوکو ۽ فراڊ ڪري، 1940ع واري ٺهراءَ جي لتاڙ ڪندي، سندن قومي خودمختياري ۽ خوداختياري کي صلب ڪري، هتي مخصوص قوتن کي سڄي رياست جي اڃي ڪاري جو مالڪ بڻايو ويو؟ (جنهن جي ڪري ملڪ جو اڌ حصو ڏار ٿي، بنگلاديش بہ بڻجي ويو ۽ باقي اڌُ حصي جو جيڪو حشر ڪيو ويو آهي، اهو بہ اسان جي اڳيان آهي) اُهو پاڪستان جي تاريخ جو دراصل، هڪ وڏو تڪراري بحث آهي، جنهن تي هيلتائين گهٽو ڪجهہ لکيو ويو آهي، ۽ مون بہ پنهنجي حساب سان اُن تي لکيو آهي.

بهرحال، جئين تہ، وولپرٽ جي انهن لفظن مان جناح جي غير معمولي سياسي ڪردار ۽ سندس سياسي جدوجهد جي اهميت ظاهر ٿئي ٿي، ان ڪري مون بہ، پنهنجي هن تحقيقي مقالي جي شروعات ۾ جناح جي اهميت ۽ عظمت جي اعتراف طور اهي لفظ ڏنا آهن. انهن سان مڪمل طور تي اتفاق رکڻ ضرور ناهي.

ـ ايازعلي
E.mail:ayazali771@yahoo.com
Cell.No: 0336_3323765
20 جون 2014ع
حيدرآباد

قلم تازو

هن ڪتاب کان اڳ، منهنجو پاڪستان تي هڪ تحقيقي مقالو "پاڪستان جو بنياد: ٻه قومي نظريو يا صوبائي خودمختياري؟" ڇپيو هو جنهن جي مون کي سڄي سنڌ مان تمام ڏاڍي موٽ ملي. هتي، مان خاص طور تي، سنڌي ادب جي هڪ نالیواري ڪردار يوسف سنڌي جي باري ۾ ڪجهه لکڻ پسند ڪندس. سنڌ ۾ جنهن ماڻهو منهنجي اُن ڪتاب تي سڀ کان وڌيڪ خوشي ۽ سرهائي جو اظهار ڪيو. اُهو ٻيو ڪير نه، پر يوسف سنڌي ئي هو ۽ آهي، جنهن نه رڳو منهنجي ڪتاب تي سڀ کان پهرين مون وٽ اچي، مون کي مبارڪ باد ڏني، پر منهنجي ڪتاب تي "سنڌ ايڪسپريس" اخبار ۾ هڪ عدد ڪالم لکي، مون کي سنڌ جو هڪ وڏو ريسرچ اسڪالر ٻه قرار ڏنو. مان، سچ پچ سائين يوسف جي اهڙي افراخدلي جو معترف آهيان. جيتوڻيڪ يوسف مون کي اُن ڪتاب تي پنهنجي طرفان هڪ وڏي مهورتي تقريب ڪوٺائڻ جي ٻه فراخدالاڻي آڇ ڪئي، پر جئين ته، مان اڳواٽ ئي هڪ دانشور دوست طرفان ڪتاب تي ڏنل مهورتي پروگرام جي آڇ قبول ڪري ويٺو هوس. ان ڪري يوسف کي ته انڪار ڪري ڇڏيو پر بعد ۾ اُن دانشور دوست ٻه کو پروگرام نه ڪرايو جنهن ڪري يوسف سان ڪيل انڪار تي اڄ سوڌو افسوس اٿم. اميد اٿم ته يوسف منهنجي ان انڪار کي دل ۾ نه رکيو هوندو.

هتي مان، محترم دوست ۽ سنڌ جي نالیواري ڪالم نگار نصير ميمڻ جو ٻه ٿورو مڃڻ چاهيان ٿو جنهن، جڏهن منهنجو پاڪستان تي لکيل مذڪوره ڪتاب ڏٺو ته مون سان ڪا واقفيت يا سڃاڻپ نه هجڻ جي باوجود [ياد رهي ته منهنجي ڪتاب ڇپجڻ کان اڳ نصير صاحب مون کي نه سڃاڻيندو هو. البت، مان سندس مضمون پڙهڻ ڪري سڃاڻيندو هوس] يوسف سنڌيءَ کان منهنجو فون نمبر ونڊي، مون کي فون ڪئي. مون سان ڳالهايو. ڪتاب تي پنهنجي بي حد خوشي جو اظهار ڪيو. ۽ منهنجي

تحقيقي ڪم جي تمام گھڻي واکاڻ ٻه ڪئي. اُن لاءِ مان سنڌس بي حد ٿورائتو آھيان، جو ايتري ڪشاده دلي ٿورن ماڻھن ۾ ھوندي آھي. باقي نه ته اسان وٽ، ادارن جي دنيا سان گڏ اسان جي فڪري ۽ علمي دنيا ۾ به اھڙو ته استيٽسڪو آھي، جو اُھو ڪنھن جي قابليت ۽ ميرٽ کي قبول ڪرڻ لاءِ به تيار ناھي، جيڪو دراصل، اسان جو وڏو المیو ئي آھي. اھڙي صورتحال ۾ نصير ميمڻ، حسين لاکي ۽ مراد علي شاھ جھڙا دانشور دوست منھنجي فڪري پورھئي کي اھم سمجھن ٿا، اُن جي واکاڻ ڪن ٿا، ۽ يوسف سنڌيءَ جھڙا ادب_دوست ماڻھو منھنجي تحقيقي ڪم تي به اکر لکن ٿا ته اُھا ڳالھ سچ پچ منھنجي لاءِ اٽاھ خوشي ۽ سرھائي جو ڪارڻ آھي.

آخر ۾ مان اداري جو ٿورائتو آھيان، جنھن منھنجي ھن جناح تي لکيل تحقيقي مقالي [Dissertation] ۾ به دلچسپي ڏيکاري ۽ اُن جي ڇپرائڻ جو بندوبست ڪري، پڑھندڙن جي ھٿن تائين پھچائڻ جو وڏو ڪيو. ان لاءِ مان اداري جو شڪرگذار آھيان.

ايازعلي

17 جولاءِ 2015ع
حيدرآباد

باب پهريون

جناح جو ننڍپڻ، تعليم ۽ لنڊن

(1876 _ 1896ع)

پاڪستان جي باني ۽ سنڌ_جائي قائداعظم محمد علي جناح جي ابن ڏاڏن جو لڳ لاڳاپو دراصل هندستان جي گجرات صوبي جي پرسان واقع هڪ راجائي رياست گونڊل سان هو.[1] اُنهي رياست جي ويجهو هڪ ڳوٺ پانيلي هو جنهن ۾ جناح جو ڏاڏاڻو خاندان ورهين کان ويڙل هو. جناح جو اُهو سڄو خاندان اسلام جي اهل شيعت واري فرقي سان لاڳاپيل خواجہ برادري تي ٻڌل هو.[2] چون ٿا تہ اهل شيعت جي آغا خان اسماعيلي فرقي سان لاڳاپيل اُها خواجہ برادري [جنهن ۾ جناح جي ابن ڏاڏن وارو خاندان بہ شامل هو]ڏهين ۽ سُورهين صديءَ جي وچ واري عرصي دوران ايران مان، ايرانين جي ظلم ۽ جبر کان تنگ ٿي، هندستان جي اُنهن اُولهہ وارن علاقن ڏانهن کهي اچي، اُتي رهائش اختيار ڪري ورتي هئي،[3] جن ۾ گجرات صوبي سان لاڳاپيل علاقو بہ اچي ويڪي ٿو جنهن جي ويجهو گونڊل رياست جي پانيلي ڳوٺ ۾ اٽويهين صدي ڏاري جناح جو ڏاڏاڻو خاندان ايري ظاهر ٿيو.[4]

بهرحال، اُها ڳالهہ طئي تہ آهي تہ جناح جو ڏاڏاڻو خاندان هندستان ۾ مذهب اسلام قبول ڪري مسلمان ڪو نہ بڻيو پر اُهو اڳوات ايران ۾ مسلمان بڻجي چڪو هو ۽ اُتي جي وڳوڙي حالتن کان بيزار ٿي،پنهنجي پرامن مستقل رهائش واسطي هندستان کهي آيو هو.[5]

جيتوڻيڪ، گونڊل رياست جي سڄي معشيت زراعت تي ٻڌل هئي، جو اُن جي چوطرف رڳو ڳوٺ ئي ڳوٺ ئي هئا، پر، بهرحال، جناح جي ڏاڏي جناح پُونجا زراعت کي ڪا ترجيح نہ ڏني. جناح پونجا کي بنيادي طور تي

واپاري ڪرت سان ئي لڳاءُ هو. اُهو ئي سبب هو جو هو هڪ زرعي ڳوٺ (جيڪو پنهنجي زرعي وکرن جهڙوڪ: مرچ، ڪپهه، باجهري ۽ ڪڪڙ وغيره جي اُپت ۾ بنهه خود ڪفيل ۽ مشهور هو) ۾ رهڻ جي باوجود، واپاري ڪرت کي اوليت ڏيندي، ڳوٺ جي ڪجهه ڪاريگرن کي پاڙي تي وٽي، سُوتي ڪپڙي جي اُٽت ڪندو هو جنهن کي تياري بعد، بازار ۾ وڪيو ويندو هو.[6] جنهن سببان، ايترا ڏوڪڙ مليو پوندا هئا، جو جناح پونجاجو گهراٽو خوشحال گهراٽي جي علامت طور سڃاتو ويندو هو.[7] اصل ۾، خواجه برادري جي ماڻهن ۾ تاريخ جي وڏن لاهن ڇاڙهن، اُتلن پُتلن ۽ بحرانن کي منهن ڏيڻ سببان، اُهاقابليت پيدا ٿي چڪي هئي، جو اُهي مٽيل، مختلف ۽ تبديل ٿيل حالتن ۾ پاڻ کي، پنهنجي معاشي ڪرت سميت، تبديل ڪرڻ ۾ ڪا گهٽي ڏکيائي محسوس نه ڪندا هئا، ۽ اهو ئي دراصل، انهي برادري جي معاشي ۽ سماجي شاهوڪاري جو اصل رازُ هو.[8] بهرحال، مان پنهنجي اصل ڳالهه تي اچان ته، جناح جي ڏاڏي جناح پونجا کي ٽي پُٽ هئا، والجي پائي، ناٿو پائي ۽ جناح پائي. جڏهن ته، ڏي فقط هڪڙي هيس، جنهن جو نالو هو مان ٻائي.[9] جناح جو پيءُ جناح پائي پونجا 1850ع ۾ ڄائو[10] جيڪو دراصل، جناح پونجا جو پيڇاڙي وارو پُٽُ ئي هو.

چون ٿا ته، جناح جو پيءُ جناح پائي ننڍپڻ کان ئي ڪجهه مختلف هو. هن پنهنجي پيءُ جي سُوتيءَ ڪپڙيءَ واري ڪم ڪار ۾ هٿ وندائڻ بدران، پنهنجي ذات سڃاڻپ پيدا ڪرڻ لاءِ گونڊل رياست ۾ وڃي، اُتي ئي چمڙي جي ڪاروبار ڪرڻ کي ترجيح ڏني. جيتوڻيڪ، پيءُ کي اُن حوالي سان، اڪيچار انومان هئا ته پُٽُ ڪامياب نه ٿيندو پر ترت ئي هن ڪاروبار ۾ ايتري ته ڪاميابي ۽ سڪلتا حاصل ڪري ورتي، جو سندس پيءُ جناح پونجا جا سمورا شڪ ۽ انومان "خوشي، حيرت ۽ فخر ۾ تبديل ٿي ويا."[11] جئين ته، جناح پائي روزگار ۾ مليل ڪاميابي سببان، معاشي طور تي پنهنجي پيرن تي بيهجي ويو هو ان ڪري، هاڻ هن جي والدين کي، سندس شادي ڪرائڻ جو به خيال آيو ۽ ائين، سندس واسطي هڪ "نيڪ سيرت" گهرواري ڳولهڻ وارو ڪم به شروع ڪيو ويو. تان جو پانيلي ڳوٺ جي ويجهو هڪ ٻي ڳوٺ "دهفا" مان هڪ معزز گهراٽي سان لاڳاپيل عورت مينبائي جو رشتو ڳولهي هٿ به ڪيو ويو، جنهن کانپوءِ ترت ئي، جناح پائي کي 1874ع ۾ مينبائي سان شادي جي بندڻ ۾ بڌيو ويو.[12] شادي

کانپوءِ جناح پائي جي ڪاروبار ۾ وسعت ۽ پکيڙ پڻ ايندي وئي، جنهن جي نتيجي ۾ هو ڪافي پيسي ڏوکڙ جو مالڪ بڻجي ويو. ڏوکڙن جي جهجهائي ٽيڻ سبب، هو هاڻ پنهنجي ڪاروبار کي وڏي سطح تي پکيڙڻ لاءِ پڻ رٿون رٽڻ لڳو. تن ڏينهن، وڏي ڪاروبار توڙي وڏي منافعي ڪمائڻ جي حوالي سان ننڍي کنڊ جا به وڏا شهر مشهور هئا.[13] هڪ بمبئي هو ۽ ٻيو سنڌ صوبي جو شهر ڪراچي. جيڪي، دراصل، ننڍي کنڊ ۾ وڏن ڪاروباري مرڪزن جي حيثيت سان اُپري آيا هئا، ۽ اهو ئي سبب هو جو جناح پائي پونجا به پنهنجي ڪاروباري ترقي ۽ خوشحالي لاءِ گونڌل رياست کان بنهه گهٽو ڏور بمبئي يا ڪراچي وڃڻ لاءِ سوچيندو رهيو.[14]

جيتوڻيڪ، تن ڏينهن، بمبئي واپاري مرڪز جي حيثيت سان وڏي شهرت ۽ مشهور ماڻي ورتي هئي، پر، بهرحال جناح پائي، پنهنجي واپار لاءِ بمبئيءَ بدران سنڌ جي شهر ڪراچيءَ کي ئي ترجيح ڏني(جيڪو پڻ تن ڏينهن وڏج واپار ۾ بمبئيءَ وانگر مرڪزي حيثيت حاصل ڪندو ٿي ويو ۽ هڪ لحاظ کان ته اُهو واپاري اهميت جي حساب کان ڪنهن حد تائين بمبئيءَ کان به وڌيڪ اهميت رکندڙ شهر طور اپري رهيو هو. جو 1869ع ڌاري سوئيز واهه نهڙ ڪانپوءِ انگريزن توڙي سڄي يورپ کي بمبئيءَ کان وڌيڪ ڪراچي ئي ويجهو ٿي پيو هو ۽ اُها ڳالهه ئي، دراصل، تن ڏينهن ڪراچي جي اُپرڙ ۽ وڏي شهر واري حيثيت ماڻڻ جو سبب بڻي هئي)

ائين، 1874ع ۾ ئي، جناح پائي سنڌ ڏانهن ڪهي آيو.[15] هن سڀ کان پهريان، ڪراچيءَ جي بنهه ويجهو نٽي ضلعي جي هڪ مشهور سياحتي شهر جهرڪ ۾ جاءِ وٺي رهائش اختيار ڪئي. ياد رهي ته، جناح جي پيءُ جي جهرڪن ۾ رهائش اختياري ڪرڻ بابت ثابتي اسان کي اسان جي اوائلي نصابي ڪتابن مان پڻ ملي ٿي، جن مان، هاڻ، اُنهي ڳالهه کي ڪيڏي ختم ڪيو ويو آهي. بهرحال، هتي ئي دراصل، جناح پائي پونجا کي ٻن سالن بعد 25 ڊسمبر 1876ع ڌاري پهريون پُٽ محمد علي جناح جائو.[16] هيءُ هڪ انوکو ٻار هو جنهن کي، دراصل، تاريخ طرفان ننڍي کنڊ جي جاگرافيائي تاريخ کي تبديل ڪرڻ جي ذميواري مليل هئي.

عام طور، هتي اسان وٽ، پاڪستان ۾ جناح جي پيدائش جي حوالي سان سرڪاري سطح تي هڪ وڏو بلنڊر اُهو به ڪيو ويو آهي، جو اسان جي نصابي ڪتابن ۾ جناح جي پيدائش واري اصل شهر ۽ جاءِ کي تبديل

ڪري، ڪراچي ڪي جناح جي پيدائش واري شهر طور ڄاڻايو ويو آهي. جيتوڻيڪ، ڪراچي به، سنڌ جو ئي شهر آهي، ۽ سنڌ جو ئي حصو آهي، بلڪ سنڌ جي سونهن ۽ دل ئي ڪراچي آهي، پر بهرحال، جناح جي پيدائش جي اصل جاءِ ۽ شهر کي ڄاڻي ٻُجهي تبديل ڪرڻ، ۽ هروپرو جناح جي پيدائش واري هنڌ کي ڪراچي طور ظاهر ڪرڻ مان، دراصل اُها ئي، رياست تي قابض، پنجابي_مهاجر شائونسٽ ذهنيت ظاهر ٿئي ٿي، جيڪا سمجهي ٿي ته، جيڪڏهن، جناح جي اندرون سنڌ جي ڪنهن ننڍي شهر ۾ پيدائش ظاهر ڪئي وئي، ته پاڪستان ناهڻ جو سڄو ڪريڊٽ، نه ڇاهيندي به، سنڌين کي ڏيڻو پوندو ۽ رياستي سطح تي ان کي قبول به ڪرڻو پوندو جيڪا ڳالهه، مجموعي طور پاڪستان ۽ اُن جي رياست تي ناجائز قبضو ڪري ويٺل پنجابي_مهاجر مفادن لاءِ ڪنهن به طرح فائدي مند نه، پر الٽو شديد نقصانڪار ئي ثابت ٿي ويندي، جو سنڌي پاڻ کي ملڪ جي بانيڪار قرار ڏيندي، صوبائي ۽ قومي خودمختياري واري مطالبي کي وڌيڪ موثر انداز ۾ پيش ڪندا، ۽ ائين، سندن اُنهي قومي خودمختياري واري مطالبي کي سياسي توڙي اخلاقي طرح وڏو وزن (Weightage) به ملي ويندو جنهن سببان هڪ ته، ملڪ جون ٻيون ننڍيون مظلوم قومون به پنهنجي قومي حقن ۽ مفادن واسطي اُٺي ڪڙيون ٿيندیون، ۽ ٻيو ته، ائين مجموعي صورتحال، ۽ طاقت جو توازن ملڪ جي ننڍين مظلوم قومن ڏانهن وڃڻ جي نتيجي ۾ ملڪ ۽ اُن جي رياست تي قابض بالادست قوتن جي هڪ_هٿي ۽ بالادستي لاءِ به هڪ وڏو خطرو پيدا ٿي پوندو ۽ اُها هڪ خواب بڻجي ويندي. مان پانيان ٿو ته، رياست ۽ اُن جي بالادست قوتن جي اها ئي ناجائز سوچ ۽ مفاد ئي آهن، جنهن سببان، اسان جي نصابي ڪتابن ۾، جناح جي پيدائش واري اصل هنڌ جهرڪن کي تبديل ڪري، اُن کي ڪراچي طور ئي ڄاڻايو وڃي ٿو. بهرحال اُها حقيقت آهي ته، جناح جي پيدائش ننڍي ضلعي جي جهرڪ شهر ۾ ئي ٿي هئي، البت، اُهو انومان به ضرور ڪري سگهجي ٿو ته جناح جو پيءُ بعد ۾ جناح جي ڄمڻ کانپوءِ، ڪاروباري سهولت خاطر، ڪراچي شهر ۾ ئي رهڻ کي ترجيح ڏني هجي، جنهن سببان هُو جهرڪن مان لڏي وڃي ڪراچي ئي ويو هجي، جتي نه رڳو سندس ٻين ڇهن ٻارن جي پيدائش ٿي، پر اُنهن کي پڙهائڻ جو به اتي ئي بندوبست ڪرڻو پيو هوندس.

جيتوڻيڪ، اُها حقيقت آهي تہ، پاڪستان ۾ سرڪاري طور تي تہ جناح جي پيدائش 25 ڊسمبر 1876ع ڄاڻائي وئي آهي، ۽ اُنهي ڏينهن تي جناح جو جنم ڏينهن بہ ملهايو ويندو آهي، پر جناح جي هڪ معتبر سوانح نگار اسٽينلي وولپرٽ کي جناح جي پيدائش جي سال ۽ عمر جي حوالي سان اعتراض آهي.[17] هو لکي ٿو:

"Though Jinnah in later life would claim December25,1876, as his true date of birth,the birthday officially celebrated throughtout Pakistan,there is reason to doubt its accuracy. Unlike Hindus of comparable wealth and social status,who would have been careful to record the precise date and moment of a child's birth for astrological purpose,Muslim generally did not concern themselves with birthdates and no record were keept prior to their enrollment in a public school.The register preserved at the first such school Jinnah attended, the Sindh Madressa_ul_Islam of Karachi,note October20,1875,as the birthe date fo "Mohammed Ali Jinahbai."[18]

"جيتوڻيڪ جناح پنهنجي بعد واري زندگي ۾ 25 ڊسمبر 1876ع کي ئي پنهجي جنم جي صحيح تاريخ هجڻ جي دعويٰ ڪئي، جنهن کي پاڪستان ۾ سرڪاري طور تي جناح جي پيدائش واري ڏينهن طور ملهايو بہ ويڄي ٿو، پر ڪجهہ بنيادي سببن جي ڪري اُنهي تاريخ جي صحيح هجڻ تي شڪ ڪري سگهجي ٿو جو پيسئي ڏوڪڙ توڙي سماجي رتبي ۾ هندن (جيڪي دراصل پنهنجي ٻار جي جنم واري تاريخ ۽ وقت کي لکي ڇڏڻ واري معاملي ۾ وڏي حدتائين محتاط هجن ٿا) سان هڪجهڙي حيثيت رکندڙ مسلمان عام طور تي پنهنجي ٻار جي جنڻ واري تاريخ ۽ وقت جي ڪا گهٽي پرواهہ ناهن ڪندا. اُهو ئي سبب آهي، جو سندن ٻارن جي اسڪول ويڃڻ کان اڳ سندن عمر ۽ جنم جي تاريخ جي ڪو پتو ناهي هوندو. بهرحال سنڌ مدرستہ اسلام (اُهو پهريون اسڪول جنهن ۾ جناح داخلا ورتي هئي)جي رجسٽرڊ ۾ جناح جي عمر ۽ پيدائش جي حوالي سان اها 20 آڪٽوبر 1975ع جي تاريخ ڏنل آهي."

بهرحال، جئين تہ، خود سرڪاري طور تي بہ، هاڻ وولپرٽ اسٽينلي کي جناح جي هڪ انتهائي اهم ۽ معتبر سوانح نگار طور تسليم ڪيو ويو آهي، ان ڪري پاڻ بہ،جناح جي حوالي سان وولپرٽ جي ڏنل انگن اکرن تي اڪتفا ڪريون ٿا. اڇو تہ، هاڻ، جناح جي هن ڪهاڻيءَ جا وڌيڪ پيرا ڪٽندي اڳتي وڌئون. جناح جو پيءُ سنڌ ۾ اچڻ کانپوءِ ترت ئي هتي

پنهنجي ڪاروبار کي جنبي ويو ۽ ٿورن ڏينهن ۾ ئي، هو پنهنجو سڄو ناڻو توڙي موڙي ڪاروبار ۾ لڳائي. چڱو خاصو منافعو ڪمائڻ ۾ لڳو. اُن عرصي دوران جناح پائي پُونجا کي محمد علي کانپوءِ ٻي اولاد ۾ ٿي، جن ۾ ۾ پُٽُ بند علي، احمد علي ۽ چار ڏيئرون رحمت، مريم، شيرين ۽ فاطمہ شامل هيون.[19] بهرحال، جناح، جڏهن ڇهن سالن جو ٿيو تہ سندس پيءَ گهر ۾ ئي خانگي طرح هڪ استاد رکرايو تہ جئين پُٽُ کي بنيادي پرائمري تعليم ڏيارائي سگهجي.[20] البت، "چوڪري کي پڙهائي سان ڪا دلچسپي نہ هئي. حسابن واري علم کان تہ هن کي بنهہ چڙ هئي ۽ استاد جي اچڻ سان ئي ٻاهر ڀڄي وڃڻ واري خواهش تي، هُومشڪل سان ئي ڪنٽرول ڪري ٿي سگهيو."[21] بهرحال، اُن وچ ۾، جناح جي پيءَ، جناح پائي پونجا جو ڪاروبار ۾ ترقي ڪندو ٿي ويو. جنهن جو هڪ ثبوت، وولپرٽ ڇواڻي، اُهو ۾ هو جو "ان (جناح پائي)پنهنجي پُٽُ جي خانگي تعليم واسطي گهر ۾ هڪ استاد مقرر ڪري ڇڏيو هو."[22] اُها ڳالهہ دراصل، جناح پائي پونجا جي گهرو خوشحالي جي ئي ساک پري ٿي، جيڪا دراصل، معاشي خوشحالي جو ئي عڪس هجي ٿي.

"جناح پائي کي، سندن ۾ ايندي اڃا ڏهہ سال ڪن ٿيا هوندا، جو سندس ڪراچي ۾ هن جي واپار جي مالیت ٻيٽي ٿي. اٺ ڪروڙ روپين کان ٻہ وڌي وئي. جناح پائي هرقسم جو واپار ڪندو هو. ڪراچيءَ واري مصروف ۽ ڪاروباري مرڪزي ۾ هو ڪپهہ، آنَ، چمڙي جون ڪلون، گيهہ ۽ اناج وغيره خريد ڪندو هو. جڏهن تہ، مانچسٽر مان وري ڪپڙو ذات ۽ اعليٰ درجي جي ڪنڊ پٽ گهرائي، اُنهن کي واپاري وکر طور وڪرو ڪري ناڻو ڪمائيندو هو. هُن جو ڪاروبار دراصل، ايترو تہ ڦهلجي ويو هو ۽ نعفو ايترو تہ وڌي رهيو هو جو هُوپنهنجي گراهڪن لاءِ هڪ بينڪر ۽ شاهوڪار بڻجي ويو هو. اسلام ۾ وياج تي قرض ڏيڻ توڙي وٺڻ جي منع هجڻ جي باوجود،جناح پائي واضع طور تي پنهنجي اميري مان ئي پيسو ڪمايو ۽ بعد ۾ وري وڃائي ڇڏيو."[23] وولپرٽ لکيو آهي.

بهرحال، هتي مان اُها ڳالهہ ٻڌائيندو هلان، تہ جناح، جنهن کي مستقبل ۾ ننڍي ڪنڊ جو هڪ وڏو سياستدان ۽ هڪ وڏي ملڪ جو باني بنجڻو هو. اُنهي جناح کي ننڍپڻ ۾ پڙهائي سان ڪا دلچسپي نہ هئي، کي رڳو راند ڪرڻ، هڪ جيڏن ٻارن سا گهٽين ۾ گهمڻ ڦرڻ ۽ رولاکيون

ڪرڻ سان ئي لڳاءُ هيس. (عام طور تي ڪنهن وڏي غيرمعمولي ۽ليجنڊ شخصيت جي باري ۾ اسان اهو پڙهندا يا ٻڌندا آهيون تہ اُهو وڏو ماڻهو ننڍپڻ کان ئي محنتي ۽ پڙهڻ سان دلچسپي رکندڙ هو جنهن سبب هو وڏو ٿي، سچ پچ جو ليجنڊ ماڻهو بڻيو. پر ان معاملي ۾ جناح جو پسمنظر ڪجهہ مختلف ئي آهي)اهو ئي سبب هو جو سندس پيءُ جناح پائي پونجا پُٽُ جي پڙهائي ڏانهن عدم دلچسپي واري روش سبب تمام گهڻو پريشان ٻہ هو. نيٺ، جناح پائي جڏهن ڏٺو تہ پُٽُ گهر اندر پڙهائي ۾ ڪا دلچسپي نہ ٿو رکي، تہ مجبورن هُن ننڍڙي جناح کي کارادر جي هڪ پرائمري اسڪول ۾ داخل ڪرايو.[24] پر وري ٻہ ساڳي ڳالهہ "جناح جي پڙهائي ۾ دل ڪانہ ٿي لڳي، سڄو ڏينهن بلورن جي راند ۾ گهوڙن جي سواري ۾ رُڌلُ ٿي رهيو."[25] مٿان وري جڏهن سالیانو امتحان ٿيو تہ اُن ۾ ٻہ، پڙهائي ۾ عدم دلچسپي سبب، ڪي گهٽيون مارڪون کٽي پوزيشن حاصل نہ ڪيائين.[26] اُن ڳالهہ ويتر وڌيڪ مايوس ڪري ڇڏيس، ۽ ائين پڙهائي ۽ اسڪول وڃڻ تان ئي ارواح کڄي ٿي ويس. هڪ ڏينهن، پيءُ کي چئي ڏنائين، تہ بابا مان اسڪول وڃي پڙهڻ نہ ٿو چاهيان. اوهان جي آفيس ۾ ويهي واپار جو ئي ڪم ڪار سکڻ گهران ٿو.[27]

اصل ۾، جناح جي پيءُ جو ٻہ اُهو خيال هو تہ پُٽُ کي ميٽرڪ تائين پڙهائي، بعد ۾ واپاري ڏنڊي سان ئي لڳائي ڇڏبو. پر ايڏا تہ هُن صحيح طرح سان تعليم ئي حاصل نہ ڪئي هئي، ۽ هو اڻ-پڙهيل ئي هو ۽ اڻ-پڙهيل ماڻهو وري ڪهڙي ڪم جو؟ واپاري لک پڙهہ ۽ ڏيتي ليتي ڪيئن سنياڻي سگهندو؟اُن ڳالهہ جناح پائي پونجا کي گهٽي پريشاني ۽ ڳٽتي ۾ وجهي ڇڏيو. جيتوڻيڪ، جناح پائي پنهنجي پُٽُ محمد علي کي اُن حوالي سان خبردار ٻہ ڪيو تہ پُٽُ آفيس ۽ واپاري ڏيتي ليتي جي ڪم ڪار ۽ اُن جو حساب ڪتاب رکڻ اُوکو ڪم آهي، ۽ اُن ۾ تون تڏهن ئي پڙُ ٿي سگهندين، جڏهن تون وٽ چگهيرڙي تعليم ۽ گهربل تجربو هوندو. پر بهرحال، پُٽُ جي ضد ۽ زور کي ڏسندي، جناح پائي، پنهنجي نون سالن جي پُٽُ محمد علي کي واپاري ڪوٺي تي اچي ڪم ڪرڻ جي مُوڪل ڏيو ڇڏي، ۽ چيائينس، تہ هُو خبرداري سان ڪم ڪري ۽ ڪُوٺيءَ جي ڪاروبار لاءِ ڪارگر ثابت ٿئي، جي فائدو نہ ٿئي، تہ يلي نہ ٿئي، پر نقصان ٻہ نہ ٿئي.[28] بهرحال، واپاريءَ ڪوٺيءَ تي لک پڙهہ جي ڄاڻ ۽ سمجهہ نہ هجڻ

سببان ننڍڙي جناح کي حساب ڪتاب جي سنيالڻ جو ڪم ملڻ بدران عام معمولي ڪم ڪار ڏنو ويو جنهن کي هُن ڪنهن به طرح پسند نه ٿي ڪيو ۽اهو ئي سبب هو جو محمد علي جناح ۾ مهينن کانپوءِ ترت اُتي جي ماحول، ڪم ۽ سرگرمي کان ئي بيزار ٿي پيو [29] البت، اهڙي تجربي پرائڻ سان ننڍڙي محمد علي کي اُها ڄاڻ ۽ سمجهه اچي وئي، ته واپاري ڪوٺيءَ توڙي هي ڪم ڪار جي گهربل مهارت حاصل ڪرڻ لاءِ پڙهيل لکيل هجڻ ضروري آهي، ۽ مان پانيان ٿو ته، ننڍڙي جناح جو اُهو ئي تجربو هو جنهن پڙهائي ۾ سندس دلچسپي کي بحال ڪرڻ توڙي اُن ۾ سيڪ_طرفي نموني پڙ ٽيڻ ڏانهن ڏيان ڇڪايو ۽ اُهو ئي سبب هو جو ٿوري وقت کانپوءِ جناح واپاري ڪوٺيءَ تي ڪم ڪرڻ کان انڪار ڪري، پيءُ آڏو ان ڳالهه تي راضپو ڏيکاريو ته"بابا مان، هاڻ، ڪوٺيءَ تي ڪم ڪرڻ بدران اسڪول ئي وڃڻ چاهيان ٿو."[30]

پُٽُ جي اهڙي ڳالهه ٻڌي، پيءُ ڏاڍو خوش ٿيو ۽ ترت ئي جناح کي اسڪول موڪلڻ جو بندوبست ڪري ورتائين. ائين ننڍڙو محمد علي وري اسڪول وڃڻ لڳو. هن پيرو هُو پڙهائي ۽ اسڪول واري معاملي ۾ بنهه سنجيده ڏسڻ ۾ آيو پئي. فاطمه جناح ٻڌائي ٿي:

"جناح، اسڪول ۾ وڃڻ کانپوءِ هڪ بلڪل مٽيل ٻار وانگر ڏسڻ ۾ آيو ٿي. هاڻ، هُن لاپرواهه ۽ بي ڏيان ٻڌجي پنهنجي هم ڪلاسي ٻارڙن کان ڪنهن به طرح سان پوئتي رهڻ نه ٿي چاهيو. هاڻ، هُن پنهنجي وچايل وقت جو ازالو ڪرڻ ٿي چاهيو ڇاڪاڻ ته هاڻ هن جي هم عمر وارا توڙي هن کان عمر ۾ ننڍا ٻار به هن کان وڌيڪ اڳتي نڪري ويا هئا. ان ڪري هن پنهنجي پڙهائي تي هاڻ ڇڳي طرح سان ڏيان ۽ دلچسپي ڏيڻ شروع ڪئي. هو پنهنجي اسڪول جي سبقن کي ڇڳي طرح سان ياد ڪندو هو ۽ اُن لاءِ رات دير تائين ويٺو پڙهندو هو. هن اڳتي وڌڻ جو ارادو ۽ عزم ڪري ورتو هو ۽ بابا محمد علي کي پڙهائي ۾ ايترو سنجيده ۽ مشغول ڏسي بنهه گهڻو خوش ٿيو هو."[31]

فاطمه جي اهڙي بيان جي قطع نظر، اُها به حقيقت هئي، ته جناح پڙهائي ۾ وڏي دلچسپي رکڻ جي باوجود، حسابن واري علم ۾ ڪمزور ئي ثابت ٿيو. ۽ اهڙي ڳالهه، جڏهن استادن جناح جي پيءُ، جناح پائي کي ٻڌائي ته هو گهڻو ئي مايوس ٿيو. فاطمه لکي ٿي:

"منهنجي پيءُ جي اُها مرضي هئي ته جناح حسابن واري علم ۾ پڙ ٽئي.

چاکاڻ تہ حساب ڪتاب واري ڳالھہ ئي واپاري ڪم ڪار ۾ بنيادي ۽ اھم حيثيت رکندڙ آھي. ھُن اُھو بہ چاھيو تي تہ سندس پُٽُ پڙھي لکي حسابن ۾ هوشيار ٿي، ھُن جو ڪاروبار اڇي سنياليندو تہ سندس واپاري فرم جناح پونجا اينڈ ڪمپني ھڪ فعال اداري جي حيثيت سان اڳتي وڌي ترقي ڪندو. بابا جڏھن اُھو سوچيندو ھو تہ جناح حسابن ۾ ڪمزور آھي تہ ائين چوندو تہ مان حيران آھيان تہ ھي چوڪرو نيٺ چا ٻڌجندو؟ جيتوٽيڪ بابا تہ اُن حوالي سان ڪجھہ پريشان ھو. پر امڙ کي محمد علي تي پَکُو ويساھہ ھو. ھوءِ چوندي ھئي تہ صبر ڪريو محمد علي سڀ ڪم ڪندو جنھن سببان ڪيترائي ماڻھو ھن تي حيران ٿيندا۽ فخر ڪندا.“[32]

بھرحال، جناح جي حسابن واري علم ۾ڪمزوري کي ڏسندي، ھاڻ، جناح ڀائو پونجا پانيو تہ پُٽُ کي ڪنھن وڏي ۽ اھم اسڪول ۾ داخلا ڏيارائي وڃي، تہ جئين، سندس تعليم ھرلحاظ کان بھتر ٿي سگھي، ۽ گھٽ مان گھٽ ھُو پنھنجي حسابن واري ڪمزوري کي دُور ڪري سگھي، ۽ انھن ۾ پڙ ٿئي.[33] اُن لاءِ جناح ڀائي پونجا سنڈ مدرسته السلام جي ئي چونڊ ڪئي، ۽ سُوچيائين، تہ پُٽُ کي اُنھي اسڪول ۾ داخل ڪرايو وڃي. ان وچ ۾ جناح ايڊا لڳ ڀڳ ٻارنھن سالن جو ئي ھو جو ھن کي اتفاق سان بمبئي ويڙھو پيو. جتي ڇھ مھينا رھڻ سببان ھن، اُتي جي ماحول کان مانوس ٿيڻ جو تجربو پرايو. ٿيو ائين جو 1887ع واري سال جي شروعات ۾ جناح جي بمبئي ۾ پرٽيل پڻي مان ڀائي پنھنجي ڀاءَ جناح ڀائي پونجاسان ملڻ لاءِ ڪراچي ڪھي آئي.[34] ڪراچي ڀاءُ جي گھر اچي، ٻہ چار ڏينھن رھڻ بعد جتي مان ڀائي لاءِ سندس حرڪتي ۽ وٽندڙ ڀائٽيو محمد علي جناح ھردلعزيز بڻجي ويو اُتي ”محمد علي کي بہ پنھنجي پڻيءَ جي خوش مزاجي، قربائتو ورتاءُ ۽ ذھانت پسند آئي،“[35] جيڪا رات جو روزانو جناح کي جنن پُوتن ۽ ديون جون آکاڻيون پڌ ٻڌائيندي ھئي. بھرحال، مان ڀائي ڪجھہ ڏينھن ڀاءُ جي گھر ۾ رھڻ بعد پنھنجي حرڪتي ۽ وٽندڙ ڀائٽي محمد علي جناح کي ساڻ ڪري واپس بمبئي موٽي آئي،[36] ۽ ائين ئي، جناح جي ننڍي وھيءَ ۾ بمبئي ياترا ٿي.

جناح جو سوانح نگار استينلي وولپرٽ (Stanley Wolpert) پنھنجي جڳ مشھور ڪتاب Jinnah of Pakistan ۾ جناح جي بمبئي ياترا جو ھڪ پُرمعز احوال ڏنو آھي. ھُو لکي ٿو:

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

"She lured Mamad back to Bombay with her that year, introducing him to the great city that was to become his choosen home most of his adult life. Even as provincial Karachi's commercial houses clung in those days "to Bombyas the ivy cling to the oak." Jinnah followed his Aunt Manbai, who must have symbolized for him the beauty, glamor and endless fascination of that presidency capital.

Little is know of Mamad's life in Bombay during his first tantalizingly brief visit s to the big city, as for advanced culturally from Karachi as the latter was from Paneli village.He lived with his Auntie and was enrolled at school, but wether it was at the Muslim Anjum_i_Islam as Fatima recalled, or in secular Gokul Das tej Primary School as his secretary, Mr.M.H. syed reported, remain uncertain.Perhaps he attend both schools, joining the latter after quiting the former.

Young Jinnah's tolerance for formal education was vever high. Sitting at home learning thing by rote, was bad enough. It was not hard to imagine that spirited young brain rebelling inside a typical Indian primary school classroom. Especially in Bomby. India's most beautifull port was adorned with crescent beaches of white sand topped by lofty palisades sprouting royal palms. The usually placid sparkling waters of Back bay were dotted with sugar_loaf islands. In spacious covered bazzars like Crawford Market,English men and their ladies strolled amid the world riches,all on display, all for sale.Round the Maiden anc Oval, the high court and the university he must havegaped in wae at the Victorian gothic monuments to all that the British raj and its modernization brought to India.Elphinstone circle and the town hall, the imperial bank, and chamber of commerce building were doubtless included in the many carriage tours Auntie arranged for her young visitor's delight on their holidays.Had he rusticated in Karachi for another decade before visiting Bomby, Jinnah might well have been persuaded simply to follow in his father's footsteps, content with inheriting thebooming provincial business of Jinnahbhai Poonja and Company. But having seen Bombay he would never forget it, and though he went back to Karachi after little more than six months, it was hardly out of boredom with his new environment."[37]

"پڻي، اُنهي سال، پنهنجي پائٽي کي سُهڻا خواب ڏيکاري بمبئي وٺي آئي، ۽ هن کيس اُن عظيم شهر کان روشناس ڪرايو جيڪو اڳتي هلي هُن جي بالغ زندگي جودل_پسند گهر ٿيڻ وارو هو. بلڪل، ائين ئي جئين، ڪراچيءَ جا

واپاري ادارا. تن ڏينهن بمبئي سان. اُوني ڪاٺ واري وڙ سان گلن جي ول جيان جڙيل هئا. بهرحال، ننڍڙو جناح، پنهنجي پڻي مان ٻائي جي پويان پويان بمبئي ڏانهن هليو آيو. جيڪا ضرور هُن جي لاءِ بمبئي شهر جي سموري سونهن، خوبصورتي ۽ دلربائي جي علامت هوندي.

هن وڏي شهر ۾محمد علي جي انهي شروعاتي آمد ۽ اُتي رهڻ دوران هُن جي زندگي جي باري ۾ بنهه گهٽ ئي ڄاڻي سگهجي ٿو. هيءَ شهر ڪراچيءَ جي پيٽ ۾ ثقافتي طور ني، ايترو ئي وڌيڪ ترقي يافته هو جيترو وري ڪراچي پانيلي واري ڇوٽ کان وڌيڪ ترقي يافته هو. جناح اُتي پنهنجي پڻي سان ئي گڏ رهيو ۽ هڪ اسڪول ۾ به داخلا ورتي، پر ڪٿي؟ جيتوڻيڪ، اُن تي به رايا آهن. هڪ ۾ فاطمه ٻڌائي ته مسلم انجمن اسلام ۾ جناح کي ويهاريو ويو هو. جڏهن ته ٻيو خيال،جناح جي هڪ سيڪريٽري ايم.ايڇ.سيد موجب اهو آهي، ته جناح جي بمبئي رهڻ دوران ڪيس گوڪل داس پرائمري سڪيولر اسڪول ۾ داخل ڪرايو ويو پر بهرحال، اُن باري ۾ پڪ سان ڪجهه چئي نه ٿو سگهجي. ائين به. ٿي سگهي ٿو ته جناح اُنهن ٻنهي اسڪولن ۾ داخل ٿيو هجي، پهريان هڪڙي ۾ پوءِ وري ٻي ۾ ويو هجي.

روايتي تعليم ننڍڙي جناح لاءِ بنهه هڪ اُوکي ڳالهه هئي. هن کي گهر ويڙي سبق کي رٽڻ اُوکو پئي لڳو. هندستان جي پرائمري گنل پيٽل تعليم کان ان تازي ذهن جي بغاوت کي سمجهڻ کا ڏکي ڳالهه نه هئي، خاص طور بمبئيءَ جهڙي شهر ۾. هندستان جو هي سڀ کان وڌيڪ خوبصورت بندرگاهه سامونڊي پٽيءَ سان سينگاريل هو جنهن تي شاهي ٻام جي وٽن جون لڏندڙ قطارون سجيل هيون. ڪرافورڊ مارڪيٽ وانگر اُن جي ويڪري ڇتن واري بازارن ۾ انگريز ۽ اُنهن جون بيگمات دنيا جي تمام نعمتن، جيڪي سڀ نمائش ۽ وڪري لاءِ موجود هيون، پسار ڪنديون هيون. ميدن ۽ اوول،هاءِ ڪورٽ ۽ يونيورسٽي جي چوطرف ٿهليل وڪٽوريا دور جي گوٿڪ يادگيرين ۽ اُهو سڀ ڪجهه جيڪو برطانوي راڄ ۽ اُن جي جدتن سان هندستان آيو هو. جناح اُنهن کي ڏسي ضرور حيران ٿيو هوندو. ايلفينسٽن سرڪل، ٽائون هال،امپيريل بينڪ ۽ چيمبر آف ڪامرس واريون عمارتون ضرور اُهي جايون رهيون هونديون. جتي موڪل وارن ڏهاڙن ۾ پڻي پنهجي ننڍڙي مهمان جي خوشي لاءِ هُن کي بگي ۾ وٺڻ وڃڻ ۽ سيرسفر ڪرائڻ جو انتظام ڪيو هوندو. مان پانيان ٿو ته، جيڪڏهن جناح بمبئي گهمڻ نه وڃي ها ۽ڪراچي جهڙي ننڍڙي شهر ۾ ئي پنهنجا ڏهه سال گذاري ها، ته شايد، هُو سادگي سان ئي پنهنجي پيءُ جي نقش قدم تي هليو پوي ها. ۽ ائين، هو جناح پائي پونجا اينڊ ڪمپني جي ترقي ڪيل ڪاروبار جي وراثت مان مطمئن ٿي زندگي گذاريو چڏي ها. پر بمبئيءَ کي ڏسڻ کانپوءِ، هُن اُن شهر کي ڪڏهن به نه وساريو.

جيتوڻيڪ، جناح بمبئي ۾ ڇهه مهينن کان مٿي ڪجهه ڏهاڙا گذاري واپس ڪراچي هليو ويو. پر هُن جي واپسي جو اصل سبب ان نئين ماحول کان بيزاري هرگز نه هئي."

بهرحال، جناح جي بمبئي کان واپس اچڻ بعد ترت ئي سنڊس پيءُ 23 ڊسمبر 1887ع تي، ڪيس سنڊ مدرسته السلام ۾ ويهاري چڏي،[38] جتي جناح ڪچ سالن تائين پڙهندو رهيو. هاڻ، جناح جي پڙهڻ ۾ دلچسپي ڏسڻ وٽان هئي. هُو نهايت هوشياري ۽ محنت سان پڙهڻ لڳو هو. جيتوڻيڪ، اُن پڙهائي واري عرصي دوران، هُن جي گهوڙڙي سواري وارو شوق به پروان چڙهندو رهيو. پر بهرحال، هاڻ، پڙهائي ۽ ان ۾ ويڙ ٿي اڳتي نڪرڻ واري سوچ جناح تي حاوي هئي. ائين، ڪجهه سالن بعد، اوچتو گرامس ٽرنڊنگ ڪمپني جي هڪ انگريز جنرل مينيجر (جيڪو جناح جي پيءُ جناح پائي پونجا جو هڪ نهايت گهرو ۽ دل_گهريو دوست هو)اها آڇ ڏني، ته هو پنهنجي نوجوان پُٽ ڪي هڪ سئي واپاري جي تربيت ڏيارڻ واسطي جيڪڏهن چاهي، ته انٽرنشپ ذريعي انگلينڊ موڪلي سگهي ٿو۽ اُن ڏس ۾ هو سنڊس مدد ڪري سگهي ٿو.[39]

جناح پائي کي اهڙي آڇ ملڻ سببان تمام گهڻي خوشي ٿي. هن جو خيال هو، ته جي سنڊس پُٽُ محمد علي جناح پرڏيهه مان واپاري هنر جي چڱي چوکي تربيت ۽ سکيا حاصل ڪري، هڪ عمدو واپاري بڻجي ايندو ته اُهو نه رڳو جناح پونجا اينڊ ڪمپني لاءِ واپاري لحاظ کان وڏو فائدي_بخش ثابت ٿيندو، پر اُها ڳالهه خود سنڊس مستقبل سنوارڻ ۾ به سپ_طرفي مدد مهيا ڪندي. اهڙي سوچ سوچي، جناح پائي پونجا پنهنجي گرامس ٽريڊنگ ڪمپني واري انگريز دوست وٽ وڃي، اُن ڳالهه تي راضپو ڏيکاريو ته هو سنڊس پُٽُ واسطي انٽرنشپ ڏيارڻ جو بندوبست ڪري، ۽ ڪيس پڪ ڏيارائي، ته جئين، اُن جي سفري خرچ پکي جو بندوبست ڪري سگهجي.[40] ائين، ڪجهه ڏينهن ۾ ئي، جناح پائي پنهنجي پٽ محمد علي جناح کي انگلينڊ موڪلڻ ۽ اُتي سنڊس پڙهائي ۽ تربيت جي خرچ واري رقم جي گهربل بندوبست ۾ لڳي ويو.[41]

هاڻ، جناح کي انگلينڊ موڪلڻ، ۽ ان جي انٽرنشپ جي اچڻ جو انتظار هو. هوڏانهن جڏهن انهي سڄي معاملي جي خبر محمد علي جناح جي امڙ کي پئي، ته هن پُٽُ کي پاڻ کان پري انگلينڊ جي ڏوراهين ڏيهه

موڪلڻ کان کٽو جواب ڏئي چڏيو. "ڇاُن تي سخت احتجاج ڪيائين. هن جي لاءِ ته بمبئي ئي گهٽو ڏور هو ۽ جناح جو اُتي پُڇي وٽ رهڻ ئي پُٽُ کان هڪ ڏگهي وچوڙي برابر هو. هاڻي هُن لاءِ وري انگلينڊ وڃي ٻه ٽي سال اتي رهڻ جو سوال ئي پيدا نه ٿيو. اُها ڳالهه اڻ ٽيٽي ۽ ڪنهن به طرح سان برداشت ڪرڻ جهڙي نه هئي. شايد، هن کي، هن جي ڇهين حس اهو ٻڌائي چڏيو هو ته هن هاڻ جيڪڏهن پُٽُ کي انگلينڊ جهڙي ڏوراهين ڏيهه موڪلي چڏيو ته پوءِ هوءَ ڪيس وري نه ڏسي سگهندي. بهرحال، ڇچ ڏينهن تائين جناح جي امڙ کي ايلاز منٽون ٽيندیون رهيون. پر هو راضي نه ٿي."[42]

نيٺ، جناح جي پيءُ، جناح پونجا جي سمجهائڻ ڪانپوءِ هوءَ ان شرط تي راضي ٿي، ته پُٽُ کي انگلينڊ موڪلڻ کان اڳ سندس شادي ڪرائي وڃي. جو هن جي ليکي "انگلينڊ ڏانهن ڪنهن به غيرشادي شده نوجوان جو وڃڻ انتهائي خطرناڪ هو خاص طور محمد علي جناح جهڙي خوبصورت ۽ نوجوان ڇوڪري کي موڪلڻ ڪنهن به طرح سان ٺيڪ نه هو. دراصل، هن کي ڊَپُ هو ته ڪٽي سندس پُٽُ انگلينڊ وڃي ڪنهن انگريزياڻي گوري ڇوڪري سان شادي نه رچائي ويهي، جيڪا ڳالهه جناح پونجا خاندان لاءِ وڏو المیو ئي ثابت ٿيندي"[43] بهرحال، جناح پائي پونجا به گهرواريءَ جي اهڙي ڳالهه ٻڌي ساڻس اتفاق ڪري ورتو. هاڻ، جناح جو پيءُ ۽ ماءُ جناح جي شادي ڪرائڻ بابت سوچڻ لڳا ته پُٽُ جي جلد ازجلد شادي ڪرائي وڃي، ته جئين، کيس پڙهائي ۽ تربيت واسطي انگلينڊ موڪلي سگهجي.[44] نيٺ، جناح جي شادي لاءِ جناح جي امڙ مينهي ٻائي پنهنجي، پانيلي ڳوٺ وارن مائٽن جي هڪ چوڏهن سالن جي ڇوڪري ايمي ٻائي جو رشتو ڳولهي هٿ ڪري ورتو. جناح جي پيءُ جي رضامندي ڪانپوءِ مائٽن سان ڳالهيون ڪري، جناح ۽ ايمي ٻائي جي شادي طئي ڪئي وئي، ۽ ائين ڪجهه ڏينهن بعد جناح شادي جي بندڻن ۾ ٻڌجي به ويو.

چون ٿا ته، شادي وقت، جناح انگريزيءَ جي پنجين جماعت جي شاگرد هو. عمر سورهه سال هيس. جڏهن ته، سندس گهرواريءَ جي عمر چوڏهه سال هئي.[45] بهرحال، جناح جي شادي ٿيڻ کان پوءِ ڏينهن تي، جناح جو خاندان ايجا جناح جي ساهورن تي وٽ ترسيل هو ته هڪ مسئلو کڙو ٿي پيو. جئين ته، جناح جي شادي سندس ڏاڏاڻي ڏيهه واري ڳوٺ پانيلي مان ئي ڪرائي وئي هئي، ۽ ڳوٺن جا ماڻهو پنهنجي مخصوص ريتن رسمن

واري پنجوڙ جو شڪار هجن ٿا. ان ڪري، جناح جي شادي ڪانپوءِ ٻي ڏينهن تي جناح جي ساهورن پنهنجي اُها رسم ظاهر ڪئي، ته ڪُنوار کي هڪ مهينو پنهنجي گهر رهڻ ڪانپوءِ ئي گُهوٽ جي گهر موڪلڻ يا رخصتي ڪرائي سگهجي ٿي.[46]

جناح پائي پُونجا جي وري مجبوري اُها هئي،جو هُن کي پنهنجي ڪاروباري ڪم ڪار ۾ پنهنجي پُٽ محمد علي جناح کي انگلينڊ موڪلڻ واسطي، جئين تئين ڪري، ٻي ڏينهن پانيلي کان رخصتي ونڻي ڪراچي پهچڻو هو. هوڏانهن ڪنوار جي مائٽن جو ضد هو ته ڪُنوار جي تڪڙي رخصتي ڪنهن به طرح سان نه ٿي ڪرائي سگهجي. اهڙي صورتحال سببان، ٻنهي خاندانن ۾ نه رڳو وڏو بحث مباحثو ٿيو، پر مورڳو بدمزگيءَ وارو ماحول پڻ پيدا ٿي پيو.[47] نيٺ، جناح پاڻ مداخلت ڪندي، اُن سڄي مسئلي جو حل ڪڍيو. اُن مسئلي ۾ ان کي حل ڪرڻ واري جناح جي قابليت جو فاطمہ پنهنجي ڪتاب، "ماءِ برادر" ۾ تفصيل سان ذڪر ڪيو آهي. هوءَ لکي ٿي:

"اُنهي تڪراري معاملي تي ٻنهي خاندانن (جيڪي شادي سببان هڪ ٻئي جي ويجهو اچي ويا هئا)۾ گرما گرم بحث ٿيندو رهيو. ڇڪ ڏينهن تائين ٻنهي خاندانن ۾ اُن مسئلي جي حل واسطي ڳالهيون ۽ ملاقاتون ٿيندينون رهيون. پر حل کو به نه نڪتو. ائين، ياسجي رهيو هو ته اُن مسئلو جو کو حل ئي ڪونهي. جيتوڻيڪ، خاندااني مسئلي جي حل واسطي ٿيندڙ اُنهي ڳالهہ ٻولهہ واري عمل ۾ محمد علي جناح خاموش ئي ويٺل رهيو، پر جڏهن هُن ڏٺو ته هاڻ ڳالهہ ٻولهہ سان ڪجهہ ورٽو سرٽو ناهي، ته هُن سڄي مسئلي کي پاڻ منهن ڏئي، اُن کي حل ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. هڪ ڏينهن چا ڪيائين، جو پنهنجي ماءُ ۽ پيءُ کي ڪجهہ ٻڌائڻ کانسواءِ پنهنجي سَسُ سُهري وٽ ڪهي ويو هُنن پنهنجي نئين پرٽيل نائيءَ جو وڏي گرم جوشي سان آڏرياءُ ڪيو ۽ موقعي جي مناسبت سان سندس سڀي مهمانوازي به ڪئي ٿي. جناح، اُنهن کي ڪجهہ ٻڌائڻ کانسواءِ ته هُو ڪهڙي ڳالهہ ڪٽي ونڻ آيو آهي،ڇڪ وقت تائين ونڻ ويٺو ئي رهيو. جنهن سببان اُنهن سوچيو هوندو ته سندن نائي ڪيترو نه مهذب، خاموش ۽ فرمانبردار آهي. بهرحال، جڏهن مهمانوازي ۽ ڪارائڻ پيارائڻ وارو سلسلو ختم ٿيو ته جناح، نهايت پراعتماد لهجي ۾ ڳالهہ ٻولهہ ڪئي. هن چيو ته، سندس ماءُ پيءُ وارا پانيلي ڳوٺ ۾ وڏيڪ وقت رهي نه ٿا سگهن. اُنهن کي واپس جلد ڪراچي وڃڻو آهي، ۽ هُو پاڻ ۽ پنهنجي ڪُنوار کي به ونڻي، ساڻن گڏجي ڪراچي وڃڻ چاهي ٿو. هُن کي اميد آهي ته

ڪُنوار جي ماءُ پيءُ کي ڪو اعتراض نہ هوندو. هن جو اُهو فيصلو جيڪڏهن ڳوٽ جي ريتن رسمن جي ابتڙ آهي تہ پوءِ سندن مرضي. هو هنن کي اُهو ٻڌائڻ آيو آهي تہ اُن صورت ۾ هُو پنهنجي ڏيءُ کي پاڻ وٽ رکي سگهن ٿا، ۽ جڏهن چاهين ڪيس ڪراچيءَ موڪلي سگهن ٿا. ڪُنوار جا ماءُ پيءُ هڪ نوجوان چوڪري جي پنهنجي سَسُ سُهري آڏو اهڙي سڌي ۽ ڪري ڳالهہ ٻڌي حيران ٿي ويا. اُهي پنهنجي نائيءَ کي تڪيندي رڳو ڏسندا رهيا، ۽ اُن غيرمتوقع، مضبوط ۽ صاف سڌي ڳالهہ هولهہ واري انداز تي بنهہ اچرج ۾ پئجي ويا. محمد علي پنهنجي ڳالهہ ڪي جاري رکندي ٻڌايو تہ هُو جلد ڪراچي کان ٽن سالن لاءِ يورپ وڃي رهيو آهي. ٽي سگهي ٿو تہ ڪُنوار جا مائٽ هن جي غيرموجودگي ۾ ڪُنوار کي ڪراچي موڪلي ڏين، ۽ ائين، ان کي انگلينڊ کان واپسي لاءِ ٽن سالن جو انتظار ڪرڻو پئجي وڃي."[48]

فاطمہ وڏيڪ لکي ٿي:

"جنهن مسئلي جي حل ڳولهڻ ۾ ماءُ پيءُ ناڪام ٿي ويا هئا، اُتي سندن نوجوان پُٽُ مسئلي جي حل ڪڍڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو هو. جناح جي اُنهي ڳالهہ هولهہ جي ٻي ڏينهن سندس سَسُ ۽ سُهرو منهنجي ماءُ پيءُ سان ملڻ آيا، ۽ نهايت نهڻ واري انداز ۾ پڇيائون، تہ هُو سندن ڏي ايمي ٻائي کي ڪڏهن ڪراچي وٺي ويندا، تہ جئين سندن روانگي جو بندوبست ڪري سگهجي. ائين، بنهي خاندانن ۾ مفاهمت ٿي وئي، جنهن سببان اختلافات ۽ تلخي پڻ ختم ٿي وئي."[49]

ڏٺو وڃي تہ، هن سڄي معاملي مان، جتي جناح جي صاف سڌي ڳالهہ هولهہ واري انداز ۽ مزاج جو پتو پوي ٿو، تہ اُتي اُها ڳالهہ بہ پليءَ پت ظاهر ٿئي ٿي، تہ جناح ننڍپڻ کان ئي، معاملا فهمي ۽ تڪراري معاملن کي مُنهن ڏئي، اُنهن کي حل ڪري، مفاهمت ڪرائڻ واري غيرمعمولي قابليت سان سرشار هو. ان ڪري،مان پانيان ٿو تہ، جناح تي ورهاڱي ۽ عليحدگي پسندي جو الزام هڻڻ ئي غلط آهي. هو تہ پنهنجي سوچ،مزاج ۽ سرشت ۾ هيو ئي مفاهمت جو قائل، ۽ اُهو ئي سبب هو جو هو آخر تائين ڪانگريس سان نهي هلڻ ۽ اُن سان مفاهمت ڪرڻ لاءِ تيار هو. پر المیي جي ڳالهہ اُها هئي، جو ڪانگريس ۽ اُن جي ليڈرشپ، سندس مفاهمت وارين ڪوششن کي ڪڏهن بہ ڪا اوليت نہ ٿي ڏني.

بهرحال، ائين محمد علي جناح جي شادي ڪرائي، ٻي ڏينهن سمورا گهر ياتي ڪراچي هليا آيا، ۽ جئين تہ، انگلينڊ وڃڻ لاءِ انترنشپ جو بہ

بندوبست ٿي ويو هو. ان ڪري، گهروارا ترت ئي وري محمد علي ڪي انگلينڊ موڪلڻ جي تيارين ۾ جنبي ويا. ائين، جناح پنهنجي نئين ڪُنوار سان ٻه چار ڏينهن رهڻ بعد، ترت جنوري 1993ع ڏاري انگلينڊ وڃڻ واسطي هڪ ساموندي جهاز ۾ چڙهي پيو.[50]

"شادي جي ڪجهه ڏينهن کانپوءِ ترت ئي جناح پنهنجي گهرواري جي زندگيءَ کان بنهه ڏُور هليو ويو ۽ وري ڪڏهن ٻه پنهنجي ڪُنوار کي نه ڏٺائين. جناح جي انگلينڊ کان اڃڻ کان گهڻو اڳ ئي هُن جي ماءُ جيان سندس گهرواري ايمي ٻائي ٻه فوت ٿي چڪي هئي."[51]

هتي، مان اُها ڳالهه ٻه ٻڌائيندو هلان، ته جناح جي انگلينڊ وڃڻ وقت ڪيس پيءُ جناح پائي پونجا اُها تاريخي هدايت ڪئي هئي، ته پُٽُ سڪڻ ۽ ترقي ڪرڻ جا مجموعي طور ٻه طريقا آهن. هڪ اُهو ته، يا ته پنهنجي وڏن جي عقل ۽ ڏاهپ تي پروسو ڪري، سندن ڏسيل وَاٽَ تي هلي گهربل ترقي ڪري، پنهنجا مقصد ماڻجن، يا ٻيو وري اُهو ته، پنهنجي رستي سان هلي، غلطين مان سکي رُولَڙا ڪري اڳتي وڌجي. چون ٿا ته، جناح پوئين طريقي کي اهميت ڏني، ۽ اڳتي وڌندورهيو.[52] ٿين، سُورهن سالن جو محمد علي جناح پيءُ جي اُها تاريخي هدايت ساڻ کڻي، انگلينڊ وڃڻ لاءِ پاڻيءَ واري جهاز ۾ چڙهي پيو. جيڪو لڳ ڀڳ هڪ مهيني جي مسافري کانپوءِ فيبروري 1893ع ۾ انگلينڊ جي اُتر واري ڪناري تي وڃي ٻيٺو.[53] وولپرٽ موجب، هو(جناح)ياد ڪندي ٻڌائي ٿو ته"ڪجهه مهينن تائين انگلينڊ، ۽ اُتي جو ماحول مُون لاءِ ٻنهه اُوپرو ۽ ڏاريو رهيو. مون اُتي ڪنهن کي ٻه نه ٿي سڃاتو. انگلينڊ جي سردي ۽ اُتي جي ڏُنڌ منهنجي لاءِ پريشاني جو سبب بڻجي رهئي هئي."[54]

بهرحال، ترت ئي جناح اُتي جي ماحول ۾ پاڻ کي ايڊجسٽ ڪري ورتو ۽ گراهم واري ڪمپني جي آفيس ۾ واپاري ڪم ڪار واري ڪرت سان لڳي ٿي ويو. اصل ۾، جنهن انگريز ڪمپنيءَ جي منيجر جنرل، محمد علي جناح لاءِ واپار جي سکيا ۽ تربيت واسطي جناح پائي پونجا کي انٽرنشپ ڏني هئي، اُنهي منيجر جنرل جي ڪمپني جي هيڊ آفيس انگلينڊ شهر جي وچ ۾ هئي، جيڪا وولپرٽ موجب،"شهر جي ٽريڊنيبل استريٽ جي ويجهو ٽيمز درياءَ جي ڪناري تي ليڊن هال استريٽ وٽ تاريخي گلڊ هال، بئنڪ آف انگلينڊ، ۽ پُراڻي ايسٽ انڊيا ڪمپني جي

اصل هيڊ آفيس جي ٽوري ئي مفاصلي تي هئي."[55] جتي، هاڻ جناح روزانو وڃي، اُتي هڪ ميز ۽ ڪُرسي تي ويهي واپاري حساب ڪتابَ کي درست طريقي سان اُتارڻ ۽ لکڻ واري ڪم ۾ مصروف ٿي رهيو.[56]

جناح، انگلينڊ ۾ اڃان واپاري ڪم ڪار سکڻ ۾ مصروف هو جو سندس سوچ ۾ بنيادي قيرو اچي ويو جنهن جو ڪارڻ هندستان_جائي روشن خيال سياستدان دادابائي نورجي جي هڪ تقرير هئي، جيڪا جناح 23 جنوري 1893ع تي ٻڌي، ۽ سندس سڄي ڪايا پلٽ ٿي وئي. اڳ ۾، جناح جو خيال هو ته هُو واپاري ٽيندو پرهاڻ، سندس خيال بدلجي ويو ۽ واپاريءَ بدران وڪيل ۽ سياستدان بڻجڻ کي ترجيح ڏنائين.[57]

دراصل، جناح جي اُها ئي سوچ ۽ تبديلي هئي، جنهن سببان هن ترت، پنهنجي پيءُ کي خط لکي اُها ڳالهه ٿي ڪئي، ته هوُ هاڻ هڪ واپاري نه، پر بئريسٽر بڻجندو. هوڏانهن، سندس پيءُ جناح ڀائي پونجا جو المیو اُهو هو جو تن ڏينهن، هڪ ته ڪاروباري گهاٽي سبب سندس معاشي طرح ڏيوالو نڪري ويو هو[58] ۽ ٻيو ته، ٽيڪ اهڙي ئي صورتحال ۾، جڏهن پُٽ (جناح)جو بئريسٽر بنجڻ وارو اُهو خط وٽس پهتو ته مورڳو سندس هوش ئي خطا ٿي ويا، ۽ ائين، هو ٻيٽي تڪليف ۽ ڳٽتيءَ جي ورچڙهي ٿي ويو. نيٺ، پُٽ کي جوابي خط لکي، ڪيس پنهنجي ڪرندڙ معاشي صورتحال کان آگاهه ڪيو ۽ اُها هدايت ڪيائين، ته بئريسٽر بدران واپاري بنجڻ کي ترجيح ڏئي، جو ائين ڪرڻ سان ئي، هُو پنهنجي پيءُ جي ٻُڏندڙ ٻيڙيءَ کي تاري بچائي سگهي ٿو.[59]

بهرحال، جناح پنهنجي پيءُ جي هدايت تي عمل نه ڪيو. پيءُ کي بئريسٽر بڻجڻ لاءِ ايلاز گاڏڙ منٿون ڪندو رهيو ۽ ڏانهنس خطن متان خط لکندو رهيو. جيتوڻيڪ، پيءُ کي بئريسٽر بنجڻ تي راضي ته ڪري ورتائين، پر سوال سندس معاشي سهائتا ۽ مدد ڪرڻ جو هو جنهن سببان نه رڳو سندس پيءُ (ڪاروباري گهوٽالي سببان)ڳٽتيءَ ۾ ورتل هو. پر خود محمد علي جناح پاڻ به پريشان هو. اُن حوالي سان وولپرٽ لکي ٿو:

"Old man was furious when he learned of Jinnah's impulsive decision to abandon his business carrer. Nor is itvery likely that Sir Frederick, or any of his elders at Graham's home office, would have lifted a further finger to help this "Sindhi upstart ingrate." As Jinnah well knew, he was on his own. No pillar of support

remained to fall back upon. Nor would this be the only time in life that he would find himself isolated, cut off in so perilous a position. Still he never falterd, acting with surgical swiftness to alter his carrer. If he had any fears or doubts about his future, he left no record of them. On June 25,1893, he embarked upon his study of the law at Lincoln's Inn."[60]

"جناح جي بئريسٽر ٿيڻ واري جذباتي فيصلي تي سندس پيءُ کي تمام گهٽي ڪاوڙ هئي. نہ وري ائين ڏسڻ ۾ ٿي آيو تہ گراهم جي آفيس ۾ وينل سرفريدڪ يا ڪو ٻيو هُن مغرور سنڊيءَ کي ڪجهہ سمجهائي سگهي. جناح کي ٻہ پليءَ پٽ پروڙ هئي، تہ هاڻ هُن کي پنهنجي لاءِ سڀ ڪجهہ پاڻ کي ڪرڻو پوندو. سهاري جو ڪو ٻہ اهڙو ذريعو باقي نہ بچيو هو جنهن تي اعتماد ڪري سگهجي ها. اُهو هُن جي زندگيءَ ۾ ڪو پهريون وقت نہ هو جڏهن هن پاڻ کي اهڙي ڏکي صورتحال ۾ اڪيلو محسوس ڪيو. اُن هوندي ٻہ هُو پنهنجي سوچ ۽ ارادي تي ٻيئل رهيو. جيڪڏهن هن کي پنهنجي مستقبل جي باري ۾ ڊپ ڀاءِ يا خدشو وغيره رهيو ٻہ هوندو تہ اُن بابت کا شاهدي يا ثبوت نہ ٿو ملي. بهرحال، 25 جون 1893ع تي هُن بئريسٽر بنجڻ لاءِ قانون جي تعليم حاصل ڪرڻ واسطي پنهنجي سفر جي شروعات ڪري ڇڏي"

ائين، جناح گراهم ڪمپنيءَ جي آفيس ۾ واپاري بنجڻ واري سکيا کي ڇڏي، انگلينڊ جي هڪ وڏي درسگاهہ لنڪن اِن ۾ داخلا ونڊي ڇڏي، ۽ باقائده وڪالت جي تعليم شروع ڪري ڏنائين. هُن تن سالن جي اڻاهہ محنت، شوق ۽ لگن جي نتيجي ۾ تعليم مڪمل ڪري، 1895ع ڌاري وڪالت جي ڊگري ٻہ ورتي.[61] اُن کان اڳ، جناح جي پيءُ کي جڏهن خبر پئي، تہ سندس پُٽُ باقائده قانون جي تعليم حاصل ڪرڻ واسطي لنڪن اِن ۾ داخلا ونڊي ڇڏي آهي، ۽ ڊگري لاءِ ٽي سال لڳندس، تہ ٽُرتُ، جناح پائي پونجا انتهائي ڪاوڙ وچان کيس خط لکيو ۽ چائينس تہ، "تو کي بئريسٽر بنجڻ جي ڪا ضرورت ناهي. مهربائي ڪري، هاڻ، تعليم کي ڇڏي ملڪ موٽي اچ."[62] جناح وٽ خط پهتو تہ بنهہ پريشان ٿي ويو.

بهرحال، جوابي خط ۾ پيءُ کي منٽ ڪندي لکيائين، تہ هُو هاڻ بئريسٽر بڻجڻ وارو ارادو تبديل نہ ٿو ڪري سگهي. مهرباني ڪري انگلينڊ ۾ رهڻ جي اجازت ڏني ويجي، تہ جئين، مان پنهنجي قانون جي تعليم مڪمل ڪري وٺان.[63] خط ۾ "جناح، پيءُ کي اُها خطري ٻہ ڪرائي، تہ هُو ڪائنس وڌيڪ ڏُوکڙَ موڪلڻ جو ڪو ٻہ مطالبو نہ ڪندو جو تعليم دوران هُو

انگلينڊ ۾ ڪم ۽ ڪندو رهندو ته وري پنهنجي خرچ کي گهٽ ڪرڻ جي ۽ ڪوشش ڪندو رهندو ته جئين، پيءُ طرفان جيڪي ٻن سالن جي خرچ جا ڏوکڙ مليا آهن، اُنهن کي ٽن چئن سالن تائين هلائي سگهجي. جيتوڻيڪ، پيءُ پنهنجي ضدي پُٽ جي اُنهي فيصلي کان خوش ته نه هو پر پوءِ ۽، هُو راضي ٿي ويو ۽ پُٽ جي بهتر مستقبل جي لاءِ دعائون ۽ اميدون ڪرڻ لڳو."[64] فاطما ٻڌائي ٿي.

ائين، پيءُ پاران خاموشيءَ گاڏر نير رضامندي جي اشاري ملڻ کانپوءِ جناح باضابطه طور لنڪن اِن ڪاليج ۾ قانون جي تعليم وٺڻ شروع ڪري ڏني، ۽ اُن ۾ ايتري ته دلچسپي ۽ شوق ڏيکاريائين، جو چون ٿا ته، جناح ٽن سالن جو امتحان ٻن سالن ۾ پورو ڪري ڏگري حاصل ڪري ورتي.[65] چون ٿا ته، ارڙهن ورهين جو جناح سينيءَ کان ننڍي عمر وارو شاگرد هو جنهن کي بئريسٽر چئي سگهجي ٿيو. انگلينڊ ۾ رهڻ دوران، جناح ۾، نه رڳو پڙهائيءَ واري سوچ ۽ سندس مستقبل واري ڪردار جي تمين جي حوالي سان اڪيچار تبديليون اچي چڪيون هيون، پر ڏٺو وڃي ته، انگلينڊ جي ماحول، ڪلچر ۽ اُتي جي تهذيبي ڏيکاءُ پڻ ڪيس وڏي حد تائين متاثر ڪيو هو ۽ اُهو ئي سبب هو جو جناح نه رڳو پنهنجي نالي ۾ تبديلي آڻيندي، محمد علي جناح واري ڏگهي نالي کي ايم.اي جناح واري مختصر نالي ۾ تبديل ڪري ڇڏيو هو[66] پر اُتي بنيادي طور تي، "پنهنجي روايتي سنڌي لباس، يعني ڏگهي ڪي ڪُوٽ کي ۽، بهترين نموني سان سبيل سُوتن ۽ ڊار ڏار ٽيل ڪالرن وارين تيز ڪلف ڏنل قميصن سان تبديل ۽ ڪري ورتو هو."[67] وولپرٽ لکي ٿو:

"His tall, lean frame was perfectly suited to diplay London's finest fashion. Jinnah was to remain a model of sartorial elegance for the rest of his life, carefully selecting the finest cloth for 200_odd hand_tailored suits in his wardrobe closet by the end of his life. As a barrister he prided himself on never wearing the same silk tie twice. The very stylishness o f his attire extended to the tips of his toes, which were sheathed in smart two_tone leather or suede. Few Englishman ever developed as keen an interest in dress as did Jinnah. His perfect manners and attire always assured him entry into any of England's stately homes, clubs and palaces. Like Anthony Eden and the Duke of Windsor, Jinnah became a model

of fashion the world over, rivaled among this South Asian contemporaries only by Motilal Nehru."[68]

"هُن جو ڏڳهو ۽ سنهڙو سيپڪڙو جسم انگلينڊ جي بهترين فيشن لاءِ نهايت مناسب هو. پنهنجي المارين ۾ موجود به سوءَ سبيل سوٽن مان سٺن ڪپڙن جي چونڊ ڪندي، جناح کي پنهنجي زندگيءَ جي پڇاڙيءَ تائين پُروقار ۽ خوش لباسي جو هڪ نمونو بڻجي رهڻو هو. هڪ بئريسٽر جي حيثيت سان هُو اُن ڳالهه تي فخر ڪندو هو ته هُن ساڳي ريشمي ٽائي ٻيهر ڪڏهن به استعمال هيٺ نه آندي. هُن جي خوش پوشي سندس پيرن مان به بکندي هئي، جيڪي هميشه ٻن خُوبصورت چمڙيءَ جي جُوتنَ سان ڏيکيل هوندا هئا. ڪجهه آڳرين تي ڳڻن جيترا انگريز لباس ۽ پُوشاڪَ جي معاملي ۾ جناح جهڙو شوق رکي ٿي سگهيا. هن جو بي داغ لباس، ڳالهه ٻولهه جو انداز، ۽ آداب انگلينڊ جي ڪنهن به گهر، ڪلب يا محفل ۾ هُن جي اچڻ جي ساڪ پريندا هئا. انتوني ايڊن ڊيوڪ آف ونڊسر وانگر جناح به سڄي دنيا ۾ فيشن جو هڪ مثال بڻيو. اُن حوالي سان سائٽس مقابلو ڏکڻ ايشيا ۾ سندس همعصرن مان صرف موتي لال نهرو ڪري ٿي سگهيو."

بهرحال، انگلينڊ ۾ رهڻ دوران، جناح جتي پنهنجي نالي ۽ لباس ۾ تبديلي آڻي ڇڏي، اُتي منجهس هڪ ٻي نمايان تبديلي به ظاهر ٿي. اُها هيءَ ته، جناح هاڻ هڪ_شيشي واري عينڪ (Monocle) پڻ پائڻ شروع ڪري ڇڏي هئي.[69] چون ٿا ته، اُنهي هڪ_شيشي واري عينڪ پائڻ واري عادت جناح ۾ سڄي عمر تائين برقرار رهي. ايستائين جو پاڪستان ٺهڻ ڪانپوءِ، جڏهن هُو دم ڏٺي حوالي ڪرڻ وارو هو ته اُن وقت به، اُها هڪ_شيشي واري عينڪ (Monocle)سندس هٿ ۾ هئي.[70] بهرحال، اُها حقيقت آهي ته انگلينڊ جي ماحول ۽ اُتي جي صورتحال جناح تي ڪافي گهڻ_طرفا ۽ گهرا اثر ڇڏيا. لارڊ مارلي، جوزف چيمبرلين، گلڊاسٽون جهڙن سيڪيولر سوچ رکندڙ روشن خيال انگريز سياسي اڳواڻن ۽ دانشورن کان جناح جو متاثر ٿيڻ به، دراصل، اُن دور جو ئي هڪ لقاءُ هو.[71]

جناح جي انگلينڊ رهڻ دوران مٿس سڀ کان وڏو اثر دادا ڀائي نوروجي جو پيو. دادا ڀائي نوروجي (1825_1917ع) دراصل، هندستان جي پارسي اقليت جو هڪ وڏو روشن خيال ۽ سيڪيولر اڳواڻ هو. دادڀائي 1855ع ڌاري ڪاروبار سانگي انگلينڊ آيو هو جتي هُن نه رڳو ڪاميابي سان پنهنجي ڪاروبار جي شروعات ڪئي هئي، پر بنيادي طور تي انگلينڊ جي سياست ۾ به بهرو ورتو هياٿين، ۽ ائين، 1892ع وارين چونڊن ۾، هُو انگلينڊ

جي پارليامينٽ جو ميمبر طور ۽ چونڊجي ويو هو.[72] اُنهي اليڪشن جي چونڊ مُهم هلائڻ دوران، دادپائي نوروجي جيڪي تقريرون ڪيون. جناح ذاتي طور اُنهن کان تمام گهڻو متاثر ٿيو. اهو ئي سبب هو جو جناح دادپائي نوروجي جي چونڊ مهم ۾ رضاڪار طور پرتي ٿي، نه رڳو دادپائي کي سوپاري ڪرائڻ واري ڪم ۾ هٿ ونڊايو هو.[73] پر ائين، سياست جي ويجهو اچي، اُن ۾ دلچسپي وٺڻ ۽ شروع ڪري ڏني هيائين. اهو ئي سبب هو جو جناح دادا پائي نوروجي جي ڪاميابي کانپوءِ، روزانو برطانوي پارليامينٽ جي مهمانن واري گئلري ۾ ويجي، اُتي جي سياسي اڳواڻن جون تقريرون ۽ بحث مباحثا ۽ ٻڌڻ لڳو. چون ٿا ته، اُنهي چونڊ مهم دوران برطانيا جي اُن وقت جي هٿايل وزيراعظم لارڊ سالسبري دادپائي کي اڇي رنگ هجڻ جي باوجود "ڪاري ماڻهو" جي نالي سان سڏيو هو جنهن تي جناح تمام گهڻي منٻا لڳي. هن بعد ۾ پنهنجي پيٽ فاطمه کي ٻڌايو ته "جيڪڏهن دادپائي ڪارو آهي، ته مان، اُن کان ۽ وڌيڪ ڪارو آهيان، ۽ جيڪڏهن برطانوي سياستدانن جي اهڙي ذهنيت آهي، ته پوءِ، اسان کي اُنهن مان انصاف جي ڪا ۽ اميد رکڻ نه گهرجي. اُن ڏينهن کانپوءِ مان هرطرح جي رنگ، نسل واري فرق ۽ تعصبي سوچ جي ڪٽر مخالف بڻجي ويس."[74]

وولپرٽ موجب، "جناح برطانوي پارليامينٽ جي گيلري مان 1893ع ڌاري دادپائي نوروجي جي پهرين تقرير کي ٻڌو ۽ جڏهن، هن اُن عظيم بزرگ کان تقرير جي آزادي جي اهميت ۽ اُن جي تعريف ٻڌي، ته هن ۾ وڏو جوش ۽ ولولو پيدا ٿيو. جئين هُو پاڻ ٻڌائي ٿو ته اُهو(دادپائي) ئي هو هڪڙو هندستاني، جيڪو اُن حق کي استعمال ڪندي، پنهنجي وطن واسي پائرن لاءِ انصاف جي گهر ڪري سگهي ٿو."[75] وولپرٽ وڌيڪ لکي ٿو:

"Thanks to Dadabhai's inspiring example, Jinnah entered politics as a Liberal nationalist, joining Congress soon after he returned to India."[76]

"اُها دادپائي جي صحبت جي مهرباني هئي، جو انگلينڊ کان واپس هندستان اچي، جناح ڪانگريس ۾ شامل ٿيندي، هڪ روشن خيال قومپرست طور سياست ۾ داخل ٿيو."

بهرحال، ائين ئي، جناح دادپائي نوروجي جي ويجهو آيو ۽ اُن هندستان جائي بزرگ سياستدان جناح ۾ موجود الڳتا کي ڏسندي، سندس

سياسي تربيت ۾ دلچسپي ورتي،[77] جنهن سببان، جناح جي سياست ۾ ڪردار جا اهڙا ته خدوخال ظاهر ٿيا، جنهن تي، نه رڳو ننڍي کنڊ جي عوام جي وڏي گهٽائي رشڪ ڪرڻ لڳي، پر مورڳو اُنهن جناح کي ننڍي کنڊ جي ٻين ڇُوتيءَ جي سياسي اڳواڻن کان به الڳ، منفرد ۽ يگانو بڻائي ڇڏيو.

جئين ته، جناح 25 جون 1893ع تي انگلينڊ جي درسگاهه لنڪن اِن ۾ قانون جي تعليم حاصل ڪرڻ واسطي داخلا ونڊي هئي. ان ڪري، هاڻ، سندس سوچ ۽ سرگرمي رڳو تعليم ۽ پڙهائي کي پورو ڪري، جئين تئين ڪري بئريسٽر بنجڻ واري هئي. اُهو ئي سبب هو جو جناح هڪ طرف صبح سان پڙهائي لاءِ لنڪن اِن ڪاليج ويندو رهيو ته وري ٻي طرف، هُو پنهنجي شام جو وقت برطانوي عدالتي چيمبرن ۾ وڃي، اُتي جي وڪيلن سان قانون ۽ وڪالت جا بنيادي گُر سکڻ ۽ اُنهن بابت گهربل معلومات حاصل ڪرڻ واسطي ساڻن بحث مباحثن ۾ گذارڻ لڳو هو.[78]

جيتوڻيڪ، جناح کي 1895ع ۾ ئي قانون جي ڊگري ملي چڪي هئي، پر جئين ته، بئريسٽري جي سُند ۽ گهربل تربيت واسطي هڪ سال ٻيو به رهڻ ضروري هو. ان ڪري، جناح جون 1896ع تائين انگلينڊ ۾ ترسيل رهيو، پوءِ جڏهن، مئي 1896ع ڌاري ڪيس سرٽيفڪيٽ ملیو ۽ سندس سکيا وارو عرصو پورو ٿيو ته ٽيڪ ٻي مهيني، يعني جون 1896ع ۾ جناح، هندستان واپس اچڻ جي تياري ۾ لڳي ويو.[79] هاڻ، جيئن ته، سندس امڙ ۽ گهرواري ايمي ٻائي به لاڏاٽو ڪري چڪيون هيون. اُن ڪري، جناح کي سندن جي شهر ڪراچي ۾ ڪا گهڻي دلچسپي ڏسڻ ۾ نه ٿي آئي، ۽ اُهو ئي سبب هو جو هُو انگلينڊ کان سڌو ڪراچي اچڻ بدران بمبئي ڏانهن ئي هليو آيو.[80]

حوالا ۽ سمجهاڻيون

1. فاطمه جناح، ميرا پائي، مترجم: محمد جهانگير عالم، الفيصل ناشران وتاجران ڪتب، لاهور، 2009ع، صفحه 10
2. تفصيل لاءِ پڙهواسٽينلي وولپرٽ جي انگريزي ۾ لکيل ڪتاب، جناح آف پاڪستان جو باب پهريون
3. فاطمه جناح، ميرا پائي، مترجم: محمد جهانگير عالم، الفيصل ناشران وتاجران ڪتب، لاهور، 2009ع، صفحه 10
4. ساڳيو صفحه 11

5. ساڳيو صحفو 11
6. رسول بخش پليجو اصلي محمد علي جناح ڪيرهو؟ سياسي ادب، جلد پهريون، مرتب: جامي چانڊيو سي پي سي ايس، حيدرآباد، 2005، صحفو174
7. Stanley Wolpert, Jinnah of Pakistan, Oxford University Press, Karachi 2008, p.04
8. الحاج محمد حسين گوهر، ميرا قائد عظيم تر هي،نظريہ پاڪستان اڪادمي، لاهور 2008ع صحفہ12
9. فاطمہ جناح، ميرا پائي، مترجم: محمد جهانگير عالم الفيصل ناشران وتاجران ڪتب، لاهور 2009ع، صحفہ 12
10. الحاج محمد حسين گوهر، ميرا قائد عظيم تر هي،نظريہ پاڪستان اڪادمي، لاهور 2008ع صحفہ12
11. ساڳيو صحفو 12
12. رسول بخش پليجو اصلي محمد علي جناح ڪيرهو؟سياسي ادب، جلد پهريون، مرتب: جامي چانڊيو سي پي سي ايس، حيدرآباد، 2005، صحفو174
13. ساڳيو صحفو 175
14. محمد خان سيال، تاريخ جو بي رحميءَ سان ٽيندڙ قتل، هفتيوار عوامي آواز سنڌي مڪزين، ڪراچي،18 جولاءِ 2012ع
15. تفصيل لاءِ پڙهواستينلي وولپرٽ جي انگريزي ۾ لکيل ڪتاب، جناح آف پاڪستان، آڪسفورڊ يونيورسٽي، ڪراچي، سنڌ
16. Stanley Wolpert, Jinnah of Pakistan, Oxford University Press, Karachi, p.05
17. فاطمہ جناح، ميرا پائي، مترجم: محمد جهانگير عالم الفيصل ناشران وتاجران ڪتب، لاهور 2009ع، صحفہ17
18. Stanley Wolpert, Jinnah of Pakistan, Oxford University Press, Karachi, p.05.
19. Ibid,p.05
20. Ibid,p,05
21. Ibid,p.05
22. تفصيل لاءِ پڙهو فاطمہ جناح جو اڙدو ۾ ترجمو ٿيل ڪتاب، ميرا پائي، مترجم: محمد جهانگير عالم الفيصل ناشران وتاجران ڪتب، لاهور
23. رسول بخش پليجو اصلي محمد علي جناح ڪيرهو؟سياسي ادب، جلد پهريون، مرتب: جامي
24. فاطمہ جناح، ميرا پائي، مترجم: محمد جهانگير عالم الفيصل ناشران وتاجران ڪتب، لاهور 2009ع، صحفہ22
25. ساڳيو صحفہ22
26. ساڳيو صحفہ22
27. الحاج محمد حسين گوهر،'ميرا قائد عظيم تر هي،نظريہ پاڪستان اڪادمي، لاهور 2008ع صحفہ17

28. ساڳيو صحفو،17
29. ساڳيو صحفو،17
30. فاطمه جناح، ميرا پائي، مترجم: محمد جهانگير عالم، الفيصل ناشران وتاجران ڪتب، لاهور 2009ع، صحفو،25
31. ساڳيو صحفو،25
32. ساڳيو صحفو،25
33. Stanley Wolpert, Jinnah of Pakistan, Oxford University Press, Karachi, p,05
34. Ibid,p,05
35. Ibid,p,06.
36. هيڪٽر بوليٿو حيات قائداعظم ، مترجم: زهير صديقي، جمهوري پبليڪيشنز لاهور، 2012ع، صحفو،8
37. ساڳيو صحفو،8
38. فاطمه جناح، ميرا پائي، مترجم: محمد جهانگير عالم، الفيصل ناشران وتاجران ڪتب، لاهور 2009ع، صحفو،29
39. ساڳيو صحفو،29
40. ساڳيو صحفو،29
41. Stanley Wolpert, Jinnah of Pakistan, Oxford University Press, Karachi, p,07
42. فاطمه جناح، ميرا پائي، مترجم: محمد جهانگير عالم، الفيصل ناشران وتاجران ڪتب، لاهور 2009ع، صحفو،30
43. ساڳيو صحفو،30
44. تفصيل لاءِ پڙهو استينلي وولپرٽ جي انگريزي ڪتاب، جناح آف پاڪستان، جو پهريون باب
45. فاطمه جناح، ميرا پائي، مترجم: محمد جهانگير عالم، الفيصل ناشران وتاجران ڪتب، لاهور 2009ع، صحفو،34
46. ساڳيو صحفو،34
47. ساڳيو صحفو،34
48. ساڳيو صحفو ،35،
49. ساڳيو صحفو،36_35
50. ياد رهي ته، جناح جي ڪن سوانح نگارن جو اهو خيال آهي ته، جناح، نومبر 1892ع واري سال ئي انگلينڊ اسهيو هو. جڏهن ته، استينلي وولپرٽ،پنهنجي ڪتاب،جناح آف پاڪستان ۾ 1893ع واروسال ئي ڄاڻايو آهي. ڪهڙوانگ صحيح آهي؟ ان تي مون ته ڪا گهٽي تحقيقي ناهي ڪئي، البت، جئين ته، آمريڪي محقق استينلي وولپرٽ کي ئي جناح جو معتبر (Authentic)سوانح نگار سمجهيو وڃي ٿو. ان ڪري مان به، ان جي ڄاڻايل سال کي پنهنجي هن مقالي ۾ ڏيڻ مناسب سمجهان ٿو.
51. Stanley Wolpert, Jinnah of Pakistan, Oxford University Press, Karachi, p,08

52. رسول بخش پليجو اصلي محمد علي جناح ڪيرهو؟سياسي ادب، جلد پهريون، مرتب: جامي چانڊيو سي پي سي ايس، حيدرآباد، 2005، صحفو174
53. Stanley Wolpert, Jinnah of Pakistan, Oxford University Press, Karachi, p,08
54. Ibid,p,08
55. Ibid,p,09
56. Ibid,p.09
57. تفصيل لاءِ پڙهو رسول بخش پليجي جو مضمون، اصلي محمد علي جناح ڪيرهو؟ سياسي ادب، جلد پهريون، مرتب: جامي چانڊيو سي پي سي ايس، حيدرآباد، 2005، صحفو174
58. ساڳيو صحفہ،175
59. ساڳيو صحفہ،175
60. Stanley Wolpert, Jinnah of Pakistan, Oxford University Press, Karachi, p.11
61. رسول بخش پليجو اصلي محمد علي جناح ڪيرهو؟ سياسي ادب، جلد پهريون، مرتب: جامي چانڊيو سي پي سي ايس، حيدرآباد، 2005، صحفو174
62. فاطمہ جناح، ميرا پائي، مترجم: محمد جهانگير عالم، الفيصل ناشران وتاجران ڪتب، لاهور، 2009ع، صحفہ،45
63. ساڳيو صحفہ،45
64. ساڳيو صحفہ،45
65. تفصيل لاءِ پڙهو رسول بخش پليجي جو مضمون، اصلي محمد علي جناح ڪيرهو؟ سياسي ادب، جلد پهريون، مرتب: جامي چانڊيو سي پي سي ايس، حيدرآباد، 2005، صحفو174
66. وولپرٽ ٻڌائي ٿو تہ جناح پنهنجي انهي مختصر نالي جو سڀ کان پهريون استعمال رائل بئنڪ آف اسڪاٽ لينڈ جي چيڪ لکڻ لاءِ استعمال ڪيو.(تفصيل لاءِ پڙهوانگريزي ڪتاب، جناح آف پاڪستان، آڪسفورڊ يونيورسٽي ڪراچي، سنڌ
67. Stanley Wolpert, Jinnah of Pakistan, Oxford University Press, Karachi, p,09
68. .Ibid,p,09
69. هيڪٽر بوليٿو حيات قائداعظم، مترجم: زهير صديقي، جمهوري پبليڪيشنز، لاهور، 2012ع، صحفہ،20
70. ساڳيو صحفہ،20
71. تفصيل لاءِ پڙهو هڪٽربوليٿو جو اڙدو ۾ ترجمو ٿيل ڪتاب، حيات قائد اعظم، جمهوري پبليڪيشنز لاهور
72. Stanley Wolpert, Jinnah of Pakistan, Oxford University Press, Karachi, p,09
73. .Ibid,p,09
74. .Ibid,p.11
75. Ibid,p.11
76. Ibid,p.11

77. فاطمہ جناح، میرا پائی، مترجم: محمد جهانگیر عالم، الفیصل ناشران وتاجران کتب، لاهور 2009ع، صحفہ 49

78. فاطمہ جناح، میرا پائی، مترجم: محمد جهانگیر عالم، الفیصل ناشران وتاجران کتب، لاهور 2009ع، صحفہ 48

79. Stanley Wolpert, Jinnah of Pakistan, Oxford University Press, Karachi, p,13

80. Ibid,p,13.

باب ٻيو

هندستان ڏانهن واپسي!

(1896_1906ع)

جناح، 16 جون 1896ع تي، انگلينڊ کان هڪ بحري جهاز ۾ هندستان جي شهر بمبئي ڏانهن اچڻ لاءِ چڙهي ٻيو[1] ۽ کجهه ڏينهن جي مسافري کانپوءِ اُهو جهاز بمبئي بندرگاهه تي پهچي ٻه ويو. هاڻ، "جناح هڪ ويهه ورهين جو ڏگرو يافته بئريسٽر هو ۽ گڏوگڏ سياست جي دنيا ۾ گلڊ استون، مارلي ۽ دادابائي نوروجي جي لبرل ازم جو چَاهَڪُ ٻڌجي چڪو هو. هن جي ٻُولي انگريزي هئي، ۽ اُها ئي ٻولي سندس آخري وقت تائين رهي. چاکاڻ ته، اڙدو تي هُن کي کو گهڻو عبور نه هو."[2]

بمبئي ۾ جناح پهريون پيرو ٻاروتڻيءَ واري عمر ۾ پنهنجي ڇڻيءَ سان گڏ آيو هو. جڏهن، سندس عمر لڳ ڀڳ ڇهه سال هئي. اُهو منهنجو ذاتي خيال آهي ته اُنهي ننڍڙي وهيءَ ۾ ئي بمبئيءَ جي دل_رُبائي ۽ حُسناکيءَ جناح کي تمام گهڻو متاثر کيو هوندو ۽ اُهوئي سبب آهي، جو انگلينڊ ۾ رهندڙ ارڙهن سالن جي جناح، جڏهن وطن واپس ورڻ جو فيصلو کيو ته هُن، پنهنجي اباڻي ڏيهه سنڌ ۽ اُن جي شهر ڪراچي کي ترجيح ڏيڻ بدران پنهنجي مستقل رهائش جي حوالي سان بمبئيءَ جي ئي چونڊ ڪئي. قطع نظر اُن جي، جناح جي ڪراچيءَ ڏانهن نه اچڻ جا کجهه ٻيا به سبب هئا. مثال طور: هڪ ته، انگلينڊ ۾ رهڻ دوران سندس ماءُ ۽ گهرواري ٻئي گذاري ويون هيون، جنهن ڪري واپس ڪراچي اچڻ ۾ جناح لاءِ ڪا ڪشش نه رهي هئي، ۽ ٻيو ته، بمبئي تن ڏينهن، نه رڳو ننڍي کنڊ جي سياست ۽ سياسي جماعتن جي سرگرمين جو مرڪز ٻڌيل هو پر بنيادي طور تي،

معاشي ۽ سماجي ترقي جي لحاظ کان پڻ وڏا ۽ وڌيڪ وسيلا رکندڙ شهر هو. ان ڪري، مان پانيان ٿو ته، اُنهي ڳالهه سببان، نوجوان جناح ڪراچي بدران، بمبئي شهر جي پنهنجي ڪيريئر جي شروعات لاءِ بنهه موزون ۽ مناسب شهر طور چونڊ ڪئي هوندي.

بهرحال، جناح بمبئي ايندي ئي، بمبئي هاءِ ڪورٽ ۾ بئريسٽر طور ڪم ڪرڻ جي درخواست ڏيو ڇڏي، جيڪا جلد ئي منظور ڪئي وئي. ۽ ائين، هُن بمبئي هاءِ ڪورٽ ۾ بئريسٽر طور ڪم ڪرڻ جي شروعات ڪري ڇڏي، جڏهن ته، رهائش لاءِ وري، هُن هاءِ ڪورٽ جي بنهه ويجهو اپالو ريلوي هوٽل ۾ ياڻي تي هڪ ڪمرو ونڊي ڇڏيو. جتي، "هن گهڻو وقت ٻين وڪيلن جي صلاحيتن جو تجزيو ڪندي ۽ پنهنجي اسيلن جي انتظار ڪندي گذاريو."[4]

چون ٿا ته، جناح جي وڪالت جي شروعات جا ٻي چار سال سٺا نه گذريا.[5] جئين عام رواجي طور تي ٿيندو آهي، ته ڪنهن نئين ماڻهو کي ڪنهن به نئين ميدان ۾ داخل ٿيڻ، ۽ اُتي پنهنجي پير جمائڻ ۾ اٽاهه محنت، جدوجهد ۽ غيرمعمولي ڪوششون ڪرڻ سان گڏ اُن سڄي مرحلي ۾ ڪڇ وقت ۽ عرصو لڳي ويندو آهي. بلڪل ائين ئي، جناح کي به پنهنجي وڪالت کي جمائڻ ۽ اُن ۾ گهربل ڪاميابي حاصل ڪرڻ ۾ لڳ ڀڳ ٻي چار سال لڳي ويا. جنهن دوران جناح جي مايوسي ۽ تنگ حالي پڻ ڏسڻ وٽان هئي. اُن ڏس ۾، سيد مطلوب الحسن اسان کي ٻڌائي ٿو:

"جناح لاءِ وڪالت جا اُهي ٻي شروعاتي سال وڏا تنگدستي وارا گذريا. هُو روزانو باقائدگي سان ڪورٽ ويندو هو. پر اُن دوران هڪ به ڪيس ڪيس ملي نه سگهيو. جيڪڏهن بمبئي جا اُهي سنڌس لتاڙيل رستا ڳالهائي سگهن ها ته هوند اُهي اُن نوجوان وڪيل جي محنت، جدوجهد ۽ اڻ ٽڪ ڪوششن جي ضرور ساک پرين ها. جيڪو روزانو صبح جو بنهنجي گهر کان ڪورٽ تائين پيادل ويندو هو ۽ شام جو ناااميدي ۽ نرسائي جا انبار کڻي واپس ورندو هو."[6]

بهرحال، 1900ع صدي جي شروعات ڌاري، جناح جي قسمت جو ستارو تڏهن چڙهڻ لڳو. جڏهن بمبئي جي هڪ قائم مقام سرڪاري وڪيل جان مولز ورٿ ميڪ فرسن (John Moles worth McPherson) نوجوان جناح کي پنهنجي آفيس ۾ ڪم ڪرڻ جي اجازت ڏني.[7] چون ٿا ته، جناح جي هڪ دوست سنڌس صلاحيت ۽ محنت کان متاثر ٿيندي،

بمبئيءَ جي قائم مقام ايڈووڪيٽ جنرل جان مولزدرٿ ميڪ فرسن سان ملاقات ڪرائي هئي،[8] جنهن کي نوجوان جناح جي شخصيت ۾ ڳالهه ٻولهه واري انداز اهڙو تہ متاثر ڪيو جو هُن ترت ئي جناح کي پنهنجي آفيس ۾ ڪم ڪرڻ جي اجازت ڏيو ڇڏي. ائين، جناح جي دوست سروجني نائيڈو اسان کي ٻڌائي ٿي تہ "اُها ميڪ فرسن جي وڏي مهرباني هئي. اُن کان اڳ هن ڪڏهن بہ ڪنهن هندستاني کي اهڙي رعايت نہ ڏني هئي. جناح بہ اُنهي مهرباني کي ڪڏهن بہ نہ وساريو. هُو اڪثر چوندو هو تہ ميڪ فرسن جي اُنهي مهرباني سببان هُن لاءِ ڏکين حالتن ۾ اُميدَ جو هڪ ڏيئو ٻري پيو هو."[9]

بهرحال، جناح ڪچ ڏينهن تائين، ميڪ فرسن جي آفيس ۾ ڪم ڪندو رهيو. ائين ڪجهه ڏينهن ڪانپوءِ، اُتي ڪم ڪرڻ دوران، جناح کي اُها سڌ پئي تہ، بمبئيءَ جي چئين عدالتن مان هڪ عدالت ۾ ميجسٽريٽ جي جاءِ خالي پيل آهي.[10] جيتوٽيڪ، اُها نوڪري جناح جي پاڻ ۾ اچڻي هئي، پر اُن لاءِ وري "زبردست سفارش" جي بہ ضرروت هئي.[11] اهڙي پروڙ پوڙ سببان جناح ڪجهه ٻڌتر ۾ اچي ويو. بهرحال، ٿوري وقت ۾ اندر جناح اُنهي نوڪري جي حوالي سان جيڪو تحرڪ ورتو. وولپرٽ چوائٽي، "اُهو اسان کي سندس عمليت پسند سوچ ۽ ڪردار جي جهلڪ پسائي ٿو. ٿيو ائين جو جناح ايڈووڪيٽ جنرل جي آفيس جي دريءَ کان ٻاهر ڏسندي ۽ سگريٽ پئيندي هڪ ٽيڪسي گذرندي ڏٺي. هُو تڪڙ ۾ ٻاهر آيو ۽ اُن ۾ چڙهي سڌو چارلس اوليونٽ جي آفيس پهتو. سر چارلس اُن وقت بمبئيءَ جي صوبائي حڪومت جو عدالتي ميمبر هو ۽ هُو ميڪ فرسن جي خوش شڪل، پرعزم ۽ نوجوان مددگار کان ايترو تہ متاثر ٿيو جو هُن عارضي طور تي ٽئين پريزيڈنسي مجسٽريٽ جي ڪيس نوڪري ڏيو ڇڏي."[12]

ائين، ميجسٽريٽ جي نوڪري ملڻ سببان، هڪ طرف، جناح جي معاشي پريشاني ختم ٿي وئي، تہ ٻي طرف، ڪيس اڳتي وڌڻ جو بہ گهربل موقعو ملي ويو. مالي حالت بهتر ٿيندي ئي، جناح پنهنجي پيٽ فاطمہ کي بہ بمبئي وٺي آيو ۽ ڪيس بمبئي جي هڪ مشهور ڪانوينٽ اسڪول ۾ داخل ڪرايو.[13] جئين تہ، اسڪول ۾ گڏيل تعليم وارو سرشتو لاڳو هو. ان ڪري، تن ڏينهن، اُنهي اسڪول ۾ ڪنهن بہ مسلم ڇوڪري کي پڙهائڻ وڏي دل گردي جو ڪم هو. بهرحال، جناح اُهو ڪم ڪري ڏيکاريو ۽ وڏي

چُوپچُوءَ جي باوجود، پيٽ کي اُتي ئي تعليم ڏيارائي. اُن حوالي سان جناح جو هڪ مشهور سوانح نگار هيڪٽر بوليٿو ٻڌائي ٿو:

"بمبئيءَ جو شهر، تن ڏينهن، مذهبي فرق ۽ ذات پات وارين وچوٽين ۾ ورتل هو. ڪانوينٽ جهڙي اسڪول ۾ هڪ مسلمان ڇوڪري کي پڙهائڻ وڏي همٽ ۽ مڙسي جو ڪم هو. اُنهي واقعي جو اڌ صدي گذرڻ بعد، هڪ همراهه هئين ذڪر ڪيو آهي، ته "اُن زماني ۾ فاطمه جي فرقي جا ماڻهو اُهو هرگز برداشت ڪري نه ٿي سگهيا، ته هُوءَ هڪ ڪانوينٽ اسڪول ۾ تعليم حاصل ڪري، ۽ اُن جي بوردن هائوس ۾ رهي. مسلم فرقيءَ جا قدامت پسند ماڻهو سخت پريشان هئا، ۽ وڏي ڪوشش ڪيائون، ته فاطمه اُن اسڪول کي ڇڏي ڏي، جيتوڻيڪ فاطمه جي خلاف اڪيچار جَڙُتُو خبرون به ڦهلايون ويون، پر هُن جي پاءُ کي ڏياڻُ نه ڏريو ۽ پوري طرح پنهنجي پيٽ جو ساٿ ڏنائين، ۽ ڪيس قدامت پسند ڏرين کي مُنهن ڏيڻ جي به همٽ ڏيارايائين. ائين، جناح پاڻ پيٽ کي اسڪول وٺي ويو ۽ ڪيس ۾ داخلا وغيره جو سڄو انتظام ڪري ڏنائين، جنهن ڪانپوءِ وري هُن اُن اسڪول ۽ اُن جي عمارتن جو پڻ پاڻ جائزو ورتو. ائين، جڏهن فاطمه پنهنجي اسڪول ۾ پڙهڻ واري ڪرت ۾ مصروف ٿي وئي، ته جناح، هر آچر تي گهوڙي تي سوار ٿي، بمبئي کان باندري تائين ايندو هو ۽ پنهنجي پيٽ سان اچي ملندو هو."[14]

پاءُ پيٽ جي اهڙي قربت تي هيڪٽر بوليٿو تبصرو ڪندي لکي ٿو:

"فاطمه، هڪ اهڙي شخص وانگر هئي، جنهن جي محبت جناح جي دل ۾ ڪراچيءَ واري زماني کان وٺي سندس ڪاميابي واري زندگيءَ جي آخري ڏهاڻن تائين جئين جو تئين برقرار رهي."[15]

جناح، لڳ ڀڳ هڪ سال تائين، ميجسٽريٽ طور ڪم ڪندو رهيو ميجسٽريٽي واري نوڪري دوران جيڪي به ڪيس پُڌا ۽ جيڪي به فيصلا ڪيائين، اُنهن ۾، وولپرٽ چوائي، هُن پاڻ کي هرطرح سان، "اڻ ورچ ۽ ديانتدار" ئي ثابت ڪيو.[16]

چون ٿا ته، ڪجهه وقت ڪانپوءَ جناح جي ڪم ڪرڻ جي طريقي ڪار ۽ سندس غيرمعمولي قابليت کان متاثر ٿي، سر چارلس جناح کي 1500 سو روپين جي پگهار تي بينچ ۾ مستقل نوڪري ڏيڻ جي آڇ ڪئي، ته جناح انڪار ڪري ڇڏيو ۽ چيائين ته، "مان جلد ئي ايترا پئسا هڪ ڏينهن اندر ئي ڪمائڻ جهڙو ٿي ويندس." وولپرٽ ٻڌائي ٿو ته، "جناح ائين ڪري به ڏيکاريو."[17] ياد رهي، ته اُنهي زماني ۾، 1500 روپيا پگهار، دراصل، بنهه

وڏي پگهار هئي، پر، جناح غيرمعمولي اعتماد ۽ بي باکي جو مظاهرو ڪندي، انهي آڇ کي رد ڪري ڇڏيو.[18] اُن حوالي سان، جناح جي، هڪ سرڪاري سوانح نگار هيڪٽر بوليٿو کي، روبرو بمبئيءَ جي هڪ پوڙهي وڪيل هڪين ٻڌايو:

"هُن (جناح) جي مزاج ۾ تن ڏينهن، وڏي بي باکي ۽ تيزي هئي، پر تنهن هوندي ب، هُن جيڪي ڪجهه چيو اُهو هُن ڪري ب ڏيکاريو. پنهنجي وڪالت کي ڇمائڻ کانپوءِ هُن بمبئيءَ جي مڙني وڪيلن کان وڌيڪ دولت ۽ پئسو ڪمايو."[19]

بهرحال، جناح ڪجهه عرصو ميجسٽريٽ رهڻ دوران، 1901ع ڌاري اُن عهدي تان استيعفيٰ ڏئي ڇڏي، ۽ وڪالت شروع ڪري ڏنائين.[20] اصل ۾ وڪالت واري ڌنڌي ۾ شهرت ۽ جهجها ڏوڪڙ ڪمائڻ جا وڏا امڪان هئا. وولپرٽ موجب، "جناح ٻنهي ڳالهين جو گهرجائو هو."[21] بهرحال، وڪالت جي دنيا ۾ ب، هُو پنهنجي غيرمعمولي ذهانت ۽ قابليت سبب، ترت ئي ڇائنجي ويو. هاڻ، جناح جي شهرت ۽ مشهوري ب وڌڻ لڳي. "هُو ڊگهي قد وارو سنهڙو سيپڪُڙو ۽ خوش شڪل نوجوان وڪيل هو. جيتوڻيڪ، اُن نوجوان قانوندان جو معاوضو ته ڪجهه وڏو هو پر هُن جو ڪم انتهائي زبردست ۽ حيران ڪندڙ هو. هُو پنهنجي ڪيسن جي تياري ۾ ڪچ وقت وٺندو هو سندس سوچ صاف سڌي هوندي هئي. ڪا ب اڳر مگر واري ڳالهه نه هيس. هُو جلد ئي پنهنجي مخالف جي ڪمزوري کي تاڙي وٺندو هو. پنهنجي ڳالهه ۽ اُن جي مختلف نقطن کي هُوريان هُوريان بنهه سادي منطقي طريقي سان بيان ڪريو ڇڏيندو هو."[22]

چون ٿا ته، عدالتي بحث مباحثن ۽ ڪيسن جي حاضرين ۾ ظاهر ڪيل جناح جي خوداعتمادي ۽ حاضر جوابي ب غضب جي هئي. صاف سڌي ڳالهه ڪرڻ، ۽ اُن کي نه سمجهڻ ڪري، جناح جي انداز جارحاڻو ب ٿي ويندو هو جنهن سببان، ججن سان سندس جهڙپون پڻ ٿيندیون هيون. هڪ ڪيس جي حوالي سان، سندس اُها ڳالهه مشهور آهي، ته هڪ ييري جناح، ڪنهن ڪيس جي سلسلي ۾ عدالت ۾ تقرير ڪري رهيو هو ته جناح جو لهجي تلخ ٿي ويو. جنهن سببان جج ڪيس اُهو چئي ڏنو ته مسٽر جناح! اوهان ڪنهن ٽردِ ڪلاس ميجسٽريٽ سان ڳالهائي رهيا ناهيو. اُن تي، جناح انتهائي خود اعتمادي ۽ حاضر جوابي سان اهو چئي ڏنو:

"ماءِ لارڊ! اوهان جي اجازت سان مان اوهان کي اُهو ٻڌائيڻ چاهيان ٿو ته اوهان بہ ڪنهن ٽرڊ ڪلاس وڪيل سان ڪو نہ ڳالهائي رهيا آهيون."[23]

هڪ ٻي ڪيس ۾ جناح جي تقرير ڪرڻ دوران جج ڪيس چيو ته، "مسٽر جناح! اوهان جو آواز مان ٻُڌي نہ ٿو سگهان." جناح جواب ۾ چيو ته "مان بئريسٽر آهيان. ايڪٽر ناهيان."جج اهڙو جواب ٻڌي خاموش ٿي ويو. ڪجهہ ويرم ڪانپوءِ وري جج مجبور ٿي، جناح کي چئي ڏنو ته "مسٽر جناح مان اوهان کي درخواست ٿو ڪريان، ته اوهان، ٿورو زور سان ڳالهايو ته جئين، مان اوهان جو آواز ٻڌي سگهان." موٽ ۾ جناح چيو ته "سائين منهنجا! اوهان، جيڪڏهن پنهنجي آڏو رکيل ڪتابن جي ڍڳ کي هٽائي چڌيندوُ ته منهنجو آواز چگي طرح سان ٻڌي سگهندوُ."[24] اُن ڪانپوءِ وري جج جناح کي ڪجهہ نہ چيو.

اُها حقيقت آهي، ته تن ڏينهن، بمبئيءَ ۾ وڪالت واري ڏنڊي ۾ صرف هندو ءِ پارسي وڪيلن جو ئي سڪو هلندو هو ءِ اُهي ئي سڃي بمبئيءَ جي عدالتي ڪاروبار تي چانيل هئا، جنهن سببان جڙ ته اُن سڃي ڏنڊي تي هندن ءِ پارسين جي ئي قبضو هو. اهڙي صورتحال ۾ جناح جهڙي هڪ مسلم وڪيل جي اُتي وڪالت ڪرڻ ءِ اُن ۾ پنهنجو الڳ ءِ منفرد مقام ناهڻ هڪ وڏي ڳالهہ هئي، جيڪا در صل، ڪنهن بہ طرح غيرمعمولي قابليت ءِ هوشياري کانسواءِ ممڪن ئي نہ هئي. چون ٿا ته، جناح پنهنجي وڪالت جو بمبئيءَ ۾ اهڙو ته ڏاڪو جمايو جو سندس ڪيترا ئي همعصر توڙي سنئير وڪيل ساٿس ساڙ ءِ حسد ڪرڻ لڳا هئا،[25] پر قطع نظر اُن جي، جناح ڪنهن جي بہ پرواهہ نہ ڪندي، پنهنجي ڪم ۾ هرطرح سان مگن ئي رهيو ءِ اڻاهہ محنت، قابليت ءِ غيرمعمولي ذهانت سببان ترت ئي هڪ الڳ ءِ منفرد مقام ناهي ورتائين.

جناح جي هڪ همعصر وڪيل هيڪٽر بوليٿو کي ٻڌايو:

"هُن کي پنهنجي ڪم کانسواءِ ٻي ڪنهن ڳالهہ ۾ دلچسپي نہ هئي. رات ڏينهن پنهنجي ڪيسن ۾ مشغول رهندو هو. مان هاڻ بہ، خيالن خيالن ۾ هُن کي ڏسي سگهان ٿو. بانس وانگر ڊگهو ءِ سنهڙو ءِ هميشہ ڏسڻ سان ائين ياسجندو هو ته هُو وڏي جلدي ۾ آهي. هُن جي ذاتي زندگي بہ وڏي صاف ستري هئي، ءِ اُن جي باري ۾ ڪڏهن بہ ڪي غلط خبرون نہ ٿي آيون. هُو هڪ محنتي غيرشادي شده نوجوان هو. سنجيدگي هن جي مزاج ۾ ايتري ته هئي،

جو ڪنهن به ماڻهو ساڻس سنگت رکڻ نه ٿي چاهي. اهڙي قسم واري ماڻهن تي عام طور تي تنقيد گهٽي ڪئي ويندي آهي. خاص طور اسان جي مشرقي ملڪن ۾ جتي ماڻهن وٽ ڪم گهٽ ۽ ڳالهيون گهٽيون هونديون آهن، ۽ جتي ماڻهن جي خامين کي نه نظرانداز ڪيو ويندو آهي، پر اُن جي خوبين کي تنقيد جو نشانو بڻايو ويندو آهي."[26]

هڪ ٻيو وڪيل هيڪٽر بوليٿو کي جناح جي باري ۾ هٿين ٻڌائي ٿو:

"هُو هڪ وڏو وڪيل هو. هر ڪيس جا تفصيل هُن کي وڏي احتياط سان سمجهڻا پوندا هئا، پر جڏهن هڪ پيرو هُن کي اُهي تفصيل سمجهه ۾ اچي ويندا هئا تہ پوءِ هو سڄي ڪيس تي حاوي ٿي ويندو هو ۽ بحث ۾ هن سان ڪو به مقابلو ڪري نه سگهندو هو. هُن جو ن صلاحيتون خداد هيون، جن ۾ خود هن جي ڪوشش جو گهٽ عمل دخل نه هو. خدا هن کي وڏو زبردست وڪيل بنايو هو. اسان کي ڪڏهن ڪڏهن ائين ياسجندو هو تہ هن ۾ ڪا لڪل حس به موجود آهي، جنهن کي استعمال ڪري هو سولائي سان مختلف ڪيس جي ڳجهن نقطن ۽ پيچيدگين کي ڳولهي هٽ ڪري وٺندو هو. اُهو ئي هن جي قابليت جو راز هو. هُن جي تقرير ۽ بحث جي تجزيي سان ائين ياسجندو هو تہ هُن جو ذهن ڪليل ۽ فڪري انداز سلجهيل آهي. جيتوٽيڪ هُن ۾ اُن نفاست واري ڳالهه جي پنهنجي جاءِ ڪُوٽِ هئي، جيڪا يونيورسٽي جي اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ سببان پيدا ٿيندي آهي، پر بهرحال اُها حقيقت آهي، تہ هُو هڪ ماهر وڪيل وانگر پنهنجي ڪيس جي اهم نقطن کي وڏي نفاست ۽ خوبي سان ڪيڏي ظاهر ڪري هُوريان هُوريان لفظ به لفظ اُنهن کي جج جي آڏو کولي ڪيس سولائي سان سمجهائي وٺندو هو. هُن جو بحث خالص منطقي هوندو هو. اجائي جوش، گرمي ۽ جذباتيت پٽي کان بنهه خالي."[27]

جناح جي سڌي ۽ ٺوس ماڻهو هجڻ جي حوالي سان، سندس همعصر وڪيل، هڪ واقعو ٻڌايو آهي، تہ هڪ پيري، بمبئيءَ جي هڪ مسلم واپاري حاجي عبدالڪريم تي ڪنهن تڪرار جي نتيجي ۾ ڪيس ڪيو ويو. هو سڌو جناح وٽ ويو ۽ هُن کي پنهنجو وڪيل ڪيائين. حاجي عبدالڪريم جڏهن جناح کان اُهو پڇيو تہ هُو ڪيس جي لاءِ ڪيتري فيس وٺندو تہ جناح بلڪل صاف ۽ ٺوس طرح سان چئي ڏنو تہ "پنج سوءَ رپيا روزانو." جئين تہ، عبدالڪريم هڪ واپاري ماڻهو هو. هن کي پئسي ڏوکڙ جي پرڪ ڳڻتي ٿي ٿي. ان ڪري، جناح کان پڇيائين تہ "ڪيس گهڻا ڏينهن هلندو. مون وٽ ڪُل پنهنجي هزار رپيا بچيا آهن. ڇا اوهان اُهي

سپ پئسا مون کان پنهنجي فيس طور ونڊندو."جناح چيو ته "نه مان اُهي پئسا نه ونڊندس. منهنجي فيس روزانو پنج سوءَ رپيا آهي. جيڪڏهن اوهان کي قبول آهي. ته ٺيڪ. نه ته اوهان پلي کوبيو وکيل کريو."[28]

چون ٿا ته. حاجي عبدالکريم جناح جو اُهو شرط قبول ڪري ورتو ۽ جناح وري. کيس ڪُل ٽن ڏينهن ۾ ڪتي ورتو. جناح جي ٽن ڏينهن جي فيس ڪل پندرهن سوءَ ٿي. جيڪا هن خوشيءَ سان قبول ڪري ورتي.[29] جيتوڻيڪ ائين ضرور ڏسڻ ۾ اچي ٿو ته جناح وڪالت واري پيشي کي دولت ۽ شهرت ڪمائڻ واسطي اختيار ڪيو هو پر قطع نظر اُن جي. اُها به حقيقت آهي. ته جناح پنهنجي اُنهي پيشي ۾ انتهائي حد درجي جو ديانتدار ۽ انصاف پسند ماڻهو ثابت ٿيو. هُو بنيادي طور تي اصول پسند ماڻهو هو. ٺڳي. بي ايماني ۽ دوکي توڙي ڪوڙ ڪرڻ واري ڳالهه سندس سرشت ۾ ئي نه هئي. اُهو ئي سبب آهي. جو سندس شخصيت ۽ ڪردار مان هڪ صاف. سڌي ۽ ٺوس ماڻهوءَ جا اڪيچار اولڙا ظاهر ٿين ٿا.

بهرحال. اُنهي وڪالت واري عرصي دوران. جناح بمبئيءَ جي هڪ پارسي بزرگ فيرورز شاهه مهتا (1845_1915ع) جي ويجهو پڻ آيو.[30] فيروز شاهه مهتا. اصل ۾ ڪانگريس جو هڪ مشهور روشن خيال پارسي اڳواڻ هو. ڳچ پيرا ڪانگريس جو صدر پڻ رهي چڪو هو. جڏهن ته. اُها به حقيقت آهي. ته آل انڊيا ڪانگريس. جڏهن 1885ع ڌاري ٺهي هئي. ته ان جي شروعاتي دور ۾ اُهي فيروز شاهه مهتا دادابائي نوروجي۽ گوپال ڪرشناگوکلي جهڙا مدبر سياستدان ئي هندستان جا وطن دوست روشن خيال اڳواڻ هئا. جن جي اڳواڻي ۾ ڪانگريس هڪ هندو جماعت نه. پر هڪ سيڪيولر ۽ روشن جماعت طور اپري آئي هئي. ۽ اهو ئي سبب هو جو تن ڏينهن. جناح نه رڳو اُنهن روشن خيال هندو ۽ پارسي اڳواڻن جي ويجهو اچي. ڪائنن سياست جي سکيا ٿي ورتي. پر اُنهيءَ سکيا ۽ وطن دوست سياسي اڳواڻن سان ويجهڙائي رکڻ جي منطقي نتيجي طور جناح 1906ع ڌاري باضابطه طور آل انڊيا ڪانگريس ۾ شامل به ٿي ويو هو.[31]

چون ٿا ته. اُنهي ساڳئي دور ۾. جڏهن هڪ طرف جناح ڪانگريس ۾ شموليت اختيار ڪري. هڪ سياستدان طور پنهنجي زندگي جي شروعات ڪري چڪو هو. ته وري ٻي طرف. سندس وڪالت وارو ستارو به عروج تي هو. اُنهي زماني ۾. جناح هڪ ڪيس ڪنيو. جيڪو اصل ۾. فيروز شاهه

مهتا خود پاڻ ئي جناح کي ڏنو. جيتوٽيڪ فيروز شاهہ مهتا پڻ بمبئيءَ جو هڪ وڏو مشهور ۽ نالیوارو بزرگ وڪيل هو پر جئين تہ اُهو ڪيس خود فيروز شاهہ مهتا جي ذات سان ئي لاڳاپيل هو جيڪو دراصل، بمبئيءَ جي شهرين پاران عدالت ۾ داخل ڪيل اُنهي درخواست تي ٻڌل هو جيڪا بمبئي ميونسپل بورڊ جي چونڊن ۾ فيروز شاهہ مهتا کي بوگس ۽ بي ايماني ذريعي هارائڻ واري حرڪت خلاف داخل ڪئي وئي هئي. "جناح تن ڏينهن، فيروز شاهہ مهتا جي ئي آفيس ۾ ڪم ڪندو هو. شهرين پاران ڪورٽ ۾ ڪيس داخل ڪرڻ ڪانپوءِ مهتا پنهنجي طرفان جناح کي وڪيل مقرر ڪيو. جيتوٽيڪ جناح اُهو ڪيس تہ هارائي ويو پر هُن جنهن قابليت ۽ ڏاهپ سان بحث ڪيو. اُن سان سندس اهميت ۽ وقار بنهہ وڌي ٿي ويو ۽ پهريون پيرو سندس نالو اخبارن ۾ آيو ٿي. فيرورز شاهہ پاڻ بہ هڪ مشهور نالیوارو وڪيل هو. جناح جي قانوني صلاحيتن جو اُن کان وڌيڪ ٻيو ڪهڙو اعتراف ٿي سگهي ٿو تہ سرفيروز شاهہ جي طرفان، جناح عدالت ۾ پيش ٿيو. اُن ڪانپوءِ بہ اهڙا ڪيترائي موقعا آيا، جڏهن جناح تي ڪنهن اهڙي شخص اعتبار ٿي ڪيو جيڪو عمر ۾ هُن کان گهڻو وڏو هو. اُهي عقل مند بزرگ شايد اُن ڳالهہ جي تهہ تائين پهچي ويا هئا، ۽ اهو سمجهي چڪا هئا، تہ جناح جي آڪڙ صرف گهٽي ملڻ جلڻ کان بچڻ جو هڪ بهانو آهي. اُنهي آڪڙ واري خول جي اندر جيڪي بي پناهہ صلاحيتون لڪل هيون، اُنهن جي اُهي پروڙ حاصل ڪري ويا هئا." [32]

بمبئيءَ جو هڪ جهونو وڪيل، هيڪٽر بوليٿو کي جناح جي وڪالت واري قابليت بابت پنهنجي تجزيو هئين ٻڌائي ٿو:

> "جناح تي اُهو الزام لڳايو ويندو آهي، تہ هُو سٺو وڪيل تہ هو پر وڏو قانوندان نہ هو. اُها ڳالهہ ڪنهن بہ طرح سان صحيح ناهي. اُها اُنهن وڪيلن جي راءِ آهي، جيڪي پاڻ سٺو بحث نہ ٿا ڪري سگهن، ۽ اُن ڪم لاءِ وري ٻين وڪيلن جون خدمتون حاصل ڪري وٺن ٿا. اُها ڪا حيرت جي ڳالهہ ناهي. پر انساني فطرت جي عين مطابق آهي. حقيقت اُها آهي تہ جناح قانون تي پورو پورو عبور رکيو ٿي." [33]

سروجني نائيڊو ڪانگريس جي هڪ مشهور عورت اڳواڻ ۽ هندستان جي شاعره ٿي گذري آهي. (چيو وڃي ٿو تہ سروجني نائيڊو جناح تي ايتري تہ موهت هئي، جو ساڻس شادي ڪرڻ ٿي چاهي، پر خشڪ مزاج

۽ هر وقت قانون ۽ سياست جي سرگرمين کي اوليت ڏيندڙ جناح طرفان کا مثبت موٽ نہ ملڻ سببان هندستان جي اُن شاعره جي خواهش صرف خواهش ئي رهجي وئي) هوءَ جناح جي همعصر به هئي. 1906ع ڌاري جڏهن، جناح ڪانگريس ۾ سرگرمين شروع ڪري چڪيون هيون، تہ انهن ڏينهن ۾ ئي، سروجني نائيڊو جون جناح سان ملاقاتون ٿيڻ شروع ٿيون هيون. هوءِ جناح جي باري ۾ لکي ٿي:

"هُو (جناح) سنهڙو سيپڪُڙو ۽ قد جو ڊگهو هو، پر عادتون رئيساڻيون هيس. هُن جي جسماني ڪمزوري دراصل نظرن جو ڌُوکو هو جنهن جي پويان اڻاهہ ذهانت ۽ غيرمعمولي قابليت جي هڪ وڏي سگهہ لڪل هئي. هُو رُکو ۽ خشڪ مزاج ماڻهو آهي، ۽ ماڻهن سان بي تڪلفي وچان نہ ٿو ملي. جيتوڻيڪ هُن جو انداز گهڻو ڪري آڪڙ وارو هوندو آهي، پر جيڪي ماڻهو هُن کي چڱي طرح سمجهن ٿا. اُنهن کي اُن ڀالهہ جي پليءَ پت ڄاڻ آهي تہ اُنهي آڪڙ واري خول ۾ هڪ وڏي دلڪش شخصيت لڪل آهي. هُن جي ماڻهپي ۾ وڏي سادگي آهي. سندس مشهدو هڪ عورت وانگر تيز ۽ نازڪ آهي، ۽ سندس مزاح ۾ ہاڻ واري مزاح واري شوخي ۽ دلڪشي آهي. هو بنيادي طور تي عمليت پسند ماڻهو آهي، ۽ هُن جا جذبا چڱي طرح هُن جي ذهن جي وَسَ رهن ٿا. زندگي جي باري ۾ هُن جا ويچار بلڪل غيرجذباتي آهن. اُن جي باوجود، هُن جي دنياداري ۽ حقيقت پسندي واري پردي ۾ اصول پرستي ۽ اُورچائپ جا وڻا جوهر لڪل هئا، ۽ اُها ڀالهہ ئي، اُنهي ماڻهو جي ڪردار جي اصل خوبي ۽ خاصيت هئي."[34]

بهرحال، اُنهن ئي ڏينهن ۾، جڏهن جناح وڪالت جي دنيا ۾ پنهنجا پير جمائي، ڪجهہ شهرت، نالو ۽ پئسا ڪمائڻ جهڙو ٿي ويو هو تہ سندس پيءُ جناح پائي پونجا ڪراچيءَ کي چڏي، سڌو بمبئي لڏي آيو ۽ بعد ۾ هو پنهنجي مڙني ہاڻ سميت بمبئي کان ڪجهہ ڏور رتناگري واري علاقي ۾ رهڻ لڳو.[35] چون ٿا تہ، جناح پائي پنهنجا پچاڙي واراڏينهن اُتي خاموشي ۽ اڪيلائي ۾ گذاريا. جناح جو اُن وقت پنهنجي پيءُ سان ڪيترو ملڻ جلڻ هو؟ اُن بابت بهرحال، جناح جو ڪو به سوانح نگار ڪجهہ به ٻڌائي ناهي سگهيو. اُن ڪري، پاڻ هتي اُن جا تفصيل بيان ڪرڻ کان پاسو ڪندي اڳتي ٿا وڌون.

جناح، اصل ۾، هڪ ٿيٽ سيڪيولر ذهنيت رکندڙ غيرمذهبي ماڻهو هو. هُن جي زندگيءَ ۾ مذهبي فرق ۽ تعصب جي ڪا گنجائش ئي نہ هئي،

۽ اُهو ئي سبب هو جو سندس سنگت ۾ هندو مسلم، پارسي ۽ عيسائي وغيره سڀئي شامل هوندا هئا. چون ٿا ته، جناح جي دوستن ۾ اڪثريت هندن جي ئي هئي. جناح جي گهڻن سوانح نگارن جو ته خيال اُهو آهي ته جناح جي ابتدائي زندگي جا شروعاتي دوست صرف هندو ئي هئا،[36] جن سان گڏجي، هُو نه رڳو پنهنجون شامون گذارينڊو هو پر اُنهن سان ئي گڏجي شراب ۽ سگريٽ وغيره پئيڻ، سُوئر جي گوشت سان ٺهيل سينڊوچ کائڻ ۽ شطرنج واري راند وغيره کيڏڻ ۾ به مصروف رهندو هو.[37] بهرحال، اُها حقيقت آهي، ته جناح جا ابتدائي دوست ۽ دوستن جهڙا استاد دراصل گوکلي، دادد پائي نورجي، فيروز شاهه مهتا ۽ بدرالدين طيبيب جهڙا اڳواڻ ئي هئا.[38] جن جي صحبت ۽ ساٿ کان متاثر ٿي، نيٺ جناح 1906ع باضابطه آل انڊيا ڪانگريس ۾ شامل به ٿيو.

جناح جي ڪانگريس ۾ شامل ٿيڻ کان هڪ سال اڳ 1905ع ڌاري انگريزن کي پنهنجي انتظامي ۽ دفاعي سهوليت خاطر بنگال کي ٻن حصن اُولهه بنگال ۽ اُوپر بنگال ۾ ورهائڻو پيو.[39] جنهن سببان اُوپر بنگال مسلمانن جي اڪثريت وارو علائقو بڻجي ويو ته وري اُولهه بنگال، هندو اڪثريتي علائقي واري حيثيت اختيار ڪري ورتي.

اصل ۾، انگريزن پاران بنگال کي ٻن صوبن ۾ ورهائڻ، اُن وقت جي عالمي سياسي_فوجي صورتحال ۽ اُن جي استريٽجڪ ضرورت جو هڪ منطقي نتيجو هو جو هڪ ته جپان هڪ وڏي سياسي ۽ فوجي قوت بڻجي تيزيءَ سان اُپري رهيو هو ۽ ٻيو ته، اُهو برطانيا مخالف به هو جنهن 1905ع ڌاري زار شاهي جي اڳواڻي ۾ اُپرندڙ روسي سامراج کي پڻ شڪست ڏئي، پنهنجي طاقت ۽ قوت جو ڏاڪو جمائي چڪيو هو.[40] جئين ته، جپانُ انگريزن جي سخت مخالف ملڪ طور اُپري آيو هو. ان ڪري، اُن جي جنگي جُنونُ انگريزن جي بينڪيتن ڏانهن به تبديل ٿيو ٿي، جنهن سببان وڏي سطح تي ائين سمجهيو ٿي ويو ته جپان اڳي يا پوءِ، هندستان تي حملو ڪري، هندستان انگريزن کان کسي وٺندو، جنهن لاءِ وري انومانُ ان ڳالهه جا هئا، ته جَپانُ پنهنجي جنگي حملي جي لحاظ کان، سڀ کان پهريان هندستان جي بنگال واري پاسي کي ترجيح ڏينڊو ۽ اُهو ئي دراصل، ڊَپُ ۽ خُوفُ هو جنهن جي نتيجي ۾ انگريزن کي بنگال ٻن حصن/صوبن ۾ ورهائڻو پيو. اُن ۾ مسلمانن کي خوش ڪرڻ جي ڪا ڳالهه نه هئي.

جيتوٽيڪ بنگال جي اهڙي ورهاست سببان، بنگالي مسلمانن کي خوشي ۽ سرهائي ته ٿي، جو ورهاست جي صورت ۾ نه رڳو سڄي بنگال جي وڻج واپاري، سياست، معيشت، نوڪرين، تعليم ۽ شهرن تي ورهين کان وٽي قبضو ڪري ويٺل بنگالي هندن کان سندن جان ڇُٽي پوڻ جا امڪان هٽا، پر بنيادي طور تي، اُوپر بنگال جي صورت ۾ مسلمانن کي هڪ ڏار صوبي ملڻ سببان، سندن لاءِ رياستي مراعاتن ۽ فائدن جو بہ بندوبست ٿيڻو هو جنهن جو لازمي طور، نہ رڳو بنگالي مسلمانن کي وڏو فائدو پوي ها، پر اُن جي سياسي، معاشي، ثقافتي، اقتصادي توڙي تعليمي ترقي جي حوالي سان وڏا ڏُور رس نتيجا بہ نڪرن ها، پر افسوس سان چوڻو ٿو پوي، ته هندن بنگال جي اهڙي ورهاست تي انتهائي ڪاوڙ ۽ پُرتشدد رد عمل ظاهر ڪيو[41] ۽ ترت ئي، اُنهي ورهاست کي رد ڪرائڻ لاءِ هڪ انتهائي پُرتشدد ۽ دهشتگرد "سودیشي تحريڪ" بہ هلائي ڇڏيائون.[42] ائين وڏي سطح تي، انگريزن توڙي مسلمانن ٻنهي لاءِ ڏٻاءُ ۽ گڙبڙواري صورتحال پيدا ڪئي وئي. جيتوٽيڪ اُن حوالي سان، مسلمانن خاص طور بنگالي مسلم ليڊرشپ جو ته واضع موقف هو ته بنگال جي ورهاڱي کي ڪنهن بہ طرح سان رد نہ ڪيو وڃي،[43] [البت اُها ٻي ڳالهہ آهي ته هندو ڏَبڙڏُنونسَ ۽ دهشتگردي ذريعي انگريزن مٿان ڏٻاءُ وجهي، نيٽ 1912ع ۾ بنگال جي انهي ورهاست کي رد ڪرائڻ ۾ ڪامياب ويا] پر اُن سڄي معاملي ۾ اسان کي جناح جو ڪو بہ اهڙو موقف يا رد عمل ڏسڻ ۾ نہ ٿو اچي، جنهن مان اُهو اندازو ڪري سگهجي، ته جناح بنگال جي اُنهي ورهاست واري معاملي کي ڪئين ڏٺو ٿي؟ بهرحال، اُنهي سڄي معاملي تي جناح خاموش ئي رهيو. اُن حوالي سان، هُن نہ ڪو پنهنجي حمايت ظاهر ٿي ڪئي، ۽ نہ ڪو وري مخالفت. سوال آهي ته بنگال جو ورهاڱو جيڪو وڏي حد تائين بنگالي مسلمانن جي فائدي وٽان هو. اُن تي جناح جهڙو ماڻهو چو خاموش رهيو؟ منهنجي خيال ۾ اُن جا هيٺيان بہ وڏا سبب ٿي پئي سگهيا.

(الف) بنگال جي ورهاڱي وقت، جناح ايڏا سياست جي دنيا ۾ داخل ئي نہ ٿيو هو. (جناح بنگال جي ورهاڱي جي هڪ سال بعد ئي 1906ع ڌاري ڪانگريس ۾ شموليت اختيار ڪئي هئي) هُو ايڏا سياسي ذهن ئي نہ ٻڌيو هو. صرف وڪيل ئي هو ۽ وولپرٽ چواڻي، "وڪالت جي دنيا ئي هن جي ڪُل ڪائنات هئي."[44] اُهو ئي سبب هو جو جناح بنگال جي ورهاست

واري معاملي تي پنهنجي حمايت يا مخالفت واري ڳالهه کي ظاهر ڪري نه ٿي سگهيو.

(ب) تن ڏينهن، ڪانگريس ۾ اُن جي ليڊرشپ پنهنجي اقليت_دشمن سوچ کي ايڏا چڱي طرح ظاهر نه ڪيو هو جنهن سببان جناح اُن جي اصلي ڪردار ۽ مقصد کان واقف نه هو. (جڏهن واقف ٿيو ته ڪانگريس کان بنهه ڌار ٿي ويو) جيتوڻيڪ هُن جي، بال گنگاڌر تلڪ ۽ لالالجپت راءِ جهڙن انتهاپسند هندو دوستن، بنگال جي ورهاڱي خلاف "سُوديشي" جهڙي پُرتشدد تحريڪ هلائي، مسلمانن خلاف اڻ_سهائيندڙ سوچ ۽ نفرت کي ظاهر ڪري ڇڏيو هو پر جئين ته، اُهو سڄو دور جناح جي عملي زندگي جو هڪ شروعاتي دور هو ۽ جناح به فرقيواريت خلاف سيڪيولرازم واري هٿيار کي سڀ_طرفي ترجيح ٿي ڏني. اُنهي ڪري، مان پانيان ٿو ته، جناح، بنگال جي ورهاست واري اُنهي معاملي تي، پنهنجي ڪنهن به موقف ۽ ردعمل ظاهر نه ڪرڻ کي ترجيح ڏني هوندي.

اصل ۾، بنگال جي ورهاڱي خلاف هندن جي هلايل پرتشدد "سُوديشي" تحريڪ ۽ اُن جون دهشتگرد ڪارروايو هيون، جن جي ذريعي نه رڳو انگريزن مٿان دٻاءُ وڌو ويو پر جئين ته، مسلمان ان ورهاڱي جي حق ۾ هئا. ان ڪري، اُنهن کي به، هرطرح سان حراسان ڪري، کين عدم تحفظ واري خوف ۽ احساس ۾ مبتلا ڪيو ويو ۽ انهي خُوفَ ۽ ڊَپَ واري احساس ئي، دراصل، مسلمانن ۾ اُها سوچ پيدا ڪئي، ته مسلمانن واسطي هڪ منظم سياسي جماعت جو بنياد وجهي، مسلم حقن ۽ مفادن جو سڀ_طرفو بچاءَ ۽ دفاع ڪيو وڃي. اهڙي ئي سوچ تحت، ڍاڪاجي نواب سليم الله ۽ آغان خان جي اڳواڻي ۾ بنگالي مسلم اڳواڻن جو هڪ وفد پهرين آڪٽوبر 1906ع ڌاري وائسراءِ لارڊ منٽو(1845_1914ع) سان ملاقات ڪئي، ۽ ڪيس هڪ ياداشتنامو ڏنو.[45] "جنهن ۾ نه صرف، مسلمانن لاءِ ڌار چونڊن وارو نظام لاڳو ڪرڻ، مسلمانن کي آبادي کان وڌيڪ نمائندگي ڏيڻ، تعليمي ترقي، رياستي نوڪرين ۽ملازمتن توڙي روزگار جي ذريعن ۾ برابريءَ جي بنياد تي حصيداري ڏيڻ ۽ مسلم مفادن لاءِ سياسي جماعت جوڙڻ جون ڳالهيون رکيون ويون، ۽ انگريز سرڪار کي مسلمانن جي وفاداري جي به خاطري ڪرائي وئي، جنهن تي لارڊ منٽو وفد کي پنهنجي همدردي جو يقين ڏياريو ۽ خاطري ڪرائي، ته جلد انگريز سرڪار هندستان لاءِ هڪ نئين

آئيني پيڪيج جو بندوبست ڪري. مسلمانن جي تحفظات جو سدباب ڪندي "[46] جيتوڻيڪ وفد جي ڪجھ اڳواڻن جو خيال ھو تہ يادشت_نامي ۾ بنگال جي ورھاڱي کي رد نہ ڪرڻ جو پڻ مطالبو شامل ڪيو ويڃي. پر جئين تہ اُن تي اختلاف ھو. اُن ڪري. انھي ياداشت _نامي ۾ بنگال جي ورھاڱي واري معاملي کي نہ رکيو ويو. البت. اُھا رڪارڊ ۾ ٻي ڳالھ آھي. تہ جڏھن مسلم ليگ نھي تہ اُن جي پھرين اجلاس ۾ ئي بنگال جي ورھاڱي جي حمايت ۾ قرارداد پاس ڪرائي وئي. ياد رھي تہ آل انڊيا مسلم ليگ جو پھريون تنظيمي اجلاس 29 ڊسمبر 1907ع ڈاڪري سنڈ جي شھر ڪراچيءَ ۾ ٿيو ۽ ھن ڏينھن تائين ھلندو رھيو.[47]

بھرحال. وفد کي وائسراءِ لارڊ منٽو پاران مليل اھا خاطري. تہ "مسلمانن کي اُن ڳالھ جي ضمانت ڏني وڃي ٿي. ۽ جيستائين مُنھنجي ڳالھ آھي. تہ سمورن انتظامي ادارن جي ذريعي ھڪ فرقي ۽ ڏر جي حيثيت سان انھن جي حقن ۽ مفادن جو ھرطرح سان بچاءُ ڪيو ويندو"[48] شملا وفد ۾ شامل مسلم اڳواڻن کي ھيٺي سرھائي ۽ خوشي بخشي چڏي. ۽ اُھي واپس ايندي ئي مسلمانن واسطي ھڪ جديد بنيادن تي منظم سياسي جماعت ناھڻ واري ڪم ۾ جنبي ويا. ائين. نيٺ 30 ڊسمبر 1906ع تي بنگالي مسلمانن ڊاڪا ۾ آل انڊيا مسلم ايجوڪيشنل ڪانفرنس جو ھڪ وڏو ميڙاڪو ڪوٺايو[49] جنھن ۾ نہ رڳو ننڍي کنڊ جي لڳ ڀڳ مڙني وڏن مسلم سياستدانن شرڪت ڪئي. پر وڏيون وڏيون تقريرون ٻہ ڪيون ٿي ويون. "مسلمانن ھندستان جي ڪُل آبادي جو پنجون حصو آھن. جيڪڏھن. ھتان انگريز ھليا ويا تہ ھندستان جي واڳ ان فرقي جي ھٿن ۾ اچي ويندي. جيڪو اسان کان ڇُوٽڪي آبادي رکندڙ آھي. ان ڪري. سائين منھنجا! اوھان مڙني کي اُھو سوچڻ گھرجي. تہ جيڪڏھن ھندستان ۾ سچ پچ اھڙي صورتحال پيدا ٿي وئي. تہ اوھان جو ڇا حال ٿيندو؟ دراصل. اُنھي صورتحال ۾ اسان جي زندگي. مال ملڪيت. عزت. وقار ۽ ايمان وغيره خطري ھيٺ اچي ويندو. ھاڻ ٻہ. جڏھن انگريز پنھنجي ھندستاني راج جي حفاظت پاڻ ڪري رھيا آھن. تہ تڏھن ٻہ. اسان مسلمانن کي. پنھنجي حقن ۽ مفادن جي بچاءُ جي لحاظ کان. پنھنجي ھندو وڏن پائرن جي طرف کان وڏين ڏکيائين جو مُنھن ڏسڻو ٿو پوي. اُن وقت وڏي مصيبت اسان مٿان اچي ڪڙڪندي. جڏھن اسان پنھنجي پاڙيسري پائرن جي مظلوم رعيت بڻجي

ويندا سون. ان ڪري، پاڙيسرين جي دلين ۾ پلجندڙ اهڙين خواهشن کي حقيقت بنجڻ کان روڪڻ لاءِ مسلمانن وٽ، اُن کان وڌيڪ بهتر ۽ مناسب ٻيو ڪو به رستو ناهي، ته اُهي عظيم برطانيا جي جهنڊي هيٺ گڏ ٿي وڃن، ۽ اُن جي حفاظت واسطي پنهنجي جان ۽ مان جي به قرباني ڏيو ڇڏين."[50]

حيدرآباد جي مسلم اڳواڻ نواب وقار الملڪ تقرير ڪندي، پنهنجي خدشن جو اظهار ڪيو.

بهرحال، اڳواڻن جي تقريرن ڪانپوءِ ڏاڪا جي نواب سليم الله مڙني اڳواڻن جي حمايت سان هڪ نئين پارٽي ٺاهڻ جي حوالي سان هڪ قرارداد پاس ڪرائي.[51] جنهن ڪانپوءِ عملي طور آل انڊيا مسلم ليگ جو بنياد پئجي ويو ۽ اُن جا ٽي وڏا مقصد ٻڌايا ويا. (الف) مسلم ليگ ٺاهڻ جو مقصد هندستان جي مسلمانن جي برطانيا سان وفاداري واري سوچ ۽ جذبي کي وڌائڻ ۽ برطانوي حڪومت جي ڪنهن به ڪنيل قدم سببان پيدا ٿيل غلط فهمي کي ختم ڪرڻ آهي. (ب) هن پارٽي جو مقصد مسلمانن جي حقن ۽ مفادن جو تحفظ ڪرڻ، اُنهن کي اڳتي وڌائڻ ۽ انگريز سرڪار آڏو موثر انداز سان پيش ڪرڻ هوندو. (ت) هندستان جي ٻين ڏرين خلاف مسلمانن ۾ پيدا ٿيل وروڌي جذبن جي اهڙي طرح سدباب ڪرڻ، ته جئين مسلم ليگ جي بنيادي مقصد کي ڪو نقصان پهچي نه سگهي.[52]

بهرحال، ائين ئي، مسلم ليگ وجود ۾ اچي وئي، جنهن لاءِ ائين چئي سگهجي ٿو ته اُها بنگال جي معاملي تي، هندن جي مسلمانن خلاف پکڙيل نفرت، دهشت ۽ دباءُ خلاف مسلمانن جو هڪ خود_حفاظتي اپاءُ ئي هو.

جناح جو سوانح نگار استينلي وولپرٽ مسلم ليگ تي تبصرو ڪندي لکي ٿو:

> "مسلم ليگ، جيڪا هندستاني مسلمانن سياسي حقن ۽ مفادن جي بچاءُ ۽ توڙي حڪومت تائين سندن ضرورتن ۽ خواهشن جي باعزت "نمائندگي" جي لاءِ وجود ۾ آندي وئي هئي، اُن هندستاني مسلمانن جي سيني کان وڏي پارٽي هجڻ واري حيثيت کي برقرار رکيو ۽ چئن ڏهاڪن جي اندر پاڪستان جي علمبردار واري حيثيت سان اپري آئي."[53]

مسلم ليگ جي بنياد وجهڻ ڪانپوءِ باضابطه طور سر آغا خان کي اُن جو پهريون صدر بڻايو ويو. جڏهن ته، نواب وقار الملڪ ۽ نواب محسن الملڪ کي سيڪريٽري طور چونڊيو ويو.[54] جن ترت ئي مسلم ليگ کي آل انڊيا

سطح تي سرگرم ڪرڻ ۽ ان لاءِ مسلمانن جون همدرديون حاصل ڪرڻ لاءِ ڪوششون ۽ تحرڪ ونڊ شروع ڪري ڏنو.[55]

جيتوڻيڪ، اُها حقيقت آهي تہ مسلم ليگ هڪ انگريز وفادار جماعت طور ناهي وئي هئي، پر بهرحال، انگريزن جڏهن هندن جي دهشتگرد سوديشي تحريڪ جي دٻاءُ هيٺ اچي، 1912ع ڌاري بنگال جي ورهاست واري فيصلي کي رد ڪري ڇڏيو تہ مسلم ليگ بہ، پنهنجي وفاداري واري رويي کي تبديل ڪري، نہ رڳو انگريزن جي مخالف بڻجي وئي، پر پنهنجي ابتڙ تبديل ٿيندي، ڪانگريس جي بہ ويجهو اچي ٿي وئي، جو اُن 1912ع واري سال ۾ ئي پنهنجي بنيادي تنظيمي آئين ۽ اصولن ۾ اهڙيون اڪيچار تبديليون آڻي ڇڏيون،[56] جن جو مقصد ڪانگريس جي آزادي واري جدوجهد ۾ هندستان جي قومي قيادت جي سپورٽ ڪرڻ هو. مسلم ليگ ۾ آيل اهڙي مثبت تبديلي کي ڏسندي، بعد ۾ جناح اُنهن مان پرپور فائدو ورتو تان جو هُن جي اٿاهہ محنت، ڪوشش ۽ سرگرمي سان آل انڊيا ڪانگريس ۽ آل انڊيا مسلم ليگ ۾ هندستان جي آزادي واسطي هڪ آئيني ڊرافٽ بہ طئي ڪيو ويو.[57] جيڪو بعد م لکنوءَ واري معاهدي جي نالي سان پڻ مشهور ٿيو.

حوالا ۽ سمجهاڻيون

1. Stanley Wolpert, Jinnah of Pakistan, Oxford University Press, Karachi,2008, p,11

2. هيڪٽر بوليٿو حيات قائداعظم ، مترجم: زهير صديقي، جمهوري پبليڪيشنز لاهور 2012ع، صفحہ 27، اصل ۾ جناح کي اڙدو توڙي هندستان جي ٻي ڪنهن بہ ٻوليءَ تي ڪو عبور حاصل نہ هو. هُن جي عُبور واري ۽ پسنديده ٻولي صرف ۽ صرف انگريزي هئي، ۽ اُهو ئي سبب هو جو هُن پنهنجي مادري سنڌيءَ ٻوليءَ تي بہ انگريزيءَ کي ئي ترجيح ڏيو ڇڏي هئي. جناح کي اڙدوءَ سان ڪا دلچسپي نہ هئي. اُها ڳالهہ تہ سمجهہ ۾ اچي ٿي. ڇاڪاڻ تہ جناح هندستان جي ڪنهن يوپي، سي

پي بهاريا بمبئي ۾ چاول مسلمان نہ هئو جو هو اڙدوءَ کي ترجيح ڏئي ها. پر جناح تہ سنڌ ۾ پيدا ٿيندڙ هڪ سنڌي هو. سوال آهي تہ جناح پنهنجي مادري ٻوليءَ سنڌيءَ ڏانهن ايڏي لاپرواهي جو چو مظاهرو ڪيو جو هن پنهنجي سڄي زندگيءَ ۾ ڪڏهن بہ سنڌي ٻوليءَ ڳالهائڻ کي ترجيح نہ ڏني؟ منهنجي خيال ۾ اُن جو بين گهڻن سببن سان گڏ هڪ اهم سبب اُهو بہ هو جو جناح واري زماني ۾ دنيا اندر خاص طور ٽين دنيا جي ملڪن ۾ ايجا قوميتي احساس، قومي جذبو، قومپرستي ۽ پنهنجي قومي تشخص سان جذباتي لڳاءِ توڙي پنهنجي قومي وجود کي بچائڻ، وڌائڻ ۽ اُن کي سڀ_طرفي نموني اُپاري، منظم ڪرو وارو فلسفو ۽ نظريو ايجا پروان ئي نہ چڙهيو هو. اُهو سڀ ڪجهہ جناح صاحب جي لاڏاڻي خاص طور 1950ع ۾ ٽين دنيا جي ملڪن ۾ آيل قومي انقلابن کانپوءِ ئي ٿيو هو. اُن جناح واري زماني ۾ ماڻهو پنهنجي قومي وجود، بقاءَ ۽ تشخص جي حوالي سان ايجا ايڏا حساس هئا ئي نہ. اُهو عالمي سياسي ۽ قومي شعور دراصل، جناح کانپوءِ واري زماني ۾ ئي ايريو آهي. اُهو ئي سبب آهي جو اُن زماني ۾ جناح بہ اُن قوميتي احساس توڙي جذبي کان ڪنهن حد تائين خالي ۽ آجو هو جنهن سببان هڪ تہ هُن پنهنجي مادري سنڌيءَ ٻوليءَ ڏانهن قومي حساب سان ڪو مثبت ۽ ڏمیوار رويو نہ ٿي رکيو ۽ ٻيو تہ اُنهي قوميتي احساس جي فُقدانَ جي نتيجي ۾ پاڪستان ٺهڻ کانپوءِ جناح جهڙي اعليٰ پايي جي اڳواڻ کان قومي مسئلي جي حوالي سان اڪيچار گهٽ _وڌايون پڻ ٿيون. جنهن سببان پاڪستان اندر سنڌس سياسي ڪردار کي تمام گهڻو تڪراري بہ سمجهيو ويندو آهي. پر اُنهي سڄي صورتحال ۾ جتي جناح جو جزوي طور ڏوهہ ڏسڻ ۾ اچي ٿو اُتي اُن وقت جي عالمي معروضي حالتن (جيڪي دراصل قوميتي جذبي جي اُپار واريون نہ هيون) کي نہ سمجهڻ، ۽ اُن پٽاندر جناح جي سياسي ڪردار سان انصاف نہ ڪرڻ بہ هڪ وڏو ڏوهہ ئي ٿيندو. چاڪاڻ تہ حالتون(تاريخ) ئي فرد کي ناهيندیون آهن، ۽ مُوڙ ۾ وري فرد ئي حالتن (تاريخ) کي ناهيندو آهي.

3. ساڳيو صحفہ 27
4. Stanley Wolpert, Jinnah of Pakistan, Oxford University Press, Karachi,2008, p,11
5. تفصيل لاءِ هڪٽر بوليٿو جي ڪتاب حيات قائداعظم ، مترجم: زهير صديقي، جمهوري پبليڪيشنز لاهور کي پڙهي سگهجي ٿو
6. هيڪٽر بوليٿو حيات قائداعظم ، مترجم: زهير صديقي، جمهوري پبليڪيشنز لاهور 2012ع، صحفہ 27
7. ساڳيو صحفہ 27
8. Stanley Wolpert, Jinnah of Pakistan, Oxford University Press, Karachi,2008, p,11
9. هيڪٽر بوليٿو حيات قائداعظم مترجم: زهير صديقي، جمهوري پبليڪيشنز لاهور 2012ع، صحفہ 29

10. Stanley Wolpert, Jinnah of Pakistan, Oxford University Press, Karachi, 2008, p,16
11. هيڪٽر بوليٿو حيات قائداعظم مترجم: زهير صديقي، جمهوري پبليڪيشنز لاهور، 2012ع، صحفہ29
12. Stanley Wolpert, Jinnah of Pakistan, Oxford University Press, Karachi, 2008, p,16
13. هيڪٽر بوليٿو حيات قائداعظم مترجم: زهير صديقي، جمهوري پبليڪيشنز لاهور، 2012ع، صحفہ29
14. ساڳيو صحفہ29
15. هيڪٽر بوليٿو حيات قائداعظم مترجم: زهير صديقي، جمهوري پبليڪيشنز لاهور، 2012ع، صحفہ 29
16. Stanley Wolpert, Jinnah of Pakistan, Oxford University Press, Karachi, 2008, p,16
17. Ibid, p, 16
18. هيڪٽر بوليٿو حيات قائداعظم مترجم: زهير صديقي، جمهوري پبليڪيشنز لاهور، 2012ع، صحفہ30
19. G. Allana, Jinnah_The Story of A Nation, Ferozsons, Limeted, Lahore,1996, p, 27
20. Stanley Wolpert, Jinnah of Pakistan, Oxford University Press, Karachi, 2008, p,17
21. راج موهن گانڌي، مسلم افڪار ، مترجم: محمد فاروق قريشي، فڪشن هائوس، لاهور 1996ع، صحفہ 194
22. ساڳيو صحفہ 195
23. هيڪٽر بوليٿو حيات قائداعظم مترجم: زهير صديقي، جمهوري پبليڪيشنز لاهور، 2012ع، صحفہ34
24. ساڳيو صحفہ33
25. ساڳيو صحفہ33
26. ساڳيو صحفہ32
27. ساڳيو صحفہ35
28. ساڳيو صحفہ35
29. Stanley Wolpert, Jinnah of Pakistan, Oxford University Press, Karachi, 2008, p,19
30. H.M.Seervai, Partition of India_Legend and Reality, Oxford University Press, Karachi, p, 01
31. هيڪٽر بوليٿو حيات قائداعظم مترجم: زهير صديقي، جمهوري پبليڪيشنز لاهور، 2012ع، صحفہ34
32. ساڳيو صحفہ3

34. ساڳيو صفحو،35_36
35. Stanley Wolpert, Jinnah of Pakistan, Oxford University Press, Karachi, 2008, p,18
36. ڈاڪٽر اجيت جاويد، وطن پرست اور سيڪيولر جناح، مترجم: محمد عمر برني، سانجھ پبليڪيشن، لاهور، 2008ع، صفحو، 33
37. ساڳيو صفحو،3
38. Stanley Wolpert, Jinnah of Pakistan, Oxford University Press, Karachi, 2008, p,18
39. ايان علي، پاڪستان جوبنياد_ہ قومي نظريو يا صوبائي خودمختياري، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، 2014ع، صفحو179
40. ساڳيو صفحو،179
41. چوڌري، بنگالي مسلمانون کا تحريک پاڪستان مين بمايان ترين ڪردار پاڪستان ڪي سياسي تاريخ،جلد_9، اداره مطالعه تاريخ، لاهور، 1996ع، صفحو، 68
42. ساڳيو صفحو،68
43. Stanley Wolpert, Jinnah of Pakistan, Oxford University Press, Karachi, p,19
44. Syed Razi Wasti, Lord Minto and the Indian Nationalist Movement, 1906_1910, People's Publishing House, Lahore,1976,p,69
45. ايان علي، پاڪستان جوبنياد_ہ قومي نظريو يا صوبائي خودمختياري، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، 2014ع،صفحو72
46. ساڳيو صفحو،73
47. 24Stanley Wolpert, Jinnah of Pakistan, Oxford University Press, Karachi, p,24
48. Syed Razi Wasti, Lord Minto and the Indian Nationalist Movement, 1906_1910, 78People's Publishing House, Lahore,1976,p,78
49. 25_24Stanley Wolpert, Jinnah of Pakistan, Oxford University Press, Karachi, p,
50. Ibid,p, 25.
51. Syed Razi Wasti, Lord Minto and the Indian Nationalist Movement, 1906_1910, 79People's Publishing House, Lahore,1976,p,79
52. Stanley Wolpert, Jinnah of Pakistan, Oxford University Press, Karachi, p25,
53. ايان علي، پاڪستان جوبنياد_ہ قومي نظريو يا صوبائي خودمختياري، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، 2014ع،صفحو73
54. مسلم ليگ قائم ڪرڻ ڪانپور مسلم اڳواڻن اُن کي منظم ڪرڻ لاءِ جيڪا پيچ ڏڪ ڪئي، اُن بابت پاڪستان جو هڪ مشهور اسڪالر طارق اسماعيل ساگر لکي ٿو ته "مُسلم ليگ ٺهڻ ڪانپور ۾ ترت سڄي هندستان جي مسلمانن گڏجي پنهنجي حقن ۽ مفادن لاءِ گڏجي آواز اٺاريو. اُن وقت تائين مسلمانن اهو ڄاڻي ورتو هو ته هندو ۽ مسلمانن ۾ ڏار ڏار حقيقتون آهن، ۽ اُهي گڏجي رهي نٿيون سگهن. سبب اُهو هو جو هندن جي اُها خواهش هئي ته جئين ئي انگريز هندستان مان نڪري ويندا ته هندستان ۾ هندوراج قائم ڪيو ويندو ۽ هندستان جو نالو متائي، اُن جو پُراڻو

نالو "پارت" بحال ڪيو ويندو. هندن جي اهڙي سوچ، روئي ۾ مفادن مسلمانن تي اُها ڳالهه ثابت ڪري ڇڏي ته هندو نه صرف مسلمانن کان نفرت ڪن ٿا، پر اُهي انهن جي وجود کي به برداشت ڪرڻ لاءِ تيار ناهن."(وڌيڪ تفصيل لاءِ پڙهو طارق اسماعيل ساگر جو اڙدو ڪتاب، پاڪ_پارت تعلقات: تاريخ اور تجزيا، طاهر سنز اڙدو بازار لاهور 2006ع)

55. هيڪٽر بوليٿو حيات قائداعظم، مترجم: ڀير صديقي، جمهوري پبليڪيشنز لاهور 2012ع، صحفہ 68

56. ساڳيو صحفو68

57. ساڳيو صحفو68

باب ٽيون

جناح جي ڪانگريس ۾ شموليت ۽ لکنو معاهدو!

(1906_1916ع)

جيتوٽيڪ اُن سڄي عرصي دوران، يعني بنگال جي ورهاڱي ٽيڙ ۽ اُن کي رد ڪرائڻ لاءِ هندن جي هلايل پُرتشدد "سُوديشي" تحريڪ جي منطقي نتيجي ۾ مسلمانن ۾ پيدا ٿيندڙ سياسي سجاڳي، ۽اُن سببان مسلم ليگ جي ٺهڻ وارا لقاءَ جناح جي آڏو ئي ٿيا هئا، پر جناح اُنهن سمورن معاملن کان بي نياز ٿيو بطور هڪ سياسي اڳواڻ جي، آل انڊيا ڪانگريس ۾ ئي شامل ٽيڙ کي ترجيح ڏني، ۽ 1906ع ڌاري عملي طور اُن ۾ شموليت ۽ اختيار ڪري ورتي.[1]

جيتوٽيڪ انڊين نيشنل ڪانگريس ظاهري طرح تہ هڪ انگريز ڪاموري ايلين آڪٽيوين هيوم جي مهرباني سان، 1885ع ۾ قائم ٿي هئي، پر اصل ۾ ڏنو وڃي، تہ اُها 1851ع ۾ پهريون پيرو بنگالي هندن پاران قائم ٿيندڙ برٽش انڊين ايسوسيئشن، ۽ ٻيو پيرو وري 1876ع ۾ قائم ٿيندڙ انڊين ايسوسيئشن جو ئي هڪ سڌريل روپ هئي. اُنهن ٻنهي سماجي تنظيمن جو گڏيل اڳواڻ ٻيو ڪير نہ، پر هڪ بنگالي هندو اڳواڻ سريندر ناٿ بينرجي هو[2] جنهن هندن جي وچولي طبقي جي نمائندگي ٿي ڪئي، ۽ جنهن ٻين بنگالي انتهاپسند هندو اديبن ۽ شاعرن سان گڏجي اٽويهين صدي ۾ نام نهاد هندو قومپرستيءَ واري اُها تحريڪ هلايو چڏي هئي،[3] جنهن جو بنيادي نُقطو ۽ مقصد اُهو هو تہ "مسلمان ۽ انگريزن ٻئي حملاآور قومون آهن. اُن ڪري، ٻنهي کان جئين تئين ڪري جان ڇڏائي وڃي."[4] جڏهن تہ اُها ٻ

رڪارڊ جي ڳالهه آهي، ته اُنهن تنظيمن جي قائم ٿيڻ سان نه رڳو منظم طريقي سان هندو مذهب، ثقافت ۽ ڪلچر کي نئين سربحال ڪرڻ جون ڪوششون ڪيو ويون، پر اُنهي ساڳئي دور ۾ بينڪم چندرا چٽرجي (1838_1898ع) جهڙن هندو انتهاپسند اديبن ۽ شاعرن اهڙو ادب، شاعري ۽ ناول وغيرن لکڻ شروع ڪيا، جن ۾ مسلمانن کي ظالم ۽ هندن کي مظلوم ڏيکاريو ويو[5] جنهن سببان نه رڳو ننڍي ڪنڊ ۾ موجود هندو_مسلم تضاد ۾ شدت ايندي ٿي وئي، پر اُنهي فرقيواراڻن حرڪتن جي نتيجي ۾ اڪيچار فرقيواراڻا وڪوڙ پڻ ٿيا، جن ۾ سوين ڏوهي توڙي بي ڏوهي ماڻهو موت جو شڪار بڻيا.[6]

دراصل، آل انڊيا ڪانگريس، اُنهي هندو مذهبي سوچ ۽ تعصب جي هڪ منظم اداري طور وجود ورتو جنهن ۾ رڪارڊ جي ڳالهه آهي ته مسلمانن جي ڪا جوڳي نمائندگي نه هئي، ۽ اُهو ئي سبب هو جو سرسيد احمد خان جهڙن مسلم اڳواڻن شروع ۾ ئي نه رڳو ڪانگريس جي سخت مخالفت ٿي ڪئي، پر بنيادي طور تي، مسلمانن لاءِ هڪ ڌار تنظيم جوڙڻ تي پڻ سڀ_طرفو زور به ٿي ڏنائون.[7] سوال آهي ته جناح جهڙي مسلم اڳواڻ ڪانگريس ۾ شامل ٿيڻ کي ڇو ترجيح ڏني؟

مان پانيان ٿو ته، اُن جو سبب اُهو ئي هو جو ويهين صدي جي شروعات ۾ آل انڊيا ڪانگريس ۾ دادابائي نوروجي، فيروز شاهه مهتا ۽ گوپال ڪرشنا گوکلي جهڙن غيرمتعصب ۽ غيرفرقيواراڻي سوچ رکندڙ اعتدال پسند ۽ لبرل اڳواڻن جي اُپري اچڻ، ۽ اُنهن جو ڪانگريس تي اثر رسوخ وڌي وڃڻ سببان، هندو انتهاپسند متعصب ذرين جي پوئتي ڌڪجي وڃڻ جي نتيجي ۾ مجموعي طور ڪانگريس لبرل ۽ سيڪيولر اڳواڻن جي هڪ اعتدال پسند سيڪيولر جماعت طور اُپري آئي هئي، ۽ اُهو ئي دراصل، ڪانگريس جي بطور سيڪيولر جماعت جي اُپار وارو دور هو جنهن کان جناح متاثر ٿي، اُن ۾ شامل ٿيڻ تي مجبور ٿيو هوندو.

ٻيو ته، جناح پنهنجي سوچ، مزاج توڙي سرشت ۾ هيو ئي هڪ غير فرقيواراڻو ماڻهو، هُن جو بنيادي مقصد ئي فرقيواريت جي پاڙ پٽي، هندو ۽ مسلمانن کي منظم ڪري، هندستان جي آزادي واري تحريڪ کي منطقي انجام تي پهچائڻ وارو هو جنهن لاءِ وري جناح کي آل انڊيا ڪانگريس کان وڌيڪ ٻي ڪا به جماعت مناسب ۽ اثرائتي نه سُجهي. اُهو ئي سبب

هو جو هُو 1906ع ڌاري باضابط طور آل انڊيا ڪانگريس ۾ شامل ٿي ويو. جيتوٽيڪ اُها بہ حقيقت آهي، تہ جناح جي ڪانگريس ۾ شامل ٿيڻ واري سال کان ٽيڪ پي سال وري بال گنگا ڌر تلڪ ۽ لالجپت ۽ سي آر داس جهڙين هندو انتهاپ٘سند اڳواڻن ڪانگريس تي قبضو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، جنهن سببان ڪانگريس جي اعتدال پسند ۽ انتهاپسند اڳواڻن ۾ وڏا جهيڑا ۽ جهگڑا پڻ ٿيا، خاص طور 1907ع ۾ سُورتَ ۾ ٿيندڙ اجلاس ۾ هندو انتهاپسند ۽ اعتدال پسند اڳواڻن جا هٿ هڪبئي جي ڳچين ۾ پئجي ويا هئا،[8] پر بهرحال، اُنهي هنگامي آرائي ۽ جهيڑي جي باوجود ڪانگريس ۾ لبرل ۽ اعتدال پسند اڳواڻن جو طاقت جو توازن برقرار رهيو ۽ اُهو تڏهن تبديل ٿيو جڏهن 1915ع ڌاري انگريزن موهن داس ڪرمچند گانڌي (1869_1948ع) جهڙي ٽيٺ هندو مذهبي سوچ رکندڙ اڳواڻ کي هندستان آندو جنهن اچڻ سان ئي هندو انتهاپسند قوتن سان سازباز ڪري هڪ طرف ڪانگريس ۽ اُن جي سياست تي قبضو ڪري ورتو تہ بي طرف وري جناح جهڙن وطن دوست ۽ روشن خيال اڳواڻن کي ڪانگريسي سياست مان بي دخل ڪرڻ لاءِ اڪيچار سازشون سڌڻ بہ شروع ڪري ڏنيون،[9] جنهن جي منطقي نتيجي طور نہ رڳو ڪانگريس ۾ موجود لبرل قوتون، اڳواڻ ۽ ڪارڪن ڪمزور ٿي ويا، پر مورڳو ڪانگريس کان ئي ٻاهر نڪري ٿي آيا. جناح جي 1918ع ۾ ڪانگريس مان نڪري اچڻ پڻ اهڙي ئي صورتحال جو هڪ لقاءُ هو.

ائين، ڪانگريس گانڌي جي اڳواڻي ۾، 1915ع ڪانپوءِ ڏاڪي بہ ڏاڪي هڪ لبرل تنظيم ۽ جماعت مان تبديل ٿي، هندن جي هڪ اهڙي هندو مذهبي جماعت بڻجي وئي، جنهن جا خواب لالالجپت راءِ، سي آر داس، تلڪ ۽ بين هندو انتهاپسند ڏٺا هئا. جناح، جئين تہ، 1904ع ۾ ئي گوپال ڪرشنا گوکلي ۽ فيروز شاهہ مهتا جهڙن لبرل ۽ وطن دوست ڪانگريسي اڳواڻن جي ويجهو ۽ سندن اثر هيٺ اچي چڪو هو. [ياد رهي تہ جناح هڪ مشهور ڪانگريسي لبرل اڳواڻ گوپال ڪرشنا گوکلي جي سياسي ڏاهپ، وطن دوستي ۽ اعتدال پسندي کان ايترو تہ متاثر ٿيو جو جناح بعد ۾ اُهو بيان ڏنو تہ سياست جي دنيا ۾ هُن جي محبوب ترين خواهش مسلم گوکلي بنجڻ واري آهي] اُن ڪري، هُن 1906ع ۾ باقائده ڪانگريس ۾ شموليت اختيار ڪري، هڪ لبرل ۽ وطن دوست سياستدان

واري زندگي جي به شروعات ڪري چڏي هئي.

جناح، ڪانگريس ۾ شامل ٿيڻ کانپوءِ هڪڙي ڳالهه کي تمام گهڻي زور سان کنيو ته جئين تئين ڪري، هندن ۽ مسلمانن کي [جيڪي دراصل بنگال جي ورهاست واري معاملي تي نه رڳو ورهائجي ويا هئا، پر منجهن نفرت ۽ ٻيائي ايترو ته وڌي وئي هئي، جو ٻنهي ڌرين جي هڪ ٻئي جي ويجهو اچڻ هڪ وڏو سوال بڻجي ويو هو]ويجهو آندو وڃي.اصل ۾، جناح "ان ڳالهه کي پليءَ پت سمجهيو ٿي، ته هندستان جهڙي گهڻ_قومي، گهڻ_نسلي ۽ گهڻ_مذهبي ملڪ ۾ جيستائين اقليتي ڌرين خاص طور مسلمانن کي هندن جي ويجهو آڻي، اُنهي ٻنهي قوتن جو پاڻ ۾ گهربل سياسي اتحاد نه ڪرايو ويندو تيستائين هندستان ۽ هندستان جي عوام جو انگريزي راج کان ڇوٽڪارو ممڪن نه ٿيڻ ڏندو."[10]

اهڙي سوچ سوچي، جناح ڪانگريس جي پليٽ فارم تان هندو_مسلم اتحاد جي لاءِ زبردست ڪوششون وٺڻ شروع ڪري ڏنيون، جنهن سببان، نه رڳو هندو ۽ مسلمان سياسي لحاظ کان هڪٻئي جي ويجهو آيا، پر منجهن لکنوءَ معاهدي جهڙا ناهه به ٿيا. دراصل، جناح جون اُهي ڪوششون هيون، جن جي نتيجي طور ڪيس هندو_مسلم اتحاد واري سفير جو خطاب به مليو.[11]

دراصل، اُهو ساڳيو ئي دور هو جڏهن جناح ڪانگريس ۽ مسلم ليگ جي سالياني اجلاسن ۾ شرڪت ڪرڻ لڳو هو. ائين، 12 ڊسمبر 1912ع ۾ ڪانگريس ۽ مسلم ليگ جا بانڪي پور ۾ سالياني اجلاس ٿيا، ته هُن اُنهن ۾ پرپور نموني حصو ورتو[12] ۽ خاص طور تي، مسلم ليگ جي اجلاس ۾ هندستان ۾ هڪ خودمختيار حڪومت قائم ڪرڻ واري قرارداد جي حمايت ۾ تقرير ڪرڻ جي اجازت ڏني ويس ته زبردست تقرير به ڪيائين،[13] جنهن سببان ڪيس مسلم ليگ ۾ به وڏي پذيرائي ملي. دراصل، جناح جو اُهو ئي متحرڪ ڪردار هو جو 1913ع ۾ مسلم ليگ جي ليڈرشپ پاران ڪيس باضابطه طور تي مسلم ليگ ۾ شامل ٿيڻ جي درخواست ڪئي وئي، جنهن کانپوءِ هُو مسلم ليگ ۾ شامل ته ٿيو پر سندس شرط اُهو رکيائين:

"His [Jinnah] Loyalty to the Muslim league and the Muslisms interest would in no way and at no time imply even the shadow of disloyalty to the larger National cause to which his life was dedicated."[14]

"هُن(جناح)جي مسلم ليگ ۾ مسلمانن سان وفاداريءَ جي مطلب کي ڪنهن به طرح سان، ۾ ڪهڙي به وقت، ائين نه سمجهيو وڃي ته ڪو هُو پنهنجي اُنهي وڏي قومي مقصد سان ڦري ويو آهي، جنهن لاءِ هُن پنهنجي زندگي وقف ڪري ڇڏي هئي."

بهرحال، مسلم ليگ ۾ شامل ٿيڻ کانپوءِ، جناح جي اُها دراصل شعوري ڪوشش هئي، ته ڪيئن به ڪري ڪانگريس ۽ مسلم ليگ کي ويجهو آڻڻ لاءِ ڏُرين جو هڪ گڏيل اتحاد جوڙيو وڃي، جنهن سان مجموعي طور تي به وڏا فائدا ٿيڻا هئا، هڪ ته هندو _ مسلم اتحاد ٿيڻ سان ننڍي کنڊ واري خطي ۾ اَمنُ ۽ پائيچاري واري ماحول پيدا ٿيڻ ممڪن هو ۽ ٻيو ته هندن ۽ مسلمانن جو سياسي لحاظ کان گڏيل محاذ ٺهڻ سبب انگريزن تي به دٻاءُ واري ماحول پيدا ٿيڻ آوَسَ هو جيڪو مجموعي طور تي هندستان اندر هڪ ذميوار ۽ خودمختيار حڪومت قائم ڪرڻ واري رستي کي هموار ڪرڻ ۾ مددگار ثابت ٿي ٿي سگهيو. اُهو ئي سبب هو جو جناح ڪانگريس ۽ مسلم ليگ جي گڏيل ميمبر ٿيڻ کانپوءِ گڏيل چونڊن واري نظام (Joint Electoral System) کي قبول ڪرڻ واسطي مسلمانن تي به سڀ _ طرفو زور وجهندو رهيو جنهن جو ثبوت 1913ع ڌاري جناح پاران هندن ۽ مسلمانن جو هڪ گڏيل محاذ جوڙڻ ۽ اُن لاءِ گڏيل چونڊ نظام کي قبول ڪرڻ لاءِ مسلم ليگ کي ڏنل هڪ باضابط درخواست به هئي، البت، اُها ٻي ڳالهه آهي، ته مسلم ليگ تنهن وقت گڏيل چونڊن واري نظام کي قبول ڪرڻ واري معاملي جي مخالفت ڪندي، جناح جي اُنهي درخواست کي رد ڪري ڇڏيو هو ۽ اُهو ئي سبب هو جو تن ڏينهن مسلم ليگي اڳواڻن ۾ به جناح لاءِ سخت مخالفت ڏني ٿي وئي.

بهرحال، اُهو جناح ئي هو، جنهن جي اٿاهه محنت ۽ ڪوششن جي بدولت 1915ع واري سال کان ڪانگريس ۽ مسلم ليگ جا سالياڻا اجلاس هڪ ئي شهر ۾ ٿيڻ لڳا هئا. ائين، ٻنهي جماعتن جا اجلاس هڪٻئي جي ويجهي ٿيڻ سبب "اُنهن ماڻهن ۽ سياسي اڳواڻن کي وڏي سهولت ۽ فائدو پهچي رهيو هو جيڪي دراصل، قومي ڌارا ۾ هندو_مسلم اتحاد جا حامي ۽ هڪ واحد قومپرست اتحاد ٺاهڻ جي ڪوششن ۾ مصروف هئا."[16]

"1915ع ۾، جئين ته، ڪانگريس ۽ مسلم ليگ جا جناح جي ڪوششن سان هڪٻئي جي ويجهو اجلاس ٿيا هئا. اُن ڪري، سال 1916ع

شروع ٿيڻ سان، جناح اُنهن اجلاسن ۾ ڪيل فيصلن کي عملي جامو پهرائڻ واسطي بنهه سرگرم ٿي ويو. دراصل، جناح هڪ وطن دوست ۽ دوراندیش سیاسي اڳواڻ جي حيثيت سان اُن ڳالهه کي پليءَ پت سمجهيو ٿي، ته هندستان جي وسيع تر مفادن لاءِ اُهو ضروري آهي، ته اُن ۾ رهندڙ اڪثريتي توڙي اقليتن ڏرين ۾ هڪ پائيدار اتحاد يا ناهه ڪرائي آزادي جي جدوجهد کي اڳتي وڌايو ويجي، جنهن لاءِ ضروري هو ته ڏرين جو هڪ آئيني ڊرافٽ تي اتفاق ڪرايو ويجي، (لکنوء معاهدو به دراصل، هڪ اهڙو آئيني ڊرافٽ هو) جنهن مطابق سيني کي هڪجهڙا حق ۽ برابريءَ واري حيثيت سان حڪومتي ۽ سياسي نظام ۾ پائيواري ڏني ويجي، ۽ اهڙو بندوبست ڪيو ويجي، جو ڪا ڏُر به پنهنجي حق تلفي محسوس نه ڪري. لکنوءَ معاهدو دراصل، اهڙي سوچ ۽ خواهش جو ئي عڪاس هو. اُهو دراصل جناح جي ڪوششن جو نتيجو هو. جو اپريل 1916ع ۾ ڪانگريس پنهنجي الهه آباد واري اجلاس ۾ هڪ ڪميٽي جوڙي، اُن کي اُمي اختيار ڏنا ته اُها مسلم ليگ جي اڳواڻن سان هندستان لاءِ خودمختيار حڪومت جي قيام واسطي ڳالهيون شروع ڪري "ائين آڪٽوبر 1916ع ڌاري مسلم ليگ ڪائونسل جو هڪ اجلاس ڪلڪتي ۾ ٿيو. جنهن ۾ ڪانگريس جي تجويزن ۽ مسلم ليگ جي سفارشن تي غور ويچار ڪيو ويو ۽ اُهو فيصلو ڪيو ويو ته مفاهمت ڪرائيندڙ ڪميٽي، جيڪا مسلم ليگ ۽ ڪانگريس جي اڳواڻن تي مشتمل آهي، اُها گڏيل مطالبن واري هڪ ياداشت وائسراءِ کي پيش ڪري. اُن ياداشت تي 19 هندو _ مسلم اڳواڻن صحيحون ڪيون، جن ۾ جناح صاحب به هو. اپريل 1916ع ۾ لارڊ هارڊنگ جي جاءِ تي لارڊ چيمسفورڊ هندستان جو وائسراءِ ٿي آيو. اُنهي سال بهار جي موسم ۾ جناح صاحب کي هڪ پيرو ٻيهر بمبئي ڪائونسل جي ميمبر طور چونڊيو ويو. جتي هُو اڳواڻ ئي پنهنجي صلاحيتن جو ڏاڪو جمائي چڪو."[17]

بهرحال، ائين ڪانگريس جي جوڙيل ڪميٽي مسلم ليگي اڳواڻن سان ملي هڪ نئين آئيني اسڪيم جوڙي ورتي، (جنهن کي لکنوءَ جو معاهدو چيو ويجي ٿو) جنهن کي، جناح جي مرضيءَ سان، پهرين ڪانگريس پنهنجي 29 ڊسمبر ۽ مسلم ليگ 31 ڊسمبر 1916ع واري اجلاس ۾ حتمي منظوري ڏني ڇڏي، جنهن ڪانپور ۾ ٻنهي جماعتن جا اجلاس لکنوءَ ۾ گهرائي،

گڏيل منظوري بعد اُن آئيني معاهدي کي برطانوي سرڪاري آڏو پيش ڪرڻ جون تياريون ڪيون ويون."[17]

اسٽينلي وولپرٽ لکي ٿو:

"The Congress_League plan, called the Luckhow Pact, provided a blueprint for independent India's constitution. Jinnah had, moreover, worked out every step for translating his scheme into legislative reality."[18]

"لائين ڪانگريس_ليگ جي منصوبي، جنهن کي لکنؤ وارو معاهدو چيو ويڃي ٿو هندستان لاءِ نئين آئين جو هڪ بنياد فراهم ڪيو. اُها به حقيقت آهي، ته جناح پنهنجي اُنهي منصوبي کي آئيني حقيقت ۾ تبديل ڪرڻ واسطي ويڪ ويڪ تي ڇڪي طرح سان غور ۽ فڪر ڪيو هو."

"لکنؤ معاهدو دراصل، هڪ سياسي ۽ آئيني ڊرافٽ هو جنهن ۾ هندستان جي آزاد حڪومتي نظام جي قيام سان گڏ، اُن ۾ اقليتن جي سياسي حيثيت ۽ وزن (Weightage) جو متوازن انداز ۾ تعين ڪيو ويو هو جنهن تي پهريون پيرو ڪانگريس ۽ مسلم ليگ ٻنهي ڌرين راضپو ڏيکاريو هو ۽ اُهو سڄو ڪريڊٽ، دراصل ٻيو ڪنهن ڏي نه، پر جناح ڏانهن ئي ويو ٿي، جو هن جي ئي ذاتي ۽ سياسي ڪوششن جي مُهابي ڪانگريس ۽ مسلم جي وچ۾ لکنؤ جهڙو اهم معاهدو ٿيو. اُهو ئي سبب هو جناح کي هندو_ مسلم اتحاد جي سفير جو به خطاب ڏنو ٿي ويو."[19]

لکنؤ معاهدي ۾ جناح جي جيڪا محنت ۽ ڪردار هو. اُن جي باري ۾ ڪي ايم منشي هيئن لکي ٿو:

"In a sense Jinnah dominated the congress and the league at that time. He had played the key role in prepaying a draft of the congress of this constitution. Under it, the Muslim led by the league promised to work with the Hindus to achieve freedom in return for the congress conceding to the Muslims separate electorates with weight age far in excess of their numerical strength."[20]

"جناح، اُن وقت ڪانگريس ۽ مسلم ليگ تي ڇانيل هو. هُن ماڻهو ئي هندستان جي آئيني مسودي ٺاهڻ ۾ وڏو اهم ۽ بنيادي ڪردار ادا ڪيو ۽ پو. وري اُن کي ڪانگريس ۽ مسلم ليگ کان منظور به ڪرايو. لکنؤ معاهد دراصل، اُنهي آئين جو بنيادي حصو هو جنهن مطابق مسلمانن، هندستان جي آزادي لاءِ هندن سان گڏجي جدوجهد ڪرڻ جو واعدو ڪيو جنهن جي بدلي

۾ ڪانگريس مسلمانن کي نہ رڳو ڌار چونڊن وارو حق ڏئي ڇڏيو پر کين پنهنجي تعداد کان بہ وڌيڪ نمائندگي ڏيو ڇڏي"

بهرحال، اُهو پهريون پيرو هو جو هندن ۾ مسلمانن گڏجي سياسي مطالبن تي هڪ آواز ٿيندي، لکنوءَ معاهدي جي صورت ۾ ناهه ڪري ورتو هو البت، اُها هي ڳالهه آهي تہ اُنهي معاهدي ٿيڻ تي هندو انتها پسند قوتون ڪنهن بہ طرح سان راضي نہ هيون، جنهن جو بعد ۾ نهرو رپورٽ ذريعي ثبوت بہ ڏنو ويو.

1916ع ۾ لکنوءَ معاهدي جو ڪريڊٽ جناح ڏي ويڙ سببان، جتي جناح جي وقار ۾ سندس سياسي زندگي ۾ وڏو اُپار آيو جنهن دراصل، جناح کي پروان چاڙهي ڇڏيو هو اُتي هُن جي ذاتي زندگي ۾ بہ هڪ وڏو موڙ آيو جو جناح کي ساڳي سال ئي هڪ پارسي خاندان جي سُورنهن سالن جي خوبصورت ۾ مَنُ مُوهيندڙ ڇوڪري رتيءَ ٻائيءَ (1900_1929ع) سان محبت ٿي وئي،[21] جنهن جي مُحَبتَ سندس ٿيٺ سياسي زندگي ۾ خوشي ۾ سُرهائي جو هڪ نئون جهان کڻي آئي هئي. ياد رهي، تہ تن ڏينهن، جناح چاليهن سالن جو ٿي ويو هو. جڏهن تہ رتي ارڙهن سالن جي ٿيڻ واري هئي. اصل ۾ جناح جا هندستان جي نومي اڳواڻ طور اُپري اچڻ سببان، سياسي توڙي غيرسياسي ۾ لبرل توڙي ڪاروباري ماڻهن سان وڏي سطح تي واسطا جڙي چڪا هئا. اُنهن واسطن ۾ رتيءَ جو پيءُ سرڏنشا پيٽٽ بہ شامل هو جنهن جي ڇڇ سالن کان جناح سان سنگت هلي ٿي. جناح کي جڏهن بہ سياسي سرگرمين کان واندڪائي ملندي هئي، تہ هُو سرڏنشا پيٽٽ جي گهر ڪهي ويندو هو[23] جتي سندن وچ ۾ هندستان جي سياسي صورتحال ۾ انگريز حڪمرانن جي ڪارگذارين تي خوب ڳالهايون ٿيندیون هيون. دراصل، اُتي ئي جناح جي رتيءَ سان واقفيت ٿي هئي.

دراصل، رتي ڊنشا سچ پچ ايتري تہ خُوبصورت ۾ مَنُ مُوهيندڙ هئي، جو عمر ۾ وڏي وڇوٽي هجڻ جو باوجود، جناح جو جلد ئي رتيءَ سان پيارُ ٿي ويو ۾ سرڏنشا پيٽٽ جي گهر ۾ ٿيل اُها واقفيت ترت ئي پنهي جي پيار ۾ تبديل ٿي وئي. "رتي سچ پچ دل کي مُوهي ڇڏيندڙ پنهنجي عمر کان وڏيڪ ڏهين، هرفن مولا ۾ هرلحاظ کان خوبصورت هَئي. جئين جئين هوءِ ننڍپڻ کان بلوغت ۾ پيرُ رکندي وئي، تئين تئين هُن جي صلاحيت، قابليت ۾ خوبصورتي پنهنجي قدرتي انداز ۾ ايتري تہ نمايان ٿيڻ لڳي، جو کيس

صرف "پرين جي شهزادي" چئي سگهجي ٿيو. ويساهه نه ٿو اچي، ته ڪا چوڪري ايتري پياري ۽ ايتري نازڪ ٿي سگهي. هُن جو دماغ ايترو تيز ۽ هُن جي ذهانت زندگي سان ايتري ته ڀرپور ۽ هر اُوڪي مان اُوڪي ڳالهه جي تهه تائين پهچڻ واري هئي، جو اُن تي آچرج ئي آٽي سگهجي ٿو. هُن سياست ۾ به ايتري دلچسپي ورتي، جيتري هُن رومانوي شاعري ۾ دلچسپي ورتي ٿي. اُهو ئي سبب هو جو هوءَ بمبئي ۾ 1916ع دوران جيڪي به عوامي اجلاس ۽ سرگرميون ٿي ٿيون، اُنهن ۾ شرڪت ڪندي رهي، ۽ پنهنجي "امير ڪبيرانسان دوست" ماسيءَ جي نگراني هيٺ هميشه پهرين قطار ۾ ويهڻ ڏسڻ ۾ آئي ٿي."[24] وولپرٽ رتيءَ جي تعريف ڪندي ٻڌايو آهي.

بهرحال، جئين ته جناح مسلمان ۽ رتي وري پارسي گهراڻي سان تعلق رکيو ٿي. اُن ڪري، بنهي جي شادي واري ڳالهه ڪجهه اُوڪي ٿي لڳي، ۽ دراصل، اُن ڳالهه ئي رتيءَ ۽ جناح کي پريشان ڪيو ٿي. هڪ ڏينهن جناح، ڪجهه سوچ ويچار ڪري، اُوچتو رتيءَ جي گهر ڏانهن ڪهي ويو ۽ سرڏنشا پيٽٽ سان وڃي مليو.

جناح، ڪجهري دوران ڳالهائيندي ڳالهائيندي، سرڏنشا پيٽٽ کان سوال پڇيو ته هندستان جي مختلف فرقن ۾ شادين ڪرائڻ واري عمل جي باري ۾ اوهان جو ڪهڙو خيال آهي؟ رتيءَ جي پيءُ سرڏنشا پيٽٽ پنهنجي روشن خيالي کي ظاهر ڪندي، ٿهه پهه جواب ڏنو ته ائين ڪرڻ سان، نه رڳو فرقن ۾ پيدا ٿيل نفرت ختم ٿي ويندي، پر قومي ڀڏي، ايڪي ۽ هم آهنگي ۾ به اُها ڳالهه گهڻو مددگار ثابت ٿيندي. اهڙي جواب ملڻ تي، جناح اندر ئي اندر ۾ ڏاڍو خوش ٿيو ۽ سرڏنشاپيٽٽ کي ڪا ٻي ڳالهه چوڻ بدران، ترت ڪيس اُهو چئي ڏنو ته مان اوهان جي ڏيءُ سان شادي ڪرڻ چاهيان ٿو. هُن جي ائين چوڻ ڪانپوءِ ڪجهه ڪنن لاءِ خاموشي ڇائنجي وئي، جو اهڙي غيرمتوقع ڳالهه ظاهر ڪرڻ تي سرڏنشا اچرج گاڏڙ ڪاوڙ ۾ اچي ويو هو.[25]

بهرحال، سرڏنشا پيٽٽ جناح ۽ رتيءَ جي شادي تي راضي نه ٿيو. اٽلندو رتيءَ متان جناح سان ملڻ تي پابندي مڙهي ٿي ڇڏيائين.[26] پابنديءَ جي باوجود، جڏهن رتي ۽ جناح ملندا رهيا ته جيتوڻيڪ سرڏنشاپيٽٽ ڪورٽ سان رابطو ڪري هڪ منع_نامو وٺي ڇڏيو هو. پر، وولپرٽ جي لفظن ۾ ته "هُن (سرڏنشا)جو واسطو به هڪ وڏي بئريسٽر سان پيو هو، جنهن

مُشڪل سان ئي پنهنجو ڪو ڪيس هاريو هو ۽ اُن هارائڻ واري معاملي ۾ ته هُن هٿيار ڦٽي ڪرڻ بدران مري وڃڻ پسند ڪيو. سروِنشا جي اُنهي ضد ته هوءِ جناح سان نه ملي. اُن ڳالهه ۽ ضد سببان، شايد رتي جي پنهنجي پسند ڪيل مڙس سان جذباتي وفاداري ايجا به وڌيڪ شديد ٿي وئي هوندي. جوليٽ وانگر هُنن کي به ڪنهن تعصب يا پنهنجي والدين جي پسنديدگي وارو خيال اُن قدم کان روڪي نه ٿي سگهيو. سروِنشا کي دراصل اُنهي بي صبري ۽ پنهنجي واعدي تي مضبوطي سان جمي بيٺل اُنهي جوڙي جي روپ ۾ پاڻ جهڙي هڪ اٽل فيصلي ڪرڻ وارن ۾ حريفن سان مُنهن ڏيڻو پيو هو. خاموشي، صبر ۽ محبت سان گڏ اُنهن ۾ رتيءَ جي ارڙهن سالن جي ٽيڙ تائين انتظار ڪيو ۽ پوءِ ۾ گڏجي ڪورٽ ۾ ويجي، پيار جو پرٽو ڪري ڇڏيو."[27]

بهرحال، 1918ع واري سال ۾، جئين ئي جناح ۽ رتيءَ شادي ڪري ورتي، ته سروِنشا تڏهن به بس ڪري نه ويٺو ۽ سڌو ڪورٽ ۾ وڃي، جناح تي ڏاڍي جي اغوا جو ڪيس ڪيائين.[28] ڪورٽ ۾ شنوائي ٿي. جنهن ۾ رتيءَ پنهنجي مڙس جي حق ۾ بيان ڏئي، ڪيس جو فيصلو بنهه پنهنجي حق ۾ ڪرائي ڇڏيو. بيان ۾ رتيءَ چيو:

"جناح مون کي اغوا ناهي ڪيو پر مُون (شايد ڪري) هُن کي اغوا ڪري ورتو آهي. اُن ڪري هُن تي ڪو ڪيس نهي ٿئي نه ٿو. ڪيس هر الزام کان آجو ڪري آزاد ڪيو وڃي."[29]

رتيءَ جي اهڙي بيان کانپوءِ ڪيس ڪورٽ مان خارج ڪري، جناح ۽ رتيءَ کي گڏجي رهڻ جي قانوني اجازت ڏني وئي، جنهن بعد رتيءَ جو پيءُ سروِنشا ته وڃي ماڻ ڪري ويهي رهيو البت، هُو سڄي زندگي ڏيءَ کان ناراض ئي رهيو.

جناح جي شادي ۾ حاصل ڪيل ڪاميابي، ۽ سندس ذاتي توڙي سياسي وقار کي بابت اجيت جاويد لکي ٿي:

"رتيءَ سان شادي ڪرڻ سببان جناح جي مقبوليت ۾ وڌيڪ اضافو اچي ويو هو. هُو مڙني ماڻهن جي اکين جو تارو بڻجي ويو هو ۽ ماڻهو هُن کي هيري طور ڏسڻ لڳا هئا."[30]

بهرحال، ائين جناح، جتي سياسي زندگي ۾ ڪاميابين جا ڏاڪا تيزي

سان اُڪرندو اڳتي وڌي رهيو هو تئين هُو پنهنجي ذاتي زندگي ۾ به ڪاميابين مٿان ڪاميابيون حاصل ڪندو ٿي ويو.[31] ان ڪري، ائين چئي سگهجي ٿو ته اُهي ڏاڍا مجموعي طور جي جناح جا، ذاتي توڙي سياسي طرح هڪ وڏي اُپار ۾ قومي شهرت وارا ڏاڍا هئا، جنهن سببان جناح ننڍي کنڊ جي سياسي اسٽيج تي هڪ وڏي قومي اڳواڻ طور پڻ ظاهر ٿي رهيو هو.[32] جيتوڻيڪ، جناح رتيءَ سان اسلام قبول ڪرڻ بعد ساڻس شادي رچائي هئي، پر اُن جي باوجود، مسلمانن جي ڪٽر شدت پسندن توڙي پارسي برادري جي مذهبي جُنونين، جناح ۽ رتيءَ جي پيار جي پرٽي جي سخت مخالفت ڪئي. چون ٿا ته، شادي بعد نون ڏينهن تائين ٻنهي برادرين جي انتهاپسند مذهبي ماڻهن پاران سخت احتجاج ٿيندو رهيو جن ۾ جناح ۽ رتيءَ کي عجيب ۽ غريب غيرمذهبي لقبن سان نوازيو ويو. ايستائين جو جناح کي "ڪافراعظم" جي نالي سان پڻ سڏيو ويو.[33] البت، اُها به رڪارڊ جي ڳالهه آهي، ته جناح ۽ رتيءَ اُنهي سڄي مخالفت، احتجاج ۽ پاڻ_هرتڙائي کي ڪنهن به خاطر ۾ نه ٿي آندو ۽ اُنهي سڄي عمل جي ڪا پرواهه نه ٿي ڪيائون، جنهن سببان مخالفت، احتجاج ۽ پاڻ_هرتڙائي جا آواز هُوريان هُوريان دٻجي، پاڻ_مرادو مانا ٿي ويا.

رتي، هڪ زنده دل عورت هئي. جناح وانگر هُن کي به سياست سان دلچسپي هئي.[34] پردي واري پابندي کي خاطر ۾ نه آڻڻ سببان هُن کي سياست، سياسي سرگرمين توڙي عوامي گڏجاڻين ۾ شرڪت ڪرڻ ۾ ڪا گهٽي ڏيکائي نه ٿيندي هئي. هوءِ بنيادي طور تي وڏي جوش ۽ جذبي سان سماجي سرگرمين ۾ بهرو ونڊ لڳي هئي.

رتي انيڪ ۽ اڪيچار خاصتين جي مالڪ هئي. ذهانت هوشياري ۽ حاضرجوابي ۾ هُو به جناح وانگر غيرمعمولي قابليت ۽ صلاحيت رکندڙ هئي. جناح وانگر هُن جي به حاضر جوابي بنهه مشهور هئي.[35] اُن حوالي سان اڪيچار واقعا ٻڌايا وڃن ٿا. هڪ واقعو ڪجهه هن طرح سان آهي، جو هڪ وار "1918ع پنهنجي شادي ڪانپوءِ رتي جناح سان گڏجي شملا وئي، جتي جناح کي انڊين ليجسليٽو اسيمبلي جي اجلاس ۾ شرڪت ڪرڻي هئي. وائسراءِ لارڊ چيمسفورڊ هُن کي ۽ جناح ٻنهي کي پنهنجي سرڪاري رهائش گاهه تي ڊنر لاءِ مدعو ڪيو. اُتي رتي برطانوي آدابن بدران هندستاني طريقو اختيار ڪندي، وائسراءِ سان هٿ ملائڻ بدران، هٿ

ٻڌي ڪيئڪار ڪئي، جنهن تي وائسراءِ ڪي منيا لڳي، جو ڊنر ڪانپوءِ ترت ئي وائسراءِ جو اي ڊي سي رتيءَ ڪي سڏو وائسراءِ وٽ وني ويو. وائسراءِ رتيءَ ڪي چيو تہ "مسز جناح اوهان جي مُڙسَ جو هڪ شاندار سياسي مستقبل آهي. اوهان اُن ڪي برباد نہ ڪريو تہ بهتر ٿيندو. روم ۾ ٻين رومين وانگر ئي عمل ڪرڻ گهرجي." رتي اُهو ٻڌي ترت ئي حاضر جوابي سان (طنز پريو) جواب ڏنو تہ "جناب، مون تہ بلڪل ائين ئي ڪيو آهي. پنهنجي هندستاني طريقي سان ئي اوهان جي عزت افزائي ڪئي اٿم." [36]

اجيت جاويد مطابق، "ڪانجي دوارڪارداس هڪ ٻيو واقعو ٻڌائي ٿو تہ، نئين دهليءَ ۾ رتي، لارڊ ريڊنگ سان ماني کائڻ واري ميز تي ويٺل هئي. لارڊ ريڊنگ عجيب خبرون ڪري رهيون هو. اُهن ڳالهائيندي ڳالهائيندي رتيءَ کي چيو تہ "مسز جناح! منهنجي جرمني وڃڻ جي خواهش تہ ڏاڍي آهي، پر مان اُتي وڃي نہ ٿو سگهان." اُن تي رتيءَ ڪائنس پڇيو تہ، اوهان اُتي ڇو نہ ٿا وڃي سگهون؟ لارڊ ريڊنگ جواب ڏنو تہ "جرمني وارا انگريزن کي پسند نہ ٿا ڪن. اُن ڪري، مان اُتي وڃي نہ ٿو سگهان." رتيءَ ترت ڪيس چئي ڏنو "تہ پوءِ اوهان هندسان ڪيئن آيا آهيون." لارڊ ريڊنگ اهڙو سوال ٻڌي، ترت پنهنجي موضوع بدلائي ڇڏيو." [37]

ڊاڪٽر اجيت جاويد رتيءَ جي ذهانت، خلوص ۽ عوام دوست ڪردار تي تفصيل سان روشني وڌي آهي. هوءِ لکي ٿي :

"هوءِ (رتي)نرم دل ۽ ٻي خوف هئي ايستائين جو هوءِ ڪڏهن ڪڏهن برطانوي آفيسرن کي ٻہ ڏڪا ڏيو ڇڏيندي هئي. هڪ پيري هوءِ پنهنجي هڪ پسنديده درزي جي دڪان کان ٻاهر اچي رهي هئي تہ هُن هڪ غريب عورت کي ڪيلن جو ٽوڪري کڻندي پاڻ ڏانهن ايندي ڏٺو. هُن رتيءَ کان فروٽ خريد ڪرڻ جي درخواست ڪئي. اُنهي ساڻئي وقت هڪ برطانوي آفيسر اُتي آيو ۽ اُنهي غريب عورت کي ڏسي چڙي پيو چو تہ اُها جاءِ يورپين ۽ شاهوڪارن لاءِ ئي مخصوص هئي. غريبن کي اُتي اچڻ جي اجازت نہ هئي. آفيسر اُنهي پورهيت هندستاني عورت تي ڪاوڙجي مٿس ڏاڪا ٻڌي چڙهي ويو ۽ دڙڪن گاڏڙ ڏڪا ڏنائين تہ اُن غريب پورهيت عورت جا سموار ڪيلا پَٽ تي اچي ڪري پيا. اُن تي رتي وڃ ۾ اچي وئي، ۽ آفيسر کي چيائين تہ "اوهان کي پنهنجي عوام سان اهڙي ايڏنگي روئي اختيار ڪرڻ جو ڪو ٻہ حق ناهي. هاڻ اوهان لاءِ اُهو چڱو ٿيندو جو اوهان پاڻ ئي اُهي سمورا ڪيلا ميڙي ٽوڪري ۾ رکو ۽ ويچاري غريب عورت کي وڃڻ ڏيو. ٻي صورت ۾ اوهان

وت پچتائڻ کانسواءِ ٻيوکجھ نہ رھندو." رتيءَ جي اھڙي ٻيباکيءَ واري ڳالھ ٻڌي اُنھي آفيسر ائين ئي کيو جئين کيس رتيءَ چيو ٿي. بعد ۾ رتي اُنھي غريب پورھيت عورت کي کجھ پئسا ۽ ڏنا ۽ کيس روانو ڪري ڇڏيو."[38]

بھرحال، اُھا حقيقت آھي، ۽ پڙ جناح جا سمورا سوانح نگار اُن ڳالھ تي اتفاق رکن ٿا، تہ رتي ۽ جناح وانگر نہ رڳو "وڏي ھمٿ وار ي، بھادر آدرشي ۽ غيرمذھبي سوچ رکندڙ ھک ذھين عورت ھئي،"[39] پر انتھائي بي باک ڪردار جي ۽ مالک ھئي. شادي کانپوءِ ٻي سال 1919ع ۾ ئي جناح ۽ رتيءَ کي ڏي ڏينا ڇائي. ٽيڪ اُنھي سال، رتيءَ جي سياست ۽ سماجي سرگرمين مان دلچسپي کجھ جھڪ ٿي وئي، جنھن کانپوءِ ھُن جناح کان ۽، گھٽو وقت گھر کي نہ ڏيڻ ۾ ڇڙيون شڪايتون ڪيون.[40] اُنھن شڪايتن ، دراصل، اڳتي ھلي ٻنھي ۽ ھک وڏو ڪٽراڳ پيدا ڪيو تان جو ترت ٻنھي جي وچ ۾ عليحدگي ۽ ٿي.

حوالا ۽ سمجھاڻيون

1. ڈاڪٽر اجيت جاويد، وطن پرست اور سيکيولر جناح، مترجم: محمد عمر برني، سانجھ پبليڪيشن، لاھور 2008ع، صحفہ 28
2. K.K.Aziz, The Making of Pakistan, A Study in Nationalism, Sang_e_Meel, Publications, Lahore, 2005, p,
3. Ibid, p,
4. زاھد چوڌري، بنگالي مسلمانون کا تحريک پاکستان مين ٻمايان ترين ڪردار، پاکسان کي سياسي تاريخ، جلد_9، اداره مطالعہ تاريخ، لاھور 1996ع، صحفہ 66
5. اصل ۾، اُھو ۽ بينڪر چندر چٽرجي ئي ھو جنھن اٽويھين صدي جي پُوئين اڌ ڪان ۾ ين انتھاپسند ھندو مذھبي اڳواڻن سان گڏجي ننڍي کنڊ ۾ برھمو سماج ۽ آريا سماج جھڙيون ھندو مذھبي تحريڪون شروع ڪري ڇڏيون ھيون، جن جومقصد ھک طرف ھندو مذھب ۽ ثقافت کي ڪنھين سر جيارڻ ھو تہ وري ٻي طرف مسلمانن توڙي ٻين اقليتن کي ڏاڍ، طاقت ۽ دھشت جي بنياد تي مغلوب ڪري، ھندن جي غلامي ھيٺ آڻڻو ھو. ويھين صدي ۾ وري ھندو مذھبي اڳواڻن پاران اُپاريل شڌي ۽ سنگھڻن تحريڪون ۽، دراصل، انھن برھمو سماج ۽ آريا سماج جھڙين مذھبي تحريڪن جو ئي ھک تسلسل ھو جن جو مقصد ۽ جبري طرح مسلمانن کي ھندو بنائڻ ھو.(مون ٻنھنجي ھک مقالي بعنوان"پاڪستان جو بنياد_ڇا قومي نظريو يا صوبائي خودمختياري" ۾ تفصيل سان ھندن جي اُنھن مذھبي تحريڪن تي

تفصيل سان روشني وڌي آهي. پڙهندڙن مان ڪنهن کي دلچسپي هجي تہ اُهي منهنجو ڇاڪاڻ مقالو پڙهي سگهن ٿا)ايڪويهين صدي ۾ اُنهن هندو مذهبي تحريڪن جو سُڌريل روپ وري پارٽي جنتا پارٽي (BJP)۽ آر ايس ايس جهڙيون انتهاپسند تنظيمون آهن، جن جو مقصد ۽ڪم بہ ساڳيو اقليت دشمني وارو يعني مذهبي انتهاپسنديءَ ۾ دهشتگردي کي پروان چاڙهڻ آهي. هاڻ تہ هندن جي اُنهن انتهاپسند تنظيمن جي مذهبي دهشتگردي جو اعتراف خود هندستان جي موجوده سرڪار ۾ ويندل اڪيچار لبرل ماڻهو بہ ڪري رهيا آهن. اُن ڏس ۾ هندستان جي موجوده گهرو وزير سنيل ڪمار شنڊي جو مثال ڏئي سگهجي ٿو جنهن تازو اُهو بيان ڏئي اعتراف ڪيو آهي تہ هندستان ۾ مذهبي انتهاپسنديءَ ۾ دهشتگردي ڦهلائڻ ۾ ٻيو ڪير نہ، پر خود هندستان جون آر ايس ايس ۽ پارٽي جنتا پارٽي جهڙيون مذهبي انتهاپسند تنظيمون ملوث آهن، جن جون باقاعده مذهبي دهشتگردن کي منظم ڪرڻ لاءِ ٽريننگ ڪيمپون هلي رهيون آهن.(وڌيڪ تفصيل لاءِ 21 جنوري 2013ع سومر ڏهاڙي واري روزاني 'ڪاوش"، حيدرآباد واري اخبار پڙهي سگهجي ٿي، جنهن ۾ هندستان جي گهرو وزير سنيل ڪمار شنڊي جو ذڪر ڪيل بيان تفصيل سان ڇپيل آهي)

6. زاهد چوڌري، بنگالي مسلمانون کا تحريک پاڪستان مين بمايان ترين کردار پاڪسان کي سياسي تاريخ،جلد_9، اداره مطالعہ تاريخ، لاهور 1996ع، صحفہ 66
7. تفصيل لاءِ پڙهو ضياءُ الدين برني جو سرسيد احمد خان تي لکيل بايو گرافيڪل اڙدو ڪتاب
8. Stanley Wolpert, Jinnah of Pakistan, Oxford University Press, Karachi,2008 p,28
9. اُهو بہ دراصل گانڌي ئي هو جنهن هندستاني سياست ۾ پير ڌرڻ سان گڏ نہ صرف سياست ۾ مذهب کي استعمال ڪري، رام راج ۽ سُوراج جهڙا نعرا متعارف ڪرايا، (ياد رهي تہ سُوراج جو گانڌي هندو راج وارو مطلب ڪڏيو ٿي)پر هڪ_قومي نظريي (One_Nation Theory) وارو هڪ انتهائي بوگس، جڙتو ۽ نام نهاد نظريي جو بہ راڳ الاپڻ شروع ڪيو جنهن مطابق بين متعصب هندو مذهبي اڳواڻن وانگر گانڌيءَ بہ اُن ڳالهہ تي زور ڏنو تہ هندستان ۾ صرف هڪ "هندستاني قوم" آهي. مسلمان، هندو سک ۽ عيسائي ڪجهہ بہ ناهن. سڀ هندستاني ۽ هندستاني قوم جو حصو آهن. هندستاني قوم کانسواءِ ٻي ڪابہ قوم ناهي. گانڌيءَ جي اهڙي ڳالهہ نہ رڳو غلط، وائڙي ۽ اقليت دشمن هئي، پر مجموعي طور اُن جو حقيقت سان کو واسطو ئي نہ هو. ڇاڪاڻ تہ، تاريخ ۾ ننڍو کنڊ ڪڏهن بہ هڪ وحدت طور ناهي رهيو ۽ نہ ڪو وري اُتي ڪا هڪ قوم رهي آهي. اصل ۾، ننڍي کنڊ ۾ تہ ورهين کان وٺي هڪ کان وڌيڪ اڪيچار قومون، نسل ۽ ماڻهو رهيا آهن، جن جون پنهنجون هزارين سالن تي ٻڌل ڌار ڌار ٻوليون، ثقافتون، وحدتون ۽ قومي تشخص رهيا آهن. اُنهن کي ملائي هڪ ڪرڻ نہ رڳو بي ايماني ۽ بدياڻتي واري ڳالهہ هئي، پر اُها

سڌي سنئين قومن جي وجود، تشخص ۽ وحدتن کي ميسارڻ واري هڪ انتهائي ڪڌي ظالماڻي ۽ ڦورو ڪوشش به هئي، جيڪا ڪڌهن به ڪامياب نه ٿي ۽ نه وري ٿيڻي هئي.

اصل ۾ ڪانگريس، گانڌي ۽ مجموعي طور سموري ڪانگريسي ليڊرشپ پاران "مهاهندستاني قوميت" واري نام نهاد هڪ_قومي نظريي جو راڳ الاپڻ ۽ اُن کي سياسي ميدان ۾ ڪٽي وڃي، اُن کي Politicize ڪرڻ جو مقصد ۽ ارادو دراصل ننڍ کنڊ جي قوميتن جي سياسي، مذهبي، ثقافتي ۽ معاشي حقن ۽ مفادن کي تين وال ڪري، کين هندو حاڪميت هيٺ آڻي، سندن تباهي، ڦرلٽ ۽ پينگ ڪرڻ جو سڀ_طرفو بندوبست ڪرڻ هو. اُهو ئي سبب هو جو نه رڳو هندو ليڊرشپ پاران اُنهي نام نهاد هڪ_قومي نظريي(One_Nation Theory) کي هرطرح سان اُپاري مٿي آندو ويو. پر خود ڪانگريس به اُنهي ڦورو نظريي جي هڪ وڏي عملبردار جماعت طور اُپري ظاهر ٿي، جنهن کي وري ردعمل طور مسلم ليگ طرفان ڏنل ٻ_قومي نظريي (Two_Nation Theory)جي صورت ۾ وڏي نظرياتي مزاحمت جو به مُنهن ڏسڻو ٿي پيو. مان پاڻيان ٿو ته، جناح جو 1940ع ڪانپوءِ حڪمت عملي طور ٻ_قومي نظريي تي زور ڏيڻ، دراصل ڪانگريس جي اُنهي نام نهاد هڪ_قومي نظريي جو Counter ڪرڻ ئي هو ته جئين ڪانگريس، گانڌي ۽ اُن جي فلسفي (جيڪو نام نهاد هڪ_قومي نظريي ۽ عدم تشدد تي ٻڌل هو)کي سياسي، عوامي ۽ اخلاقي طرح اڪيلو ۽ ڪمزور ڪري، ڪانگريسي ليڊرشپ کي هندو_مسلم مسئلي جي منصفاڻي حل تي راضي ڪري، ساڻس مسلمانن واسطي برابريءَ جي بنياد تي ڪو ناهه ڪري سگهجي، ۽ ائين، گڏيل هندستان جي آئيني پيش رفت جو به ڪو بندوبست نڪري اچي.

اُهو تاريخ جو ڪيڏو نه اتفاق آهي ته ڪانگريس ۽ اُن جي ليڊرشپ گڏيل وفاقي هندستان ۾ پنهنجي ناجائز بالادستي ۽ اقليتي قومن جي سڀ_طرفي ڦرلٽ ڪرڻ لاءِ جهڙي نموني نام نهاد "مضبوط مرڪز"۽ "مها هندستاني قوميت" وارو ڪوڙو جڙتو ۽ بوگس هڪ_قومي نظريي وارو راڳ الاپيو ٿي، بلڪل اهڙي ئي نموني ۽طريقي سان هتي اسان وٽ پاڪستان نهڻ ڪانپوءِ پاڪستان تي قابض ٿي ويل پنجابي_مهاجر حڪمران ٽولي، هتي جي ننڍين مظلوم قومن جي قومي ڦرلٽ ڪرڻ لاءِ گذريل 65 سالن کان نه رڳو ساڳئي طرح سان ڪانگريس وانگر نام نهاد مضبوط وفاق جي ڳالهه ٿي ڪئي آهي، پر ڪانگريسي ليڊرشپ جي هڪ_قومي نظريي واري فلسفي کي استعمال ڪري، پاڪستان ۾ شامل قومن جي قومي وجود ۽ تشخص کي تسليم ڪرڻ بدران، اُنهن کي ميسارڻ واري ڪڌي ڪوشش ڪندي، نام نهاد، جڙتو ۽ مفروضاتي "مها پاڪستاني قوميت" واري هڪ_قومي نظريي جو به راڳ الاپيو آهي، جنهن مطابق اُن ڳالهه تي زور ڏنو ويندو آهي ته پاڪستان ۾ ڪو به پنجابي، بنگالي، سنڌي، بلوچي ۽ پٺاڻ ناهي، پر سڀ مسلمان ۽ پاڪستاني آهن، ۽

پاڪستاني قوم جو ئي حصو آهن. اصل ۾ ائين چئي پاڪستان ۽ اُن جي رياست تي ناجائز قبضو ڪري ويٺل پنجابي_مهاجر ٽوورو حڪمران ٽولو هتي جي ننڍين مظلوم قومن جي سياسي، معاشي، قومي ۽ آئيني حقن ۽ مفادن جي ڦرلٽ کي جسٽيفاءِ ڪرڻ جي ئي ناجائز نظرياتي ڪوشش ڪري ٿو جيڪا انتهائي غلط، ملڪ ۽ عوام دشمن آهي.

هڪ لحاظ کان، ڏٺو وڃي تہ، اُهو تاريخ جو ڪو اتفاق بہ ناهي. اصل ۾، پاڪستان ۾ پنجابي حڪمران ٽولي سان پاڳي پائيوار بٽيل موجوده مهاجر حڪمران ٽولي جي ابن ڏاڏن تي مشتمل سياسي لڏو ئي آل انڊيا ليول تي مسلم ليگ جي صورت ۾ ڪانگريس سان مقابلي جي ميدان ۾ لٽل هو، جنهن دراصل ڪانگريس ۽ اُن جي ليڈرشپ جي اُپاريل "مها هندستاني قوميت" واري ڪوڙي نظرئي خلاف مزاحمت ۽ مقابلا ڪندو پاڪستان جي تحريڪ ۾ وڏي چڙهي حصو ورتو هو. جڏهن پاڪستان ٺهيو ۽ اُهو ئي پنجابي بالادست ٽولي سان گڏ پاڪستان جي رياست جي اڇي ڪاري جو ناجائز مالڪ ۽ وارث بڻيو تہ اُن بلڪل ساڳئي ئي طرح، ڪانگريس جي ئي طريقي ۽ تجربي کي استعمال ڪندي، هندن جي ڪوڙي مفروضاتي "مها هندستاني قوميت" واري هڪ_قومي نظرئي کي هٿڪنڊي طور تبديل ڪندي، هتي اُن کي "مها پاڪستاني قوميت" واري غلط ، جڙتو ۽ بوگس نظرئي جو روپ ڏئي چڏيو، جنهن دراصل رياست تي قابض پنجابي_مهاجر ٽوورو حڪمران ٽولي جي گذريل 68سالن کان هتي جي ننڍين مظلوم قومن ۽ طبقن جي ڦرلٽ، تباهي ۽ پينگ ڪرڻ ۾ سڀ_طرفي سپورٽ پئي ڪئي آهي.

10. ايازعلي، پاڪستان جوبنياد_ہ قومي نظريو يا صوبائي خودمختياري، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو 2014ع صحفو73

11. Ian Bryant Wells, Ambassador of Hindu_Muslim Unity, Jinnah's Early Politics, 53Permanent Black, New Dehli, 2005,p,

12. 34Ibid,p,

13. الحاج محمد حسين گوهر، ميرا قائد عظيم تر هي، ، نظريہ پاڪستان اڪادمي، لاهور 2008صحفو 59

14. Stanley Wolpert, Jinnah of Pakistan, Oxford University, Karachi, 2008, p,36

15. ايازعلي، پاڪستان جوبنياد_ہ قومي نظريو يا صوبائي خودمختياري، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو 2014ع، صحفو73

16. ساڳيو ڪتاب

17. Stanley Wolpert, Jinnah of Pakistan, Oxford University, Karachi, 2008, p,38

18. ايازعلي، پاڪستان جوبنياد_ہ قومي نظريو يا صوبائي خودمختياري، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو 2014ع، صحفو73

19. H.M Seervai, Partition of India_ Legend and Reality, Oxford University Press, 1869Karachi,2006, p,

20. Stanley Wolpert, Jinnah of Pakistan, Oxford University, Karachi, 2008, p,38

21. Stanley Wolpert, Jinnah of Pakistan, Oxford University, Karachi, 2008, p,38
22. KH.M Seervai, Partition of India_ Legend and Reality, Oxford University Press, 18Karachi,2006, p,
23. Stanley Wolpert, Jinnah of Pakistan, Oxford University, Karachi, 2008, p,34
24. Ibid,p,34
25. Ibid,p,34
26. Ibid,p,35
27. Ibid,p,35
28. Ibid,p,36
29. ڈاڪٽر اجيت جاويد، وطن پرست اور سيڪيولر جناح، مترجم: محمد عمر برني، سانجهه پبليڪيشن، لاهور 2008ع، صحفه 28
30. ساڳيو صحفو 28
31. ساڳيو صحفو 28
32. ساڳيو صحفو 28
33. تفصيل لاءِ پڙهو استينلي وولپرٽ جو انگريزي ڪتاب، جناح آف پاڪستان، آڪسفورڊ يونيورسٽي ڪراچي، سنڌ
34. ڈاڪٽر اجيت جاويد، وطن پرست اور سيڪيولر جناح، مترجم: محمد عمر برني، سانجهه پبليڪيشن، لاهور 2008ع، صحفه 28
35. ساڳيو صحفو 28
36. Stanley Wolpert, Jinnah of Pakistan, Oxford University, Karachi, 2008, p,38
37. Ibid,p,36
38. ڈاڪٽر اجيت جاويد، وطن پرست اور سيڪيولر جناح، مترجم: محمد عمر برني، سانجهه پبليڪيشن، لاهور 2008ع، صحفه 29
39. ساڳيو صحفو 30
40. ساڳيو صحفو 30

باب چوٿون

جناح ۽ گانڌي ـ هڪجهڙي جي ابتڙ!

(1914ـ1918ع)

آگسٽ 1914ع ڌاري، پهرين وڏي عالمي جنگ شروع ٿي وئي. جنگ ۾ ٽُلهي ليکي ٻه وڏيون ڌُريون شامل هيون. هڪ برطانيا، فرانس، روس ۽ آمريڪا واري ڌُر هئي، ته وري، ٻي ڌُر ۾ جرمني، آسٽريليا ۽ ترڪي وار شامل هئا.[1] جنگ ۾ جئين ته، شروع ۾ جرمنيءَ جو پلڙو ياري هو. ان ڪري جنگ ۾ انگريزن، خاص طور برطانيا لاءِ، ڏسڻ ۾ ائين ٿي آيو ته جنگ ۾ سندس امڪاني شڪست سڄي دنيا ۾ ڦهليل برطانوي شهنشاهيت لاءِ تباهي جو سامان ڪٽي ايندي، ۽ اُهو ئي سبب هو جو برطانيا جنگ ۾ پنهنجي گهربل ڪاميابي توڙي دنيا ۾ پنهنجي برطانوي بادشاهت کي بچائڻ ۽ برقرار رکڻ لاءِ اُهو ضروري ٿي سمجهيو ته پنهنجي سڀ کان وڏي نوآبادياتي خطي، يعني هندستان جي جنگ ۾ سڀ_طرفي مدد حاصل ڪرڻ ڪانسواءِ جنگ کٽڻ ممڪن ناهي

دراصل، اهڙي سوچ سوچي برطانيا هندستان جي سياسي ليڈرشپ سان رابطو ڪري، جنگ ۾ غيرمشروط فوجي، عوامي ۽ سياسي مدد توڙي حمايت ڏيڻ تي زور ٿي ڀريو[2] ۽ اُها ڳالهه ٿي ڪيائين، ته جيڪڏهن هندستانين طرفان جنگ ۾ مدد ۽ حمايت جو پڪو پختو بندوبست ڪيو ويو ته بدلي ۾ جنگ کانپوءِ ترت هندستان کي بينڪي راڄ جي درجي سان نوازي، هندستان ۾ هڪ ذميوار حڪومت جي قيام لاءِ سڀ_طرفا انتظام ڪيا ويندا.[3]

هيڏانهن صورتحال اُها هئي، جو "جناح، مسز اينيي بسنت، تلڪ ۽ ٻي سموري هندستاني وطن دوست ليڈرشپ انگريزن جي اُن جنگ واري

ڪمزوري کي چڱي طرح سان سمجهيو ٿي،"[4] جنهن سببان هُنن جو انگريزن جي مشروط مدد ڪرڻ جو ارادو هو ۽ اهو ئي سبب هو جو هنن پاڻ ۾ گڏيل صلاح مشورو ڪري، انگريز سرڪار آڏو اُهو گڏيل مطالبو رکيو ٿي، ته جنگ ۾ هندستاني عوام کان مدد وٺڻ کان اڳ هندستان ۾ هڪ ذميوار حڪومت قائم ڪئي وڃي، ۽ صورت ۾ هندستاني عوام ۽ اُن جي نمائنده ليڈرشپ ياران انگريزن جي ڪا مدد نه ڪئي ويندي.[5]

"جيتوڻيڪ هندستاني سياسي ليڈرشپ جو اُهو مطالبو پنهنجي جاءِ بنهه جائز ۽ اصولي هو. پر جئين ته انگريزن اُن وقت هندستان کي بينڪي راج وارو درجو ڏيڻ نه ٿي چاهيو جو اُها ڳالهه اُن وقت، سندن استريٽجڪ سامراجي مفادن وٽان نه هئي. ان ڪري اُهي هندستان جي جناح واري ليڈرشپ ياران جنگ ۾ مدد کي بينڪي راج واري درجي سان مشروط ڪرڻ واري مطالبي سببان بنهه پريشان ۽ وائڙپ جو شڪار ٿي ويا هئا. سندس ذهني صورتحال هاڻ ڪجي ته چا ڪجي؟ واري هئي."[6]

بهرحال، انگريزن پنهنجي اُنهي پريشاني جو حل موهن داس ڪرمچند گانڌي (1869_1948ع)تي هٿ رکي، هُن کي "پنهنجو" بڻائي، 1915ع جي شروعات دوران، ڪيس هندستان گهرائڻ جي صورت ۾ ڪيڊي ورتو.[7] جيتوڻيڪ، انگريزن 1914ع واري سال ئي گانڌيءَ کي آفريڪا مان برطانيا گهرائي، ساٿس معاملا طئي ڪري ورتا هئا،[8] پر جئين ته، هيڏانهن هندستان ۾ جناح ۽ ٻي وطن دوست هندستاني ليڈرشپ انگريزن سان ڪنهن به غيرمشروط طريقي سان جنگ ۾ تعاون ۽ سهڪار ڪرڻ نه ٿي چاهيو. اهو ئي سبب هو جو انگريزن باضابطا طور 1915ع جي شروعات ۾ گانڌي کي هندستان ۾ گهرائي، اُن کي هندستاني سياست ۾ پير جمائي انگريزن لاءِ سيف_طرفي مدد ڪرڻ واري ڪم سان لڳائي ڇڏيو.[9]

بهرحال، ائين، گانڌي فيبروري 1915ع ۾ هندستان ۾ اچي به ويو[10] ۽ اچڻ سان ئي هندستان جي سرگرم ليڈرشپ سان صلاح مشوري ڪرڻ ڪانسواءِ ئي، جنگ ۾ انگريزن جي غيرمشروط مدد ڪرڻ جو اعلان ڪري ڇڏيائين.[11] اصل ۾، جئين ئي هُو هندستان آيو ۽ ڏٺائين ته، هندستان جي سياست ۽ سياسي ادارن تي جناح، اينيبسنٽ، فيرورشاهه مهتا جهڙا روشن خيال ۽ سيڪيولر اڳواڻ ڇانيل آهن، ۽ اُهي ئي سڄي هندستاني عوام جي نمائندگي پيا ڪن، ته اُها ڳالهه ڪائنس هضم نه پئي ٿي. اُهو ئي سبب هو

جو گانڌيءَ جي هندستان اچڻ بعد سندس مانَ ۾ جڏهن هڪ گاردن پارٽي ڏني وئي، تہ اُتي هُن جناح جي تقرير کانپوءِ (جيڪا تقرير جناح گانڌيءَ کي هندستان اچڻ واسطي سندس آڏرياءَ لاءِ ڪئي هئي) پنهنجي تقرير ۾ اُهو چئي ڏنو تہ "مون کي خوشي ٿي آهي تہ هن تقريب ۾ نہ رڳو هڪڙو مسلمان شامل آهي، پر اُهو اُن جي صدارت ۾ پيو ڪري"[12]

سوال آهي تہ جڏهن هندستان ۾ هندو مسلم، سک ۽ پارسي وغيره سڀ گڏجي، جناح، ايني بنسنت، گوکلي ۽ بال گنگاڌرتلڪ ۽ بين وطن دوست اڳواڻن جي اڳواٽي ۾ انگريزن خلاف آزادي واري جدوجهد ۾ ڪنهن به مذهبي فرق کانسواءَ حصو ونڊي رهيا هئا، تہ اُتي هندو_مسلم فرق ڌڙائڻ جي ڪهڙي ضرورت هئي؟ اُها ڳالهہ ڪرڻ جي پلا ڪهڙي ضرورت هئي تہ اسان جي تقريب ۾ هڪ مسلمان به صدارت پيو ڪري؟ ڇا اُها گانڌي لاءِ سچ پچ "خوشيءَ" جي ڳالهہ هئي، يا هُو اُنهي ڳالهہ ذريعي، پنهنجي تعصب پرستاٽي طنز ۽ اقليت دشمن هندو مذهبي سوچ جو اظهار ڪري، اُهو ڌڙائڻ ٿي چاهيو تہ هيءَ (جناح) اقليتي ڌر سان لاڳاپيل مسلمان اتوَ جيڪو هندن ۽ مسلمانن، ٻنهي ڌرين جي اڳواٽي به پيو ڪري

مان پانيان ٿو تہ، اُها گانڌي جي مذهبي تعصب پرستاٽي سوچ ئي هئي، جنهن سببان هُن ڪنهن به طرح سان اُها ڳالهہ برداشت نہ ٿي ڪئي تہ ڪو مسلمان به اڳتي اچي هندو ۽ مسلمانن جي گڏيل اڳواٽي جو ڪريڊٽ کٽي. اُهو ئي سبب هو جو گانڌي پنهنجي اُنهي سوچ کي لڪائي نہ سگهيو ۽ انتهائي چالاڪي سان، کيس "نازڪ ۽ نفيس انداز ۾" ائين چوڻو پيو تہ"مان خوش آهيان، تہ هن تقريب(سڀا)جي صدارت هڪ مسلمان ڪري رهيو آهي."[13]

اصل ۾ گانڌيءَ جي جناح لاءِ چيل اُنهن لفظن، سندس خوشيءَ جي اظهار نہ، پر سندس سياسي اڻ سهپ جو ئي اولڙو پيش ٿي ڪيو، جنهن جو مقصد صرف جناح جي هتڪ ڪرڻ ئي هو. شايد اُها ڳالهہ هئي، جنهن کي جناح جي سوانح نگار وولپرٽ به محسوس ڪيو ۽ کيس ائين لکڻو پيو:

Had he meant to be malicious rather than his usual ingenuous self, Gandhi could not have contrived a more cleverly patronizing barb, for he was not actually insulting Jinnah, after all, just informing every one of his minority religious identity."[14]

"جيڪڏهن هُن (گانڌي) جو مقصد پنهنجي ساڻ کي ظاهر ڪرڻ هو تہ گانڌي اُن کان وڌيڪ چالاڪي سان سرپرستاڻي طنز نہ ٿي ڪري سگهيو. چاڪاڻ تہ بهرحال، گانڌي جناح جي بي عزتي نہ ٿي ڪئي. هُن تہ صرف سيني کي اُهو ٻڌايو ٿي تہ هي اقليتي ڏر جو نمائندو آهي."

مان پانيان ٿو تہ، جناح پاڻ بہ، گانڌيءَ جي اهڙن لفظن جي معنيٰ ۽ مطلب ضرور سمجهي ويو هوندو جنهن سبب ان کيس وڏي منيان لڳڻ سان گڏ کيس وڏو اعتراض پڻ ٿيو هوندو. اُن حوالي سان، جناح جو تہ ڪو اعتراض وغيرہ رڪارڊ تي اچي ناهي سگهيو البت، اُن ڏس ۾ جناح جي سوانح نگار اسٽينلي وولپرٽ جي "جناح آف پاڪستان" ۾ هڪ تبصري کي انتهائي معنيٰ خيز ۽ پُرمغز سمجهيو ويجي ٿو جنهن مطابق هو لکي ٿو:

"What an odd fact to single out for the comment about this multifaceted man, whos dress, behavior, speech and manner totally belied any resemblance to his religious affiliation. Jinnah, in fact, hoped by his anglophile apearence and secular wit and wisdom to convince the Hindu majority of his colleagues and countrymen that he was, indeed as qualified to lead any of their public orgnisation as Gokhale or Wedderburn or Dadabhai. Yet here in the first public words Gandhi uttered about him, every one had note that Jinnah was a "Mohommedan". That first statement of Gandhi's set the tone of their relationship, always at odds with deep tension and mistrust underlying its superficially polite manners, never friendly,never cordial. They seemed always to be sparring even before they put on any gloves. It was as if, subsconsciouly they recognized one another as "natural enemies", rival for national power, popularity and charismatic conrol of their audience, however small or awesomely vast they might become."[15]

"جناح جهڙي هڪ اهڙي گهڙ رخي ماڻهو لاءِ استعمال ڪيل گانڌي جا اُهي لفظ (تہ هي مسلمانن جو نمائندو اٿوَ) ڪيترا نہ نامناسب هئا، جنهن جي پوشاڪ، ورتاءَ، رويي ۽ ڳالهہ ٻولهہ واري انداز هُن جي مذهبي وابستگي کي ظاهر ڪرڻ جي هرطرح نفي ٿي ڪئي. جناح حقيقت ۾ ائين ٿي سمجهيو تہ پنهنجي سيڪيولر سوچ ۽ معلا فهميءَ جي ذريعي پنهنجي ساٿين توڙي پنهنجي وطني پائرن جي هندو اڪثريت کي اُن ڳالهہ تي راضي ڪري ونندو تہ هُو هنن جي ڪنهن بہ عوامي تنظيم جي اڳواڻي ڪرڻ جي گوکلي، وير ڊرنبرن ۽ دادا پائي جيتري ئي قابليت رکندڙ آهي. اُن جي باوجود، هيڏانهن گانڌي جي لفظن مان هرڪنهن کي اُهو پتو پئجي ويو تہ جناح "مسلمان" هو.

ڏنو وڃي. تہ گانڌي جي اُنهي ڳالهہ ۾ لفظن ئي دراصل، انهن ٻنهي اڳواڻن جي لاڳاپن جي نوعيت کي طئي ڪري ڇڏيو. هميشہ هڪٻئي جي مخالفت ڪندي، ظاهري طرح تهذيب يافتا طريقي ڪار اختيار ڪندي، اُن پويان تڪرار ۽ بدگماني رکندي، اُهي ڪڏهن بہ هڪٻئي جا دوست ٿي نہ رهيا. هر وار ائين پاسجندو هو تہ اُهي دستانا پڻ ئي ڪان اڳ ئي ٽونشي بازي لاءِ تيار ٿيو وڃن ٿا. اُهو ائين هو جڏهن هنن لاشعوري طور تي هڪٻئي کي "ازلي دشمن" طور سڃاڻي ورتو هجي، جيڪي قومي اقتدار ۽ مقبوليت توڙي پنهنجي پوئلڳن تي مڪمل طور قبضو يا ڪنٽرول رکڻ لاءِ هڪٻئي جا سخت مخالف هجن."

بهرحال، مان پنهنجي اصل ڳالهہ تي اچان تہ، اُنهي گانڌي جي مانَ ۾، گجرات سوسائٽي (سيا) پاران ڪوٺايل تقريب ۾ جناح جتي هندستان ۽ ڏکڻ آفريڪا ۾ ترسيل هندستانين جي مسئلي، ۽ اُن ۾ انگريزن جي ڪردار جي حوالي سان هڪ انتهائي اهم سياسي تقرير ڪئي. اُتي وري "گانڌي نہ ڪو هندستان جي باري ۾ پنهنجي خيالن جو اظها ڪيو ۽ نہ ڪو وري ڏکڻ آفريڪا واري معاملي تي (جنهن جو جناح خاص طور تي ذڪر ڪيو هو) ڪي بہ اکر اُوڳاڇيا."[16]

جناح، انگريزي ٻوليءَ ۾ ڳالهائيندو هو. تقريرن توڙي بحث مباحثن جي ٻُولي صرف انگريزي ئي هيس. دراصل، اڙدوءَ ۽ ٻين ٻولين جي هُن کي ڪا ڄاڻ ئي نہ هئي، ۽ اُهو ئي سبب هو، جو جناح کي هندستان جي هرسياسي تقريب ۾، انگريزيءَ ٻوليءَ ۾ ئي تقرير ڪرڻي پوندي هئي. چون ٿا تہ، اُنهي ساڳئي گجرات سيا واري تقريب ۾ جڏهن جناح تقرير ڪرڻ لاءِ اٿيو ۽ ايڏا شروعاتي لفظ ڪيا ٿي، تہ گانڌي وچ ۾ مداخلت ڪندي، ڪيس چئي ڏنو تہ اوهان کي گجراتين جي ميڙاڪي ۾ انگريزي زبان ڳالهائڻ ڏهي نہ ٿي. اوهان کي گجراتي ٻوليءَ ۾ پنهنجي تقرير ڪرڻ ڪپندي آهي.[17] اُن تي جناح تقرير ڪندي چيو تہ "دوستو! اڄ مان گانڌي جي "حڪم" تي گجراتي ۾ ڳالهائي رهيو آهيان، پر شروعاتي لفظن کانپوءِ مان پنهنجي تقرير انگريزي ۾ ئي ختم ڪندس."[18] جناح جي اهڙي ڳالهہ ڪرڻ تي تقريب ۾ ويٺل ماڻهن کان ڪلَ ڇُٽي وئي، جنهن کي دراصل، جناح پنهنجي وڏي بي عزتي سمجهي، ۽ "گانڌيءَ جي اُنهي نامناسب درخواست کي بيڪار دخل اندازي سمجهائين."[19]

اُن حوالي سان ڈاڪٽر اجيت جاويد لکي ٿي:

"شايد اُنهن ٻنهي اڳواڻن جي تعلقاتن جي خرابي اُتان ئي شروع ٿي. گانڌي بعد ۾ اُهو مڃيو ته جناح ڪيس اُنهي حرڪت تي ڪڏهن به معاف نه ڪيو ۽ اُنهي کي پنهنجي بي عزتي قرار ڏني. جڏهن ته، گانڌي پنهنجي تقرير ۾ جناح کي هندستاني چوڙ بدران ساڻي مسلم گجراتي چيو. اُنهي ڳالهه به جناح کي ڪاوڙ گاڏڙ صدمو پهچايو."[20]

بهرحال، گانڌي هندستان جي سياست ۾ پيرڏرڙ سان، هڪ طرف هندستان جي حقيقي وطن دوست اڳواڻن کي، پنهنجي مخصوص چالاڪي ۽ "نازڪ نفسي" سان، مٿن حملا ڪندو مايوس ۽ دل شڪسته ڪندو رهيو ته وري ٻي طرف هندستان جي سياست ۽ ان وقت جي منظر سياسي جماعت آل انڊيا ڪانگريس ۽ هوم رول ليگ تي قبضي ڪرڻ لاءِ مختلف منصوبا به جوڙيندو رهيو.[21] ائين، گانڌي ڏاڪي به ڏاڪي ڪانگريس ۽ هوم رول ليگ ۾ پنهنجي لاءِ جاءِ ناهيندو ويو. هُن سڀ کان پهريان گوکلي جي سرونيٽس آف انڊيا سوسائٽي (Servants of India Society) ۾ ميمبر ٿيڻ لاءِ درخواست ڏني،[22] جنهن کي اهو چئي رد ڪيو ويو ته "گانڌي مذهبي سوچ رکندڙ ماڻهو آهي، ۽ سروينٽس سوسائٽي ۾ مذهبي ماڻهن لاءِ ڪا گنجائش ناهي."[23] درخواست رد ٿيڻ کانپوءِ وري گانڌي ڪانگريس ۽ هوم رول ليگ ڏانهن رخ رکيو.

هوم رول ليگ جو بنياد، اصل ۾، هڪ آئرش عورت اينيٻسنت (1874 _1933ع) وڌو هو.[24] اينيٻسنت هڪ لبرل ۽ روشن خيال عورت هئي. ڪانگريس ۾ وڏي انتهاپسند قوتن کان بيزار ٿي پئي هئي، ۽ هوم رول ليگ جي نالي سان هڪ ڌار سياسي ڌڑو قائم ڪري ورتو هيائين. ايچ.ايم. سيروائي چواڻي، "هوم رول ليگ کي دادا ڀائي نورجي ۽ گوکلي جهڙن اعتدال پسند اڳواڻن جي به اخلاقي حمايت مليل هئي."[25] جئين ته، اُها سڄي تنظيم ئي، انتهاپسندي کان بيزاري ۽ سيڪيولر بنيادن تي قائم ڪئي وئي هئي، ان ڪري جناح به، ڪانگريس ۽ مسلم ليگ جي گڏيل ميمبر ۽ اڳواڻ هجڻ سان گڏ هوم رول ليگ ۾ به شموليت اختيار ڪري ورتي، ۽ هُو بمبئي شاخ جو صدر بڻيل رهيو.[26]

1915ع کان 1918ع جي وچ واري عرصي دوران هندستان جا گوکلي، فيروز شاهه مهتا، دادا ڀائي نورجي جهڙا وطن دوست قومي اڳواڻ لاڏاٿو ڪري ويا هئا، جنهن جي نتيجي ۾ هڪ طرف جناح کي هڪ

تجربيڪاروطن دوست سياسي اڳواڻ واري حيثيت ملڻ لڳي، تہ وري ٻي طرف، گانڌيءَ ٻہ سياست جي دنيا ۾ اُها جناح واري سياسي حيثيت حاصل ڪرڻ (يا ڪٽي ائين چئجي تہ اها حيثيت جناح کان کسڻ) لاءِ انڪلون هلائڻ شروع ڪري ڏنيون، جن ۾ سڀ کان پهرين انڪل گانڌي جي اُها هئي تہ انگريزن جي جنگ ۾ غيرمشروط مدد ڪري. سندن سڀ_طرفو آشيرواد حاصل ڪيو ويڄي.[27]

ڏٺو ويڄي تہ، گانڌيءَ جي اُها انڪلي سوچ ۽ ناجائز مفاد ئي هئا، جنهن سببان هُن هندستان اچي، جناح ۽ هندستان جي ٻي وطن دوست قيادت سان ڪا صلاح مصلحت ڪرڻ بدران، اُنهن جي بنيادي موقف ۽ سوچ جي ابتڙ، جنگ ۾ انگريزن جي مدد ڪرڻ جو نہ رڳو اعلان ڪري ٿي ڇڏيو[28] پر اُن لاءِ عملي سرگرمين جي شروعات ڪندي، فوجي پرتي واري مهم ٻہ شروع ڪري ٿي ڏني.[29] هُوڏانهن جنگ ۾ انگريزن خلاف ترڪي ٻہ شامل ٿيڻ ڪري، انگريزن لاءِ پريشاني ۽ دٻاءُ پيڻ وڌي ويو هو. جيتوٽيڪ برطانيا ۽ اُن جي اتحادي قوتن 1918ع ڌاري پهرين عالمي جنگ جو خاتمو آڻڻ سان گڏ ترڪيءَ تي ٻہ قبضو ڪري، اُن کي اڪيچار ٿيڻ ۾ ورهائي ڇڏيو هو.[30] پر، بهرحال، جنگ ۾ ترڪيءَ جي شموليت انگريزن کي ڪنهن حد تائين ڊيڄاري رهي هئي. ٻيو تہ، برطانوي حاڪمن هندستان جي مسلم مذهبي اڳواڻن سان اُهو واعدو ڪيو هو تہ جنگ جي خاتمي ڪانپوءِ ترڪيءَ جي مذهبي بادشاهت، يعني مسلمانن جي خلافتي راج کي ختم نہ ڪيو ويندو.[31] پر جڏهن جنگ ختم ٿي، ۽ انگريز سوياراٿيا، تہ پنهنجي واعدي تان ڦري ويا، ۽ ترڪيءَ کي انگريزن جي خلاف جنگ ۾ حصي وٺڻ جي سزا طور نہ رڳو اُتي جي مسلم حڪمران خليفي کي برطرف ڪري ڇڏيائون،[32] پرمورڳو سڄي ترڪي کي اڪيچار ٿيڻ ۾ ورهائي، انهن ٿيڻ کي مختلف اتحادي ملڪن جي قبضي ۾ ٻہ ڏئي ٿي ڇڏيائون.[33] اهڙي صورتحال سببان هندستان جي مسلم مذهبي اڳواڻن جا جذبا پڻ مشتعل ٿيندا ٿي ويا، ۽ ائين اُهي انگريزن خلاف هڪ ڀرپور تحريڪ هلائڻ جي تيارين ۾ جنبي ٿي ويا،[34] جيڪا تحريڪ 918ع واري سال جي پڇاڙيءَ ۾ خلافتي تحريڪ جي نالي سان هلائي ٻہ ڇڏيائون.[35]

بهرحال، مان پنهنجي اصل ڳالهہ تي اچان تہ، گانڌي هندستان پهچي، جنگ ۾ انگريزن جي غيرمشروط حمايت ڪرڻ جي اعلان ڪرڻ بعد، سڌو

وڃي بمبئي جي گورنر سرلارڊ ولنگڊن سان ملاقات ڪئي،[36] ۽ ڪيس اُها خاطري ڪرائي، ته انگريز کي لَهَر لُوڏو محسوس نه ڪن. هندستان ۽ هندستان جو عوام ڪنهن به شرط شروط کانسواءِ ئي انگريزن جي جنگ ۾ هرطرح جي مدد ڪرڻ لاءِ تيار آهي، ۽ مان پاڻ جنگ ۾ فوجي مدد واسطي هندستان جي جهر جهنگ وڃي، هندستاني ماڻهن کي انگريزن جي فوج ۾ پرتي ڪرائيندس.[37]

"هڪ طرف گانڌي هندستان جي ڪنهن به وطن دوست اڳواڻ سان ڪا صلاح مصلحت ڪرڻ کانسواءِ انگريز حاڪمن جي غيرمشروط حمايت ۽ مدد ڪرڻ لاءِ ماڻهن کي اپيلون ڪري ڪين جنگ ۾ شامل ٿيڻ جون هدايتون ڪري رهيو هو ته پي طرف وري جناح وارا هئا، جن جي جنگ بابت اختيار ڪيل مشروط ۽ متوازن موقف دراصل انگريزن کي بند گهٽي ۾ قاسائي ڇڏيو هو. تن ڏينهن جناح هندستان برطانوي فوجي مهم جي حوالي سان پيدا ٿيندڙ زور شُور خلاف سڀ کان وڏيڪ آواز اٺاريندڙ ماڻهو هو. جناح اُها ڳالهه ور ور ڏئي چوندو رهيو ته هندستانين کي جنگ وڙهڻ لاءِ چوڻ کان اڳ کين اُهو ئي درجو ۽ حيثيت ڏيڻ گهرجي، جيڪو درجو ۽ حيثيت برطانوي ماڻهن جي آهي، خاص طور تي هن مطالبو ڪيو ته هندستاني عوام کي شاهي ڪميشن وارو حق ملڻ کپي. چيمسفورڊ ڪاوڙمان اُن مطالبي کي "سوديبازي" سان پيٽ ڏني، جنهن تي جناح ڪاوڙ وچان جواب ڏنو ته ڇا اُها سوديبازي آهي ته شهنشاهه جي هڪجهڙي رعيت جي حيثيت سان پنهنجي عزت ۽ نفس کي برقرار رکندي، پنهنجي ملڪ ۾ پنهنجي حڪومت جي سامهون اُهو چئي سگهان ته اُهو فرق ختم ٿيڻ گهرجي؟ ڇا اُهو چوڻ سوديبازي آهي ماءِ لارڊ! ته منهنجي پنهنجي ملڪ ۾ مون کي اُها حيثيت ملڻ گهرجي، جيڪا يُورپي برطانوي ماڻهن کي مليل آهي؟ ڇا اُها واقعي سوديبازي آهي؟"[38]

بهرحال، 1918ع ڌاري جڏهن جنگ ۾ برطانيا جو پاسو ڳرو ٿيندو ٿي ويو ته تڏهن هندستان ۾ انگريز حاڪمن پاران اپريل 1918ع ۾ باضابطه طور هڪ وڏي جنگي ڪانفرنس ڪوٺائڻ جو بندوبست ڪيو ويو[39] جنهن ۾ شرڪت لاءِ جناح، گانڌي، اينيبسنت ۽ پي سموري وطن دوست هندستاني ليڊرشپ کي دعوت ڏني وئي.[40] جناح اپريل ۾ ٿيندڙ اُنهي جنگي ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪرڻ کان اڳ ئي پنهنجي شادي ٿيڻ سببان ڪجهه ڏينهن لاءِ گهمڻ ڦرڻ واسطي رتيءَ کي ساڻ ڪري، هندستان جي هڪ مشهور سياحتي شهر نيني تال ڏانهن هليو ويو. "جيتوڻيڪ نيني تال

دارجلنگ جهڙو ته نه هو پر تنهن هوندي به، سمنڊ جي سطح کان هڪ ميل تي هڪ اهڙو جابلو علائقو رهيو آهي، جنهن کي نهرو خاندان ۽ محمود آباد خاندان گهٽو ئي پسند ٿي ڪيو."[41]

بهرحال، نيني تال ۾ هڪ هفتو گذارڻ بعد جناح ۽ رتي دهلي واپس موٽي آيا. دهليءَ ۾ جناح گهرواريءَ سميت هڪ ميڊنز نالي هڪ هوٽل ۾ ترسيو جيڪو هوٽل، وولپرٽ چواٽي، "شهر جي ٻاهرين دروازي وٽ ڳاڙهي قلعي جي پويان مغل باغيچن، ڦوهارن ۽ تالابن سان گهيريل، پنهنجي شاهي ۽ محلاتي جوڙجڪ سان گڏ دنيا کان ڪنڌائتو ٿي ويهڻ جي هڪ انتهائي بهترين جاءِ هئي."[42]

استينلي وولپرٽ وڌيڪ ٻڌائي ٿو:

"شاهاٽي صُورت ۽ برطانوي آدابن تي هلندڙ ميڊنز هوٽل دهلي ۾ هميشه جناح جو هڪ وٽندڙ ۽ پسنديده هوٽل رهيوٿي. هُو وڏي حد تائين حيران ڪندڙ زال مڙس هئا. رتيءَ جا ڏڳها وارَ نه رڳو تازن گلن سان سجيل ٿي رهيا، پرهُن جو خُوبصورت ۽ لڇڪدار جسم گلابي ۽ ملڪي نيري، سُونهري ۽ چمڪندڙ ڳاڙهي ريشمي لباس ۾ ملبوس ٿي رهيو. هوءِ اڪثر ڪري مٿي تي تاج به پائيندي هئي، جيڪو ياقوت ۽ زمرد جهڙن اڪيچار هيرن سان جڙيل هوندو هو. هُن چاندي جي فلٽر سان گڏ انگريزي سگريٽ پڻ پيئڻ پسند ٿي ڪيو. جنهن هُن جي هر پُروقار حرڪت،هٽ يا جسم جي ٻي ڪنهن حصي جي ڇُرپُر کي ايڏا به وڌيڪ خُسناڪ بڻائي ٿي ڇڏيو. بلڪل ائين جڏهن رتيءَ جي ٻي ٻاڪ ٿهڪن جو جل ترنگ دنيا کي هُن جي موجودگي جي احساس ڏيارينڊو هو ته هُن جي خوبصورتي، سُونهن ۽ دلڪشي وڏي ٻيٽي ٽيو پوندو هئي. جناح پنهنجي نوڪدار ڇهپرن ۽ چمڪندڙ اڪين سان گڏ جڏهن بڪنگهم پيلس ۾ اندر هڪ برطانوي لار؛ وانگر لباس پهريون وينل ڏسڻ ۾ اينڊو هو ته هُن جي اُها جهلڪ اُن ڳالهه جي ساک ڏيندي هئي ته هُو پنهنجي ڪُنوار جي لاءِ بلڪل ئي مناسب جُوڙ آهي. 1918 واري اُنهي بهار واري موسم ۾ اُهي ٻئي ڇٽا (زال مڙس) ايترا ئي خوش ۽ مطمئن ڏسڻ ۾ ٿي آيا، جيترا اُهي حقيقت ۾ خوش ۽ مطمئن هئا به. هڪ اهڙي انتهائي خوبصورت شروعات کانپوءِ، يقينن هنن وٽ، اهڙي اميد ڪرڻ جا اڪيچار سبب هئا ته هنن جي مستقبل ۾ جيڪڏهن هميشه رهڻ واري روحاني خوشي نه هوندي، ته خوشين پري هڪ ڏڳهي زندگي ضرور هوندي."[43]

بهرحال، جئين ئي جناح ۽ رتيءَ وارا واپس دهلي موٽي آيا ته دهليءَ ۾ جنگي ڪانفرنس جي حوالي سان سرڪاري سطح تي وڏيون تياريون

هليون ٿي.[44] هن ئي ڪانفرنس ۾ جناح ۽ هندستان جي ٻي سموري وطن دوست قيادت خلاف هڪ اهڙي حرڪت ٿيڻ واري هئي، جيڪا نہ رڳو سندن قومي سوچ ۽ مفادن لاءِ بنهہ نقصان ڪار ثابت ٿي، پر، بنيادي طور تي، اُن حرڪت جناح واري وطن دوست ليڊرشپ کي سياسي ۽ اخلاقي طور اڪيلو ڪري، هڪ وڏي صدمي ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو.[45]

بهرحال، اپريل 1918ع واري ڏينهن تي اُها جنگي ڪانفرنس نہ ٿي، جنهن ۾ جناح، موتي لال نهرو ۽ گانڌيءَ سميت اڪيچار هندستاني قومي اڳواڻن شرڪت ڪئي.[46] جڏهن تہ ڪانفرنس ۾ انگريز سول توري ملٽري عملدارن جو پڻ جهجو انگ ويٺل رهيو. اصل ۾، جناح جي اڳواڻي ۾ سرگرم وطن دوست هندستاني ليڊرشپ جو اُهو سوچيل سمجهيل خيال هو تہ ڪانفرنس ۾ انگريزن کي ڪنهن نہ طرح سان جنگ ۾ غيرمشروط حمايت جي خاطري نہ ڪرائبي، پر پنهنجا ڪجهہ مطالبا ميڙائي، جنگ ۾ مشروط حمايت جي خاطري ڪرائي ويندي.[47]

دراصل، اُها سوچ سوچي جناح ۽ ٻين هندستاني اڳواڻن ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪئي، ۽ ائين، جڏهن ڪانفرنس ۾ انگريز سرڪار پاران اُها قرارداد پاس ڪرائي وئي تہ جنگ ۾ هندستان پاران انگريزن جي غيرمشروط حمايت ۽ مدد ڪئي ويندي تہ اُن تي، فورن گانڌي اُٿي بيهي رهيو ۽ ڪنهن کي ڪجهہ ٻڌائڻ کانسواءِ ئي اُهو چئي ڏنائين تہ "مان پنهنجي ذميواري جي مڪمل احساس سان اُنهي قرارداد جي غيرمشروط حمايت ڪريان ٿو."[48]

گانڌيءَ جي اُنهن لفظن جو مطلب اُهو هو تہ هُو جنگ ۾ انگريزن جي غيرمشروط حمايت ڪرڻ لاءِ تيار آهي. "دراصل گانڌيءَ جي اهڙي "غيرمشروط" حمايت، جناح ۽ اُن جي اڳواڻي ۾ سرگرم ۽ انگريز سرڪار سان جنگ جي مسئلي تي سخت اختلاف رکندڙ ليڊرشپ جي حڪومت مخالف موقف کي نہ رڳو ڪمزور ڪري ڇڏيو، پر مورڳو اُن کي مليامٽ بہ ڪري ٿي ڇڏيو."[49]

جناح جي سوانح نگار استينلي وولپرٽ بہ اهڙي ڳالهہ ڪئي آهي. هُو ٻڌائي ٿو:

"Gandhi's loyalist role at the war conference proved devastating to Jinnah's anti_government stand and caught the entire national leadership in attendance at Delhi off balance."[50]

"انگريز سرڪار پاران جنگ لاءِ ٽيندڙ اُنهي ڪانفرنس ۾ گانڌي جي حمايتي ڪردار نہ رهڻو جناح جي حڪومت مخالف موقف کي بنهہ تباهہ ڪري ڇڏيو پر دهليءَ ۾ موجود سموري هندستاني قوميپرست قيادت کي بہ چڪرائي ٽي ڇڏيو."

جيتوٽيڪ، گانڌيءَ جي اُنهي غيرمشروط حمايت ڪرڻ واري اعلان ڪانپوءِ جناح ڪانفرنس ۾ هڪ بي قرارداد پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، پر وائسرا وچ ۾ اچي اُن کي پيش ڪرڻ جي اجازت نہ ٽي ڏني. بي ڏينهن جناح وائسراءِ کي هڪ ڏگهو خط لکيو [51] جنهن ۾ هندستان جي وطن دوست قومي ليڈرشپ توڙي عوام پاران جنگ ۾ انگريزن جي غير مشروط حمايت جي سخت مخالفت ڪيائين، ۽ لکيائين:

"We can not ask our young men to fight for principle, the application of which is denied to their own country. A subject race can not fight for others with the hear and energy with which a free reace can fight for freedom of itself and others. If India is to make great sacrifices in the defence fo the Empire, it must be as a partner in the Empire and not as a dependency. Let her feel that she is fighting for her own freedom as well as for the commonwealth of free nations under the British Crown and then she will strain every verve to stand by England to the last...Let full responsible government bee established in India within a definite period to be fixed by statute with the Congress_League scheme as the first stage and a Bill to that effect be introduced into Parliament at once."[52]

"اسان پنهنجي نوجوانن کي اُهو نہ ٿا چئي سگهون، تہ اُهي اُنهن اصولن لاءِ جنگ ۾ حصو وٺن، جن کي سندن ملڪ ۾ ممنوع قرار ڏنو ويو آهي. هڪ غلام قوم اُن جذبي ۽ سگهہ سان بين لاءِ جنگ نہ ٽي وڙهي سگهي، جنهن سان سرشار ٽي هڪ آزاد قوم پنهنجي ۽ بين لاءِ وڙهي سگهي ٽي. جيڪڏهن هندستان کي برطانوي بادشاهت لاءِ وڏيون وڏيون قربانيون ڏيڻيون آهن تہ اُهي انگريز بادشاهت جي هڪ حصيدار جي حيثيت سان هجڻ گهرجن، نہ ڪي هڪ غلام ملڪ جي حيثيت سان. اُن کي اهو محسوس ڪرڻ ڏنو وڃي تہ اهو (هندستان) پنهنجي سموري آزادي سان گڏ برطانوي تاج جي سرپرستي هيٺ آزاد قومن جي دولت مشترڪا لاءِ وڙهہ وڙهي رهيو آهي. تڏهن وڃي اُهو انگلينڊ جي ساٿ ڏيڻ لاءِ آخري وقت تائين پنهنجو سمورو زور لڳائي ڇڏيندو. اُن لاءِ ٽيڻ ائين گهرجي، جو بهرين مرحلي طور هندستان ۾

ڪانگريس _ ليگ اسڪيم تحت آئيني ڪارروائي مطابق طئي ڪيل وقت ۾ هڪ مڪمل طور خودمختيار حڪومت قائم ڪئي ويجي، ۽ اُن ڪم لاءِ ترت ئي پارليامينٽ ۾ هڪ بل متعارف ڪرايو ويجي."

اصل ۾، جناح ۽ اُن جي اڳواڻي ۾ سرگرم رهندڙ هندستان جي وطن دوست قومي ليڊرشپ جو اُهو هڪڙو سوچيل سمجهيل خيال هو ته جئين ته هندن ۽ مسلمانن ۾ جي وچ ۾ لکنو معاهدي جي صورت ۾ هڪ انتهائي شاندار سياسي معاهدو ڪيو ويو آهي، ۽ اُنهي معاهدي ذريعي تاريخ ۾ پهريون پيرو هندو ۽ مسلمان گڏجي، هڪ_آواز ٿي، ننڍي کنڊ ۾ فرقيواراڻي مسئلي جي حل تي اتفاق ڪري ورتو آهي. اُن ڪري هاڻ جئين تئين ڪري، هندستان ۾ هڪ ذميوار حڪومت جي قيام جو بندوبست ڪرائي، اُنهي معاهدي تي رياستي طرح عمل ڪرايو ويجي،[53] ۽ اُهو ئي سبب هو جو جناح ۽ ٻي سموري وطن دوست ليڊرشپ (گانڌي ڪانسواءِ) انگريز حاڪمن آڏو هندستاني عوام طرفان اُهو موقف ٿي رکيو ته جيستائين هندستان کي هڪ ٻيڪي راج واري درجو ڏئي، اُتي هڪ ذميوار ۽ خودمختياري حڪومت قائم نه ٿي ڪئي ويجي، تيستائين جنگ ۾ هندستاني عوام پاران انگريزن جي گهربل مدد ممڪن نه ٻڌبي.[54]

هندستان جي قومي قيادت پاران اهڙي اصولي موقف اڇڻ سببان انگريز سچ پچ ته منجهي پيا هئا. هڪ ته اُهي جنگ ۾ ڪاٽل هجڻ سببان، هندستان کي ٻيڪي درجو ڏئي، اُتي هڪ خودمختيار حڪومت قائم ڪرڻ بابت سوچي به نه ٿي سگهيا، ۽ مٿان واري دٻاءُ اُهو هو جو هندستان جي قومي قيادت انگريزن جي اُنهي مجبوري کي چڱي طرح پروڙي ورتو هو. جنهن جي ڪري، اُنهن طرفان ور ور ڏي اُهو موقف سامهو آيو ٿي ته جنگ ۾ مدد کان اڳ هندستان ۾ خودمختيار حڪومت قائم ڪئي وجي. بهرحال، گانڌيءَ انگريزن جي ان سڃي مُونجهه، پريشاني ۽ ڪمزوري کي ختم ڪري ڇڏيو جو هُن اڇڻ سان نه رڳو جنگ ۾ حمايت جو اعلان ڪري، انگريزن جي گهربل مدد ڪرڻ جي غيرمشروط حامي پري ورتي،[55] پر اُن سڃي ڏنڊي لاءِ علي الاعلان پنهنجي مُهم تي به نڪري پيو البت، اُها ٻي ڳالهه آهي ته گانڌيءَ جي جنگ ۾ انگريزن جي فوجي مدد ڪرڻ لاءِ هندستان جي واهڻ وستين ۾ رولڙا ڪرڻ، ۽ فوج ۾ پرتي ڪرڻ لاءِ ماڻهن کي منٿون ڪرڻ وارين ڪوششن جو ڪڙتيل نه نڪتو ۽ هو مايوس ۽

دل شڪستو ٿي ويهي رهيو. بعد ۾ وري فوجي پرتي ۾ مدد ڪرڻ لاءِ جناح کي خط لکيائين، پر هن اُن کي ڪنهن خاطر ۾ ئي نه آندو.[56]

ڏنو وڃي ته، انگريزن جي ڪوٽايل اُن جنگي ڪانفرنس ۾ هڪ ٻئي جي ابتڙ موقف رکڻ سببان، جناح ۽ گانڌيءَ جي وچ ۾ اُهو پهريون سياسي ٽڪر هو جنهن وڏي حد تائين نه رڳو جناح ۽ گانڌي حوالي سان بداعتمادي پيدا ڪريو ڇڏي، پر اُنهي حرڪت ٻنهي کي سياسي لحاظ کان هڪٻئي کان ٻنهه گهٽو پري به ڪري ٿي ڇڏيو.

حقيقت ۾ گانڌي غلط هو. هُو ايڏا هندستان جي سياست ۾ نئون نئون آيو هو. جڏهن ته، جناح ۽ ٻيا ڪانگريس جا انتهائي تجربيڪار سياستدان هئا. گانڌيءَ لاءِ جنگ ۾ انگريزن جي غيرمشروط حمايت ڪرڻ واري موقف کي انگريزن آڏو ظاهر ڪرڻ کان اڳ اُهو لازم هو ته هُو اُنهي معاملي تي اڳواڻ جناح ۽ تنهن وقت جي ٻي سموري وطن دوست قومي قيادت کي اعتماد ۾ وٺي ها، ۽ پوءِ ئي کو ڪَڏيل فيصلو ڪيو وڃي ها ته جنگ ۾ انگريزن جي غيرمشروط حمايت ڪجي يا نه ڪجي؟ البت، گانڌي اهڙي ڪا به زحمت گوار نه ڪئي، ۽ پنهنجي_ليکي خود خيالي سان انگريزن جي جنگي ڪانفرنس ۾ غيرمشروط حمايت جو اعلان ڪري ٿي آيو. جنهن سببان نه رڳو انگريزن خلاف آئيني جدوجهد ۾ مصروف جناح واري ليڊرشپ جو انگريز مخالف موقف ڪمزور ٿي ويو. پر ائين، گانڌي جي غيرمشروط حمايت سببان، جناح وارو سڄو سياسي لڏو سياسي ۽ اخلاقي طرح سان ڪمزور ۽ اڪيلو ٿي Isolation ڏانهن هليو ويو. جنهن جو قومي طور تي اُهو نقصان ٿيو. جو هڪ ته گانڌيءَ جي حمايت ملڻ سببان انگريزن جي اخلاقي برتري قائم ٿي وئي، ۽ ٻيو ته، انگريزن کي جناح جي هندستان واسطي بيٺڪي راڄ جي درجي ڏيڻ واري مطالبي کي رد ڪري ڇڏڻ واري ڳالهه به هرطرح سان ڦهي ٿي وئي.

ٻيو ته، جناح ۽ گانڌيءَ جو هندستان جي سياسي ميدان ۾ ٽڪر، ۽ تڪرار پيدا ٿيڻ به اوس هو. ڇاڪاڻ ته، اُنهن ٻنهي اڳواڻن جون نه رڳو سياسي حڪمت عمليون هڪٻئي جي ابتڙ هيون، پر بنيادي طور ٻنهي جو مزاج، سوچ ۽ ذهنيت توڙي سياسي مفاد به الڳ الڳ هئا. مثال طور: جناح انگريزن کان آزادي وٺڻ خاطر هندو_مسلم اتحاد تي زور ٿي ڏنو جو اُها ڳالهه هُن پليءَ پت سمجهي ٿي ته هندن ۽ مسلمانن جي گڏيل ايڪي، بڏي

۽ اتحاد کانسواءِ، گڏيل قومي جدوجهد هلائڻ ۽ قومي آزادي حاصل ڪرڻ ممڪن نہ ٿيندي. جڏهن ته، گانڌي وري نہ رڳو هندو_مسلم اتحاد ۾ ڪا گرم جوشي نہ ٿي ڏيکاري، پر سياست جي دنيا ۾ "سوراج" ۽ "رام راج" جهڙا غيرسياسي ۽ نيٺ مذهبي نُوعَ جا نعرا متعارف ڪرائي، هندو ۽ مسلمانن ۾ سياسي ساڻ نفرت ۽ ڪروڌ کي پيدا ڪرڻ سان گڏوگڏ اقليتن لاءِ سڌو سنئون عدم تحفظ واري ماحول کي پڌ اُپاريو ٿي. (جنهن جو منطقي نتيجو 1924ع ڌاري هندو ۽ مسلمانن ۾ اُپري آيل خونريز مذهبي جهيڙن جي صورت ۾ پڌ ظاهر ٿيو جنهن سببان قتل، خونريزيءَ ۽ تباهي جا انسانيت سوز واقعا ٿيا) ائين، جناح آئين ۽ قانون_پسندي جي ڳالهه ٿي ڪئي، ته گانڌي وري، عدم تشدد واري نام نهاد فلسفي سان گڏ جنگ ۽ جهيڙن کي ضروري ٿي سمجهيو. جو جنگ ۾ انگريزن جي سپ_طرفي مدد ڪرڻ لاءِ وڌا وس بہ ڪيائين.[57]

جناح سيڪيولر ۽ غيرمذهبي ذهن رکندڙ ماڻهو هو. جڏهن ته، گانڌي نيٺ مذهبي ذهنيت ۽ رجعت پسند سوچ رکندڙ هو.[58] "شايد ٻنهي اڳواڻن جي سوچ،طبعيت ۽ مزاج جو اُهو وڏو بنيادي فرق ۽ تضاد هو جنهن دراصل ننڍي کنڊ جي اُنهن ٻنهي اڳواڻن کي هڪٻئي جو مخالف بڻائي ايترو ته ڏُور ڪري ڇڏيو جو منجهن ڪا بہ مفاهمت يا ناهہ نہ ٿي سگهيو ۽ منطقي نتيجي طور مورڳو ننڍي کنڊ جو ٻئي ورهاڳو ٿي ويو."[59]

بهرحال، اُها حقيقت آهي ته، جناح ۽ گانڌي جي شخصيت ۽ ڪردار هڪٻئي جي ابتڙ ۽ متضاد هو ۽ اُهو ئي سبب هو جو اُنهن ٻنهي اڳواڻن جي هندستان جي سياسي ڌارا ۾ ٻنهي هلڻ ممڪن ئي نہ ٻڌيو. اصل ۾ گانڌي، ڪانگريس ۽ مسلم ليگ ۾ جيڪو 1916ع ڌاري لکنو معاهدو ٿيو اُن کان ڪنهن بہ طرح سان خوش نہ هو ۽ اُهو ئي سبب هو جو گانڌي هڪ طرف جنگ ۾ انگريزن جي غيرمشروط حمايت جو اعلان ڪري، جناح ۽ اُن سان لاڳاپيل وطن دوست ليڈرشپ کي ڪمزور ڪرڻ چاهيو ٿي، ته جئين لکنو معاهدي تي عمل نہ ٿي سگهي، ته وري ٻي طرف، اُن ترڪيءَ جي سلطنت عثمانيہ جي عوام دشمن مردار مذهبي بادشاهت کي بچائڻ واري هندستاني مسلمانن جي مذهبي رجعت پسند حلقي جي نام نهاد ڳڻتيءَ ۽ فڪر جو طرفدار ٿي، خلافتي ۽ بعد ۾ وري اُن کي ٽيڪو ڏيڻ لاءِ هلايل عدم تعاون واري تحريڪ جي ذريعي سڄي ننڍي کنڊ کي هڪ اهڙي مذهبي

جنونيت جي ڏهڻ ۾ ڪٿو ڪري ٿي ڇڏيو جو هڪ طرف هندو ۽ مسلمانن ۾ فرقيوارڻن وڌوڙن ۽ جهيڙن ٿيڻ سببان پاڻ_هرتو لکنو معاهدي جا بکيا ادبڙجي ٿي ويا. اُهو دراصل گانڌيءَ جي هلايل مذهبي تحريڪن جو اثر آهي، جو اڄ سوڌو اسان مُسلمان پاڪستان ۾ مذهبي جنونيت، دهشتگردي، عدم تحفظ ۽ مارا ماريءَ کي پُوڄيندا پيا اچون. ته وري هندستان ۾ هندو عوام، هندو راشٽريا ۽ راشٽريا سيوم سيوڪ سنگهه جهڙين هندو مذهبي دهشتگرد تنظيمن جي مذهبي جنونيت ۽ ڪروڌ جو نشانو بڻيل رهي ٿو.

بهرحال، اُن وچ ۾ يعني انگريزن جي دهليءَ ۾ ڪوٺايل جنگي ڪانفرنس ڪانپوءِ، وري بمبئيءَ جي گورنر سرلارڊ ولنگڊن پاران هڪ ٻي صوبائي جنگي ڪانفرنس 10جون 1918ع تي ڪوٺائي وئي،[60] جنهن ۾ جناح، گانڌي ۽ تلڪ سميت ڪانگريس توڙي هوم رول ليگ جي سمورن هندستاني اڳواڻن شرڪت ڪئي.[61] دراصل، گورنر ولنگڊن جناح واري هندستاني ليڊرشپ تي ڏمريل هو. جو اُن جنگ ۾ غير مشروط حمايت ڪرڻ کان سڌو انڪار ڪري ڇڏيو هو ۽ اُهو ئي سبب هو جو جڏهن 10 جون 1918ع تي بمبئيءَ ۾ جنگ بابت صوبائي اجلاس ٿيو ته گورنر سرولنگڊن جناح جي لڏي وارن اڳواڻن تي سخت چوهه چنڊيا ۽ مٿن بداعتمادي جي اظهار ڪندي ائين چيو:

"هتي ڪجهه معزز مهمان اهڙا به آهن، جن جو عوام تي ڪافي اثررسوخ آهي ۽ اُنهن مان ڪيترائي انهي سياسي تنظيم (جنهن کي هوم رول ليگ چيو ويڃي ٿو)جا ميمبر آهن، جن جون سرگرميون گذريل ڇڃ سالن کان اهڙيون رهيون آهن، جو سندس حمايت جي سڃائي تي ڪو پروسو نه ٿو ڪري سگهجي."[62]

اهڙي ڳالهه ٻڌڻ ڪانپوءِ جناح ڳالهائڻ لاءِ اٿيو ۽ چيائين:

"مون کي اُها ڳالهه ٻڌي تڪليف ٿي آهي، ۽ بنهه گهٽي تڪليف ٿي آهي ته اسان جو محترم گورنر صاحب هوم رول جي سڃائي ۽ ديانتداري تي شڪ ڪرڻ واري ڳالهه صحيح سمجهي ٿو. مون کي اهڙي ڳالهه تي نهايت افسوس آهي، ۽ مان پنهنجي پوري احترام سان اُن خلاف سخت احتجاج ڪرڻ چاهيان ٿو. مان به پنهنجي وطن ۽ سلطنت جي دفاع لاءِ هر ٻي ماڻهو وانگر پريشان آهيان، پر فرق صرف طريقن بابت آهي. ڇو ته هوم رول ليگ حڪومتي طريقي ڪار اختيار ڪرڻ نه ٿي چاهي. اُن صرف اسڪيم کي

بهتر بنائڻ لاءِ ڪجهه تجويزون ڏيڻ ٿي چاهيون. حڪومت وٽ پنهنجي اسڪيم آهي، جيڪا صرف سپاهين کي پرتي ڪرڻ جي باري ۾ آهي. پر اُها حڪومتي اسڪيم حڪمرانن کي جرمن مصيبت کان بچائڻ لاءِ ڪافي ناهي. اُهي صرف هڪ قومي ۽ شهري فوج چاهين ٿا. مان چوان ٿو ته جيڪڏهن اوهان اسان کي پنهنجي مدد جي لاءِ قابل بنائڻ گهرون ٿا ته جيئن اسان فوجي پرتي کي تيز ۽ سولو ڪري سگهون. اُن لاءِ اوهان کي اسان جي پڙهيل لکيل ۽ تعليم يافتا ماڻهن کي اُهو احساس ڏياراڻو پوندو ته اُهي سلطنت جا شهري ۽ بادشاهت سلامت جي هڪجهڙي رعيت آهن. اوهان جوءَ ٿا ته اسان تي پروسو ڪيو وڃي ته اوهان (هندستانين) کي سلطنت ۾ پائيوار بڻائيو ويندو. پر ائين ڪڏهن ٿيندو؟ اسان کي عمل ۾ اُن جو تڪڙو نتيجو کپي. اسان کي بي ڪا به ڳالهه نه ٿي کپي."[63]

چون ٿا ته، اُنهي ڪانفرنس ۾ جڏهن هندستان جو هڪ انتهائي معتبر اڳواڻ بال گنگا ڌر تلڪ ڳالهائڻ لاءِ اٿيو ته گورنر ولنگڊن نه رڳو ساڻس شخصي بي عزتي وارو رويو اختيار ڪيو پر ڪيس ڳالهائڻ به نه ٿي ڏنائين. اُهو ئي سبب هو جو ڪاوڙ ۾ سمورا هندستاني اڳواڻ احتجاجن واڪ آئوٽ ڪري مورڳو اجلاس مان اُٿي هليا ويا. پر "جناح وينو رهيو ۽ پنهنجي زندگيءَ جي انتهائي زبردست تقرير ۾ هُن گورنر لارڊ ولنگڊن جي ايڏنگي رويي جون ڌجيون اُڏائي ڇڏيون، ۽ بعد ۾ پاڻ به واڪ آئوٽ ڪري اجلاس مان ٻاهر نڪري آيو."[64]

وولپرٽ، جناح ۽ بمبئيءَ جي گورنر لارڊ ولنگڊن جي وچ ۾ پيدا ٿيل اختلافن جو اُولڙو سندن سماجي ۽ ذاتي زندگي مان به پسايو آهي. اُن حوالي سان هُو لکي ٿو:

"Jinnah's public conflict with Willingdon was reflected intheir acerbic social relationship. The Jiinah had been invited to dinner at Bomby's Government house soon after returing from their honeymoon. Ruttie wore one of her lowest_cut Paris evening gowns, and lady Willingdon was quick to order her servant to bring a "wrap to cover up Mrs. Jinnah..... in case she felt cold." Jinnah did not wait for the servant 's return, jumping up from table to inform his hostess, "When Mrs. Jinnah felt cold, she will say so, and ask for a wrap herself." He escorted his wife from the room. They did not set foot inside the Government house again till the Willingdon had meved out."[65]

"ولنگڊن سان جناح جا اختلاف سندن تلخ سماجي لاڳاپن مان به چڱي طرح سان ظاهر ٿين ٿا. جناح کي سندس شادي واري هني مُونَ کان واپس اچڻ کانپوءِ بمبئيءَ جي گورنمينٽ هائوس ۾ ڊنر جي دعوت ڏني وئي. جناح رتيءَ سميت اتي ويو. رتيءَ کي هڪ ڪليل ڳلي وارو پيرس جي شام وارو وڳو پهريل هو. رتيءَ کي ڏسندي ئي گورنر لارڊ ولنگڊن جي گهرواري مسزولنگڊن ترت پنهنجي نوڪر کي اُهو حڪم ڏنو ته هو وڃي مسز جناح لاءِ چادر کڻي اچي. چاڪاڻ ته ڪٿي ڪيس سردي نه لڳي پوي. اُن تي جناح نوڪر جي واپسي جي انتظار ڪرڻ کان نسواءِ پنهنجي ميز جي آڏو اٿي بيهي رهيو ۽ پنهنجي ميزبان کي ٻڌايائين ته جڏهن مسز جناح سردي محسوس ڪندي ته هُوءِ پاڻ ٻڌائيندي ۽ پاڻ ئي چادر گهري وٺندي. هُو پنهنجي گهرواريءَ کي ڪمري کان ٻاهر وڃي آيو. ۽ پوءِ وري ٻيهر گورنمينٽ هائوس ۾ تيستائي قدم نه رکيائين. جيستائين ولنگڊن اتان روانو نه ٿيو."

بهرحال، "صوبائي جنگي اجلاس جي ختم ٿيڻ جي هڪ هفتي کان پوءِ جناح واري هوم رول ليگ 16 جون 1918ع تي هڪ وڏي ريلي ڪيي هوم رول ڏاڻو ملهايو. جنهن ۾ جناح چيو ته، لارڊ ولنگڊن چوي ٿو ته هوم رول ليگ بددليءَ سان سندن حمايت ڪري رهي آهي. منهنجو جواب آهي ته اوهان جون پاليسيون ۽ طريقا سڀ غلط آهن. مان نه ٿو سمجهان ته هڪ بيورڪريٽ ايترو اڻ ڄاڻ هجي، جو ڪيس هي سڀ ڪجهه ڏسڻ ۾ نه ايندو هجي. هُو اسان تي اعتماد ۽ پروسو نه ٿا ڪن. (يعني اسان هندستانين کي خُودمُختيار حڪومتي انتظام ڏيڻ جو بندوبست نه ٿا ڪن) ان ڪري اُهي اسان کي پنهنجي وطن ۽ سلطنت جي دفاع ڪرڻ لاءِ هٿيار کڻڻ جي اجازت نه ٿا ڏين. هو چاهين ٿا ته اسان اُن اداري کي هلائيندا رهون، جنهن کي هو فُوجَ چون ٿا، جيڪا صرف سپاهين جي هڪ فوج آهي، ۽ ڪجهه به ناهي، ۽ پوءِ وري اسان ڏانهن مُنهن ڪري چون ٿا ته اسان سندن مدد ناهيون ڪري رهيا. مان اُهو ئي چوان ٿو. جيڪي ڪجهه مسٽر مانٽيگيو مسيوپوٽاميا رپورٽ ۾ چئي چڪو آهي ته هندستاني (انگريز) حڪومت گهٽي ٻي جان، گهٽي سخت ۽ ڪڏهن به لُوڏي ۾ نه اچڻ واري آهي، ۽ اُنهي ڪري اُها اسان جي مقصدن ۾ مددگار نه ٿي ٿي سگهي."[66]

چون ٿا ته، تلڪ کي ڪانفرنس ۾ گورنر پاران سوين ماڻهن جي آڏو ڳالهائڻ جي اجازت نه ڏيڻ، ۽ اُن ۾ گورنر پاران ايندڙ رويي اختيار ڪرڻ جو تلڪ کي وڏو صدمو پهتو[67] ۽ جناح وري ينهنجي اُنهي هندو ساٿي جي

بي عزتي ۾ هٽڪ جو بدلو 11 ڊسمبر 1918ع تي گورنر لارڊ ولنگڊن جي بمبئيءَ ۾ ٿيندڙ الوداعي تقريب جو بائيڪاٽ ڪرائي گورنر کي خوار ڪرڻ جي صورت ۾ ورتو.[68] هاڻ، اُنهي واقعي جي روئداد بيان ڪرڻ کان اڳ ضروري آهي ته مانٽيگيو ـ چيمسفورڊ رپورٽ جو ذڪر ڪندو هلجي. ڇاڪاڻ ته، جون 1918ع ڪانپوءِ، جولاءِ 1918ع ۾ ئي، هندستان ۾ انگريز حاڪمن پاران آئيني سڌرن لاءِ هڪ ڊرافٽ متعارف ڪيو ويو[69] جنهن کي بعد ۾ مانٽيگيو ـ چيمسفورڊ آئيني سڌارن جو نالو پڻ ڏنو ويو.

اُنهي رپورٽ ۾ انگريز سرڪار کي اُن ڳالهه جي سفارش ڪئي وئي ته هندستان جي انتظامي ۽ رياستي ادارن ۾ انگريزن عملدارن سان گڏ هندستان جي چونڊيل قومي نمائندن لاءِ گنجائش ڪڍي، اُنهن کي وڏي حد تائين نمائندگي جو حق ڏنو وڃي.[70] جناح اُنهن آئيني سفارشن ۽ تجويز جي ظاهر ٿيڻ ڪانپوءِ ترت 23 جولاءِ 1918ع تي پنهنجي رد عمل طور اخبار ڏانهن هڪ پاليسي بيان جاري ڪيو[71] جنهن ۾ چيائين:

"The proposals are not like the laws of the Persians and the Medes, but they may be modified upon further discussion. . . . Great eflort has been made to face the problem. I know that great dificulties were put in the way of Mr. Montagu in India and he was called upon to deal with one of the most intricate and complicated problems that' country had ever to face . . . but, I think, he has been unduly influenced by the alarmist section, which has resulted in innumerable strictions being put on the concessions that have been made to E people. . . . The advancement would be worthless unless majorprovinces like Bombay all the departments, except the Police I Iustice, are transferred. I am willing to accept this only as a tr; tional stage with a view to show that for the present the maint of law and order may be reserved to the Government, since the argument has been advanced that, after all, we are going through arr perimental stage."[72]

"اُهي سفارشون ڪٽي جو ايرانين ۽ ميڊيز جي قانونن موجب ناهي، پر تنهن هوندي به، گڏيل ڳالهه ٻولهه ۽ صلاح مصلحت سان اُنهن کي وڌيڪ بهتر بڻائي سگهجي ٿو. مان ذاتي طور تي اُن ڳالهه جي چگي طرح سان سُڌَ رکان ٿو ته مسٽر مانٽيگيو جي رستي ۾ تمام گهڻيون ڏکيايون پيل آهن، ۽ هُن کي هڪ انتهائي پيچيده ۽ منجهيل معاملي کي، جيڪو کنهن ٻي ملڪ کي شايد ئي درپيش هجي، نبيرڻ جي ذميواري ڏني وئي آهي، پر مان اُهو به سمجهان ٿو ته

هو ڪن ڊيڄاريندڙ ماڻهن کان بہ غيرضروري طور تي بہ متاثر ٿيل پاسجي ٿو جنهن جو نتيجو اُهو نڪتو جو ماڻهن کي ملندڙ رعايتن تي اڙ_ڪڻيون پابنديون لڳايون ويون. جيستائين وڏن صوبن (جهڙوڪ بمبئي)کي سمورا سرڪاري ڪاتا ۽ ادارا سواءِ پوليس ۽ عدالتي نظام جي، نہ ٿا منتقل ڪيا ويڻ، تيستائين اڳتي وڌڻ جو عمل اڙ لاپائتو رهندو. صرف اُن ڳالهہ کي ظاهر ڪرڻ لاءِ تہ موجوده حالتن ۾ امن امان جي بحالي حڪومت جي ذميواري آهي.جنهن لاءِ وري اُهو دليل ڏنو ويندو آهي تہ اسان بهرحال ايڏا هڪ تجرباتي مرحلي مان گذري رهيا آهيون. مان اُن کي صرف هڪ عبوري مرحلي طور تي ئي قبول ڪرڻ لاءِ تيار آهيان."

وولپرٽ جناح جي اهڙي بيان تي تبصرو ڪندي لکي ٿو:

"Again, Iinnah proved himself eminently moderate and flexible, a brilliant constitutional lawyer and negotiator. Had his efforts to deal ' Montagu not been sab otaged by the government of India and its black Rowlatt acts, the years of tragedy that were to ensue in the wake of the war need not have derailed the process of responsible transfer ofpower set so patiently in motion by Britain's two greatest Liberal secretaries of state John Morley and Edwin Montagu."[73]

"هڪ پيرو وري ٻيهر جناح پاڻ کي نمايان طور تي هڪ اعتدال پسند، هڪ ذهين آئيني وڪيل ۽ هڪ وڏو معاملا فهم ثابت ڪيو هو.جيڪڏهن هُن جي مونٽيگيو سان سڏو سنئون ٽيندڙ ڳالهہ ٻولهہ وارين ڪوششن کي حڪومت ۽ رولٽ ايڪٽ واري ڪاري قانون جي ذريعي تباهہ نہ ڪيو ويڄي ها تہ اُهو لازمي نہ هو تہ ڪو جنگ جي ڪُک مان ٻيدا ٿيندڙ مصيبن جا ايندڙ ڏهاڙا هندستان ۾ اختيارن جي ڏيوار منتقلي جي عمل، جن کي برطانيا جي ٻن عظيم ترين لبرل سيڪريٽري آف اسٽيٽ ايڊون مورلي ۽ مانٽيگيو نهايت صبر ۽ حوصلي سان شروع ڪيو هو، کي تباهہ ڪريو ڇڏين ها."

جيتوڻيڪ، مونٽيگيو_چيمسفورڊ جي تجويزن تي هندستاني اڳواڻن کي ڪجهہ تحفظات تہ هئا، پر وولپرٽ چواڻي "جناح مونٽيگيو جي تجويزن جي حوالي سان ٻنهي ردعملن کي گڏ ڪري، ڪانگريس_ليگ جي گڏيل ڪميٽيءَ ۾ خدمتون سرانجام ڏنيون. جنهن جو نتيجو وري رپورٽ جي باضابطہ منظوري ۽ لکنو معاهدي جي تصحيح جي صورت ۾ نڪتو جنهن سببان هندستان ۾ هڪ مڪمل خودمختيار حڪومت جي حاصلات لاءِ ڪوششون تيز ٿي ويون. ڪانگريس جي اڳواڻن ۾ رپورٽ جي

صحيح تجزئي بابت وڏا اختلاف ڏنا ٿي ويا. سريندرناٿ بينرجي اُن جي حمايت ڪرڻ ٿي گهري. سي آر داس وري "ردعمل جي ناڪامي" جي اميد ٿي ڪئي، ۽ پنجن سالن اندر هندستان ۾ هڪ ذميوار حڪومت جي گهر ٿي ڪيائين. جڏهن ته، مُوتي لال نهرو "ايندڙ ٻن ڏهاڪن" تائين انتظار ڪرڻ لاءِ تيار هو."[74] ٻيو ته، مانٽيگيو ۽ چيمسفورڊ وارن، هندستان ۾ آئيني سُڌارن واسطي متعارف ڪرايل پنهنجي جڳ مشهور رپورٽ [جنهن کي مانٽيگيو ـ چيمسفورڊ رپورٽ چيو ويجي ٿو]ناهڻ جي حوالي سان، هندستان جي مڙني وڏن سياسي اڳواڻن سان ملاقاتون ڪري سندس موقف کان آگاهي حاصل ڪئي هئي، ۽ شايد اُهو ئي تجربو هو جو بعد ۾ جڏهن مانٽيگيو پنهنجي سياسي ڊائري لکي ته اُنهي تجربي هُن کي ٻين هندستاني سياسي اڳواڻن سان گڏ، جناح جي شخصيت ۽ ڪردار تي ٻه تبصري ڪرڻ تي مجبور ڪيو جيڪو جيتوڻيڪ هڪ انگريز رياستي ڪاموري جو تبصرو هو[75] پر بهرحال، اُهو تبصرو انتهائي معنيٰ خيز آهي. اُن تبصري ۾، جناح بابت هن جو چوڻ هو:

"هُو (جناح) گهٽو ئي ذهين، هوشيار ۽ آدابن جي معاملي ۾ هڪ مڪمل انسان آهي. باوقار ۽ پُراثر شخصيت اٿس. ڳالهه ٻولهه جي فن تي وڏي مهارت رکي ٿو ۽ اُها وڏي ناانصافي آهي، جو اهڙي ماڻهو کي پنهنجي ملڪ جي انتظام هلائڻ جو حق حاصل ناهي"[76]

بهرحال، اُها حقيقت آهي ته مانٽيگيو ـ چيمسفورڊ رپورٽ جي معاملي تي هندستان جي سياسي اڳواڻن جو ڪو گڏيل مربوط موقف سامهون نه اچي سگهيو. تان جو ترت ئي هندستان ۾ خلافتي ۽ عدم تعاون جهڙيون تحريڪون شروع ڪيون ويون، (جن جو تفصيل اڳتي بيان ڪيو ويو آهي) جنهن سببان اُها سڄو آئيني سُڌارن وارو معاملو بنهه پسمنظر ڏانهن ڌڪجي ويو. ائين ئي 1918ع واري سال جي پڄاڻيءَ وارا ڏينهن به اچي ويا، ۽ جئين ته، 1918ع واري سال جي پڄاڻيءَ سان گڏ بمبئيءَ جي گورنر سرلارڊ ولنگنڊن جي گورنرشپ جو مدو پورو ٿيڻ وارو هو. اُن ڪري، رياستي ڪارندن ۽ ڪن رياست نواز واپارين طرفان 11 ڊسمبر 1918ع تي گورنر سرلارڊ ولنگنڊن جي مان ۾ هڪ الوداعي تقريب رکي وئي.

جناح وارن کي اُن جي سُڌَ پئي ته اُنهن ترت ئي پاڻ ۾ صلاح ڪري، اُنهي تقريب جي بائيڪاٽ طور بمبئيءَ شهر ۾ گورنر خلاف هڪ وڏي

مظاهري ڪرائڻ جو فيصلو ڪري ورتو ۽ جئين ئي 11 ڊسمبر جو ڏينهن ٿيو ۽ شهر جي ٽائون هال ۾ تقريب جو تيارين ٿيڻ لڳيون تہ جناح ۽ رتيءَ گڏجي مظاهري کي منظم ڪرڻ لاءِ ماڻهن کي گڏڻ ڪرڻ شروع ڪري ڏنو.[77] چون ٿا تہ، اُنهي احتجاجي مظاهري کي منظم ڪرڻ ۾ جناح جي گهرواريءَ رتيءَ جي وڏو ڪردار هو. هُن اڪيلي سر وڏي جوش ۽ جذبي سان ماڻهن کي گڏ ڪرڻ شروع ڪيو تان جو ماڻهن جو انگ ٽن سون کان بہ وڌي ويو.[78]

بهرحال، تقريب جئين ئي، 5 وڳي شروع ٿي تہ جناح ۽ اُن جي ساٿين سخت احتجاج ڪرڻ شروع ڪري ڏنو جنهن جي نتيجي ۾ گورنر جي تعريف ۾ پيش ٿيندڙ قرارداد پڻ پاس نہ ٿي، سگهي ۽ سڄو پروگرام ئي مورڳو منتشر ٿي ڀڄ ڊاهہ جي ورڇڻهي ويو. جيتوڻيڪ بعد ۾ پوليس اچي جناح ۽ احتجاج ڪندڙ ٻين سمورن ماڻهن کي ٽائون هال مان ٻاهر ڪڍي ٿي ڇڏيو[79] پر بهرحال، جناح ۽ سندس ساٿين جي اُهو احتجاج انتهائي منظم ۽ سخت ثابت ٿيو. وولپرٽ اُن جي هئين تعريف ڪئي آهي:

"It was Jinnah's first and most vigorous public demonstration against a British official."[80]

"اُهو احتجاج ڪنهن برطانوي رياستي ڪاموري خلاف جناح جو پهريون ۽ سڀ کان وڌيڪ اثرائتو ۽ منظم احتجاج هو."

بهرحال، پوليس جي مداخلت کانپوءِ، جناح رتيءَ سميت احتجاج ڪندڙ ماڻهن سان گڏجي ٽائون هال کان ٻاهر نڪري آيو[81] ۽ ٻاهر ايندي ئي، ميڙاڪي جي آڏو هڪ انتهائي زبردست تقرير ڪيائين،[82] ۽ چيائين:

"دوستو! اوهان بمبئي جا شهري آهيون. اڄ اوهان جي ڪوشش سان جمهوريت هڪ وڏي فتح حاصل ڪئي آهي. اوهان جي اُن ڪاميابي اُهو ثابت ڪري ڇڏيو آهي تہ ظالم حڪمران ۽ سندن حڪومت جا ڪارندا سيئي گڏجي بہ اوهان کي ڊيڄاري نہ ٿا سگهن. 11 ڊسمبر جو ڏينهن بمبئيءَ جي تاريخ جو هڪ وڏو غيرمعمولي ڏينهن آهي. دوستو! ويجو ۽ جمهوريت جي اُن ڪاميابيءَ تي خوشيون ملهايون."[83]

هيڪٽر بوليٿو موجب، "مطلوب الحسن سيد جناح جي سوانح حيات ۾ لکيو آهي، تہ اُن ڪاميابي جناح کي رات وچ ۾ عوام جو هيرو بڻائي ڇڏيو. ماڻهن ساٽس ڏڙا ڏڙ گڏجاڻيون رکرايون، ۽ سندس مَانَ ۾

اکيچار آجاڻيان ڏنا ٿي. ائين، جناح پنهنجي زندگي ۾ پهريون پيرو عوام جو ليڊر ۽ سندس هردلعزيز اڳواڻ بڻيو ۽ اُهو ئي سبب هو جو بعد ۾ جناح جي مداحن ٽيهن هزار رپين جو چندو گڏ ڪري، سندس نالي سان هڪ وڏو هال به جوڙائي ورتو جيڪو هندستان جي ورهاڱي جي تباهڪاريءَ کان به بچيل رهيو ۽ اُهو اڄ به هندستان ۾ "جناح هال" جي نالي سان مشهور آهي، جنهن جي ٻِٽِ تي، سنگ مرمر سان هڪ ڪتبو لڳل آهي، جيڪو بمبئيءَ جي شهرين جي اُن تاريخي ڪاميابي جي ياد ڏيارائي ٿو جيڪا ڪاميابي، محمد علي جناح جي شاندار ۽ دليراڻي اڳواڻي ۾ حاصل ڪئي وئي هئي."[84]

حوالا ۽ سمجهاڻيون

1. جاويد راڄپر، هيڻن هٿان ڏاڍن کي شڪست، (جنگ جي نظري ۽ عمل جو جائزو)روشني پبليڪيشن، حيدرآباد، 2012ع صحفو 45
2. ايازعلي، پاڪستان جوبنياد_ٻه قومي نظريو يا صوبائي خودمختياري، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو 2014ع صحفو189
3. ساڳيو صحفو 120
4. ساڳيو صحفو 120
5. ساڳيو صحفو 121
6. ساڳيو صحفو121
7. تفصيل لاءِ پڙهو رسول بخش پليجي جو مضمون، اصلي محمد علي جناح ڪير هو؟، سياسي ادب_جلد پهريون، سينٽر فار پيس اينڈ سول سوسائٽي، حيدرآباد، 2005ع
8. دلچسپ ڳالهه اُها آهي ته جڏهن 1914ع ۾ انگريزن گانڌي کي برطانيا گهرائي ورتو هو ته تن ڏينهن، جناح به ڪانگريس جي هڪ وفد سان گڏجي هندستان ۾ نون آئيني سڌارن واسطي انگريزن حاڪمن سان ڳالهه ٻولهه ڪرڻ واسطي برطانيا ويل هو. جيتوڻيڪ، انگريزن تن ڏينهن، پهرين عالمي جنگ واري ڏڇي ۾ ڦاسي پوڻ سببان هندستان ۾ نون آئيني سڌارن واسطي راضي ته نه ٿي سگهيا. البت جناح ۽ گانڌي جي اُتي ئي پهرين ملاقات ٿي، جو اُتي گانڌيءَ جي اچڻ بعد هندستانين گانڌي جي مان ۾ هڪ تقريب جو بندوبست ڪري ورتو هو. جنهن ۾ جناح به

شرڪت ڪئي، جتي ٻنهي ڇڙڻ جي هڪجهڙي سان واقفيت ٿي. البت، اُها رڪاوٽ جي ڳالهه آهي ته جناح، گانڌيءَ جي تنهن وقت ئي انگريزن جي جنگ ۾ حمايت ڪرڻ واري موقف ۽ پيغام جي نه ڪو حمايت ٿي ڪئي، ۽ نه ڪو وري وولپرٽ چواٽي، "هن(جناح)گانڌي جي اُنهي فيلڊ ايمبولينس ڪور جيڪو اُن انگريز سپاهين جي علاج لاءِ تيار ڪرايو هو ۾ شرڪت ٿي ڪئي." (وڌيڪ تفصيل لاءِ پڙهو استينلي وولپرٽ جو ڪتاب، جناح آف پاڪستان، آڪسفورڊ يونيورسٽي ڪراچي، سنڌ)

9. اياز علي، پاڪستان جوبنياد_ہ قومي نظريو يا صوبائي خودمختياري،صحفو121، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، 2014ع

10. Aziz Beg, Jinnah and His Times, Babur & Amer Publications, Aslamabad, Pakistan, 1986,p,320

11. Ibid,p,324

12. Stanley Wolpert, Jinnah of Pakistan, Oxford University, Karachi, 2008, p,37_38

13. Ibid,p,37_38

14. Ibid,p 38

15. Ibid,p 38

16. ڈاڪٽر اجيت جاويد، وطن پرست اور سيڪيولر جناح، مترجم: محمد عمر برني، سانجهه پبليڪيشن، لاهور، 2008ع، صحفه،200

17. ساڳيو صحفو200

18. ساڳيو صحفو200

19. ساڳيو صحفو201

20. ساڳيو صحفو201

21. تفصيل لاءِ پڙهو ڈاڪٽراجيت جاويد جو اڙدو ۾ ترجمو ٿيل ڪتاب، وطن پرست اور سيڪيولر جناح، جو باب نمبر_پنجون، فرق ۽ اختلاف، سانجهه پبليڪيشن، لاهور، 2008ع

22. بي، آر، نندا، گانڌي_نامو، مترجم: علي جواد زيدي، العصر پبليڪيشنز لاهور صحفه، 145

23. ساڳيو صحفو201

24. Stanley Wolpert, Jinnah of Pakistan, Oxford University, Karachi, 2008, p,37_38

25. H.M.Seervai, Partition of India_Legend and Reality, Oxford University Press, Karachi, p,13

26. Ibid,p 13

27. اياز علي، پاڪستان جوبنياد_ہ قومي نظريو يا صوبائي خودمختياري، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، 2014ع صحفو223

28. ساڳيو صحفو،224
29. ساڳيو صحفو،224
30. زاهد چوڌري، مسلم پنجاب کا سياسي ارتقاء (1849_1947ع پاڪستان کي سياسي تاريخ، جلد_5، اداره مطالعه تاريخ، لاهور، 1998ع، صحفه،
31. ساڳيو صحفو
32. پروفيسر حمزه علوي، تخليق پاڪستان (تاريخ و سماجي مباحث)مترجم: رياض احمد شيخ، فڪشن هائوس، لاهور،2012ع، صحفه،
33. ساڳيو صحفو
34. ساڳيو صحفو
35. ساڳيو صحفو
36. ڈاڪٽر اجيت جاويد، وطن پرست اور سيڪيولر جناح، مترجم: محمد عمر برني، سانجھ پبليڪيشن، لاهور، 2008ع، صحفه،204
37. ساڳيو صحفو،204
38. اياز علي، پاڪستان جوبنياد_ہ قومي نظريو يا صوبائي خودمختياري، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، 2014ع صحفو،222
39. ساڳيو صحفو،122
40. ساڳيو صحفو،123
41. Stanley Wolpert, Jinnah of Pakistan, Oxford University, Karachi, 2008, p,53
42. Ibid,p 53
43. Ibid,p 53_54
44. Ibid,p 54
45. تفصيل لاءِ پڙهو اياز علي جو مقالو پاڪستان جوبنياد_ہ قومي نظريو يا صوبائي خودمختياري، جو باب نمبر_ٽيون ،روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، 2014ع
46. ساڳيو صحفو،124
47. ساڳيو صحفو،124
48. ساڳيو صحفو،124
49. ساڳيو صحفو،124
50. Stanley Wolpert, Jinnah of Pakistan, Oxford University, Karachi, 2008, p,55
51. Ibid,p 55
52. Ibid,p 55
53. اياز علي، پاڪستان جوبنياد_ہ قومي نظريو يا صوبائي خودمختياري، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، 2014ع صحفو،124
54. ساڳيو صحفو،123
55. ساڳيو صحفو،123

56. ساڳيو صحفو123

57. ڈاڪٽر اجيت جاويد، وطن پرست اور سيڪيولر جناح، مترجم: محمد عمر برني، سانجھ پبليڪيشن، لاهور 2008ع، صحفہ187

58. ساڳيو صحفو

59. ايازعلي، پاڪستان جوبنياد_ہ قومي نظريو يا صوبائي خودمختياري، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو 2014ع

60. ساڳيو صحفو125

61. Stanley Wolpert, Jinnah of Pakistan, Oxford University, Karachi, 2008, p,56

62. Ibid,p 56

63. ايازعلي، پاڪستان جوبنياد_ہ قومي نظريو يا صوبائي خودمختياري، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو 2014ع صحفو114

64. Stanley Wolpert, Jinnah of Pakistan, Oxford University, Karachi, 2008, p,56

65. Ibid,p 57

66. ايازعلي، پاڪستان جوبنياد_ہ قومي نظريو يا صوبائي خودمختياري،روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو 2014ع، صحفو125،

67. ساڳيو صحفو125

68. ڈاڪٽر اجيت جاويد، وطن پرست اور سيڪيولر جناح، مترجم: محمد عمر برني، سانجھ پبليڪيشن، لاهور 2008ع، صحفہ

69. Stanley Wolpert, Jinnah of Pakistan, Oxford University, Karachi, 2008, p,55

70. Ibid,p 58

71. Ibid,p 58

72. Ibid,p 58

73. Ibid,p 58

74. تفصيل لاءِ پڙهو راج موهن گانڌي جو اڙدو ۾ ترجمو ٿيل ڪتاب، مسلم افڪار مترجم: محمد فاروق قريشي، فڪشن هائوس، لاهور 1996ع

75. ساڳيو صحفو 200

76. Stanley Wolpert, Jinnah of Pakistan, Oxford University, Karachi, 2008, p,58

77. Ibid,p 59

78. ياد رهي تہ ڊسمبر 1918ع تي بمبئيءَ جي گورنر سرلارڊ ولنگڊن جي مدو پورو ٿي ويو هو ۽ هُو انگلنڊ وڃڻ جي تيارين ۾ هو. اُنهي ڪري سندس حماتين ياران سرڪاري طور تي 10 ڊسمبر 1918 تي سندس مانَ ۾ هڪ وڏي الوداعي تقريب ڪوٺائي وئي، جنهن ڪي جناح، رتي ۽ ٻين هندستاني وطن دوست اڳواڻن ۽ ماڻهن سخت احتجاج ڪري ناڪام ڪري ڇڏيو هو(وڌيڪ تفصيل لاءِ استينلي وولپرٽ جو انگريزي ڪتاب، جناح آف پاڪستان پڙهي سگهجي ٿو)

79. Stanley Wolpert, Jinnah of Pakistan, Oxford University, Karachi, 2008, p,59

80. Ibid,p 59

81. تفصيل لاءِ پڙهو راج موهن گانڌي جو اڙدو ۾ ترجمو ٿيل ڪتاب، مسلم افڪار مترجم: محمد فاروق قريشي، فڪشن هائوس، لاهور 1996ع

82. هيڪٽر بوليٿو حيات قائداعظم مترجم: زهير صديقي، جمهوري پبليڪيشنز لاهور 2012ع، صحفو 102

83. ساڳيو صحفو 103

84. ساڳيو صحفو 103

باب پنجون

رولٹ ايڪٽ
جناح ۽ گانڌيءَ جو سياست ۾ پير جمائڻ!

(1918_1920ع)

1918ع واري سال جي پُڄاڻيءَ ڪانپوءِ، جيتوڻيڪ پهرين عالمي جنگ جو خاتمو اچي چڪو هو پر جئين ته، جنگ جي خاتمي ڪانپوءِ برطانيا ترڪيءَ تي قبضو ڪري، اُتي جي مذهبي بادشاهت جي علامت بڻيل خليفي کي اقتدار ۽ اختيارن کان محروم ڪري، تُرڪيءَ کي ٽڪرن ۾ ورهائي، ڪيس اتحادي قوتن جي حوالي ڪري، خلافتي بادشاهت جو ڏينگو ڏيئر ڪري ڇڏيو هو.[1] اُن ڪري، هندستان جي مسلمانن کي ترڪيءَ جي خليفي ۽ اُتي جي خلافتي بادشاهت سان مذهبي ۽ جذباتي لڳاءُ هجڻ سببان، نه صرف وڏو صدمو رسيو پر مورڳو سندن مذهبي جذبا به مشتعل ٿي ويا،[2] جنهن سببان، اُنهن انگريزن جي ڇتي مخالفت ڪندي، هندستان ۾ انگريزن خلاف 1919ع واري سال شروع ٿيڻ سان ئي هڪ وڏي مذهبي خلافتي تحريڪ هلائڻ جو تياريون شروع ڪري ٿي ڏنيون. هُوڏانهن موهن داس ڪرمچند گانڌيءَ پڻ پاڻ کي سياست جي دنيا ۾ پيرجمائڻ توڙي هندستان جي سياسي ادارن ۽ تنظيمن جهڙوڪ: هوم رول ليگ ۽ ڪانگريس تي قبضي ڪرڻ، ۽ پاڻ کي سياسي اڳواڻ طور اُپارڻ لاءِ موقعا ڳولهيا ٿي، ۽ خلافتي تحريڪ کيس اهڙو موقعو فراهم ڪري به ڏنو ٿي. اُهو ئي سبب هو جو هُن هندستان جي مذهبي مسلم اڳواڻن پاران خلافتي تحريڪ لاءِ ٽيندڙ تيارين جي سپ_طرفي حمايت جو نه رڳو اعلان ڪري ٿي ڇڏيو،[3] پر اُن لاءِ هندو عوام تي به وڏو زور رکيائين، ته ترڪيءَ ۾ مسلمانن

جي مذهبي راڄ کي بچائڻ لاءِ ضروري آهي ته هندستان ۾ انگريزن خلاف پرپور تحريڪ هلائي وڃي، ۽ اُن ۾ هندو عوام مسلمانن جو هرطرح سان ساٿ ۽ سهڪار ڪري.[4] هُوڏانهن، اُن وچ ۾ جئين ته، هندستان اندر پڳت سنگهه ۽ ٻين اڪيچار انقلابين جون انگريز دشمن سرگرميون وڌي ويون هيون،[5] جنهن سببان انگريز پڻ وڌي حد تائين حراسجي ويا هئا، ۽ اُهو ئي سبب هو جو انگريز حاڪمن پاران هندستان ۾ وطن دوست انقلابي ماڻهن تي ناجائز رياستي ضابطي رکڻ خاطر[6] فيبروري 1919ع ۾ هڪ نام نهاد قانون جو مسودو (جنهن کي بعد ۾ رولٽ ايڪٽ ڪُوئيو ويو) هندستان جي مرڪزي قانون ساز ڪائونسل ۾ منظوري لاءِ پيش ڪيو ويو[6] جنهن موجب، رياستي عملدارن کي ڪنهن به هندستاني خلاف قانوني ڪارروائي ڪرڻ ۽ وارنٽ ڏيڪارڻ کانسواءِ ماڻهن کي گرفتار توڙي نظربند ڪرڻ جو اختيار ڏنا ويا هئا.[7]

بهرحال، جئين اُهو ڪارو قانون مرڪزي قانون ساز ڪائونسل ۾ منظوري لاءِ پيش ٿيو ته جناح، بطور هڪ آئين ۽ جمهوريت پسند هندستاني اڳواڻ جي، اُنهي عوام دشمن، بنيادي انساني ۽ شهري حق ۽ آزادي جي نفي ڪندڙ ڪاري قانون (رولٽ ايڪٽ)جي سخت مخالفت ڪئي، ۽ اُن جي مخالفت ۾ زبردست تقرير به ڪيائين، جنهن ۾ چيائين:

"اُهو انقلابي ڏوهن واري مرض جو هڪ غلط علاج آهي. ڪنهن به تهذيب يافتا ملڪ جي قانون جي تاريخ ۾ ڪو اهڙي قانون ناهڻ جو اهڙو ڪو به طريقو يا مثال نه ٿو ملي. اُهو قانون ساز ڪائونسل جو هڪ انتهائي غلط قدم هوندو. ڇاڪاڻ ته، حڪومت جي سُڌارن بابت عام ماڻهن ۾ گهڻيون اميدون پيدا ٿي چڪيون آهن. جيڪڏهن اُهو بل منظور ڪيو ويو ته پوءِ سڄي ملڪ ۾ هڪ وڏو انتشار ۽ بي چيني پکڙجي ويندي، جنهن جا عوام ۽ حڪومت جي وچ واري رشتي تي نهايت تباهه ڪن اثر پئجي ويندا."[8]

بهرحال، مرڪزي ڪائونسل ۾ جناح ۽ ٻين هندستاني اڳواڻن جي مخالفت جي باوجود، انگريز حاڪمن رولٽ ايڪٽ کي منظور ڪري ورتو ۽ ائين مارچ 1919ع ۾ عملي طور تي اُن کي سڄي هندستان ۾ لاڳو به ڪيو ويو.[9] رولٽ ايڪٽ لاڳو ٿيڻ ڪانپوءِ جناح انگريز رياست جي اهڙي من ماني، غيرجمهوري ۽ آمراڻي هلت تي سخت احتجاج ڪندي، ٻي ڏينهن مرڪزي ڪائونسل جي ميمبرشپ تان استيعفيٰ ڏيو ڇڏي[10] ۽ ڪجهه

ڏينهن کانپوءِ وائسراءِ چيمسفورڊ ڏانهن هڪ احتجاجي خط پڻ لکي موڪليائين.

خط ۾ جناح رولٽ ايڪٽ تي سخت احتجاج ڪندي لکيو:

"Your Excellency's Government have actively negatived every argument they advanced but a year ago when they appealed to India for help at the War Conference and have ruthlessly trampled upon the principles for which Great Britain avowedly fought the war. The fundamental principles of justice have been uprooted and the constitu- tional rights of the people have been violated at a time when there is no real danger to the State, by an overfretful and incompetent bureau- cracy which is neither responsible to the people nor in touch with real public opinion. . . . I, therefore, as a protest against the passing of the Bill and the manner in which it was passed tender my resignation . . . for I feel that under the prevailing conditions I can be of no use to my people in the Council nor consistently with one's self-respect is co-operation possible with a Government that shows such utter dis- regard for the opinion of the representatives of the people in the Council Chamber, and for the feelings and sentiments of the people outside. In my opinion, a Government that passes or sanctions such a law in times of peace forfeits its claim to be called a civilised Government and I still hope that the Secretary of State for India, Mr. Montagu, will advise His Majesty to signify his disallowance to this Black Act."[11]

"رولٽ ايڪٽ واري بل کي منظور ڪري، دراصل اوهان جي حڪومت هرائهي واعدي کي، جيڪو اُن هڪ سال اڳ جنگ واري ڪانفرنس کان اڳ ڪيو هو تباهه ڪري ڇڏيو آهي، ۽ اُنهن اصولن جن لاءِ برطانيا علي الاعلان جنگ ۾ حصو ورتو هو کي انتهائي بي رحمي سان چيپاٽي ڇڏيو آهي. هڪ اهڙي وقت ۾ جڏهن رياست کي صحيح معنيٰ ۾ ڪو خطرو ئي درپيش ناهي. تڏهن ضدي ۽ نااهل بيوروڪريسي جي ذريعي(جيڪا نه عوام جي آڏو جوابدار آهي، ۽ نه ڪو وري اصل عوامي راءِ سان ڪو واسطو اٽس) انصاف جي بنيادي اصولن جي نه صرف پئمالي ڪئي وئي آهي ، پر ماڻهن جي بنيادي آئيني انساني حقن کي به ختم ڪيو ويو آهي. اُهو ئي سبب آهي، جو مان اُن بل کي منظور ڪرڻ ۽ اُن جي منظوري جي طريقي خلاف سخت احتجاج ڪندي پنهنجي استيعفيٰ پيش ڪريان ٿو. چو ته مان سمجهان ٿو ته موجوده حالتن ۾ مان ڪائونسل ۾ ويهي عوام جي ڪا به خدمت نه ٿو ڪري سگهان.

۽ نہ ٿي وري پنهنجي عزت ۽ نفس کي برقرار رکندي، هڪ اهڙي حڪومت سان ڪنهن به طرح جو سهڪار ممڪن ٿي سگهي ٿو جيڪا ڪائونسل ۾ ماڻهن جي چونڊيل نمائندن جي راءِ تورِّي عام ماڻهن جي احساسن ۽ جذبن کي ڪنهن به خاطر ۾ نہ آڻيندي هجي. مان پانيان ٿو تہ ڪا به حڪومت، جيڪڏهن امن واري دور ۾ اهڙي قانون کي منظور ڪري ٿي، يا اُن جي اجازت ڏئي ٿي تہ پوءِ اُها جڳ تہ پنهنجي تهذيب يافتا هجڻ واري دعويٰ تان هٽ ڪٽي وڃي ٿي. مان اڃا به اُميد ڪريان ٿو تہ هندستان جي سيڪريٽري آف اسٽيٽ مسٽر مانٽيگيو هزميجستي کي اُها صلاح ضرور ڏيندو تہ اُها ترت اُنهي ڪاري قانون جي نامنظوري جو اعلان ڪري ڇڏي"

"بهرحال، اُنهي استعيفيٰ، جنهن دراصل جناح جي دليراڻي قومي قيادت جي وڏي ساک ٿي پري، جو چيمسفورڊ تي ڪو به اثر نہ پيو. هيڏانهن، لنڊن ۾ مانٽيگيو کي پنهنجو اثر رسوخ گهٽ ٿيندي ڏسڻ ۾ ٿي آيو. جناح وٽ، هاڻ اُن ڳالهہ جي جاڻ ڪانسواءِ، تہ هُن هندستان جي مستقبل جي حوالي سان ڪيڏي نہ ڪمزور سيڪريٽري آف اسٽيٽ تي پروسو ڪيو هو، ٻيو ڪو به رستو نہ هو. هُن هاڻ، لنڊن وڃڻ جو فيصلو ڪيو تہ جئين هُو پنهنجي اُنهي پريشان دوست کي، هندستان جي حڪومت جي فيصلي کي رد ڪرائي ڇڏڻ جي صلاح ڏئي سگهي. رتي، تن ڏينهن پيٽ سان هئي. دراصل، اُهي ئي ڏينهن هئا، جڏهن رتيءَ ۽ جناح جي محبت لُوڏن ۾ اچي وئي هئي، ۽ سندن پيار اهڙو مضبوط نہ ٿي سگهيو جهڙو اُهو اڳ هو. جنگ جو نتيجو پڻ ايترو تہ مايوس ڪندڙ ثابت ٿيو هو. بهرحال، مستقبل اُنهن ٻنهي لاءِ ڪڏهن به اهڙو اميدافزا نہ ٿي سگهيو جيترو اُهو 1919ع واري سال جي بهار واري موسم ۾ هو"[12]

جيتوڻيڪ، ڪجهہ ڏينهن بعد ترت، جناح انگريز حاڪمن سان رولٽ ايڪٽ جي بل واري معاملي تي ڳالهہ ٻولهہ ڪرڻ واسطي انگينڊ ڪهي ويو پر بهرحال، رولٽ ايڪٽ کي ختم ڪرائڻ واريون جناح جو ڪوششون نتيجاخيز ثابت نہ ٿي سگهيون، ۽ اُهو ڪارو قانون بدستور هندستان ۾ هندستاني عوام متان مڙهيل ئي رهيو.[13]

چون ٿا تہ، اُنهي سال 1919ع ڌاري انگلينڊ وڃڻ ۽ اُتي ڪجهہ ڏينهن ترسڻ بعد رتيءَ کي ڏي ڏينا جائي،[14] جنهن سببان جناح ۽ رتيءَ جي زندگي ۾ هڪ نئين خوشيءَ جو احساس به پيدا ٿيو. البت، اُها بي ڳالهہ آهي تہ ٻڌيءَ جي پيدائش کانپوءِ ترت رتيءَ ۽ جناح جي نجي زندگي ۾ ڪجهہ ڦيٽارا به

پيدا ٿيا. جنهن سببان ٻنهي کي هڪٻئي، کان عليحدگي ۾ ڪرڻي پئي. بهرحال، رتيءَ کي ڏي پيدا ٿيڻ باوجود، رتيءَ جي پيءِ سردنشا پيٽٺ جو رتيءَ ۽ جناح ڏانهن رويو تبديل نه ٿيڻ ۽ هُو بدستور سندن سوشل بائيڪاٽ واري سوچ تي بضد رهيو.[15]

هُوڏانهن، رولٽ ايڪٽ جي منظوري ڪانپوءِ ترت هندستان اندر عام ماڻهن ۾ بي چيني ڦهلجي وئي،[16] جنهن کي، گانڌيءَ ترت ئي هڪ احتجاجي تحريڪ ۾ تبديل ڪري ڇڏيو ۽، هُن اُها تحريڪ اپريل 1919ع ۾ شروع ڪري ڏني.[17] 1919ع واري سال تائين گانڌيءَ نه ڪو هُوم رول ليگ جو ميمبر بڻجي سگهيو هو ۽ نه ڪو وري ڪانگريس ۾ پنهنجي لاءِ ڪا اثراڻتي جاءِ ٺاهي هئي.[18] اُهو ئي سبب هو جو گانڌي ڇڻ تہ اڪيلائي جو شڪار هو.[19] پاڻ کي اُنهي اڪيلائي مان ٻاهر ڪڍڻ ۽ عوام جي اڳواڻ طور اپارڻ لاءِ هاڻ ان رولٽ ايڪٽ واري معاملي، گانڌي کي هڪ وڏو وجهه ڏئي ڇڏيو تہ هو اُنهي معاملو کي عوامي سطح تي کڻي وڃي، اشو بڻائي، هڪ تہ پاڻ کي هندستاني عوام آڏو هڪ وڏي سگهاري اڳواڻ طور متعارف ڪرائي، ۽ ٻيو تہ، اُن ۾ گهربل ڪاميابي حاصل ڪري، هندستان جي سياسي ادارن ۾ گهڙي، اُتي پنهنجي قبضي ڪرڻ واري ڳالهه ۽ مقصد کي ٻہ سُولو بڻائي، ۽ ٽيو ٻہ ائين ئي، گانڌيءَ، موقعو نه وڃائيندي ترت ئي، اُنهي رولٽ ايڪٽ واري بل خلاف هڪ وڏي عوامي تحريڪ شروع ڪري ڏني، جنهن نه صرف ڪيس عوام ۾ وڏي حد تائين مشهور ۽ مقبول بڻائي ڇڏيو، پر هُو پنهنجي بنيادي سگهاري سياسي اميج سان اُپري ٻہ آيو جنهن کي وڌيڪ منظم ۽ سگهارو وري خلافتي ۽ عدم تعاون وارين تحريڪن ڪري ڇڏيو.[20] جنهن جا وري هندو_مسلم اتحاد ۽ لاڳاپن جي حوالي سان انتهائي اڳرا ۽ نقصان ڪار ئي نتيجا نڪتا.

اصل ۾ گانڌيءَ جي اُنهي موقعي مان فائدي وٺڻ جو هڪ وڏو ۽ بنيادي سبب اُهو هو جو تنهن وقت جناح، اڃي بسنت ۽ هندستان جي ٻي سموري وطن دوست ليڊرشپ جو زور آئيني جدوجهد تي هو. حڪومت کي دٻاءَ ۾ رکڻ خاطر باقاعده ۽ منظم طريقي سان عوامي تحريڪ هلائڻ واري ڳالهه دراصل جناح واري ليڊرشپ جي ترجيح، پاليسي ۽ حڪمت عملي ۾ ئي نہ هئي، ۽ اُهو ئي سبب هو جو رولٽ ايڪٽ جي منظوري بعد جناح حڪومتي اداري مان استعيفيٰ ڏيڻ تہ ٺيڪ سمجهي، پر هن اُن خلاف ڪا

تحريڪ هلائڻ کي ڪا به اوليت نه ٿي ڏني. جناح جي حڪمت عملي قانوني نُوعَ جي هئي، جنهن جو محور دراصل آئيني ذريعن کي استعمال ڪري پُرامن جمهوري طريقي سان آزادي جي جنگ ۾ حصي وٺڻ وارو هو[21] ۽ اُهو ئي سبب هو جو هُن هر سياسي ۽ قومي مسئلي کي آئيني طريقي سان حل ڪرڻ تي سڀ_طرفو زور ٿي ڏنو. ٻيو ته، جناح تن ڏينهن، هڪ ميجل ۽ مشهور سياستدان جي حيثيت رکي ٿي. هو نه رڳو ڪانگريس جي مشهور ۽ تجربي ڪار اڳواڻ جي حيثيت سان اُبري، هندستان جي قومي سياست ۾ پنهنجي لاءِ گانڌيءَ کان گهٽو اڳ هڪ بنهه ٻاهوکي جاءِ ۽ حيثيت، ٻاهي ورتي هئي، پر هُو لاڳيتو هندستان جي مرڪزي ڪائونسل جو ميمبر به رهي چڪو هو. جنهن سببان هُن جي سياسي حيثيت، شهرت ۽ مقبوليت، تي ڪي به ٻه رايا نه هئا، ۽ نه ڪو وري جناح کي اُن ڳالهه جي پرواهه هئي ته آئيني طريقي کي خيرآباد ڪري، عوامي جدوجهد ذريعي سياسي طور تي پاڻ کي اُپاري، پاڻ کي عوام جو ليڊر۽ اڳواڻ ٻڌائجي. اُهي سڀ هٿڪنڊا، اصل ۾ گانڌيءَ ئي استعمال ڪيا. ڇوته هُن کي هندستان ۾ ايندي ڪو گهٽو وقت نه گذريو هو. هُو نه ڪو هندستاني عوام جي چونڊيل اڳواڻ واري حيثيت، حاصل ڪرڻ جهڙو هو ۽ نه ڪو وري 1919ع تائين هُو عوام ۾ گهربل مقبوليت حاصل ڪري، پاڻ کي هڪ وڏي اڳواڻ ۽ليڊر طور متعارف ڪرائي سگهيو هو.[22]

ٺيڪ اُنهي صورتحال ۾، انگريز حاڪمن پاران رولٽ ايڪٽ پاس ڪرڻ واري لڪاءُ، دراصل گانڌي کي اُبري اچي، هندستان جي سياست جون واڳون جناح جهڙن ليبرل ۽ روشن خيال ماڻهن کان کسي پنهنجي هٿن ۾ ڪرڻ جو هڪ انتهائي وٽندڙ ۽ گهربل وجهه ڏئي چڏيو.[23] اُن حوالي سان پاڪستان جو هڪ وڏو اسڪالر سعد آر.خيري (Saad R.Khairi) پنهنجي هڪ تحقيقي ڪتاب Jinnah: Reinterpreted_The journey frome Indian to Muslim statehood Nationalism ۾ لکي ٿو:

"It was in this atmosphere that the Government, in a fit onercofidence born out of victory in the war, had recourse the Rowlt act, and Ganghi saw the chance to make a bid for the all _india Leadership. He had been four years in India now and had so for failed to become member of Servent of India society. He had not able to get a position in the Congress, even failing to get

elected to the Suject Committee. He has carried out three compaingns but they were local in nature and had not done much to add to the reputation he already injoyed at the time of his arrival. He had been traying very hard to find some issue of general importance which could raise him to the national level"[24]

"انگريز حڪومت پاران رولٽ ايڪٽ جهڙي ڪارو قانون پاس ڪرائڻ سببان گانڌي کي هندستان جي قومي سطح تي اُپري اچڻ جو پڻ وڏو موقعو ڏسڻ ۾ ٿي آيو. هُن کي 1919ع تائين هندستان ايندي ايڏا چار سال ٿي ويا هئا، پر اُن هوندي هو سرويٽس آف سول سوسائٽي جي ميمبر ٿيڻ ۾ به ڪامياب نه ٿيو هو.جڏهن ته اُها به رڪارڊ جي ڳالهه آهي ته اُنهي عرصي دوران هُو ڪانگريس ۾ به ڪا جاءِ نه ماڻي سگهيو هو. ايستائين جو اُن جي سبجيڪٽ ڪميٽي ۾ به هُن کي نه ڪنيو ويو هو. جيتوڻيڪ، هُن انهن ٽنهي ميدانن ۾ جڳهه ناهڻ لاءِ وڏيون هٿوراڙيون هيون، پر بهرحال، اُنهن ۾ ڪيس اها جاءِ ملي نه سگهي، جيڪا ڪيس هندستان اچڻ دوران ملي هئي. هاڻ، هُن عام خلق سان لاڳاپو رکندڙ اهڙن مڪ معاملن ۾ اشوز جي ڳولا ٿي ڪئي، جيڪي ڪيس قومي سطح تي اپاري سگهاري بنائڻ ۾ مدد ڪري ٿي سگهيا."

ٻيو ته، تن ڏينهن جئين ته هندستاني مسلمان انگريزن کان، ترڪيءَ واري معاملي تي ناراضگي اختيار ڪيون ويٺا هئا، ۽ وڏا امڪان اُن ڳالهه جا هئا ته ترت اُهي ترڪيءَ جي حمايت ۾ انگريزن خلاف بغاوت ڪريو ڇڏيندا.[25] اُن ڪري اُن صورتحال ۾، گانڌيءَ لاءِ هندستان ۾ عوامي تحريڪ هلائڻ ۽ اُن ۾ هندن توڙي مسلمانن کان سپ_طرفو سهڪار حاصل ڪرڻ واري ڳالهه کي وڌيڪ سولو ۽ آسان بڻائي ڇڏيو جنهن جي بدلي ۾ گانڌيءَ وري انگريزن خلاف مسلمانن جي مذهبي خلافتي تحريڪ ۾ غيرمشروط حمايت ۽ مدد ڪري، مسلمانن جي وڏي اڪثريت کي هرطرح سان عذاب، ذلت ۽ تباهي جي نذر ڪري ڇڏيو.[26]

بهرحال، گانڌي اُنهي موقعي کي غنيمت سمجهندي، ترت حڪومت خلاف تحريڪ هلائڻ جون تياريون شروع ڪري ٿي ڇڏيون، تان جو 6 اپريل تي ملڪ ۾ هڙتال جو سڏ ڏنو ويو.[27] اُنهي ڏينهن تي نه رڳو ملڪ جي اڪيچار علائقن ۾ ڪاروبار بند رکي سخت احتجاج ڪيو پر ڪافي هنڌن تي پج_ڀاهه ۽ مارا ماري جا واقعا پڻ رپورٽ ٿيا.[28] نيٺ احتجاج، مظاهرن ۽ جلوسن ڪانپوءِ حڪومت حرڪت ۾ آئي، ۽ جڏهن ٻي ڏينهن گانڌي جي ٻن نائبن کي گرفتار ڪري، کين شهر بدر ڪيو ويو ته ماڻهو بنهه

مشتعل ٿي ويا.[29] جنهن سببان سوين ماڻهن "ڪنٽونمينٽ ۾ واقع برطانوي ڪمشنر جي بنگي ڏانهن احتجاجي مارچ شروع ڪري ڏنو. مارچ پهچڻ سان اُتي موجود سپاهي افراتفري جو شڪار ٿي ويا، ۽ فائرنگ ڪري ڏنائون، جنهن سببان اڪيچار ماڻهو موت جي منهن ۾ هليا ويا، ۽ ائين هڪ پُرامن مظاهرو بدلو وٺڻ واري هڪ غضبناڪ ميڙاڪي ۾ تبديل ٿي ويو. احتجاج ۽ مارچ ۾ شامل ماڻهن بئنڪ کي باهه ڏئي ڇڏي، ۽ امرتسر جهڙي پُراٽي شهر ۾ انگريز مردن توڙي عورتن تي حملا ڪرڻ شروع ڪري ڏنائون. حڪومت طرفان اهڙي صورتحال سببان هڪ برطانوي برگيڊيئر ۽ اُن جي فوجي دستي کي امن امان جي بحالي لاءِ گهرايو ويو. اُن جنرل اچڻ سان شهرن ۾ جلسن جلوسن تي پابندي مڙهي ڇڏي. 13 اپريل تي، جليان والا باغ ۾ ٽيندڙ هزارين ماڻهن جي جلسي جي جڏهن اُنهي جنرل کي سُڌ پئي ته هُو پنهنجي فوجي دستي کي ساڻ ڪري، ترت اُتي پهچي ويو ۽ ڪو اڳواڻ چتاءِ ڏيڻ جي فائرنگ جو حڪم ڏئي ڇڏيائين. اُهو آچرجو ڏاڙو هو ۽ هندن جي هڪ ڏڻ سببان موڪل پڙ هئي. اُنهي ميڙاڪي ۾ گهٽائي ڳوٽائن ماڻهن جي هئي، جيڪي پنهنجي ڏڻ ملهائڻ واسطي آيا هئا. انگريز سپاهين اُنهي معصوم ماڻهن تي لڳ ڀڳ ڏهن منٽن تائين بنهه ويجهو جديد هٿيارن سان 1650 رائونڊ هلائي ڇڏيا، جنهن جي نتيجي ۾ 400 هندستانين موقعي تي دم ڏئي ڇڏيو. 1600 کان وڌيڪ ڦٽجي پيا. جنرل ۽ اُن جو فوجي دستو برطانوي هندستاني تاريخ جي سڀ کان وڏي بي رحماڻي قتل عام (جنهن کي چيمسفورڊ "اندازي جي غلطي" قرار ڏنو) ڪرڻ کانپوءِ سج لهڻ کان اڳ فرار ٿي ويا."[30]

اصل ۾ هندستاني عوام جو اُهو سڄو نقصان، جنهن حد تائين گانڌيءَ جي ابهرائپ سببان ٿيو. مان پانيان ٿو ته، جيڪڏهن گانڌي رولٽ ايڪٽ واري معاملي کي اشو بڻائي، اُن خلاف تحريڪ هلائي، اُن تحريڪ ۾ "ورت ۽ پُوجا پاٺ" وارن مذهبي هٿڪنڊن کي استعمال ڪري، ماڻهن جي گهٽائي کي مشتعل ۽ جذباتي نه بڻائي ها، ته شايد جليان والا باغ وارو سانحو نه ٿي ها. بهرحال، رولٽ ايڪٽ خلاف هلايل اُن سڄي تحريڪ ۽ هلچل ۾ سڀ_طرفو نقصان عوام جو ئي ٿيو. البت، گانڌيءَ کي فائدو اُهو ٿيو جو هندستان جي تاريخ ۾ پهريون پيرو هُو عوام ۾ هڪ اڳواڻ طور اُپري آيو ۽ پنهنجي ٿوري گهڻي سياسي حيثيت ناهي ورتائين.[31]

جناح جو اهڙن معاملن ڏانهن رويو انتهائي محتاط، صبر ۽ دوراندیشي وارو هو ۽ اُهو ئي سبب هو جو هُن کي جليان والا باغ جي سانحي کانپوءِ هندستاني عوام کي اُهو چوٽو پيو تہ "هندستاني عوام کي اُن نازڪ صورتحال ۾ پنهنجو پاڻ تي ڪنٽرول ۽ ضابطو رکڻ گهرجي."[32]

وولپرٽ لکي ٿو:

"جناح، نومبر 1919ع ۾ پنهنجي وطن ورڻ کانپوءِ "بمبئي ڪرانيڪل" ۾ شايع ٿيل انٽرويو ۾ پنهنجي پڙهندڙ کي پيغام ڏنو تہ جيستائين ڊسمبر جي مهيني ۾ ٿيندڙ ڪانگريس جي اجلاس ۾ اسان جا اڳواڻ ڪو فڪر انگيز پروگرام نہ ٿا ناهين، ۽ ماڻهو اُن کي قبول نہ ٿا ڪن، تيستائين اسان جي مقصد کي وڏي حد تائين نقصان پهچڻ جو امڪان رهي سگهي ٿو. جناح ايجا بہ مانٽيگيو جي حوالي سان ڪافي پُر اميد هو تہ مسٽر مانٽيگيو ڪيس مايوس نہ ڪندو. بهرحال، جناح چيمسفورڊ جي طريقي ڪار کي اٽپورو قرار ڏنو ۽ چيائين تہ جيترو جلد ٿي سگهي، اُهو واپس هليو وڃي تہ اُهو ٻنهي ڌرين لاءِ بهتر ٿيندو. باقي جيستائين "ويچاري ترڪي" جي باري ۾ وزيراعظم جي وعدن جي ڳالهہ هئي تہ اُن تي جناح جو چوڻ هو تہ اهي واعدا ڪاغذ جي پرزن مثل هئا، ۽ مون کي اُهاڪ ناهي تہ ڪو اتحادي قوتون، عرب رياستن کي خودمختياري ڏيڻ لاءِ تيار ٿي ويندیون. اُن هوندي بہ، مان هندستان لاءِ هڪ نئين سجاڳي جي اميد رکان ٿو جيڪا واپار، تعليم، صنعتي ۽ ٽيڪنيڪي ترقي ۽ قومي تحويل ۾ ورتل پاليسي جي مُهابي عمل هيٺ ايندي. جڏهن جناح کان پڇيو ويو تہ هاڻ جڏهن امرتسر ۾ ڪانگريس جو ٿيندڙ وڏي اجلاس جي تاريخ ويجهي ايندي پئي وڃي تہ ڇا اُن لاءِ اوهان کي پيغام ڏيڻ چاهيون ٿا، اُن تي جناح جواب ڏنو تہ ڪانگريس جي رويي جي دارو مدار سُڌارن واري بل تي هوندو. ڇيڪو مان سمجهان ٿو ڊسمبر مهيني جي وچ ۾ ئي منظور ٿي ويندو."[33]

اصل ۾ جناح هڪ آئين_پسند اڳواڻ هو. هُن جي سڄي سياست ئي دراصل آئين پسندي جو مظهر هئي، ۽ اُهو ئي سبب هو جو جناح رولٽ ايڪٽ ۽ ٻين انگريز حڪومت جي ڪروڌ تي ٻڌل اڪيچار عوام دشمن هٿڪنڊن خلاف پچ_ڌاهہ يا ڪا تشدد پرئي تحريڪ هلائي. عوام جو نقصان ڪرائي، حڪومتي سطح تي ڪا تبديلي يا ڦيرگهير آڻڻ نہ ٿي چاهي. هُن جو سڄو زور آئيني ذريعن تي هو تہ جئين تئين ڪري آئيني ذريعن ۽ طريقن کي استعمال ڪري، هندستان جي مسئلي جو پُرامن آئيني

حل ڪڍيو وڃي، ۽ اهو ئي سبب هو جو جناح آخر تائين مانٽيگيو ـ چيمسفورڊ رپورٽ جي حوالي سان تمام گهڻو پُراميد هو ته اُنهي آئيني رپورٽ ۽ آئيني سڌارن جي ذريعي، جيڪڏهن مڪمل طور نه سهي، ته گهٽ مان گهٽ ڪنهن حد تائين جزوي طور هندستان جي مسئلي جو آئيني حل ڪڍيو ويندو. ائين وري اُنهي آئيني حل تي وڌيڪ محنت، وڌيڪ ڪوشش ۽ وڌيڪ آئيني جدوجهد جي ذريعي اُن کي وڌيڪ بهتر ۽ وڌيڪ موثر بڻائي. هندستان ۾ هندستانين جي هڪ ذميوار ۽ خودمختيار حڪومت قائم ڪرڻ واري رستي کي هموار ڪيو ويندو. ۽ اُهو هو جناح جو خيال ـ شايد جناح جي اُها آئين پسندي واري سوچ ۽ حڪمت عملي ئي هئي، جنهن تحت جناح جڏهن مئي 1919ع ڌاري انگلينڊ ويل هو ته اُتان گانڌيءَ کي خط لکي اُهو پُڇيائين ته "اوهان جو مانٽيگيو ـ چيمسفورڊ وارن آئيني سڌارن جي باري ۾ ڇا خيال آهي، جيڪو اڄڪلهه برطانيا جي پارليامينٽ ۾ وڏي بحث مباحثي هيٺ آهي."[34]

گانڌيءَ انهي خَط جو جواب، وولپرٽ موجب، هئين ڏنو:

"I can not say anything about the Reform Bill. I have hardly studied it. My preoccupation is Rowlatt legislation...Our Reforms will be practically worthless, if we can not repeal Rowlatt legislation...And as I can imagine no form fo resistance to the Government than civil disobedience, I propose, God willing, to resume it next week. I have taken all precautions, that are humanly possible to take, against recrudenscence of violence."[35]

"مان اُنهي سُڌارن واري بل جي باري ۾ ڪجهه چئي نه ٿو سگهان. اُن جو اڃا نالي ماتر اڀياس ڪيو آهي. منهنجو سڄو ڌيان رولٽ ايڪٽ ڏانهن آهي...جيڪڏهن اسان رولٽ ايڪٽ کي ختم نه ڪرائي سگهياسون، ته پوءِ اسان جي سُڌارن واري پروگرام جي ڪا اهميت نه رهندي.... ۽ جئين ته، مان سول نافرماني ڪرڻ کانسواءِ حڪومت آڏو احتجاج ڪرڻ واري ٻي ڪنهن به طريقي کي غور طلب نه ٿو سمجهان. اُن ڪري، اسان خدا کان دعا گهري ته ٻي هفتي اُن کي ٻيهر شروع ڪريو ڏيون. مون تشدد واري لهر اُڀرڻ خلاف اُهي احتياتي تدبيرون اختيار ڪري ورتيون آهن، جيڪي انساني طور تي ممڪن آهن."

جناح جي سوانح نگار وولپرٽ، گانڌيءَ جي اُنهي جواب تي، انتهائي پُرمغز تبصرو ڪيو آهي. هُو لکي ٿو:

"It epitomized their different approach to political process, Jinnah still relying p upon moderate legislative change, Gandhi preoccupied with civil disobedience. The vectores of their widely divergent paths led them ever further apart."[36]

"گانڌيءَ جو اُهو خط هُن جي سياست جي ميدان ۾ هڪ بنهه ڌار فڪري زاويي جي نشاندهي ڪئي ٿي. جناح ايڏا تائين آئيني طريقي ذريعي آندل تبديلي تي يقين ٿي رکيو. گانڌي صرف سول نافرماني جي باري ۾ سوچي رهيو هو. اُنهن جي سياست ۾ سياسي رستي ۾ تيزي سان وڌندڙ اُها وَڇُوٽي دراصل بنهي کي هڪجئي کان پري ڪري رهي هئي."

بهرحال، ائين ئي هڪ طرف، جناح ۽ گانڌيءَ جي سياست هندستان جي سياسي ميدان ۾ هڪ ٻئي جي اُبتڙ ڏسا ۾ سفر ڪندي ٿي رهي، تہ وري ٻي طرف، هندستان جي سياسي وايو منڈل ۾ ڪجهہ اهڙيون سرگرميون ۽ تحريڪون (جهڙوڪ: خلافتي ۽ عدم تعاون واريون تحريڪون) هلڻ شروع ٿيون، جن پڙ اُنهي ابتڙ سفر کي وڌيڪ سگهارو ۽ منظم ڪيو جنهن سببان اُنهن بنهي اڳواڻن جا رستا، پاليسيون، ترجيحون ۽ اوليتون نہ صرف اُبتڙ ٿيندیون ٿي ويون،[37] پر وڌي حد تائين بنهي ۾ وڌي سياسي تڪرار اُپرڙ جا بہ امڪان جِتان ٿيندا ٿي ويا. ۽ ٽيڪ اهڙي ئي صورتحال ۾ مانٽيگيو_چيمسفورڊ رپورٽ وارا آئيني سڌارا 23 ڊسمبر 1919ع تي گورنمينٽ آف انڊيا ايڪٽ جي صورت ۾ لاڳو ڪيا ويا.

حوالا ۽ سمجهاڻيون

1. زاهد چوڌري، مسلم پنجاب ڪا سياسي ارتقاء، (1849_1947ع پاڪستان ڪي سياسي تاريخ، جلد_5، اداره مطالعہ تاريخ، لاهور، 1998ع، صفحہ 103
2. ساڳيو صفحو103
1. اياز علي، پاڪستان جوبنياد_ہ قومي نظريو يا صوبائي خودمختياري، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو 2014ع، صفحو236
3. ساڳيو صفحو235
4. ساڳيو صفحو235
5. ساڳيو صفحو235
6. ساڳيو صفحو235

7. Stanley Wolpert, Jinnah of Pakistan, Oxford University, Karachi, 2008, p,61

8. اصل ۾ اُهو قانوني مسودو انگريزن جي هڪ جج جسٽس سرسڊني رولٽ تيار ڪيو هو جنهن اُن قانون جوڙڻ کان اڳ هندسان جي انگريز حاڪمن کي اُها رپورٽ پيش ڪري ڇڏي هئي، ته جيڪڏهن هندستان ۾ ترت سخت قانوني پابندين لاڳو نه ڪيون ويون ته هندستان ۾ وڏي پئماني تي بغاوت پکڙجي ويندي، ۽ ائين هندستان انگريزن کان کسجي ويندو. دراصل، سرسڊني رولٽ جي رپورٽ ۾ اظهاريل اُنهي خطري ۽ تحفظات کي ڏسندي انگريزن مارچ 1919ع ۾ عملي طور رولٽ ايڪٽ جهڙو عوام دشمن ڪارو قانون لاڳو ڪري ڇڏيو.

9. Stanley Wolpert, Jinnah of Pakistan, Oxford University, Karachi, 2008, p,61

10. Ibid,p, 62

11. Ibid,p,62

12. Ibid,p,62

13. Ibid,p,62

2. تفصيل لاءِ پڙهو ايازعلي، پاڪستان جوبنياد_ـ قومي نظريو يا صوبائي خودمختياري، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو 2014ع

14. Stanley Wolpert, Jinnah of Pakistan, Oxford University, Karachi, 2008, p,65

15. Ibid,p,65

16. Saad R. Khairi, Jinnah Reinterpreted, The Journey Frome Indian Nationalism to Muslim statehood,Ferozsons,Karachi,2006,p,141

17. Ibid,p,141

18. Ibid,p,141

19. Ibid,p,141

20. تفصيل لاءِ پڙهو سعد آر خيري جو انگريزي ۾ لکيل ڪتاب، جناح ري انٽرپريٽيڊ، جو خلافتي تحريڪ تي لکيل باب نمبر پنجون

21. Aziz Beg, Jinnah and His Times,(A Biography)Babar and Amer Pubications Aslambad,1986,p,338

22. Saad R. Khairi, Jinnah Reinterpreted, The Journey Frome Indian Nationalism to Muslim statehood,Ferozsons,Karachi,2006,p,141

23. Ibid,p,141

24. Ibid,p,141

25. تفصيل لاءِ پڙهو زاهد چوڌري جو ڪتاب، مسلم پنجاب ڪا سياسي ارتقاءَ (1849_1947ع پاڪستان ڪي سياسي تاريخ، جلد_5، اداره مطالعه تاريخ، لاهور 1998ع

26. Saad R. Khairi, Jinnah Reinterpreted, The Journey Frome Indian Nationalism to Muslim statehood,Ferozsons,Karachi,2006,p,142

27. Ibid,p,142

28. Stanley Wolpert, Jinnah of Pakistan, Oxford University, Karachi, 2008, p,64

29. Ibid,p,64

30. Ibid,p,64

31. Ibid,p,64

32. تفصيل لاءِ پڑھو سعد آر خيري جو انگريزي ۾ لکيل ڪتاب، جناح ري انٽرپريٽيڊ، دي جرني فرام انڊين نيشنلزم ٽو مسلم اسٽيٽ هڊ، فيروز سن، ڪراچي، سنڌ، 2006

33. Stanley Wolpert, Jinnah of Pakistan, Oxford University, Karachi, 2008, p,65

34. Ibid,p,64

35. Ibid,p,65

36. Ibid,p,65

37. Ibid,p,65

38. Ibid,p,65

باب ڇهون

خلافتي تحريڪ ۽ جناح جي ڪانگريس مان نيڪالي جو بندوبست!

(1920_1924ع)

جيتوٽيڪ 1918ع ۾ جڏهن پهرين عالمي جنگ ختم ٿي وئي، ۽ برطانيا (۽ اُن جي اتحاد قوتن) تُرڪيءَ تي قبضو ڪري اُن کي ٽڪرن ۾ ورهائي، اُتي جي خلافت عثمانيا واري مذهبي بادشاهت جو ڊينگو ڊير ڪري ڇڏيو تہ تڏهن کان ئي هندستان جي انتهاپسند مسلم اڳواڻن انگريزن خلاف هندستان ۾ خلافتي تحريڪ شروع ڪري ڏني، پر بهرحال، ان کي تقويت تڏهن ملي، جڏهن گانڌي 1920ع ۾ باضابط طور اُنهي مذهبي تحريڪ جي حمايت ۾ اڳي بيهي ٿي رهيو.[1]

اصل ۾، ظاهري طرح سان تُرڪيءَ جي خلافت عثمانيا سان گانڌي ۽ هندن جو ڪو خاص لڳ لاڳاپو تہ نہ هو (جڏهن تہ هندستان جي مسلمانن جو به تُرڪيءَ جي خلافت سان ڪو مرڻو پرڻو نہ هو البت اُتي مسلمانن جي خلافت عثمانيا جي نالي سان مذهبي بادشاهت هجڻ سببان، هندستاني مسلمانن جي مذهبي ۽ جذباتي لڳاءُ جو مسئلو ضرور هو ۽ اهو ئي سبب هو جو اُنهي مذهبي جذبي ۽ لڳاءُ تحت هندستاني مسلمانن جنگ کانپوءِ انگريزن خلاف خلافتي تحريڪ شروع ڪري ڏني)پر جئين تہ 1920ع ۾ شروع ٿيندڙ مسلمانن جي خلافتي تحريڪ، گانڌي کي اڳتي اچڻ، هندستان جي سياست تي ڇائنجي، ان تي قبضي ڪرڻ جو رولٽ ايڪٽ کانپوءِ ٻيو وڏو موقعو فراهم ٿي ڪيو. ان ڪري گانڌي خلافتي تحريڪ ۾ به سيڙ_طرفو حصو ونڊي، مسلمانن جي مولانا ابوالڪلام آزاد، مولانا محمد

علي جوهر، مولانا شوڪت علي ۽ ٻي انتهاپسند مسلم مذهبي اڳواڻن آڏو نام نهاد "همدردي"، "ٻڌي" ۽ "مذهبي پائيچاري" جون مٽيون مٽيون ڳالهيون ڪري، انگريزن خلاف هڪ وڏي عوامي تحريڪ شروع ڪري ڏني، جيڪا جيتوڻيڪ 1922ع ۾ ئي پنهنجي موت پاڻ مري ختم ٿي وئي، ۽ مٿان وري جڏهن 1924ع ۾ تُرڪيءَ ۾ مصطفيٰ ڪمال پاشا جي اڳواڻي ۾ سيڪيولر انقلاب اچي ويو تہ اُها سڄي خلافتي تحريڪ هندستان ۾ مورڳو ماضي جو قصو بڻجي وئي،[2] پر بهرحال، اُنهي سڄي تحريڪ جا عام مسلم خلق جي حوالي سان هيٺيان ڪجهہ انتهائي اُڳرا نتيجا نڪتا.[3]

(الف) خلافتي تحريڪ سببان، انتهاپسند مسلم مذهبي اڳواڻن انگريزن خلاف احتجاج جو اعلان ڪري، عام مسلم عوام کي مذهبي جنونيت ۾ آڻي، کين افغانستان ڏانهن لڏپلاڻ ڪرائي، جنهن سببان هڪ طرف سوين هزارين ماڻهن کي دربدري، رُولٹيءَ ۽ قُرجي لُنجي جاني توڙي مالي ۽ معاشي طرح وڏي تباهي ۽ پيينگ جو منهن ڏسڻو پيو تہ وري ٻي طرف سوين ماڻهن مذهبي سوچ هيٺ اچي، اُن سڄي تحريڪ ۾ حصو وٺڻ خاطر پنهنجون نوڪريون، ڏندا، روزگار ۽ تعليم وغيره ڇڏي، پنهنجي سڀ_طرفي تباهي ۽ پيينگ ڪري ڇڏي.[4]

(ب)خلافتي تحريڪ ذريعي مسلمانن جي مذهبي جُنونيت کي هوا ڏئي، کين انتهاپسندي، مذهبي ڪروڌ ۽ جنونيت جي نذر ڪيو ويو جنهن جو ترت نتيجو اُهو نڪتو جو خلافتي تحريڪ جي ختم ٿيڻ کانپوءِ هندو توڙي مسلم عوام ۾ وڏا فرقيواراٹا وڳوڙ ۽ جهيڙا شروع ٿي ويا، جنهن وڏي حد تائين نہ رڳو ٻنهي ڌرين کي وڏي تباهي جي ڪناري تي آڻي بيهاري ٿي ڇڏيو پر هميشہ هميشہ لاءِ سندن دلين ۾ نفرت، ساڙ، تعصب ۽ ڪروڌ کي بہ ويهاري ٿي ڇڏيو.[5]

(ب)خلافتي تحريڪ سببان جناح جهڙن لبرل ۽ روشن خيال مسلم اڳواڻن جي سياست، سياسي ڪردار ۽ سندن سياسي پوزيشن کي وڏو ڪاپاري ڏڪ لڳو جنهن سببان اُهي وقتي طور تي پسمنظر ۾ هليا ويا ۽ هندستان جي سڄي سياسي اسٽيج مورڳو انتهاپسند مسلم مذهبي اڳواڻن جي قبضي هيٺ اچي وئي. اهڙي صورتحال مان اڳي يا پوءِ سڀ_طرفو فائدو گانڌي کي مليو جو اُهو هڪ طرف، پاڻ کي هڪ وڏي سياسي اڳواڻ طور اُپارڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو تہ وري ٻي طرف آل انڊيا ڪانگريس کي بہ وڏي

حد تائين، هندو توڙي مسلم عوام ۾ اُپاري مقبوليت ڏيارائي چڏي ٽي.[6]

بهرحال، مان پانيان ٿو ته اُهي ٽي وڏا بنيادي قسم جا نقصان هئا، جيڪي خلافتي تحريڪ هلڻ سببان هندستاني مسلم عوام کي پهتا. جڏهن ته رڪارڊ جي ڳالهه اُها به آهي ته جڏهن خلافتي تحريڪ ناڪام ٽيندي ڏسڻ ۾ آئي ته اُهو گانڌي ئي هو[7] جنهن خلافتي تحريڪ کي ٽيڪو ڏيڻ خاطر(۽ ڪنهن حد تائين ڪانگريس کي مشهور ڪرڻ ۽ ان کي عوامي سطح تي کڻي وڃڻ لاءِ) عدم تعاون واري تحريڪ پڻ شروع ڪري ڏني،[8] جنهن جي باضابطه شروعات 8 سيپٽمبر 1920ع واري ڪانگريس جي عدم تعاون واري پروگرام جي منظوري کانپوءِ ڪئي وئي.[9] گانڌي جي اُها تحريڪ ڇا هئي؟ اُن جو احوال هن ريت آهي:

"دراصل، گانڌيءَ جي عدم تعاون واري تحريڪ سڌي سنئين سول نافرماني واري تحريڪ ئي هئي. جيتوڻيڪ هُن اُن تحريڪ جي شروعات سڀ کان پهريان باردولي کان ڪئي، پر بعد ۾ اُها سڄي تحريڪ هندستان جي مختلف حصن ۽ شهرن شهر تائين پکڙجي وئي. ائين، عدالتن جو بائيڪاٽ ٽيڻ لڳو. وڪيلن ڪورٽ وڃڻ ڇڏي ڏنو. سرڪاري اعزاز خطاب ۽ عهدا واپس ڪيا ويا. ڪيترن ئي هندن توڙي مسلمانن نوڪرين تان استيعفائون ڏيو ڇڏيون. سرڪاري اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ شاگردن هڙتالون شروع ڪري ڏنيون. انگريز رياست خلاف چوطرف احتجاج ۽ بائيڪاٽ وارو ماحول مچايو ويو. جلسن جلوسن ۽ احتجاجن ۾ تيزي ايندي ٽي وئي. ان وچ ۾ سنڌ جي شهر ڪراچي ۽ آگره ۾ به وڏيون خلافتي ڪانفرنسون پڻ ٿيون، جن ۾ ڪليوڪلايو انگريز حڪومت خلاف بغاوت ڪرڻ واريون قراردادون منظور ڪيون ويون. هُوڏانهن حڪومت به حرڪت ۾ ايندي نظرداري ۽ سختين ۾ واڌ آڻي ٽي چڏي. ائين تحريڪ کي ڪمزور ڪرڻ لاءِ ليري ڪولن ۽ ڊومينڪ ليپيري چواڻي، لڳ ڀڳ ٽيهه هزار ماڻهن کي گرفتار به ڪيو ويو. جڏهن ته گانڌيءَ پاران ان سڄي تحريڪ کي عوامي سطح کڻي وڃڻ لاءِ سڄي ملڪ ۾ عوامي دورن جو سلسلو به جاري رهيو. ائين هُن ڪيترن ئي شهرن جا هنگامي دوران ڪيا، جن ۾ ساٺس مولانا محمد علي ۽ مولانا شوڪت علي جهڙا مسلم اڳواڻ به گڏ رهيا، جيڪي مختلف وقتن تي ماڻهن جي گڏ ٿيل ميڙن ۾ مذهبي بنيادن تي وڏيون جذباتي تقريرون ڪري، ماڻهن کي عدم تعاون جي تحريڪ ۾ حصي وٺڻ لاءِ اُپارينداتي رهيا. ڏنو وڃي ته گانڌيءَ جو اُن سڄي تحريڪ دوران مذهبي رويو بلڪل نمايان هو. مثال طور، انگريزي شين واري بائيڪاٽ کي تقويت ڏيارڻ خاطر، جڏهن گانڌي

چرخي هلائڻ واري ڪرت ڪندو هو تہ هواُن سان گڏ "رام رام رام" وارو ورد بہ شروع ڪري ڇڏيندو هو جنهن مان ظاهر ٿئي ٿو تہ هُو پنهنجي بنيادي سوچ، طبعيت ۽ مزاج ۾ مذهبي ماڻهو هو ۽ اُنهي مذهبي سوچ جي بنياد تان عدم تعاون واري جيڪا تحريڪ هلائي ٽي وئي، اُن جا جيڪي اڳتي هلي تباهہ ڪن اثر نڪرڻا هئا، اُنهن کي تنهن وقت ڪن دوراندیش مسلم اڳواڻن اڳواٽ ڄاڻي ورتو هو. اُهو ئي سبب هو جو جناح ۽ فضل حسين جهڙن اڪيچار مسلم اڳواڻن اُن سڄي تحريڪ جي پرپور مخالفت ٽي ڪئي."[10]

ائين، هڪ طرف هندستان ۾ گانڌيءَ جي عدم تعاون واري تحريڪ عروج تي هئي، تہ وري بي طرف هندستان جي انگريزن حڪمرانن جليان والا باغ جي سانحي جي حوالي هڪ رپورٽ پڌري ڪري ڇڏي، جنهن ۾ اڃ سڌي طرح جنرل ڊائر جي هندستاني عوام جي سفاڪاڻي قتلام واري ظالماڻي عمل کي جسٽيفاءِ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي. اهڙي رپورٽ پڌري ٿيڻ کان پوءِ "جناح سيپٽيمبر ۾ هوم رول ليگ جو هڪ خاص اجلاس ڪلڪتي ۾ گهرائي ورتو. جڏهن تہ ڪانگريس جو بہ هڪ هنگامي اجلاس اُنهي شهر ۾ ٽي گذريو تہ جئين جليان والاباغ ۾ ٽيل قتل عام توڙي برطانيا جي بي رحماڻي ورتاءَ ۽ اُن جي سڄي پنجاب تي پوندڙ اثرن جي حوالي سان شايع ٿيندڙ رپورٽ تي گهربل انداز ۾ غور ويچار ڪري سگهجي."[11] جناح، اُنهي هوم رول ليگ جي ڪلڪتي جي اجلاس ۾ هندستان جي انگريز حاڪمن جي سوچ، رويي ۽ ڊپلوميٽڪ ڪردار تي زبردست تنقيد ڪئي.[12] اجلاس کي خطاب ڪندي چيائين:

"We have met here principally to consider the situation that has arisen owing to the studied and persistent policy of the Government since the signing of the Armistice. First came the Rowlatt Bill_accompanied by the Punjab atrocities_and then came the spoliation of the Ottoman Empire and the Khilafat. The one attacks our liberty, the other our faith. Now, every country has two principal and vital func- tions to perform—one to assert its voice in international policy, and the other to maintain internally the highest ideals of justice and hu- manity. But one must have one's own administration in one's own hands to carry it on to one's own satisfaction. As we stand in matters international . . . notwithstanding the unanimous opinion of the Musalmans, and in

breach of the Prime Minister's solemn pledges, un- chivalrous and outrageous terms have been imposed upon Turkey and the Ottoman Empire has served for plunder and broken up by the Allies under the guise of Mandates. This, thank God, has at last con- vinced us, one and all, that we can no longer abide our trust either in the Government of India or in the Government of His Majesty the King of England to represent India in matters international. And now let us turn to the Punjab. That Star Chamber Legislation named after the notorious Chairman of the Rowlatt Committee was launched by the Government of Lord Chelmsford, and it resulted in those "celebrated crimes" which neither the words of men nor the tears of women can wash away. "An error of judgment," they call it. If that is the last word, I agree with them-an error of judgment it is and they shall have to pay for it, if not to-day then tomorrow. One thing there is which is indisputable, and that is that this Government must go and give place to a completely responsible Govemment. Meetings of the Congress and the Muslim League will not effect this. We shall have to think out some course more effective than passing resolutions of disapproval to be forwarded to the Secretary of State for India. And we shall surely find a way, even as France and Italy did—and the new-born Egypt has. We are not going to rest content until we have attained the fullest political freedom in our own coun- try. Mr. Gandhi has placed his programme of non-cooperation, supported by the authority of the Khilafat Conference, before the country. It is now for you to consider whether or not you approve of its principle; and approving of its principle, whether or not you approve of its details. The operations of this scheme will strike at the indi- vidual in each of you, and therefore it rests with you alone to measure your strength and to weigh the pros and the cons of the questions b'e- fore you arrive at a decision. But once you have decided to march, let there be no retreat under any circumstances."[13]

"اسان، هتي خاص طور تي، اُنهي صورتحال تي غور ويچار ڪرڻ لاءِ گڏ ٿيا آهيون. جيڪا دراصل جنگ جي شروعاتي معاهدي تي صحيح ڪرڻ ڪانپوءِ حڪومت جي سوچيل سمجهيل پاليسي جي نتيجي ۾ پيدا ٿي آهي. سڀ کان پهرين رولٽ ايڪٽ آيو. جنهن پنجاب ۾ ظلم زيادتي ۽ وحشت پٽي جي بازار گرم ڪري ڇڏي اُن ڪانپوءِ سلطنت جي عثمانيا ۽ خلافت جي تباهي. اُنهن مان هڪ شيءَ اسان جي آزادي سان ٽڪراءِ ۾ ايندڙ آهي تہ وري بہ اسان

جي ايمان سان. ڏسو هر ملڪ کي پنهنجي حيثيت ناهڻ ۾ پيو ملڪ ۾ اندروني طور انصاف ۽ انسانيت جي اعليٰ اصولن تي عمل واري ڳالهه کي برقرار رکڻ هجي ٿو پر اُن جي لاءِ اوهان جي ملڪ جو انتظام ترهان جي هٿن ۾ هجڻ گهرجي ته جئين اوهان اُن کي پنهنجي مرضي مطابق هلائي سگهون. باقي جيستائين عالمي معاملن ۾ اسان جي حيثيت جي ڳالهه آهي ته اُها مسلمانن جي گڏيل ۽ متفقا راءِ جي باوجود، وزيراعظم پاران پنهنجي وعدن کي ٽوڙڻ ۽ تُرڪيءَ ۽ سلطنت عثمانيا جي مٽان انتهائي بزدلاڻي شرط لاڳو ڪري، اُن کي تڪرن ۾ ورهائڻ جو سبب بڻي آهي. اُنهي عمل، خدا جي شڪر آهي، ته اسان کي اُها سمجهه ڏئي ڇڏي ته عالمي معاملن ۾ هندستان جي نمائندگي لاءِ اسان هندستان جي انگريز حڪومت يا هز ميجسٽي برطانوي شهنشاهه جي حڪومت تي هاڻ وڌيڪ ڪو به اعتماد ۽ پروسو نه ٿا ڪري سگهون.

هاڻ، اسان پنجاب ڏانهن اچون ٿا. اُهو استنار چيمبر قانون، جنهن جو نالو رولٽ ڪميٽي جي بدنام چئيرمين جي نالي تي رکيو ويو هو، لارڊ چيمسفورڊ جي حڪومت شروع ڪيو هو جيڪو اُن سنڌڪلاٽي ڏوهه جي صورت ۾ ظاهر ٿيو جنهن ۾ نه مردن جي ڳالهين کي ٻڌو ويو نه وري عورتن جي ڳوڙهن کي ڏٺو ويو. هو اُن کي "اندازي جي غلطي" چون ٿا. جيڪڏهن اُها آخري ڳالهه آهي ته پوءِ مان اُن سان اتفاق ڪريان ٿو ته اُها واقعي هڪ اهڙي اندازي جي ئي غلطي آهي، جنهن جي اڄ نه ته سياڻ ضرور قيمت چڪائڻي پوندي. هاڻ، اُها ڳالهه اڳي کان وڌيڪ چٽي ٿي وئي آهي ته هن حڪومت کي وڃڻو پوندو. هتي هڪ مڪمل بااختيار حڪومت کي جاءِ ڏيڻي پوندي. ڪانگريس ۽ مسلم ليگ جي اجلاس ڏانهن منظوري لاءِ موڪلي ويندڙ قراردادن کي پيش ڪرڻ کان وڌيڪ پي ڪنهن موثر ۽ اُن ڳالهه تي اثرانداز نه ٿيندا. اسان کي هندستان جي سيڪريٽري آف اسٽيٽ ڏانهن اثرائتي پروگرام جوڙڻ جي باري ۾ سوچڻ گهرجي. ۽ مان پڪ سان چوان ٿو ته اسان کو نه رستو ضرور ڳولهي لهنداسون. جئين فرانس ۽ اتلي ڪيو ۽ جئين نئين چاول مصر ڪيو آهي. اسان اُن وقت تائين سڪ سان نه ويهنداسون، جيستائين پنهنجي ملڪ ۾ سياسي آزادي حاصل نه ٿا ڪري وٺون. مسٽر گانڌي پنهنجي عدم تعاون واري پروگرام، جنهن کي خلافتي ڪميٽي جي اڳواڻن جي به حمايت حاصل آهي، قوم جي آڏو پيش ڪري چڪو آهي. هاڻ، اُهو اوهان کي سوچڻو آهي ته اوهان اُن جي طريقي ڪار ۽ اصولن کي صحيح ٿا سمجهون يا نه؟ جيڪڏهن صحيح ٿا سمجهون ته اُن جي پروگرام کي منظور ڪريو ٿا يا نه؟ اُن اسڪيم جي ڪارروائي ۾ اوهان مان هرفرد کي شامل ٿيڻ گهرجي. ۽ ان کري اُهو ڪم توهان کي ڪرڻو آهي ته پنهنجي طاقت ۽ سگهه جو اندازو

لڳايو ۽ ڪنهن به فيصلي تي پهچڻ کان اڳ ان عمل جي سڀني توڙي خراب پاسي تي غور ويچار ڪريو پر جيڪڏهن هڪ دفعو به اوهان اڳتي وڌڻ جو فيصلو ڪري چڏيو ته پوءِ حالتون ڪهڙيون به ٿي وڃن. اوهان کي پوئتي موٽ ڪائڻي نه پوندي"

وولپرٽ، جناح جي اهڙن خيالن ۽ انهن تي امڪاني طرح پوندڙ اثرن جو تجزيو ڪندي ٻڌائي ٿو:

"Ruttie sat behind him on the platform, a vivid reminder of all that he personally risked from so revolutionary a step. He would, of course, expectedd to give up his lucrative legal practice as long as Satyagraha continued.if he endorsed it, which he never did. He must have sensed now, as well that the unique role of rising political power he had enjoyed at Luck-now was starting its rapid descent. Gandhi's star burned so bright that now lesser luminaries could barely be seen in India's political firmament. Iinnah tried, nonetheless, to recapture the position he had held little more than a year ago, castigating British rule for its broken promises. Jinnah noted how the majority of the royal commission appointed to investigate the Punjab atrocities exonerated the hate-crazed general Dyer and his minions as "one more flagrant and disgraceful instance that there can be no justice when there is a conflict between an Englishman and an Indian. The Government of India, with its keen sense of humour and characteristic modesty," he added trenchantly, "proceeds to forward a resolution in its despatch to the Secretary of State commending its conduct, blind to _the fact that they were in the position of an accused passing judgment. Now, let us turn to the great 'error of judgment,' the judicious finding of the Cabinet which itself is no less an error. . . . I must mention the Parliamentary de- bate. . . . Of course Mr. Montagu hadn't the time to put India's case before the House, being far too busy offering personal explanations. And then the blue and brainless blood of England, to their crowning glory, carried the infamous resolution of Lord Finlay." Viscount Finlay of Nairn had proposed honoring the deranged brigadier, General R. E. Dyer, hailed by the lords as "Hero of the Hour," presented with a large purse and jewelled sword in- scribed "Saviour of the Punjab," and was backed by eight British dukes, six marquesses, thirty-one earls, ten viscounts, and seventy-four barons. "These

are the enormities crying aloud, and we have met to-day face to face with a dangerous and most unprecedented situation. The solution is not easy and the difficulties are great. But I cannot ask the people to submit to wrong after wrong." jinnah was clearly torn, his heart and mind rent by the grave problems he tried to face rationally, doggedly seeking to avoid the abyss of civil war. "Yet I would still ask the Government not to drive the people of India to desperatipn, or else there is no other course left open to the people except to inaugurate the policy of non-cooperation, though not necessarily the programme of Mr. Gandhi."[14]

"رتي پليٽ فارم تي هُن جي پويان ئي ويڻي هئي، جنهن مان اُهو صاف ظاهر هو ته اهڙي انقلابي قدم کڻڻ سان هُن کي کيڏو نہ ذاتي نوعيت جو نقصان رسي ٿي سگهيو. ظاهر آهي ته هُن کان اها اُميد ڪئي ٿي وئي ته جيستائين عدم تعاون واري تحريڪ جاري آهي. هُو ن جي حمايت ڪندو رهي، جنهن لاءِ هُن کي پنهنجي نفعي بخش وڪالت واري ڏنڊي کي ب ڇڏڻو پوندو جيڪو هن ڪڏهن ب نہ ڪيو. هن وقت تائين ان اُهو ب محسوس ڪري ورتو هو ته لکنو معاهدي سببان، وڏي تيزيءَ سان وڏي آيل سياسي اڳواڻي واري حيثيت هاڻ پوئتي موٽ ڪائي رهي هئي. ڪانڊيءَ جو ستارو هندستان جي سياسي آسمان تي، پُوري آب ۽ تاب سان ائين چمڪي رهيو هو جو ننڍا وڏا ستارا مشڪل سان ڏسڻ ۾ اچي ٿي سگهيا. اُن جي باوجود، جناح برطانوي حڪومت جي غلط ڪارين تي ڦٽڪار وجهندي، پنهنجي هڪ سال کان اڳي واري سياسي حيثيت کي بحال ڪرڻ جي سپ_طرفي ڪوشش ڪئي. جناح محسوس ڪيو ته ڪئين نہ پنجاب ۾ ٿيل ظلم جي جاچ لاءِ مقرر ڪيل شاهي ڪميشن جي اڪثريت هندستنين کان شديد نفرت رکندڙ جنرل ڊائر ۽ اُن جي ماڻهن کي بي ڏوهي قرار ڏيارايو ۽ "اُهو انتهائي ذلت آميز مثال آهي ته جڏهن معاملو هڪ انگريز ۽ هندستاني جي وچ ۾ هجي ته اُن ۾ انصاف جي اميد نہ ٿي رکي سگهجي." هن زور ڏيندي وڌيڪ چيو ته "هندستاني حڪومت پنهنجي مخصوص خوش اخلاقي سان گڏ، هڪ قرارداد سڪريٽري آف اسٽيٽ ڏانهن موڪلي رهي آهي، جنهن ۾ اُن پنهنجي طرز عمل جي واکاڻ ڪئي آهي. اُن حقيقت کان اکيون پوري ڇڏيو ته اُها اُن حيثيت ۾ آهي. جتي ملزم مصنف آهي. اچو ته هاڻ اسان "اندازي جي غلطي" ڏانهن اچون. ڪابينا جي عدالتي جاچ، جيڪا بذات خود ڪنهن غلطي کان گهٽ ناهي، هتي مان يقينن پارلياماني بحث جو ذڪر ڪرڻ چاهيندس. ظاهر آهي ته مسٽر مانٽيگيو وٽ، پنهنجي ذاتي وضاحتن کي پيش ڪرڻ ۾ گهڻو مصروف رهڻ سببان، هندستان جي معاملي کي ايوان ۾ پيش ڪرڻ جو ڪيس وقت ملي نہ ٿي سگهيو جنهن جي نتيجي ۾ وري

انگلينڊ جي بي حس ماٺهن، پنهنجي عظمت ۽ شهنشاهيت جا جهنڊا کوڙيندي، لارڊ فنلي واري بدنام زمانہ قرارداد کي منظور ڪري ڇڏيو. اُنهي فنلي ذهني طور پاڳل بٽيل جنرل ڊائر جي مان آجياٽي ڏيڻ جي تجويز پيش ڪئي، ۽ جنهن کي وري برطانوي اڳواڻن پاران "اڄ جو هيرو" واري خطاب سان نوازيو ويو. تنهن کانسواءِ سندس بهادري جي انعام طور هڪ وڏي تلوار پڻ ڏني وئي، جنهن تي "پنجاب کي چوٽڪارو ڏيارينڊڙ" جهڙا اکر چٽيل هئا. اُهي اصولن جون خلاف ورزيون آهن، جيڪي وڏي آواز سان پاڻ ڳالهائي رهيون آهن. اڄ اسان هڪ انتهائي خطرناڪ ۽ غيرمعمولي صورتحال جي آڏو بيٺل آهيون. اُن جو هڪ ته حل سولو ناهي ۽ ٻيو ته ڏکيايون وري اڪيچار آهن، پر پوءِ به، مان ماٺهن کي اُهو نہ چوندس ته اُهي هڪ غلط ڳالهہ کانپوءِ ٻي غلط ڳالهہ جي آڏو سيس نوايو ڇڏين. "جناح واقعي ڏٺي ٻيو هو. هُن جي دل ۽ دماغ انهن ڳرن مسئلن جي بار هيٺان دٻجي ٻيو هو، جن کي حل ڪرڻ جون ڪوششون، هُو گهرو ويڙهہ جي تباهڪاري کان بچڻ لاءِ، وڏي مدلل ۽ مستقل مزاجي سان ڪري رهيو هو. "وري به مان حڪومت کي چوندس ته اُها هندستاني عوام کي انتها تي وٺي نہ وڃي، نہ ته ٻي صورت ۾ عدم تعاون واري پاليسي شروع ڪرڻ کانسواءِ ماٺهن وٽ ٻي ڪا به واٽ نہ بچندي. البت، اُهو ضروري ناهي ته اُها عدم تعاون واري پاليسي مسٽر گانڌيءَ واري ئي هجي."

وولپرٽ وڌيڪ لکي ٿو:

"Jinnah thus moved as close as ever he dared to the far side of his per sonal faith in British justice and the noblest principles of Western civilization. He could not take that final stride into the vale of total rejection, how- ever, as Gandhi and tens of millions who followed him would do, for that would have been a repudiation of himself, of all he stood for and had be- come. Jinnah was no more of a maulana than a Mahatma, and could no sooner have relinquished his eligant legal chambers and clubs for village or prison life than Gandhi could ave abandoned spinning to start a probate practice. The patterns of both personalities were by then set too firmly in flmdamentally difierent molds to be altered without mortal damage. Each became the perfect prototype of a style of leadership suited to different constituencies, attuned to different language and goal,fashioned by different worlds. Jinnah was the model of urban Westernized India at its cleanest and sharpest. Gandhi reflected India's ocen of peasant wisdom and village life with its infinits capacity to endure poverty and patiently suffer any hardship."[15]

"جيتوڻيڪ، جناح برطانوي انصاف ۽ اُولهه تهذيب وارن اعليٰ اصولن تي پنهنجي ويساهه کان پاڻ ايترو ڏور ٿي ويو جيترو هُن جي امڪان ۾ هو پر تڏهن به، ائين نه ٿو چئي سگهجي ته هُن اُنهن کان مڪمل طور پنهنجو واسطو چڏيو هو. جئين گانڌي ۽ هُن جي هزارين پوئلڳن عدم تعاون واري تحريڪ ۾ حصو ونڊي ڪيو. ڇاڪاڻ ته، ائين ڪرڻ سان، هُن جي ذات جي ۽ انهن مڙني اصولن ۽ قدرن نفي ٿي ٿي جن جي هُو نمائندگي ڪري رهيو هو. جناح جيترو مهاتما هو ايترو وري پنڌت نه هو. هُو پنهنجو انتهائي شاندار وڪالت واري ڏندي ۽ ڪلبن کي ڇڏڻاٽي توڙي جيل واري زندگي جي لاءِ ايتري ئي مشڪل سان چڏي ٿي سگهيو. جيترو وري گانڌي مشڪل سان وصيت جي معاملي جي وڪالت لاءِ جرخي کي چڏي ٿي سگهيو. اُن وقت تائين اُنهن ٻنهي اڳواڻن ۽ شخصيتن جون خاصيتون ۽ گڻ بنيادي طور اهڙن مختلف ۽ متضاد ڏسائن ۾ اُپري مضبوط ٿي ويا هئا، جو ڪنهن وڏي جنگاڻ ڪانسواءِ اُنهن کي تبديل ڪري نه سگهجي ٿيو. ٻنهي مان هرهڪ، چونڊن تڪن مان گهربل ڪاميابي حاصل ڪرڻ واسطي قائدانه صلاحيتن جو هڪ اهڙو بي عيب نمونو هو جنهن مختلف هرلين ۽ مقصدن سان مطابقت رکي ٿي، ۽ جنهن کي مختلف سياسي اڳواڻن ڏهي گهڙي تيار ڪيو هو. اُولهه کان متاثر جناح هندستاني شهري جو هڪ بهترين مثال هو. گانڌي هندستان جي ڇوڻاٽي زندگي جي تجربن جي عڪاسي ٿي ڪئي، جتي ڏکن ۽ بي پناهه غربت کي خاموشي سان برداشت ڪيو ٿي ويو."

اصل ۾، جناح خلافتي ۽ عدم تعاون جهڙين مذهبي تحريڪن جو مخالف هو، جو هُن جو پانيو ٿي، ته اُنهن مذهبي تحريڪن جا نتيجا هندستان جهڙي گهڻ_مذهبي، گهڻ_نسلي ۽ گهڻ_قومي خطي ۾ قومي، مذهبي ۽ نسلي ٽڪراءَ جي صورت ۾ ئي ظاهر ٿيندا، جنهن جو لُوڙ هندستان جي عوام کي لُوڙڻو پوندو.[16] اُها سوچ ئي هئي، جنهن سببان جناح 1920ع ۾ ڏاري خلافتي ۽ عدم تعاون وارين تحريڪن جي علي الاعلان مخالفت ظاهر ڪرڻ شروع ڪري ڏني. جناح جي اهڙي مخالفت اصل ۾ گانڌيءَ کي ڪنهن به طرح سان پسند نه هئي. اهو ئي سبب هو جو گانڌي جناح کي سياسي لحاظ کان پوئتي ڌڪي ڪمزور ڪرڻ لاءِ اتڪلون هلائڻ شروع ڪري ڏنيون، جنهن جي شروعات هن ڪانگريس جي 8سيپٽمبر 1920ع واري ڪلڪتي جي اجلاس (جنهن ۾ گانڌي جي عدم تعاون واري پروگرام جي منظور ڏني وئي هئي) ڪانپوءِ ترت ئي ڪري ڏني.

جئين ڊاڪٽر اجيت جاويد ٻڌائي ٿي:

"ڪلڪتي واري اجلاس ۾ ڊسمبر 1920ع ۾ ناگپور ۾ ڪانگريس جي ٽيل اجلاس جي وچ واري عرصي ۾ گانڌي، جناح کي (جنهن کي ايڏا تائين به هندستان جي سياسي ميدان ۾ وڏي طاقت سمجهيو ٿي ويو) سياسي ميدان مان ٻاهر ڪڍڻ ۽ ڪيس ڪمزور ڪرڻ لاءِ سازشون سٽڻ شروع ڪري ڏنيون."[17]

اُن وچ واري عرصي ۾ گانڌي هوم رول ليگ جو صدر پڻ ٻڌجي چڪو هو. چون ٿا ته، گانڌيءَ کي صدر طور هوم رول ليگ جو واڳون سنڀالڻ جي دعوت ڏيو ڪنهن نه، پر خود جناح ئي ڏني هئي.[18] اُن تي، جيتوڻيڪ جيارام جناح کي اُهو چئي ڏنو هو ته گانڌي مذهبي خيال جو ماڻهو ۽ ڦرٽو گهرٽو آهي، اُن کي صدارت ڏيڻ سان تنظيم کي فائدو نه، پر الٽو نقصان رسندو.[19] اُن ڪري، اهڙو ڪم نه ڪيو ويو، پر بهرحال، جناح، جئين ته ڪنهن سياسي تعصب، حسد ۽ ساڙ واري منفي سوچ ۾ ورتل نه هو ۽ ڏيو ته هُن "گانڌي کي آزادي واري ويڑهه ۾ هڪ اڳواڻ طور شامل ڪرڻ ٿي چاهيو."[20] اُن ڪري، هُن گانڌيءَ جي حوالي سان، جيارام جي اُنهي ڳالهه کي خاطر ۾ نه آندو.[21] ۽ ائين گانڌي، جناح جي حمايت سان، هوم رول ليگ جو صدر به چونڊجي ويو.[22]

گانڌي، هوم رول ليگ جي صدر ٿيندي ئي، پنهنجي مخالفن خاص طور جناح (جنهن دراصل گانڌي جي خلافتي تحريڪ ۾ حصي وٺڻ ۽ وري عدم تعاون واري پروگرام کي تنقيد جو هدف بڻايو هو) کي پارٽيءَ مان ڪڍي، بي دخل ۽ ڪمزور ڪرڻ لاءِ پنهنجي پروگرام تي عمل ڪرڻ شروع ڪري ڏنو. ائين ئي "گانڌي، جناح کي هوم رول ليگ مان ڪڍي چڏڻ واري پنهنجي منصوبي مطابق، 3 آڪٽوبر 1920ع تي جناح ۽ بين اقليتن اڳواڻن جي غيرموجودگي ۾ هوم رول ليگ جي هڪ "سازشي" گڏجاڻي گهرائي ورتي. گڏجاڻي ۾ گانڌي سڄي هوم رول ليگ، اُن جي آئين ۽ بنيادي مقصدن کي تبديل ڪري چڏيو (۽ اُهو به صرف سادي اڪثريت جي منظوري سان) مثال طور: هوم رول ليگ جو نالو هوم رول ليگ مان ڦيرائي، "سوراج سيا" رکيو ويو. هندستان ۾ خودمختيار حڪومت جي قيام واسطي هوم رول ليگ جي آئين ۾ طئي ڪيل آئيني احتجاج جي جاءِ تي عدم تعاون ۽ سول نافرماني جهڙن لفظن کي شامل

ڪيو ويو. ائين، دراصل، سڄي هوم رول ليگ کي ڦيرائي گانڌي _ليگ بڻايو ويو ۽ اُها ب رڪارڊ جي ڳالهه آهي ته گانڌي بعد ۾ يعني جناح کي ڪيڏي ڇڏڻ ڪانپوءِ هوم رول ليگ کي مورڳو ختم ڪري، اُن کي ڪانگريس ۾ ضم ڪري ٿي ڇڏيو."[23]

"اُن مان اُها ڳالهه ظاهر ٿئي ٿي ته گانڌيءَ هوم رول ليگ ۾ غيرآئيني تبديليون دراصل، جناح کي ڪيڏ لاءِ آنديون، جو گانڌي اها ڳالهه چڱي طرح سمجهي پئي ته جناح کي هوم رول ليگ يا ڪانگريس مان پڇائي بيزار ڪرڻ لاءِ ڪيترين ب سازشون ڪيون ويندين ته جناح جهڙو قانوني ماڻهو اُنهن خلاف جمي مقابلو ڪري، اُنهن کي ناڪام بڻائي ڇڏيندو، پر جيڪڏهن هوم رول ليگ يا ڪانگريس جي آئيني بندوبست ۾ جناح کي ڪجهه ٻڌائڻ ڪانسواءِ، تبديليون آڻڻ وارو قدم ڪنيو ويو ته جناح هڪ آئين پسند ماڻهو جي حيثيت سان نه رهڳو اُن حرڪت کي قبول نه ٿي ڪندو، پر مورڳو جناح هوم رول ليگ ۽ ڪانگريس کي ئي ڇڏي ويهي رهندو ۽ ٿيو ب ائين ئي."[24]

اصل ۾، گانڌي طرفان، هُوم رول ليگ جي آئين ۽ اُن جي بنيادي مقصدن ۾ تبديلي آڻڻ جو سبب هڪ ته جناح کي ڪاوڙائي سياسي رستي تان هٽائي ڇڏڻ هو ۽ ٻيو ته هوم رولِيگ کي هميشه هميشه لاءِ ختم ڪري، صرف ڪانگريس ۽ ان جي هندو ليڈرشپ کي هندستان جي سياست ۽ ان جي اڇي ڪاري جو مالڪ بنائڻ هو. اهو ئي سبب هو جو هُن هڪ طرف مختلف هٿڪنڊن ذريعي هڪ ته جناح کي هوم رول ليگ مان ڪيڏي سياسي طور تي اڪيلي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ته وري ٻي طرف جناح کي ڪيڏ بعد، ترت ئي هوم رول ليگ کي ب ختم ڪري ٿي ڇڏيو. بهرحال، گانڌيءَ جي اُنهي حرڪت (تنظيم جي آئين ۽ اُن جي بنيادي مقصدن ۾ تبديلي آڻڻ) جي "خبر جڏهن جناح ۽ اُن جي هم_خيال لڏي کي پئي ته ٻي ڏينهن واري اجلاس ۾ اُنهن هوم رول ليگ ۾ آندل اهڙين نام نهاد تبديلين جي سخت مخالفت ڪئي، خاص طور جناح انهن تي ٽيڪنيڪل ۽ آئيني بنيادن تي اعتراض اٺايا ۽ اُها ڳالهه سمجهائي ٿي ته جيستائين هوم رول ليگ ۾ اقليتي اڳواڻن کي نوٽيس ڏيڻ ۽ اُن ۾ ڪا به تبديلي آڻڻ لاءِ ب ياڳي ٿي جي اڪثريت سان منظوري حاصل نه ٿي ڪئي وڃي، تيستائين اُنهن تبديلين جي ڪا به اهميت ناهي. اقبال سنگهه ٻڌائي ٿو ته جناح جي اهڙن اعتراضن ۾ "اخلاقي وزن" هو. ليگ جي اجلاس ۾

شريڪ ٿيندڙن جو تعداد بنهه گهٽ هو. صرف 61 ميمبر حاضر هئا. جڏهن ته، رڳو بمبئيءَ جي ميمبرن جو تعداد 600 هو ۽ سڄي ملڪ ۾ اهو تعداد 6000 هو. اُها ڳالهه صحيح آهي ته حاضر ميمبرن مان 42 ڄڻن تبديلي جي حق ۾ ۽ 19 ڄڻن اُن جي خلاف ووٽ ڏنو. پر، بهرحال، گانڌي سڀ اعتراض رد ڪري ڇڏيا"[25] ۽ اُهو ڇئي ڏنائين ته"جيڪو به اڪثريت جي فيصلي کي قبول نه ٿو ڪري، اُهو استعيفيٰ ڏيڻ ۾ آزاد آهي."[26] گانڌيءَ جي اهڙي نام نهاد اڪثريت جي ڏڪ ڏيڻ سببان، جناح ۽ اُن جي هم_خيال دوستن جيارام، ڪي ايم منشي، جمناس داس، ڪانجي دوارڪاداس سميت لڳ ڀڳ اٺويهن ڄڻن استيعفيٰ ڏيو ڇڏي.[27] جيتوڻيڪ، گانڌيءَ بعد ۾، جناح کي خط لکي استيعفيٰ تي نظرثاني ڪرڻ جي درخواست ڪئي ۽ پاڻ کي جستيفاءِ ڪندي لکيائين:

"هُو(جناح) ان نئين زندگي ، جيڪا اُن جي ملڪ کي ملي هئي، ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪري ۽ پنهنجي تجربي توڙي رهنمائي سان ملڪ ۽ اُن جي عوام کي فائدو پهچائي."[28]

گانڌيءَ جي اُنهي خط جو جواب، جناح سخت احتجاجي انداز ۾ ڏنو جنهن ۾ جناح، گانڌي جي نه رڳو غلط سياسي طريقي ڪار جا سمورا بکيا اڌيڙي تي ڇڏيا، پر اُن تي زبردست تنقيد به ڪيائين. جناح خط ۾ لکيو:

"If by "new life" you mean your methods and your programme, I am afraid I cannot accept them; for I am fully convinced that it must lead to disaster. But the actual new life that has opened up before the country is that we are faced with a Government that pays no heed to the grievances, feelings and sentiments of the people; that our own countrymen are divided; the Moderate Party is still going wrong; that your methods have already caused split and division in almost every institution that you have approached hitherto, and in the public life of the country not only amongst Hindus and Muslims but between Hindus and Hindus and Muslims and Muslims and even between fathers and sons; people generally are desperate all over the country and your extreme programme has for the moment struck the imagina- tion mostly of the inexperienced youth and the ignorant and the il- literate. All this means complete disorganisation and chaos. What the consequence of this may be, I shudder to contemplate; but I for one

am convinced that the present policy of the Government is the primary cause of it all and unless that cause is removed, the effects must continue. I have no voice or power to remove the cause; but at the same time I do not wish my countrymen to be dragged to the brink of a precipice in order to be shattered."[29]

"جيڪڏهن، نئين زندگي مان مقصد اوهان واري طريقي ڪار ۽ پروگرام کي قبول ڪرڻ آهي، ته پوءِ، مون کي افسوس سان چوڻو ٿو پوي ته مان ائين نه ٿو ڪري سگهان. ڇو ته، اُها مون کي پوري پڪ آهي ته اُنهي نئين زندگي جو نتيجو وڏي تباهي جي صورت ۾ ظاهر ٿيندو. نئين زندگي صحيح معنيٰ ۾ جيڪا اسان جي ملڪ کي ملي آهي. اُها هيءَ آهي ته، اسان جي آڏو هڪ اهڙي حڪومت آهي، جنهن کي اسان جي احساسن، جذبن ۽ شڪايتن جي ڪا پرواهه ناهي. اسان جي عوام ۾ ڦيٽارو پئجي ويو آهي. مادريت پارتي ايجا به غلط رستي تي هلي رهي آهي. اوهان جي طريقي ڪار هر اُن اداري ۾ جتي به اوهان جا پَيرَ پيا آهن، اُن ۾ بدنظمي، چڙواڳي ۽ نفاق پيدا ڪري چڏيو آهي، ۽ بدنظمي، چڙواڳي ۽ نفاق واري اُها صورتحال نه رڳو ملڪ جي عوامي زندگي ۾، هندو ۽ مسلم عوام ۾ هندو ۽ هندو جي وچ ۾ مسلمان ۽ مسلمان جي وچ ۾ ايستائين جو پيءُ ۽ پُٽ جي وچ ۾ به ڦهلجي وئي آهي. مجموعي طور ماٺهو ملڪ ۾ جلدبازي جو شڪار آهن. اوهان جي انتهاپسند پروگرام وقتي طور تي ناتجربيڪار نوجوانن ۽ اڻپڙهيل ماڻهن جي سوچ کي متاثر ڪيو آهي، جنهن جو مطلب آهي، صرف مڪمل بدنظمي ۽ انتشار. اُن جو جيڪو نتيجو نڪرندو. اُن جي باري ۾ مان سوچي به ڏڪي ٿو وڃان، پر هڪڙي ڳالهه جنهن جو مون کي مڪمل يقين آهي، اُها هيءَ ته اُنهن سياسي معاملن جي بنيادي سبب حڪومت جي موجوده پاليسي آهي، ۽ جيستائين اُن جا سبب ختم نه ڪيا ويندا، تيستائين اُن جا اثر باقي رهندا. مون وٽ اُنهن سبب کي ختم ڪرڻ لاءِ نه ڪو آواز آهي، ۽ نه ڪو وري گهربل طاقت، پر اُن جي باوجود، مان ائين نه چاهيندس ته منهنجي وطني پائرن کي مڪمل طور تي تباهه ڪرڻ لاءِ هڪ وڏي خطرناڪ صورتحال ۾ ڦاسايو وڃي."

استينلي وولپرٽ، جناح جي اُنهي خط تي تبصري نما سوال ڪندي لکي ٿو:

"Was that shudder of apprehension in 1920 Jinnah's first rude awakening to the death knell of his dream of national leadership and nnity? Clearly, he had no faith in Gandhi or his judgment to save the India from being shattered. Was this possibly his first premonition of partition? The only way for the Nationalists, Jinnah warned in his revealing letter, is to unit and work for a programme

which is universally acceptable for the early attainment of complete responsible government. Such a programme can not be dicted by any single individual, but must have the approval and support of all the prominent Nationalist leaders in the country, and to achiev this end I am sure my colleagues and myself shall continue to work. While connecting his own weakness, on the hand, Jinnah thus reaffirmed his commitment to the same goal, the same sturgle for responsible government through Hindu_Muslim unity, to which he had devoted himself since long before Luknow. His wounded pride was palpable, perhaps more in those concluding remarks even than in his pained confession, I have no voice or power."[30]

"ڇا 1920ع ۾ ظاهر ٿيندڙ خُوفَ جو اُهو تصور جناح جي لاءِ قومي قيادت ۽ اتحاد واري خواب جي تباهي جو پهريون تلخ اعلان هو؟ اُها ڳالهه ته واضع آهي ته جناح کي هندستان کي ڇڏڻ کان بچائڻ لاءِ گانڌيءَ ۽ اُن جي سوچ تي ڪو به پروسو نه هو. ڇا اُهو امڪاني طرح ورهاڱي لاءِ هُن جو پهريون احساس هو؟ جناح پنهنجي معلومات آچيندڙ خط ۾ خبردار ڪندي لکيو ته "قومپرستن لاءِ فقط هڪ ئي رستو آهي ته اُهي گڏ ٿي متحد ٿين. ۽ هندستان ۾ هڪ مڪمل خودمختيار حڪومت جي قيام لاءِ هڪ اهڙي پروگرام تي ڪم ڪن. جيڪو سيني ڏرين لاءِ هڪجهڙي طرح قابل قبول هجي. اهڙو پروگرام ڪو به فرد واحد نه ٿو ناهي سگهي. پر اُهو گڏيل طور ئي ناهي سگهجي ٿو جنهن کي ملڪ جي مڙني قومپرست جي سپ_طرفي حمايت ۽ سپورٽ حاصل هجي. ۽ اهڙي مقصد لاءِ مان ۽ منهنجا ساٿي ضرور ڪم ڪندا رهندا." ائين. هڪ طرف. جناح پنهنجي ڪمزوري کي قبول ڪري ورتو هو ته وري ٻي طرف هُن هندو_مسلم اتحاد جي ذريعي هڪ خودمختيار حڪومت جي قيام واري پنهنجي قومي مقصد ۽ اُن واسطي ٿيندڙ پنهنجي جدوجهد. جنهن لاءِ هن پنهنجي زندگي وقف ڪري ڇڏي هئي. ٻيهر تصديق ڪري ڇڏي هئي. هُن جي مجروح وقار کي. شايد سندس اُنهي دردانگيز اعتراف کان وڌيڪ هُن جي پچاڙيءَ وارن لفظن مان محسوس ڪري سگهجي ته "مون وٽ صرف آواز آهي. طاقت ناهي."

بهرحال. اُنهي خط کانپوءِ جناح نه رڳو هوم رول ليگ ۾ واپس موٽي نه ٿي آيو پر ٻنهي اڳواڻن ۾ تلخي ۽ ڪُوڙاڻَ به وڌي حد تائين وڌي وڻ ٿي وئي.[31] جنهن کي اُن دور جي ڪيترن سياسي اڳواڻن ۽ مورخن پڻ نوٽ ڪري ورتو. اُن حوالي سان ڪي ايم منشي (K.M.Muunshi) ٻڌائي ٿو:

'When ganidhi forced Jinnah and his followers out of Home Rule

League and later tho cogress, we felt, with Jinnah that a movement, of an unconstitutional nature, sponsored by Gandhiji with tho tremendous influence he had acquired over the masses, would inevitably result in widespread violence, barring the progressive development of sel_ Government institutions based on partnership between educated Hindu and Muslim. To generat coercive power in the masses would only procoke mass conflict between the two communities, as in fact it did. With his keen sense of realities Jinnah firmly set his face against any dialogue with Gandhiji on this point.[32]

"جڏهن گانڌي، جناح ۽ سندس ساٿين کي هُوم رول ليگ ڇڏڻ تي مجبور ڪيو تہ اسان اُهو محسوس ڪيو تہ گانڌي، جنهن جو عوام تي گهرو اثر آهي، هڪ غير آئيني تحريڪ شروع ڪري ڇڏي آهي، جنهن جو نتيجو وڏي سطح تي ٽينڊڙ فسادن جي صورت ۾ ئي ظاهر ٿيندو ۽ اهڙي طرح سان سياسي خودمختياري وارن اُنهن ادارن کي نقصان پهچندو جن جو بنياد تعليم يافتا هندن ۽ مسلمانن جي گڏيل سهڪار سان رکيل آهي. بهرحال، اُن تحريڪ سان فرقيواراڻا وڇوڙ پيدا ٿيندا، ۽ پوءِ ٿيو به ائين ئي. جناح حقيقت پسندي مان ڪم ونڌندي گانڌيءَ سان اُن موضوع تي ڳالهائڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو."

"جناح، دراصل، هڪ وڏو دوراندیش ماڻهو هو. هُن پليءَ پت ڄاتو ٿي تہ گانڌي، ڪانگريس/هوم رول ليگ جهڙي پرتي (جنهن دراصل انگريزن کان آزادي حاصل ڪرڻ واري سياسي ۽ آئيني حڪمت عملي اختيار ڪري ورتي هئي) ۾ هاڻ کان ئي اقليتن سان لاڳاپيل اڳواڻن کي ڪجهہ ٻڌائڻ ڪانسواءِ پنهنجي هڪ_هتي ذريعي من پسند آئيني تبديلي آڻي سگهي ٿو تہ سياڻي اُن ڳالهہ جي ڪهڙي گارنٽي آهي تہ گانڌي يا ڪانگريس انگريزن کان آزادي حاصل ڪرڻ کانپوءِ ننڍي کنڊ ۾ هندو راج قائم ڪرڻ بدران اقليتن سان منصفاڻي هلت ملندي اُهي دراصل، ڪجهہ اهڙا تحفظات هئا، جن کي ڪنهن به طرح سان نظرانداز ڪري نہ پئي سگهجي پيو ۽ اُهو ئي سبب هو جو جناح اُنهي واقعي [يعني هوم رول ليگ مان سازش ڪري ڪڍي ڇڏڻ] کانپوءِ گانڌيءَ ۽ هُن جي ڪانگريس کان به پاسيرو ٿي ويو."[33]

بهرحال، گانڌي، جناح کي هوم رول ليگ مان ڪڍي ڇڏڻ کانپوءِ، ڪيس ڪانگريس مان به نيڪالي ڏيارڻ واسطي هڪ پروگرام جوڙي ورتو

جنهن تي عمل ساڳئي 1920ع واري سال جي پڇاڙيءَ واري ڊسمبر مهيني ۾ ڪانگريس جي ناگپور واري اجلاس ۾ ڪيو ويو. اُن سڄي سازشي پروگرام کي عملي روپ ڏيارڻ لاءِ، گانڌي باقائده پنهنجي سوچيل سمجهيل منصوبي تحت، مولانا ابوالڪلام ۽ علي ياٻرن جهڙن مذهبي سوچ رکندڙ اهڙن مسلم مذهبي اڳواڻن کي سياسي لحاظ کان اڳتي آندو[34] جيڪي دراصل، جناح ۽ ان جي هم_خيال لڏي جا سخت مخالف هئا. اُها ب، رڪارڊ جي ڳالهه آهي ته، خلافتي تحريڪ جي مخالفت ڪرڻ سببان اُنهن مسلم مذهبي اڳواڻن جو جناح ۽ ان جي هم_خيال لڏي ڏانهن انتهائي جارحاڻو رويو هوندو هو. ايستائين جو اُهي جناح کي گهٽ وڌ ڳالهائڻ کان ب، نه مُڙندا هئا. ۽ جناح جهڙن هندستان جي لبرل ۽ روشن خيال اڳواڻن کي دٻاءُ هيٺ رکڻ لاءِ علي الاعلان اُهو چوندا هئا:

"جيڪو ماڻهو اسان سان گڏ ناهي، اُهو اسان جي خلاف آهي. جي اوهان گانڌي سان گڏ ناهيون ته اوهان انگريزن جا ايجنٽ ۽ دلال آهيون."[35]

بهرحال، اهڙي ئي صورت حال، هيٺ 28ڊسمبر 1920ع تي ڪانگريس جي سبجيڪٽ ڪميٽي جو ناگپور ۾ هڪ اجلاس ٿيو.[36] اُنهي اجلاس ۾ گانڌي، انگريزن کان آزادي حاصل ڪرڻ لاءِ سڀ کان پهرين پنهنجي عدم تعاون واري پروگرام جي قرارداد پيش ڪندي، اُن جي منظوري جي درخواست ڪئي ته جناح اُن تي اعتراض اٿاريو ۽ چيائين:

"خودمختياري لاءِ ڪنهن وڏي تياري کانسواءِ "برطانوي تعاون" کي ختم ڪرڻ خطرناڪ ڳالهه ٿيندي. گانڌي، جناح جي اُنهي اعتراض تي، دليل ڏيندي چيو ته "مان هڪ گهڙي لاءِ ب، ائين نه ٿو سمجهان ته برطانوي تعاون کي، غيرمشروط طور هر قيمت تي ختم ڪري ڇڏجي. جيڪڏهن، اُهو برطانوي تعاون هندستان جي ترقي لاءِ اهم آهي ته مان اُن کي هرپرو تباهه ڪرڻ نه ٿو چاهيان. مون کي اُها ب، سُڌ آهي ته ان پهرين عالمي جنگ جي خاتمي کان اڳ، شايد امڪاني طور تي اسان کي رَتُ جي درياءَ مان گذرڻو پوي. ان جي باوجود، اسان چاهيون ٿا ته اسان جي باري ۾ يا اسان مان ڪنهن جي باري ۾ اهو نه چيو وڃي ته اسان رَتُ وهائڻ جا ڏوهي آهيون. اجا ب، اسان جي ايندڙ نسل، جيڪو اجا پيدا ئي ناهي ٿيو کي اُهو چوڻ ڏيو ته اسان تڪليفون برداشت ڪيونسين ۽ ڪنهن ٻي جو نه، پر پنهنجو رَتُ وهايوسين. ان ڪري مون کي ائين چوڻ ۾ ڪا هڪ نه ٿي ٿئي ته مان اُنهن ماڻهن لاءِ، جن وڏيون قربانيون ڏنيون يا جن جي باري ۾ چيو وڃي ٿو ته اُنهن جون زندگيون خطرن

هيٺ آيون. ڪنهن به قسم جي همدردي جو اظهار ڪرڻ نه ٿو چاهيان. اُن سان پلا فرق به ڪهڙو پوي ٿو."[37]

وولپرٽ موجب،"جيتوڻيڪ جناح اُنهي سبجيڪٽ ڪميٽي جي اجلاس ۾ گانڌي جي عدم تعاون واري قرارداد جي سخت مخالفت ڪئي، پر ڪيس اُهو چئي چپ ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي ته هُن جي احتياط پسندي مان ظاهر ٿئي ٿو ته هُن ۾ "مُڙسيءَ جي ڪوٽ" آهي. ٻي ڏينهن هُن جي خلاف بلندباغ نعرن سان گڏ، هُن جي تجويزن کي ٻ، ووٽن جي ذريعي رد ڪيو ويو. اُنهي فيصلاتي سال جي پُڄاڻيءَ تي پهچڻ سان گڏ، گانڌي 14500 نمائنده اڳواڻن جي آڏو جيڪي گذريل سال امرتسر ۾ گڏ ٿيل اڳواڻن کان ٻيڻي تعداد ۾ هئا، ۽ اُهي هاڻ ناگپور پهچي ڪانگريس جي پنڊال ۾ اچي گڏ ٿيا هئا، پنهنجي پروگرام کي پيش ڪيو. مهاتما جي قرارداد جو زوردار تاڻين جي وسڪاري ۽ نعرن سان آڌرياءُ ڪيو ويو. لالالجپت راءِ اُنهي گوڙ ۽ قبوليت واري ماحول ۾ قرارداد جي حمايت ڪئي. جناح واحد ۽ اڪيلي اڳواڻ طور ڊائيس ڏانهن وکون کڻندي آيو ۽ مطالبو ڪيائين ته سندس اختلاف کي سنجيدگي سان ٻڌو وڃي. جناح پنهنجي اُنهي مخصوص مُرڪ سان استيج تي آيو جيڪا سندس غير معمولي خوداعتمادي ۽ پڪي ارادي جي عڪاس هئي. جناح هڪ انتهائي مدلل، قابل فهم ۽ بنهه واضع انداز ۾ عقيدي واري نظام جي تبديلي جي مخالفت ڪئي."[38] ۽ پنهنجو موقف پيش ڪندي چيائين:

"مان، حقيقت ۾، ائين پانيان ٿو ته عدم تعاون واري پروگرام جي حمايت ۾ منظور ڪرايل ٺهراءَ نه منطقي آهي، ۽ نه ڪو وري صحيح ۽ دانشمنداڻو آهي ۽ نه ئي اُهو اُن قابل آهي، جو اُن کي عملي طور لاڳو ڪيو وڃي. مان اوهان جي آڏو راءِ رکي آهي. اُن کي منهنجي ڪمزوري جو اظهار نه سمجهيو وڃي. ڪانگريس جي سبجيڪٽ ڪميٽي ۾ مون کي عدم تعاون واري پروگرام جي مخالفت ڪرڻ سببان مون کي چيو ويو ته منهنجي اُها راءِ مون بهادري جي ڪوٽ جي ڪري پيدا ٿي آهي، پر مان چوان ٿو ته اُها اوهان جي سڌي سنئين چسي ۽ جتاڻي ڀالهه آهي."[39]

بهرحال، جئين ئي جناح، اجلاس ۾ گانڌيءَ ۽ اُن جي عدم تعاون واري پروگرام جي مخالفت ۾ پنهنجو موقف پيش ڪيو ته سڄي اجلاس ۾ ڇڙ ته پائيتال پئجي ويو. گانڌي جي حمايتين وٽي هُوڪرا ۽ ڳوڙ ڪرڻ شروع

ڪري ڏنو[40] جنهن سببان سڄو ماحول بدنظمي جي ورڇڙهي ويو. جناح خلاف گهٽ وڌ ڳالهائي، اُن کي تقرير واري ڏائيس تان هيٺ لهڻ تي مجبور ڪيو ويو.[41]

ان سڄي صورت حال جو سربستو احوال، وولپرٽ موجب، ٽائيمز آف انڊيا پنهنجي رپورٽ ۾ پيش ڪيو جنهن ۾ لکيو ويو:

"He was howled down with cries of "shame, shame" and political imposter. He referred th Mr. Gandhi resolution, but the irate audience yelled "N0. Mahatma Gandhi." He repeated "Mister," then finally abandoned any preface, seeking a way to inject some air of logical reasoning into an atmosphere charged with passionate emotion. "At the moment the destinies of the country are in the hands of two men,"]innah argued, "and one of them is Gandhi. Therefore, standing on this platform, knowing as I do that he commands the majority in this assembly, I appeal to him to pause, to cry halt before it is too late."[42]

"جناح کي "شرم ڪر"۽ "سياسي دغاباز"جي نعرن سان چپ ڪرائڻ جي ڪوشش ۾ ڪئي وئي. هُن "مسٽر گانڌي" جي قرار داد جو حوالو ڏنو. پر ميڙاڪي موجود ماڻهن وٽي هُوڪرا ڪيا، ۽ چيائون ته گانڌيءَ جي نالي جي اڳيان مسٽر نه پر مهاتما لڳائي استعمال ڪر. جناح وري مسٽر چئي مخاطب ٿيو جنهن تي وري گوڙ ٿيو. نيٺ هُن ڪنهن به لفظ استعمال ڪرڻ کانسواءِ اهڙي ماحول (جيڪو جذباتي ۽ هيجان خيز سوچ سان پريل هو) ۾ ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪئي ته جئين ڪجهه عقل ۽ دليل جي ڳالهه ڪري سگهجي. جناح، بحث ڪندي چيو ته هن وقت ملڪ جو مستقبل صرف ٻن ماڻهن جي هٿن ۾ آهي، جن مان هڪڙو گانڌي آهي. ان ڪري مان هن پليٽ فارم تان اُهو چاڻيندي ٻڌ، ته هن ميڙاڪي جي اڪثريت گانڌيءَ سان گڏ آهي. مان ڪيس درخواست ڪريان ٿو ته ٿوروصبر ڪريو. اُن کان اڳ جو دير ٿي وڃي. ماڻهن کي روڪڻ جو حڪم ڏنو وڃي."

وولپرٽ ٻڌائي ٿو:

"Jinnah's appeal went unanswered by Gandhi, however, as the boos, hisses, and catcalls of the audience finally drove the author of the Lucknow Pact and ex-president of the Home Rule League and the Bombay Conference from that Nagpur platform. As the Central Provinces' Commissioner Frank Sly quite accurately reported of the Nagpur Con gress to Chelmsford two days later,

"Jinnah carried no influence." It was the most bitterly humiliating experience of his public life. He left Central India with Ruttie by the next train, the searing memory of his defeat at Nagpur permanently emblazoned on his brain. Whatever hopes he had had of National leadership were buried that day. Gandhi had scaled the heights of political popularity; jinnah plummeted over the precipice to a new low, reviled by fellow-Muslim Khilafat leaders even more than by the Mahatma's devoutest Hindu disciples. Shaukat Ali hated him and made no secret of his sentiments wherever he went.

Though he had presided over the Muslim League only three months earlier, Jinnah did not even bother to attend its Nagpur session, rightly gauging the futility of his opposition to the Gandhi-Khilafat express. He had no more heart for raucous confrontations that bitter December, no stomach left for the names he had been called. He had warned them openly of futility of their battle plan, told them honestly of the havoc he correctly anticipated would be unleashed by and against the suddenly politicized masses. Yet every jury, Khilafat Conference, Swaraj Sabha, Congress, and Muslim League had rejected his arguments as outmoded, cowardly, or invalid. There was no court of appeals left for the moment, so Jinnah went silently home."[43]

"گانڌي جناح جي اُنهي درخواست جو ڪو به جواب نه ڏنو. نيٺ ميڙاڪي ۾ موجود ماڻهن جي هنگامي، تاڃي ۽ ٽوڪن وارن هُوڪرن سبان لکنوءَ معاهدي جي باني، هوم رول ليگ ۽ بمبئي ڪانگريس جي اڳوڻي صدر کي ناگپور پليٽ فارم تان هيٺ لهڻو پئجي ويو. سي پي جي ڪمشنر فرينڪ سلايي ہن ڏينهن ڪانپوءِ، ناگپور ڪانگريس جي باري ۾ ڪافي حد تائين درست رپورٽ پيش ڪندي، چيمسفورڊ کي لکيو ته "جناح بلڪل ئي متاثر نه ڪري سگهيو." اُهو دراصل، جناح جي عوامي زندگي جو هڪ هٽڪ آمير تجربو هو. بهرحال، هُن رتيءَ سان گڏجي، ريل ۾ چڙهي وچ هندستان کان موڪلاڻي ڪري چڏي، ناگپور ۾ آيل، اُنهي شڪست جي اندر ساڙيندڙ ياد، هميشہ لاءِ هن جي ذهن ۾ نقش ٿي وئي. قومي قيادت لاءِ، هن جون جيڪي به اميدون هيون، اُهي سڀ انهي ڏينهن دفن ٿي ويون. گانڌي جي سياسي مقبوليت بلندين تي پهچي وئي هئي، ۽ جناح وري پنهنجي عظمت جي بلندي تان هيٺ ڪري پيو هو ۽ مهاتما جي عقيدتمند شاگردن کان وڌيڪ هن تي هن جي ئي خلافتي تحريڪ ۾ حصو ونڊڻ مسلمان اڳواڻن گهٽ وڌ ڳالهائڻ شروع ڪيو هو. شوڪت علي هن کان نفرت ڪندو هو ۽ جتي به

ويندو هو تہ اُتي جناح خلاف گهٽ وڌ ڳالهائڻ ۾ ڪا هيڪ ۽ هٿڪ محسوس نہ ڪندو هو.

توڙي جو ٿي مهينا اڳ ئي، هن مسلم ليگ جي صدارت ڪئي هئي. گانڌي ۽ خلافتي معاملي تي پنهنجي مخالفت جي بي اثري جو صحيح اندازو ڪندي، جناح ناگپور واري سيشن ۾ شامل ٿيڻ جي قطعي ڪوشش نہ ڪئي. اُنهي سال جي تلخ ڊسمبر ۾، هن ۾ وڌيڪ مقابلا ۽ چُوٽون کائڻ وارو حوصلو توڙي جن گارين سان هن کي نوازيو ويو هو انهن کي برداشت ڪرڻ جو سَتُ نہ رهيو هو. هُو بلڪل ڪليل طرح گانڌي وارن کي سندن جنگي منصوبن جي بيڪار پٽي کان خبردار ڪري چڪو هو. اُوچتو سياست جي ميدان ۾ لهي پوندڙ عوام جو هاڻ سندن حال ڪهڙو ٿيندو. ان جو جيتوڻيڪ، جناح کي اندازو هو جيڪو هُن پنهنجي ايمانداري سان ٻڌائي چڏيو هو پر اُن جي باوجود، هر جيوري، خلافت ڪانفرنس، سوراج سيا، ڪانگريس ۽ مسلم ليگ هن جي دليلن کي دقيانوسي، بزدلاٽا ۽ بيڪار چئي رد ڪري چڏيو. اپيل لاءِ اُن وقت ڪا بہ عدالت موجود نہ هئي. اُن ڪري، جناح خاموشي سان پنهنجي گهر ڏانهن هليو ويو."

بهرحال، ائين ئي گانڌي، هڪ پاسي هندستان جي قومي ۽ سياسي ادارن مان هندستان جي حقيقي وطن دوست سياسي اڳواڻن کي مختلف بهانن ۽ سازشن ذريعي، ڌڪي ٻاهر ڪيو، کين ڪمزور ڪرڻ جو اٽڪلون هلائيندو رهيو[44] تہ وري ٻي پاسي، پنهنجي نام نهاد مذهبي تحريڪن کي بہ جاري رکندو ٿي آيو. گانڌيءَ طرفان خلافتي تحريڪ کي زور ونائڻ، ۽ اُن جي سپورٽ ۾ وري عدم تعاون واري تحريڪ هلائڻ جا هونئين تہ اڪيچار غلط، تڪراري ۽ فسادي نتيجا نڪتا، پر هڪڙو تڪڙو منفي ۽ وڪوڙي رد عمل 1921ع ۾ هندستان اندر مسلمان موپلن جي بغاوت جي صورت ۾ نڪتو[45] جنهن جي نتيجي ۾ جتي اڪيچار ظالم زميندارن کي موت جي نند سمهاريو ويو اُتي وري موپلا عوام تي بہ انگريز رياست جي ظلم، جبر، ڏاڍ ۽ قرلٽ جو هڪ وڏو رڪارڊ قائم ڪيو ويو ۽ اُهو سڀ ڪجهہ، دراصل، خلافتي ۽ عدم تعاون وارين تحريڪن جي ڪري ئي ٿيو.[46]

مان پانيان ٿو تہ، جيڪڏهن اُنهن مذهبي تحريڪن جي ذريعي هندو توڙي مسلم عوام کي مذهبي جوش ڏيارائي، جُنونيت جي ورچاڙهيو نہ وڃي ها، تہ هُوندَ اُهي خونريز بغاوتون ۽ وڪوڙ بہ نہ ٿين، ۽ نہ ڪو وري اُنهن ۾ ڏوهي

توڙي بي ڏوهي ماڻهو موت جي مُنهن ۾ ويڃن ها.

بهرحال، اُها حقيقت آهي تہ 1921ع واري سال ۾ جناح سياسي لحاظ کان اڪيلائي جو شڪار ٿي ويو هو جنهن کانپوءِ هُن پنهنجو سمورو وقت ۽ ڌيان وڪالت جي نذر ڪري ڇڏيو.

اُن ڏس ۾، وولپرٽ ٻڌائي ٿو:

"1921ع ۾ سياسي منظرنامي کي هٿي ويڑ کانپوءِ جناح پنهنجو سڄو وقت وڪالت کي ڏئي ڇڏيو. هُو اُن وقت پنهنجو سموريون صلاحيتون ۽ توانايون پنهنجي ڪم تي صرف ڪرڻ لڳو. ائين پنهنجا ڏينهن توڙي راتيون اُنهي وڪالت واري محبوبا لاءِ وقف ڪري ڇڏيائين. هُن جي پرسڪون چيمبر ۽ عدالتن، عوامي زندگي جي هنگامہ خيزي ۽ اُبهري ۽ جذباتيت واري ماحول خلاف حفاظتي پٽ وارو ڪم ڪيو. مڙني هنگامن کان محفوظ حد تائين پري ٿي ويل، هُو تشدد ۽ سياسي ڇڪتائي جي نتيجي ۾ پيدا ٿيندڙ عوامي ڪروڌ ۽ سرڪاري ڪارستانين کي ڏسندو رهيو. سياست جي ميدان ۾ هُن جي قومپرستاڻي ڪردار جو خاتمو ۽ رتيءَ سان هن جي تعلقاتن ۾ تبديلي هڪ ئي وقت آئي. بنهي لاءِ هاڻ زندگي بي روح ۽ بُسي بڻجي وئي هئي. جناح جي هاڻ ڪنهن اُپريل سياسي هيريءَ واري حيثيت نہ رهي هئي. هُن جون هاڻ پنهنجي جماعت جي پويان هجومن جي صورت ۾ گڏ ٿيندڙ ماڻهن آڏو گرجندڙ تقرير ڪرڻ واري ڳالهہ هڪ خواب بڻجي وئي هئي. ناگپور جي واقعي کانپوءِ هُو هاڻ پوڙهي ٿيڻ طرف وڌي رهيو هو. ہائيتاليهن سالن جو ڪرڙ_وڌ عاشق ائين ڏسڻ ۾ ٿي آيو تہ ڇڪ هڪ ئي رات ۾ بدلجي، هڪ بزرگ سياستدان ۾ تبديل ٿي ويو هجي."[47]

"جيتوڻيڪ رتيءَ پنهنجي مڙني صلاحيتن ۽ دل_ربائين سان گڏ جناح جي ڌيان ۽ دلچسپي کي ہيهر جاڳائڻ جي هرممڪن ڪوشش ڪئي، پر اُهي تہ دراصل، هن جي لکنوءَ جون ئي يادگار گهڙيون هيون. اُهو اميد افزا مستقبل ۽ اڇتي وڌڻ وارو جُنونُ، جيڪو لنڊن جي استيج جي ڪيريئر وانگر بنهہ گهڻو ڏُور ۽ غيرمعمولي هو، هاڻ بنهہ گهڻو پوئتي رهجي ويو هو."[48]

جيتوڻيڪ جناح، هاڻ سياست کان پاسيرو ٿي ويو هو ۽ ڪنهن بہ سياسي سرگرمي ۾ حصو نہ ٿي ورتو، پر بهرحال، فيبروري 1921ع ۾ جڏهن سروينٽس آف انڊيا سوسائٽي طرفان، گوپال ڪرشنا گوکلي جي ورسي ملهائي وئي، ۽ ڪيس مدعو ڪيو ويو تہ تڏهن، جناح نہ رڳو اُن ۾ شرڪت ٿي

ڪئي، پر هڪ زبردست تقرير به ڪئي ٿي. "اُهو ميڙاڪو گوڪلي جا پيروڪار هرسال هن جي ورسي جي موقعي تي ڪونائيندا هئا."[49] اُنهي ميڙاڪي ۾ "جناح پنهنجي تقرير جي شروعات، اُن حڪومت، جنهن مستقل طور تي جاٽي ٻُجهي اهڙي پاليسي اختيار ڪئي هئي، جنهن قوم جي عزت نفس کي مجروح ڪيو هو ۽ گانڌيءَ جي عدم تعاون واري تحريڪ، جيڪا قوم کي غلط رستي تي وٺي ٿي وئي، جي وچ واري دور جي مفلوج ڪريو ڇڏيندڙ جهيڙن جي تجزئي سان ڪئي. سياست کان ايائي مهينا پري رهڻ هُن لاءِ وڏي ڳالهه هئي. هُو پاڻ کي "مسٽر گانڌي جي پروگرام" تي عمل ڪرڻ لاءِ تيار ڪري نه ٿي سگهيو. جيڪا جناح جي خيال ۾ خالص مذهبي تحريڪ هئي، جنهن جو بنياد تباهي ڦهلائيندڙ طريقي ڪار تي رکيل هو جيڪا عام ماڻهوءَ جي فطرت جي خلاف هئي، ۽ جنهن ۾ هُو پاڻ (گانڌي) به شامل هو. جناح اُنهي تقرير ۾ عوامي سياست ۾ پنهنجي ٻيهر واپسي جو مڪمل اظهار ڪيو پر هڪ اهڙي حقيقي سياسي تحريڪ جي اڳواڻي ڪرڻ لاءِ، جيڪا صحيح سياسي اصولن تي قائم هوندي."[50]

وولپرٽ، جناح جي اُنهي تقرير ۽ اُن ۾ گانڌيءَ جي شخصيت تي ڪيل تنقيد تي تبصرو ڪندي لکي ٿو:

"His critique of Gandhi, though scathing, was not totally negative, concluding that "Undoubtedly Mr. Gandhi is a great men and he{Jinnah}had more regard for him than any body else. But he did not believe in his programe and he could not support it."[51]

"جناح جي گانڌيءَ تي تنقيد گهڻي تيز هوندي هئي، پر اُن کي مڪمل طور منفي نه ٿو چئي سگهجي. جناح پنهنجي تقرير جي پڇاڙيءَ وارن لفظن ۾ چيو هو ته اها صحيح ڳالهه آهي ته گانڌي هڪ عظيم انسان آهي، ۽ جناح جي دل ۾ هن لاءِ ٻين سمورن ماڻهن کان وڌيڪ عزت آهي، پر هُو ان جي پروگرام تي پروسو نه ٿو ڪري سگهي، ان ڪري، اُن جي حمايت به نه ٿو ڪري سگهي."

جيتوڻيڪ اُن سڄي عرصي دوران، يعني ڪجهه وقت وڪالت ڪرڻ ۽ سياست جي دنيا کان پاسيرو رهڻ کانپوءِ وري ترت جناح سياسي سرگرمين ڏانهن موٽي آيو هو. خلافتي تحريڪ هلڻ سببان، جئين ته، مسلم ليگ مفلوج ٿي چڪي هئي، مٽس انتهاپسند مسلم مذهبي اڳواڻن جو قبضي ٿي ويو هو ۽ هندستان جي آزادي وارو مسئلو پوئتي ڌڪجي ويو هو.

اُنهي صورتحال کي ڏسندي جناح وري به، گانڌيءَ سان رابطو ڪيو[52] ۽ ڪيس اُها تجويز ڏني ته هندستان جي مسئلي جي حل واسطي وائسراءِ لارڊ ريڊنگ کي هڪ وڏي گول ميز ڪانفرنس ڪوٺائڻ تي آماده ڪيو ويجي،[53] پر وري به، گانڌيءَ پاران ڪا مثبت موٽ نه ملڻ سببان، جناح جي اُها ڪوشش ڪو نتيجو ڏئي نه سگهي.

بهرحال، هندستان جي اهڙي ئي اندروني صورتحال هئي، جو برطانيا مان پرنس آف ويلز هندستان ڪهي آيو.[54] اصل ۾ مانٽيگيو ـ چيمسفورڊ جي آئيندي جي سڌارن واري پروگرام لاءِ هندستان ۾ انگريز رياست پاران، هڪ افتتاحي سرڪاري پروگرام رٿيو ويو هو جنهن ۾ شرڪت لاءِ17نومبر 1921ع ۾ پرنس آف ويلز کي هندستان اچڻو پيو.[55] "هيڏانهن، ڪانگريس ۽ خلافتي ڪميٽيءَ وارا سندس بائيڪاٽ ڪيون ويٺا هئا. پرنس آف ويلز هندستان اچي، جنهن به شهر جي دوري تي ويو ٿي، اُتي سخت احتجاجي مظاهرا ڪيا ٿي ويا. ائين، هُو جڏهن ڪلڪتي [جتي سرڪاري پروگرام جي هڪ مُک تقريب رٿيل هئي]ويو ته اُتي پڻ ڪيترن ئي ماڻهن هڪ وڏو جلوس ڪڍي سخت احتجاج ڪيو جنهن سببان پوليس به مجرجي نه رڳو ڪيترن ئي ماڻهن کي گرفتار ڪري ورتو پر لٺبازي ڪري گهڻين کي ڦٽي به ڪري وڏو. اهڙي صورتحال بعد پرنس آف ويلز هندستان ۾ ڪجهه ڏينهن ترسي پوءِ واپس هليو ويو."[56]

"بهرحال، اُن سڄي معاملي ۾ اهم ڳالهه اُها هئي، جو هندستان جي انگريز حڪومت پرنس آف ويلز جي اچڻ کان اڳ ۾ ڪانگريس کي اعتماد ۾ وٺندي، مولانا ابوالڪلام آزاد ۽ سي آر داس (جيڪي تنهن وقت عدم تعاون واري تحريڪ هلائڻ سببان جيل ۾ بند هئ) ذريعي گانڌيءَ کي اُهو چورائي موڪليو ته جيڪڏهن ڪانگريس پرنس آف ويلز جي بائيڪاٽ جو اعلان واپس وٺي ڇڏي ته حڪومت هندستان جي مسئلي جي سياسي حل ڪڍڻ لاءِ نه رڳو لنڊن ۾ گول ميز ڪانفرنس جو بندوبست ڪندي، پران ۾ شرڪت لاءِ ڪانگريس جي مولانا محمد علي ۽ مولانا شوڪت علي سميت سموري اڳواڻن کي آزاد به ڪريو ڇڏيندي.دراصل انگريزن جي تنهن وقت جي صورتحال ۾ اُها هڪ معقول ۽ فائدي وٺڻ واري ڳالهه هئي،(جنهن کي ترت قبول ڪري هندستان جي سياسي حالتن کي نئين موڙ ڏيڻ جي ضرورت هئي) جنهن کي جيتوڻيڪ گانڌي تنهن وقت ته رد ڪري ڇڏيو پر بعد ۾ ڪجهه ڏينهن ڪانپوءِ بمبئيءَ ۾ ڪانفرنس ڪٿرائي، هُن اُن شرط تي راضپو

ظاهر ڪيو تہ حڪومت جي گول ميز ڪانفرنس واري تجويز تي ڪانگريس پاران ان صورت ۾ غور ويچار ڪيو ويندو. جڏهن حڪومت اڳواٽ سمورن ڪانگريسي اڳواڻن کي آزاد ڪريو ڇڏيندي. البت، پوءِ حڪومت بہ، گانڌيءَ جي اُن ڳالهہ جي ڪا موٽ نہ ڏني. جو پرنس آف ويلز وڃي چڪو هو ۽ انگريزن جي بہ هاڻ هندستان جي مسئلي جي حل ڪرڻ ۾ ڪا دلچسپي نہ رهي هئي."[57]

اصل ۾ اُها گانڌيءَ جي هڪ وڏي فاش غلطي ۽ سياسي طرح سان غيردانشمندي هئي، جنهن سببان، خود ڪانگريس جي اڪيچار اڳواڻن پڻ مٿس ڪاوڙ جو اظهار ڪيو. اُن ڏس ۾ مولانا ابوالڪلام آزاد لکي ٿو:

"Gandhi's decision as a grave mistake because an opportunity for making progress towards India's freedom was lost."[58]

"گانڌيءَ جي اُها هڪ فاش غلطيءِ وڏي بيوقوفي هئي، جنهن سببان اسان هندستان جي آزادي ڏانهن ٽيندڙ پيش قدمي کان محروم ٿي وياسون."

ڪي ايم منشي جي خيال موجب:

"Had Gandhiji accepted Reading's offer, we might have obtained Dominion Status before 1937 without having had to partition India."[59]

"جيڪڏهن گانڌي وائسراءِ جي تجويزن کي مڃي ونڊي ها تہ اسان 1937ع کان اڳ ئي خودمختيار رياست جو درجو حاصل ڪري وٺو ها. ۽ ائين، هندستان ورهاڱي جي عذاب کان بہ بچي پوي ها."

هندستان جي هڪ مشهور مورخ ايڇ.ايم.سيروائي جو موقف آهي :

"The failure to accept the Viceroy's offer was the first of the many opportunities which the Congress, led by Gandhi, missed for securing freedom for a united India and for bringing the Hindu and the Muslims together."[60]

"گانڌيءَ جي اڳواڻي ۾ ڪانگريس گڏيل هندستان جي آزادي جا اڪيچار موقعا وڃائي ڇڏيا. ۽ وائسراءِ لارڊ ريڊنگ جي اُها آڇ قبول نہ ڪري هندستان جي آزادي، اتحاد ۽ هندن توڙي مسلمانن کي هڪٻئي جي ويجهو آڻڻ لاءِ ملندڙ ڀهريون موقعو وڃائي ٿي ڇڏيو."

گانڌي ائين ڇو ڪيو؟ اُن حوالي سان ننڍي کنڊ جي تاريخ ۽ سياست جي مختلف ماهرن جا مختلف خيال رهيا آهن. گهڻن ماهرن جو خيال آهي

تہ گانڌيءَ ائين ڪري سياسي ڏاهپ جو مظاهرو ڪيو. جڏهن تہ هندستان ۾ پاڪستان جي ڪن ماهرن جهڙوڪ: ايڇ ايم سيروائي، ڪي ايم منشي ۽ زاهد چوڌري وغيره جو موقف آهي تہ گانڌي ائين ڪري فاش غلطي ڪئي، جنهن جو هندستان جي آزادي واري تحريڪ کي وڏو نقصان پهتو. مان بہ ذاتي طور تي اُنهيءَ موقف سان اتفاق رکان ٿو.

بهرحال، ائين ئي گانڌي هڪ طرف، پنهنجي سازشي حڪمت عملي تي عمل ڪندي، جناح جهڙن روشن خيال ۽ لبرل ماڻهن کي سياست جي ميدان مان باهر ڪيڌي، ڪين اڪيلو ۽ عام ماڻهن ۾ بي اثر بنائڻ جون تيزيءَ سان ڪوششون ڪري رهيو هو تہ وري بي طرف خود سندس لاءِ عام ماڻهن ۾ خواري ۽ پاڇ جو ميدان پڻ تيار ٿي رهيو هو. اصل ۾ ڳالهہ اُها آهي تہ گانڌيءَ جي عدم تعاون واري تحريڪ کي 1922ع واري سال جي شروعات ۾ ئي جنوري مهيني دوران، پنهنجي منطقي انجام يعني ناڪامي جو منهن ڏسڻو پيو.[61] ٽيو ائين جو خلافتي ۽ عدم تعاون وارين تحريڪ سببان جتي موپلا مسلم بغاوت پڙڪو ڪائي اُٿي پئي(جنهن کي انگريز رياستي مشينري ترت ئي ختم ڪري ڇڏيو هو)اُتي وري حيدرآباد دکن ۽ يُوپيءَ ۾ هاري عوام بہ زميندارن خلاف هڪ وڏي تحريڪ شروع ڪري ڏني[62] ۽ ائين، گانڌي واري عدم تعاون واري تحريڪ ۽ هارين جي تحريڪ ٻئي پاڻ ۾ گڏوڇڙ ٿي ويون، جنهن سببان، زاهد چوڌري چواڻي، "گانڌيءَ جي مذهبي تحريڪ ڇڻ تہ هڪ وڏو زبردست انقلابي طبقاتي روپ وٺي رهي هئي."[63]

اُها صورتحال دراصل، گانڌي لاءِ ڪنهن بہ طرح سان پسند جوڳي نہ هئي، ۽ اُهو ئي سبب هو جو گانڌي يُوپيءَ ۽ حيدرآباد ۾ هاري عوام جي تحريڪ شروع ٿيڻ کان پوءِ بنهہ پريشان ٿيندي، پنهنجي عدم تعاون واري تحريڪ کي بند ڪرڻ جا بهانا ڳولهڻ ۾ مصروف ٿي ويو.ٽيڪ اهڙي ئي صورتحال ۾، يُوپيءَ جي هڪ علائقي چورا چوري ۾ هارين هڪ احتجاجي مظاهرو ٿي ڪيو تہ پوليس پهچي مٿن سڌي فائرنگ ڪري ڏني،[64] جنهن جي نتيجي ۾ هارين بہ مشتعل ٿي، ٽاٽي جو گهيراءُ ڪري ٽاٽي کي باهہ ڏي ڇڏي، جنهن سببان ڪجهہ پوليس اهلڪار سڙي مري ويا.[65] گانڌيءَ اُنهي واقعي کي غنيمت سمجهندي، ترت ئي 5 فيبروري 1922ع تي پنهنجي عدم تعاون واري تحريڪ کي بند ڪرڻ جو اعلان ڪيو[66] ۽ چيائين تہ، جئين تہ اسان جي عدم تعاون واري تحريڪ تشدد ۽ ناانصافي جو روپ اختيار

ڪري رهي آهي. ان ڪري، هاڻ تحريڪ کي بند ٿو ڪجي.[67] بهرحال، ائين ئي، گانڌي عدم تعاون واري تحريڪ بند ڪري، ماٺهن مان پاڻ کائي اکيلو ٿي ويهي رهيو ته وري پي پاسي تُرڪيءَ ۾ ئي مصطفيٰ ڪمال پاشا (1881_1938) جي اڳواڻي ۾ وطن دوست تُرڪ عوام پاران خلافت عثمانيا ۽ اُتي جي مذهبي بادشاهت کي ڪالعدم قرار ڏيندي، هڪ وڏو عوام دوست سيڪيولر انقلاب آڻي، ترڪيءَ جي نئين سرقومي بنيادن تي اڏاوت ڪرڻ جو اعلان ڪيو ويو. جنهن دراصل، هندستان جي خلافتي تحريڪ جي تابوت ۾ آخري هڏڪيءَ وارو ڪم ڏنو.

جتيوڻيڪ هندستان جي مسلم مذهبي اڳواڻن، ترڪيءَ جي قومپرست حڪمران مصطفيٰ ڪمال پاشا کي اڪيچار اپيلون ڪري، اُها گذارش ڪئي ته هُو ترڪيءَ مان خلافت جي اداري کي ختم نه ڪري،[68] پر بهرحال، ڪمال پاشا جي مارچ 1924ع ۾ باضابطه طور ڪيل اُن اعلان ته، تُرڪيءَ ۾ هاڻ، سياسي ۽ حڪومتي سرشتو سيڪيولر بنيادن تي رهندو هندستان جي مسلم مذهبي اڳواڻن کي مايوس ڪري ڇڏيو.[69] ڪمال پاشا جي اهڙي اعلان ڪانپوءِ وڃي هندستان جا مسلم مذهبي اڳواڻ ماڻ ڪري ويهي رهيا، ۽ گانڌي کي ائين چوڻو پيو ته "اُهو هاڻ مسلمانن جو مسئلو آهي، هندو ڪجهه نه ٿا ڪري سگهن."[70]

بهرحال، ترڪيءَ ۾ خلافت جي خاتمي جا ننڍي کنڊ ۾ انتهائي اڳرا نتيجا نڪتا، جو هندستاني مسلمان نه رڳو ڪاوڙ ۽ ڪروڌ ۾ پرجي ويا، پر مذهبي جُنونيت جو به وڏو نماءُ ٿيو. جنهن سببان ننڍي کنڊ جي تاريخ جا بنهه وڏا هندو_مسلم فساد ٿيا.

اُن حوالي سان وولپرٽ، ٻڌائي ٿو:

"The Fallout in India from that shattered pillar of Pan_Islam included accelerating Hindu_Muslim riots. From the Pathans of the North_West Fronter to the Moplahs of Malabar, From Kashmir to Dacca, outraged Muslims the length and beredth of South Asia turned against neighboring Hindus to vent frustrations at having lost their khalif. Hindus, in turn, retaliated, with militant revivalist organization, like the Mahasabha, launching programs of forced "conversions"(shudhi) of unwilling Muslims to Hinduism. Paramilitary "organization"(sangatan) drilled and marched through Hindu_dominated cities, nosily luring Muslims form prayer in

their mosques, induiscriminately attacking leatherworkers or cow slaughterers.. Each flurry led to more retaliatory raids, provoking full_fledged riots, leaving countless dead, wounded and embittered."[71]

"تُرڪيءَ ۾ خلافتي بادشاهت واري اسلامي ٽنيي جي ڪري پوڻ جي نتيجي ۾ هندستان جي سرحد جي پٺاڻن کان وٺي ملابار جي موپلن تائين، ڪشمير کان وٺي ڏاکا تائين، ڏکڻ ايشيا جي مختلف علائقن ۾ ڦهليل ڪروڌ ۽ ڪاوڙ ۾ پريل مسلمانن، پنهنجي مذهبي بادشاهت ۽ اُن جي خليفي جي خاتمي تي پنهنجي مايوسي کان جان ڇڏائڻ لاءِ پنهنجي پاڙيسري هندن خلاف اُتي ڪڙا ٽي پيا. هندن به جوابي ڪارروائي طور مهاسيا جهڙين ويڑهاڪ تنظيمن جي مدد سان مسلمانن کي جبري طور هندو بڻايو يعني شڌي جي پروگرام کي شروع ڪري ڏنو. انهن جون سنگهٺن جهڙين نيم فوجي تنظيمن هندو اڪثريت وارن شهرن ۾، مسلمانن جي مسجدن آڏو نماز ۾ خلل وجهڻ خاطر زور سان گانا وڄائڻ، ڪوڙ ڪرڻ ۽ مارچ ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيو. ڳڙوگڏ ٿيڻ کان وارن مسلمانن تي اُوچتا حملا پڻ ڪيائون. جيڪي ورني شديد جوابي حملن جو ڪارڻ بڻيا ٿي، جنهن سببان وري پرپور وڳوڙن کي اُپاري ماٺهن کي زخمي يا موت جي منهن ڏيکاريو ويو. جنهن جي نتيجي ۾ ڏرين ۾ وڌيڪ تلخي ۽ ڪاوڙ وڌي وئي."

اُنهي عرصي ۽ ماحول ۾، سيپٽمبر 1923ع ڌاري، هندستان اندر قانون ساز اسيمبلي جون چونڊون ٿيون.[72] اُن وقت ڪانگريس واضح طور ٻن ڌڙن ۾ ورهائجي وئي هئي. هڪ گانڌيءَ واري ڪانگريس هئي، جنهن جو سڄو ڌيان خلافتي مسئلي جي حل ۾ اٽڪيل هو ۽ بي وري موتي لال نهرو ۽ سي آر داس واري ڪانگريس هئي، جنهن کي موتي لال وارن سوراج پارٽي جو نالو ڏئي ڇڏيو هو. سوراج پارٽي چونڊن ۾ وڌي چڙهي حصو ورتو. جڏهن ته انهن ئي چونڊن ۾ جناح پڻ بمبئيءَ جي سيٽ تان هڪ آزاد مسلم اميدوار طور حصو ورتو. وولپرٽ چواڻي، "بمبئيءَ شهر ۾ جناح جي شُهرت ۽ احترام ايڏي وڏي سطح تي ڦهليل هو جو جناح 14 نومبر 1923ع تي، بنا مقابلي پنهنجي انهي سيٽ تي واپس موٽي آيو. جنهن تان هُن رولٽ ايڪٽ واري معاملي تان استيعفيٰ ڏيو ڇڏي هئي."[73]

هندستان ۾ خلافتي تحريڪ ۽ گانڌي جي عدم تعاون واري تحريڪ جي هلڻ ۽ اُنهن بنهي تحريڪن جي ناڪامي، جناح ياران اُنهن مذهبي تحريڪن کان پاڻ کي پري رکڻ، گانڌي جون سازشون ڪري، جناح کي

پهريان هوم رول ليگ ۽ بعد ۾ وري ڪانگريس (ڊسمبر 1920ع واري ناگپور واري هنگام خيز اجلاس ڪانپوءِ)مان ڪڍي ڇڏڻ، گانڌيءَ جو هندستاني سياست جو ميدان ماري ويهڻ ، تُرڪيءَ مان خلافت عثمانيا جي خاتمي ۽ اُن سببان هندوستان ۾ ٿيل هندو_مسلم فسادن واري سڄي صورتحال جي جائزي ڪانپوءِ، هاڻ اچو ته اڳتي جي واقعن ۽ اُنهن ۾ جناح جي ادا ڪيل سياسي ڪردار جو گهربل جائزو وٺون.

حوالا ۽ سمجهاڻيون

3. زاهد چوڌري، مسلم پنجاب ڪا سياسي ارتقاءَ (1849_1947ع پاڪستان ڪي سياسي تاريخ، جلد_5، اداره مطالعه تاريخ، لاهور، 1998ع،
4. ساڳيو صحفه،134
5. ساڳيو صحفه،134
6. تفصيل لاءِ پڙهو ايياز علي، پاڪستان جوبنياد_ڀه قومي نظريو يا صوبائي خودمختياري، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 2014ع، صحفو189
7. Dr. B.R. Ambedakar, Thoughts On Pakistan, Royal Book Company, Karachi, 2008,p,67
8. Ibid,p,69
9. زاهد چوڌري ، مسلم پنجاب ڪا سياسي ارتقاءَ (1849_1947ع پاڪستان ڪي سياسي تاريخ، جلد_5، اداره مطالعه تاريخ، لاهور، 1998ع
10. چيو وڃي ٿو ته گانڌيءَ جي اُنهي عدم تعاون واري تحريڪ هلائڻ خلاف جناح سميت هندستان جي اڪيچار هندو توڙي مسلم اڳواڻن کي تحفظات هئا ۽ اُهو ئي سبب هو جو بال گنگا ڌر تلڪ جهڙو انتهاپسند هندو اڳواڻ ۽ گانڌيءَ جي عدم تعاون توڙي خلافت واري تحريڪ جي حمايت ڪرڻ کان لاچاري ظاهر ڪري ڇڏي هئي. اُن حوالي سان وولپرٽ ٻڌائي ٿو ته "تلڪ ته گانڌيءَ جي اڳواڻي واري ڪردار کي ۽ قبول نه ڪيو هو ۽ هُو ايترو ته ڪٽر برهمڻ هو جو اُن ڪڏهن ۽ خلافتي مقصد کي ڪو مان نه ٿي ڏنو. اينيٻسنت جنهن ڪڏهن ۽ گانڌي تي اعتبار نه ڪيو. اُن ۽ گانڌي جي عدم تعاون واري تحريڪ کي "نفرت جو رستو" قرار ڏئي، علي الاعلان ان جي مخالفت ڪئي. گوکلي جو اعتدال پسند جانشين، سرونٽس آف انڊيا سوسائٽي جو صدر،وي ايس. شري نواس شاستري (1869_1946ع) جي خيال موجب، مهاتما حقيقت کان ڪوهين ڏُور آهي. فيروز شاهه مهتا جي خيالن جي حامي ڊنشا اي واچا (1844_1936ع) جيڪو نيشنل لبرل فيڊريشن جو اڳواڻ هو گانڌي کي پاڳل، چريو ۽ مغرور چوندو هو. مانٽيگيو پنهنجي

مڪمل سمجهه جي باوجود، گانڌي جي درويشي سياست جي ڳجهن ۽ رمزن کي سمجهڻ جي قابل نه ٿي سگهيو. اهوئي سبب هو جو اُن کي اُهو شڪ ٿيڻ لڳو ته گانڌيءَ جي عدم تعاون واري تحريڪ توڙي خلافتي تحريڪ ٻئي "بالشوڪ سازش" جو حصو آهن. جنهن ڪري گانڌي ڪلڪتي واري اجلاس ۾ پنهنجو عدم تعاون واري پروگرام منظور ڪرائي ڪاميابي حاصل ڪئي هئي. اُنهي ڪري هن هندستان جي سيڪريٽري آف اسٽيٽ چيمسفورڊ کي لکيو ته "اُهي بالشوڪ ماڻهو موجوده حڪومت جي دشمني ۾ اچي، مسلمانن جي ڪاوڙ کي استعمال ڪري رهيا آهن، ۽ جنهن انداز ۾ پان اسلام ازم انتهاپسند تحريڪ جي جاءِ والاري رهي آهي. اُن صورتحال کان مان بنهه گهٽوئي پريشان ۽ خوفزدهه آهيا."(وڌيڪ تفصيل لاءِ وولپرٽ جو ڪتاب، جناح آف پاڪستان پڙهي سگهجي ٿو)دراصل، اهڙي مخالفت وارو ماحول ئي هو جنهن سبب خود گانڌي ۽ اُن جي ڪانگريس ۾ هم_خيال لڏي کي عدم تعاون واري تحريڪ جي منظوري اُوکي ڏسڻ ۾ ٿي آئي. اهو ئي سبب هو جو اُنهن گانڌي جي هم_خيال ڪانگريسي ڪارندن کي پيسا ڏئي، پاڙي تي ماڻهو گهرائي، اجلاس ۾ پنهنجي هم_خيال ماڻهن جي اڪثريت کي وڌائي، بوگس طريقي سان عدم تعاون واري پروگرام جي منظوري ونٽي پئي، جنهن جا تفصيل هڪ هندستاني ليکڪ ۽ اڇوت برادري جي ليڊر ڊاڪٽر بي آر امبيڊڪر پنهنجي هڪ انتهائي اهم ڪتاب Thoughts On Pakistan ۾ پڌرا ڪيا آهن. هُواُن حوالي سان ٻڌائي ٿو ته "گانڌيءَ جي اُنهي عدم تعاون واري پروگرام جي حمايت واري قرار داد جي منظوري جي حق ۾ 1886 ووٽ ڏنا ويا، ۽ مخالفت ۾ 884 ووٽ وڌا ويا. قرار داد جي حق ۾ ووٽ ڏيندڙن جي اڪثريت ڪلڪتي جي اُنهن ٽيڪسي ڊرائيورن جي هئي، جن کي بُوگس ووٽ ڏيڻ واري مقصد لاءِ ڦُوڪڙ ڏنا ويا هئا." (وڌيڪ تفصيل لاءِ بي آر امبيڊڪر جو ڇاپايل انگريزي ڪتاب پڙهي سگهجي ٿو)

11. تفصيل لاءِ پڙهو ايازعلي، پاڪستان جوبنياد_ہ قومي نظريو يا صوبائي خودمختياري، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو 2014ع، صحفو162
12. ساڳيو، صحفہ161_162
13. Stanley Wolpert, Jinnah of Pakistan, Oxford University, Karachi, 2008, p,66
14. Ibid,p,67
15. Ibid,p,67
16. Ibid,p,67_68
17. Ibid,p, 68_69
18. تفصيل لاءِ پڙهو ايازعلي، پاڪستان جوبنياد_ہ قومي نظريو يا صوبائي خودمختياري، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو 2014ع، صحفو145
19. ڊاڪٽر اجيت جاويد، وطن پرست اور سيڪيولر جناح، مترجم: محمد عمر برني، سانجهه پبليڪيشن، لاهور 2008ع، صحفہ 212

20. ساڳيو صحفو،209
21. ساڳيو صحفو،209
22. ساڳيو صحفو،209
23. ياد رهي تہ گانڌيءَ جي هوم رول جي صدر بنجڻ بعد هوم رول ليگ جي باني اڳواڻ مسز اينيءَ بسنت، سخت احتجاج ڪندي پنهنجي بنيادي ميمبر شپ استيعفيٰ ڏيو ڇڏي هئي. ڇاڪاڻ تہ، هُن جو خيال هو تہ هوم رول ليگ، گانڌيءَ جهڙي هڪ مذهبي ماڻهو جي قبضي ۾ اچڻ کانپوءِ پنهنجي بنيادي سياسي مقصد تان هٽي ويندي. اصل ۾، اينيءَ پسنت جا تحفظات بعد ۾ بلڪل درست ثابت ٿيا. جو گانڌي هوم رول ليگ جي صدر بڻجندي، هڪ طرف جناح ۽ بين اقليتي برادرين جي اڳواڻن کي ڪيڏي ٿي ڇڏيو. تہ وري بي طرف اُنهن کي ڪيڏي ڇڏڻ بعد، مورڳو هوم رول ليگ جو سياسي رنگ ۾ تبديل ڪري، اُن کي ختم ڪري، پاڻ ۽ پنهنجي هم_خيال لڏي کي ڪانگريس ۾ ضم ڪري ڇڏيو.(تفصيل لاءِ ڈاڪٽر اجيت جاويد جو ڪتاب، وطن پرست اور سيڪيولر جناح، مترجم: محمد عمر برني، سانجهہ پبليڪيشن، لاهور 2008ع پڙهي سگهجي ٿو)
24. ساڳيو صحفو،209
25. ايياز علي، پاڪستان جوبنياد_ہ قومي نظريو يا صوبائي خودمختياري ، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو 2014ع، صحفو262
26. ساڳيو صحفو 261
27. Stanley Wolpert, Jinnah of Pakistan, Oxford University, Karachi, 2008, p,69
28. Ibid,p,70
29. Ibid,p, 70
30. Ibid,p, 70
31. Ibid,p, 70
32. Ibid,p, 70_71
33. ڈاڪٽر اجيت جاويد، وطن پرست اور سيڪيولر جناح، مترجم: محمد عمر برني، سانجهہ پبليڪيشن، لاهور 2008ع، صحفہ 212
34. H.M.Seervaisbook,Partition of India_Legend & Reality Oxford University, Karachi, 2006, p,21
35. ٻيو تہ، گانڌي جناح کي چو هوم رول ليگ مان سازشون ڪري ڪيڏي ڇڏيو؟ ۽ اُن سمورين سازشي حرڪتن پويان گانڌيءَ جا ڪهڙا ناجائز مفاد هئا. مان اُن تي پنهنجي هڪ ٻي مقالي ۾ "پاڪستان جو بنياد_ہ قومي نظريو يا صوبائي خودمختياري؟" ۾ تفصيل سان روشني وجهي آيو آهيان. ان ڪري هتي انهن جو بيان ڪري ورجاءُ ڪرڻ نہ ٿو چاهيان. پڙهندڙن مان ڪنهن کي دلچسپي هجي تہ اُهو منهنجو مقالي "پاڪستان جو بنياد_ہ قومي نظريو يا صوبائي خودمختياري" پڙهي سگهي ٿو.
36. ڈاڪٽر اجيت جاويد، وطن پرست اور سيڪيولر جناح، مترجم: محمد عمر برني،

سانجهه پبليڪيشن، لاهور 2008ع، صحفو 209
37. ساڳيو صحفو،212
38. Stanley Wolpert, Jinnah of Pakistan, Oxford University, Karachi, 2008, p,71
39. Ibid,p,72
40. Ibid,p,72
41. ڊاڪٽر اجيت جاويد، وطن پرست اور سيڪيولر جناح، مترجم: محمد عمر برني، سانجهه پبليڪيشن، لاهور 2008ع، صحفو 212
42. Stanley Wolpert, Jinnah of Pakistan, Oxford University, Karachi, 2008, p,72
43. Ibid,p,72
44. Ibid,p,72
45. Ibid,p,72
46. ڊاڪٽر اجيت جاويد، وطن پرست اور سيڪيولر جناح، مترجم: محمد عمر برني، سانجهه پبليڪيشن، لاهور 2008ع، صحفو 212
47. ساڳيو صحفو،212
48. ساڳيو صحفو،212
49. Stanley Wolpert, Jinnah of Pakistan, Oxford University, Karachi, 2008, p,73
50. Ibid,p,73
51. Ibid,p,74
52. Ibid,p,74
53. Ibid,p,74
54. Ibid,p,75
55. Ibid,p,75
56. ايار علي، پاڪستان جوبنياد_ہ قومي نظريو يا صوبائي خودمختياري، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو 2014ع، صحفو145
57. ساڳيو صحفو،144
58. ساڳيو، صحفو،144
59. Maulana Abul Kalam Azad, India wins Freedom, Vanguard Book Limited, Lahore, 1988, p, 38
60. H. M. Seervai, Partition of India _ Legend and Reality, Oxford University Press, Karachi,2006, p,10
61. H. M. Seervai, Partition of India _ Legend and Reality, Oxford University Press, Karachi,2006, p, 45
62. تفصيل لاءِ پڙهو زاهد چوڌري جو ڪتاب، مسلم پنجاب ڪا سياسي ارتقاءِ (1849_1947)ع پاڪستان ڪي سياسي تاريخ، جلد_5، اداره مطالعه تاريخ، لاهور 1998ع
63. ساڳيو صحفو،84
64. ساڳيو صحفو،84
65. ايار علي، پاڪستان جوبنياد_ہ قومي نظريو يا صوبائي خودمختياري، روشني

پبليڪيشن ڪنڊيارو 2014ع، صفحو145

66. ساڳيو صفحو145

67. ساڳيو صفحو145

68. ساڳيو صفحو145

69. ساڳيو صفحو149

70. ڊاڪٽر اجيت جاويد، وطن پرست اور سيڪيولر جناح، مترجم: محمد عمر برني، سانجھ پبليڪيشن، لاهور 2008ع، صفحو 210

71. ساڳيو صفحو211

72. Stanley Wolpert, Jinnah of Pakistan, Oxford University, Karachi, 2008, p,83_84

73. Ibid,p,78

74. Ibid,p,7

باب ستون

جناح جي ذاتي زندگيءَ جا لاها چاڑها ۽ هندستان جي سياست!

(1924_1926ع)

هندستاني سياست جي انهن ئي ڏهاڙن ۾ جتي جناح کي سياسي لحاظ کان ڪمزور ۽ اڪيلي ٿيڻ تي مجبور ڪيو ويو.[1] اُتي سندس ذاتي زندگي ۾ آيل لاهن چاڑهن پڻ ڪيس وڌي حد تائين مايوس ۽ دلشڪستو بڻائي ڇڏيو هو. جناح ۽ رتيءَ جي لاڳاپن ۾ هاڻ سرد مُهري اچي وئي هئي. ٻنهي جي وچ ۾ اُها ساڳئي گرمجوشي ۽ ڇڪ نه رهي هئي،[2] جنهن سببان رتيءَ ڪجهه بيزاري ۽ ڪجهه وقت گذارڻ لاءِ انگينڊ اُسهڻ جو فيصلو ڪري ورتو هو. تان جو اُها سيپٽمبر 1924ع ڏاري انگلينڊ ڏانهن هلي به وئي.[3]

هونئن به، ڏٺو ويجي ته هڪ چاليهه ٻائيتاليهه سالن جي پڪي مرد ۽ ارڙهن ويهن سالن جي ٻنهه نوجوان عورت جو جن جي ذهنن ۾ هڪ واضع طبعي فرق هو گڏجي هلڻ ۽ مستقل طور تي گڏجي رهڻ هڪ اُوکي ڳالهه ئي هئي، ۽ اهو ئي سبب هو جو اُنهن ٻنهي جڻن ۾ ذهني هم_آهنگي پڻ هڪ سوال ئي بڻيل رهي، تان جو ڪجهه وقت ڪانپوءِ ٻنهي کي، هڪٻئي جي ساڻ ڇڏڻ تي مجبور ٿيڻو پيو. بهرحال، انگينڊ ويڻ بعد به رتي، جناح لاءِ هرطرح سان پريشان ئي رهي ٿي. رتيءَ جي پريشاني ۽ جناح بابت سندس ڳڻتي جو اظهار هُن جي هڪ خط مان چڱي طرح سان پروڙي سگهجي ٿو جيڪو هُن انگلينڊ ويڻ ۽ اُتي پهچڻ شرط پنهنجي سڀ کان هڪ ويجهي دوست ۽ جناح جي ساڻي، ڪانجي دوارڪاداس کي لکيو ٿي.

هن خط ۾ لکيو:

"Go and see Jinnah and tell me how he is_he has a habit of habitually over_working himself, and nowhtat I am not there to bother and tease him he will be worse than ever."[4]

"اوهان جناح سان ضرور ملجو ۽ مون کي ٻڌائجو ته هُو ڪيئن آهي. هُن کي لاڳيتو ڪم ڪرڻ جي عادت پيل آهي، ۽ هاڻ، جڏهن هُن کي تنگ ۽ پريشان ڪرڻ لاءِ مان به اُتي موجود ناهيان تہ گمان آهي تہ هُن جي حالت اڳ کان وڌيڪ خراب ٿيندي"

وولپرٽ رتيءَ جي انهي خط تي تبصرو ڪندي لکي ٿو:

"Her perception of his "habit of habitually over_working himself, while couched in a wife's language of concern, revealed their growing isolation from one another. As did her copy reference to her own demands upon his time as to "bother and tease him." A streak of gray emerged now from the middle of Jinnah's forehead, visual proof of how fast he was aging. He no longer sported hid handsome Lukhow mustache, and pictures from this era never show him smiling."[5]

"هُن (رتيءَ) جي جناح جي لاڳيتو ڪم ڪرڻ واري عادت جي باري ۾ ظاهر ڪيل پريشاني، هڪ زال جي ڳڻتيءَ جو اظهار تہ ضرور هو، پر اُن سان گڏ اُهو سڀ ڪجهہ پنهي ۾ وڌندڙ بي لاتعلقي جو ۽ اظهار هو.اهڙو ئي احساس رتيءَ جي انهي لڇاري انداز ۾ڪيل "هن کي تنگ ڪرڻ ۽ پريشان ڪرڻ" واري اشاري مان به ملي ٿو. جناح جو متو وچ کان اڇن وارن سان پرجي ويو هو. جيڪو، دراصل، هن جي تيزيءَ سان گُراڙي ٽيڙ جو صاف ڏسڻ ۾ ايندڙ ثبوت هو. هن هاڻ پنهنجي چهپرن کي وٽ ڏيڻ واري عادت به ڇڏي ڏني هئي، ۽ اُن دور جي تصويرن ۾ ورلي ڪلندي ڏسڻ ۾ ٿي آيو."

جناح، جئين تہ نومبر 1923ع ۾ ٽيل چونڊن ۾ ڪاميابيءَ سان چونڊجي ويو هو. ان ڪري، 31 جنوري 1924ع تي جڏهن هندستان جي قومي اسيمبليءَ جو اجلاس ٿيو تہ هُن اُن ۾ شرڪت ڪئي،[6] ۽ ائين اسيمبلي جي 23 آزاد اميدوارن ۽ سوراج پارٽي جي اميدوارن کي پاڻ سان ملائي هڪ سياسي اتحاد ناهڻ جون به ڪوششون ڪيائين،[7] تہ جئين، حڪومت کي، جلد از جلد هندستان ۾ ڊومنينن اسٽيٽس واري حيثيت ڏيارائي، مڪمل صوبائي خودمختياري تي ٻڌل صوبائي حڪومتن جي قيام جي بندوبست ڪرڻ تي مجبور ڪري سگهجي.[8] جناح جي اُنهي اتحاد، اُن

لاءِ آزاد توڙي سُوراج پارٽي جي اميدوارن کي پاڻ سان گڏ کڻڻ ۽ حڪومت تي دٻاءُ رکڻ واري حڪمت عملي کي ڏسڻ کانپوءِ "ائين ياسجي رهيو ته جڻ اُنهن سڀني نمائندن کي جناح جي زبردست قابليت گڏائي هڪ_آواز بڻائي ڇڏيو هو."[9]

دراصل، اسيمبليءَ اندر جناح جي جُرڙيل اُنهي اتحاد جو بنيادي مقصد حڪومت کان هندستان ۾ نئين سر آئيني سُڌارن آڻڻ ۽ گول ميز ڪانفرنس جو بندوبست ڪرائڻ هو. ته جئين هندستان ۾ هڪ ذميوار ۽ خودمختيار حڪومت جي قيام جو جوڳو بندوبست ٿي سگهي.[10] نيٺ اُنهي اتحاد جي دٻاءُ کان مجبور ٿي، ترت ئي حڪومت کي آئيني سڌارن واسطي هڪ انگريز عملدار مودمن جي اڳواڻي ۾ جناح سميت پنجن هندستاني نمائندن تي مشتمل هڪ ڪميٽي جوڙڻي پئي، جنهن کي بعد ۾ "جناح ڪميٽي" به چيو ٿي ويو.[11] "جيتوڻيڪ جناح 1924ع واري سال جي خاتمي کان اڳ ئي اقليتن جي "قومي مطالبن" جو هڪ مسودو تيار ڪري ورتو هو پر اُن وقت تائين گڏيل نموني گڏ ٽيل چونڊيل اسيمبلي جي نمائندن جي اثر ۽ سندن تيزي سان وڌندڙ مطالبن تي حڪومت جو ڏَپُ ايترو ته شديد ٿي ويو هو جو وائسراءِ ريفارمز انڪوائري ڪميٽي جي رپورٽن تي ٽيندڙ بحث جي اڪيچار ڪوششن کي ويٽو ڪري ڇڏيو ۽ ائين جناح جي اُنهن رپورٽن ۾ ڪيل سفارشن کي پڻ چيياٽي ٿي ڇڏيو."[12] وولپرٽ ٻڌايو آهي.

بهرحال، اُها حقيقت آهي ته، جناح، خلافتي تحريڪ واري مسئلي تي گانڌيءَ پاران ڏنل ڏڪ کي پچائي، هاڻ وري اسيمبلي ۾ ايندي، هڪ متحرڪ اڳواڻ وارو ڪردار ادا ڪرڻ شروع ڪري ڏنو هو. جنهن لاءِ هو وري به، هندو اڳواڻن سان مفاهمت ۽ سهڪار ڪري، هندستان جي قومي آزادي واري تحريڪ کي پنهنجي منطقي انجام تي پهچائڻ واري رستي کي وڌيڪ سُولو ۽ سرل بنائڻ جون اڪيچار ڪوششون ونڊي رهيو هو. اهو ئي سبب هو جو هاڻ به، هن جڏهن کان وڌيڪ زور هندو_مسلم اتحاد تي هو.[13] اسيمبليءَ ۾ جناح جهڙي نموني سان متحرڪ رهيو ۽ قانون سازيءَ جي عمل واسطي جيڪي زبردست ٺهراءُ پيش ڪيا، جن جو هندستان جي قومي توڙي معاشي ترقيءَ ۽ آزاديءَ جي جدوجهد ۾ اهم حيثيت آهي، اُنهن جو سربستو احوال وولپرٽ ٻڌايو آهي. هُو لکي ٿو:

"جيتوٽيڪ، هندستان ۾ پارليامانڊي حڪومت جي اوسر لاءِ جناح جي ورتل ڪوششن کي وڏي اهميت سان پيش ڪيو ويڳي ٿو، پر بهرحال، اُها به حقيقت آهي ته هُن جو وقت ۽ صلاحيتن جو وڏو حصو قانون سازيءَ، بجيٽ خلاف بحث ڪرڻ، ۽ سرڪاري عملدارن سان گڏوگڏ پنهنجي قومپرست ساٿين کي ذهني طور ديانتدار رکڻ وارين ڪوششن ۾ ئي گذريو. جئين گوکلي ڪلڪته سينٽرل قانون ساز ڪائونسل لاءِ اهم هو بلڪل ائين ئي، جناح ان سڄي عرصي دوران، دهلي اسيمبلي لاءِ هڪ وڏي اڳواڻ طور سامهون رهيو. اسيمبليءَ ۾ هو پنهنجو گهڻو ئي مختلف ٿهرائڻ تي بحث ڪندي، هڪ ماهر وڪيل وانگر هر رپورٽ ۽ دستاويز تي ڪم ڪندي، ۽ اُنهن تي ڪنهن به قسم جي رعايت واري اميد يا ڊپ کانسواءِ ئي ڪلي اظهار ڪندو هو. مثال طور هڪ قرارداد تي بحث ڪندي، جيڪا دراصل اسيمبليءَ کي حڪومتي ٽيڪن تي نظرثاني جي اختيار ڏيڻ لاءِ پيش ڪئي وئي هئي، ۽ جنهن جي حڪومتي نمائندن سخت مخالفت ڪئي هئي، جناح چيو ته "اُن ۾ ڏکي ڳالهه ڪهڙي آهي؟ اُهو صرف هڪ بهانو آهي، باقي ڪهاڻي ته ساڳئي ئي پراڻي آهي. ڪنهن به سنجيده معاملي کي طئي ڪرڻ ۾ انتظاميا هن ايوان جي جاچ پڙتال ڪرڻ واري عمل کي برداشت نه ٿي ڪري، مان چوان ٿو ته اُن جو ڪو به جواز ناهي." "اُنهي قرارداد کانسواءِ برطانوي هندستان ۾ اچڻ لاءِ پاسپورٽ حاصل ڪرڻ واري بل واري تجويز تي جناح تبصرو ڪيو ته "سائين، مان سمجهان ٿو ته اُهي سمورا ضابطا جيڪي پاسپورٽ لاءِ ضروري هجن ٿا. اُهي مٿي جو سُور آهن. جيترو جلد ٿي سگهي، اُنهن کي ختم ڪيو وڃي ته اُهو سڀني لاءِ بهتر ٿيندو."[14]

"فيبروري 1924ع ۾، جناح هڪ ٻي قرارداد متعارف ڪرائي، (جنهن دراصل هندستان جي معاشي جدوجهد ۾ ڪرنگيءَ جي هڏيءَ واري حيثيت رکي ٿي) جنهن ۾ هن اُن ڳالهه تي زور ڏنو ته، هندستان جي حڪومت کي اُن ڳالهه جي اجازت ڏني وڃي ته اُها پنهنجي وسيع ۽ اُملهه ذخيرن کي لنڊن ۾ صرف استرلنگ ۾ ٽيندڙ نيلامي مان خريدڻ بدران هندستان ۾ داخل ڪيل پيسن عيوض مليل ٽيڪن جي ذريعي حاصل ڪري ٿي سگهي ٿو ته منهنجي اُها قرارداد ايوان ۾ ويٺل مڙني ماڻهن جي دلچسپي جو سبب نه بڻجي. ڇو ته اُهو هڪ بنهه خشڪ موضوع آهي. جناح ڪاوڙ وچان چوڻ لڳو ته مون کي اُن ڳالهه ۾ ڪو شڪ ناهي ته جڏهن هن ايوان ۾ ويٺل محترم نمائندا اُن مسئلي کي سمجهي وٺندا، تڏهن کين اُهو احساس ٿيندو ته اُهو هندستان جي لاءِ بنيادي اهميت رکندڙ آهي. اُن کانپوءِ هن سامراجي

خريدارن جي پنجهتر سالن جي تاريخ جو جائزو پيش ڪيو جنهن جي هندستان جي معاشي ترقي ۾ وڏي رڪاوٽ وجهي ڇڏي هئي. آخر ۾ هن چيو تہ اُن مان موقعي مهل برطانوي اُنهن سرمائيدارن کي وڏو فائدو ملي پوندو جن کي معلومات اڳواٽ ملي وڃي ٿي، ۽ بي شڪ اُهو طريقو مڙني ڪاروباري سرگرمين کي انگلينڊ ڪان پرجي ويندڙ برطانوي فرمن جي ٽيڪن تائين محدود ڪرڻ لاءِ آهي. اُن کانسواءِ جناح اُهي دليل به پيش ٿي ڪيا تہ جنگ دوران ضرورت هندستان ۾ ڪيترن ذخيرن کي خريدڻ واري ڳالهہ کي اڻ-تر بڻائي ڇڏيو هو."[15] وولپرٽ اُنهي قرارداد جي حوالي سان وڌيڪ ٻڌائي ٿو:

"Jinnah's resolution carried and probably did more to stimulate Indian economic development prior to independence than any other measure passed by the assembly."[16]

"جناح جي قرارداد منظور ڪئي وئي، ۽ شايد اُن آزادي کان اڳ اسيمبلي جي منظور ڪيل ڪنهن ٻي قرارداد کان وڌيڪ هندستان جي معاشي ترقي جي اُيار ۾ وڏو ڪم ڪيو."

وولپرٽ وڌيڪ لکي ٿو:

"Jinnah remained a great civil libertarian, always outspoken in defence individual rights and equal justice. Sir, he insiste, on behalf of readmitting the depoted editor of the Bomby Chronicle, B.G. Harniman. I do maintain and I have drunk deep at the foundation of constitutional law, that the liberty of man is the dearest thing in the law of any constitution and it should not be taken away in this fashion. If you have any case. If Mr. Horniman has committed an affence, place him before a tribunal....I speak very feelingly, because I feel that no man should be deported and certainly not on such fabricated allegations as these, which to my knowledge, are absolutely false. That September in Simla, Jinnah reiterated his firm belief in this principle that no man property or liberty should be touched without a judicial trial. In debating another bill the same day, Jinnah objected to the Home minister's motion, remarking; "I am not standing here merely as a person who distrusts Government, but I am standing here as a representative of the people and the Government have got to do what is best for the people and not as it pleases their whims."[17]

"جناح، نہ صرف بدستور شهري آزادي جو هڪ عملبردار رهيو پر بنيادي طور هُو انساني حقن توڙي انصاف جي دفاع وارن معاملن ۾ بہ پيش پيش رهيو. "سائين"، هن بمبئي ڪرانيڪل اخبار جي شهر نيڪالي ڏنل ايڊيٽر بي. جي. هارني مين جي ٻيهر شهر ۾ اچڻ جي طرفداري ڪندي، چيو تہ "مان اُن تي پڪو پختو ويساھ رکان ٿو ۽ مان اُها آئيني قانون واري ڏنڊي مان چگي طرح سان جاڻ ورتي آهي تہ ڪنهن بہ ملڪ جي آئين ۾ شخصي آزادي هڪ بنيادي ۽ اهم شيءِ هجي ٿي، جنهن کي ڪنهن بہ طريقي سان کسي نہ ٿو سگهجي. جيڪڏهن اوهان سان ڪو مسئلو آهي ۽ مسٽر هارني مين ڪنهن ڏوهہ جو ڏوهاري ٻڌيو آهي تہ اُن کي عدالت ۾ آڻيو. مان پنهنجي پوري احساس سان چوان ٿو، چو تہ مان محسوس ڪريان ٿو تہ ڪنهن بہ ماڻهو کي شهر مان بي دخل نہ ڪرڻ ڪپي، ۽ اهڙن سازشي الزامن هيٺ تہ بلڪل ئي بي دخل نہ ڪرڻ گهرجي، جيڪي منهنجي جاڻ مطابق بلڪل بي بنياد، ڪوڙا ۽ بُوگس آهن. اُنهي سال سيپٽمبر ۾، جناح شملا ۾، اُن اصول تہ ڪنهن بہ ماڻهو جي ملڪيت ۽ آزادي کي عدالتي ٻڌڻي کانسواءِ هٿ چراند نہ ڪئي وڃي. اُهو ڇئي پنهنجي پختي يقين جو ورجاءُ ڪيو. اُنهي ڏينهن هڪ بي بل تي بحث ڪندي، هوم منسٽر جي تجويز تي اعتراض ڪندي چيائين تہ مان هتي اُن ماڻهو جي حيثيت سان اُٿي ناهيان بيٺو جيڪو نہ صرف حڪومت تي ڪو اعتماد نہ ٿو ڪري، پر مان پنهنجي ماڻهن جي نمائندي طور بيٺو آهيان، ۽ حڪومت کي اُهو ئي ڪرڻو آهي، جيڪو ماڻهن جي پلائي ۾ هجي. نہ ڪي حڪومت ۽ حڪمرانن جي سوچ مطابق."

ائين، ڏٺو وڃي تہ، جناح هندستان جي ليجسليٽو ڪائونسل ۾، پنهنجي عوام ۽ ماڻهن جي نمائندي جي حيثيت سان، هڪ اهڙو تہ اثرائتو ۽ وزندار ڪردار ادا ٿي ڪيو جو هڪ طرف انگريز حڪومت پريشان پئي ٿي تہ وري ٻي طرف اُنهي بي باڪاڻي ڪردار سببان جناح عوام جو بہ هردلعزيز اڳواڻ بڻجندو ٿي ويو.[18] جيتوڻيڪ خلافتي تحريڪ ۽ گانڌيءَ جي ٻين معاملن ۾ دلچسپي نہ وٺڻ ۽ گانڌيءَ جي مذهبي سياست جي مخالفت ڪرڻ، ۽ اُن جي نتيجي طور گانڌيءَ جي ڪيل اڪيچار سازشن سببان، جناح عارضي طور تي سياست کان پاسيرو تہ ٿي ويو هو[19] پر جئين ئي، 1923ع ۾ ٽيل چونڊن ۽ اُن ۾ مليل ڪاميابيءَ جي نتيجي ۾، جناح ليجسليٽو ڪائونسل جو ٻيهر ميمبر چونڊجي ويو تہ هُو وري هڪ ڀيرو ٻيهر هندستان جي سياست ۾ متحرڪ ۽ سرگرم اڳواڻ طور ايري آيو. انهي عرصي دوران گانڌي جي استيتسڪو واري سوچ ۽ تنگ نظريءَ کان بيزار

ٿي، جناح مسلم ليگ جي ويجهو پڻ اچي ويو هو.[20]

جيتوڻيڪ، اُها حقيقت آهي ته هندستان ۾ خلافتي ۽ عدم تعاون وارين تحريڪن هلڻ ۾ مجموعي طور مذهبي اڳواڻن جي اڳتي اچڻ سببان مسلم ليگ ۽ اُن جون لبرل قوتون ڪمزور ٿي پاسي تي هليون ويون هيون، پر بهرحال، جئين ئي 1924ع ۾ صورتحال تبديل ٿي، ۽ خلافتي مسئلي کي خود ترڪيءَ وارن ختم ڪري اتي سيڪيولر انقلاب آڻي ڇڏيو[21] ته هڪ طرف هندستان ۾ مسلم مذهبي قوتون ۽ خلافتي ڪميٽي جهڙيون تنظيمون پنهنجي موت پاڻ مري ختم ٿي ويون ته وري ٻي طرف مسلم ليگ سان سلهاڙيل لبرل قوتون وري اُٿي نروار ٿيون، ۽ ائين مسلم ليگ ۾ سپ_طرفو روح بہ قوڪي ٿي ڇڏيائون.[22]

ٽيڪ اهڙي ئي صورتحال ۾ مئي 1924ع ڌاري مسلم ليگ جو لاهور ۾ هڪ وڏو انتهائي اهم اجلاس ٿيو[23] جنهن ۾ هڪ ته جناح کي مسلم ليگ جو ايندڙ ٽن سالن لاءِ صدر چونڊيو ويو.[24] ۽ ٻيو ته "مسلم ليگ ۽ اُن جي ليڈرشپ پاران هندستان ۾ مڪمل صوبائي خودمختياري تي ٻڌل هڪ اهڙي وفاقي حڪومت نظام جي قيام واري مقصد کي، گڏ ڪٽي آزادي واري جدوجهد کي تيز ڪرڻ جو عزم ڪيو ويو جنهن ۾ سمورن فرقن کي مڪمل مذهبي آزادي مليل هوندي، ۽ هندستاني مسلمانن لاءِ ڌار چونڊن وارو نظام بدستور برقرار رهڻو هو، ڇو ته گڏيل چونڊن واري طريقي کي ناانصافي ۽ عدم اتحاد جي ذريعي سمجهڻ سان گڏوگڏ برابر نمائندگي واري مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ مڪمل طور نامناسب سمجهيو ويو هو. ڪا بہ آئين ساز اسيمبلي يا ڪو ٻيو چونڊيل ادارو ڪنهن بہ اهڙي بل يا قرارداد کي (جيڪو ڪنهن فرقي کي متاثر ڪندو هجي)کي منظور نہ ڪندو جيستائين اُن فرقي جي ٽي ياڳي چار نمائندا مخالفت نہ ڪندا هجن."[25]

جناح اُنهي اجلاس ۾ جيڪا تقرير ڪئي اُن ۾ هُن جتي، خلافتي تحريڪ جي ناڪامي، گانڌيءَ جي مذهبي سياست، آزاديءَ واري تحريڪ توڙي هندستان ۾ هڪ ڏيموار ۽ خودمختيار حڪومت جي قيام واري مسئلي تي وڏي سياسي بصيرت سان پنهنجا ويجار پيش ڪيا، اُتي هُن هندستان جي قومي آزادي واري مسئلي کي هندو_مسلم اتحاد سان مشروط رکندي، ان ڳالهہ تي زور پڻ ڏنو ته هندستان جي آزادي لاءِ هندن ۽ مسلمانن جو سياسي اتحاد هجڻ لازمي آهي. هُن جو چوڻ هو

"هندستان جي آزادي لاءِ هڪ لازمي ۽ اڳوات لاڳو شرط اُهو آهي ته هندن ۽ مسلمانن جو سياسي اتحاد ڪرايو وڃي. مان ته ايترو به چوڻ چاهيان ٿو ته جنهن ڏينهن هندو ۽ مسلمانن گڏ ٿي ويندا، اُن ڏينهن هندستان کي ڏومينن واري حيثيت ملي ويندي. سُوراج (آزادي) هندو_مسلم اتحاد لاءِ لڳ ڀڳ هڪ متبادل اصطلاح آهي."[26]

بهرحال، مسلم ليگ جو اُهو لاهور وارو اجلاس هڪ وڏو اهم اجلاس هو جنهن جي فيصلن جا هڪ ته وڏا ڏور_رس نتيجا نڪرڻا هئا، ۽ ٻيو ته اُنهي اجلاس ۾ مسلم ليگ جون واڳون جناح جي هٿن ۾ ڏئي، هندستان جي سياست کي هڪ نئون موڙ ڏنو ويو. هوڏانهن، ساڳ يعني 1925ع ۾ گانڌي کي به ڪانگريس جي صدر طور چونڊرايو ويو[27] جنهن ڪانپور ۾ جناح ۽ گانڌي سياسي لحاظ کان هڪ ئي پوزيشن تي اچي ويا، ۽ ائين ياسجي رهيو هو ته جناح مسلمانن جو ۽ گانڌي هندن جو اڳواڻ آهي.

جيتوڻيڪ، حقيقت ۾ اُها ئي هئي، پر بهرحال، جناح کي تي پهچائڻ ۾ ٻي ڪنهن جو نه، پر خود، گانڌيءَ جو ئي سازشي گانڌي، جيڪڏهن هوم رول ليگ کان وٺي ڪانگريس تائين، سازشون ڪري، جناح کي هوم رول ليگ ۾ ڪانگريس مان نڪري وڃڻ تي مجبور نه ڪري ها، ته شايد جناح مسلم ليگ جون واڳون سنيالڻ جي حامي نه ٿيري ها، ۽ هُو بدستور هندو_مسلم اتحاد جي سفير جي علامت بڻيل رهي ها، پر افسوس سان چوڻو ٿو پوي ته گانڌي ۽ ان جي هم_خيال لڈي کي اُها جناح جي پوزيشن نه تي آڻڻي اهو ئي سبب هو جو جناح خلاف اڪيچار سازشي ڊراما ۽ حرڪتون ڪري، نه رڳو جناح کي هندستان جي سياست مان بدظن ۽ بيزار ٿي ڪيائون، پر مورڳو عارضي طرح سياست کان پاسيرو به ڪري ٿي ڇڏيائون، جنهن جو نتيجو جناح کي ڪانگريس کان هميشه هميشه لاءِ ڌار ۽ پري ٿي وڃڻ جي صورت ۾ ظاهر ٿيو. بهرحال، اُنهي 1925ع واري ساڳئي سال، جناح جي گهرواري رتي بيمار ٿي پئي،[28] ۽ اهڙي بيمار ٿي، جو سندس صحت جي بحالي، سندس لاءِ بنهه اُوکي ڳالهه ئي بڻجي وئي. (تان جو چئن سالن ڪانپوءِ لاڳيتي بيماري ۽ ڪمزوري جي نتيجي طور هوءِ هن جهان مان لاڏاڻو به ڪري وئي) 1926ع ۾ جناح کي، ليجسليٽو ڪائونسل جي ميمبر جي حيثيت سان يورپ جي دوري تي وڃڻو پيو.[29] جناح رتيءَ کي ساڻ ڪري، اپريل 1926ع ۾ اُنهي دوري تي هليو ويو.

ويو[30] ۽ ساڳئي سال جي آگسٽ ۾ واپس هندستان واپس وريو. اُن عرصي دوران هڪ طرف، رتيءَ جي صحت خراب ٿيندي ٿي وئي ته وري بي طرف المبي جي بگالھ اُها هئي، جو اُنهي عرصي دوران جناح ۽ رتيءَ جي لاڳاپن ۾ سردمهري ۽ بي رخي به اچي واسو ڪيو جنهن جو نتيجو نيٺ ٻنهي جي عليحدگي جي صورت ۾ ظاهر ٿيو. هاڻ، جناح رتيءَ سان گڏ نه، پر ڏار هڪ هوٽل ۾ رهڻ لڳو هو.[31]

هاڻ، "هُن (جناح)پنهنجي صحت جي ايتري پرواھ نه ٿي ڪئي، جيتري ٻين معاملن جي پرواھ ٿي ڪيائين، دهليءَ ۾ سياروَ به راس نه آيس. اڪيچار پيرا سيءَ ۽ بخار جا شديد حملا به ٿيندا رهيس. پنهنجي صحت جي خرابيءَ جي باوجود، هُو اسيمبليءَ جي اجلاسن ۾ شرڪت ڪندو رهيو ۽ پنهنجو گهڻو وقت توڙي توانائي سياسي سرگرمين ۾ صرف ٿي ڪيو. پائنجي ائين ٿو ته اُها شايد ڦڦڙن واري بيماري جي شروعات هئي، جيڪا ايڪويهين سالن بعد سندس مُوتَ جو ڪارڻ بڻي."[32]

وولپرٽ، جناح جي رتيءَ کان جدائيءَ ۽ سندس صحت جي خرابيءَ تي تجزياتي تبصرو ڪندي لکي ٿو:

"Was it coincidence that Jinnah's powerfull constitution should have suddenly started to deteriorate then? His separation from Ruttie was surely a service blow. And the combination fo the Delhi winter, knowing he had lost the one love of his life."[33]

"ڇا اُهو اتفاق هو ته جناح جو مضبوط جسم اوچتو تيزي سان ڪمزور ٿيڻ شروع ٿيو هو. اصل ۾، رتيءَ کان عليحدگي هُن لاءِ وڏو صدمو هو ۽ دهليءَ جي اُنهي سياري واري موسم سان گڏ، هُو اُها ڳالھ به ڄاڻي ويو هو ته هاڻ هو پنهنجو پيار ۽ پنهنجي هڪ محبت به وڃائي وينو آهي."

بهرحال، ائين ئي 1926ع وارو سال، جناح لاءِ رتيءَ کان عليحدگي ۽ گهريلو توڙي ذاتي زندگي جون اڪيچار تلخيون ڪٽي پنهنجي پُڄاڻيءَ طرف وڌي رهيو هو. جناح جي سياسي توڙي ذاتي زندگي ۽ اُن سان گڏ هندستان جي سياسي وايو منڈل ۾ ڇا ٿيڻ وارو هو؟ اُن جي باري ۾، دراصل منفي توڙي مثبت اڪيچار انومان هئا.

حوالا سمجھاڻيون

1. ڈاڪٽر اجيت جاويد، وطن پرست اور سيڪيولر جناح، مترجم: محمد عمر برني، سانجھ پبليڪيشن، لاهور 2008ع، صفحہ 245
2. تفصيل لاءِ پڙھو استينلي وولپرٽ جو انگريزي ۾ لکيل ڪتاب، جناح آف پاڪستان، آڪسفورڈ يونيورسٽي پريس ڪراچي، سنڌ
3. Stanley Wolpert, Jinnah of Pakistan, Oxford University, Karachi, 2008, p,77
4. Ibid,p,78
5. Ibid,p,78
6. Ibid,p,80
7. Ibid,p,80
8. Ibid,p,80
9. Ibid,p,80
10. تفصيل لاءِ پڙھو استينلي وولپرٽ جو انگريزي ۾ لکيل ڪتاب، جناح آف پاڪستان، آڪسفورڈ يونيورسٽي پريس ڪراچي، سنڌ
11. Stanley Wolpert, Jinnah of Pakistan, Oxford University, Karachi, 2008, p,81
12. Ibid,p,81
13. تفصيل لاءِ پڙھو هيڪٽر بوليٿو جو اڙدو ۾ ترجمو ٿيل ڪتاب، حيات قائداعظم، مترجم: زهير صديقي، جمهوري پبليڪيشنز لاهور 2012ع
14. Stanley Wolpert, Jinnah of Pakistan, Oxford University, Karachi, 2008, p,81
15. Ibid,p,81
16. Ibid,p,82
17. Ibid,p,82
18. تفصيل لاءِ پڙھو استينلي وولپرٽ جو انگريزي ۾ لکيل ڪتاب، جناح آف پاڪستان، آڪسفورڈ يونيورسٽي پريس ڪراچي، سنڌ
19. ڈاڪٽر اجيت جاويد، وطن پرست اور سيڪيولر جناح، مترجم: محمد عمر برني، سانجھ پبليڪيشن، لاهور 2008ع، صفحہ 189
20. Stanley Wolpert, Jinnah of Pakistan, Oxford University, Karachi, 2008, p,82
21. پروفيسر حمزه علوي، تخليق پاڪستان (تاريخي سماجي سياسي مباحث) فڪشن هائوس، لاهور 2012ع، صفحہ
22. ساڳيو صفحو
23. Stanley Wolpert, Jinnah of Pakistan, Oxford University, Karachi, 2008, p,82
24. Ibid,p,83
25. Ibid,p,83
26. Ibid,p,83

27. Ibid,p,87
28. Ibid,p,87
29. هيڪٽر بوليٿو حيات قائداعظم مترجم: زهير صديقي، جمهوري پبليڪيشنز لاهور 2012ع، صحفہ 121
30. ساڳيو صحفو 121
31. Stanley Wolpert, Jinnah of Pakistan, Oxford University, Karachi, 2008, p,82
32. Ibid,p,89
33. Ibid,p,89




جناح انگلینڈ میں (1893ء)



جناح 1920ع م



جناح جي گهرواري رتي




محمد علي جناح 1940ء



جناح انگلينڊ ۾ انگريز فيملي سان گڏ




جناح ۽ گانڌي



جناح ءِ گانڈي




جناح ءِ مائونٽ بيٽن (1946ع)



جناح ۽ ڪيبينيٽ مشن وَفدَ جا ميمبر



جناح ڏان اخبار پڙهندي



جناح، بي. آر. امبيدکر سان گڏ گهر ۾ (1942ع)



جناح،فاطمہ ۽ ڊينا انگلينڊ ۾ (1943ع)

باب اٺون

نهرو رپورٽ، جناح جا تحفظات ۽ رتيءَ جو لاڏاٽو

(1927_1929ع)

اُن سڄي عرصي دوران، جتي هندستان جي سياست ۾ عجيب ۽ غريب اُوپارين ۽ لَهواريون آيون ٿي، اُتي وري هندستان ۾ قائم برطانوي عملداري ۾ پڻ تڪڙيون تبديليون ايندين ٿي رهيون. ۽ اڪيچار وائسراءِ تبديل ٿيندا ٿي رهيا. هاڻ، هندستان جو وائسراءِ لارڊ ريڊنگ نه، پر لارڊ ارون هو.[1] جنهن اچڻ سان ئي هندستان جي سياسي مسئلي جي حل ۾ وڏي دلچسپي ڏيکاري ٿي.[2] ياد رهي ته، لارڊ ريڊنگ جي دور ۾ هندستان لاءِ سيڪريٽري آف اسٽيٽ لارڊ برڪن هيڊ هو. هُوڏانهن، ڪانگريس ۽ ان جي گانڌيءَ واري ليڊرشپ جي سياسي اٽڪل بازيءَ ۽ تعصب پسنديءَ واري سوچ کان بدظن ٿي، جناح مسلم ليگ ۾ شامل ٿي ويو هو ۽ باوجود اُن جي، جناح ڪنهن به فرقيواراٽي سوچ جو مظاهرو ڪرڻ بدران، پنهنجي بنيادي سوچ ۽ سياسي بصيرت جي بنياد تي اُهو سوچڻ ۽ سمجهڻ تي مجبور هو ته هندستان جي مسئلي جو حل هندو_مسلم اتحاد ۾ ئي آهي.

جناح، ڪانگريس کان ڏار ٿيڻ کانپوءِ هڪ طرف، هندو_مسلم اتحاد واري سوچ ۾ غلطان هو ته وري ٻي طرف، ڪانگريس جي ئي هڪ اڳوڻي صدر سري نواس آئنيگر (1874_1941)جناح سان رابطو ڪري هڪ دفعو ٻيهر هندو ۽ مسلمانن جي سياسي اتحاد ڪرائڻ تي زور ڀريو.[3] جناح اُنهي موقعي کي غنيمت سمجهندي وري سرگرم ٿي ويو.[4] اصل ۾، خلافتي تحريڪ توڙي گانڌيءَ جي عدم تعاون واري تحريڪ جي هلڻ ۽ اُن سببان

ننڍي کنڊ جي تاريخ ۾ فرقيواريت کي هٿي ملڻ سببان هندو ۽ مسلمانن ۾ ٽيل خونريز فسادن جي نتيجي ۾ 1916ع وارو لکنؤ معاهدو عملي طور تي ختم ٿي ويو هو ۽ ٻنهي ڌرين ۾ نفرت، ڪاوڙ ۽ مذهبي جُنونيت ايتري تہ پروان چڙهي چڪي هئي، جو ٻنهن جو گڏجڻ هڪ خواب ٿي لڳو.

اهڙي ئي صورتحال ۾، جناح ۽ هندستان جي ٻي سموري لبرل ۽ وطن دوست ليڈرشپ اُهو ضروري ٿي سمجهيو تہ هڪ دفعو ٻيهر هندو ۽ مسلمانن کي سياسي لحاظ کان ويجهو آڻڻ لاءِ لکنؤ معاهدي جهڙو هڪ ٻيو اهم ۽ پائيدار ناهہ ڪرايو وڃي تہ جئين هڪ تہ هندو ۽ مسلمانن کي گڏائي ٻنهي کي گڏ ڪٽي هلي سگهجي، ۽ ٻيو تہ هندستان جي آزاديءَ واري تحريڪ کي ٻہ ڪو نئون موڙ ڏئي سگهجي. اُنهي سوچ ۽ دوراندیشي پٽاندر جناح مسلم ليگ طرفان 20 مارچ 1927ع تي دهليءَ ۾ ٻين مڙني مسلم ننڍين وڏين تنظيمن۽ اڳواڻن جو هڪ وڏو اجلاس گهرائي ورتو.[5]

اُنهي دهليءَ واري اجلاس ۾ ڪانگريس سان ناهہ يا اتحاد ڪرڻ واسطي هڪ پنج نڪاتي اسڪيم تيار ڪئي وئي، جنهن ۾ چيو ويو تہ سنڌ کي بمبئيءَ پريزيڊنسي کان ڌاري ڪري، اُن جي صوبائي حيثيت کي بحال ڪيو وڃي. بلوچستان ۽ سرحد ۾ سڌارا آندا وڃن، مرڪزي اسيمبلي ۾ مسلمانن جي نمائندگي 33 سيڪڙو کان گهٽ نہ هجي. بنگال ۽ پنجاب جي قانون ساز اسيمبليءَ ۾ مسلمانن جي نمائندگي سندن آبادي مطابق هجڻ گهرجي. مسلمانن جو اقليتي صوبن ۾ تشخص برقرار رکيو ويندو تہ مسلمان هندستان جي مرڪز توڙي صوبن ۾ گڏيل چونڊن واري نظام کي قبول ڪرڻ لاءِ تيار هوندا.[6]

اُنهي اسڪيم جي تشريح ڪندي هيڪٽر بوليٿو لکي ٿو:

> "اُنهي اسڪيم کي تيار ڪرڻ وارن اُهو اعلان ڪري ڇڏيو هو تہ جيڪڏهن اُنهن جي تجويزن کي قبول ڪيو ويو تہ مسلم گهٽائي واري صوبن ۾ مسلمان هندن کي اُهي سياسي رعايتون ڏيڻ لاءِ تيار هوندا، جيڪي هندو پنهنجي اڪثريتي صوبن ۾ مسلمانن کي ڏيندا."[7]

دهليءَ واري اسڪيم جيڪا انتهائي اهم اسڪيم هئي، اُن جي جوڙجڪ ۾ بہ، دراصل، جناح جو وڏو ڪردار هو. وولپرٽ لکي ٿو:

'Those Delhi Muslim Proposals, as they came to be called, "agreed to the institution of joint electorates under certain conditions."

This strictly conditional concession and the proposals that followed were, like the Lucknow Pact, unique products of Jinnah's ingenious constitutional lawyer's mind. He was actually able to get twenty-nine leading Muslims, including conservatives like Shafi and Abdul Rahrnan, to agree to abandoning the League's separate electorate foundation stone, which gave Muslims alone the right _to vote for Muslim candidates and would have obliged all Muslim politicians to appeal to the entire electorate of their constitutency in future contests. Minimal numbers of Muslim candidates would still have to be elected in all l provinces wh_ere Muslims remained minorities, as under the Lucknow Pact but similar numbers of Hindu representatives would be required in each Muslim majority province. Since every candidate would be obliged to ap peal to joint electorates for support, they would all have to tone down,il not entirely abstain from, narrow communal rhetoric, and run only on na- tional issues and appeal more often to secular interests of economic develop ment and reform. All Muslim candidates elected under such a scheme might conveivably be congressmen, or Khilafatists, rather than Muslim leaguers. It was a boldpolitical concession and proved how broad and selfless Iinnalls commitment to national principles and the goal of helping India attain full independence remained. Nor were the constitutional concessions he demanded in return any lest appropriate, though they would have given Muslim majorities controlcl three new full provinces (Sind, the North-West Frontier, and Baluchistan) and the proportional control they deserved by virtue of their recent populr tion strides in two long-established provincial governments (the Punjab and Bengal). Sind had till then remained administratively under Bombay's pm vincial control, a relatively recent anomaly of British conquest, which hardly justified on deeper historic, geographic, religious, or ethnic groun The North-West Frontier and Baluchistan were still deemed "too backward," tribal and turbulent, by the British to enjoy the freedoms of -I provincial status, hence they continued to be administered by centrally appointed inted martial autocrats, without any provincial assemblies. Since the 1921 census, Punjabi and Bengali Muslims had gained absolute majorities within both of those powerful provinces, but such demographic advance was reflected in the composition of their legislatures. Jinnah's proposals would, therefore, have given Muslims elective majority control in

five provicial governments. The final demand was for "not less" than one-third muslim representation in the central legislature also to be chosen by mixed electoral."[1]

"بهرحال، دهليءَ وارين تجويزن مطابق گڏيل چونڊن واري نظام تي اتفاق ڪيو ويو. اُها خالص مشروط رعايت ۽ اُن سان گڏ ڏنل ٻيون تجويزون لکنوءَ معاهدي وانگر جناح جي آئيني ماهراٽي فڪر جو شاندار نتيجو هيون. دراصل، جناح 29 مسلم اڳواڻن کي (جن ۾ شفيع ۽ عبدالرحمان جهڙا قدامت پسند اڳواڻ به هئا) ليگ جي ڌار چونڊ نظام واري اُن بنيادي اصول تان هٽ ڪٽائڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو جنهن مسلمانن کي صرف مسلم اميدوارن کي ووٽ ڏيڻ سان گڏوگڏ مسلم سياستدانن کي مستقبل وارين چونڊن ۾ پنهنجي تڪن جي مسلم ووٽرن سان رابطن جو پابند بڻائي ڇڏيو هو. مسلم اميدوارن جي هڪ ننڍڙي تعداد کي هاڻ به اُنهن سمورن صوبن مان (جتي مسلمان اقليت ۾ هئا) چونڊجڻو هو جئين لکنوءَ معاهدي ۾ چيو ويو هو پر ايتري ئي تعداد ۾ مسلم اڪثريتي صوبن ۾ هندو نمائندا به موجود هئا، ۽ جئين ته، سمورا اميدوار گڏيل چونڊ نظام تحت چونڊن ۾ حصو وٺڻ جا پابند هئا، ان کري، جيڪڏهن اُهي تنگ نظر فرقيواراٽن نعرن کان مڪمل طور پاڻ کي پري نه ٻ رکن هاته تڏهن به اُهي گهٽي حد تائين نرم رويو رکن ها، ۽ پنهنجي چونڊ مهم صرف قومي معاملن تي ئي هلائين ها، ۽ گهٽو معاشي ترقي ۽ سُڌارن جي غير مذهبي موضوعن بابت ئي پيغام ڏين ها. اُن اسڪيم تحت چونڊجندڙ انهن سمورن مسلم اڳواڻن بابت چئي سگهجي ٿو ته اُهي مسلم ليگ جي پاسي هجڻ بدران ڪانگريس سان واڳيل هجن ها. اُها دراصل، جرائت منداڻي سياسي مراعات هئي، جنهن ثابت ڪيو ته قومي نظرئي ۽ هندستان جي مڪمل آزادي حاصل ڪرڻ واري ارادي سان جناح جي ڪمٽمينٽ ڪيڏي نه مضبوط، اوچ ۽ خلوص واري هئي.

اُها آئيني مراعات، جنهن جو دهليءَ واري اسڪيم ۾ مطالبو ڪيو ويو هو اُها ڪنهن به طرح نامناسب نه هئي، ۽ ائين، اهڙي طرح سان هڪ طرف مسلم گهٽائي کي ٽن صوبن سنڌ، سرحد ۽ بلوچستان جو اختيار ملي ٿي سگهيو. جڏهن ته، اُنهن کي پنجاب ۽ بنگال ۾ به اختيارن جي مالڪ ٿيڻ جي پڪ هئي، جتي مسلمان پنهنجي آبادي جي واڌ واري فائدي جي ڪري اختيار حاصل ڪرڻ جا حقدار هئا. سنڌ اُن وقت بمبئي جي صوبائي ڪنٽرول ۾ ڏنل هئي. اُهو برطانوي فتحن جي بي قائدگي جو نتيجو هو جنهن کي تاريخي، جغرافيائي، نسلي ۽ مذهبي بنيادن تي ڪنهن به طرح سان جائز قرار نه ٿو ڏئي سگهجي. سرحد ۽ بلوچستان وارا صوبا ايجا تائين پوئتي پيل، پسمانده ۽ باغي علائقا هجڻ سببان صوبي واري درجي جي لائق نه هئا، جنهن ڪري ڪنهن به صوبائي اسيمبلي ڪانسواءِ مرڪز طرفان منر ڪيل آپيشاهاڻي طبعيت

رکندڙ فوجي آفيسرن جي ذريعن اُنهن صوبن جو انتظامي ڪاروهنوار هلايو ٿي ويو. 1921ع واري آدم شماري ڪانپوءِ پنجابي ۽ بنگالي مسلمانن اُنهي ٻنهي طاقتور صوبن ۾ مڪمل اڪثريت حاصل ڪري ورتي هئي، پر الميو اُهو هو ته اسيمبلين ۾ اُنهن جي تعداد ۾ آبادياتي ترقيءَ جي لحاظ ڪان اضافو نه آيو هو. جناح جي اُنهي دهلي واري اسڪيم سان چونڊيل مسلم اڪثريت کي پنجن صوبائي حڪومتن جو اختيار ۽ اقتدار ملي ٿي سگهيو."

ڏنو وڃي ته، جناح ۽ مسلم ليگ طرفان، متعارف ڪرايل اُها دهليءَ واري سياسي اسڪيم هڪ انتهائي اهم اسڪيم هئي،[9] جنهن کي جيتوڻيڪ، ٻن مهينن بعد مئي 1920ع ۾ ڪانگريس ته قبوليت جو شرف بخشيو پر گانڌيءَ وري به (جئين لکنوءَ معاهدي تي اَرهُو هو)اُن تي ڪنهن به قسم جو پنهنجو راضپو نه ڏيکاريو[10] ۽ انُهي انتهائي اهم قومي پيش رفت تي انتهائي مايوسي ۽ سردمهري جو مظاهرو ٿي ڪيو يعني نه ڪو اُن جي حمايت جو اعلان ٿي ڪيائين ۽ نه ڪو وري مخالفت کي ظاهر ٿي ڪيائين،[11] صرف خاموش ئي رهيو جنهن مان اُهو ظاهر ٿي ٿيو ته هُو دل ئي دل ۾ اُنهي دهليءَ واري تجويزن توڙي اسڪيم مان ڪنهن به طرح سان خوش نه هو.

جيتوڻيڪ دهليءَ واري انهي اسڪيم ۾ مسلمانن پاران گڏيل چونڊن واري نظام (Joint Electoral System) کي به قبول ڪيو ويو هو[12] پر بهرحال، گانڌيءَ پنهنجي مخصوص ذهنيت سببان، اُن ڳالهه کي به هندو_مستقل مفادن لاءِ نقصان ڪار ٿي سمجهيو ۽ اهو ئي سبب هو جو هُو دهليءَ وارين تجويزن کي دل سان قبول ڪرڻ لاءِ تيار نه ٿي ٿيو ۽ خاموش ئي رهيو ٿي.[13]

انهي ماحول ۾ هندستان جي پرڏيهي معاملن جي وزير لارڊ برڪن هيڊ (1882_1930ع) نومبر 1927ع ۾ هندستان ۾ آئيني سڌارن واسطي سرجان سائيمن (1873_1954ع) جي اڳواڻي ۾ ڇهن انگريز عملدارن تي ٻڌل هڪ آئيني ڪميشن ٺاهي، اُن کي هندستان موڪلڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو.[14]

جئين ته، اُنهي سائيمن ڪميشن ۾ ڪنهن به هندستاني اڳواڻ کي شامل نه ڪيو ويو[15] ۽ اهڙن انگريز عملدارن کي ڪنيو ويو هو جيڪي، وولپرٽ چواڻي، "هندستان جي سياسي ۽ آئيني معاملن کان بي خبر هئا."[16] ان ڪري، هندستان جي وطن دوست سياسي ليڈرشپ پاران سائيمن

ڪميشن جي پرپور بائيڪاٽ ڪرڻ جون تياريون ڪيون ويون.[17] ۽ جئين ئي، سرجان سائيمن پنهنجي ڇهن انگريز عملدارن سان گڏ 3 فيبروري 1928ع تي هندستان ۾ پهتو[18] ته اُن خلاف زبردست احتجاج ڪيو ويو. چون ٿا ته، جناح اُنهي سڄي احتجاج ۾ پيش پيش هو.[19]

اصل ۾، جناح پاران سائيمن ڪميشن جي پهچڻ کان اڳ ئي 30 ڊسمبر 1927ع تي مسلم ليگ جي هڪ انتهائي اهم گڏجاڻي ڪوٺائي، ڪميشن خلاف احتجاج ڪرڻ جو بندوبست ڪري ورتو هو.[20] اُنهي گڏجاڻي ۾ "اپني بسنت ۽ سروجني نائيڊو معزز مهمانن جي حيثيت سان شرڪت ڪئي هئي."[21]

وولپرٽ موجب، "سپ کان اهم قرارداد کي، جنهن کي تاڙين جي گونج ۾ منظور ڪيو ويو هو اُن ۾ چيو ويو ته سائيمن ڪميشن ۽ اُن جو اعلانيل طريقي ڪار هندستان جي ماڻهن لاءِ قبول ڪرڻ جوڳو هرگز ناهي. ان ڪري، مسلم ليگ طرفان اُهو فيصلو ڪيو ويو آهي ته سڄي ملڪ مان مسلمانن جو ڪميشن سان ڪنهن به مرحلي ۽ ڪنهن به صورت ۾ ڪو به واسطو نه هوندو."[22]

جناح، اُنهي اجلاس ۾ پنهنجي روايتي گرجندڙ آواز ۾ تقرير ڪندي چيو:

"A constitutional war has been declared on Great Britain. Negotiation for a settlement are not to come from our side. Let the Government sue fore peace. We are denied equal partnership. We will resist the new doctrine to the best of our power. Jallianwalla Bagh was a physical butchery, the Simon Commission is a butchery of our souls. By appointing an exclusively white Commission, Lord Birkenhead has declared our unfitness for self_government. I welcomed Pandit Malaviya [a leading Congress Hindu in attendance], and I welcomed the hand of fellowship extended to us by Hindu leaders from the platform of the Congress and the Hindu Mahasabha. For, to me, this offer is more valuable than any concession which the British Government can make. Let us then graps the hand of fellowship. This is indeed a bright day; and for achieving this unity, thanks are due to Lord Birkenhead."[23]

"برطانيا سان هڪ آئيني جنگ جو اعلان ٿي چڪو آهي. هاڻ ناهه لاءِ ڳالهه ٻولهه جي آڇ اسان طرفان نه ڪئي ويندي. اسان کي برابريءَ جي بنياد تي

رياستي معاملن ۾ حصيداري ڏيڻ کان جواب ڏنو ويو آهي، جنهن جي اسان پرزور لفظن ۾ مخالفت ٿا کريون. جليان والا باغ واري واقعو هڪ انتهائي ظالماڻو واقعو هو. سائيمن ڪميشن جي مقرري ۾ اسان لاءِ اهڙو ئي ظالماڻو واقعو آهي. ڪميشن ۾ صرف انگريزن کي شامل ڪري لارڊ برڪن هيڊ خودمختيار حڪومت لاءِ اسان کي نااهل ثابت ڪري ڏيکاريو جو ڪليو ڪلايو اظهار ڪيو آهي. مان پنڊت مالويا (اجلاس ۾ موجود هڪ مشهور ڪانگريس هندو اڳواڻ) کي پليڪار چوان ٿو ۽ مان دوستي جي اُن هٿ کي به پليڪار چوان ٿو جيڪو ڪانگريس ۽ هندو مهاسبا جي پليٽ فارم تان هندو اڳواڻن اسان ڏانهن وڌايو آهي. چاڪاڻ ته مون لاءِ اُها آڇ برطانوي حڪومت جي طرفان ڏنل ڪنهن به رعايت کان وڌيڪ اهميت ۽ حيثيت رکندڙ آهي. اڇو ته پاڻ دوستي جي اُنهي هٿ کي وڌيڪ مضبوط ۽ سگهارو بڻايو. هيءُ بي شڪ هڪ سياڳو ڏينهن آهي، ۽ اُنهي اتحاد ڪرائڻ لاءِ اسان لارڊ برڪن هيڊ جا سچ پچ ٿورائتا آهيون."

استينلي وولپرٽ، جناح جي اهڙن ويچارن تي تبصرو ڪندي لکي ٿو:

"The outgoing Tory secretary of state thus achieved in a single act more than Gandhi and Jinnah alone could accomplish at the peak of their popularuity and power,momentarily at least reuniting a country still bleeding from communal wounds, breathing fresh life into the all_but_abandoned corpses fo boycott and non_coperation, and bringing Gandhi, Jinnah, the Nehru, and even old Annie Besant back into harness at the head of a single mass national movement resolved to reject Birkenhead, Simon, and the morally bankrupt company they represented."[24]

"ٽوري حڪومت جي سيڪريٽري[برڪن هيڊ] جي اُنهي فيصلي اُهو ڪم ڪري ڏيکاريو جيڪو جناح ۽ گانديءَ پنهنجي شهرت ۽ طاقت جي انتهائي بلندي تي پهچڻ جي باوجود نه ڪري ڏيکاريو هو. وقتي طور تي ئي سهي، پر اُن ملڪ کي ٻيهر متحد ۽ منظم ڪري ڇڏيو جيڪو فرقيواراڻن وڳوڙن ۽ جهيڙن سببان وکرجي ويو هو. بائيڪاٽ ۽ عدم تعاون وارين بي جان ٽڪيل تحريڪن ۾ ٻيهر ساهه ڦوڪيو ويو ۽ گانڌي ۽ جناح، ٻئي نهرو ۽ ايستائين جو پوڙهي اينيبسنت به ٻيهر سرگرم ٿي قومي جدوجهد ۾ شامل ٿي وئي، جنهن ۾ برڪن هيڊ، سائيمن ڪميشن ۽ اُنهن جي اخلاقي طور ڏيوالو نڪتل ڪمپني جي تجويزن ۽ طريقي ڪار کي رد ڪيو ويو هو."

بهرحال، جئين فيبروري 1928ع ڏاري سائيمن ڪميشن هندستان پهتو

تہ هندو توڙي مسلم اڳواڻن پاران اُن جو پرپور نموني سان بائيڪاٽ ڪيو ويو.[25] ۽ چوطرف "سائيمن هندستان مان هليو وڃ" جي نعرن جا پڙاڏا گونجڻ لڳا.[26] ائين، ڪجهہ وقت ڪانپوءِ ڪميشن احتجاج ۽ سردمهري واري ماحول ۾ ڪم ڪري واپس انگلينڊ هليو ويو. ڪميشن سان هندستان جي وطن دوست سياسي ليڈرشپ توڙي عوام کي بہ سهڪار نہ ڪيو. ۽ اُن سڄي ڪم کي ڪاميابي تي پهچائڻ وارو پيو ڪير نہ، پر خود جناح ئي هو. اُهو بائيڪاٽ ڪميٽي جو صدر جناح ئي هو جنهن سائيمن ڪميشن خلاف بائيڪاٽ ۽ احتجاج کي منظم ڪرڻ ۾ ڪنهن بہ طرح وسان نہ گهٽايو.[27]

چون ٿا تہ، جناح، سائيمن ڪميش جي بائيڪاٽ واري معاملي تي بنهہ سخت ئي رهيو. ايستائين جو پنجاب مسلم ليگ جي اڳواڻن محمد شفيع ۽ ٻين جڏهن سائيمن ڪميشن سان سهڪار جي ڳالهہ ڪئي تہ جناح مخالفت ڪندي ڪائنہ ڏار ٿي ويو جنهن سببان مسلم ليگ ٻہ ڀاڻن ۾ ورهائجي وئي.[28] هڪ جناح گروپ وارو ڏڙو سڏائڻ لڳو تہ ورهي شفيع ليگ جو ڏڙو ٻڌجي ويو.[29]

سي ايم چاڪلا، سائيمن ڪميشن خلاف احتجاج کي منظم ڪندڙ بائيڪاٽ ڪميٽي جو سيڪريٽري هو.[30] هُو سائيمن خلاف بائيڪاٽ جي حوالي سان جناح جي ادا ڪيل ڪردار بابت ٻڌائي ٿو:

"Jinnah was as firm as a rock as far as the question of the boycott of the Commision was concernced. Perposat were mad that the boycott should be only political and not social. Jinnah would not agree and did not give an inch. He said a boycott was a boycott, and it must be total and complete."[31]

"جيستائين، ڪميشن جي بائيڪاٽ جي ڳالهہ آهي تہ جناح اُن سڄي عمل ۾ هڪ جبل وانگر اڏول رهيو. تجويز پيش ڪئي وئي تہ بائيڪاٽ سماجي نہ، پر سياسي هجڻ گهرجي. اُن تي جناح راضي نہ ٿيو ۽ پنهنجي فيصلي تي اٽل رهيو ۽ چيائين تہ بائيڪاٽ بائيڪاٽ هوندو آهي، ان کي پرپور ۽ مڪمل هجڻ گهرجي."

اصل ۾، سائيمن ڪميش خلاف اُهو جناح وارن جو بائيڪاٽ ۽ احتجاج تمام گهڻو موثر ثابت ٿيو. اهو ئي سبب هو جو هڪ تہ خود ڪميشن جي اڳواڻن کي گاڏڙ ساڏڙ ڪم ڪري واپس موٽڻو پيو ۽ ٻيو تہ

اُهو بائيڪاٽ سچ پچ ايترو تہ ڪامياب رهيو جو خود گانڌيءَ بہ بائيڪاٽ ڪميٽي جي اڳواڻن کي خط لکي، پنهنجي خوشي جي اظهار ڪرڻ کان رهي نہ سگهيو. خط ۾ گانڌي لکيو:

"Tender my congratulation to the organizers for the very great success they achieved.....It did my soul good to see liberals, independences and Congressmen ranged together on the same plateform."[32]

"مان بائيڪاٽ ڪميٽي جي مڙني اڳواڻن کي مبارڪباد پيش ڪريان ٿو.....مون کي اهو ڏسي ڏاڍي خوشي ٿي آهي، تہ لبرل ۽ آزاد اميدوار توڙي ڪانگريس جا اڳواڻ هڪ ئي پليٽ فارم تي هڪجهئي سان گڏ بيٺا آهن."

بهرحال، سائيمن ڪميشن جي واپسي کانپوءِ جناح بہ ترت انگلينڊ ڏانهن ڪهي ويو.[33] "انگلينڊ ۾ جناح کي ڪو سرڪاري ڪم تہ نہ هو پر هن پنهنجي پراڻن لبرل ۽ ليبر پارٽي جي دوستن رمزي ميڪڊونالڊ ۽ لارڊ ريڊنگ سان ملاقات ڪئي. بعد ۾ هُن وري آئرلينڊ جي هڪ مشهور هندستان جي حامي پارليامانی ميمبر فيز باراڪ وي (جنهن تازو ئي هندستان جو دورو ڪيو هو)جي دعوت تي ڊبلن جو دور ڪيو"[34] ۽ ڪجهہ ڏينهن تائين اُتي ترسيل رهيو. انگلينڊ ۾ هن پيري "جناح اڪيلو ئي هو چاڪاڻ تہ اُن سال جي شروعات ۾ رتي، جناح جي گهر مان نڪري هڪ هوٽل ۾ رهائش اختيار ڪري ورتي هئي. زال مٿس جي عمرين جي فرق ۽ انهن جي مزاجن جي اختلافن هاڻ پنهنجو رنگ ڏيکارڻ شروع ڪيو هو جو منجهن ڏينهون ڏينهن گهرو اٽ_بٽت وڌندي ٿي وئي، جنهن سببان گڏجي رهڻ واري ڳالهہ اُوکي ٿيندي ٿي وئي. ڏار ٿيڻ کانپوءَ هڪ پيرو جناح رتيءَ کي چيو هو تہ "غلطي منهنجي آهي. اسان ٻنهي ۾هڪ ٻئي لاءِ جنهن جذباتي هم آهنگي جي ضرورت هجڻ گهرجي. اُن جي اسان ٻنهي ۾ ڪُوٽِ آهي."رتي، مسٽر جناح جي وڃڻ کان ڪجهہ ڏينهن اڳ ئي پنهنجي والدين سان گڏجي انگلينڊ وڃي چڪي هئي. جڏهن تہ جناح اپريل ۾ انگلينڊ ڏانهن اسهڻ لڳو تہ ائين پاسجي رهيو هو تہ گهريلو زندگيءَ واري خوشي هميشہ لاءِ هُن کان کسجي وئي آهي. هُن جو سياسي مستقبل بہ اُن وقت ڏنڈلو ۽ غيريقينيت ۾ وکوڙيل ڏسڻ ۾ آيو ٿي."[35]

بهرحال، جناح آئرلينڊ جي دوري تي ئي هو تہ ڪيس پيرس مان رتيءَ

جي بيمار ٿيڻ جو اطلاع مليو[36] جنهن کانپوءِ جناح ترت پيرس هليو آيو ۽ اچي اسپتال ۾ سپ کان پهرين رتي ۽ سندس ماءُ سان مليو.[37] رتيءَ جي ماءُ کيس ٻڌايو ته هاڻ رتيءَ جي طبعيت ڪجهه بهتر آهي.[38] جنهن کانپوءِ جناح ڪجهه مطمئن ٿي، رتيءَ جي علاج لاءِ اسپتال ۾ ڪي نوان بندوبست ڪري اُتان هليو آيو. بعد ۾ رتي به صحتياب ٿي، ترت بمبئيءَ ڏانهن ڪهي آئي.[39] چون ٿا ته اُنهي ڏهاڙن کانپوءِ وري جناح ۽ رتيءَ جو هڪ ٻئي سان ملڻ نه ٿيو. تان جو رتيءَ جي چالاڪو ٿي ويو.[40] اُها به حقيقيت آهي ته رتيءَ جي چالاڪي جناح کي سچ پچ وقتي طور ئي سهي، پر بهرحال، انتهائي وڏي حد تائين جُهوري ۽ ٿُوڙي وڏو هو.

هوڏانهن، جناح ايڏا انگلينڊ ۾ ئي ترسيل هو ته برڪن هيڊ هندستاني اڳواڻن کي اُهو چيلينج ڏنو ته جيڪڏهن هندستاني برطانيا جي قانون سازيءَ واري عمل کان خوش ناهن ته اُهي پاڻ هندستان جي آئيني بندوبست واسطي ڪم ڪري ڏيکارين.[41] برڪن هيڊ جي اُنهي چيلينج هندستان جي مڙني اڳواڻن کي تحرڪ ۾ آڻي ڇڏيو. نيٺ ڪانگريس پاران مئي 1928ع ۾ هڪ وڏو اجلاس ڪرايو ويو[42] جنهن ۾ موتي لال نهرو(جيڪو جواهرلال نهرو جو پيءُ هو)جي اڳواڻي ۾ هندستان جي آئين ٺاهڻ واسطي هڪ آئيني ڪميٽي جوڙي وئي،[43] جيڪا بعد ۾ نهرو ڪميٽي جي نالي سان مشهور ٿي. نهرو ڪميٽي وڏي مڪاڪت کانپوءِ آگسٽ 1928ع ۾ پنهنجي رپورٽ پڌري ڪري ڇڏي. رپورٽ ۾ مسلم اڪثريتي صوبي سنڌ جي بمبئيءَ کان عليحدگي جي مشروط حمايت ۽ ڪجهه ٻين تجويزن سان گڏ مجموعي طور هندستان جي مستقبل جي وفاقي آئيني بندوبست واسطي ڏار چونڊن جي نظام کي رد ڪري، مضبوط مرڪز جي سفارش ڪئي وئي.[44]

دراصل، نهرو رپورٽ ۾ مضبوط مرڪز جي سفارش هڪ وڏو بلنڊر هو. هندن ۽ مسلمانن جي وطن دوست ليڊرشپ جي وچ ۾ لکنو معاهدي يا دهلي تجويز جي معرفت جيڪي ناهه ۽ اتحاد ٿيندا ٿي رهيا، اُنهن جو لب لباب ئي اُهو هو ته هندو ۽ مسلمان سياسي برابريءَ (Political Parity) جي بنياد تي حڪومتي ڪاروهنوار ۾ حصو ونڊندا. هندن کي مسلم گهٽائي وارين علائقن، صوبن ۽ رياستن ۾ اُهي ئي رياستي مرعاتون مليل هونديون، جيڪي هندو گهٽائي وارن علائقن، صوبن ۽ رياستن ۾ مسلمانن کي مليل

هوندیون. اُهو نقطو ئي، دراصل، دهليءَ وارين تجويز ۽ لکنو معاهدو جو بنيادي نقطو هو جنهن کي ڪانگريس نهرو رپورٽ ذريعي نه رڳو هڪ ڏڪ سان رد ڪري مليامیت ڪري ڇڏيو پر اُن ۾ هندستان جي وفاقي انتظامي بندوبست واسطي، مضبوط مرڪز جي سفارش ڪري، دراصل ڪانگريس هندستان ۾ پنهنجي عددي اڪثريت جي بنياد تي هندو آمريت مڙهڻ جو اشارو ڏئي ڇڏيو هو ۽ اُها ڳالهه هندستان جي اقليتن خاص طور مسلمانن لاءِ هڪ وڏي ڳڻتي ۽ خوف جو ڪارڻ هئي. 1929ع ۾ آندل جناح جا چوڏهه نقطا پڻ اُنهي خُوفَ ۽ ڳڻتيءَ جو نتيجو هئا،[45] جن ۾ هندستان لاءِ صوبائي خودمختياري تي ٻڌل هڪ اهڙي حڪومتي نظام جي سفارش ڪئي وئي هئي، جيڪو دراصل، "بااختيار صوبن ۽ محدود مرڪز" واري تصور تي ٻڌل هو جنهن کي ڪانگريس ڪڏهن به قبول نه ڪيو ۽ اُنهي ڳالهه مسلمانن ۾ وڏي بدگماني پيدا ڪري جڏي نتيجو اُهو نڪتو جو ڪانگريس ۾ ڪم ڪندڙ مسلم اڳواڻ به ڪانگريس ۽ اُن جي پاليسي کان بدظن ٿي، ڪانگريس کي الوداع ڪري هليا ويا. اُن ڏس ۾ وڏو مثال مولانا محمد علي جوهر جو ڏئي سگهجي ٿو جنهن جڏهن نهرو رپورٽ ذريعي ڏٺو ته ڪانگريس مسلمانن کي ڪجهه به ڏيڻ لاءِ تيار ناهي ته هُن گانڌيءَ ۽ ڪانگريس کان مورڳو ڪناره ڪشي اختيار ڪري ورتي ۽ ڏار ٿي ويو. بعد ۾ هُن جناح جي سياسي بصيرت ۽ ڏاهپ کي مڃڻ جو ڪليو ڪُلايو اظهار ۽ اعتراف به ڪيو ۽ چيائين ته جناح حق تي آهي. ڪانگريس ۽ ان جي هندو ليڈرشپ ناحق ٿي ڪري.

بهرحال، نهرو رپورٽ ڇا هئي؟ اُن تي پاڪستان جي هڪ مشهور مورخ زاهد چوڌري، مختصر طور تي هڪ انتهائي پُرمغز ۽ زبردست تبصرو ڪيو آهي. هُو لکي ٿو:

> "اُن رپورٽ جو مطلب اُهو هو ته ڪلڪتي، بمبئي ۽ احمد آباد جو هندو وچولو طبقو ننڍي کنڊ جي ست ڪروڙ مسلمانن کي ڪا به سياسي، معاشرتي ۽ معاشي رعايت وغيره ڏيڻ لاءِ تيار ناهي، جنهن اصل ۾ نام نهاد پارليماني جمهوريت جي آڙ وٺي، هندستان ۾ پنهنجو مستقل طور هندو راج قائم ڪرڻ ٿي چاهيو."[46]

نهرو رپورٽ جي حوالي سان، جناح جي سوانح نگار وولپرٽ جو تبصرو به نهايت معنيٰ خيز آهي. هُو لکي ٿو:

"Democratic though the Nehru report may have been in principle, it fundamentally repudiated the Lukhnow pact and offered no compensatory advantages to the Muslim community. There was platitudinous exhortations such as: The doing away of communal electorales is intended to promote communal unity by making each community more or less dependent on the other at the time of the election."[47]

"ٿي سگهي ٿو ته، نهرو رپورٽ پنهنجي اصولن ۾ جهموريت پسند هجي، پر اُها حقيقت آهي ته اُن ۾ لکنو معاهدي کي رد ڪيو ويو هو ۽ مسلم اقليت کي ڪو به متبادل فائدو نه ڏنو ويو. اُن ۾ اهڙيون ڪجهه عام نصيحتون هيون. جئين ڌار چونڊن واري نظام کي ختم ڪرڻ جو مقصد چونڊن واري وقت ۾ هر فرقي کي هڪجهڙي جي ويجهو آڻي، فرقن جي وچ ۾ اتحاد کي ايارڻ آهي."انهن تجويزن کي پڪ سان چئي سگهجي ٿو ته اُنهن ماڻهن مطلب پرستي کانسواءِ ٻيو ڪجهه به نه سمجهيو هوندو جيڪي تشدد ۽ فرقياريت کي سالن کان پوڳيندا رهيا هئا."

بهرحال، نهرو رپورٽ جي پڌري ٿيڻ کانپوءِ جناح به انگلينڊ مان واپس اچي چڪو هو.[48] چون ٿا ته، جناح نهرو رپورٽ تي فوري طور تي ڪو به ردعمل ظاهر نه ڪيو. هُن پنهنجو رد عمل صحيح معنيٰ ۾ 28 ڊسمبر 1928ع تي ڪونايل آل پارٽيز ڪانفرنس ۾ ظاهر ڪيو ٿي.[49] آڪٽوبر ۾ جڏهن ڪانگريسي ليڊرشپ ياران جناح تي نهرو رپورٽ جي حوالي سان پنهنجي موقف ظاهر ڪرڻ تي زور وڌو ويو ته هُن هڪ اخباري بيان جاري ڪري ڇڏيو. جنهن ۾ چيائين:

"آل انڊيا مسلم ليگ جي صدر هجڻ جي ڪري منهنجي حيثيت اهڙي آهي، جيڪا مون کي ليگ جي فيصلن جي اڳواٽ اندازي لڳائڻ جي اجازت نه ٿي ڏئي."[50]

وولپرٽ موجب:

"جناح بيان ۾ سمورن مسلمانن کي پريشان نه ٿيڻ جي درخواست به ڪئي، ۽ چيائين ته مون کي بدحواسي ۽ وحشت جو ڪو به سبب ڏسڻ ۾ نه ٿو اچي. مسلمانن کي گهرجي ته اُهي منظم ٿين، متحد ٿين ۽ پنهنجي تحفظ لاءِ هر نقطي تي زور ڏين."[51]

چون ٿا ته، اهڙي اخباري بيان ڇپجڻ کانپوءِ، ٻي ڏينهن نهرو ڪميٽي جي صدر موتي لال نهرو جناح کي خط لکي ڪيس نهرو ڪميٽي ۾ شامل ٿي،

اُن جي دهلي ۾ ٿيڻ واري اجلاس ۾ شرڪت جي دعوت ڏني،[52] پر "جناح موتي لال جي اُنهي دعوت کي رد ڪري ڇڏيو. مسلم ليگ کي ايڏا تائين نهرو رپورٽ تي گهربل غور ويچار ڪرڻ لاءِ ڪا گڏجاڻي يا اجلاس سڏائڻ جو ڪو موقعو ملي ناهي سگهيو. جناح دليل پيش ڪيو ۽ چيائين ته مسلم ليگ جي صدر جي حيثيت سان مون کي اُها ڳالهه نه ٿي سُونهين ته مان ليگ جي فيصلن جو اڳواٽ اندازو لڳايو ڇڏيان."[53] چون ٿا ته، جناح جو مخالفن سان اهڙو موقف رکڻ ته "مان مسلم ليگ جي فيصلن جو اڳواٽ اندازو نه ٿو لڳائي سگهان"، اُهو سندس مخالفن سان ڳالهه ٻولهه ڪرڻ واري فن ۽ حڪمت عملي جو حصو هوندو هو ۽ اهڙي موقف ذريعي هُو هميشه مخالفن تي برتري حاصل ڪري وٺندو هو جنهن ۾ ياته سندس مخالفن کي ڳالهه ميٽي پوندي هئي، يا وري کين ابتڙ ٿي ويڙهو پوندو هو. اُن حوالي سان، استينلي وولپرٽ لکي ٿو:

"It was one of his most effective negotiating technique, part of the secrete of his singular power, for he always magnified himself by the force of his entire party whenever he felt unhappy about the terms of an offer."[54]

"جناح جو اهڙو موقف، سندس ڳالهه ٻولهه واري فن ۽ هُن جي غيرمعمولي ڏاهپ جي راز جو هڪ حصو هو.ڇاڪاڻ ته، جڏهن به هُو ڪنهن ڳالهه کي نامناسب سمجهندو هو ته هميشه پنهنجي سڃي پارٽي جي طاقت جي ذريعي پاڻ کي نمايان ڪندو هو."

جيتوڻيڪ ڪجهه ڏينهن کانپوءِ موتي لال نهرو، ابوالڪلام آزاد ۽ ڊاڪٽر انصاري جناح سان لکنو ۾ سندس گهر ۾ ملاقات ڪري مٿس اُهو زور رکيو ته هُو نهرو پورٽ جي منظوري لاءِ ڊسمبر ۾ ٿيندڙ آل پارٽيز ڪانفرنس کان اڳ نهرو ڪميٽي جي اجلاس ۾ شريڪ ٿي، فرقيواراٽي مسئلي جي حل ڪڍڻ واري ڪوشش ۾ ڪردار ادا ڪري، پر "جناح سڌو انڪار ڪري ڇڏيو. هو بدستور اُها ڳالهه ڪندو رهيو ته پهريان ليگ جو اجلاس ٿيندو ۽ اُها ئي باضابط فيصلو ڪندي. جناح موتي لال کي اُهو به چيو ته اُهي آل پارٽيز ڪانفرنس کي ليگ ۽ ڪانگريس جي سالياني اجلاسن کانپوءِ ايندڙ سال جي پڇاڙيءَ تائين ملتوي ڪري ڇڏين."[55]

بهرحال، ڪانگريس به جناح جي ڳالهه کي نه مڃيو ۽ 22 ڊسمبر1928ع کان ڪلڪتي ۾ آل پارٽيز ڪانفرنس شروع ڪري ڏني،[56]

جيڪا 28 ڊسمبر تائين هلندي رهي. هُوڏانهن، جناح وارن 26 ڊسمبر تي مسلم ليگ جو اجلاس گهرائي ورتو [57] جيڪو بن ڏينهن يعني 27 ڊسمبر تائين هلندو رهيو ۽ آخري ڏينهن واري اجلاس ۾ نهرو رپورٽ تي غور ويچار ڪندي ٽي ترميمون منظور ڪيون ويو ۽ فيصلو ڪيو ويو ته ڪانگريس جي آل پارٽيز ڪانفرنس ۾ مسلم ليگ جي ٽن ترميمن (1)مرڪزي قانون ساز ادارن ۾ مسلمانن جي نمائندگي 33 سيڪڙو هوندي، (2)هندستان جي حڪومتي وفاقي نظام ۾ صوبن کي مڪمل خودمختياري هوندي، صوبن جا سمورا اختيار صوبن وٽ هوندا، نه ڪي مرڪز وٽ. (3)بنگال ۽ پنجاب جي قانون ساز اسيمبليءَ ۾ مسلمانن جي نمائندگي سندن آبادي مطابق هوندي، کي منظور ڪرڻ جي صورت ۾ نهرو رپورٽ کي مسلمانن طرفان قبول ڪيو ويندو. ٻي صورت ۾ اُن کي رد ڪيو ويندو.[58] مسلم ليگ جون اُهي ترميمون ڇا هيون؟ اُنهن تي هيڪٽر بوليٿو هئين تبصرو ڪيو آهي:

"اُنهن ترميمن جو مقصد اُهو هو ته جن صوبن ۾ مسلمان گهٽائي ۾ آهن، اُتي اُنهن کي مڪمل صوبائي خودمختياري مليل هجي، ۽ نه ڪي اُهي مرڪز جي رحم ڪرم تي هجن."[59]

بهرحال، 28 ڊسمبر تي، جناح جي اڳواڻي ۾ مسلم ليگ جي 33 چٽڻ جو وفد، پنهنجون ترميمون ڪٽي، آل پارٽيز ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿيو.[60] بدقسمتي سان ڪانگريس ۽ هندو مهاسڀا طرفان مسلم ليگ جي ڇاڻايل ٽنهي تجويزن کي رد ڪيو ويو[61] جنهن سببان صورتحال انتهائي بدمزگيءَ واري ٿي وئي. جناح پنهنجي ٽنهي تجويزن/ ترميمن کي پيش ڪندي، تقرير ۾ چيو ته "اسان جي ترقي لاءِ اُهو اشد ضروري آهي ته هندو_مسلم مسئلي جو حل ڪڍيو وڃي، ته جئين اسان جي هن ملڪ ۾ سمورا فرقا هڪ دوستاڻي ۽ پائيچاري واري ماحول ۾ رهي ۽ گذاري سگهن."[62] هن وڌيڪ چيو ته "مون پنهنجي تجويزون اوهان جي آڏو پيش ڪيون آهن. مون کي اُميد آهي ته مسٽر جيڪار ۽ ٻيا سمورا ماڻهو مون سان اُن حوالي سان ضرور اتفاق ڪندا. جڏهن هڪ قوم پنهنجي آزادي لاءِ جدوجهد ۾ مصروف هجي، ۽ جڏهن عوام تي غير ملڪي ماڻهن جي حڪمراني هجي ته تڏهن اوهان کي دراصل اقليتن جو مسئلو منهن منهن اچي ٿو. ائين،

جيڪو به آئين اوهان ٺاهيندو اُن کي اقليتن جي حمايت ۽ تائيد تيستائين نه ملي سگهندي. جيستائين اُهي اقليتون پاڻ کي محفوظ نه ٿيون سمجهن. اقليتن جي حفاظت، دراصل، هڪ وڏو امتحان هجي ٿو."[63]

زاهد چوڌري، جناح جي اُنهي تقرير جا تفصيل ٻڌائيندي لکي ٿو:

"جناح پنهنجي تقرير ۾ وڏي درد منديءَ سان هندو اڳواڻن کي اپيل ڪئي ته اُهي مسلمانن کي سندن حقن ۽ مفادن جي حوالي سان گهربل تحفظات ڏيڻ جي سلسلي ۾ بيزاري ۽ ڪاوڙ کان ڪم نه وٺن. جناح جي تقرير جو لب لباب اُهو هو ته جئين ته مسلمان هندو اڪثريت جي تسلط قائم ٿي وڃڻ واري خُوف ۽ ڊپ ۾ ورتل آهن، ان ڪري مسلمانن کي ڪا پڪي خاطري يا آئيني تحفظات ڏيڻ کانسواءِ حقيقي هندو _ مسلم اتحاد قائم نه ٿي سگهندو. هن هوشيار ڪندي چيو ته جيڪڏهن ملڪ ۾ اهڙو آئين لاڳو ڪيو ويو. جنهن تحت اقليتون پنهنجو پاڻ کي محفوظ محسوس نه ڪنديون ته پوءِ اُن صورتحال جو نتيجو انقلاب ۽ گهرو ويڑهه جي صورت ۾ نڪرندو."[64]

بهرحال، جناح جي تقرير بعد ڪيس جواب ڏيڻ لاءِ سرتيج بهادر سپرو اُٺي بيٺو. هُن جو چوڻ هو:

"جيڪڏهن اوهان انگن اکرن جو جائزو وٺندو ته اوهان کي خبر پئجي ويندي ته مرڪزي قانون ساز ڪائونسل جي چونڊيل ميمبرن سميت مسلمانن جي نمائندگي 27 سيڪڙو آهي، ۽ جناح صاحب وري 33 سيڪڙي جي گُهر ڪري ٿو... جيستائين منهنجي ڳالهه آهي ته مان جناح صاحب جي تصوير اوهان جي آڏو آڻڻ چاهيندس، جنهن کي مان گذريل پندرنهن سالن کان سڃاڻان پيو. جيڪڏهن هُو هڪ بگڙيل ۽ ڏنگو ٻار آهي ته پوءِ مان اُهو چوڻ لاءِ تيار آهيان ته هُو جيڪو گُهري ٿو. اُهو ڪيس ڏنو وڃي، ۽ معاملي کي ختم ڪيو وڃي."[65]

سرتيج بهادر سپري ڪانپوءِ هندو مهاسبائي اڳواڻ مسٽر جيڪار تقرير ڪئي.[66] هن چيو:

"مان به جناح کي گذريل سُورهن سالن جي قومپرست زندگي ۾ هڪ ساٿي جي حيثيت سان سڃاڻو ٿو ۽ مان اوهان کي اُهو يقين ڏيارائي سگهان ٿو ته اڄ هُو اسان جي سامهون نه ڪو هڪ ڏنگي ٻارطور آيو آهي، ۽ نه وري هو هڪ بگڙيل ماڻهو وانگر هتي آيو آهي....هڪ اهم حقيقت، جنهن کي ياد رکڻ گهرجي، اُها هيءَ ته مشهور ۽ معروف مسلمان جهڙوڪ: قابل احترام محب وطن مولانا ابوالڪلام آزاد، ڊاڪٽر انصاري، سر امام علي، راجا محمودآباد

صاحب ۽ ڊاڪٽر ڪچلو نهرو رپورٽ ۾ شامل ڪيل مفاهمت تي پنهنجي مڪمل رضامندي جو اظهار ڪيو آهي. وڌيڪ اُهو به ذهن ۾ رکڻ گهرجي ته مسلم ميمبرن جي هڪ وڏي تعداد نهرو رپورٽ تي اتفاق ڪري ورتو آهي، ان ڪري مان سمجهان ٿو ته جناح صاحب، گستاخي معاف، مسلمانن جي صرف هڪ ننڍڙي اقليت جي نمائندگي ڪري ٿو."[67]

جيڪار ائين چئي تاڙين جي وسڪاري ۾ ويهي رهيو. جناح خلاف ڪيل اُنهي تقرير تي، جناح جو سوانح نگار وولپرٽ تبصرو ڪندي لکي ٿو:

"ظاهر ڳالهه آهي ته اُنهن هندو اڳواڻن اُهو ڇڪي طرح ڄاتو ٿي ته جناح جي عزت ۽ وقار لاءِ اُها ڇمات ڪيتري نه هڪڪ آميز هئي، جو اُهي ڪيس مسلمانن جي اڪثريت جو اڳواڻ مڃڻ لاءِ به تيار نه هئا."[68]

وولپرٽ موجب، جيڪار جي تقرير کانپوءِ وري "جناح نرميءَ ۽ پاڻ تي ضابطي رکڻ واري اُنهي ڪوشش سان گڏ، جنهن جو مظاهرو هن ناگپور کانپوءِ نه ڪيو هو."[69] جواب لاءِ اٽيو ۽ چيائين:

"اڄ اسان کي هڪ انتهائي سنجيده ۽ گنڀير مسئلي کي منهن ڏيڻو پيو آهي.... مان پانيان ٿو ته اسان هتي هڪ اهم معاهدي ڪرڻ واري مقصد تحت اچي گڏ ٿيا آهيون. اُهي سموريون تنظيمون جيڪي ان معاهدي ۾ شامل هونديون، اُنهن کي اُن لاءِ نه رڳو گڏجي ڪم ڪرڻو پوندو پر گڏيل جدوجهد به هلائڻي پوندي. اسان اُهو چاهيون ٿا ته جيستائين اسان جي منزل نه ٿي اچي، تيستائين هندو ۽ مسلمانن کي وک وک سان ملائي هلڻو پوندو. ان ڪري اُهو ضروري آهي ته اوهان نه رڳو مسلم ليگ پر سڄي هندستان جي مسلمانن جي حمايت به حاصل ڪريو. مان هتي هڪ مسلمان جي حيثيت سان نه، پر هڪ هندستاني جي حيثيت سان ڳالهه ڪري رهيو آهيان..... ڇا اوهان ٿورن ماڻهن جي حمايت تي راضي رهندو؟ ڇا اوهان مطمئن ٿي ويندو ته جيڪڏهن مان ائين چوان ته مان اوهان سان گڏ آهيان؟ ڇا اوهان جي اُها مرضي آهي يا نه ته مسلم هندستان اوهان سان گڏوگڏ هلي؟ .....اقليتون اڪثريت کي ڪجهه به نه ٿيون ڏئي سگهن. ان ڪري مون کي اُهو چوڻ ته مان اُن ڳالهه (جنهن کي اوهان منهنجا "غيراهم نقطا" به قرار ڏنو آهي) تي زور نه ڏيان. اُن مان ڪو به فائدو نه ٿيندو. مان اُنهن ترميمن جو مطالبو اُن ڪري نه ٿو ڪريان ته ڪو مان "بگڙيل" يا "ڏنگو" سار آهيان. جيڪڏهن منهنجون اُهي ترميمون اوهان جي لاءِ ننڍڙا نقطا ئي آهن ته پوءِ اُنهن کي قبول ڇو نه ٿو ڪيو وڃي. اُها اڪثريت تي مدار رکي ٿي ۽ اُها اهو سڀ ڪجهه ڏئي سگهي ٿي.

مان ذاتي طور تي اُن ناهه جي درخواست اُن ڪري ٻه ڪري رهيو آهيان. جو مان سمجهان ٿو اُهو معاهدو مسلمانن لاءِ بهترين ۽ جائز آهي.....اسان سڀ هن سرزمين جا پُٽ آهيون. اسان کي نه رڳو گڏجي رهڻو آهي، پر گڏجي سڏجي ڪم ٻه ڪرڻو آهي.اسان جا جيڪي ٻه اختلاف آهن. انهن تي هاڻ وڌيڪ بحث مباحثو ڪرڻو ناهي. اسان جيڪڏهن پاڻ ۾ ڪنهن معاملي تي متفق نه ٿا ٿي سگهون ته پوءِ هلو ته گهٽ مان گهٽ اختلاف ڪرڻ تي ئي اتفاق ڪريون. اسان کي دوستن وانگر ڌار ٿيڻ گهرجي. پڪ ڄاڻو ته هندستان تيسائين ترقي نه ٿو ڪري سگهي، جيستائين هندو ۽ مسلمان متحد نه ٿيندا. ڪنهن منطق، فلسفي يا تڪرار کي مفاهمت جي رستي ۾ رڪاوٽ ٿيڻ نه ڏيو. مون کي هندو _ مسلم اتحاد کان وڌيڪ ٻي ڪا ٻه شي خوش نه ٿي ڪري سگهي."[70]

بهرحال، جناح ۽ مسلم ليگ جي اُنهن ٽنهي ترميمن کي ڪانگريس ۽ هندو مهاسبائي اڳواڻن جي چٽي مخالفت سببان آل پارٽيز ڪانفرنس ۾ منظور نه ڪيو ويو جنهن ڪانپوءِ ڪانفرنس ٻه پنهنجي پُڄاڻي تي پهتي. اُن سڄي صورتحال جي باري ۾ استينلي وولپرٽ تبصرو ڪندي، Jinnah of Pakistan ۾ لکي ٿو:

"He must have sensed that the restless jury he addressed had made up their minds against him long before he reached the end of his argument, surely by the time he said "let us part as friend." Fore this marked a major point of departure in Jinnah's life, an even sharper veering off from the road of Congress and all it represented than Nagpur had been eight years earlier. He had delivered his swan song to Indian nationalism. The dream stirred by Dadabhai's ringing voice in Westminster's Commons, nurturedby Morley and Pherozeshah, enriched by Gokhale and Montagu, all those long lost Liberal giants was dead."[71]

"جناح پڪ سان اُهو سمجهي ورتو هوندو ته جنهن بي چين جيوري آڏو هن تقرير ڪئي هئي. اُنهيءَ هن جي دليلن کي ٻڌڻ کان اڳ ئي هن کي رد ڪرڻ لاءِ پنهنجو ذهن ناهي ورتو هو. پڪ سان اُنهي وقت کان جڏهن هُن چيو هو ته اسان کي دوستن وانگر ڌار ٿيڻ گهرجي.جناح جي زندگي ۾ اُهو هڪ وڏو موڙ هو. اُها ڪانگريس ۽ اُنهن سيني کان، جن جي ڪانگريس نمائندگي ڪئي تي، اُن کان ٻه وڌيڪ تيزي سان ٿيندڙ عليحدگي هئي.جيڪا اٺ سال اڳ ناگپور ۾ تي هئي. هُو هندستاني قومپرستي اڳيان پنهنجي موڪلاڻي جو اشارو ڏئي چڪو هو.اُهو خواب جنهن کي ويسٽ منسٽر جي ايوانن ۾ دادابائي

جي گونجندڙ آواز متحرڪ ڪيو هو جنهن کي مورلي ۾ فيروزشاهه مهتا پروان چاڙهيو هو گوکلي ۾ مونٽيگيو جنهن کي سگهارو ڪيو. اُهو هاڻ انهن آزاد خيال اڳواڻن سان گڏ ختم ٿي چڪو هو."

بهرحال، جناح جي اُنهن ترميمن کي قبول نه ڪرڻ پويان ڪانگريس ۾ هندو مهاسيائي اڳواڻن جا ڪهڙا مفاد هئا؟ اُن حوالي اجيت جاويدهئين لکي ٿي:

"دراصل، جناح جي گڏيل چونڊن واري نظام کي قبول ڪرڻ واري آڇ هندو مهاسيائي اڳواڻن کي منظور نه هئي. ڇاڪاڻ ته، سنڌ جي بمبئي کان عليحده ٿيڻ کانپوءِ، سنڌ ۾ مسلمانن جي بالادستي قائم ٿي وڃي ها. اُتر اولهه واري سرحد صوبي ۾ سڌارا آڻڻ واري ڳالهه به هندن جي مفادن وٽان نه هئي. توڙي جو اُتي هندن جي آبادي پنج سيڪڙي کان وڌيڪ نه هئي. بهرحال، اُن سڄي صورتحال، نه رڳو جناح کي مايوس ڪيو. ير اُن سببان هندو ۾ مسلم فرقي پرستن جي طاقت ۾ غيرمعمولي اضافو به اچي ويو. جناح تي گارين جو ايترو ته وسڪارو لاهي ڏنو ويو. جو هُو بلڪل حراسجي ويو. جيڪار پنهنجي تقرير ۾ هُن کي فرقي پرست چيو. جنهن جي نتيجي طور جناح هلندڙ ڪانفرنس مان اڌي هليو ويو. ڪلڪتي کان رواني ٿيڻ وقت جناح جي اکين ۾ ڳوڙها هئا. سندس هڪ پراڻو پارسي دوست ٻڌائي ٿو ته قومي ڪانفرنس واري واقعي کانپوءِ پهريون پيرو مون جناح جي اکين ۾ ڳوڙها ڏٺا. هُو روئي رهيو هو. نهرو رپورٽ تي قومي ڪانفرنس ۾ سندس تجويزون رد ڪيون ويون هيون. هن مون کي چيو ته جمشيد هاڻ سڀ ڪجهه ختم ٿي ويو. رستا ڏار ڏار ٿي ويا آهن."[72]

زاهد چوڌري، اُن سڄيءَ صورتحال تي تفصيل سان روشني وجهندي، لکي ٿو:

"قومي ڪانفرنس ۾ هندو اڳواڻن جي اهڙي نازيبا رويي جناح کي ايترو ته مايوس ڪري ڇڏيو جو هُن نهرو رپورٽ جي منظوري ڪانپوءِ مسلم ليگ جي سالياني اجلاس ۾ به ڪا دلچسپي نه ورتي. ۽ هو اُنهي ڏينهن اجلاس کي اڻ ڄاڻايل مدي تائين ملتوي ڪري بمبئي هليو ويو. جڏهن ڪلڪتي جي ريلوي اسٽيشن تي هن جو هڪ پارسي دوست وٽس موڪلائڻ آيو ته هن ڏٺو ته، جناح جي اکيون پريل هيون، گهٽو ڪري هن کي اُهو پهريون پيرو احساس ٿيو هو ته مئي 1924ع ڪانپوءِ هن جي سياست ڪيڏي نه غيرحقيقت پسنداڻي بڻجي وئي هئي. هن هندو_ مسلم تضاد جي غيرورودي هجڻ بابت ڪيڏو نه غلط اندازو لڳائي ڇڏيو هو ۽ اُهو ته هندن جو وچولو ۽ سرمائيدار

طبقو سياسي لحاظ کان انتهائي تنگ نظر ۽ تنگ دل هو جنهن آخرڪار سيڪريٽري آف اسٽيٽ لارڊ برڪن هيڊ جي اُن چيليئنج کي درست ثابت ڪري ڇڏيو هو ته هندو ۽ مسلمان ڪنهن به آئيني مسودي تي اتفاق نه ٿا ڪري سگهن. هندو اڳواڻن جي هٺ ڏرمي پنجاب جي سر محمد شفيع ۽ بين مسلم اڳواڻن جي اُن موقف کي به صحيح ثابت ڪري ڇڏيو هو ته جناح مارچ 1927ع ڌاري گڏيل چونڊن واري نظام بابت دهلي ۾ مختلف مسلم اڳواڻن جي حمايت سان جيڪي تجويزون منظور ڪرايون هيون. اُهي هندستاني مسلمانن جي مفادن جي ابتڙ هيون. جناح جي بي انتها مايوسي جو هڪ سبب گهٽو ڪري اُهو به هو. جو هن پنهنجي گهريلو پريشانين کي پوئتي ڪري قومي مفاد ۾ پائيدار هندو _ مسلم اتحاد قائم ڪرڻ واسطي بي سود ڪوششون ڪيون هيون. هُن جي نوجوان گهرواري رتي بائي ڪجهه مهينا اڳ پيرس ۾ هن سان جهيڙو ڪري واپس بمبئيءَ ۾ اچي وئي هئي ۽ هتي تاج محل هوٽل ۾ رهائش اختيار ڪري ورتي هيائين. جڏهن جناح ڊسمبر 1928ع جي آخري هفتي دوران ڪلڪتي ۾ هندو اڳواڻن کي اُهي اپيلون ۽ گذارشون ڪري رهيو هو ته مسلم اقليت کي ڪجهه تحفظات ۽ رعايتون ڏنيون وڃن ته تڏهن اُن وقت سندس گهرواري بمبئي جي اُنهي هوٽل ۾ بيماري جي بستري تي پيل هئي، ۽ اُن صورتحال جي لڳ ڀڳ ٻن مهينن کانپوءِ هوءِ لاڏاڻو پڻ ڪري وئي. ائين ڏٺو وڃي ته، جناح جڏهن قومي ڪانفرنس واري معاملي کان فارغ ٿي، 30 ڊسمبر تي ڪلڪتي کان بمبئي لاءِ روانو ٿيو هو ته تڏهن هو سياسي توڙي معاشرتي بنهي لحاظ کان ٽٽل ۽ دل شڪستا ٿيل هو. هاڻ، ڪيس پنهنجي ڪا به سياسي منزل ڏسڻ ۾ نه ٿي آئي، ۽ نه ڪو وري گهريلو سُکونُ جي ڪا صورت ڪيس ڏسڻ ۾ آئي ٿي. هو سياسي ۽ معاشرتي طور تي پنهنجو پاڻ کي اُن پري دنيا ۾ بلڪل اڪيلو ۽ ويڳاڻو محسوس ڪري رهيو هو. حالتن جي واڳ هٿن مان نڪري چڪي هيس."[73]

بهرحال، نهرو رپورٽ، اُن ۾ مسلم ليگ جي ڪنهن به تجويز يا ترميم کي شامل نه ڪرڻ، ۽ مورڳو اُنهن کي رد ڪري ڇڏڻ واري صورتحال، جتي جناح ۾ اُهو احساس پيدا ڪيو ته هاڻ ڪانگريس توڙي ڪنهن بي "هندو اڪثريتي پارٽي" ۾ هن جي لاءِ ڪا به جاءِ ناهي،[74] اُتي مسلمانن ۾ به اُهو خوف ۽ ڳڻتي پيدا ٿيڻ لڳي ته ڪانگريس ۽ اُن جي ليڈرشپ ڪجهه به ڏيڻ بدران مورڳو سندن سمورا سياسي، رياستي، اقليتي توري ثقافتي حق ڳڙڪائڻ جي چڪر ۾ آهي، جنهن جو جيستائين منظم انداز ۾ سدباب نه ڪبو تيستائين هندستان ۾ مسلم اقليت جو وجود هڪ سوال ئي بڻيل

رهندو. شايد اُهو ئي سبب هو جو سائيمن ڪميشن واري معاملي تان ٻن ڏڻن ۾ ورهائجي ويل مسلم ليگ 1929ع واري سال جي شروعات ۾ گڏجي هڪ مسلم ليگ ٿي وئي.[75]

1929ع وارو سال به، جناح لاءِ هڪ وڏي صدمي جو سال ثابت ٿيو. اُنهي سال جي شروعات ڏاري فيبروري مهيني ۾ جناح جي گهرواري رتي تمام گهٽي بيماري ۽ علالت سببان لاڏاٽو ڪري وئي.[76]

جيتوڻيڪ جناح، رتيءَ جي بيمار ٿيڻ کانپوءِ تاج محل هوٽل ۾ ترسيل رتيءَ سان روزانو ملڻ ويندو هو جنهن سببان ائين ٿي سمجهيو ويو ته ترت زال ۽ مڙس ۾ پرچاءُ ٿي ويندو. پر وولپرٽ چواڻي:

"That was even more an illusion than the reconciliation of Congress and the League had been."[77]

"اُنهي ۾ صلح ٿيڻ ايترو ئي ڏکيو هو. جيترو ڪانگريس ۽ مسلم ليگ ۾ صلح ٿيڻ ڏکيو هو."

بهرحال، رتي مڙس کان عليحدگي، گهريلو تڪرار ۽ اڪيلائي توڙي علالت جو عذاب سهندي، 20 فيبروري 1929ع تي هن جهان مان لاڏاٽو ڪري وئي.[78] جناح کي فون ڪري اطلاع ڏنو ويو. جنهن کانپوءِ جناح ترت ئي رتيءَ جي مرتئي تي هليو آيو. ڪفن دفن کان وٺي رتي جي مڙهه کي قبر ۾ لاهڻ تائين جناح بنهه خاموش ئي رهيو. پر اوچتو جڏهن رتيءَ جي مڙهه کي قبر ۾ لاٿو ويو ته جناح جي خاموشي جا بند ٽٽي پيا ۽ هو بنهه "ٻارڙن وانگر هڏڪيون" پري زارو زار روئڻ لڳو.[79] "اُن صدمي مان هُو ٻاهر نڪري نه سگهيو. اُن کانپوءِ وري هن ڪڏهن به شادي نه ڪئي، ۽ سڄي زندگي اڪيلائي ۾ گذاري ڇڏيائين."[80]

بهرحال، جناح ڪجهه وقت کانپوءِ رتيءَ جي صدمي کان ٻاهر نڪري آيو ۽ وري هندستان جي تيزي سان تبديل ٿيندڙ سياسي ڏارا ۾ شامل ٿي ويو. هوڏانهن، سائيمن ڪميشن جي معاملي تي ٻن ڏڻن ۾ ورهائجي ويل مسلم ليگ به، نهرو رپورٽ کان پوءِ وري جناح جي اڳواڻي ۾ هڪ ٿي وئي هئي. هاڻ، جناح پنهنجي ٽن ترميمن جي رد ڪرڻ جي ردعمل ۾ وڏيڪ مطالبي تي غور ويچار ڪرڻ شروع ڪري ڏنو تان جو هن، پنهنجا مشهور چوڏهن نقطا به پيش ڪريو ڇڏيا.

جناح پنهنجو چوڏهن نقاطي پروگرام باضابطه طور 29 مارچ 1929ع تي

مسلم ليگ جي اجلاس سڏائي پيش ڪيو[81] جنهن ۾ سنڌ جي بمبئي کان عليحدگي جي مطالبي ڪرڻ سان گڏ هندستان لاءِ هڪ آئيني وفاقي نظام جي سفارش ڪندي، صوبن جي خودمختياري جو مطالبو ڪيو ويو ۽ اُها واضع طور ڀالهه رکي وئي ته هندستان جو ايندڙ حڪومتي نظام وفاقي هوندو جنهن ۾ صوبن کي مڪمل صوبائي خودمختياري مليل هوندي. تجويز هئي ته مرڪزي قانون ساز اسيمبلي ۾ مسلمانن کي گهٽ مان گهٽ هڪ ٻاڪي ٽي سيٽون ڏنيون وڃن. مسلمانن کي چوندن واري ڏار نظام کان ڪنهن به طريقي سان محروم نه ڪيو وڃي. جن صوبن ۾ مسلمانن جي اڪثريت آهي، اُتي جي قانون ساز اسيمبلي ۾ به مسلمانن کي اڪثريت ملڻ گهرجي. ڪو به اهڙو قانون، جنهن جو واسطو ڪنهن به مذهبي يا تهذيبي مسئلي سان هوندو اُهو منظور نه ٿي سگهندو. سنڌ جي ڏار صوبي واري حيثيت کي بحال ڪيو وڃي. بلوچستان ۽ سرحد ۾ ٻين صوبن وانگر سڏارا آندا وڃن. آئيني لحاظ کان مسلمانن جي مذهب، تمدن، شخصي قانون، تعليم ۽ ٻولي کي آئيني ضمانت فراهم ڪيو وڃي. مرڪزي ۽ صوبائي ڪابينائن ۾ مسلمانن کي جائز حصو ڏنو وڃي. هندستان جي آئين ۾ ڪا تبديلي اُن وقت تائين نه آندي ويندي، جيستائين وفاق جو سموريون اڪايون يعني صوبا ۽ رياستون ان تي متفق نه هجن. صوبن کي مڪمل صوبائي خودمختيار مليل هجي، ۽ سيني صوبن کي هڪجهڙا اختيار ڏنا وڃن. صوبن جي حدبندين ۾ ڪابه اهڙي تبديلي نه آندي وڃي، جنهن جو منفي اثر پنجاب ۽ بنگال جي مسلم اڪثريت تي پوندو هجي. هندستان جي سمورين قومن کي عبادت، تعليم ۽ تنظيم سازي وغيره جي مڪمل آزادي هوندي. حڪومت ۽ ٻين خودمختيار ادارن جي نوڪرين ۾ مسلمانن کي ٻين هندستانين وانگر سندن صلاحيت ۽ ڪارڪردگي جي بنياد تي حصو ڏنو وڃي.[82]

دراصل، اُها نهرو رپورٽ ۾ جناح ۽ مسلم ليگ جي ٽن بنيادي ترميمن کي منظور نه ڪرڻ واري تڪراري صورتحال ئي هئي، جنهن جي منطقي نتيجي طور جناح کي مسلمانن جي حقن ۽ مفادن جي تحفظ خاطر چوڏهن مطالبن جي صورت ۾ پنهنجو چوڏهه نقاطي پروگرام پيش ڪرڻو پيو جنهن کي ننڍي کنڊ جي سياسي تاريخ ۾ جناح جي چوڏه نقطن (Forteen Points of Jinnah) جي نالي سان ياد ڪيو وڃي ٿو جيڪي دراصل، هندستان

جي وفاقي حڪومتي نظام ۾ مڪمل صوبائي خودمختياري جي ساک پرين ٿا. ڏٺو ويجي ته اُهي چوڏهن نقطا ئي، دراصل، جناح جي بعد واري سياست جو مرڪزي محور طور رهيا. (جيتوڻيڪ 1935ع واري گورنمينٽ ايڪٽ آف انڊيا تحت سنڌ جي بمبئيءَ کان عليحدگي جو بندوبست ڪيو ويو يعني عملي طور تي جناح جي اُنهن چوڏهن نقطن مان هڪ نقطو پورو ٿي چڪو هو) جناح جي انگريزن سان ڳالهه ٻولهه هجي يا گانڌيءِ ۽ ڪانگريس سان مذڪرات هجن. انهن ۾ اُهي چوڏهن نقطا ئي جناح جي سوچ جو مرڪز بڻيل رهيا. ايستائين جو هن جڏهن ڪيبينيٽ مشن پلان جي آڏو 12 مئي 1946ع تي، پاڪستان لاءِ جيڪو آئيني وفاقي نظام جو خاڪو (ميمورنڈم جي صورت ۾)پيش ڪيو[83] اُهو به، دراصل، جناح جي چوڏهن نقطن تي ئي ٻڌل هو جنهن ۾ جناح ۽ آل انڊيا مسلم ليگ طرفان هندستان لاءِ وفاقي آئيني نظام جي سفارش ۽ صوبائي خودمختياري جي ڪليل حمايت جو اظهار ڪيو ويو هو.[84]

حوالا ۽ سمجهاڻيون

1. هيڪٽر بوليٿو حيات قائداعظم، مترجم: زهير صديقي، جمهوري پبليڪيشنز لاهور 2012ع، صحفہ 125
2. ساڳيو صحفو 125
3. تفصيل لاءِ پڙهو ايازعلي، پاڪستان جوبنياد_ٻہ قومي نظريو يا صوبائي خودمختياري، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو ايڊيشن 2014ع صحفو 156،
4. ساڳيو صحفو 156
5. Khalid Bin Syeed, Pakistan _ The Formative Phase, 1857_1948, Oxford Universty, Karachi.2010,p, 65
6. Ibid,p,65
7. هيڪٽر بوليٿو حيات قائداعظم، مترجم: زهير صديقي، جمهوري پبليڪيشنز لاهور 2012ع، صحفہ 121
8. Stanley Wolpert, Jinnah of Pakistan, Oxford University, Karachi, 2008, p,82
9. ايازعلي، پاڪستان جوبنياد_ٻہ قومي نظريو يا صوبائي خودمختياري، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو ايڊيشن 2014ع، صحفو 156
10. ڊاڪٽر اجيت جاويد، وطن پرست اور سيڪيولر جناح، مترجم: محمد عمر برني، سانجهه پبليڪيشن، لاهور 2008ع، صحفہ 224

11. ساڳيو صحفو24
12. ساڳيو صحفو224
13. ساڳيو صحفو224
14. Stanley Wolpert, Jinnah of Pakistan, Oxford University, Karachi, 2008, p,89
15. Ibid,p,89
16. Ibid,p,89
17. Ibid,p,89
18. Ibid,p,89
19. تفصيل لاءِ پڙهو ايياز علي، پاڪستان جوبنياد_ہ قومي نظريو يا صوبائي خودمختياري،روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو ايڊيشن 2014ع، صحفو 156
20. Stanley Wolpert, Jinnah of Pakistan, Oxford University, Karachi, 2008, p,90
21. Ibid,p,90
22. Ibid,p,90
23. Ibid,p,90_91
24. Ibid,p,91
25. ايياز علي، پاڪستان جوبنياد_ہ قومي نظريو يا صوبائي خودمختياري،صحفو 144 روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو ايڊيشن 2014ع
26. ساڳيو صحفو 144
27. Stanley Wolpert, Jinnah of Pakistan, Oxford University, Karachi, 2008, p,90
28. Ibid,p,90
29. Ibid,p,90
30. Ibid,p,92
31. Ibid,p,92
32. Ibid,p,92
33. هيڪٽر بوليٿو حيات قائداعظم مترجم: زهير صديقي، جمهوري پبليڪيشنز لاهور 2012ع، صحفہ122
34. Stanley Wolpert, Jinnah of Pakistan, Oxford University, Karachi, 2008, p,96
35. هيڪٽر بوليٿو حيات قائداعظم مترجم: زهير صديقي، جمهوري پبليڪيشنز لاهور 2012ع، صحفہ122
36. Stanley Wolpert, Jinnah of Pakistan, Oxford University, Karachi, 2008, p,96
37. Ibid,p,96
38. Ibid,p,96
39. Ibid,p,96
40. تفصيل لاءِ پڙهو استينلي وولپرٽ جو انگريزي ڪتاب، جناح آف پاڪستان، آڪسفورڊ يونيورسٽي پريس، ڪراچي، سنڌ
41. Khalid Bin Syeed, Pakistan _ The Formative Phase, 1857_1948, Oxford Universty, Karachi,2010,p, 68
42. Ibid,p,68
43. Ibid,p,68

44. نهرو رپورٽ بنيادي طور تي يارنهن نقطن تي ٻڌل هئي. ان جي تفصيلي مطالعي لاءِ ايياز علي جو لکيل مقالو "پاڪستان جوبنياد_ہ قومي نظريو يا صوبائي خودمختياري" کي پڑهي سگهجي ٿو.

45. Pakistan _ The Formative Phase, 1857_1948, Oxford Universty, Karachi,2010,p, 69

46. زاهد چوڌري، مسلم پنجاب کا سياسي ارتقاء (1849_1947ع) پاڪستان کي سياسي تاريخ، جلد_5،اداره مطالعہ تاريخ، لاهور، ايڈيشن،1998ع،صحفہ 144

47. Stanley Wolpert, Jinnah of Pakistan, Oxford University, Karachi, 2008, p,97

48. هيڪٽر بوليٿو،حيات قائداعظم، مترجم: زهير صديقي، جمهوري پبليڪيشنز لاهور 2012ع، صحفہ،123

49. Stanley Wolpert, Jinnah of Pakistan, Oxford University, Karachi, 2008, p,96

50. Ibid,p,98

51. Ibid,p,98

52. Ibid,p,99

53. Ibid,p,99

54. Ibid,p,99

55. Ibid,p,99

56. زاهد چوڌري، مسلم پنجاب کا سياسي ارتقاء (1849_1947ع) پاڪستان کي سياسي تاريخ، جلد_5،اداره مطالعہ تاريخ، لاهور ايڈيشن،1998ع،صحفہ 144

57. ساڳيو صحفو145

58. ساڳيو صحفو145

59. هيڪٽر بوليٿو حيات قائداعظم، مترجم: زهير صديقي، جمهوري پبليڪيشنز لاهور 2012ع، صحفہ،125

60. ايياز علي، پاڪستان جوبنياد_ہ قومي نظريو يا صوبائي خودمختياري، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو ايڈيشن 2014ع

61. Khalid Bin Syeed, Pakistan _ The Formative Phase, 1857_1948, Oxford Universty, Karachi,2010,p, 68

62. Stanley Wolpert, Jinnah of Pakistan, Oxford University, Karachi, 2008, p,100

63. ڈاڪٹر اجيت جاويد، وطن پرست اور سيڪيولر جناح، مترجم: محمد عمر برني، سانجهہ پبليڪيشن، لاهور 2008ع، صحفہ،

64. زاهد چوڌري، مسلم پنجاب کا سياسي ارتقاء (1849_1947ع) پاڪستان کي سياسي تاريخ، جلد_5،اداره مطالعہ تاريخ، لاهور ايڈيشن،1998ع،صحفہ 148

65. Stanley Wolpert, Jinnah of Pakistan, Oxford University, Karachi, 2008, p,100

66. Ibid, p,100

67. Ibid,p, 100

68. Ibid,p101

69. Ibid,p101

70. Ibid,p101

71. Ibid,p101

72. ڈاڪٽر اجيت جاويد، وطن پرست اور سيڪيولر جناح، مترجم: محمد عمر برني، سانجھ پبليڪيشن، لاهور، 2008ع، صحفہ۔
73. زاهد چوڌري، مسلم پنجاب کا سياسي ارتقاءَ (1849_1947ع) پاڪستان کي سياسي تاريخ، جلد_5،ادارہ مطالعہ تاريخ، لاهور، ايڈيشن،1998ع،صحفہ،149
74. Stanley Wolpert, Jinnah of Pakistan, Oxford University, Karachi, 2008, p,104
75. تفصيل لاءِ پڑھو اياز علي، پاڪستان جوبنياد_ہ قومي نظريو يا صوبائي خودمختياري، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، ايڈيشن 2014ع
76. ڈاڪٽر اجيت جاويد، وطن پرست اور سيڪيولر جناح، مترجم: محمد عمر برني، سانجھ پبليڪيشن، لاهور، 2008ع، صحفہ،31
77. Stanley Wolpert, Jinnah of Pakistan, Oxford University, Karachi, 2008, p,104
78. ڈاڪٽر اجيت جاويد، وطن پرست اور سيڪيولر جناح، مترجم: محمد عمر برني، سانجھ پبليڪيشن، لاهور، 2008ع، صحفہ،31
79. Stanley Wolpert, Jinnah of Pakistan, Oxford University, Karachi, 2008, p,104
80. ڈاڪٽر اجيت جاويد، وطن پرست اور سيڪيولر جناح، مترجم: محمد عمر برني، سانجھ پبليڪيشن، لاهور، 2008ع، صحفہ،31
81. Khalid Bin Syeed, Pakistan _ The Formative Phase, 1857_1948, Oxford Universty, Karachi,2010,p, 72
82. Ibid,p,73
83. تفصيل لاءِ پڑھو اياز علي، پاڪستان جوبنياد_ہ قومي نظريو يا صوبائي خودمختياري، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، ايڈيشن 2014ع
84. ۽ اُهوئي سبب آهي، جو سنڌ ۾ وطن دوست قومي سياست ڪندڙ ڏرين طرفان سالن کان اُهو چيو پيو ويڄي تہ جناح نہ رڳو صوبائي خودمختياري جو حامي هو پر هن وٽ پاڪستان جي وفاقي آئيني نظام جو خاڪو ئي صوبائي خودمختياري تي ٻڌل هو. ان ڪري ملڪ ۾ شامل مڙني قومن ۽ صوبن کي مڪمل قومي ۽ صوبائي خودمختياري ڏني ويڄي، جو اُن صورت ۾ پاڪستان هلي ۽ ترقي ڪري سگهندو. ٻي صورت ۾ ملڪ اندر قومي تضاد ۽ ٽڪراءِ واري صورتحال ملڪ جي وجود لاءِ هڪ وڏو خطرو بڻيل رهندي. اصل ۾ اُنهي جناح واري پاڪستان جي خاڪي کي بعد ۾ پاڪستان ٺهڻ بعد پاڪستان ۽ اُن جي رياست تي قابض ٿي ويل پنجابي_مهاجر حڪمران ٽولي تبديل ڪري، هن ملڪ ۾ مورڳو صوبائي خودمختياري ۽ قومن جي حق خود اختياري کي ڪلعدم ڪري ڇڏيو جيڪا نہ صرف پاڪستان ۾ شامل قومن خاص طور ننڍين مظلوم قومن سان هڪ وڏي رياستي سطح جي ٺڳي، ٻي ايماني ۽ تاريخي ويساهہ گهاتي هئي. (۽ آهي) پر، سندن قومي وجود ۽ تشخص کي ميسارڻ جي ٻہ هڪ ناجائز ۽ ظالماڻي ڪوشش هئي. ڏٺو ويڄي تہ، پاڪستان جي ننڍين مظلوم قومن جي سموري وطن دوست قومي جدوجهد ، دراصل، پنهنجي قومي وجود ۽ تشخص کي بچائي، ملڪ ۾ (جناح واري)سياسي برابريءَ (Political

Parity)جي بنياد تي گڏجي هلڻ ۾ رهڻ لاءِ ئي آهي، جنهن لاءِ اُهي ور ور ڏئي اُهو چون پيون، تہ جئين تہ 1940ع واري ٺهراءَ جي اصل روح ۾ اُن جي وفاقي اصول تي عمل ناهي ڪيو ويو ۾ اُن جي ابتڙ ملڪ ڪي غيروفاقي ۾ غيرجمهوري انداز ۾ هلائي، نہ صرف قومي ڦرلٽ جا بنياد وجهي، ملڪ ۾ شامل قومن جي سياسي، قومي، معاشي ۾ ثقافتي حقن ۾ مفادن کي خطري ۾ وڌو ويو آهي، پر بنيادي طور تي خود ملڪ ۾ اُن جي رياست کي بہ عدم استحڪام جي ورڇاڻهيو ويو آهي. ان ڪري جيڪڏهن هاڻ پاڪستان کي بچائڻو آهي تہ پوءِ ملڪ ۾ شامل قومن ۾ جي وچ ۾ 1940ع واري لاهور ٺهراءَ جي بنياد تي هڪ نئون معاهدو ڪيو وڃي.

باب نائون

گول ميز ڪانفرنس جو احوال!

(1929_1933ع)

1929ع واري سال جي وچ واري عرصي دوران برطانيا ۾ ڪجھ تبديليون آيون. اُنھي سال برطانيا ۾ چونڊون ٿيون، جنھن ۾ ليبر پارٽي پاري اڪثريت سان ڪاميابي حاصل ڪئي،[1] جنھن جي نتيجي ۾ رمزي ميڪڈونالڊ کي وزيراعظم بڻايو ويو. دراصل، وزيراعظم ميڪ ڊونالڊ کي شروع کان وٺي هندستان جي مسئلي ۾ دلچسپي هئي، ۽ اھو ئي سبب ھو جو ھُو جڏھن برطانيا جو وزيراعظم ٿيو تہ "هندستان جي قومپرست ڏرين ۾ سرهائي پکيڙجي وئي، ڇاڪاڻ تہ ھڪ سال اڳ ئي، هن اها اميد ظاهر ڪئي هئي، تہ هندستان جلد تي خودمختياري حاصل ڪري دولت مشترڪا جو ميمبر بڻجي ويندو."[2]

ھوڏانھن "جئين ئي جناح کي ليبرل پارٽي جي ڪٽڻ جي خبر پئي تہ هن ترت ئي وائسراءِ لارڊ ارون سان ملاقات ڪرڻ جو ارادو ڪري ورتو. وائسراءِ ڪجھ هفتن لاءِ پنھنجي نئين حڪمران لڏي سان ملاقات ڪرڻ لاءِ لنڊن وڃڻ وارو ھو. جناح وائسراءِ سان ملاقات ڪري، ڪيس ھوم گورنمينٽ طرفان ھڪ زوردار اعلان ڪرائڻ تي راضي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي تہ هندستان لاءِ برطانوي پاليسي هندستان کي ڊومينن اسٽيٽس جي درجي ڏيڻ واري آهي، ۽ اھڙو آئين پيش ڪرڻ لاءِ لنڊن ۾ ھڪ گول ميز ڪانفرنس ڪوٺائڻ جي تجويز ڏني."[3]

جناح، جيڪو سياسي ۽ ذاتي زندگي جي اڪيچار صدمن سببان دلشڪستو ۽ ويڳاڻو ٿي چڪو ھو اُھو ھاڻ وري وڏي حد تائين اميد پسندي

جو مظهر بڻجي، هندستان جي سياست ۾ متحرڪ ٿي ويو هو.

چون ٿا ته، جئين ئي رمزي ميڪ ڊونالڊ وزيراعظم ٿيو ته جناح "پنهنجي پراڻي دوست ۽ نئين وزيراعظم" ڏانهن هندستان جي سياسي صورتحال ۽ ان ۾ آيل ڊيڊ لاڪ کي توڙڻ خاطر هڪ خط 19 جون 1929ع تي لکي موڪليو.[4] خط ۾ هن سائيمن ڪميشن تي سخت تنقيد ڪئي. لکيائين ته، هاڻ، هندستان کي برطانيا جي وعدن تي ڪو اعتبار ناهي رهيو. خط ۾ تجويز ڏيندي چيائين ته "برطانوي حڪومت، هندستاني نمائندن ۽ بااثر سياسي اڳواڻن جي هڪ گڏيل ڪانفرنس گهرائي، جتي سيئي گڏجي ڪو اهڙو حل ڪڍن، جنهن کي هندستان جا ماڻهو خوشي سان قبول ڪري سگهن. جناح جو خيال هو ته انهي طريقي سان ڪاميابي ملڻ ممڪن هئي. هن لکيو ته، جيڪڏهن انهي مقصد لاءِ هندستاني اڳواڻن کي دعوت ڏني ويندي، ۽ وزيراعظم پاڻ انهن کي پاڻ وٽ گهرائيندو ته پوءِ انڪار جي ڪا گنجائش باقي نه رهندي."[5]

جناح جي اُنهي خط جو جواب وزيراعظم رمزي ميڪ ڊونالڊ 14 آگسٽ 1929ع تي انتهائي مثبت انداز ۾ ڏنو.[6] خط ۾ برطانوي وزيراعظم طرفان مختصر طور لکيو ويو:

"I appreciate the spirit in which it was written and how glad I would be to meet it in any way possible."[7]

"مان اوهان جي جذبي جو قدر ڪريان ٿو. اوهان جي تجويز جي عمل ڪرڻ واري خواهش سان گڏ گهربل غور ويچار ضرور ڪيو ويندو."

اهڙي، جواب اچڻ کانپوءِ جناح تمام گهڻو خوش ٿيو[8] ۽ 7سيپٽمبر تي نهايت پُرامید انداز ۾ وزيراعظم ڏانهن جوابي خط لکي موڪليائين، جنهن ۾ لکيائين:

"I am glad to find that your are in accord, it will open up a bright future for India and the name of Great Britain will go down in history as one nation that was true to its declaration."[9]

"مان خوش آهيان،جو اوهان منهنجي تجويز سان اتفاق رکو ٿا. جيڪڏهن انهي تجويز تي عمل ڪيو ويو ته پوءِ هندستان لاءِ نه صرف روشن راهون کلي ويندئون، پر برطانوي قوم کي به تاريخ ۾ هڪ اهڙي قوم طور ياد رکيو ويندو. جيڪا پنهنجي قول ۽ عمل ۾ سچي هئي."

وولپرٽ موجب، ٻي مهيني (يعني نومبر) وائسرا لارڊ ارون ۽ جناح ڏانهن "وائسراءِ ڪيمپ" کان اعلان ڪندي، خط ۾ لکيو:

"His Majesty Government are greatly concerned to find means by which the broad question of British India constitutional advance may be approached in co_operation with all who can speak authoritatively for British Indian opinion....and I am authorized to say that in the judgment of His Majesty's Government it is implicit in the Declaration of 1917 that the natural issue of India's constitutional progress as there contermplated is the attainment of Dominion status. In the full realization of this policy the states must ultimately have their place.... And His Majesty's Government accordingly propose ....to invite representatives of different interests in Biritish India and of the India states to meet them, separately or together as circumistances may demand, in regard both to British India and all_India problems. They hope thus to be able to submit eventually to Parliament proposals commanding a wide measure of general assent."[10]

"هزميجسٽي جي حڪومت اهڙن ذريعن کي ڳولهڻ ۾ دلچسپي رکي ٿي، جن جي مدد سان برطانوي هندستان جي آئين جوڙڻ واري بنهه اهم ۽ وڏي مسئلي جي حل واسطي گهربل مدد ملي سگهي..... ۽ مان اهو چوڻ جو اختيار رکان ٿو ته هزميجسٽي جي حڪومت جي نظر ۾ 1917ع واري اعلان ۾ اها ڳالهه واضع آهي ته هندستان جي آئيني ترقي جو قدرتي ذريعو جئين طئي ڪيو ويو آهي، ڊومينن اسٽيٽس کي حاصل ڪرڻ آهي. اُن پاليسي تي چڱي طرح سان عمل درآمد ڪرائڻ لاءِ رياستن کي بلڪل پنهنجي پوري پوري حيثيت ملڻ گهرجي.....انهي مقصد لاءِ هزميجسٽي تجويز ڪري ٿي ته برطانوي هندستان ۽ هندستاني رياستن جي مختلف مفادن جي ترجماني ڪندڙ نمائندن کي دعوت ڏئي، انهن سان ڌار ڌار يا گڏجي برطانوي هندستان ۽ ڪُل هندستان جي مسئلي جي حل لاءِ ملاقات ڪئي وڃي. اهڙي طرح سان اُها اميد ڪري ٿي ته ائين ڪرڻ سان نيٽ اُها پارليامينٽ ۾ اهڙيون تجويزون پيش ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندي، جنهن ۾ وڏي حد تائين سڄي عوام جي رضامندي شامل هوندي."

وائسراءِ طرفان، جناح کي مليل اهڙي موٽ تي، اسٽينلي وولپرٽ تبصرو ڪندي لکي ٿو:

"The first steps that would lead to three major Round table conferences in London were thus taken, and Jinnah was not noly

the prime minister's personal friend and adviser in initiating that complex process, but had now become the viveroy's key emissary as well."[11]

"ائين اهو پهريون قدم کنيو ويو جيڪو دراصل پهرين گول ميزڪانفرنس جو بنياد بڻيو. جناح انهي ڏکي ۽ پيچيده عمل جي شروعات ڪرڻ ۾ نه صرف وزيراعظم جي ذاتي دوست ۽ صلاحڪار بڻيل هو پر هاڻ هو وائسراءِ جو به هڪ انتهائي اهم سفير بڻجي چڪو هو."

وائسراءِ لارڊ ارون، جناح کي خط لکڻ سان گڏ، ان کي بيان جي صورت ۾ اخبارن ۾ پڻ جاري ڪري ڇڏيو.[12] جيڪو وولپرٽ موجب، پهرين نومبر 1929ع جي مڙني هندستاني اخبارن ۾ شايع ٿيو.[13] چون ٿا ته، جناح وائسراءِ جي انهي بيان ۽ خط ۾ ڪيل ڳالهين مان تمام گهڻو خوش هو.[14] اهو ئي سبب هو جو جناح وائسراءِ جي انهي بيان جي مثبت موٽ ڏيندي، انهي بيان جي تائيد واسطي ارڙهن هندسستاني ليبرل اڳواڻن جي صحيحن سان هڪ "عوامي بيان" جاري پڻ ڪرايو.[15] جنهن ۾ وائسراءِ جي اُن سوچ ۽ خيالن سان اتفاق ڪيو ويو ته هندستان جي آئيني مسئلي جي حل واسطي جلد از جلد هندستان جي نمائنده ڏرين کي گول ميزڪانفرنس لاءِ برطانيا گهرايو وڃي.[16]

وائسراءِ لارڊ ارونِ جي حمايت ۾ تائيدي بيان جاري ڪرڻ کان ترت ئي پوءِ جناح، 23 ڊسمبر 1929ع تي، "گانڌيءَ، موتي لال نهرو، سپرو ۽ پٽيل سان گڏجي وائسراءِ سان نئين دهليءَ ۾ سندس گهر ۾ ملاقات ڪئي."[17] اُنهي ملاقات جو مقصد هندستان جي آئيني مسئلي جي حل ۾ اڳيرائي طور ٽيندڙ گول ميز ڪانفرنس ۾ ڏرين کي راضي ڪرڻ هو. ملاقات ۾ سپ کان پهرين گانڌيءَ اُهو شرط رکيو ته جيستائين انگريز سرڪار هندستان کي ڊومينن اسٽيٽس جي درجي ڏيڻ جي اڳوات خاطري نه ٿي ڪرائي، تيستائين ڪانگريس طرفان ڪانفرنس ۾ شرڪت نه ڪئي ويندي.[18]

"گانڌيءَ، وائسراءِ سان ٿيل انهي ملاقات ۾هندستان واسطي مڪمل آزادي جو مطالبو به ڪيو ۽ چيائين ته، هندستان پنهنجي دفاع جي مسئلي کي پاڻ منهن ڏيڻ جي قابل آهي. موتي لال ان سان، اتفاق ڪندي چيو ته برطانوي ماڻهن هندستان جي ڊومينن اسٽيٽس واري رستي ۾ پيش ايندڙ ڏکيائين کي وڏائي چڙهائي پيش ڪيو آهي. هاڻ، هندستان کي فوري طور تي مڪمل ڊومينن اسٽيٽس واري درجي ڏيڻ ۾ ڪا به ڏکيائي ڪونهي."[19]

"لارڊ ارون جي خيال ۾ اُها ڳالهه غيرمنطقي هئي. ان موقعي تي هن وڏيڪ حمايت لاءِ جناح ۽ سپرو ڏانهن ڏٺو. جيتوڻيڪ انهن ٻنهي منطقي طور تي مسٽر گانڌي ۽ پنڊت موتي لال نهرو کي وڏي حد تائين سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي، ۽ دليل ڏنائون ته جيڪي ماٺهو ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪندا، انهن کي ڊومينن اسٽيٽس جي تجويز ڏيڻ جي مڪمل آزادي مليل هوندي.فرض ڪريو ته مخالف پاسي ڪنهن ماٺهو ڏٺيائي جي نشاندهي ڪري ڇڏي ته پوءِ گهٽ مان گهٽ تڪراري ڳالهيون محدود ٿي ويندين، ۽ ائين ڪانفرنس جي اصل مقصد ڊومينن اسٽيٽس واري معاملي تي بحث مباحثو ٿي سگهندو. پر انهن دليلن ۽ مٿاڪٿ جي باوجود، مسٽر گانڌي، موتي لال نهرو ڪانفرنس ۾ شرڪت کان انڪار ڪري ڇڏيو."[20]

وائسراءِ سان ٿيل اُنهي ملاقات ۾ گانڌي ۽ موتي لال نهروءَ جي ضد ۽ ان جي جناح تي پوندڙ اثرن جو تجزيو ڪندي وولپرٽ لکي ٿو:

"جناح جي مزاج ۾ اُها تلخي ۽ سختي، جيڪا بعد ۾ هن سان ملڻ وارن ماٺهن محسوس ڪئي،رتي جي موت واري صدمي کان وڏيڪ ان ختم ٿيندڙ ڪانفرنس جي نتيجي طور پيدا ٿي. هڪ پيرو ٻيهر هن پنهنجي اميدن کي پروان چڙهندو ڏٺو هو. چاڪاڻ ته، بهرحال، هن جيڪو انتظام ڪيو هو اُهو ڪو نظرانداز ڪري ڇڏڻ وارو معاملو نه هو. هن رمزي ميڪ ڊونالڊ ۽ لارڊ ارون کان ڪا معمولي قسم واري خاطري حاصل نه ڪئي هئي، جنهن سان پنجن سالن اندر هندستان هڪ خودمختياري ڊومينن اسٽيٽس واري حيثيت سان ڪينڊا ۽ آسٽريليا جي برابر اچي وڃي ها ۽ دنيا جي ترقي ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪندو هجي ها. جئين جناح وزيراعظم کي ٻڌايو هو ۽ جنهن کي هن ان جي اعلان جي جواب ۾ هڪ وڏي ڪاميابي جي به خاطري ڪرائي ڇڏي هئي، ۽ حقيقت ۾ هو انهن سيني کي هڪ ڪمري ۾ گڏ ڪرڻ ۾ ڪامياب به ويو هو. توڙي جو رڳو ان جي لاءِ ڳالهه ٻولهه واري عمل ۾ ٻه مهينا لڳي ويا هئا، ۽ پوءِ وري انهن سيني ڪوششن کي گانڌي ۽ موتي لال جي طرفان پيدا ڪيل پٽر جي پٽ اڇيان وکرجندي ڏسڻ جناح جي ڪاوڙ لاءِ ڪافي نه هو.پريشان،ڪاوڙيل، ناراض ۽ اڪيلو جناح_هن بلڪل صحيح سمجهيو هو ته موتي لال جو ڇا مطلب هو. جڏهن ان ڇيو هو ته هن کي ڊومينن اسٽيٽس واري درجي ملڻ ۾ ڪا به ڏڪيائي ڏسڻ ۾ نه ٿي اچي.جيتوڻيڪ گانڌي ته صاف طريقي سان اُن ڳالهه تي زور ٿي ڏنو ته اسان ۾ اتحاد جي ڪوٽ آهي، پر موتي لال ته اُهو به قبول ڪرڻ لاءِ تيار نه هو ته ڪو مسلم مسئلو موجود آهي. بلڪل ائين جئين اٽن سالن بعد ۾ هن جي پُٽ(جواهرلال نهرو)

به مسلم مسئلي جي وجود کان بدستور انکار ڪري چڏيو هو."[21]

بهرحال، اُنهي عرصي دوران سائيمن ڪميشن به باضابط طور تي پنهنجي رپورٽ پڌري ڪري چڏي،[22] جنهن کي ڪانگريس رد ڪري چڏيو. هاڻ، ڪانگريس هڪ ٽه سائيمن ڪيمشن ۽ ٻيو وري گول ميز ڪانفرنس ۾ انگريز سرڪار پاران ڊومينن اسٽيٽس واري مطالبي کي اڳواٽ نه منجهڻ سببان، احتجاج ڪرڻ واري مود ۾ چڪي هئي، ۽ اُهو ئي سبب هو جو ڪانگريس ترت ئي 31 ڊسمبر 1929ع تي لاهور ۾ پنهنجو هڪ وڏو اجلاس گهرائي ورتو[23] جنهن ۾ هندستان لاءِ ڊومينن اسٽيٽس بدران سڌو سنئون مڪمل آزادي جو مطالبو ڪيو ويو.[24] 26جنوري 1930ع تي ڪانگريس جي مرڪزي ڪميٽي هڪ قرارداد تيار ڪرائي ورتي، جيڪا وڏي تعداد ۾ عام ماڻهن ۾ ورهائي، ماڻهن کي انگريز سرڪار خلاف سخت احتجاج لاءِ تيار ڪيو ويو. انهي قرارداد ۾ چيائون ٽه هاڻ، هندستان لاءِ اُهو ضروري ٻڌجي ويو آهي، ٽه اُهو برطانيا کان پنهنجي جان چڏائڻ ۽ مڪمل آزادي حاصل ڪرڻ لاءِ اڳتي وڌي.[25]

"جناح پنهنجي خوبصورت ۽ اُوچي مالابار واري گهر کان انهي نئين انقلابي لهر کي ڏنو ٿي، جيڪا سرڪاري بي حسي ۽ ظلم سان ائين ٽڪرائجي رهي هئي، جئين سمنڊ جون بي رحم موجون پنهنجي طاقت سان هرطرف کان ڪنارن سان ٽڪرائينديون آهن. هاڻ، جناح ٽڪي پيو هو ۽ بيزار ٿي پيو هو. انهن مڙني لاحاصل ڪوششن کان. ڇا هاڻ، هن لاءِ هندستان کي مڪمل طور تي چڏڻ جو وقت اچي ويو هو؟ ڇاڪاڻ ٽه هاڻ هن لاءِ هندستان ۾ رهڻ لاءِ ڪجهه بچيو ئي نه هو. هو ايتري ئي آساني سان، جيڪڏهن ڪيس پسند هجي ها ٽه هو پاڻ کي پريوي ڪائونسل جي اپيلن تائين محدود رکندي، لنڊن ۾ وڪالت ڪري ٿي سگهيو. اهڙا مقدما هن جي پهچ ۾ به هئا، ۽ ايترا ئي منافعي بخش ۽ بلڪل ئي گهٽ ٽڪائيندر ثابت پڻ ٿيو پون ها."[26]

وولپرٽ ٻڌائي ٿو:

"Jinnah blamed Gandhi "for this sudden outburst of political hysteria," as he publicly characterized the new Congress program. Sapru agreed, wrting Jinnah on January 5, 1930, "I have today read your interview in the Press. I entirely agree with you. The

Congress has gone mad, but the worst of it is that in its madness it is going to involve the country in disaster."" Sir Tej was ready to start afresh, enthusiastically adding: "We must act and act together and with a determination that we will solve our diiferencesl have no doubt that on this occasion you can be of the greatest possible use to the country." He wanted to organize another all-parties conference and assured Iinnah, "I personally think that we should not fnd it difficult to bring about a settlement of the Hindu Mohamedan question. But without flattering you I do say that it is impossible to get a settlement effected with- out your cooperation and guidance." Jinnah agreed to give it a try, as did Shafi and Mahmudabad. Hindu Mahasabha leaders were also willing to join such a conference, after much persuading and cajoling by Sapru. jinnal selected most of the Muslim representatives to the conference in Delhi that met on February 26, 1930. More than fifty delegates were invited, including leading Liberals, Mahasabhites, Christians, Anglo-Indians, and Madras lut- tice party "Untouchables" as well as Muslim leaguers. Early in Februali Iinnah met with Madan Mohan Malaviya, the Hindu Mahasabha's leaderii the assembly, to discuss communal problems and felt "the atmosphere hit improved" for possible settlement. Yet nothing had really changed sintt February 1928, except that Congress was not in attendance at the latei futile "all-parties" conference. Jinnah had not expected much of Sapru's conference; rather he focusel his own attention on the London arena and pressed Irwin to announce as opening date of the Round Table conference, urging the viceroy to send it oficial invitations."[27]

"جناح سياسي هستريا جي اُن اوچتو پوندڙ دوري، جنهن کي عام طور تي عوام ۾ ائين ئي چيو ٿي ويو جو ڏميوار خود گانڌي کي قرار ڏنو. سپرو جنوري 1930ع ۾ خط لکي جناح سان اتفاق کيو.مون اڄ اخبارن ۾ اوهان جو انٽرويو پڙهيو. مان مڪمل طور تي اوهان سان متفق آهيان.ڪانگريس بلڪل پاڳلپڻي ۽ چريائپ جو مظاهرو ڪري رهي آهي، ۽ بدترين حقيقت اُها آهي ته ڪانگريس پنهنجي انهي پاڳلپڻي ۾ ملڪ کي تباهي ۽ بربادي جي حوالي ڪريو ڇڏيندي.سرتيج نئين سري سان ڪم ڪرڻ لاءِ تيار هو. هن پرجوش انداز ۾ وڌيڪ چيو ته اسان کي ڪجهه نه ڪجهه ڪرڻ گهرجي، ۽ اهو گڏجي ئي ڪرڻ گهرجي، ۽ اهو يقين هجي ته اسان پنهنجن اختلافن کي حل ڪري وٺنداسون. مون کي اُن ڳالهه ۾ ڪو به شڪ ناهي ته ان موقعي

تي اوهان ملڪ لاءِ وڏي خدمت ڪري سگهون ٿا.هن دراصل هڪ ٻي آل پارٽيز ڪانفرنس گهرائڻ ٿي چاهي.هن جناح کي اُها خاطري ڪرائي ته مان ذاتي طور تي سمجهان ٿو ته اسان کي هندستان جي مسئلي جي حل تائين پهچڻ ۾ ڪا به ڏکيائي نه هجڻ گهرجي، پر مان ڪنهن به وڏاءَ ڪانسواءِ ائين چوندس ته اوهان جي مدد ۽ رهنمائي ڪانسواءِ ڪنهن به حل تي پهچڻ ممڪن نه ٿيندو.جناح شفيع ۽ محمود آباد وانگر هن کي به هڪ موقعو ڏيڻ تي راضي ٿي ويو. هندو مهاسبا جا اڳواڻ به سپري جي ڏنل ترغيبن ۽ خوشامد کانپوءِ ان طرح جي ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪرڻ تي راضي ٿي ويا. 26فيبروري 1930ع تي دهليءَ ۾ ٿيندڙ اُنهي ڪانفرنس ۾ شرڪت لاءِ گهٽن ئي مسلم اڳواڻن جي جناح ئي چونڊ ڪئي. مشهور لبرل، مهاسبائي، عيسائين، اينگلو انڊين، مدراس جسٽس جماعت جي اڇوتن سان گڏ مسلم ليگين تي مشتمل پنجاهه کان وڌيڪ اڳواڻن کي دعوت ڏني وئي.فيبروري جي پڇاڙي ۾ جناح اسيمبليءَ ۾ هندومهاسبا جي اڳواڻ مدن موهن مالويا سان فرقيواراڻي مسئلي تي ڳالهه ٻولهه ڪرڻ لاءِ ملاقات ڪئي، ۽ محسوس ڪيائين، ته هندستان جي مسئلي جي حل واسطي ماحول بهتر ٿي ويو آهي، پر حقيقت ۾ فيبروري 1928ع ڪانپوءِ ڪجهه به تبديل نه ٿيو هو. سواءِ ان جي، جو ڪانگريس اُنهي هاٿوڪي بي حال آل پارٽيز ڪانفرنس ۾ شامل نه ٿي هئي. هوڏانهن، جناح کي پڻ سپرو جي ڪانفرنس کان ڪا گهٽي ميد نه هئي.اهو ئي سبب هو جو هن پنهنجو ڏيان لنڊن ڏانهن ئي روان رکيو ۽ اروڻ تي زور ٿي رکيائين، ته هُو وزيراعظم کان سرڪاري دعوت نامن موڪلڻ جي درخواست ڪندي، گول ميز ڪانفرنس جي افتتاحي تاريخ جو اعلان ڪرائي."

دراصل، جناح جو اصل ۾ هندستان جي سياسي ۽ فرقيواراڻي مسئلي جي حل لاءِ سڄو زور ئي آئيني طريقي ڪار تي رکيل هو ۽ اهو ئي سبب هو جو هُو ڪنهن به احتجاجي طريقي اختيار ڪرڻ بدران صرف ڳالهه ٻولهه واري ٽيڪنڪ تي سيڙ_طرفي انداز سان پاڻي رهيو هو. ائين، گانڌي جڏهن سائيمن ڪميشن ۽ گول ميز ڪانفرنس خلاف ڏانڀي واري هنڌ ڪان احتجاجي تحريڪ هلائڻ جون تياريون ٿي ڪيون، ته تڏهن جناح جو وائسراءِ لارڊ اروڻ مٿان سڄو زور اُهو هو ته هو جئين تئين ڪري گول ميز ڪانفرنس جي تاريخ پڌري ڪري.[28]

نيٺ، وائسراءِ اروڻ جناح کي خط لکي اهو اطلاع ڏنو ته ڪانفرنس جو بندوبست هن ئي سال جي آڪٽوبر ۾ ڪيو ويندو.[29] هوڏانهن، ڪانگريس گانڌيءَ جي اڳواڻي ۾ انگريزن خلاف ڏانڀي واري هنڌ ڪان احتجاجي

تحريڪ شروع ڪري ڏني. هن تحريڪ جو مُک مقصد لوڻ تي انگريز سرڪار جي هڪ_هٽي کي ٽوڙي، عوام لاءِ پنهنجو لُوڻُ پاڻ ٺاهڻ هو. بهرحال، تحريڪ جي اعلان ٽيڻ شرط ئي سوين ماڻهن ڏانڊي واري هنڊ گڏ ٿي ويا، ۽ احتجاج طور لوڻ ٺاهڻ شروع ڪري ڏنائون.[30] 12مارچ کان شروع ٿيندڙ اُها تحريڪ 5 مئي تي گانڌي جي گرفتاري تي وڃي ختم ٿي.[31] گانڌي کي گرفتار ڪري پونا واري جيل ۾ آندو ويو جتي وولپرٽ چواڻي، "ترت ئي گانڌي پاسو بدلائيندي، وائسراءِ ارون کي "پيارا دوست" چئي ساڻس خط ڪتابت جي شروعات ڪئي.[32] گانڌي وائسراءِ کي هڪ خط لکندي، پنهنجا يارنهن نقطا پيش ڪيا، جيڪي دراصل، گانڌيءَ جا سول نافرمانيءَ واري تحريڪ کي ختم ڪرڻ لاءِ لازمي شرط هئا."[33]

اُنهن شرطن ۾ چيو ويو ته فوجي خرچن ۾ گهٽتائي آندي وڃي، پرڏيهي ڪپڙي جي درآمدي تي تحفظاتي ٽيرف لاڳو ڪيو وڃي، سمورن سياسي قيدين کي آزاد ڪيو وڃي، وڏن آفيسرن جي پگهارن ۾ گهٽتائي آندي وڃي ۽ لوڻ تي ٽيڪس وڌڻ کي رد ڪيو وڃي.[34] خط ۾ لکيو ويو ته جيڪڏهن اُهي شرط قبول ڪيا ويندا، ته پوءِ ڪانگريس احتجاجي تحريڪ ختم ڪندي. بي صورت ۾ انگريز سرڪار سان ڪو سهڪار نه ڪيو ويندو نه ڪو سائيمن ڪميشن کي قبول ڪيو ويندو ۽ نه ڪو وري گول ميزڪانفرنس ۾ شرڪت ڪئي ويندي. البت، وائسراءِ ارون، گانڌيءَ جي انهي خط ڪتابت کي سنجيدگي سان نه ورتو ۽ ڪيس حڪومت طرفان ڪو به سنجيده جواب نه ٿي ڏياريو.[36] ائين ئي، وائسراءِ ارون مئي 1930ع ۾ گول ميز ڪانفرنس جي اعلان ڪري ڇڏيو ۽ ان ۾ شرڪت ڪندڙ هندستاني اڳواڻن جي نالن جي فهرست به جاري ڪري ڇڏيائين، جنهن ۾ مسلمان طرفان محمد علي جناح، آغا خان محمد شفيع، لياقت علي خان، بيگم شاهه نواز، محمد ظفرالله خان، ۽ وري هندو مهاسبا طرفان سر تيج بهادر سپرو، چمن لال، راما سوامي مدليار سميت اٺاونجاهه اڳواڻ شامل هئا.[35] ياد رهي ته، ڪانگريس گول ميز ڪانفرنس جو جئين ته اڳواڻ ئي بائيڪاٽ ڪري ڇڏيو هو ان ڪري ان کي سرڪار طرفان مدعو نه ڪيو ويو.[37]

ائين، لنڊن ۾ پهرين گول ميزڪانفرنس باضابط طور تي12 نومبر 1930ع تي برطانوي وزيراعظم جي صدارت هيٺ شروع ٿي.[38] ڪانفرنس ۾ شروعاتي ڳالهه ٻولهه ڪانپوءِ مسلم وفد پاران، جناح جي ڇوڪهن نقطن کي

قبول ڪرڻ تي زور ڏنو ويو.[39] جڏهن ته هندو مهاسبائي اڳواڻن، انهن کي ڪنهن به طرح سان قبول ڪرڻ نه ٿي چاهيو ۽ اُنهن جي شديد مخالفت ڪيائون. جيتوڻيڪ سپرو ۽ چمن لال وارن جناح جي انهن چوڏهن مطالبن مان اڌ مطالبن کي قبول ڪرڻ تي راضپو ڏيکاريو[40] پر ان تي به، جيڪار ۽ مونجي داس جهڙن ڪٽر هندو مهاسبائي اڳواڻن جي چتي مخالفت، اُنهي سڄي مسئلي کي شديد اختلافن جي ورڇاڻهي ڇڏيو.[41]

بهرحال، ڪانفرنس جا اجلاس 19 جنوري 1930ع تائين هلندا رهيا. هڪ اجلاس ۾ مختلف مسئلن جي نبيري واسطي مختلف ڪميٽيون جوڙيون ويون.[42] جناح کي فيڈريشن وار ي ڪميٽيءَ جو ميمبر بڻايو ويو.[43] "جنهن ۾ جناح ۽ شفيع اڳواڻ ئي اها ڳالهه واضع ڪري ڇڏي هئي ته هندستان ۾ ڪو به آئين تيستائين صحيح معنيٰ ۾ ڪم نه ٿو ڪري سگهي، جيستائين اُن ۾ مسلمانن توڙي ٻين اقليتن جي حقن ۽ مفادن جي تحفظ جو احساس نه ٿو ڏيارايو ويو. هيلي لنڊن ۾ هندو_مسلم مسئلي جي حل لاءِ ڪيل ڪوششن جي ناڪامي بعد 4، 5 ۽ 9 تاريخ تي ارون کي اطلاع ڏنو. 13 تاريخ تي هيلي لکيو ته ڪانفرنس جو آخري اجلاس وزيراعظم جي گهر ۾ ٿيو جنهن لاءِ هندو ۽ مسلم اڳواڻن کي موٽر ڪارين ۾ ڪٽي آندو ويو. منهنجي انهن ڪجهه اڳواڻن سان گذريل رات ڏگهيون ڪچهريون ٿيون. جيستائين مستقبل جي حالتن کي ڏسڻ جي ڳالهه آهي ته امڪان ان ڳالهه جو آهي ته مسلمانن ڏار چوندن واري مطالبي تان هٽ ڪٽي سگهن ٿا، پر تڏهن به، اُهي پنجاب ۽ بنگال ۽ ٻين مسلم صوبن ۾ پنهنجو حصو پنهنجي حيثيت مطابق ئي حاصل ڪري وٺندا. هيلي جون اهڙيون اڳ _ڪٿيون وقت کان اڳ ئي ثابت ٿيون. مسلمانن هندستان کان ايندڙ نئين دباءَ جي اثر هيٺ عمل ڪندي، ڏار چوندن جي پنهنجي مطالبي تان هٽ ڪٽڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو ۽ اُنهن نه رڳو اُهو مطالبو ڪيو پرانهن سمورن شرطن کي مڃڻ جي به گهر ڪيائون، جيڪي جناح جي چوڏهن نقطن ۾ شامل هئا. هندو مونجي داس جي اڳواڻي ۾ اُنهن چوڏهن نقطن کي مڃڻ کان ڪُري ويا هئا. هاڻ حقيقت ۾ ڊيڊ لاڪ ئي هو. رمزي ميڪ ڊونالڊ اُنهي اجلاس جي ناڪامي کان ايترو ته مايوس ٿي چڪو هو، جو هن هندستان لاءِ هڪ نئين سخت پاليسي استعمال ڪرڻ لاءِ پنهنجي مدد واسطي لارڊ ولنگڊن جيڪو ان وقت ڪئنڊا جو گورنر جنرل هو سان رابطي ڪرڻ جو فيصلو ڪري

ورتو."[44] اصل ۾، وزيراعظم رمزي ميڪ ڊونالڊ جو خيال هو ته جيڪڏهن هندستان جي مسئلي ۾ گول ميز ڪانفرنس واريون ڪوششون بہ ناڪام ٿين ٿيون، ته پوءِ هندستاني ليڊرشپ کي منهن ڏيڻ لاءِ هندستان ۾ هڪ سخت گير ماڻهو کي وائسراءِ طور موڪليو وڃي، جيڪو نہ رڳو هندستان جي مسئلي جي حل ۾ برطانيا جي گهربل مدد ڪري، پر بنيادي طور تي هندستاني ليڊرشپ کي بہ ضابطي ۾ رکي سگهي. اهو ئي سبب هو جو وزيراعظم رمزي ميڪ ڊونالڊ کي بمبئيءَ جي اڳوڻي گورنرجنرل ۽ وات ڪاٽوڙي انگريز عملدار لارڊ ولنگڊن کي هندستان جي نئين وائسراءِ طور 1931ع ۾ موڪلڻو پيو. جنهن ترت ئي هندستان پهچي 18 اپريل 1931ع تي نئين وائسراءِ طور حلف_نامو بہ کڻي ورتو.[45] ياد رهي ته، وائسراءِ لارڊ ولنگڊن 1936ع تائين هندستان تي وائسرا طور راج ڪيو.[46]

بهرحال، مان پنهنجي اصل ڳالهہ تي اچان ته "14جنوري 1931ع تي آغا خان، جناح ۽ شفيع وارن، وزيراعظم رمزي ميڪ ڊونالڊ سان ملاقات ڪئي. ملاقات ۾ وزيراعظم جي اڳيان اُها ڳالهہ رکي وئي، ته جيستائين برطانوي حڪومت جو پاليسي بيان اقليتن جي حقن لاءِ ڪنهن تسلي بخش ضمانت جي اعلان سان گڏ نہ ٿو ٿئي، تيستائين مسلم اڳواڻ ڪانفرنس جي فيصلن کي نہ مڃڻ جو حق پاڻ وٽ محفوظ رکندا. ڪانجي دوراڪاداس ٻڌائي ٿو ته وزيراعظم رمزي ميڪ ڊونالڊ ڪانفرنس دوران جناح جو تمام گهڻو ڏيان ۽ سهڪار حاصل ڪرڻ جي پڻ ڪوشش ڪئي ۽ انهن ملاقاتن دوران رمزي ميڪ ڊونالڊ، جناح کي اهو بہ چئي ڏنو هو ته هندستان ۾ اچڻ وارين امڪاني تبديلين کي ڏسندي، برطانوي حڪومت کي صوبائي گورنرن جي مقرري جي حوالي سان هندستان جي ڏهين ۽ معتبر اڳواڻن جي ضرورت پوندي. ان تجويز جي واضع مطلب اهو هو ته جناح لاءِ اهو شاندار موقعو آهي، جيڪڏهن هو سٽو ٻاڙ ٿي ڏيکاري. جناح انهي وقت ئي رمزي ميڪ ڊونالڊ تي اُهو واضع ڪري ڇڏيو ته هو ڪنهن بہ طرح جهڪڻ ۽ وڪرو ٿيڻ وارن ماڻهن مان ناهي، ۽ سختي سان هن جي آڇ کي رد ڪري ڇڏيائين، جيڪا هن جي خيال ۾ هن کي رشوت ڏيڻ کان وڌيڪ ٻيو ڪجهہ بہ نہ هئي."[47]

بهرحال، ڪافي مٿاڪٽ باوجود، ڪانفرنس ۾ هندستان جي مسئلي خاص طور هندو_مسلم مسئلي لاءِ ڪو بہ حل نڪري نہ سگهيو. جنهن

سببان مجبورن وزيراعظم رمزي ميڪ ڊونالڊ کي 19 جنوري 1931ع تي ڪانفرنس جي ناڪامي جو اعلان ڪرڻو پيو ۽ ائين پهرين گول ميز ڪانفرنس ناڪام ثابت ٿي. هاڻ، جنح بنهه مايوس ٿي چڪو هو. هندو_مسلم مسئلي جي حل وارين ڪوششن تان جو ويساهه ۽ ارواح کڄي ويو هيس، جنهن ڪري هاڻ هندستان ڏانهن موٽي اچي، اتي رهڻ ۾ ڪا ڪشش ۽ ضرروت محسوس نه ٿي ڪيائين. "اُها اميد، جنهن ۾ مهينا اڳ لنڊن اچڻ ويل، هن جي جذبن کي پروان چاڙهيو هندو_مسلم مسئلو ڪڏهن به حل نه ٿيڻ واري امڪان سان ختم ٿي وئي. هن فاطمه ۽ پنهنجي ڏيءُ کي لنڊن ۾ رهڻ لاءِ گهرائي ورتو ۽ پاڻ ٽنهي لاءِ گهر ڳولهڻ شروع ڪري ڏنائين. هو هاڻ ليگ کي اقبال ۽ ان جي پنجابي دوستن جي حوالي ڪري ڇڏڻ لاءِ تيار هو. جناح جو باقي رهجي ويل واحد سياسي مقصد برطانوي پارليامينٽ ۾ داخل ٿيڻ هو. ڪنهن به پارٽي جي معرفت جيڪا هن لاءِ تيار هجي. شايد هن سوچيو هوندو ته هو هاڻ به اتان کان هندستان جي مسلمانن جي خدمت ڪري سگهي ٿو. جي، ان ۾ ڪاسيابي نه ملي ته پوءِ پريوي ڪائونسل ۾ وڪالت جي ڏنڊي جي ذريعي اڳتي وڌي سگهجي پيو. هن جيڪي به خبرون پڙهيون، جيڪي هندستان مان ڪيس مليون. انهن دراصل، ان شديد افراتفري واري منظر تان هن جي هٿي وڃڻ واري دانشمنداڻي فيصلي جي تصديق جو ئي ڪم ڪيو ٿي."[48]

بهرحال، ائين ئي جناح پنهنجي پيڙ ۽ ڏيءُ سميت لنڊن ۾ رهي پيو. اصل ۾ هُو هندن جي هٺ ڏرمي ۽ متعصب سوچ ۽ ڪنهن به مسئلي تي نه ٿهڻ واري ڪرت کان بيزار ۽ مايوس ٿي چڪو هو. اهو ئي سبب هو جو هاڻ گول ميز ڪانفرنس واري آخري اميد جي ناڪامي کانپوءِ جناح مورڪو هندستان موٽي ويڄي ڪجهه ڪرڻ کي ترجيح ئي نه ٿي ڏني ۽ لنڊن ۾ ئي گهر وٺي رهڻ ٿي چاهيو.

جيتوڻيڪ گول ميز ڪانفرنس جي ناڪامي کانپوءِ ٿوري وقت لاءِ پنهنجي ڪن ضروري ڪيسن جي پوئواري خاطر آگسٽ 1931ع ڌاري جناح کي هندستان اچڻو پيو[49] جنهن دوران هن هندستان جي ڪجهه علائقن جا سياسي دوران ڪري، "گول ميزڪانفرنس ۽ هندو اڳواڻن جي رويي تي مايوسي جو اظهار ڪيو."[50] پر، بهرحال، هو مايوسي وچان ترت ئي، سيپٽمبر 1931ع ۾ انگلينڊ ڪهي ويو[51] ۽ ڪچ سالن ته ئين اُتي ئي ترسيل رهيو.[52]

هيڪٽر بوليٿو اُن سڄي صورتحال جا تفصيل چڱي طرح سان بيان ڪيا آهن. هو لکي ٿو:

"سيپٽمبر 1931ع ۾ جناح لنڊن جي ويسٽ هيٿ هائوس ڏانهن منتقل ٿي ويو. اُتي هن جنهن زندگي جو طريقو اختيار ڪيو. اُهو هن جي طبعيت ۽ مزاج سان بنهه ٺهڪندڙ ئي هو. هُو هاڻ هندستان جي تلخين۽ تڪرارن کان گهڻو پري نڪري آيو هو ۽ لنڊن ۾ وڏي سڪون ۽ مزي واري زندگي گذري رهيو هو. هُو پابندي سان باقائده مقرر وقت تي نيرن ڪندو هو ۽ نئين نائين وڳي پنهنجي موٽر ڪار ۾ چڙهي آفيس ڏانهن هليو ويندو هو. جيڪا ڪنگز بينچ واڪ ۾ هئي. اُتي نئين سري سان پنهنجي وڪالت جي شروعات ڪيائين. بمبئيءَ ۾ پنهنجي وڪالت جي شروعات وارن ڏاهاڻن ۾ پنهنجي تيز ذهانت ۽ حاضر جوابي جي ڪري مشهور هو. هاڻي لنڊن ۾ هن جي ڳالهائڻ جو انداز ۽ طريقو اڳ جي پيٽ ۾ ٽڏو ۽ نرم هو. ڳچ سالن بعد پريوي ڪائونسل ۾ جناح جي وڪالت جو ذڪر ڪندي لارڊ جوٽ لکيو ته "جناح قانوني معاملن ۾ نهايت هوشيار هو ۽ پريوي ڪائونسل ۾ پنهنجي مختلف ڪيسن جي پيروي ۾ هو وڏي فهم ۽ بصيرت جو ثبوت ڏيندو هو. هن جي صلاحتين جي ڪري اسان سندس تمام گهڻو احترام ڪندا هئاسون."

جناح هاڻ لنڊن ۾ باوقار ۽ شاندار زندگي گذاري رهيو هو. ڪا به ڳڻتي ۽ فڪر نه هيس. سندس دولت ۽ ڏوکڻن ۾ تيزي سان واڌ اچي رهي هئي. جنهن سبب جناح ڏينهون ڏينهن مالدار ٿيندو ٿي ويو ۽ ائين هو انهن سمورين سرگرمين مان لطف اندوز ٿي پئي سگهيو جيڪي سندس پسند وٺان هيون. مثال طور: هو ڪارلٽن گرل ۾ پنهنجي پسند جي ماني کائي ٿي سگهيو ۽ لنڊن جي پرسڪون ڪلبن ۾ اتي جي ذهين وڪيلن سان بحث مباحثا ڪري ٿي سگهيو تنهن ڪانسواءِ هن کي پنهنجي سڀ کان پياري پيٽ فاطمہ جي صحبت به ميسر هئي. جيڪا بمبئيءَ مان پنهنجي نوڪري تان استيعفيٰ ڏئي پنهنجي وڏي پاءُ وٽ لنڊن اچي وئي هئي. ان ڪانپوءِ جناح جي وفات تائين هوءِ جناح سان گڏ ئي رهي ۽ سندس سڀ_طرفي سارسنيال پڻ ڪندي ٿي رهي.

سڄي هفتي جي محنت ڪانپوءِ جناح چنچر ۽آچر تي اڪثر هيمپ استيڊهيٿ کان ڪين وڏ تائين پيري پنڊ ويندو هو. ڪين وڏ جيڪ استرا ڪيسل جي هوٽل کان ٽورو اڳتي ئي واقع آهي. دنيا جو مشهور انقلابي پورهيت استاد ۽ مفڪر ڪارل مارڪس پنهنجي جلاوطني وارن ڏاهاڻن ۾ انهي هوٽل جي اڳيان اچي ويهندو هو ۽ پنهنجي ڀارڻن سان گڏ بئير پئيندو هو. جناح جي لنڊن ۾ گهاريل ڏاهاڻن کي ڏسي ائين چئي سگهجي ٿو ته جناح اُتي خاص طور ڪين وڏ ۾ پنهنجي زندگي ۾ پهريون پيرو موڪل وارن ڏينهن

مان گهربل لطف حاصل ڪرڻ ۽ تفريح مان مزو حاصل ڪري سگهيو. مجموعي طور تي، لنڊن ۾ جناح جا اهي ٽي سال نهايت سڪون ۽ مزي سان گذاريا. ۽ ان دوران ڪيس مختلف ملڪي ۽ بين الاقوامي معاملن تي غور ويچار ڪرڻ جو به موقعو مليو. شروعاتي جدوجهد جو دور گذري چڪو هو ۽ هاڻ سياسي عروج ۽ ڪمال جو دور اچڻو هو. انهن ٻنهي ڳالهين جي وچ ۾ لنڊن ۾ هن جي جلاوطني وارو اهو عرصو جڙ ته هن جي زندگي جو ڏاڪ عبوري دور ٿي هو."[53]

لنڊن ۾ رهڻ دوران، جناح ترڪيءَ جي اڳواڻ مصطفيٰ ڪمال اتاترڪ جي شخصيت کان متاثر ٿيو[54] ۽ سندس حياتي تي لکيل ڪتاب "گري وولف" (پورو ٻگهڙ_جنهن جو سان وٽ سنڌيءَ ۾ ترجمو سنڌ جي هڪ نالیواري اديب يوسف سنڌيءَ ڪيو آهي) وٽي پاڻ پڙهيو ۽ ڏيئ ڪي به پڙهڻ لاءِ ڏانائين.[55] هيڪٽر بوليٿو مطابق، "ان وقت جناح جي ڏيئ ڏينا جي عمر تيرهن سال هئي."[56]

جيتوٽيڪ جناح جي لنڊن ۾ رهي پوڻ جا سبب چٽا ۽ سمجهه ۾ اينڊڙ هئا، پر، بهرحال، هيڪٽر بوليٿو انهن تي روشني وڌي آهي. هو ٻڌائي ٿو:

"جناح ڇڇ سالن کان پوءِ جڏهن 1938ع ۾ عيد ڇڙهه جي شاگردن کي خطاب ڪري رهيو هو تڏهن ان ٻڌايو ته، ڇو هن هندستان کي ڇڏي لنڊن ۾ رهڻ کي ترجيح ڏني. هن جو چوڻ هو ته، گول ميز ڪانفرنس جي اجلاسن ۾ هندو اڳواڻن جي متعصب رويي سببان مون کي تمام گهڻو ڏک ۽ صدمو پهتو. ۽ منهنجون اکيون ڪُلي ويون. انهن اجلاسن ۾ مون هندن جي اصل سوچ ۽ ارادن کي اصلي روپ ۾ ڏٺو. هنن جي ذهنن ۾ لڪل سمورا ارادا منهنجي اڳيان ظاهر ٿي پيا. ان ڪري، مان ان نتيجي تي پهتس ته هاڻ هندو_مسلم اتحاد جي ڪا به اميد ناهي رهي. مان پنهنجي ملڪ جي حالتن کان بلڪل مايوس ٿي ويس. مسلمانن جي حالت ايتري تي ڪمزور ٿي وئي هئي، جو جڙ اُهي هن خطي جا لاوارث رهاڪو هجن. انهن جا اڳواڻ گهڻي ڀاڱي انگريزن جا ئي پگهاردار ماڻهو هئا. اهو ئي سبب هو جو جڏهن به مسلمانن کي منظم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي ته انهن ٻنهي ڌرين رستي ۾ روڙا وڌا. جنهن ڪري اُهي ڪوششون ناڪام ئي رهيون. مون کي ائين محسوس ٿيڻ لڳو ته مان نه ڪو هندستان لاءِ ڪجهه ڪري سگهان ٿو ۽ نه ڪو وري هندن جي روايتي ذهنيت کي تبديل ڪري سگهان ٿو ۽ نه ڪو وري مسلمانن کي سندن ڪمزور حالت جو احساس ڏيارائي سگهان ٿو. مان ذاتي طور تي ايترو ته مايوس ۽ دل_شڪستو ٿي پيس، جو مون لنڊن ۾ ئي رهي پوڻ کي ترجيح

ڏني. هندستان لاءِ محبت منهنجي دل ۾ ضرور هئي، پر مان بلڪل ئي مجبور ۽ بيوس هيس."[57]

بهرحال، هتي اُهو به ٻڌائيندو هلجي، ته لنڊن ۾ پهرين گول ميز ڪانفرنس ٽيڪ ڪان ٿورو اڳ، 30 ڊسمبر 1930ع تي هندستان جي شهر الهه آباد ۾ آل انڊيا مسلم ليگ جو هڪ وڏو سالياڻو اجلاس ٿي گذريو[58] جنهن جي علامه اقبال نه رڳو صدارت ڪئي، پران ۾ هن پنهنجو هڪ مشهور تاريخي خطبو به پڙهيو.[59]

اسان وٽ، عام طرح سان ننڍي کنڊ جي تاريخ کي سرڪاري نظرئي سان پڙهائڻ سببان، ائين سمجهيو ويندو آهي ته علامه اقبال اُهو خطبو پاڪستان جي بنياد طور پڙهيو هو ۽ اُن ۾ هن پاڪستان لاءِ هڪ مذهبي رياست واري تصور جي تشريح ڪئي. اُها ڳالهه منهنجي خيال ۾ بلڪل ئي غلط آهي. علامه اقبال صاحب پنهنجي انهي خطبي ۾ پاڪستان جي باري ۾ ڪا به ڳالهه ناهي ڪئي، ۽ نه ڪو وري هن پاڪستان جي بنياد بابت ڪا مذهبي نوع جي تشريح ڪئي آهي. هن صرف پنهنجي اُن خطبي ۾ هندستان جي اُتر اُولهه واري مسلم صوبن کي، مڪمل صوبائي خود اختيارن ۽ خودمختياري ڏئي، کين پاڻ ۾ هڪجهئي سان ملائي هڪ يونٽ واري حيثيت ڏيارڻ جي ڳالهه ڪئي هئي، جنهن لاءِ هن جو بنيادي طور تي "گريٽر پنجاب" تي ٻڌل تصور هو.[60]

دراصل، علامه اقبال اُهو خطبو ننڍي کنڊ ۾ موجود هندو_مسلم مسئلي جي حل لاءِ هڪ تجويز طور ڏنو هو. جنهن ۾ هن واضع طور تي هندستان جي وفاق جي اندر (وفاق کان ٻاهر نه) ئي ننڍين مسلم رياستن کي پاڻ ۾ ملائي، "گريٽر پنجاب" جي نالي سان هڪ وڏي خودمختيار مسلم رياست جي قيام جي ڳالهه ڪئي. البت، اُها ٻي ڳالهه هئي، ته ننڍي کنڊ ۾ صوبن طور شامل ٿيل وحدتون (جهڙوڪ: سنڌ، پنجاب، سرحد، بلوچستان وغيره) ڪڏهن به، پنجابي تسلط هيٺ قائم ٿيندڙ ڪنهن به انتظامي يونٽ ۾ شامل نه ٿين ها، جو اُها ڳالهه انهن صوبن ۽ انهن ۾ وسندڙ قومن جي قومن مفاد جي بنهه ابتڙ هئي. پر، بهرحال، جئين ته علامه اقبال صاحب ننڍي کنڊ ۾ هندو _مسلم مسئلي جو حل، ننڍي کنڊ جي مسلم صوبن جي مڪمل صوبائي خودمختياري سان گڏ، اُنهن کي پاڻ ۾ ملائي هندستان جي هڪ وڏي صوبي طور رهڻ ۾ ڏنو ٿي. ان ڪري، هُن پنهنجي خطبي ۾ به، اها علي الاعلان ڳالهه

ڪئي، جيڪا صرف ڳالهه ئي رهي ۽ غلط ئي سهي، پر اُها هڪ سڌي سنئين سياسي ڳالهه (Political Statement) هئي، مذهبي ڳالهه هرگز نه هئي. ان ڪري، ائين نه ٿو چئي سگهجي ته اقبال جو اُهو 1930ع وارو خطبو پاڪستان يا ان جي مذهبي رياست واري تصور بابت هو جو

1. هڪ ته اُن سڄي خطبي ۾ مختلف مسلم صوبن کي پاڻ ۾ ملائي، جنهن "گريٽر پنجاب" جي نالي سان هڪ وڏي صوبي جي ڳالهه ڪئي وئي، ته اُهو صوبو به علامه اقبال جي خطبي مطابق، بهرحال، گڏيل هندستان جي وفاق اندر رهڻ وارو هو نه ڪي ان کان ٻاهر. ان ڪري، اُهو سمجهڻ ته اُهو خطبو اقبال جو پاڪستان بابت هو سڌي سنئين ڪج_شعوري ئي ٿيندي.
2. ٻيو ته، اُهو سڄو خطبو ان ڪري هڪ سياسي خطبو هو جو ان ۾ ننڍي کنڊ جي مسلم صوبن جي خودمختياري جي مطالبو ڪيو ويو هو ۽ خودمختياري جو مطالبو هڪ ٺوس سياسي مطالبو ئي هجي ٿو نه ڪي مذهبي. ان ڪري، ائين سمجهڻ ته اهو خطبو مذهبي نوع جو هو بلڪل ئي غلط ٿيندو.

بهرحال، علامه اقبال جي ويچارن، پنهنجي بنيادي پيچيدگين جي ڪري، کا به قبوليت حاصل نه ڪئي، ۽ سندس ويچار صرف ويچار ئي بڻيل رهيا. بهرحال، ان بحث جي قطع نظر، ائين چئي سگهجي ٿو ته اُهو جناح ئي هو جيڪو مسلم گهٽائي وارن صوبن جي مڪمل صوبائي خودمختياري لاءِ ڪانگريس ۽ ان جي ليڊرشپ سان مهاڏو اٽڪائيندو رهيو تان جو ڪانگريس جڏهن بنهه پڙ ڪڏي ٻيهي رهي، ۽ مسلم صوبن ۽ انهن جي رياستي اختيارن جي حوالي سان کا به آئيني ضمانت ڏيڻ لاءِ تيار نه ٿي ٿي، ايستائين جو جڏهن اُن جناح ۽ انگريز (جن ٽياڪڙي ڪندي هندستان لاءِ ڪيبينيٽ مشن جي آئيني منصوبي تحت ڪمزور وفاق ۽ بااختيار صوبن تي مشتمل وفاقي نظام جي سفارش ڪئي) جي هندستان لاءِ تجويز ڪيل ڪمزور وفاق ۽ بااختيار صوبن واري وفاقي نظام کي قبول ڪرڻ کان به انڪار ڪري ڇڏيو ته تڏهن ان جي منطقي نتيجي طور ڏار ٿيڻ ۽ پاڪستان جي ٺهڻ لاءِ به رستو تيار ٿي ويو.[61] بهرحال، جناح لنڊن ۾ ئي ترسيل هو جو هي گول ميز ڪانفرنس جون تياريون ٿيڻ لڳيون. هوڏانهن، 27 آگسٽ 1931ع تي وائسراءِ لارڊ ولنگڊن وزيراعظم رمزي ميڪ

ڊونالڊ جي هدايتن تحت گانڌيءَ کي جيل مان غيرمشروط طور آزاد ڪرائي ڇڏيو.[62] وائسراءِ ارون سان ناهه ڪرڻ بعد، گانڌيءَ گول ميز ڪانفرنس ۾ شرڪت جي تياريون ڪرڻ لڳو. ڪجهه وقت ڪانپوءِ وائسراءِ ارون گانڌيءَ جي باري ۾ وزيراعظم ميڪ ڊونالڊ کي هئين خبردار ڪيو:

"He is a curious little devil_always working for an advantage. In all his actions I see the "bania"predominating over the saint."[63]

"گانڌي هڪ عجيب ۽ غريب ننڍڙو شيطان آهي. هميشه معتبري ۽ فائدي لاءِ ڪم ڪندو رهي ٿو. هو پنهنجي هر حرڪت ۾هڪ درويش صفت ماڻهو کان وڌيڪ هندو واپاري ئي ياسجي ٿو."

بهرحال، هاڻ گانڌي ڪانگريس جي "واحد اڳواڻ" طورلنڊن وڃڻ جي سنيت ۾ جنبي ويو.[64] وولپرٽ ٻڌائي ٿو ته "جواهر لال نهرو هُن سان لنڊن وڃڻ چاهيو ٿي، ۽ڪيترن دوستن گانڌيءَ تي نهرو کي ساڻ وٺي وڃڻ لاءِ زور ٻڌو. پر گانڌيءَ پنهنجي ڪنهن ٻه دوست يا ساٿي کي پنهنجي لنڊن واري مشهوري ۾ شامل ڪرڻ کان ٽپ انڪار ڪري ڇڏيو."[65]

هي گول ميز ڪانفرنس، 07 سيپٽمبر 1931ع تي شروع ٿي.[66] جناح کي هندستان جي سيڪريٽري آف اسٽيٽ ويج وڊ بين فيڊرل اسٽرڪچر ڪميٽي جي اجلاسن ۾ شامل ٿيڻ جي دعوت ڏني.[67] "1931ع ۾ سيني جون نظرون گانڌيءَ تي ڪتل هيون، ڇاڪاڻ ته گانڌيءَ جو آواز هر ڪميٽيءَ ۽ هر اجلاس ۾، جنهن ۾ هن خطاب ڪيو ٿي، ڪانگريس جو ئي آواز هو. لارڊ سنيڪي جي صدارت هيٺ فيڊرل اسٽرڪچر ڪميٽي جا اجلاس 7 تاريخ کان وٺي 27 سيپٽمبر تائين هلندا رهيا. هي ڏينهن رمزي ميڪ ڊونالڊ اقليتي ڪميٽيءَ جو اجلاس ٻيهر شروع ڪرايو جنهن ۾ هاڻ گانڌي ٻه ويٽل ڏسڻ ۾ آيو. اُهو اجلاس 17 نومبر تائين هلندو رهيو جنهن جي ڏهن ڏينهن کانپوءِ سڄي ساري ڪانفرنس سينٽ جيمس جي محل ۾ مڪمل اجلاس لاءِ ٻيهر گڏ ٿي وئي."[68]

جيتوڻيڪ ڪانفرنس جو 31 ڊسمبر 1931ع تي آخري اجلاس ٿيو جنهن ۾ هندستان لاءِ هڪ وفاقي حڪومتي نظام جي تجويز کي منظور ته ڪيو پر بين اڪيچار معاملن جهڙوڪ: هندستاني وفاقي نظام ۾ اقليتن خاص طور مسلمانن جي تحفظات لاءِ ڪهڙا آئيني بندوبست هوندا. ان جي باري ۾ ڪانگريس، گانڌي ۽ هندو مهاسبائي اڳواڻن جي مخالفت

سببان کو بہ اتفاق نہ ٿي سگھيو ايستائين جو جناح جي چوڏهن نقطن مطابق مسلمانن کي هندستان جي آئيني وفاقي نظام ۾ گهٽ مان گهٽ 33 سيڪڙو نمائندگي ڏيڻ واري مطالبي جي باري ۾ بہ کا اڳيرائي نہ ٿي سگهي، جنهن سببان ٻي گول ميز ڪانفرنس بہ ناڪامي جو مظهر بڻجي وئي. بهرحال، سڄي ڪانفرنس ۾ ڪانگريس ۽ گانڌيءَ جو ان ڳالهہ تي زور رهيو تہ هندستان جي هڪ ئي پارٽي وڏي اهم ۽ مڪ پارٽي آهي، ۽ اها آهي ڪانگريس! بين جي کا بہ اهميت ناهي ان ڪري صرف ۽ صرف ڪانگريس ۽ ان جي قيادت جي ئي شرطن شروطن کي مڃيو ويڃي. مثال طور ڪانفرنس جي آخري اجلاس ۾ گانڌيءَ جيڪا تقرير ڪئي، اُن ۾ هن اقليتي مسئلي جي موجودگي جو دٻيل انداز ۾ اعتراف تہ ڪيو پر هن، اُن کي دٻائڻ ۽ وري ڪانگريس کي نمايان ڪري ٻيهارڻ ۾ بہ وسان نہ گهٽايو. تقرير ۾ گانڌي جو چوڻ هو:

"Congress alone claims to represent the whole of India,all interest. It is no communal organization; it is deterimined enemy of communalism in any shape or form...and yet here I see that the Congress is treated as one of the Parities.... I wish I could convince all the British public men, the British Minsiter, that the Congress is capable of delivering of goods. The Congress is the only all-Indiawide national organization, bereft of any communal basis.....Belive me, that [Musalman] problem exist here, and I repeat.....that without the problem of minorties being solved there is no Swaraj for India, there is no freedom for India....But I do not despair fo some day or other finding a real and living solution in connection with the minorties problem. I repeat.....that so long as the wedge n the shape of foreign rule divides community form community and class form calss, there will be no real living solution, there will be no living friendship between these communities.....Were Hindu and Musalmans and Sikh always at war with one another when there was no British rule, when there was no English face seen there?.....This quarrel is not old; this quarrel is coeval with this acute shame. I dare to say it is coeval with the British advent."[59]

"اڪيلي ڪانگريس ئي آهي، جيڪا سڄي هندستان جي سمورن مفادن جي نمائندگي جي دعويٰ ڪري ٿي. هي کا فرقيواراڻي تنظيم ناهي. هي تنظيم فرقيواريت جي هر قسم ۽ نموني جي ڪٽر دشمن ۽ مخالف آهي.... پر پوءِ

بہ مان هتي ڏسان ٿو تہ ڪانگريس سان مورڳو فرقيواراڻين جماعتن جو جهڙو ورتاءُ ڪيو پيو وڃي..... منهنجي خواهش آهي تہ مان برطانيا جي سمورن وزيرن ۽ برطانيا جي سمورن ماڻهن کي اهو يقين ڏيارايان تہ ڪانگريس پنهنجي ڪم کي پوري ڪرڻ جي قابليت رکي ٿي. ڪانگريس ئي اها واحد سڃي هندستان جي اڪيلي قومي تنظيم آهي، جيڪا ڪنهن بہ فرقيواراڻي تعصب کانسواءِ قائم ڪئي وئي آهي..... اوهان اهو يقين ڪريو تہ هتي (مسلم)مسئلو موجود آهي .....۽ مان چوان ٿو تہ اقليتن جي مسئلي کي حل ڪرڻ کانسواءِ هندستان لاءِ ڪو بہ سوراج ناهي. ڪا آزادي ناهي..... پر مان انهي ڏينهن اچڻ واري اميد کان ڪڏهن بہ مايوس ناهيان ٿيو. جنهن ڏينهن اقليتن جي مسئلي جي لاءِ هڪ مناسب، حقيقي ۽ عمل جوڳو حل ڳولهي ڪڍيو ويندو. مان وري بہ چوان ٿو .....تہ جيستائين غيرملڪي راج جي صورت ۾ سرڪاري تلوار هڪ فرقي کي بي فرقي سان ۽ هڪ طبقي کي بي طبقي کان ڌار ڪندي رهندي، تيستائين ڪو بہ مناسب ۽ عمل جوڳو حل نڪري نہ سگهندو ۽ اهي فرقا هڪبئي جي ويجهو ڪڏهن بہ اچي نہ سگهندا. ڇا هندو مسلمان ۽ سک هميشہ کان پاڻ ۾ وڙهندار رهيا آهن؟.....ڇا، جڏهن هتي برطانوي راج نہ هوءِ ڪو بہ انگريز نہ هو تہ تڏهن بہ هتي فرقن جو تڪرار موجود هو؟ هي تڪرار پراڻو ناهي.مان تہ ائين ئي چوندس تہ اهو تڪرار انگريزن جي هتي اچڻ سان ئي پيدا ٿيو آهي."

ٿلهي ليکي گانڌيءَ جي هن تقرير جو مقصد، دراصل، اُهو هو تہ ڪانگريس ئي هندستان ۾سيب ڪجهہ ڪري سگهي ٿي، ۽ اُها تنظيم ئي هندستان جي آئين يا وفاقي رياستي جوڙجڪ ڪرڻ جي پوري پوري قابليت رکي ٿي، ۽ اهي سموار معاملا ڪانگريس ۽ ان جي قيادت جي ذمي رکيا وڃن تہ اُها پنهنجي قابليت سان نہ رڳو هندستان کي هر مصيبت مان ٻاهر ڪڍي ايندي، پر بنيادي طور اُها هندستان جي بهتر نموني سان اڏاوت واري ڪم کي بہ سرانجام ڏيندي، باقي جيڪڏهن انگريز ۽ برطانيا پاڻ هندستان جي مسئلي جي حل واسطي اڳتي ايندا، يا اُهي پنهنجي مرضي مطابق هندستان جي اقليتن واري مسئلي کي حل ڪرڻ لاءِ تحرڪ ونندا، ۽ هندستان جي آزادي واري رستي ۾ مسلم مسئلو ڪڙا ڪندا تہ پوءِ هندستان جو مسئلو حل نہ ٿي سگهندو. ڇاڪاڻ تہ، هندستان ۾ فرقيواريت وارو مسئلو خود برطانيا ۽ انگريزن ئي پيدا ڪيو آهي. ان ڪري، اُهي ان مسئلي کي حل ڪرڻ جي ڪا قابليت نہ ٿا رکن. ان مسئلي جي حل لاءِ صرف ڪانگريس ۽ ان جي ليڈرشپ کي اٽارني پاور ڏنا وڃن، تہ اُها

پنهنجي مرضي مطابق حڪومت قائم ڪري سگهي ٿي. بين لفظن ۾ گانڌيءَ جو انگريزن ۽ برطانيا کي پنهنجي اُنهي تقرير ذريعي اهو چوڻ هو ته هندستان جي مسئلي جي حل لاءِ ڪانگريس کي سڀ _طرفو اختيار ڏنو ويو، ته جئين اُها پنهنجي من پسند حڪومت قائم ڪري اقليتون ۽ خاص طور مسلمان، جيڪي ڏڇو پيدا ڪيو ويٺا آهن، اُنهن کي حڪومتي طاقت، پاور ۽ ڏنڊي جي زور تي پنهنجو مطيع ڪري ڪين ڪمزور ۽ ختم ڪري سگهي.

جيتوڻيڪ، گانڌيءَ جي اُن ڳالهه سان ته اتفاق ڪري سگهجي ٿو ته هندستان ۾ فرقيواريت واري مسئلي، خاص طور هندو_مسلم تڪرار کي انگريزن پنهنجي مخصوص مفادن لاءِ استعمال ڪيو پر ائين سمجهڻ ته اهو سڄو تڪرار ۽ تضاد انگريزن جو ئي پيدا ڪيل هو بلڪل ئي غلط ٿيندو ۽ ان ڳالهه ۾ گانڌيءَ سان ڪنهن به طرح سان اتفاق نه ٿو ڪري سگهجي.[70] ڇاڪاڻ ته، هندستان ۾ هندو_مسلم مسئلو (Hindu_Muslim Tension) انگريزن جي اچڻ کان به اڳ ورهين کان موجود هو. انگريزن جو اُن کي پيدا ڪرڻ ۾ ڪو به ڪردار نه هو. البت، انگريزن ان هندو_مسلم تضاد کي پنهنجي مخصوص اسٽريٽجڪ مفادن لاءِ استعمال ڪيو ته اها هڪ الڳ ۽ ڏار ڳالهه آهي.

بهرحال، ٻي گول ميز ڪانفرنسن جو نتيجو به مايوس ڪن ئي نڪتو. جو ان ۾ هندو_مسلم مسئلي تي ڏرين ۾ ڪو به ناهه نه ٿي سگهيو.[71] ان سڄي صورتحال ۾، "جناح ايجا به وڏيڪ مايوس هو. جئين هن پنهنجي صحافي دوست درگاداس کي ٻڌايو هو ته اوهان ان قسم جي هنگامي واري ڪانفرنس مان ٻي ڪهڙي اميد ڪري سگهون ٿا؟ انگريز صرف اسان جي اختلافن جي نمائش ڪندا. هن اهو به خيال ظاهر ڪيو ته گانڌيءَ جي منظر تي اچڻ سان ڪجهه به هڙ حاصل نه ٿيندو ۽ اڳ_ڪٿي ڪيائين، ته انگريز گانڌيءَ کي بيوقوف بڻائيندا، ۽ گانڌي وري انگريزن کي بيوقوف بڻائيندو ۽ پوءِ پڇا ڪيائين ته ڪانگريس جي اها دعويٰ ڪيڏانهن وئي ته اُها مسلمانن جي به نمائندگي ڪري ٿي؟ مون کي ذاتي طور اُن ڪانفرنس مان ڪا به هڙ حاصل ٿيڻ جي اميد ڪونهي."[72]

بهرحال، "وزيراعظم ميڪ ڊونالڊ پنهنجي پڇاڻيءَ واري تقرير ۾ چيو ته

گذريل ٻن مهينن دوران ٽيل ڳالهه ٻولهه جي اهميت اها آهي ته اسان کي انهن مسئلن جي باري ۾ وڌيڪ پتو پئجي ويو آهي، جيڪي اسان کي حل ڪرڻا آهن. برطانوي حڪومت طرفان مثبت ۽ تڪڙي ڪنيل ايڪشن طور ميڪ ڊونالڊ پنهنجي حڪومت جي اتر اولهه جي سرحدي صوبي کي، هڪ مڪمل گورنر جي انتظام هيٺ ڏيڻ ۽ سنڌجي هڪ نئين صوبي طور اڏاوت ڪرڻ واري فيصلي جو اعلان ڪيو."[73]

"ڪانگريس طرفان، وزيراعظم جي ٿوري مڃڻ وارو ووٽ ڏيندي، گانڌيءَ خبردار ڪيو ته اُهو بنهه ممڪن هو ته جيتري تائين منهنجي ڳالهه آهي، ته اسان رستن جي ڏار ٽيڻ جي ويجهو پهچي ويا آهيون، ۽ سچ پچ هندستان اڇڻ ڪانپوءِ ترت ولنگڊن جي حڪم تي هن کي گرفتار ڪيو ۽ ويو. ٻي طرف، جناح برطانوي حڪومت تي زور وڌو ته اها دير ڪرڻ ڪانسواءِ صوبائي خودمختياري ڏيڻ سان گڏ برطانوي هندستان جي مرڪز ۾ ذميداري جو ثبوت ڏي. اهو سمجهندي ته رياستن جي راجائن لاءِ ڪنهن فيڊرل اسڪيم جي راضي ٽيڻ ممڪن نه هوندو هن پنهنجي برطانوي دوستن کي ، جئين ميڪ ڊونالڊ ٻڌايو ته، مختلف فرقن جي مسئلي کي عارضي طور حل ڪرڻ جي صلاح ڏني. مان ان ڪري چوان ٿو ته جيڪڏهن برطانوي حڪومت فرقيواراڻي مسئلي کي حل ڪري ٿي، ۽ برطانوي هندستان جي مرڪز ۾ حقيقي ذميواري ڏانهن عقل ـ پري اڳيرائي ڪري ٿي، ته پوءِ هندو توڙي مسلمان ٻئي ڏريون حڪومت جي نيڪ نيتي کي ڄاڻي ونديون، جنهن سببان ماڻهن جي وڏي اڪثريت ان جي فيصلي کي قبول ڪرڻ ۾ ڪا به ويرم نه ڪندي."[74]

بهرحال، ٻي گول ميز ڪانفرنس مان به ڪو ڪڙتيل نه نڪتو. ۽ هندو توڙي مسلم اڳواڻ مايوس ٿي موٽي آيا.[75] گانڌيءَ اڇڻ سان ئي حڪومت خلاف وري ٻيهر سول نافرماني واري تحريڪ هلائي ڇڏي،[76] جنهن ڪانپوءِ ترت ئي وري حڪومت ڪيس جيل ڀيڙو ڪري ڇڏيو.[77] جناح، هاڻ لنڊن ۾ ئي رهڻ لڳو هو سندس ڏينهن ۽ راتيون وڪالت واري ڏنڊي ۾ گذرڻ لڳيون. جيتوڻيڪ هُن اُتي جي هڪ پارٽي ۾ وڃي برطانوي پارليامينٽ ۾ داخل ٽيڻ جون پڻ ڪوششون ڪيون پر چون ٿا ته هو انهن ڪوششن ۾ ڪامياب نه ٿي سگهيو.[78]

هونئن ته، جناح شادي جي ڪجهه سالن ڪانپوءِ اڪيلو ئي رهڻ لڳو

هو پر لنڊن ۾ سنڊس اڪيلائي کي، رتيءَ جي وڇوڙي ۽ سياست جي دنيا ۾ مليل مايوسين تهائين وڌيڪ ٻيٽو ڪري ڇڏيو هو. جيتوٽيڪ لنڊن ۾ فاطمہ ۽ ڊينا بہ جناح سان گڏي هيون. هاٽي تہ "ڊينا جو ئي جناح کي آسرو هو پر ڊينا تہ گهٽو وقت اسڪول ۾ ئي گذاريندي هئي. صرف موڪلن ۾ ئي گهر ايندي هئي. هن جي مُرڪ پنهنجي ماءُ جهڙي هوندي هئي، ۽ هوءِ پنهنجي محبت جي ماريل پيءُ لاءِ ايتري ٿي گستاخ ۽ واتوڙي هئي، جيتري هڪ نازڪ ۽ نازنخرن سان پليل ڏيءُ ٿي ٻئي سگهي."[79]

بهرحال، پي گول ميز ڪانفرنس ڪانپوءِ بہ هندن ۽ مسلمانن ۾ فرقيواراڻي مسئلي جي حل واسطي ڪوناهہ نہ ٿي سگهيو تہ برطانوي حڪومت پنهنجي طرفان هندستان جي آئيني بندوبست لاءِ آگسٽ 1932ع ۾ هڪ ايوارڊ جاري ڪري ڇڏيو[80] جنهن کي ننڍي کنڊ جي تاريخ ۾ ڪميونل ايوارڊ جي نالي سان ياد ڪيو ويجي ٿو. ڪميونل ايوارڊ موجب، "مسلمانن کي پنجاب جي قانون ساز اسيمبلي ۾ 51 سيڪڙو ۽ بنگال ۾ 50 سيڪڙو سيٽون ڏنيون ويون. جڏهن تہ، چونڊن جي ڏار نظام کي برقرار رکيو ويو ۽ مسلمانن کي هندو اڪثريتي علاقن ۾ سندن آبادي جي تناسب کان وڌيڪ نمائندگي ڏني وئي."[81]

ڪميونل ايوارڊ بابت پاڪستان جو هڪ مشهور آئيني ماهر اسد سليم شيخ لکي ٿو:

"ڪميونل ايوارڊ کان مسلمان مطمئن نہ هئا، سندن عدم اطميناني جو اهم سبب اُهو هو جو بنگال ۽ پنجاب ۾ جتي انهن جي واقعي ۽ قطعي اڪثريت هئي. اتي کين قانون ساز اسيمبلي ۾ آئيني اڪثريت (Statutory Majority)کان محروم ڪيو ويو هو. بنگال اسيمبلي ۾ ڪميونل ايوارڊ مطابق مسلمانن کي 250 سيٽن واري ايوان ۾ 119 سيٽون يعني 7_46 سيڪڙو سيٽون ڏنيون ويون هيون. جيتوٽيڪ سڄي صوبي ۾ اُنهن جي آبادي 8_54 سيڪڙو هئي. جڏهن تہ، اهڙي صورتحال ۾ اُتي يورپين ۽ عيسائين (اينگلو انڊين) کي 31 سيٽون ڏنيون ويون هيون، جيڪي اُنهن جي آبادي جي حوالي سان بنهہ وڌيڪ هيون. اهو ئي سبب هو جو اُتي عيسائين ۽ يورپين جي حيثيت پاسنگ واري ٿيو ٿي وئي. ائين جڏهن يورپين ۽ ديسي عيسائين خاطر مسلم اڪثريت کي اقليت ۾ تبديل ڪيو ويو هو. اهڙي طرح پنجاب ۾ مسلمانن جي آبادي 57 سيڪڙو هئي، پر 175 سيٽن واري ايوان ۾ انهن کي صرف 86 سيٽون يعني 14_49 سيڪڙو حصو ڏنو ويو. ائين انهن ٻنهي اهم

۽ اڪثريت وارن صوبن ۾ مسلمانن جي نمائندن جي تعداد ايترو ته گهٽايو ويو جو اُهي ڪُل سيٽن جي تعداد جي تناسب سان اقليت ۾ اچي ويا. جيتوڻيڪ انهن ٻنهي صوبن جي قانون ساز اسيمبلي ۾انهن جي نمائندن جو تعداد هر فرقي جي نمائندن جي ڏار تعداد جي مقابلي ۾ وڌيڪ هو. ٻين لفظن ۾ ائين چئجي ته جيڪڏهن اُنهن ٻنهي صوبن جي قانون ساز اسيمبلين ۾ هڪ هڪ فرقي جي نمائندن جي تعداد جي پيٽ مسلم نمائندن جي تعداد سان ڪئي وڃي ته مسلمان اڪثريت ۾ هئا، پر جيڪڏهن مجموعي سيٽن جي لحاظ کان انهي ترڪيب کي ڏنو وڃي ته مسلمان اقليت ۾ اچي ٿي ويا. مسلمانن جو مطالبو اُهو هو ته کين پنهنجي مسلم گهٽائي وارن ٻنهي صوبن ۾ سندن آبادي جي حساب سان سيٽون ڏنيون وڃن ته جئين اُهي پنهنجي قانون ساز اسيمبلين ۾ هڪ هڪ فرقي جي مقابلي ۾ بحثيت مجموعي اڪثريت ۾ رهي سگهن، پر ڏنو وڃي ته ڪميونل ايوارڊ ۾ مسلمانن جي اهڙي مطالبي کي تسليم نه ڪيو ويو هو. ايڏا به هڪ لحاظ کان انهن کي اقليت ۾ تبديل ڪيو ويو هو. اهو ئي سبب هو جو مسلمان ڪميونل ايوارڊ جي اعلان کان ڪنهن به طرح سان مطمئن نه هئا."[82]

جيتوڻيڪ ڪميونل ايوارڊ تي مسلمانن کي سخت اعتراض هجڻ جي باوجود، مسلم ليگ طرفان نومبر 1932ع تي اجلاس گهرائي، ان کي قبول ته ڪيو ويو.[83] پر، گانڌي ۽ ڪانگريس ۾ هورا کورا پئجي وئي، جنهن جو سبب وري اُهو هو جو ايوارڊ مطابق هندن جي اڇوت برادري کي به اقليتي ڏر طور چونڊن جي ڏار نظام واري اصول تحت سيٽون الاٽ ڪيون ويون هيون.[84] گانڌيءَ اُنهي ڳالهه کي هندو مستقل مفادن لاءِ سخت هاڃيڪار سمجهيو ۽ اهو ئي سبب هو جو گانڌيءَ سميت ڪانگريس ۾ ويٺل مٿئين شاهوڪار طبقي جي مڙني اڳواڻن ۾ ٻائيتال مچي ويو.[85] ايستائين جو گانڌي انگريزن ۽ اڇوتن کي ڏيڻ هيٺ آڻڻ لاءِ 20 سيپٽمبر 1932ع تي مرڻ گهڙي تائين ورت به رکي ڇڏيو.[86]

"اصل ۾ گانڌيءَ کي اُهو ڊپ هو ته جيڪڏهن اڇوت ڏار چونڊن واري نظام تحت هندن کان سياسي ۽ آئيني لحاظ کان ڏار ٿي ويا، ته نه رڳو ننڍي کنڊ ۾ مسلم اقليت واري مسئلي کي هر طرح سان تقويت ملي ويندي، پر هندن جي عددي اڪثريت به مورڳو خطري هيٺ اچي ويندي. ۽ اُهو ئي سبب هو جو گانڌي ڪميونل ايوارڊ مان اڇوتن کي مليل ڏار چونڊن واري حق کي رد ڪرائڻ لاءِ 20 سيپٽمبر 1932ع تي مرڻ گهڙي واري بک هڙتال ڪري ڇڏي."[87]

نيٺ ڪانگريسي اڳواڻن، اڇوتن جي اڳواڻ ڊاڪٽر بي. آر. امبيدڪر (Dr. B. R. Ambedkar) سان ناهه ڪري، اڇوتن کي چونڊن جي ڌار نظام واري ڏنل حق تان هٽ ڪٽايو.[88] "البت سندن لاءِ سيٽون ڪجهه وڌيڪ رکيون ويون."[89] بهرحال، ائين ڪميونل ايوارڊ جي قبوليت لاءِ ماحول هموار ٿيو. ان ڪانپوءِ نومبر 1932ع ۾ ٽين گول ميزڪانفرنس شروع ٿي.[90] ان جا پڻ ڪيترائي اجلاس ٿيندا رهيا. هن ڪانفرنس ۾ جناح کي مدعو نه ڪيو ويو. جو جناح جا انگريزن سان سخت اختلاف ٿي پيا هئا، ايستائين جو هن پهرين گول ميز ڪانفرنس ۾ فيڊرل اسٽرڪچر ڪميٽي جي انگريز سربراهه لاسينڪي تي هندن جي ڌرهجڻ جا الزام به لڳائي ڇڏيا هئا.[91] اهو ئي سبب هو جو جناح کي پنهنجي ٻوس موقف رکڻ ۽ انگريزن سان اختلاف ٽيڻ سببان ٽين گول ميز ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪرڻ جي دعوت ئي نه ٿي ڏني وئي.[92]

بهرحال، ٽين گول ميزڪانفرنس ۾ سمورين جوڙيل ڪميٽين جون رپورٽون جمع ڪرايو ويون، ۽ ڊسمبر 1932ع تي ٽين گول ميز ڪانفرنس جي پڄاڻي آندي وئي.[93] جنهن ڪانپوءِ مارچ 1933ع ۾ برطانوي سرڪار پاران هڪ وائيٽ پيپر جاري ڪيو ويو.[94] انهي وائيٽ پيپر ۾ سنڌ صوبي کي بمبئي کان ڌار ڪرڻ جي اعلان سان گڏ هندستان جي وفاقي آئيني جوڙجڪ جي باري ۾ ڪجهه آئيني تجويزون به ڏنيون ويون.[95] جنهن ڪانپوءِ "انهن اڇي چٽي ۾ شامل تجويزن تي وڌيڪ غور ويچار ڪرڻ واسطي برطانوي سرڪار پاران پارليامينٽ جي 32 ميمبرن تي مشتمل هڪ ڪميٽي جوڙي وئي، جنهن کي گڏيل پارليامينٽري ڪميٽي (Joint Parliamentary Commttee) جو نالو ڏنو ويو. اُن ڪميٽي جي ميمبرن مختلف هندستاني مسلم توڙي هندو اڳواڻن سان ملاقاتون ڪري، ۽ سندن تحفظات ٻڌي، نومبر 1934ع ڌاري پنهنجي رپورٽ برطانوي حڪومت وٽ جمع ڪرائي ڇڏي. حڪومت طرفان اُن رپورٽ کي 19 فيبروري 1935ع تي پارليامينٽ ۾ پيش ڪيو ويو. جتي ڪچ ڏينهن تائين اُن تي بحث مباحثو ٿيندو رهيو. نيٺ جون 1935ع ڌاري اُنهي رپورٽ ۽ تجويزن تي مشتمل هڪ نئين آئين جو مسودو هندستان واسطي شايع ڪيو ويو. جنهن کي وري 4 آگسٽ 1935ع تي برطانيا جي بادشاهه پنهنجي صحيح ڪئي، ۽ ان جي باضابطه منظور ڏنائين. ائين هندستان واسطي 1935ع وارو آئين پاس ٿي،

1937ع ۾ عملي طور تي لاڳو ٻڌايو."[96]

ان وچ ۾ جناح لنڊن ۾ ئي ترسيل رهيو. ياد رهي ته گول ميز ڪانفرنس جي اجلاسن دوران لنڊن ۾ تعليم ونڊڻ هڪ پنجابي شاگرد چوڌري رحمت علي خان (جنهن پاڻ کي پاڪستان ناهڻ واري تحريڪ جو باني قرار ڏنو هو)۾ سندس ڪجهه دوستن، جن ۾ محمد اسلم خان، شيخ محمد صادق ۽ عنايت الله خان وغيره شامل هئا،[97] پاڪستان ناهڻ جي حمايت ۾ هڪ نظرياتي ڪتابڙو "هاڻ يا ڪڏهن ٻه نه" (Now and Never) ڇپرائي. گول ميزڪانفرنس ۾ شريڪ مڙني هندو توڙي مسلم اڳواڻن ۾ ورهايو هو.[98] چوڌري رحمت جو پاڪستان بابت تصور علامه اقبال جي فڪر ۽ ويچارن کان اُن ڪري مختلف هو جو علامه اقبال مسلمانن کي هڪ رياست ۾ تبديل ڪري، وري ٻه هندستاني وفاق ۾ رهڻ کي ترجيح ٿي ڏني.[99] جڏهن ته، چوڌري رحمت علي واري پاڪستان جي تصور ۾ ان ڳالهه تي زور ڏنل هو ته "مسلم گهٽائي وارن صوبن جو پنهنجو ڌار وفاق هجڻ گهرجي. جيڪڏهن اسان مسلمانن کي دوکي سان هڪ هندو اڪثريتي وفاق ۾ شامل ڪيو ويو (جتي اسان پنهنجي قسمت جا مالڪ ۽ وارث پاڻ نه هونداسين) ته پوءِ هن خطي ۾ ڪڏهن ٻه امن ۽ سُکون نه اچي سگهندو."[100]

جيتوڻيڪ، چوڌري رحمت علي لنڊن ۾ جناح سان ملڻ لاءِ اڪيچار ڪوششون ڪيون، ته جئين جناح کي پاڪستان ناهڻ واري تحريڪ جي حمايت لاءِ راضي ڪري سگهجي،[101] پر رڪارڊ جي ڳالهه اها آهي ته جناح پنهنجي سيڪيولر ۽ غيرفرقيواراڻي سوچ سبب ان وقت پاڪستان واري منصوبي کي ڪنهن ٻه طرح سان مناسب ۽ موزون نه ٿي سمجهيو ۽ اهو ئي سبب هو جو جناح چوڌري رحمت جي ملاقاتن لاءِ ڪيل ڪوششن جي ڪا مثبت موت نه ڏني، ۽ ساڻس ڪڏهن ٻه ملاقات نه ٿي ڪيائين.[102] اصل ۾، جناح جو پاڪستان ناهڻ جو ڪو مقصد نه هو. عائشه جلال (Ayesha Jalal) ٻه پنهنجي هڪ مشهور انگريزي ڪتاب The Sole Spokesman ۾ اُهو موقف رکيو آهي ته، جناح، هندستان جي ورهاڱي يا پاڪستان ناهڻ جو حامي نه هو. هن ته آخر تائين، يعني 1946ع تائين هندن سان گڏجي، گڏيل وفاقي هندستان ۾ رهڻ کي ترجيح ٿي ڏني. اُها دراصل، ڪانگريس ۽ ان جي ليڈرشپ هئي، جنهن آخر تائين جناح ۽ مسلم ليگ جي گڏيل وفاقي هندستان جي مرڪز ۾ سياسي برابري جي بنياد تي نمائندگي ڏيڻ واري

مطالبي کي کنهن به صورت ۾ قبول نه ڪيو ۽ هر ڀار Parity جي اصول ۽ مطالبي کي رد ڪندي رهي، جنهن جي نتيجي ۾ هندو بالادستي ۽ استيٽسڪو جو خوف پيدا ٿيو ۽ دراصل، انهي خوف ۽ ڊپ جي منطقي نتيجي طور نه رڳو ورهاڱو ٿيو پر پاڪستان به ٺهي ويو.[103]

حوالا ۽ سمجهاڻيون

1. Khalid Bin Syeed, Pakistan _ The Formative Phase, 1857_1948, Oxford Universty, Karachi,2010,p, 72
2. Ibid,p,73
3. هيڪٽر بوليٿو حيات قائداعظم مترجم: زهير صديقي، جمهوري پبليڪيشنز لاهور 2012ع، صحفہ131
4. ساڳيو صحفو131
5. تفصيل لاءِ پڙهو هيڪٽر بوليٿوجو اڙدو ۾ ترجمو ٿيل ڪتاب، حيات قائداعظم مترجم: زهير صديقي، جمهوري پبليڪيشنز لاهور 2012ع
6. هيڪٽر بوليٿو حيات قائداعظم مترجم: زهير صديقي، جمهوري پبليڪيشنز لاهور 2012ع، صحفہ131
7. Stanley Wolpert, Jinnah of Pakistan, Oxford University, Karachi, 2008, p,
8. تفصيل لاءِ پڙهو استينلي وولپرٽ جو انگريزي ۾ لکيل ڪتاب، جناح آف پاڪستان، آڪسفورڊ يونيورسٽي ڪراچي، سنڌ
9. ساڳيو صحفو 108
10. ساڳيو صحفو 108
11. ساڳيو صحفو 108
12. ساڳيو صحفو 109_110
13. ساڳيو صحفو 110
14. اياز علي، پاڪستان جوبنياد_ٻه قومي نظريو يا صوبائي خودمختياري، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو 2014ع
15. Stanley Wolpert, Jinnah of Pakistan, Oxford University, Karachi, 2008, p,110
16. Ibid,p,110
17. Ibid,p,110
18. Ibid,p,110
19. Ibid,p,111_112
20. Ibid,p,112
21. Ibid,p,112_113
22. تفصيل لاءِ پڙهو اياز علي جو مقالو پاڪستان جوبنياد_ٻه قومي نظريو يا صوبائي

خودمختياري روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو 2014ع، صحفو 316
23. ساڳيو صحفو 316
24. ساڳيو صحفو 316
25. ساڳيو صحفو 316
26. Stanley Wolpert, Jinnah of Pakistan, Oxford University, Karachi, 2008, p113_114
27. Ibid,p,114
28. Ibid,p,114
29. Ibid,p,114
30. ايازعلي، پاڪستان جوبنياد_۽ قومي نظريو يا صوبائي خودمختياري، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو 2014ع، صحفو 316
31. ساڳيو صحفو 318
32. Stanley Wolpert, Jinnah of Pakistan, Oxford University, Karachi, 2008, p,115
33. Ibid,p,115
34. ايازعلي، پاڪستان جوبنياد_۽ قومي نظريو يا صوبائي خودمختياري، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو 2014ع، صحفو 318
35. Stanley Wolpert, Jinnah of Pakistan, Oxford University, Karachi, 2008, p,116
36. Dr. Riaz Ahmad, Quad_i_Azam Mohammed Ali Jinnah, Second Pase of his Freedom Struggle, 1924_1934,Natinal Institute of Pakistan Studies, Islamabad,1994,p,128
37. Saad R. Khairi, Jinnah Reinterpreted, The Journey Frome Indian Nationalism to Muslim statehood,Ferozsons,Karachi,2006,p,246
38. Ibid,p,246
39. Stanley Wolpert, Jinnah of Pakistan, Oxford University, Karachi, 2008, p,120
40. Ibid,p,120
41. Ibid,p,120
42. ايازعلي، پاڪستان جوبنياد_۽ قومي نظريو يا صوبائي خودمختياري، صحفو 305، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو 2014ع، صحفو 318
43. ساڳيو صحفو 319
44. Stanley Wolpert, Jinnah of Pakistan, Oxford University, Karachi, 2008, p,122
45. تفصيل لاءِ پڙهو اسٽينلي وولپرٽ جو انگريزي ۾ لکيل ڪتاب، جناح آف پاڪستان، آڪسفورڊ يونيورسٽي، ڪراچي، سنڌ
46. Stanley Wolpert, Jinnah of Pakistan, Oxford University, Karachi, 2008, p,123_24
47. Ibid,p,1 24
48. Ibid,p,1 25
49. Ibid,p,1 26
50. Ibid,p,1 26
51. سيپٽمبر 1931ع ۾ انگلنڊ وڃڻ کان اڳ، بمبئيءَ جي مسلم اسٽوڊنٽس يونين

طرفان جناح کي هڪ آجياٽو ڏنو ويو. انهي آجياٽي جا تفصيل ڊاڪٽر رياض احمد پنهنجي هڪ انگريزي ڪتاب، "قائداعظم محمد علي جناح_سيڪنڊ فيز آف هز فريڊم اسٽرگل" ۾ ڏنا آهن. هو لکي ٿو ته انهن بمبئي ۾ ڏنل آجياٽي ۾ جناح برطانيا ۽ هندن تي اهو بلڪل واضع ڪري ڇڏيو ته "جيڪڏهن برطانيا هندن جي مرضي سان آئين ڏنو ته نه رڳو مسلمان ان کي قبول نه ڪندا، پر اهي سمورا ذريعا پڻ استعمال ڪندا، جنهن سان انهي آئين جي پيچڪڑي ٿي سگهندي" ڊاڪٽر رياض احمد وري جناح جي انهي بيان تي تبصرو ڪندي لکيو آهي ته "برطانيا ۽ هندن خلاف اهڙو سخت بيان جناح کان اڳ ۾ ڪنهن به جاري نه ڪيو هو"(وڌيڪ تفصيل لاءِ پڙهو ڊاڪٽر رياض احمد جو انگريزي ڪتاب، قائداعظم محمد علي جناح_سيڪنڊ فيز آف هز فريڊم اسٽرگل، جو باب ستون، صحفو نمبر163)

52. Riaz Ahmad, Quad_i_Azam Mohammed Ali Jinnah, Second Pase of his Freedom Struggle, 1924_1934,Natinal Institute of Pakistan Studies, Islamabad,1994,p,130

53. هيڪٽر بوليٿو حيات قائداعظم، مترجم: زهير صديقي، جمهوري پبليڪيشنز لاهور 2012ع، صحفہ 35_136

54. ساڳيو صحفو 138

55. ساڳيو صحفو 138

56. ساڳيو صحفو 138

57. ساڳيو صحفو 135_136

58. ايازعلي، پاڪستان جوبنياد_ته قومي نظريو يا صوبائي خودمختياري، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو صحفو148

59. ساڳيو صحفو148

60. زاهد چوڌري، مسلم پنجاب کا سياسي ارتقاء (1849_1947ع) پاڪستان کي سياسي تاريخ، جلد_5،اداره مطالعہ تاريخ، لاهور ايڊيشن،1998ع،صحفہ 168

61. تفصيل لاءِ پڙهو ايچ ايم سيروائي جو ڪتاب پارٽيشن آف انڊيا_ليجنڈ اينڊ ريئلٽي، آڪسفورڊ يونيورسٽي پريس ڪراچي، سنڌ

62. اصل ۾ رمزي ميڪ ڊونالڊ اُن ڳالهہ کي چگي طرح سان سمجهيو ٿي، ته جيستائين هندستان جي وڏي پارٽي ڪانگريس طرفان گول ميز ڪانفرنس ۾ شرڪت نه ڪئي ويندي، تيستائين هندستان جي مسئلي جو ڪو به حل نڪري نه سگهندو. ڪانگريس جي مخالفت ۽ سرد مهري سببان، وزيراعظم کي ڪانفرنس جو اهتمام بي معني ڀاسجي رهيو هو. اهو ئي سبب هو جو رمزي ميڪ ڊونالڊ گانڌيءَ ۽ ڪانگريس جي بي سموري ليڊرشپ کي (جيڪا سول نافرمانيءَ واري تحريڪ هلائڻ سببان جيل ۾ بند هئي)جيل مان آزاد ڪرائڻ لاءِ هندستان جي وائسراءِ لارڊ ارون کي هدايتون ڏيڻيون پيون، جنهن ترت ئي هدايتن تي عمل ڪندي 27 آگسٽ

1931ع تي گانڌي ۽ ڪانگريسي اڳواڻن کي جيل مان ڪيرائي ورتو ۽ بعد ۾ وري گانڌي ۽ وائسراءِ ارون ۾ ٽيل معاهدي تحت گانڌي ڪانگريس جي "واحد نمائندي" طور ۾ي گول ميز ڪانفرنس ۾ شرڪت ٻ ڪئي.

63. Stanley Wolpert, Jinnah of Pakistan, Oxford University, Karachi, 2008, p,127

64. Ibid,p,127

65. Ibid,p,127

66. ياد رهي ته، ۾ي گول ميز ڪانفرنس شروع ٿيڻ کان اڳ عالمي سرمائيداراڻي نظام ۾ معاشي بحران اچڻ سببان برطانيا ۽ آمريڪا جي معاشي نظام ۾ وڏي ٻاڙائي اچي وئي هئي، جنهن سببان بيروزگاري ۽ مهانگائي ايتري ته وڌي وئي هئي، جو عام خلق بنهه بيزار ۽ زچ هئي، ۽ اهو ئي سبب هو جو برطانيا جي ليبر حڪومت ۽ ان جي وزيراعظم ميڪ ڊونالڊ کي 24 آگسٽ 1931ع تي مجبورن حڪومت تان استعيفيٰ ڏيڻي پئي. جيتوڻيڪ ليبر حڪومت جي وڃڻ کانپوءِ ڪنزرويٽو لبرل ۽ ليبر پارٽي گڏجي برطانيا ۾ هڪ قومي حڪومت جوڙي ورتي، پر ٽن پارٽين جي اتحاد تي ٻڌل اُها قومي حڪومت ٻ عالمي سرمائيداري جي اُن وقت پيدا ٿيل معاشي بحران مان برطانيا کي ٻاهر ڪڍڻ جي حوالي سان ڪو ٻوٽو ٻاري نه سگهي، جنهن سببان مجبورن قومي حڪومت کي ٻ ويٽو پيو ۽ آڪٽوبر 1931ع ۾ ٽيل نين چونڊن ۾ ليبر ۽ ڪنزرويٽو پارٽي جي اڳواڻڻ ڪاميابي حاصل ڪري، گڏيل حڪومت قائم ڪري ورتي.

مان يانيان ٿو ته، ۾ي گول ميز ڪانفرنس ڪرائڻ وقت، برطانيا خود پنهنجي اندروني ملڪي بحران ۾ ورتل هو ۽ شايد اُهو ئي سبب هو جو برطانيا ۾ي گول ميزڪانفرنس ۾ هندستان جي مسئلي جي حل واسطي ڪو گهڻو موثر ڪردار ادا ڪري نه ٿي سگهيو. جيتوڻيڪ ۾ي گول ميز ڪانفرنس ٻ، هندو_مسلم اڳواڻن ۾ ڪنهن ٻ اسڪيم تي گڏيل نموني سان ڪو اتفاق نه ٿيڻ سببان ناڪام ٿي هئي، پر بهرحال، اُها ٻ حقيقت آهي ته انگريز ٻ اُنهي ڪانفرنس ۾ ٽياڪڙ طور ڪنهن وڏي ڪردار سان ظاهر نه ٿيا، ۽ مجموعي طور سڄي صورتحال مايوسي واري هئي؛ ۽ شايد اُها مايوسي واري صورتحال هئي، جنهن جناح کي لنڊن کان هندستان موٽڻ بدران اُتي ئي ڪيس لنڊن ۾ رهي پوڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو هوندو.

67. Stanley Wolpert, Jinnah of Pakistan, Oxford University, Karachi, 2008, p,127

68. Ibid,p,127

69. Ibid,p,128

70. اصل ۾ هندو_ مسلم تضاد انگريزن کان اڳ ئي هو. خاص طور ننڍي کنڊ ۾ اسلام پکڙجڻ کانپوءِ هندن جي هيٺين غريب ۽ پورهيتن طبقي خاص طور اڇوت (Untouchable)مخلوق طرفان رضاڪارانه طو راسلام قبول ڪرڻ بعد اهو تضاد پنهنجي پوري سگهه سان ظاهر ٿيو. ان ڪري اُنهي تضاد يا تڪرار جو انگريزن کي هرگز ذميوار قرار نه ٿو ڏئي سگهجي. دراصل، جناح انهي هندو_مسلم تضاد جو

بعد ۾ گهرائي سان شعور حاصل ڪري ورتو هو ۽ اهو ئي سبب هو جو هن انهي مسئلي جي حل لاءِ سياست ۽ رياست جي ڪاروهنوار ۾ هندن ۽ مسلمانن کي برابري جي بنياد تي حصيداري ڏيڻ کي ضروري ٿي سمجهيو جنهن ڪري هُو آخر تائين(يعني 6 جون 1947ع واري مائونٽ بيٽن جي ورهاڱي جي پلان کان اڳ تائين) گڏيل وفاقي هندستان ۾ مسلمانن کي سياسي برابري(Political Parity) جي بنياد تي نمائندگي ڏيڻ جو مطالبو ڪندو رهيو جنهن کي جڏهن ڪانگريس ۽ ان جي ليڈرشپ پاران قبول نه ڪيو ويو ۽ اُن جناح ۽ مسلم ليگ جا سمورا رستا بند ڪري ڇڏيا، تہ تڏهن مجبورن، جناح ۽ مسلم ليگ کي پاڪستان جو مطالبو ڪرڻو پيو تان جو 14 آگسٽ 1947ع تي هندن ۽ انگريزن جي ملي ڀڳت وارو هڪ انتهائي ڪمزور ۽ پاڻ _وهيڻو پاڪستان ٺهي ٻہ ويو. (جيڪو پنهنجي ٻن ڏهاڪن واري عمر ۾ ئي ٻہ اڌ ٿي ويو)

71. تفصيل لاءِ پڙهو جسونت سنگهه جو ڪتاب، جناح_انڊيا، پارٽيشن، انڊيپينڊنينس، آڪسفورڊ يونيورسٽي پريس، ڪراچي، سنڌ،
72. Stanley Wolpert, Jinnah of Pakistan, Oxford University, Karachi, 2008, p,128_29
73. Ibid,p,129
74. Ibid,p,129
75. Jaswant Singh, Jinnah, India _ Partition_ Independence, Oxford University Press, Karachi,2010, p,162
76. Ibid,p,163
77. Ibid,p,163
78. تفصيل لاءِ پڙهو استينلي وولپرٽ جو انگريزي ۾ لکيل ڪتاب، جناح آف پاڪستان، آڪسفورڊ يونيورسٽي، ڪراچي، سنڌ
79. Stanley Wolpert, Jinnah of Pakistan, Oxford University, Karachi, 2008, p,1
80. Ibid,p,130
81. Ibid,p,131
82. اسد سليم شيخ، هماري دستوري تاريخ، 1600_ 2011ع، اظهار سنز لاهور، صحفہ 167_66
83. تفصيل لاءِ پڙهو ايازعلي جو مقالو پاڪستان جوبنياد_ٻہ قومي نظريو يا صوبائي خودمختياري، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، 2014ع، صحفو276
84. ساڳيو صحفو276
85. ساڳيو صحفو276
86. ساڳيو صحفو276
87. ساڳيو صحفو276
88. ساڳيو صحفو278
89. ساڳيو صحفو278
90. Jaswant Singh, Jinnah, India _ Partition_ Independence, Oxford University

Press, Karachi,2010, p,162
91. ايازعلي، پاڪستان جوبنياد_ ۾ قومي نظريو يا صوبائي خودمختياري، صحفو 305، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو 2014ع
92. ساڳيو صحفو278
93. ساڳيو صحفو278
94. ساڳيو صحفو278
95. ساڳيو صحفو279
96. ساڳيو صحفو279
97. Stanley Wolpert, Jinnah of Pakistan, Oxford University, Karachi, 2008, p,131
98. Ibid,p,131
99. Ibid,p,131
100. Ibid,p,132
101. Ibid,p.132
102. Ibid,p,132
103. تفصيل لاءِ پڙهو عائشہ جلال جو انگريزي ۾ لکيل ڪتاب، سول اسپوڪ مين، جناح، مسلم ليگ ۽ ڏماند فار پاڪستان. سنگ ميل پبليڪيشنز لاهور 2010ع

باب ڏهون

جناح جو هندستان اچڻ، چونڊون ۽ ڪانگريسي ليڊرشپ جي ناعاقبت انديشي!

(1934_1940ع)

اُنهي عرصي دوران، جڏهن هندستان جي مسئلي جي آئيني حل واسطي لنڊن ۾ گول ميز ڪانفرنسون ٿي ٿيون، ۽ چوڌري رحمت علي ۽ سندس هم_خيال مسلم دانشورن طرفان، پاڪستان ناهڻ جون ڳالهيون ٿي هليون، تہ تڏهن جناح خاموشيءَ سان اُن سڄي صورتحال جو جائزو ونندي لنڊن ۾ ئي ترسيل رهيو. جيتوڻيڪ اُن وچ ۾ هندستان جي عبدلمتين جهڙن مسلم اڳواڻن طرفان، جناح سان لنڊن ۾ خطن جو سلسلو جاري ٿي رکيو[1] جن ۾ جناح تي اُهو زور رکيل هو تہ هُو جئين تئين ڪري، هندستان موٽي اچي، جو هندستان ۾ مسلمانن جي حالت ابتر آهي، ۽ جن کي صرف جناح جهڙو اڳواڻ ئي سنيالي ۽ بچائي سگهي ٿو. بهرحال، جناح هندستان ڏانهن اچڻ واري ڳالهہ ۽ مطالبن کي ٽاريندو ئي رهيو.[2]

اصل ۾، جناح هندستان جي سياست ۽ هندو اڳواڻن جي رويي کان بنهہ مايوس ٿي چڪو هو. هنڊن جي هٺ_ڏرمي سببان، هن جون هندو_مسلم اتحاد لاءِ ڪيل ڪوششون ناڪام ثابت ٿيون هيون. اُن ڪري، هن هندستان ڏانهن واپس ورڻ واري ڪنهن بہ مطالبي ڏانهن ڪو ڌيان ڏيڻ نہ ٿي چاهيو. نيٺ، 1934ع واري سال جي شروعات ۾ لياقت علي خان زال سميت جناح وٽ ڪهي آيو.[3] ساڻس ڏکهي ڪچهري ڪيائين، ۽ مٿس هندستان واپس اچڻ تي پڻ زور ڀريائين. دراصل لياقت علي خان ياران لنڊن ۾جناح سان ملاقات ڪرڻ جو واحد مقصد ئي اُهو هو تہ جناح

کي هندستان واپس آندو ويجي. اهو ئي سبب هو جو لياقت علي خان لنڊن ۾ جڏهن به جناح سان ملاقات ٿي ڪئي، تہ ساڻس ور ور ڏئي اُها ڳالهہ ٿي ڪيائين:

"اوهان کي هندستان واپس اچڻ گهرجي، چاڪاڻ تہ اوهان ئي مسلم ليگ کي نئين زندگي ڏئي ان کي مرڻ کان بچائي سگهون ٿا."[4]

چون ٿا تہ، شروع ۾ تہ جناح، لياقت علي خان جي اُنهي مطالبي تي ڪو خاص ڌيان نہ ڏنو. البت، جڏهن لياقت علي خان هر ملاقات ۾ جناح کي ور ور ڏئي، مٿس هندستان موٽي اچڻ تي زور ڏيندو رهيو تہ جناح به، اُن معاملي تي سنجيدگي سان ويچارڻ لڳو.[5] اصل ۾، جناح جي لنڊن ۾ رهي پوڻ سببان آل انڊيا مسلم ليگ بنهہ ختم ٿي چڪي هئي. اُن جي تنظيمي سگهہ ۽ قوت مختلف گروهن ۽ ٽولن ۾ ورهائجي، جڻ تہ پنهنجو اثر وڃائي ويٺي هئي. مسلم ليگ جو صرف نالو بچيو هو ڪا قيادت نہ هئي، ڪو موقف نہ هو ڪا تنظيم سازي نہ هئي. حال هيٺا هوس.

جناح جو سوانح نگار الحاج محمد حسين ٻڌائي ٿو:

"تن ڏينهن، جناح جي هندستان مان عدم موجودگي سببان مسلم ليگ پنهنجي اهميت وڃائي ويٺي هئي. اُنهي عرصي ۾ ٿي مسلم ليگيون ٻهي چڪيون هيون. هڪ اصلي ۽ پراڻي مسلم ليگ، جي عبدالعزيز بئريسٽر جي مسلم ليگ ۽ ٽين وري حافظ هدايت الله جي مسلم ليگ هئي. ائين، اصل مسلم ليگ جي طاقت جيڪا اڳ ۾ ويهجي وئي هئي، اُها ويتر ڪمزور ٿي وئي هئي. هيڏانهن، وري مولانا حسرت موهاني وارن انڊيپينڊنٽ پارٽي پڻ ناهي ڇڏي هئي، ۽ چوڌري خليق الزمان ميدان صاف ڏسي يونٽي بورڊ جوڙي ورتو هو جنهن سببان مسلمان وڌيڪ ٽولن ۾ ورهائجي ويا هئا. ان جي ابتڙ وري ڪانگريس چڱي طرح سان منظم ٿيندي، سگهہ حاصل ڪندي ٿي وئي ۽ حڪومت مٿان پنهنجو اثر رسوخ به وڌائي رهي هئي."[6]

بهرحال، ائين ئي جناح ۽ لياقت علي خان ۾ هڪ حتمي ملاقات ٿي. "مسلمانن کي اوهان جي ضرورت آهي. مسلمانن کي هڪ اهڙي اڳواڻ جي ضرورت آهي، جنهن کي ڪنهن به طرح سان خريد نہ ڪري سگهجي." [7] لياقت علي خان جناح سان ملڻ شرط ئي ائين چئي ڏنو.[8] هيڪٽربوليٿو ان تي تبصرو ڪندي لکي ٿو:

"جناح سچ پچ وڪڻ ۽ جهڪڻ جهڙو اڳواڻ نہ هو دنيا جي ڪا به طاقت ڪيس

ڪنهن به طرح سان خريد ڪري نه ٿي سگهي."[9]

بهرحال، اُنهي ملاقات ۾ اُن ۾ لياقت علي خان جي تمام گهڻي زور ڀرڻ بعد جناح، لياقت کي چيو ته جي تون صفا نه ٿو مڃي ته پوءِ گهٽ مان گهٽ تون واپس هندستان وڃ، ۽ اُتي جي صورتحال جو واءُ سواءُ وٺي، مون کي واقف ڪر. جيڪڏهن حالتون منهنجي وابس اچڻ جي حق ۾ هوندیون ته مان ضرور هندستان واپس ايندس.[10] جناح جي ائين چوڻ کانپوءِ لياقت علي خان ڏاڍو خوش ٿيو ۽ ڪجهه ڏينهن بعد هندستان واپس هليو ويو.[11] هندستان اچي مختلف مسلم سياسي اڳواڻن سان ملاقاتون ڪيائين، سندن جناح بابت خيالن کان واقفيت حاصل ڪيائين، مختلف علاقن جا دورا ڪيائين، اُتي جي صورتحال جو جائزو ورتائين، ۽ پوءِ وري جناح ڏانهن خط لکيائين، جنهن ۾ عرض ڪيائين ته هندستان جو حالتون اوهان جي حق ۾ آهن، مهرباني ڪري هاڻ واپس اچو ۽ دير نه ڪريو.[11]

لياقت علي خان جي اُنهي خط ملڻ کانپوءِ، جناح به اپريل 1934ع ۾ لنڊن کان ڪهي هندستان هليو آيو.[12] "جنهن عظيم مقصد لاءِ جناح انگلينڊ جي پرسُڪون زندگي کي الوداع ڪري هتي هندستان آيو هو. اُن لاءِ هن اچڻ شرط ئي جدوجهد شروع نه ڪئي. جيتوڻيڪ لياقت علي خان اُها راءِ ته ضرور قائم ڪئي هئي ته هتي ڪم ڪرڻ لاءِ ماحول سازگار آهي، پر جناح جي دل ۽ دماغ ۾ ايڏا به ڪجهه بي چيني هئي. هن کي اها پليءَ پٽ جاڻ هئي ته سياسي جدوجهد جو رستو ڏکيو ۽ بنهه اڻانگو آهي. اُنهي رستي ۾ هن کي بنهه وڏين طاقت ۽ شخصيتين سان ٽڪر کائڻو پوندو. اهو ئي سبب هو جو هن پنهنجي فيصلي واري سگهه جي باوجود، پنهنجي سياسي مهم جي شروعات ۾ ڪا به تڪڙ ۽ اُبهرائي نه ٿي ڏيکاري."[13] جناح جو سوانح نگار الحاج محمد حسين گوهر لکي ٿو:

"هُو اپريل 1934ع ۾ هندستان موٽي آيو هو. اُهاڳالهه دراصل، ان جو اعتراف هو ته هندستان جو سياسي اُفق ايڏا به مڪمل طور اونداهو ناهي ٿيو ۽ مسلمانن کي متحد ڪرڻ جو ايڏا به امڪان موجود آهي. انهي مهيني مسلم ليگ جي هڪ اجلاس کي خطاب ڪندي. هن چيو ته منهنجي لاءِ ان کان وڌيڪ بي ڪابه خوشي نه ٿي سگهي ته هندن ۽ مسلمانن ۾ سچي دوستي ٿئي، ۽ اهي هڪ ٻئي سان دل سان سهڪار ڪن، پوءِ وري هو واپس لنڊن ڏانهن هليو ويو ۽ ڪجهه مهينا اتي ترسيل رهيو. ان جي ذهني اُڻ ٽُڙ ايڏا به ختم نه

ٿي هئي. هڪ طرف هو هندو_مسلم اتحاد جي خواهش کي ختم نه ٿي ڪري سگهيو ته وري ٻي طرف عقل ائين ٿي چيس ته اُها خواهش هڪ اهڙي خواب مثل آهي، جيڪو ڪڏهن به ساڀيان نه ٿي سگهندو. عقل ۽ دل جي اُها ڇڪتاڻ ايڏا جاري ئي هئي، جو آڪٽوبر ۾ بمبئي جي مسلمانن جناح کي مرڪزي اسيمبلي ۾ پنهنجي نمائندي طور چونڊرائي ڇڏيو. جناح ان وقت لنڊن ۾ هو. هن جي پيروڪارن هن جي اجازت وٺڻ کانسواءِ ئي هن کي چونڊرائي ڇڏيو هو. انهي غيرمعمولي ڪاميابي جي خبر جناح کي لنڊن جي ان هوٽل ۾ ملي، جتي هو تن ڏينهن ترسيل هو. اُن مان اها ڳالهه بلڪل واضع ٿي وئي ته مسلمانن کي هن جي ضرورت هئي، ۽ مٽس مڪمل طور تي اعتماد ڪيو ٿي ويو. جنوري 1935ع ۾ هو نئين اسيمبلي جي پهرين اجلاس ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ هندستان واپس موٽي آيو پر اپريل ۾ وري لنڊن هليو ويو ۽ آڪٽوبر تائين اتي ئي ترسيل رهيو."[14]

بهرحال، انهن ئي ڏينهن ۾ برطانوي سرڪار طرفان 1935ع وارو گورنمينٽ آف انڊيا ايڪٽ به لاڳو ڪيو ويو.[15] گورنمينٽ آف انڊيا ايڪٽ جي اچڻ کانپوءِ هندستان ۾ چونڊن جو به اعلان ڪرايو ويو جيڪي مارچ 1937ع ۾ ٿيڻ واريون هيون.[16] ڪانگريس 1935ع واري سال کان ئي چونڊن جي تياريون شروع ڪري ڏنيون.[17] جڏهن ته مسلم ليگ به، جناح جي اڳواڻي ۾، پاڻ ۽ مسلمانن کي منظم ڪرڻ شروع ڪري ڏنو.[18]

چون ٿا ته، اُنهي 1936ع واري سال جي شروع وارن ڏهاڙن ۾ جناح هڪ انتهائي خطرناڪ فرقيواراڻي جهيڙي ۾ نهايت اهم ۽ زبردست ڪردار ادا ڪيو.[19] جنهن جا تفصيل ڪجهه هن ريت آهن ته "لاهور شهر ۾ هڪ مسجد هئي، جنهن کي مسلمانن جي ملڪيت شمار ڪيو ويندو هو. بعد ۾ ان تي سکن قبضو ڪري ورتو جنهن سببان سکن ۽ مسلمانن ۾ تڪرار کڙو ٿي پيو. اُهو تڪرار ڪيڇ وقت تائين هلندو رهيو. نيٺ ٻنهي ڌرين ۾ زبردست جهيڙو ٿي پيو جنهن ۾ وڏي خونريزي پڻ ٿي. نتيجي ۾ ٻنهي ڌرين جي اڳواڻن کي جيل ۾ وڌو ويو. اُنهي نازڪ وقت تي محمد علي جناح امن ۽ ناهه جو پيغام ڪڻي لاهور پهتو ۽ ڌرين جي ڪاوڙ گهٽ ڪرڻ جي ڪوشش ڪيائين، پوءِ جناح جي چوڻ تي ٻنهي ڌرين جا اڳواڻ هڪ هنڌ ويٺا. ۽ جناح پنهنجي زبردست دليلن واري طاقت سان ٻنهي ڌرين کي ناهه ڪرڻ تي مجبور ڪري وڌو. هن آئيني طريقي ڪار تي زور ڏنو ۽ پنهنجا دليل ٻنهي ڌرين کان ائين مڃرايائين، جئين ڪو ڏنڊي جي زور تي پنهنجي

حڪم کي مڃرائي. نيٺ ٻئي ڏريون، ان ڳالهه تي متفق ٿي ويون ته، اُهو سڄو معاملو هڪ وچ واري ڏر جي حوالي ڪيو ويڃي، ۽ اها ڏر جيڪو به فيصلو ڪندي، ان کي قبول ڪيو ويندو."[20] هيڪٽربوليٿو جناح جي انهي سڄي معاملي ۾ ادا ڪيل ڪردار ۽ ان ۾ مليل ڪاميابي تي تبصرو ڪندي لکيو آهي:

"اُها جناح جي وڏي ڪاميابي هئي، ۽ ان سان هن اهو ثابت ڪري ڇڏيو ته فرقيواراڻي اتحاد جو امڪان ايجا به باقي آهي."[21]

هيڪٽر بوليٿو ٻڌائي ٿو ته اُنهي مسئلي کي پُرامن طريقي سان حل ڪرائڻ سببان پنجاب جي گورنر به محمد علي جناح جو ٿورو مڃيو ۽ لکيائين:

"مسٽر جناح انهي مسئلي جي حل واسطي جيڪي ڪوششون ورتيون، ان لاءِ مان سندس بي حد ٿورائتو آهيان. هن جيڪو ڪم ڪيو ۽ جيڪو وري ڪري رهيو آهي. اهو داد ڏيڻ جوڳو آهي. هن جي پهرين ڪوشش اها هئي ته مسلمانن جي احتجاج کي قانون جي دائري ۾ آندو ويڃي. ان ۾ هو ڪامياب ٿي چڪو آهي، ۽ هاڻ حڪومت ان سلسلي ۾ جيڪو قدم کڻڻ گهري ٿي. ان جي لاءِ رستو هموار ٿي ويو آهي."[22]

بهرحال، 1937ع وارين چونڊن ۾ باقائدگي سان حصي وٺڻ لاءِ، جتي ڪانگريس پنهنجي پارٽي طرفان پارلياماني بورڊ جوڙي ورتو.[23] اُتي مسلم ليگ به، 1936ع ۾ پارلياماني بورڊ جوڙي چونڊن ۾ پرپور نموني سان حصي وٺڻ جون تياريون ڪرڻ شروع ڪري ڏنيون. ان ڏس ۾، مسلم ليگ جو 1936ع ۾ هڪ انتهائي اهم اجلاس بمبئي ۾ ٿيو[24] جنهن جي صدارت جناح ڪئي.[25] انهي اجلاس ۾ دراصل، مسلم ليگ طرفان پنهنجو هڪ ڏار مرڪزي چونڊن وارو پارلياماني بورڊ جوڙيو ويو.[26] "ان ڪانپوءِ مسلم ليگ کي وڏي سطح تي تحرڪ ۾ آندو ويو جنهن سببان اها هڪ سرگرم ۽ اهم جماعت بڻجي وئي."[27] هيڪٽربوليٿو موجب، انهي ساڳئي سال جي مارچ مهيني ۾ جناح دهلي ۾ مسلم ليگ جي ڪجهه ميمبرن سان ڳالهائيندي چيو:

"اسان کي ڪپي ته اسان مسلمانن جي مفادن کي سامهون رکو. جيڪڏهن اوهان انهن جي بهتري ۽فائدي لاءِ وڏي محنت نه ڪندؤ ته اوهان هرگز

ڪامياب نہ ٿي سگھندوءِ. ڪو بہ ماڻھو اوھان جو احترام نہ ڪندو. ڪو بہ اوھان کان مشوري يا صلاح مصلحت ڪرڻ لاءِ نہ ايندو. ان ڪري اوھان کي گھرجي تہ توھان عوام کي منظم ڪريو ۽ ان کي ان قابل بڻايو تہ اھا پنھنجي حيثيت ۽ اھميت مطابق ملڪ جي سياست ۾ حصو وٺي سگھي. منھنجو خيال آھي تہ ھندن ۽ مسلمانن کي ڌار ڌار منظم ڪريو. ائين ڪرڻ سان ٻئي فرقا وڌيڪ بھتر نموني سان ھڪٻئي کي سمجھڻ جھڙا ٿي پوندا ۽ انھن ۾ مفاھمت ڪرائڻ واري ڳالھ سولي ٿي پوندي. مان اٽ ڪروڙ مسلمانن کي منظم ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رھيو آھيان. جيڪڏھن اھي چگي طرح سان منظم ٿي ويا، تہ پوءِ اُھي ھندستان جي قومي آزادي واري تحريڪ ۾ وڏو ڪم ڪري سگھن ٿا." [28]

بھرحال، جناح انگلينڊ کان واپس ھندستان اچي، قومي آزادي واري تحريڪ واسطي ھندن ۽ مسلمانن کي منظم ڪرڻ جون جڏھن ڪوششون ڪري رھيو ھو تہ تڏھن اُن وقت ھندن ۽ مسلمانن جي لاڳاپن جي جيڪا متضاد ۽ تڪراري سياسي صورتحال ھئي. ان بابت بوليٿو ھئين لکي ٿو:

"ھندن ۽ مسلمانن جي گڏيل جھيڙن ۽ تڪرارن جي باوجود، سندن اختلاف واضح نہ ھئا. اُھو خيال بلڪل غلط آھي، تہ اُھي ٻئي ڏريون جنگ جي ميدان ۾ ٻن مخالف فوجن وانگر ھڪٻئي خلاف ٻيٺل رھيون. ۽ ھڪ ڏر جي ھٿن ۾ ڪانگريس جو جھنڊو تہ وري ٻي ڏر جي ھٿ ۾ مسلم ليگ جو ھو. اھا غلط فھمي گھٽو ڪري انھن کي ٿئي ٿي، جن وٽ صرف اولھ واري سياسي زندگي جي علم ۽ تجربو آھي. اُھي سمجھن ٿا تہ ھندن ۽ مسلمانن ۾ فرق ۽ تڪرار ائين ئي واضح ھو، جئين انگلينڊ ۾ ٽوري پارٽي ۽ ليبر پارٽي يا وري آمريڪا ۾ ڊيموڪريٽڪ ۽ ريپبلڪ پارٽين ۾ واضح آھي، پر حقيقت ائين ناھي. حقيقت ۾ ڏٺو وڃي تہ، ڪانگريس ۽ مسلم جي پليٽ فارم تان جيڪي ماڻھو منظم ۽ متحد ٿي رھيا ھئا، انھن جي سياسي وابستگي ڏاڍي عجيب ۽ غريب ھئي. سمورا ھندو ڪانگريس سان گڏ نہ ھئا. اُنھن مان ڪيترائي آزاد خيال ماڻھو بہ ھئا، جن جي باقائدہ ڪنھن سياسي تنظيم سان ڪو واسطو ئي نہ ھو. ۽ اُھي وڏي حد تائين گانڌيءَ ۽ سندس ساٿين جي انقلابي طريقن کان بيزار ٿيو وينا ھئا، بلڪل ائين ئي، سمورا مسلمان بہ مسلم ليگ سان گڏ نہ ھئا، خاص طور پنجاب ۾ تہ مسلم ليگ ڪنھن ڳڻپ ۾ ئي نہ ھئي. اھو مسلم گھٽائي وارو صوبو ھو ۽ اُتي مسلمانن کي ھندن جي ھٿان مغلوب ٿي وڃڻ وارو ڪو بہ خطرو نہ ھو. اُتي مسلمانن جون مسلم ليگ کانسواءِ ٻيون ڪيتريون ئي اھڙيو پارٽيون ھيون، جيڪي عوام ۾ گھڻيون ئي مشھور ٿي چڪيو ھيون. جناح، جڏھن مسلم ليگ کي نئين سر منظم ڪرڻ جو ڪم

شروع ڪري ڏنو تہ اُن وقت اُتي ٻيون ڪيتريون ئي پارٽيون اُن صوبي ۾ موجود هيون. مسلم ليگ ان صوبي ۾ بلڪل هڪ نئين پارٽي ۽ ڪمزور حالت ۾ هئي. ان ڪري، اها اميد نہ هئي تہ ٻين پارٽين جا اڳواڻ ۽ زميندار وغيره انهن مان نڪري مسلم ليگ ۾ اچي شامل ٿيندا.

تنهن ڪانسواءِ، مسلمانن جون ڪيتريون ڏريون ڪانگريس جون بہ حامي هيون. سرحد صوبي ۾ مسلمانن جي وڏي گهٽائي هئي، پر اُهو سڄو صوبو وري ڪانگريس جو ئي ڳڙهہ هو. پنجاب جي اُن ڏينهن ۾ هڪ بہ مسلم ليگي نمائندو مرڪزي يا صوبائي اسيمبلي جي چونڊ ۾ ڪامياب نہ ٿي سگهيو هو. جڏهن تہ، سنڌ صوبي ۾ بہ مسلمانن جي گهٽائي هئي، پر اُتي بہ مسلمانن مسلم ليگ کي رد ڪري ڇڏيو هو. (ياد رهي تہ 1937ع وارين چونڊن ۾ مسلم ليگ سنڌ مان هڪ بہ سيٽ حاصل نہ ڪري سگهي هئي. سنڌ ۾ مسلم ليگ جي پڏيرائي ۽ حمايت وارو دور بعد ۾ شروع ٿيو ا.ع) سنڌي هندو ۽ مسلمانن جو هڪ وڏو تعداد ڪانگريس سان گڏ هو جنهن هندستان جي ورهاڱي جي سخت مخالفت ڪريو ڇڏي هئي. هندستان جا مسلمان هن بنهہ وسيع خطي ۾ منتشر ۽ ڇڙ وڇڙ هئا. حالت اُها هئي، جو هڪ صوبي جا مسلمان وري ٻي صوبي جي مسلمانن کان واقف بہ نہ هئا. جناح انهي ڇڙوڇڙ ۽ منتشر ٿيل مسلمانن کي منظم ڪرڻ جي ذميواري ڪنئي، ۽ اها پُوري بہ ڪري ڏيکاري"[29]

بهرحال، ائين ئي 1937ع وارو سال بہ سڙهي آيو. هي سال هندستان جي تاريخ جو هڪ اهم سال، ان ڪري بہ آهي، جو اُنهي سال ۾ نہ صرف نئين آئين تحت صوبائي چونڊون ٿيون، پر اُنهن چونڊن ۾ مليل ڪاميابي سببان ڪانگريس ۽ ان جي ليڈرشپ بہ پنهنجي اصلي چهري، مفاد ۽ ارادن سان ظاهر ٿي ٻيٺي، جنهن سببان جناح ۽ مسلم ليگ نہ صرف ڪانگريس کان بنهہ پري ٿي ويا،[30] پر هندستان جي مسلمانن جي سياسي سگهہ ۽ قوت کي منظم ڪرڻ لاءِ هڪ نئين حڪمت عملي بہ جوڙي ٿي ورتائون.

نيٺ چونڊون ٿيون، ۽ ڪانگريس پنهنجي توقع کان بہ وڌيڪ ڪاميابي حاصل ڪندي، يارنهن صوبن جي ڪل 1585 سيٽن مان 716 سيٽون کٽي ورتيون.[31] جڏهن تہ، مسلم ليگ جي پوزيشن ڪجهہ ڪمزور ئي ثابت ٿي، جو ان 484 سيٽن مان ڪُل 102 سيٽن تي ڪاميابي حاصل ڪئي.[32] جيتوڻيڪ چونڊن ۾ ڪانگريس ئي واضع اڪثريت سان ڪاميابي حاصل ڪئي هئي. اُها صوبن ۾ اڪيلي سر ئي وزارتون ٺاهڻ جي مجاز هئي، پر جئين تہ، چونڊن کان اڳ ڪانگريس ۽ مسلم ليگ جي وچ ۾ يوپيءَ ۾ سهڪار ڪرڻ واسطي معاهدو ڪيو ويو هو. ان ڪري، چونڊن ۾

ڪاميابي ڪانپوءِ ڪانگريس تي اُهو لازم هو تہ اُها ٻين صوبن ۾ نہ تہ گهٽ مان گهٽ يوپيءَ ۾ مسلم ليگ سان سهڪار ڪري، گڏيل حڪومت جوڙي، ان کي صوبائي وزارتن ۾ شامل ڪري ها. جڏهن تہ، جناح ۽ مسلم ليگ جو پڙ اُهو مطالبو هو تہ صوبن ۾ ڪانگريس ۽ مسلم ليگ جون گڏيل وزارتون/ حڪومتون جوڙيون وڃن. پر افسوس سان چوڻو ٿو پوي تہ ڪانگريس، ۽ ان جي ليڊرشپ نہ صرف يوپيءَ ۾ مسلم ليگ سان گڏيل حڪومت جوڙڻ کان ٽپ انڪار ڪري ڇڏيو پر مورڳو جواهرلانهرو چوندن ۾ مليل ڪاميابي جي غرور ۾ اچي، ائين بہ چئي ڇڏيو تہ هندستان ۾ هاڻ صرف بہ پارٽيون آهن، هڪ انگريز ۽ ٻئي ڪانگريس.[33] نهرو جي اهڙي بيان اچڻ ڪانپوءِ جناح بہ توائي ٽيندي، اهو بيان جاري ڪيو تہ اها نهروءَ جي غلط فهمي آهي، هندستان ۾ بہ پارٽيون نہ، پر ٽي پارٽيون آهي، ۽ اُها ٽين پارٽي مسلمان آهن.[34]

اهڙي بيان ڏيڻ ڪانپوءِ هيڪٽربوليٽو موجب، جناح مسلم ليگ طرفان نقطہ نظر بيان ڪيو جنهن ۾ هن چيو:

"اسان کي ڪنهن بہ ڏُر جي اشاري تي هلڻ واري ڳالهہ هرگز پسند ناهي. اسان ڪنهن بہ اهڙي پارٽيءَ سان سهڪار ڪرڻ لاءِ تيار آهيون، جيڪا ترقي پسند هجي، ۽ جنهن جا اصول توڙي پروگرام اسان لاءِ قبول ڪرڻ جوڳا هجن، پر اسان کي ڪنهن بہ پارٽيءَ جو پڇ_لٽڪائو بڻجي رهڻ قبول ناهي. ملڪ جي ڀلائي ۽ ترقيءَ لاءِ اسان هر پارٽيءَ سان سپ_طرفو تعاون ۽ سهڪار ڪرڻ لاءِ تيار آهيون، پر صرف اُن صورت ۾، جڏهن اسان کي برابري وارو درجو ڏنو ويندو."[35]

هيڪٽربوليٽو ٻڌائي ٿو:

"ڪانگريس، ۽ پنڊت نهرو تي جناح جي اُنهن ڳالهين جو ڪو اثر نہ ٿيو ۽ جيڪا گڏيل سهڪار جي آڇ جناح ڪئي هئي، ان کي نهروءَ ساڻ ۽ نفرت وچان رد ڪري ڇڏيو."[36]

هيڪٽربوليٽو موجب، سرپرسيول گرفٽز جيڪو ڪنهن زماني ۾ هندستان جي مرڪزي ڪائونسل ۾ يورپين پارٽي جو اڳواڻ هو ڪانگريس ۽ نهروءَ جي اُنهي غلطيءَ تي هيئن تبصرو ڪيو آهي:

"ڪانگريس جا اڳواڻ، مسلم ليگ کي اقتدار ۾ حصيداري ڏيڻ تي تيار نہ ٿيا، جنهن جو نتيجو اُهو نڪتو جو جن صوبن ۾ هندن جي اڪثريت هئي، اُتي

ڪانگريس اڪيلي سر پنهنجو راج قائم ڪري ورتو. جيتوڻيڪ يوپيءَ صوبي ۾ مسلم ليگ جي اڳواڻن کي حڪومت ۾ شامل ٿيڻ جي دعوت ڏني وئي، پر ان شرط جي بنياد تي اُهي ڪانگريس ۾ شامل ٿي، ان جا ميمبر بڻجي ويجن، ۽ مسلم ليگ جو وجود ئي ختم ڪريو ڇڏين.بين صوبن ۾ به ڪانگريس طرفان اهڙا شرط رکيا ٿي ويا. نتيجو اُهو نڪتو جو هڪ کي ڇڏي باقي ٻي ڪنهن به مسلم ليگ جي ميمبر کي وزارتن ۾ شامل نه ٿي ڪيو ويو. ان ڳالهه ۾ ڪو شڪ ناهي ته آئين ۾ قانون مطابق ڪانگريس کي اهو حق مليل هو ته جتي اُن جي اڪثريت هجي، اُتي اها ڪنهن به ڏُر کي شامل ڪرڻ کانسواءِ پنهنجي حڪومت جوڙي سگهي ٿي، پر ان جي باوجود، ان حقيقت کان انڪار نه ٿو ڪري سگهجي ته عملي نقطه نظر کان اها هڪ وڏي زبردست غلطي هئي.سماجي ۽ معاشي مسئلن ۾ ڪانگريس ۽ ليگ جي وچ ۾ ڪي اهڙا بنيادي نوعيت جا اختلاف نه هئا، جن جي ڪري حڪومت ۾ ان کي شامل ڪرڻ ڏکيو يا ناممڪن هجي ها. بهرحال، مسلمانن ائين ئي سمجهيو ته انهن کي اقتدار ۾ ان ڪري شامل نه ڪيو ويو جو ڪانگريس، دراصل، هندن جي ئي جماعت آهي."[37]

جواهر لال نهروءَ جي اُنهي غلطي تي، تنقيدي تبصرو ڪندي استينلي وولپرٽ لکي ٿو:

"It would not be the last of Nahru's political error of judgement in his dealing with Jinnah, but it was the one of the most fatal mistakes he ever made in a moment of hubris. More than Iqbal, it was Nahru who charted a new mass strategy for the League, prodding and challenging Jinnah to leave the drawing rooms of politics to reach down the hundred milliom Muslims who spent most of each day laboring in rural fields."[38]

"جناح سان مفاهمت ڪرڻ جي حوالي سان نهروءَ جي اُها ڪا آخري غلطي ته نه هئي. البت، اُها هن جي خطرناڪ غلطين مان هڪ ضرور هئي، جيڪا نهروءَ کان انتهائي خوداعتمادي واري عام ۾ سرزد ٿي. دراصل، اقبال، کان وڌيڪ اهو نهرو ئي هو جنهن جي ڪري ليگ کي هڪ بنهه نئين حڪمت عملي اختيار ڪرڻي پئي، ۽ جناح کي ڊرائنگ روم واري سياست مان ٻاهر ڪڍي انهن لکين ڪروڙ مسلمانن جي ويجهي اچڻ، ۽ کين منظم ڪرڻ جو موقعو ڏنو جيڪي ٻهراڙين ۾ زمين جو پُور هيو ڪندڙ هئا."

بهرحال، ائين ڪانگريس، جناح ۽ مسلم ليگ جي طرفان سهڪاري رويي ظاهر ڪرڻ، ۽ حڪومت ۾ شامل ڪرڻ واري واضع مطالبي جي

باوجود، صوبائي وزارتن ۾ مسلم ليگ کي حصداري ڏيڻ بدران هندستان جي مختلف صوبن ۾ اڪيلي سر صوبائي حڪومت قائم ڪري ويهي رهي،[39] جنهن دوران ڪانگريس "بندي ماترم"[40] جهڙن هندو مذهبي گيتن کي قومي تراني واري حيثيت ڏيندي، ان کي اسڪولن ۾ لازمي طرح پڙهائڻ ۽ ڳائڻ جهڙا ٽيٽ فرقيواراڻا فيصلا ڪري، جتي هندستان جي سمورين مذهبي اقليتن کي رنجايو اُتي وري هندو ۽مسلمانن ۾ تلخي ۽ نفرت ۾ بہ اضافو آڻي ڇڏيو. ائين، اهڙي صورتحال ۾ مسلم ليگ جو لکنوءَ وارو ساليانو اجلاس 15 آڪٽوبر 1937ع تي ٿيو.[41]

چون ٿا تہ، هيءُ آل انڊيا مسلم ليگ جو هڪ وڏو اجلاس هو جنهن ۾ لڳ ڀڳ پنج هزار کان بہ وڌيڪ ماڻهن شرڪت ڪئي هئي.[42] جناح انهي اجلاس کي خطاب ڪندي چيو تہ "آل انڊيا مسلم ليگ جو هي اجلاس سندس قيام کان وٺي ٽيل مڙني اجلاس کان وڌيڪ اهم اجلاس آهي."[43] جناح اجلاس ۾ زوردار تقرير ڪندي چيو:

"The present leadership of the Congress, especially during the last 10 years, has been responsible for alienating the Musalmans of India more and more, by pursuing a policy which is exclusively Hindu; and since they have formed Government in the six provinces where they are in majority, they have by their words, deeds and programme shown, more and more, that the Musalmans can not expect any justice or fair play at their hands. Wherever they were in a majority and wherever it suited them, they refused to co_operate with the Muslim League parties and demanded unconditional surrender and the signing of their pledge.

To the Musalman of India in every province, in every district, in every tehsil, in every town, I say: your foremost duty is to formulate a constructive and ameliorative prgramme of work for the people's welfare, and to devise ways and means for the social. economic and political uplift of the Musalmans....Organize yourself, establishe your solidarity and complete unity. Equio yourself as trained and disciplined soldiers. Create the feeling of an esprit de corps, and of comradeship amongst yourselves. Work loyally, honesty and for the cause fo uyour people and your country. No individual or people can achieve anything without industry, suffering and sacrifice. There are forces which may bully your, tyrannize over your and intimidate you, and you may even

have to suffer. But it is by going through this crucible of the fire of persecution which may be leveled against you, the tyranny that may be exercised, the threats and intimidations that may unnerve you_it is by resisting, by overcoming, by facing these disadvantages, hardship and suffering, and maintaining your trueconvictions and loyalty, that a nation will emerge, worthy of its past glory and history, and will live to make its future history greater and more glorious not only in India, but in the annals of the world. Eighty millions of Musalmans in India haave nothing to fear. They have their destiny in their hands, and as a well_knit, solid, organized, united forec can face any danger, and withstand any opposition to its unitec front and wishes. There is magic power in your own hands."[44]

"ڪانگريس جي موجوده ليڊرشپ، هڪ اهڙي هندو پاليسي اختيار ڪري ورتي آهي، جنهن سببان نه رڳو مسلمان اڪيلا ٿي ويا آهن، پر اُهي ڪانگريس کان ڏار به ٿي ويا آهن. ڪانگريس ۽ ان جي ليڊرشپ ڇهن صوبن ۾ پنهنجي حڪومت قائم ڪري، پنهنجي هر عمل، هر ڪم ۽ هر پروگرام ذريعي اهو ثابت ڪري ڇڏيو آهي ته مسلمان ان کان ڪنهن به قسم جي انصاف ۽ رواداري جي اميد نه ٿا رکي سگهن، جتي به اُهي اڪثريت ۾ آهن، ۽ جتي به انهن کي مناسب لڳو انهن مسلم ليگ سان سهڪار ڪرڻ کان سڌو انڪار ڪري ڇڏيو ۽ غيرمشروط دستبرداري ۽ پنهنجن مخصوص شرطن کي مڃڻ جا مطالبا ڪيا.

مان هندستان جي هرصوبي، هر ضلعي هر تعلقي ۽ هر ڳوٺ ۾ رهندڙ مسلمانن کي چوان ٿو ته اوهان جي پهرين ذميواري آهي ته اوهان ماڻهن جي پلائي ۽ بهتري جا اصلاحي ڪم وارا پروگرام جوڙيو. ۽ مسلمانن جي معاشي، سماجي ۽ سياسي بهتري لاءِ مناسب طريقا ۽ ذريعا استعمال هيٺ آڻيو..... پاڙ کي منظم ڪريو ۽ پاڙ ۾ ٻڌي ۽ ايڪو پيدا ڪريو. پاڙ کي تربيت يافته نظم ضبط جي پابند هڪ سپاهي وانگر تيار ڪريو. پاڙ ۾ هم آهنگي جو احساس پيدا ڪريو. پنهنجي ملڪ ۽ ماڻهن لاءِ وفاداري ۽ ديانتداري سان ڪم ڪريو. ڪو به ماڻهو يا قوم سخت محنت، جدوجهد ۽ پورهئي کانسواءِ ڪجهه به حاصل نه ٿي ڪري سگهي. هتي اهڙيون طاقتون به موجود آهن، جيڪي اوهان کي تنگ ڪنديون. اوهان تي ظلم ڪنديون، ۽ اوهان کي ڊيڄارينديون. ان ڪري ٿي سگهي ٿو ته اوهان کي تڪليفون برداشت ڪرڻيون پون، پر ظلم ۽ انصافي اها باهه جيڪا اوهان جي چوگرد ڦهلائي ويندي اُهي ظلم جيڪي اوهان سان ڪيا ويندا.اهي ڊيڄارينڊڙ ڏمڪيون جن سان توهان جا حوصلا ئي خطا ٿي ويندا.اهڙي ڏکي آزمائش، تڪليف ۽

نقصانن سان مقابلا ڪري، انهن تي حاوي ٿي. پنهنجي سچائي ۽ وفاداري کي هرطرح سان برقرار رکڻ ڪانپوءِ ئي ممڪن آهي ته ڪا اهڙي قوم ظاهر ٿي، جيڪا پنهنجي ماضي جي عظمت ۽ تاريخ جي حقدار هوندي ۽ جيڪا پنهنجي مستقبل جي تاريخ ڪي، نه صرف هندستان، پر سڄي دنيا جي تاريخي دور ۾ عظيم بڻائي. ان کي وڏيڪ شاندار ڪرڻ لاءِ زندهه رهندي هندستان جي اٺ ڪروڙ مسلمانن کي ڪا به ڳالهه ڊيجاري نه ٿي سگهي. انهن جي قسمت انهن جي پنهنجي هٿن ۾ آهي، ۽ اُهي هر منظر۾ متحد طاقت بڻجي هر خطري سان مقابلو ڪري سگهن ٿا."

اصل ۾، ڪانگريس ۽ ان جي ليڊرشپ جو مسلم ليگ کي صوبائي وزارتن ۾ شامل نه ڪرڻ، ۽ ان کي جائز رياستي اختيارن کان محروم ڪرڻ وارو فيصلو انتهائي غلط ۽ سڏو سنئون فرقيواراڻي سوچ ۽ مفادن جي حامل هو. جنهن سببان نه رڳو مسلم ليگ ۽ جناح ۾ هندن جي حوالي سان بدگماني وڌي وئي، پر مسلمانن جي به وڏي گهٽائي ائين سمجهڻ تي مجبور ٿي ته ڪانگريس، صرف هندن جي ئي جماعت آهي، ۽ اُها هندستان ۾ هندو بالادستي وارو راج مڙهڻ چاهي ٿي، ۽ اُن سڄي صورتحال دراصل، جناح کي لکنوءَ واري اجلاس ۾ ان قسم جي تيز ۽ تکي تقرير ڪرڻ تي مجبور ڪيو.

بهرحال، اُهو منهنجو ذاتي خيال آهي، ته ڪانگريس، جيڪڏهن 1937ع واري چونڊن ڪانپوءِ فراخدلي جو مظاهرو ڪري ها، ۽ مسلم ليگ کي گهٽ مان گهٽ يوپيءَ ۽ بمبئيءَ جهڙن ٻن صوبن جي وزارتن ۾ شامل ڪري ها،(جن لاءِ جناح به گانڌيءَ ۽ڪانگريس جي سموري ليڊرشپ کي اپيلون به ڪئي ڪيون) ته مان يانيان ٿو ته، حالتون ان سطح تي وڃي نه پهچن ها، جو جتي ورهاڱي ۽ پاڪستان ٺهڻ کانسواءِ ٻي ڪا واٽ نه ٿي بچي ها.

بهرحال، جناح جي انهي لکنوءَ واري تقرير کي بنهه گهٽو ئي تڪراري سمجهيو ويو. اهو ئي سبب هو جو جناح جي اُنهي تقرير کانپوءِ ترت ئي گانڌيءَ، جناح کي خط لکي اها ڳالهه ڪئي ته اوهان جي اُها لکنوءَ واري تقرير هندن سان اعلان جنگ آهي.[45] جناح، گانڌيءَ جي انهي خط جو جواب 5 نومبر 1937ع تي ڏنو.[46] خط ۾ لکيائين:

"مون کي ڏاڍو افسوس ٿيو آهي ته اوهان منهنجي تقرير کي اعلان جنگ سمجهي ويٺا آهيون. دراصل، تقرير ۾ منهنجو مقصد اُهو هو ته مسلمان جي

حقن ۾ مفادن جو دفاع ۾ بچاءَ ڪيو ويڃي. مان اوهان کي درخواست ڪندس تہ اوهان منهنجي اُن تقرير کي هڪ ڀيرو ٻيهر پڙهو ۽ اُن کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪريو. مان پانيان ٿو تہ، گذريل سڄي سال جي واقعن بابت اوهان کي چڱي طرح سان ڄاڻ ڪانهي." [47]

گانڌيءَ جناح جي انهي خط جو جواب ٽن مهينن کانپوءِ ڏنو ۽ لکيائين:

"اوهان اُن ڳالهہ کي نہ ٿا ميجون تہ اوهان جي تقرير اعلان جنگ هئي، پر اُنهي تقرير کانپوءِ اوهان جون جيڪي ڳالهيون منهنجي نظرن مان گذريون آهن. اُهي منهنجي راءِ جي ئي تائيد ڪن ٿيون. بهرحال، اوهان جي تقرير مان هاڻ مون کي ان پراڻي قومپرست جناح وارو آواز ٻڌڻ ۾ نہ ٿو اچي. 1915ع ۾ جڏهن مان آفريڪا مان آيو هوس، تہ اوهان جي قومپرستيءَ جو چرچو سڄي هندستان ۾ هو. هر ماڻهو ائين ٿي چيو تہ اوهان سچا ۽ پڪا وطن پرست آهيون، ۽ اوهان کان ئي هندن ۽ مسلمانن جو اميدون رکيون ٿي. ڇا اوهان هاڻي بہ اُهي پراڻا مسٽر جناح آهيون. جيڪڏهن اوهان پنهنجي تازو ڪيل تقريرن جي باوجود، اها دعويٰ ڪريو ٿا تہ اوهان اڃا بہ اُهي ئي مسٽرجناح آهيون تہ پوءِ مون کي اوهان تي اعتبار آهي." [48]

چون ٿا تہ، جناح، گانڌي جي اُنهي خط جو جواب ترت ئي لکي موڪليو.[49] خط ۾ جناح، پنهنجي رد عمل جو اظهار هئين ڪيو:

"اوهان فرمايو آهي تہ قومپرست جناح جو آواز هاڻ اوهان کي ٻڌڻ ۾ نہ ٿو اچي. اُهو ڪٿان جو انصاف آهي؟ مان اصل ۾ بحث ۽تڪرار کي وڌائڻ نہ ٿو چاهيان، نہ تہ اوهان کي اهو ٻڌائي ڇڏيان، تہ 1915ع ۾ اوهان جي باري ۾ ماڻهن جي ڪهڙي راءِ هئي، ۽ هاڻ اوهان جي باري ۾ ماڻهو ڇا ٿا سوچين. وطن پرستي ڪنهن بہ هڪڙي ماڻهو جي ملڪيت ناهي. وطن پرستيءَ جي تشريح ڪرڻ بہ پنهنجي جاءِ تي ڏکي ڳالهہ آهي بهرحال، مان اوهان سان ڪو وڌيڪ بحث ڪرڻ نہ ٿو چاهيان." [50]

هيڪٽربوليٿو ٻڌائي ٿوتہ، جناح ۽ گانڌيءَ جي خط ڪتابت وارو اُهو تڪراري بحث اڃا هلندڙ ئي هو تہ وري بي طرف، نهروءَ بہ انتهائي تلخ ۽ تڪراري انداز ۾ جناح سان، خطن جو سلسلو شروع ڪري ڇڏيو[51] جنهن سببان اختلاف ۽ وڇوٽيون ويتر وڌي ويون. اهو ئي سبب آهي، جو ايڇ ايم سيروائي (H.M.Seervai)بہ پنهنجي جڳ مشهور انگريزي ڪتاب The Partition of India_Lengend and Reality ۾ نهروءَ جي خط ڪتابت کي وڌي

بدقسمتي قرار ڏنو آهي.[52] ياد رهي ته، نهرو مارچ 1938ع ۾ ڪانگريس جو صدر بڻجي ويو هو. جواهر لال نهرو فيبروري 1938ع ۾ جناح ڏانهن خط لکي چيو ته "سچي ڳالهه ته اُها آهي ته مان ايڏا تائين اها ڳالهه سمجهي ناهيان سگهيو ته اصل جهيڙو ڪهڙي ڳالهه تي آهي. ان ڪري، جيتوڻيڪ مان اوهان کي درخواست ڪريان ٿو ته اوهان اصل جهيڙي ۽ اختلافن جي وضاحت ڪريو. پرمان پانيان ٿو ته، اوهان هن وقت تائين منهنجي ڪا به مدد ناهي ڪئي."[53] نهروءَ جي اهڙي خط جو جناح، ڪجهه ڏينهن ڪانپوءِ، هيٺيون جواب موڪليو:

"مون کي اوهان جي اڻڄاڻائي تي حيرت ٿئي ٿي. 1925ع کان وٺي 1935ع تائين ملڪ جي اهم اڳواڻن، ان مسئلي کي حل ڪرڻ جو ڪوششون ڪيون، پر اڄ ڏينهن تائين ان جو ڪو به نتيجو ناهي نڪري سگهيو. مان اوهان کي درخواست ڪريان ٿو ته اوهان ان مسئلي کي غور سان ڏسو ۽ اصل حقيقتن کان اکيون ٻوٽي پنهنجو پاڻ کي خوش ڪرڻ جي ڪوشش نه ڪريو. جيڪڏهن اوهان واقعي ڳالهه کي سمجهڻ چاهيو ٿا ته پوءِ اوهان کي سولائي سان اها خبر پئجي ويندي، ته اصل ۽ بنيادي اختلاف ڪهڙا آهن. انهن اختلافن جو ذڪر ورهين کان اخبارن ۾ ۽ سياسي اڳواڻن جي تقريرن توڙي بيان ۾ ٿيندو رهيو آهي."[54]

جناح جي اُنهي جواب تي نهرو بنهه توائي ٿي ويو. 6 اپريل 1938ع تي جناح ڏانهن جوابي خط لکي، مسلم ليگ کي فرقيواراٽي جماعت جا طعنا ڏنائين، ۽ لکيائين:

"مسلم ليگ، جئين ته هڪ فرقيواراٽي جماعت آهي، اُن ڪري، ڪانگريس ان سان هڪ فرقيواراٽي پارٽي وارو ئي ورتاءِ رکندي، ۽ جنهن جي جيتري اهميت هوندي، ان کي ايترو ئي اهميت ڏني ويندي. مسلم ليگ جي ڪا گهٽي اهميت ڪانهي. مسلم ليگ کان جيڪي نندڀون جماعتون آهن. دراصل، انهن جي به مسلم ليگ کان وڌيڪ اهميت آهي."[55]

جناح، نهروءَ جي انهي خط جو جواب ترت ئي موڪلي ڏنو. خط ۾ جناح لکيو:

"لڳي ٿو ته اوهان منهنجي ڳالهه کي چگي طرح سان سمجهي ناهيو سگهيا. اوهان جي خط لکڻ وارو انداز انتهائي غرور ۽ تڪبر وارو آهي. اوهان جو خط پڙهي ائين لڳو ته جڻ ڪانگريس ئي سڄي هندستان جي حڪمران پارٽي

آهي. جيستائين منهنجي ڳالهه آهي ته مان ور ور ڏئي، ان ڳالهه جو اظهار ڪري چڏيو آهي ته جيستائين ڪانگريس مسلم ليگ کي برابري جو درجو نه ڏيندي ۽ هندو_مسلم مسئلي جي حل ۾ ان جي مفاهمت واسطي مسلم ليگ سان ڳالهه ٻولهه ڪرڻ تي راضي نه ٿيندي. تيستائين اسان وٽ ٻيو ڪو به رستو ناهي سواءِ انتظار ڪرڻ جي ۽ پنهنجي سياسي سگهه کي ايترو وڌايو جو نيٽ مسلم ليگ کي اصل اهميت جي نظر سان ڏٺو وڃي. اوهان جي ذهنيت کي ڏسندي، منهنجي لاءِ اها اُوکي ڳالهه ٻڌجي وئي آهي، ته ڪو مان اوهان کي پنهنجي ڳالهه سمجهائڻ جي وڌيڪ ڪوشش ڪريان." [56]

بهرحال، انهي سڄي خط ڪتابت کانپوءِ، گانڌي، جناح کي لکيو ته اوهان سان ڳالهه ٻولهه ڪرڻ لاءِ مان پنهنجي طرفان مولانا آزاد کي ترجمان طور مقرر ڪيو آهي. اوهان ترت ئي ان سان ٽاهه لاءِ ڳالهه ٻولهه شروع ڪري ڏيو. [57] جناح، جئين ته، سڌي طرح گانڌيءَ سان ئي ڳالهائڻ ٿي چاهيو. جو هن گانڌيءَ کي، اصل فيصلي ڪندڙ قوت سمجهيو ٿي، ۽ سچ پچ هيو به ائين. ٻيا سڀ سندس اشاري تي هلندڙ اڳواڻ هئا. ڪانگريس جو اصل بااثر ۽ فيصلي ڪندڙ اڳواڻ ٻيو ڪير نه. پر گانڌي ئي هو جيڪو هاڻ بظاهر ته ڪانگريس جي صدارت تان هٽ ڪٽي پاسيرو ٿي ويو هو. پر حقيقت ۾ ڪانگريس ۽ ان جي قيادت کي پردي پويان هن ئي هلايو ٿي. اهو ئي سبب هو جو جناح ائين ٿي سمجهيو ته ڪانگريس جي ٻي درجي واري ليڊرشپ سان جيڪي به معاملا ڪٽي طئي به ڪيا ويڻ، ته اُهي تيستائين عمل هيٺ نه ايندا، جيستائين گانڌيءَ جي منظوري نه ملندي. ان ڪري، جناح انهن سمورن سياسي، قومي توڙي فرقيواراڻي مسئلن جي حل لاءِ سڌو سنئون گانڌيءَ سان ئي ڳالهائڻ ضروري ٿي سمجهيو.

هيڏانهن، گانڌيءَ جڏهن مولانا ابوالڪلام آزاد کي پنهنجو نمائندو ڪري، جناح کي ساڻس ڳالهائڻ لاءِ چيو ته جناح اُن تي ويتر توائي ٿيندي، ڪيس بنهه رخو جواب موڪلي چڏيو. جواب ۾ پنهنجو ردعمل ظاهر ڪندي چيائين:

"اوهان جي طرفان مولانا ابوالڪلام آزاد کي مقرر ڪرڻ واري ڳالهه مان ظاهر ٿئي ٿو ته اوهان جي سوچ ۽ رويي ۾ ڪا به تبديلي ناهي آئي." [58]

بهرحال، ائين ئي جڏهن ڪانگريس ۽ ان جي ليڊرشپ ياران جناح ۽ مسلم ليگ کي ڪا طاقت نه سمجهندي، ساڻن ڪنهن به قسم جي ڳالهه

ٻولهه يا اتحاد ڪري. صوبائي وزارتن ۾ حصيداري ڏيڻ کي ترجيح نه ڏني وئي ته جناح ان سڄي صورتحال جو انتهائي سنجيدگي سان نوٽيس ورتو جنهن جي نتيجي ۾هن پنهنجي ۽ مسلم ليگ جي تنظيمي سياسي سگهه ۽ طاقت کي وڌائڻ ۽ منظم ڪرڻ واري ڪم جي نئين سري سان شروعات ڪري ڇڏي. اهو ئي سبب هوجو جناح 1938ع واري سال ۾ سڄي ننڍي کنڊ جي مختلف علائقن صوبن ۽ رياستن جو طوفاني دورا ڪري. اُتي جلسا ۽ گڏجاڻيون ڪري. مسلمانن کي سجاڳ ڪري منظم ڪرڻ شروع ڪري ڏنو جنهن سببان هڪ طرف مسلمان سياسي لحاظ کان منظم ۽ سجاڳ ٿيڻ شروع ٿي ويا. ته وري ٻي طرف مسلم ليگ جي تنظيمي قوت ۽ سگهه بہ وڌندي وئي ٿي. پهريان مسلم ليگ. جن مسلم گهٽائي وارن صوبن ۾ جهڙوڪ: سنڌ ۽ پنجاب ۾ پنهنجو ڪو بنياد ناهي نه سگهي هئي. هاڻ جناح انهن صوبن ۾ بہ مسلم ليگ جي تنظيم سازي ڪرڻ تي زور رکيو. پنجاب ۾ جتي 1937ع واري اليڪشن ۾ مسلم ليگ کي ڪا وڏي ڪاميابي نه ملي هئي. جو اُن اتي جي صرف ٻہ سيٽون ئي کٽي سگهي هئي.[59] هاڻ. جناح اُتي جي حڪمران پارٽي يونينسٽ جي اڳواڻن سرسڪندر حيات ۽ ٻين سان ڳالهيون ڪري. مسلم ليگ لاءِ پنجاب ۾ جاءِ ناهي. ان کي ڇڻ ته ايندڙ چونڊن ۾ پرپور نموني ڪاميابي ڏيارڻ واري حڪمت عملي تي ڪم ڪري رهيو هو.

اُهي دراصل. جناح جون ئي ڪوششون هيون. جو مسلم ليگ 45_1946ع وارين چونڊن ۾ هندستان جي مسلم اقليتي صوبن سان گڏ مسلم اڪثريتي صوبن ۾ بہ حيرت جوڳي ڪاميابي سان ايري ظاهر ٿي. بهرحال. پنجاب ۾ مسلم ليگ جي بنيادن کي مضبوط ڪرڻ ڪانپوءِ. جناح سنڌ صوبي ڏانهن ڌيان ڏنو جتي پڻ مسلم ليگ جي تنظيمي قوت بنهه ڪمزور هئي. اهو ئي سبب هو جو 1937ع واري اليڪشن ۾ مسلم ليگ. مسلم گهٽائي واري سنڌ صوبي مان هڪ بہ سيٽ حاصل نه ڪري سگهي هئي.[60] البت. هاڻ جناح. حاجي عبدالله هارون ۽ الله بخش وارن جي مدد ۽ ڪوشش سان. سنڌ ۾ آل انڊيا مسلم ليگ کي اهڙي طرح سان منظم ڪرڻ ۾ ڪامياب ويو. جو اها مسلم ليگ. جنهن سنڌ مان1937ع واري اليڪشن ۾ هڪ بہ سيٽ نه کٽي هئي. اُها 1938ع ۾ جناح جي ڪوششن سان. سنڌ جي مسلم ليڊرشپ جي اهڙي ته جماعت بڻجي وئي. جو سنڌي مسلم

ليڊرشپ 09 آڪٽوبر 1938ع ۾ مسلم ليگ جي پليٽ فارم تان (ڪراچي ۾ مسلم ليگ جو اجلاس ڪرائي)هندستان جي ورهاڱي جو به مطالبو ڪري ڇڏيو.[61] بهرحال، اهو سڀ ڪجهه جناح جي محنت، جدوجهد ۽ ڪوششون جو ئي نتيجو هو جو هاڻ ننڍي کنڊ ۾ مسلم ليگ تيزيءَ سان منظم ۽ سگهاري ٿيندي، مسلم عوام جو آواز بڻجندي ٿي وئي.[62]

هاڻ، مسلم ليگ جي ميمبرن، حمايتين توڙي چاهيندڙ جو تعداد حيرت جوڳي حد تائين وڌندو ٿي ويو. جناح ۽ مسلم ليگ جي وڌندڙ سياسي سگهه کي ڏسندي خلق حيران ۽ پريشان هئي. هاڻ، جناح جو قطعي ۽ آخري مقصد، عائشه جلال چواڻي، "مسلمانن جو واحد ۽ اڪيلو نمائندو بڻجي، ڪانگريس سان پنهنجي شرطن شروطن تي ناهه ڪرڻ وارو هو."[63]

بهرحال، اهو ساڳيو ئي مسلم ليگ جي اُپار وارو دور هو. جڏهن جناح کي"قائداعظم" جو خطاب ڏنو ويو. چون ٿا ته، مسلمانن جي هڪ اخبار روزاني "الامان" جي ايڊيٽر مولانا مظهرالدين احمد پنهنجي اخبار جي 10 ڊسمبر 1938ع واري شماري ۾ اها تجويز پيش ڪئي ته"هن عظيم اڳواڻ (جناح) جي قدر شناسي ڪندي، کيس قائداعظم جي نالي سان سڏيو وڃي،"[64] جو اُهو ئي سڄي قوم جي نمائندگي پيو ڪري. دراصل، انهي تجويز جي منظرعام تي اچڻ کانپوءِ، ترت ئي جناح قائداعظم جي نالي سان مشهور ٿي ويو.

جناح جو سوانح نگار وولپرٽ تفصيل ٻڌائيندي ٻڌائي ٿو ته "اُنهي مهيني ۾، مسلم ليگ جي ٽيندڙ سالياني اجلاس جي موقعي تي سوين ماڻهن، جيڪي پٽنا ريلوي اسٽيشن تي هن جي آڏرياءَ واسطي انتظار ۾ بينل هئا، پهريون پيرو هن جي اُنهي نئين خطاب سان زورائتا نعرا لڳايا. پٽنا اسٽيشن کان اُن خوبصورت سائي مخمل سان ڍڪيل پنڊال تائين ويندڙ رستو جنهن ۾ مسلم ليگ پنهنجي تن ڏينهن وارو اجلاس سڏايو پرجوش مسلمانن سان پريو پيو هو. جيڪي جهنڊن کي لهرائي رهيا هئا، ۽ "قائداعظم زنده باد" جا نعرا لڳائي رهيا هئا. بهار جي يونائيٽيڊ پارٽي جي ان مشهور اڳواڻ سيدعبدالعزيز آڏرياءَ واري ڪميٽيءَ جي صدارت ڪئي، جنهن دراصل، هندستاني ثقافت ۽ اقتدار جي اُن اوائلي شهر جي دل ۾ ماڻهن جي جشن جو انتظام ڪرڻ ۾ وقت ۽ پيسي خرچ ڪرڻ ۾ وسان نه گهٽايو هو. جتي مسيح کان ڇهه صديون اڳ مهاتما ٻڌ ڏکن ڏاکڻن سان

پريل دنيا جي بي ٿباتي جي عظيم سچائين جي باري ۾ سمجهايو هو ۽ ان جي ڪيترن کي صدين کانپوءِ وري موريا خاندان جي عظيم حڪمران اشوڪ، جنهن پهريان ڪڏهن بہ ڏکن ڏاکڻن جو منهن نہ ڏٺو هو بعد ۾ هن ان ڏک جي پيغام کي سمجهيو ۽ ان کي هئنين سان هنبائي، ان کي محبت ۽ ڏرم جو بهترين علاج قرار ڏيندي، ان جي سڀ_طرفي تبليغ ڪئي هئي. قائداعظم 26 ڊسمبر 1938ع جي رات پنهنجي پرجوش حامين جي آڏو زبردست خطاب ڪندي چيو تہ، جئين تہ، اوهان کي خبر آهي تہ ڪانگريس هاٿي، فسطائيت واري مڪمل انداز سان، هندو_مسلم مسئلي جي حل جي هر اميد کي ختم ڪري ڇڏيو آهي."[65]

جناح جو چوڻ هو:

'The Congress High Command makes the preposterous claim that they are entitled of the whole of India, that they to spea on e a of delivering the goods. Others are asked to accept a mighty sovereign. The Congress High Command will redress the grievances of the Muslims, and to accept the declaration. I want to make it that we Muslims want no gifts. The Muslims want no concession. We, Muslims of India, have made up our mind to secure our full right, but we shall have them as rights. . . . The Congress is nothing but a Hindu body. That is the truth and the Con- gress leaders know it. The presence of a few Muslims, the few misled and misguided ones, and the few who are there with ulterior motives, does not, cannot, make it a national body. I challenge anybody deny that the Congress is not mainly a Hindu body. I ask, does the Congress represent the Muslim?' Who is the genius behind it? Mr. Gandhi. I have no hesitation in say- ing that it is Mr. Gandhi who is destroying the ideal with which the Congress was started. He is the one man responsible for turning the Congress into an instrument for the revival of Hinduism. His ideal is to revive the Hindu religion and establish Hindu Raj in this Country, and he is utilizing the Congress to further this object. . . . To-day the Hindu mentality, the Hindu outlook, is being carefully nurtured, and Muslims are being forced to accept these new conditions and to submit to the orders of the Congress leaders."[66]

"ڪانگريس جي هاءِ ڪمانڊ (عقل جي ابتڙ) اها دعويٰ ڪري ٿي، تہ اُها سڄي هندستان جي عوام جي نمائندگي ڪندي ڳالهائڻ جي حقدار آهي، ۽ اهو تہ

اها سمورين ذميوارين کان بہ آجي هجڻ جي مجاز آهي. ۽ اُهو تہ اُها اڪيلي ئي اها ذميواري پوري ڪرڻ جي اهل آهي. ٻين ڏرين کي ان تحفي کي قبول ڪرڻ لاءِ چيو پيو وڃي، جڏ اُهو تحفو ڪنهن عظيم حڪمران طبقي طرفان ئي ڏنو ويو هجي. ڪانگريس جي هاءِ ڪمانڊ اُهو اعلان بہ ڪري ٿي تہ اُها مسلمانن جا مسئلا حل ڪندي ۽ مسلمانن کان اميد ڪئي وڃي ٿي تہ اُهي ان اعلان ئي قبول ڪن. مان مڙني لاڳاپيل ڏرين کي اهو صاف صاف طرح سان ٻڌائين چاهيان ٿو تہ اسان مسلمانن کي ڪو بہ تحفو نہ ٿو گهرجي. مسلمانن کي ڪا بہ مراعات نہ ٿي گهرجي. اسان هندستان جي مسلمانن اُهو فيصلو ڪري ورتو آهي تہ اسان کي پنهنجا مڪمل حق گهرجن، ۽ اُنهن کي فقط حقن طور ئي قبول ڪنداسين.... ڪانگريس سواءِ هڪ هندو پارٽي جي ٻيو ڪجهہ بہ نہ ناهي. اُهو سچ بلڪل ئي سچ آهي، ۽ ڪانگريس جا اڳواڻ اُنهي سچ کان بلڪل ئي خبروار آهن. ڪانگريس ۾ بنهہ ٿورن پٽڪيل ۽ مفادپرست مسلمانن جي اڇڻ سان اها قومي پارٽي نہ ٿي سگهي، ۽ نہ وري ٿي سگهندي. مان هر هڪ ماڻهو کي اُن انڪار ڪرڻ لاءِ چيلنينج ڪريان ٿو تہ ڪانگريس بنياد طور تي ڪئين هڪ هندو پارٽي ناهي. مان پڇيان ٿو تہ ڇا ڪانگريس مسلمانن جي نمائندگي ڪري ٿي؟

ان جي پويان ڪهڙو دماغ ڪارفرما آهي؟ اهو مسٽر گانڌي ئي آهي. مون کي ائين چوڻ ۾ ڪا بہ هبڪ نہ ٿي ٿئي تہ مسٽر گانڌي اُنهي عظيم ترين قومي مقصد کي تباهہ ڪري ڇڏيو جنهن سن ڪانگريس جو بنياد وڌو ويو هو. هي اُهو ئي ماڻهو آهي، جيڪو ڪانگريس کي هندو مذهب کي نئين وجدان ڏيڻ واري عمل جي هڪ ذريعي ۾ تبديل ڪرڻ جو ذميوار آهي. هن ئي ماڻهو جو سپ کان وڏو مقصد هن ملڪ ۾ هندو مذهب کي جياري، هتي هندو راج قائم ڪرڻ آهي، ۽ اُهو ڪانگريس کي انهي مقصد لاءِ ئي استعمال ڪيو. اڄ هندو ذهنيت، هندو سوچ ۽ هندو فڪر کي وڏي هوشياري سان پروان چاڙهيو پيو وڃي، ۽ مسلمانن کي اُنهن نون خيالن ئي قبول ڪرڻ، ۽ ڪانگريس جي اڳواڻ آڏو سرنوائڻ تي مجبور ڪيو پيو وڃي."

وولپرٽ، جناح جي اُنهي تقرير تي تبصرو ڪندي لکي ٿو:

"It had been exactly eighteen years since "Mahatma" Gandhi's triumph Nagpur, and there stood "Quaid-i-Azam" jinnah on even more sacred Hin soil, daring not only to call him "Mr." again but openly blaming him ' destroy ng Congress. What sweeter triumph, what more satisfying retri tion could he have staged? It was not Congress he addressed, of course, t his own All-India Muslim League attracted as large, and as loudly chee l.a crowd to Patna as

the Mahatma had commanded in Nagpur. This was Jinnah's most vituperative public attack against Gandhi, and as he continued that night he broadened it to include Nehru, Bose, Prasad, and Patel warning his followers not to believe Congress assurances that it would never accept their federation proposed by the constitution of 1935."[67]

"مهاتما جي ناگپور واري فتح کي ٽيڪ ارڙهه سال گذريا هئا. جو هاڻ هتي "قائداعظم" جناح هڪ ٻي مقدس هندو سرزمين متان ٻيهندي. نه صرف هن کي ٻيهر "مسٽر" چوڻ جي جرئت ڪري رهيو هو پر مٽس ڪانگريس کي تباهه ڪرڻ جو به ڪليو ڪلايو الزام لڳائي رهيو هو. ڇا هو اُن کان وڌيڪ ڪامياب ۽ اطمينان بخش انتقام جو مظاهرو ڪري ٿي سگهيو؟ظاهر آهي ته اُها ڪانگريس نه هئي، جنهن جي آڏو هن خطاب ڪيو هو پر اُها هن جي پويان چڪجي آيل مسلم ليگ هئي، ۽ پٽنا ۾ هن لاءِ ايڏو ٿي وڏو ۽ زوردار نعرا لڳائيندڙ ماڻهن جو ميڙاڪو هو. جيترو ناگپور ۾ گانڌيءَ لاءِ اچي گڏ ٿيو هو. اُهو جناح جو گانڌيءَ جي خلاف سڀ کان وڏو ڪٺڪار آچيندڙ عوامي حملو هو. ۽ اُن رات جئين جئين هو پنهنجي خطاب ۾ اڳتي وڌندو ٿي ويو تئين تئين هو نهرو، بوس، پرساد ۽ پٽيل کي لتاڙيندو اڳتي وڌندو ٿي ويو ۽ پنهنجي ماڻهن کي خبردار ڪيائين، ته اُهي ڪانگريس جي انهي واعدي تي اعتبار نه ڪن. جيڪو اُها 1935ع واري آئين ۾ جاڻايل وفاق کي نه ميڙ جي لاءِ ڪري رهي آهي."

"پٽنا واري اجلاس جو ٻيو ڏينهن بنيادي طور چوٽين قرارداد تي بحث مباحثي ڪرڻ لاءِ وقف هو. جنهن ليگ جي ورڪنگ ڪميٽيءَ کي ڊائريڪٽ ايڪشن ڊي ملهائڻ واري حل کي اختيار ڪرڻ جو اختيار ڏئي ڇڏيو ته جئين يوپيءَ، بهار ۽ سي پيءَ وارن ٽن هندو اڪثريتي صوبن ۾ جتي مسلمانن خلاف بنهه ظالماڻي ڪارروائين جا اطلاع مليا هئا، مسلمانن جي بنيادي حقن ۽ مفادن جي تحفظ ۽ مٽن ڪيل ظلمن جي تلافي ڪري سگهجي. اُها اتفاق راءِ سان منظور ڪيل قرارداد هئي، جنهن کي جناح ان جي ماضي جي بلڪل ابتڙ قرار ڏئي ڇڏيو. ڇاڪاڻ ته ان کان اڳ ليگ جي آئيني معاملن سان ئي واسطو رکيو ٿي. جيتوڻيڪ هن کي ڊائريڪٽ ايڪشن ڊي جي حڪم ڏيڻ جو اختيار هو. پر قائداعظم صبر جي اپيل ڪئي، ۽ مسلمانن کي چيائين ته اُهي ليگ کي منظم ڪن ته جئين نو ڪروڙ مسلمان ان جي جهنڊي هيٺ گڏ ٿي سگهن. پٽنا ۾ ليگ جو ٽيون ڏينهن فلسطين واري معاملي تي بحث مباحثي ڪرڻ ۾ گذريو. ان اجلاس ۾

برطانوي حڪومت کي خبردار ڪيو ويو ته فلسطين جي مسلمانن جو مسئلو سڄي دنيا جي مسلمانن جو مسئلو آهي، جيڪڏهن برطانوي حڪومت عربن سان انصاف ڪرڻ ۾ ناڪام وئي، ته هندستاني مسلمان عربن کي برطانوي ناانصافي، ۽ يهودين جي ظلم کان چوٽڪاري ڏيارڻ لاءِ اڻي ڪڙا ٽيندا، ۽ هرقسم جي قرباني ڏيڻ کان نه ڪيبائيندا. اُنهي قرارداد تي بحث ڪندي عبدالستار خيري چيو ته برطانوي ۽ هندو ٻئي مسلمانن لاءِ يهودي آهن، ۽ انهن جي دشمن هندستان ۾ مسٽر گانڌي هندو يهودين جو اڳواڻ آهي. ليگ جي هڪ ٻي اڳواڻ عبدالخالق زور ڏنو ته اولهه جا اصل يهودي برطانوي هئا، ته وري اوير جا اصل يهودي هندوآهن. ٻئي شائيلاڪ جي اولاد آهن. ان موقعي تي جناح مداخلت ڪئي، ۽ خالق کي پنهنجي "شائيلاڪ جي اولاد" واري جملي کي واپس وٺڻ تي زور ڀريو ۽ اُها ڳالهه ٽي ڪيائين، ته اهڙا بيان ۽ ڳالهيون، ليگ جي ساک لاءِ ڪنهن به طرح سان مناسب ناهن."[68]

ائين پٽنا واري مسلم ليگ جي تاريخي اجلاس کانپوءِ سال 1938ع به پنهنجي پڇاڻي تي پهتو ۽ 1939ع واري سال جي شروعات ٿي. 1938ع ۾ ئي ڪانگريس جي مرڪزي ليڈرشپ ۾ ڪجهه تبديليون آنديون ويون. جيتوڻيڪ، هن ڀيري ڪانگريس جي تنظيمي چونڊن ۾ بنگالي ڪانگريسي اڳوان سياس چندر بوس اڪثريت سان چونڊجي آيو پر جئين ته، ڪانگريس جو اصل بااثر اڳواڻ يعني گانڌي، سياش جي حق ۾ نه هو ۽ هُن اهو نه ٿي چاهيو ته ڪو بوس ڪانگريس جي اڳواڻي سنڀالي، جو اصل ۾ بوس، گانڌيءَ جي سياسي حڪمت عملي جو مخالف هو. ان ڪري، پارٽي چونڊن ۾ ڪاميابي حاصل ڪرڻ جي باوجود، گانڌيءَ جي اشاري تي، سياش چندر بوس پارٽي جي مرڪزي اڳواڻن ۽ مرڪزي ڪميٽيءَ جي حمايت حاصل نه ڪري سگهيو جنهن جي نتيجي ۾ بوس کي استعيفيٰ ڏيڻي پئي، جنهن کانپوءِ گانڌيءَ جو ئي منظور نظر ڈاڪٽرراجندر پرساد ڪانگريس جو مرڪزي صدر بڻجي ويو.[69]

چون ٿا ته، 1939ع واري سال ۾ ئي "آغا خان، گانڌيءَ سان ملاقات ڪري ڪيس چيو ته جناح سان ناهه ڪرڻ لاءِ هُو ڪانگريس کي راضي ڪري گانڌي، ليگ سان ڳالهه ٻولهه شروع ڪرڻ جو خواهشمند هو. هن ڪانگريسي صوبن ۾ مسلمانن سان ڪيل ناانصافين جي باري ۾ جناح

کان معلومات ونڻ لاءِ نهروءَ تي زور پريو. جناح، فضل الحق جي حوصلا افزائي ڪئي ته هو ڪانگريسي حڪومت ۾ مسلمانن سان ٿيل ناانصافين جا تفصيل گڏ ڪري ۽ رپورٽ ٺاهي ڇپرائي. اُها رپورٽ 1939ع واري سال جي ختم ٿيڻ کان اڳ ئي ڇپجي پڌري ٿي وئي. رپورٽ ۾ بهار يوپيءَ ۽ سي پيءَ جي مسلمانن جي باري ۾، جن کي جولاءِ 1936ع کان ونڊي آگسٽ 1937ع جي وچ واري عرصي دوران ڪريو لٽيو ۽ قتل ڪيو ويو هو سو کان وڌيڪ رپورٽون سنجيده تفصيلن سان گڏ بيان ڪيون ويون هيون. انهن رپورٽن ۽ انهن ۾ بيان ڪيل واقعن ۾ سرڪاري هندو عملدارن تي وڌوڙن دوران هندن جي ساڻ ڏيڻ، ۽ حملن توڙي ڪرلٽ جو شڪار ٻڌيل مسلمانن جي شڪايتن ۽ فريادن کي نظرانداز ڪري چڏڻ جا الزام لڳايا ويا. جيتوڻيڪ هندو_مسلم وڌوڙن جا سبب ته اُهي ساڳيا ئي هئا، جيڪي هميشہ رهندا ٿي آيا آهن. جهڙوڪ: زمين جي ٽڪري تي تڪرار، ڳئون کي ڪهڻ ۽ عبادتن جا طور طريقا، جيڪي هڪ ٻئي جي مذهبي عقيدن لاءِ نفرت جوڳا هئا، پر ڏنو وڃي ته، صرف هن پيري ئي پوليس جي اختيار ۽ عملداري برطانوي انگريزن بدران ڪانگريسي هندن جي هٿن ۾ هئي. مثال طور: پهرين فيبروري تي مسلمانن جي عيد واري ڏهاڙي تي بهار ڪروان، برارا، ڪيٽا، مهونيا، مچل وارن علاقن ۾ زبردست وڌوڙ ٿيا، جيڪي ماٺهن مطابق هٿيارن سان ليس ٿيل هندن جي هڪ ٽولي طرفان شروع ڪيا ويا هئا، جيڪو ٽولو عيد نماز لاءِ مسجد ۾ گڏ ٿيندڙ مسلمانن، جيڪي اُتي دراصل، ڳئون ڪهڻ واري قربائي واري رسم جي ادائيگي واسطي ويا هئا، تي هٿيارن سان حملو ڪري ڏنو. ڪيترن ئي هندن تي وري هندن گڏجي مسلمانن کي زبردستي قرباني ڪرڻ کان روڪي ورتو. ڪچ علاقن ۾ مسلمانن جي گهرن ۽ فصلن کي به باهہ ڏئي چڏيائون، يا وري سندن بي رحم ڪرلٽ ڪيائون. ڪجهہ هندن تي هنن قرباني ختم ڪرڻ بعد ترت ئي مسلمانن تي حملا ڪيا، ۽ انهن کي قتل يا زخمي ڪرڻ کان اڳ "گانڊي زنده آباد" جا نعرا لڳايا ويا. ڪيترن ئي ڳوٺن ۾ مسلم قصائين کي جبري طرح ڪاروبار ڪرڻ کان به روڪيو ويو ۽ مسلمانن کي گوشت نہ کائڻ تي مجبور ڪيو ويو."[70]

جيتوڻيڪ مسلم ليگ طرفان، باقائده ڪانگريسي حڪومتي دور دوران ٿيل ناانصافين ۽ زيادتين جي باري ۾ شريف رپورٽ ۽ پيرپور رپورٽ

جھڙيون رپورٽون منظرعام تي آڻي، انهن کي ڪانگريس جي حوالي ڪيو ويو. پر افسوس سان چوڻو ٿو پوي، ته نہ ڪو ڪانگريس انهن رپورٽن ۾ ڄاڻايل قوتن خلاف ڪو قدم کنيو ۽ نہ ڪو وري گانڌي ڪو تدارڪ ڪرائي سگھيو.[71]

چون ٿا ته، اُن ئي سال جناح پنهنجي وصيت_نامو پڻ تيار ڪرائي ورتو.[72] جناح جي هاڻ عمر ست سالن کان به مٿي چڙھندي ٿي وئي. شايد هن جهان مان هليو وڃڻ جو خوف هيس، يا ڪو وري ٻيو سبب هو جو پنهنجي ملڪيت بابت هڪ قانوني وصيت به ٺهرائي ورتائين، جنهن ۾ پنهنجي ملڪيت مجموعي طور ٽن ڏرين يعني فاطمہ، ليڪت ۽ بمبئيءَ جي هڪ وڪيل محمد علي چاءِ والا ۾ ورهائي ڇڏيائين.[73] جيتوڻيڪ، جناح طرفان، سندس وصيت_نامي ۾ ڏيءُ ڏينا لاءِ ته ڪجھ به نہ لکرايو ويو، پر چون ٿا ته، ڏيءُ واسطي، هن ڏار ۾ لک رپيا رکرائي ڇڏيا هئا.[74]

بهرحال، انهي ساڳئي سال جي سيپٽمبر مهيني جي پهرين تاريخ تي جرمني جي پولينڊ تي ڪيل حملي سببان، يورپ ۾ پي عالمي جنگ (1939_1945ع) پڻ شروع ٿي.[75] 3 سيپٽمبر تي برطانيا طرفان سرڪاري طور تي اهو اعلان ڪيو ويو ته جرمني جي برطانيا سان جنگ شروع ٿي وئي آهي.[76] "لڳ ڀڳ اُنهي وقت دهليءَ ۾ لارڊ لنلٿگو (Linlithgow) جيڪو 1936ع کان وٺي هندستان جو وائسراءِ هو اعلان ڪيو ته هندستان به برطانيا سان گڏ جرمني سان جنگ ڪندو. ان ڏينهن کانپوءِ گانڌي وائسراءِ سان ملاقات ڪئي. ملاقات دوران گانڌيءَ برطانيا سان وڏي همدردي جو اظهار ڪيو. جرمني جي بمباري سببان برطانوي پارليامينٽ ۽ ويسٽرمنسٽر ايبي جي تباهي جو تصور ڪري هو روئي پيو. بعد ۾ وري پنهنجي اهڙي همدردي جو اظهار وائسراءِ ڏانهن لکيل خط ۾ به ڪيائين. خط ۾ لکيائين، ته هن وقت مون کي هندستان جي آزادي جي باري ۾ ڪا به ڳڻتي ناهي. هندستان کي آزادي ته هڪ نہ هڪ ڏينهن ملي ويندي، پر جيڪڏهن برطانيا ۽ فرانس اُن جنگ ۾ شڪست کاڌي، يا اُنهن پاڻ کي تباهہ ۽ برباد ڪري جرمني تي فتح حاصل ڪئي، ته پوءِ هندستان لاءِ آزادي ڪهڙي ڪم جي. گانڌيءَ جي اهڙي خط کانپوءِ جواهر لال نهرو 8 سيپٽمبر تي هڪ بيان جاري ڪري، برطانيا کي اُهو يقين ڏيارايو ته ڪانگريس جو اهڙو ڪو به ارادو ناهي ته اُها برطانيا کان هن جنگ واري

ڏُکي گھڑيءَ ۾ ڪنهن فائدي وٺڻ جي ڪوشش ڪندي ان جنگ ۾ هڪ طرف آزادي ۽ جمهوريت پسند قوتون آهن، ۽ وري ٻي طرف فسطائيت ۽ غيرجمهوري قوتون آهن. اهڙي صورتحال ۾ هندستان کي جمهوريت پسند قوتن جو ئي ساٿ ڏيڻ گھرجي."[77]

ان حوالي سان هيڪٽر بوليٿو ٻڌائي ٿو:

"گانڌيءَ ۽ ڪانگريس جي اُها برطانيا ۽ ان جي جمهوريت پسندي سان همدردي گھٽو وقت نه هلي سگھي، جو ترت ئي، 10 آڪٽوبر 1939ع تي ڪانگريس جي آل انڊيا ڪميٽيءَ پنهنجو اجلاس گھرائي، اُهو مطالبو ڪيو ته برطانيا اُهو اعلان ڪري، ته اُهو هندستان کي هڪ آزاد قوم سمجھي ٿو ۽ عملي طور تي ترت ئي هندستان کي خودمختياري ڏني وڃي."[78]

بهرحال، برطانيا جڏهن ڪانگريس جي اُنهي مطالبي کي اهميت نه ڏني، ته ڪانگريس وارن ڪاوڙ ۾ اچي، احتجاج طور وزارتن تان استيعفائون ڏيڻ جو فيصلو ڪيو[79] ۽ ائين، 25 نومبر 1939ع تي عملي طور تي ستن صوبن ۾ وزارتن تان استيعفائون ڏئي ٻه ڇڏيائون، ۽ گڏوگڏ انگريزن سان جنگ ۾ مدد نه ڪرڻ جو ٻه اعلان ڪيائون.[80] جئين ته، مسلم ليگ جي هاءِ ڪمانڊ طرفان ڪانگريسي وزارتن دوران مسلمانن سان اٽ_سهائيندڙ ورتاءَ ۽ ناانصافين جا الزام لڳايا ويا هئا، جيڪي وڏي حد تائين صحيح ٻه هئا. اُن ڪري، جڏهن ڪانگريس وارن حڪومتي عهدن ۽ وزارتن تان استعيفائون ڏنيون، ته اُنهي عمل کي جناح ۽ مسلم ليگ سڄو سڻڻ سمجھندي، سڄي هندستان ۾ چوٽڪاري جو ڏينهن ڪري ملهايو.[81]

ان حوالي سان هڪيٽر بوليٿو لکي ٿو:

"ڪانگريسي وزارتن جي خاتمي تي جناح مسلم ليگ کي حڪم ڏنو ته 22 ڊسمبر تي سڄي ملڪ ۾ چوٽڪاري جو ڏينهن ملهايو وڃي، جنهن ۾ مسلمانن اُن ڳالھ تي شڪر ڪندا ته ڪانگريس جو حڪومتي دور ختم ٿيو آهي. اُهو چوٽڪاري وارو ڏينهن بنھ گھٽو ڪامياب رهيو ۽ وڏي ڳالھ اُها ته اُن ۾ رڳو مسلمان شامل نه رهيا، پر پارسي، عيسائين، غيرڪانگريسي هندن ۽ اڇوتن ٻه مسلمانن سان گڏجي ڪانگريس جي حڪومتي دور جي خاتمي تي خوشي ۽ اطمينان جو مظاهرو ڪيو. چوٽڪاري واري ڏينهن جي اُنهي غيرمتوقع ڪاميابي جي ڪري ڪانگريس اچرج ۾ اچي وئي، ۽ ان جي ساک کي وڏو ڌڪو لڳو. ائين، جناح ٻه پنهنجي اُن بي عزتي جو بدلو وٺي ڇڏيو جيڪا يارنهن سال اڳ هن جي آل پارٽيز ڪانفرنس ۾ ڪئي وئي هئي، جتي هُن کي

هڪ "بگڙيل ہار" چئي اُهو طعنو ڏنو ويو هو تہ هو مسلمانن جو نمائندو ناهي، ۽ ڪيس مسلمانن جي طرف کان ڳالهائڻ جو به ڪو حق حاصل ناهي. اڄ سڄي ملڪ جي مسلمانن کان چوٽڪاري رارو ڏينهن ملهرائي، جناح اُهو تسليم ڪرائي ڇڏيو تہ صرف هن کي ئي مسلمانن جي طرف کان ڳالهائڻ ۽ انهن جي ڪيس پيش ڪرڻ جو حق آهي."[82]

"چون ٿا تہ اُنهن ئي ڏهاڙن ۾ برطانيا جو هڪ آئيني ماهر سراسٽيفورڊ ڪرپس پڻ هندستان ۾ ان مقصد سان آيل هو[83] تہ جئين هندستاني اڳواڻن سان ملاقاتون ڪري، کين اُن ڳالهہ تي راضي ڪري سگهجي، تہ اُهي جيڪڏهن جنگ ۾ برطانيا جي مدد ڪندا تہ جنگ کانپوءِ برطانيا پاران هندستان کي ڊومينن اسٽيٽس جو درجو ڏئي، اُتي قانون ساز اسيمبلي جوڙڻ جي اجازت ڏني ويندي. ڪرپس اچڻ سان نهروءَ ۽ گانڌيءَ سان ملاقاتون ڪيون،[84] ۽ بعد ۾ وري جناح سان به ملاقات ڪيائين.[85] جناح ڪرپس سان ملاقات ۾ اُها ڳالهہ رکي تہ "هندستان ۾ آئين ساز اسيمبليءَ جي جوڙجڪ تيستائين صحيح ثابت نہ ٿيندي، جيستائين اوهان برطانيا کي وچ مان ٻاهر ڪيڊي ڦٽو نہ ٿا ڪريو ۽ هن دليل ڏنو تہ اقتدار وارو مسئلو سڀ کان پهرين حل ٿيڻ گهرجي. بهرحال، ڪرپس هندستان مان وڃڻ کان اڳ وائسراءِ لنلٿگو کي صلاح ڏني، تہ هُو هندو_مسلم مسئلي کي حل ڪرڻ لاءِ ڪنهن نئين طريقي کان ڪم وٺي، ۽ هن مٿس زور وڌو تہ هو مناسب موقعي مهل ڪارروائي ڪري، ۽ ٻنهي ڌرين کي پاڻ ۾ ملائڻ جي ڪوشش ڪري. ۽ اُنهن کي صاف ۽ سڌي طرح اُهو سڀ ڪجهہ لکي ڏيڻ تي راضي ڪري، تہ اُهي نيٺ چاهن ڇا ٿا، ۽ ڪهڙن شرطن تي مفاهمت ڪرڻ لاءِ تيار ٿيندا."[86]

وولپرٽ، ڪرپس جي اُنهي صلاح تي تبصرو ڪندي لکي ٿو:

"That was the arbitrator's technique of conflict resolution Cripps would advise Mountbatton to try, effectively, after war."[87]

"اُهو اختلافن کي ختم ڪرائڻ جو هڪ ٽيڪنڪ وارو لائحہ عمل هو جنهن کي ڪرپس، جنگ کانپوءِ مائونٽ بيٽن کي اثرائتي طريقي سان آزمائڻ جي صلاح ڏني هئي."

بهرحال، سراسٽيفورڊ ڪرپس وائسراءِ لنلٿگو کي اُها صلاح ڏئي واپس انگلينڊ موٽي ويو[88] ۽ "موٽي وڃي زيٽ لينڊ کي هڪ تڪڙي اعلان

جي ذريعي اُها تجويز ڏنائين، ته هندستان ۾ وائسراءِ جي انتظامي ڪائونسل ۾ قومي اڳواڻن کي مقرر ڪيو وڃي، ۽ آئين ساز اسيمبلي جي لاءِ چونڊون ڪرايون وڃن، جنهن ۾ فيصلا سادي اڪثريت سان ڪيا وڃن."[89] وولپرٽ موجب:

"اهو شرط جناح لاءِ ڪنهن بددعا کان گهٽ نه هو جنهن جو اُن ڀَالهه تي زور هو ته آئين ساز اسيمبلي ۾ ڪنهن به "فرقيواراڻي مسئلي" جي حل لاءِ به پابَڻي ٿي جي اڪثريت جو هجڻ لازمي آهي. هوڏانهن، ڪانگريس جمهوري اصول تان اهڙي دستبرداري بابت ڪجهه به ٻڌڻ لاءِ تيار نه هئي. لنلٿگو جنوري 1940ع ۾ بمبئي جو دورو ڪري رينٽ ڪلب کي خطاب ڪيو. جنهن ۾ هن اعلان ڪيو ته ويسٽ منسٽر جي قانون مطابق هندستان کي مڪمل ڊومينن واري حيثيت ڏيارڻ هزميجستي جو مقصد آهي، ۽ اُها هندستان جي انتظامي ڪائونسل ۾ هندستان اڳواڻن جي هڪ "مختصر تعداد" جو ترت ئي اضافي ڪرڻ لاءِ پڌ تيار آهي، ته جئين 1935ع واري ايڪٽ تي جيترو ممڪن ٿي سگهي، ٻيهر عمل شروع ڪري سگهجي."[90]

وولپرٽ، وائسراءِ جي اهڙي اعلان بابت لکي ٿو:

"اُهو ڪرپس جي وائسراءِ کي ڏنل صلاح جو ئي نتيجو هوجنهن مان جنگ واري معاملي تي هندستاني اڳواڻن جي عدم سهڪار جي حوالي انگريز حاڪمن جي گهٽتي ۽ پريشاني جي عڪاسي ٿئي ٿي. جيڪڏهن لنلٿگو گذريل آڪٽوبر مهيني ۾ اهڙي تقرير ڪري ها، ته شايد ڪانگريس نه ڪو صوبائي وزارتن تان استعيفائون ڏي ها، ۽ نه ڪو وري چوٽڪاري وارو ڏينهن ملهايو وڃي ها."[91]

وولپرٽ جي اُنهي بيان مان اُهو به پاسجي ٿو جتي برطانيا ۽ ان جي طرفان هندستان ۾ مقرر ڪيل نمائندا (جهڙوڪ وائسراءِ وغيره) معروضي حالتن جي گهربل شعور ۽ ادراڪ جي ڪوٽ سببان هندستاني قيادت کان جنگ ۾ مدد حاصل ڪرڻ ناڪام ٿي رهيا، ته وري اُتي سندن حڪمت عملي جي ڪمزوريءَ سببان هندو ۽ مسلمانن ۾ به اختلاف تيز ٿيندا رهيا، جنهن جي نتيجي ۾ هندستان اندر صورتحال وڌي حد تائين تڪراري پدَ تي پهچي، نهايت پيچيده بڻجندي ٿي وئي. بهرحال، جناح جا سوانح نگار ٻڌائين ٿا ته، اُنهن ڏينهن ۾، جڏهن هندستان جي سياست جي ميدان ۾ وڏي گهماگهمي ٿي هلي، جنگ جا هرطرف پڙاڏا ٻڌڻ ۾ ٿي آيا، ڀَالهين مٿان

ڳالهين جا دور هليا ٿي، صورتحال پيچيده گ ڏڙ تڪراري بڻجڻ جا ڏس ٿي ڏنا. ته تڏهن جناح جي طبعيت وڏي حد تائين خراب ٿي. هڪ نهايت خطرناڪ بيماريءَ جي نڏر ٿيندي ٿي وئي.[92] هاڻ، تيزيءَ سان وڌندڙ ڪنگهه ۽ بخار سندس صحت کي بنهه تباهه ۽ ختم ڪري ڇڏيو هو.[93] اهڙي ئي حالت ۾ هن 3 مارچ 1940ع تي وائسراءِ لنلٿگو سان ملاقات ڪئي.[94] ملاقات ۾ وائسراءِ آڏو اُها ڳالهه رکيائين:

"The Muslims would not retard the war efforts if an undertaking was given to them that no political settlement would be reached with the Congress without the previous consent of the Muslims."[95]

"جيڪڏهن مسلمانن کي اُن ڳالهه جي گارنٽي ڏني وڃي، ته برطانيا مسلمانن سان ڪنهن به صلاح مصلحت ڪرڻ ڪانسواءِ ڪانگريس سان ڪو به ناهه نه ڪندو ته پوءِ اُن صورت ۾ مسلمانن انگريزن جي جنگي ڪوششن ۾ ڪا به رڪاوٽ نه وجهندا."

وولپرٽ ٻڌائي ٿو:

"The Viceroy.....reacted favourably and said he would communicate his view to London."[96]

"وائسراءِ ...جناح جي اهڙي ڳالهه تي همدردي وارو ردعمل ظاهر ڪيو ۽ چيو ته مان اوهان جي اها ڳالهه لنڊن تائين پهچائيندس."

هڪ طرف ڪانگريس هئي، جيڪا پهريان انگريزن (برطانيا) جي جنگ ۾ گهربل مدد ڪرڻ جو آسرو ڏئي، بعد ۾ ڦري وئي، ته وري ٻي طرف مسلم ليگ ۽ جناح هو جن انگريزن کي مشروط مدد جي آڇ ٿي ڪئي، ۽ سندن شرط صرف اُهو هو ته انگريز مسلمانن جي مرضي ڪانسواءِ ڪانگريس سان هندستان ۾ اقتدار جي منتقلي توڙي ان جي آئين سازي واري بندوبست جي حوالي سان ڪو به ناهه نه ڪن. جيڪڏهن مسلمانن کي پاسي تي رکي، ڪانگريس سان هڪ_طرفو ناهه ڪيو ويو ته مسلمانن طرفان انگريز سرڪار سان ڪو به سهڪار نه ڪيو ويندو.

بهرحال، ائين هندستان ۾ هندن ۽ مسلمانن جي وچ ۾ سياسي وچوٽيون وڌي رهيون هيون، جنهن سببان ننڍي کنڊ جي هن بدنصيب خطي ۽ اُن جي عوام لاءِ انتهائي تڪراري سياسي وايومنڊل تيار رهيو هو ته هوڏانهن وري جرمني، پولينڊ، ڊينمارڪ ۽ ناروي جهڙن ملڪن تي حملا

ڪندو ڪاهيندو برطانيا لاءِ وڏو خطرو بڻجندي ٿي ويو. پرل هابر تي جپاني حملي ويتر عالمي صورتحال کي گنڀير بڻائي ڇڏيو جنهن سببان آمريڪا به پي عالمي جنگ ۾ شامل ٿي ويو. اهڙي ئي عالمي ۽ ملڪي سياسي تڪراري صورتحال ۾ مسلم ليگ جي لاهور واري تاريخي اجلاس جو بندوبست ڪيو ٿي. تان جو اُن جون لاهور ۾ 21 مارچ 1940ع کان تياريون به شروع ٿي ويون. مسلم ليگ جو هيءُ اُهو ئي اجلاس هو جنهن جي هڪ فيصلي ۽ هڪ قرارداد کي، ننڍي کنڊ جي سڄي جاگرافي کي ئي تبديل ڪرڻ جو محرڪ بڻجڻو هو. آل انڊيا مسلم جي اِها لاهور واري قرارد هڪ انتهائي اهم ۽ تاريخي قرارداد هئي. اهو ئي سبب هو جو بعد ۾ نه رڳو مسلم ليگ، پر خود جناح به، پنهنجي سڄي سياست جو محور اُنهي قرارداد کي بڻايو.[97] رڪارڊ ٻڌائي ٿو ته هن 1940ع ڪانپوءِ آل انڊيا ڪانگريس ۽ اُن جي ليڊرشپ سان جيڪا به ڳالهه ٻولهه ڪئي. اُن ۾ جناح جي موقف جو محور لاهور واري قرارداد ئي هئي. بهرحال، 21 مارچ تي لاهور جي منٽو پارڪ ۾ مسلم ليگ جي اُنهي تاريخي اجلاس جي بندوبست جو تياريون جاري هيون، جو پنجاب جي خاڪسارن ۽ اُتي جي پوليس ۾ جهڙپ ٿي پئي.[98] چون ٿا ته، اُنهي جهڙپ ۾ پوليس مجرجي فائرنگ به ڪري ڏني، جنهن جي نتيجي ۾ لڳ ڀڳ 23 خاڪسار فوت ۽ ڪيترا ئي ڦٽجي پيا.[99] ائين، شهر ۾ جڏ ته ڪرفيو واري صورتحال لاڳو ٿي وئي، جنهن سببان ائين ٿي سمجهيو ويو ته شايد مسلم ليگ پنهنجو اجلاس گهرائي نه سگهندي، ۽ ان کي ملتوي ڪريو ڇڏيندي، پر مسلم ليگ ائين نه ڪيو.[100]

جناح، 20 مارچ تي دهلي مان نڪري چڪو هو ۽ 21 مارچ لاهور پهچي ويو.[101] جناح، لاهور پهچڻ سان سڌو اسپتال ويو ۽ خاڪسارن جي عيادت ڪيائين. جيتوڻيڪ خاڪسار ۽ اُنهن جي ليڊرشپ جناح جي سخت مخالف هئي، ۽ چون ٿا ته، خاڪسارن طرفان جناح تي بعد ۾ هڪ قاتلاڻو حملو به ڪيو ويو هو[102] پر اُنهي ڳالهه جي قطع نظر، جناح پنهنجي اعليٰ ظرافت جو مظاهرو ڪندي، ساٽن همدردي ۽ لاڳاپيل واقعي تي افسوس جو اظهار ڪيو.[103]

بهرحال، 22 مارچ کان مسلم ليگ جو لاهور جي منٽو پارڪ ۾ باقائده اجلاس شروع ٿي ويو.[104] وولپرٽ موجب:

"ست هزار ماڻهن منٽو (هاڻوڪو علامہ اقبال)پارڪ ۾ لڳايل عظيم الشان شاميانن جي هيٺان گڏ ٿي ويا هئا. جتن خوبصورت بادشاهي مسجد جا سنگ مرمر سان ٺهيل سهڻا ۽ وٽندڙ وڻا مينار ۽ شاهجهان جو قلعو چڱي طرح سان ڏسڻ ٿي آيو. لاهور يارنهين صدي کان وٺي ڏکڻ ايشيا ۾ اپرندڙ مرڪز پنجاب جي گادي جو هنڌ ۽ مغل ثقافت جو اهم ترين علائقو هاڻ مسلم ليگ جي "پاڪستان واري ٺهراءَ" کي جنم ڏيڻ واري ماڳ هو. جناح کي پنجاب جو روايتي لباس چوڙيدار پاجامو پاتل هو. هو 22 مارچ تي ٻه لڳي پنجويهه منٽن تي ماڻهن سان ڀرپور پنڊال ۾ داخل ٿيو. هڪ شاهي تخت مرڪزي اسٽيج تي هُن جي انتظار ۾ هو. هُن جي سڌي هٿ کان ٿورو هيٺ هڪ ٻيو تخت سائي گاڏڙاڇي ريشمي ساڙهي ۾ ملبوس فاطمہ لاءِ هو. اُنهن کي مسلم ليگ جي نيشنل گارڊز جي دستي پنهنجي گهيري ۾ آڻي ڇڏيو هو. جنهن جو چمڪندڙ تلوارون اُن جمعي واري اجلاس واري سڄي ڏينهن ۾ ايبون ٿي بيٺل رهيون. ۽ پنڊال ۾ موجود خاڪسارن کي، فائداعظم جي موجودگي ۾ تميز ۽ اخلاق سان پيش اچڻ جي ياد ڏياريندي رهي." [105]

بهرحال، ترت جناح اسٽيج تان ٿورو اڳي، مائيڪ تي آيو ۽ تقرير شروع ڪيائين. تقرير انگريزي ۾ هئي. چون ٿا ته جناح لڳ ڀڳ ٻه ڪلاڪ تقرير ڪئي. [106] "تقرير دوران هن جو آواز ڪڏهن گهرو ۽ جوش سان ڀرجي ٿي ويو ته وري ڪڏهن سندس آواز بنهه هلڪو ۽ طنزيا ٿي ٿي ويو. شخصيت جو رعب تاب ۽ دبدبو اهڙو هيس، جو ٻڌڻ مان اڪثريت، انگريزي جي ڄاڻ نہ هجڻ جي باوجود، سندس تقرير جي سحر ۾ ڪوڙيل رهي، ۽ تقرير وري ٻڌندڙن جي جذبن تي، جيڪو اثر وڌو ان کي واضع طور تي محسوس ڪري سگهجي ٿيو. اُهو اُن جو سڀ کان بنهه وڏو عوامي ميڙاڪو هو ۽سڀ کان وڏي ڪاڪردگي پڻ. اُتي مسلم هندستان جا سمورا نالياوارا اڳواڻ موجود هئا. ۽ گنجائش کان وڌيڪ ماڻهن، جيڪي هڪ لک پنجابي، سنڌي، بلوچ، بنگالي ۽ پٺاڻ پنهنجي قائد جو آواز ٻڌڻ لاءِ اچي گڏ ٿيا هئا. جي شرڪت سبباڻ پارڪ ٻاهر تائين ڀرجي ويو هو." [107] جناح خطاب ڪندي چيو:

"هندستان ۾ موجود مختلف فرقن واري مسئي جي نوعيت ملڪي نہ، پر بين الاقوامي آهي. اُن کي اُنهي طرح سان حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويڃي. جيستائين اُن بنيادي ۽ اهم ڳالهہ کي سمجهيو نہ ٿو ويڃي، تيستائين ڪو بہ ٺهندڙ نئون آئين ڏرين ۾ سرچاءَ نہ، پر تباهي ئي آڻيندو. اُها تباهي نہ رڳو

مسلمانن لاءِ هوندي، پر هندو ۽ انگريز به اُن کان پاڻ بچائي نه سگهندا. ان کري، انگريزن جي برطانوي حڪومت، پنهنجي ايمانداري ۽ ديانتداري سان، هن خطي جي عوام جي امن ۽ سکون حاصل ڪرڻ گهري ٿي ته پوءِ اسان سڀني لاءِ واحد کليل رستو اُهو آهي ته هندستان کي "خودمختيار قومي رياستن" ۾ ورهائي، وڌين قومن کي ڌار وطن ٺاهڻ جي اجازت ڏني وڃي."[108]

جناح جو وڌيڪ چوڻ هو:

"مسلم هندستان کي به اهڙي آئين قبول نه ڪندو جيڪو لازمي طرح هندو اڪثريت جي مفادن وٽان هجي. هندو ۽ مسلمانن تي ڪنهن به اهڙي نام نهاد هندو اڪثريتي جمهوري نظام مڙهڻ جي ڪوشش ڪئي وئي، ته اُن جي معنيٰ صرف هندو راج واري سمجهي ويندي، اسان وٽ، هتي عام طور تي ائين سمجهيو ويندو آهي، ته مسلمان اقليت ۾ آهي، پر حقيقت ۾ ٽوروا ڪيون ڪولي ڏنو وڃي ته ملڪ جي برطانيا پاران ٺاهيل نقشي ۾ هندستان جي يارنهن صوبن مان ڇهن ۾ لڳ ڀڳ مسلمانن جي اڪثريت آهي. قوميت جي لحاظ کان مسلمان هڪ قوم آهن. پل اُنهن وٽ پنهنجو وطن هجي، پنهنجو ملڪ هجي، پنهنجي رياست ۽ دولت هجي، پر اسان جي اُها خواهش آهي ته اسان آزاد ۽ خودمختيار قوم جي حيثيت سان پنهنجي پاڙيسرين سان امن ۽ اتحاد سان رهون. اسان چاهيون ٿا ته اسان جي قوم پنهنجي تصور ۽ مزاج مطابق جئين اسان صحيح سمجهون، تئين اُها سياسي، اقتصادي ۽ ثقافتي ترقي ڪري، ايمانداري جي اُها تقاضا آهي، ۽ اسان جي قوم جي ڪروڙين ماڻهن اسان تي اهو مقدس فرض مٿان رکي ڇڏيو آهي، ته اسان کي اهڙو عزت جوڳو ۽ پُرامن حل ڪڍون، جيڪو سڀني جي لاءِ منصفاڻو هجي، پر اُن سان گڏ اُها ڳالهه به ياد رکڻ گهرجي ته اسان تي ڏمڪين ۽ ڊيڄارڻ سان کي به فرق نه پوندو جيڪو مقصد اسان مقرر ڪيو آهي. اُن کي اسان ڪنهن به خوف يا دٻ ۾ اچي هرگز نه ڇڏينداسين. دوستو، ان ڪري، مان چاهيان ٿو ته اوهان کي قطعي فيصلو ڪريو ۽ پوءِ وري تدبيرن تي غور ڪريو. پنهنجي تنظيم سازي ڪريو ۽ تنظيم کي سگهارو بڻايو ۽ سڄي هندستان جي مسلمانن کي متحد ڪريو. منهنجو خيال آهي ته عام مسلمان سجاڳ ٿي ويو آهي، صرف ان کي هاڻ اوهان جي اڳواڻي ۽ رهنمائي جي ضرورت آهي."[119]

جناح جي اُنهي لاهور واري تقرير ۽ خطاب تي، جناح جو سوانح نگار استينلي وولپرٽ "جناح آف پاڪستان" ۾ هيٺين تبصرو ڪيو آهي:

"Jinnah did not use the name of Pakistan, nor would it appear in the forthcoming Lahore resolution. He had, nonetheless, obiously given much thought, not simply to this immediate solution for the

Hindu_Muslim problem but also to the long_range international implication of partition. Jinnah no longer questioned either the wisdom, viability or aftermath impact of partition but had decided by the spring fo 1940 that this was the only long term resolution to India's foremost problem.

Jinnah's Lahore address lowered the final curtion on any prospects for a single united independent India. Those who understood him enough to know that once his mind was made up he never reverted to any earlier position realized how momentous a pronouncement their QuaidAzam had just made. The rest of the world would take at leat seven years to appreciate that he literally meant every word he had uttered that important afternoon in March. There was no turning back. The ambassador of Hindu_Muslim unity had totally transformed himself into Pakistan's great leader."[110]

"جيتوڻيڪ، جناح پنهنجي خطاب ۾ پاڪستان جو نالو نه ورتو هو ۽ نه ئي وري بعد ۾ پيش ٿيندڙ لاهور واري نهرَ ۾ پاڪستان جي ڳالهه ڪئي وئي هئي، پر ظاهر آهي ته هُن نه رڳو هندو_ مسلم مسئلي جي حل تي غور ڪري ورتو هو پر ساڳئي طرح سان ورهاڱي جي ڏور_رس اثرن تي به ويچاري ورتو هو. جناح کي هاڻ ورهاڱي جي حڪمت عملي تي ڪو به اعتراض نه رهيو هو. هن 1940ع واري سال تائين سمجهي ورتو هو ته هندستان جي مسئلي جو مستقل حل اهو ئي آهي.

جناح جي لاهور واري خطاب هڪ ڏينهن ۾ ڪنهن به امڪان تي هڪ ڏڪ هٽي ڪڏيو جيڪي ماڻهو جناح کان واقف آهن. اُنهن کي اها پليءَ پت خبر آهي ته هو هڪ دفعو فيصلي ڪرڻ بعد هُو ڪڏهن پوئتي ناهي هٽندو ۽ اُنهن لاهور جي خطاب بعد اهو سمجهي ڇڏيو هو ته سندن قائداعظم ڪيڏو نه يادگار اعلان ڪري ڇڏيو هو باقي ٻي سڄي دنيا کي اُهو سمجهڻ ۽ ميڙ ۾ پورا ست سال لڳي ويا. ته مارچ جي انهن ٻنهڙن جو هن جي زبان مان نڪتل لفظ بامعني ئي هئا. واپسيءَ جو ڪو به امڪان نه هو. هندو_مسلم اتحاد جي سفير پاڻ کي مڪمل طور تي پاڪستان جي هڪ عظيم اڳواڻ ۾ تبديل ڪري ڇڏيو هو."

جناح جي خطاب ڪانپوءِ جلسو پنهنجي پڄاڻي تي پهتو. ماڻهن جناح ۽ مسلم ليگ جي حق ۾ وڏا نعرا هنيا.[111] جناح، فاطمه سان گڏ استيج تان هيٺ لهي آيو. چون ٿا ته، رات جو ئي مسلم ليگ جي ورڪنگ ڪميٽيءَ جو جلاس ٿيو.[112] جنهن ۾ جناح جي تقرير جي روشني ۾ (ياد رهي ته تقرير جي شروعات ۾ جناح هندستان کي آزاد ۽ خودمختيار قومي رياستن ۾

ورهائي وڏين قومن کي ڏار وطن ناهي ڏيڻ جي ڳالهه ڪئي هئي) ننڍي کنڊ جي سياسي تاريخ جي مشهور لاهور واري قرارداد ناهي وئي،[113] جنهن ۾ دراصل مسلم گهٽائي وارين رياستن کي گڏائي، اُنهن کي مڪمل قومي خومختياري ڏيڻ جي گهر ڪئي وئي هئي،[114] ۽ اُهو ئي سبب آهي، جو هتي اسان وٽ، پاڪستان ۾ خاص طور اسان جي ننڍين مظلوم قومن ۽ اُنهن جي وطن دوست قومي قيادت طرفان ائين سمجهيو ۽ چيو ويندو آهي ته پاڪستان، قومن جي خودمختياري جي ضمانت جي بنياد تي نهيو آهي. (ان ڪري ملڪ ۾ شامل قومن کي قومي خودمختياري ڏئي، کين برابريءَ جي بنياد تي رياستي اختيارن ۾ حصيداري ۽ نمائندگي ڏئي، ملڪ کي قومي تڪرار ۽ رياستي بحران کان بچايو وڃي)

چون ٿا ته، اُنهيءَ لاهور واري قرارداد تي غور ۽ فڪر ڪرڻ لاءِ ٿيندڙ اجلاس ۾ هڪ اڳواڻ رشيد احمد خان جناح کي اُهو چئي ڏنو ته جناح صاحب، اسان جڏهن سيئي اُن ڳالهه تي اتفاق رکون ٿا ته اوهان ئي مسلمانن جا اڳواڻ ۽ رهنما آهيون ته پوءِ جئين اوهان کي وٺي، تئين اوهان چو نه ٿا لاهور نهراءَ جي منظوري ڏئي ڇڏيو.[115] جناح، اهڙو سوال ٻڌي ڪجهه ڪاوڙجي پيو ۽ ڪاوڙ وچان انهي اڳواڻ کي جواب ڏنائين:

"اوهان سيئي هندستان جي مختلف علائقن مان اُن ڪري آيا آهيون ته اوهان پنهنجي پنهنجي راءِ ڏئي سگهون، نه ڪي ان لاءِ ته جئين مان اوهان کي چوان تئين ڪريو. جيڪڏهن مون کي ائين ڪرڻو هجي ها، ته پوءِ مان پنهنجا سمورا فيصلا اخبارن ۾ ئي شايع ڪرائي ڇڏيان ها، ۽ اوهان انهن کي قبول ڪريو ڇڏيو ها." [116]

بهرحال، هي ڏينهن 23 مارچ 1940ع تي، جناح جي صدارت ۾ ٿيندڙ مسلم ليگ جي سبجيڪٽ ڪميٽيءَ جي اجلاس ۾، بنگال جي سياستدان فضل الحق اُنهي لاهور قرارداد کي منظوري لاءِ پيش ڪيو[117] جنهن ۾ اُها ڳالهه ڪئي وئي:

"While approving and endoring the action taken by the Council and the working Committee of the All_India Muslims league as indicated in their resolution dated 27th of August , 18th and 18the of September and 22the of October 1939 and 3the Februray 1940 on the constitutional a issue, these session of the All_India Muslims League emphatically reiterates that the scheme of

Federation embodied in the Government of India act, 1935, is totally unsuited to, and unworkable in the peculiar condition of, this country and is altogether unacceptable to Muslim India.

It further records its emphatic view that while the declaration dated the 18the of October 1939 made by the Viceroy on behalf of his Majesty's Government is reassuring in as far as it declares that the policy and plan on which the Government of India act,1935, is based will be reconsidered in consultaltion with the various parties, interest and communities in India, Muslim India will not be satisfied unless the whole constitutional plan si reconsidered de nov o and that no revised pla1 would be acceptable to the Muslims unless it is framed with their approval and consent.

Resolved that it is the considered view of this Session of the All_India Muslim League that no constitutional planwould be workable in this country or acceptable to the Muslim unless, its designed on the following basic principle, viz, that geographically contiguous units are demarcated into regions which should be so constituted, with such territorial readjustment as may be necessary, that the eras which muslims are in majority as in north-western and eastern zones of india, should be so grouped to constitute "Independent States" in which the constituent units shall be autonomous and sovereign;

That adequate, effective and mandatory safeguards should be specifically proved in the constitution for minorities in these units and in the regions for the protection of their religious, cultural, economic, political, administrative and other rights, and interests in consultation with them; and in other part of Idia where the Muslmans are in a minority,adequate, effective and mandotry safeguards shall be specifically provided in the constitution for them and other minorities for the protection of their religious, cultural, economic, political, administrative and other rights, and interests in consultation with them;

This session further authorize the Working Commttee to frame a scheme of Constitution in accordance with thes basic principles, providing for the assumption finally by the respective regious of all powers such as defence, external affairs,communication,coustom, and such other matters as may be necessary."[118]

"جئين تہ آل انڊيا مسلم ليگ جي ڪائونسل، ۽ ورڪنگ ڪميٽي جن معاملن جي توسيع ڪري چڏي آهي، ۽ ان جي 17_27آگسٽ، 18سيپٽمبر،

22 آڪٽوبر 1939ع ۽ 3 فيبروري 1940ع تي ٽيل اجلاسن ۾ ٿيندڙ معاملن کي بحث هيٺ آندو ويو هو ۽ اُنهن اجلاسن جي قراردادن ۾ پڻ اُنهي ڳالهه جي نشاندهي ڪئي وئي هئي. ان ڪري آل انڊيا مسلم ليگ جي هي اجلاس بہ پُرزور لفظن ۾ اُن ڳالهه جي نشاندهي ٿو ڪري تہ هندستاني حڪومت پاران 1935ع واري ايڪٽ تحت پيش ٿيندڙ آئين ملڪ جي مخصوص حالتن ۾ قطعي طور تي نامناسب ۽ ناقابل عمل آهي، ۽ اُن سان گڏوگڏ اُهو آئين هندستان جي مسلمانن لاءِ ناقابل قبول آهي.

هيءُ اجلاس هڪ پيرو ٻيهر پنهنجو موقف رکارڊ تي آڻي ٿو تہ 18 آڪٽوبر 1939ع ۾ وائسراءِ هزميجسٽي جي حڪومت طرفان باضابط اعلان ڪندي هڪ پيرو ٻيهر اُن ڳالهه جي خاطري ڪرائي هئي تہ حڪمت عملي ۽ منصوبي جي جنهن بنياد تي، هندستان جي حڪومت جو 1935ع واري ايڪٽ منظور ٿيو ان تي هندستان جي سمورين پارٽين، اڳواڻن ۽ قوميتن جي صلاح مشوري سان نظرثاني ڪئي وئي ويندي. هندستان جا مسلمان ان وقت تائين مطمئن نہ ٿيندا، جيستائين هندستان لاءِ سڄو آئيني نظام نئين سر نہ ٿو جوڙيو وڃي، ۽ سڌاريل آئين مسلمانن کي ان وقت تائين قابل قبول نہ ٿيندو جيستائين ان جي لاءِ مسلمانن کان رضامندي ۽ منظوري نہ ٿي ورتي وڃي.

آل انڊيا مسلم ليگ جو هيءُ اجلاس ۽ اُن ۾ شريڪ اڳواڻ اُهو سمجهن ٿا تہ هن ملڪ ۾ تيستائين ڪو بہ آئيني منصوبو عمل جوڳو يا مسلمانن لاءِ قابل قبول نہ ٿيندو جيستائين اُهو هيٺين بنيادي اصولن تي تيار نہ ٿو ڪيو وڃي، يعني جاگرافيائي لحاظ کان هڪجهڙي سان ڳنڍيل وحدتن جي ڪن علائقن ۾ ضروري تبديلي آڻي، انهن جي اهڙن حدبندي ڪئي وڃي، جيئن اُهي قدرتي طرح سان ڏسڻ ۾ اچن ۽ ڏکڻ اولهه ۽ اوير وارا اهي علائقا، جتي مسلمانن جي گهڻائي آهي، تن کي آزاد رياستن جي قيام لاءِ گڏ ڪرڻ گهرجن، جن ۾ شامل وحدتون آزاد ۽ خودمختيار هوندیون.

اُنهن آزاد علائقن ۽ خودمختيار وحدتن جي آئين ۾ اقليتن کي خاص طور تي مناسب ۽ موثر قانوني ۽ آئيني ضمانت ڏني وڃي، تہ جئين اُنهن جي مذهبي، ثقافتي، معاشي، سياسي ۽ ٻين حقن جو سندن مفادن ۽ سندن مشوري مطابق بچاءُ ۽ دفاع ڪيو وڃي. هندستان جي ٻين حصن جتي مسلمان اقليت ۾ آهن، اُتي بہ انهن ۽ ٻين اقليتن جي لاءِ آئين ۾ خاص طور تي مناسب ۽ موثر قانوني ۽ آئيني ضمانت ڏني وڃي تہ جئين انهن جي سياسي، مذهبي، ثقافتي، معاشي ۽ ٻين حقن جو انهن جي مفادن ۽ انهن جي مشوري مطابق بچاءُ ۽ دفاع ڪري سگهجي.

هيءُ اجلاس ورڪنگ ڪميٽي کي اُهو بہ اضافي اختيار ڏئي ٿو تہ اُها اُنهن

بنيادي اصولن مطابق هڪ آئيني خاڪو تيار ڪري، جنهن ۾ جاٽايل خطن کي دفاع، پرڏيهي معاملا، مواصلات، ڪسٽم ۽ اهڙن ٻين سمورن ضروري معاملن جا اختيار ڏنل هجن."

هندستان جي آئين جي خالق ۽ اڇوت برادري جو هڪ مشهور اڳواڻ ڊاڪٽر بي. آر. امبيدڪر (B. R. Ambedkar) پنهنجي ڪتاب Thougts On Pakistan[119] ۾ لاهور ٺهراءَ تي تبصرو ڪندي لکي ٿو:

"A reference of para 3 of the Resolution will show that the Resolution contemplates that the arease in which Muslims predominate shall be incorporated into independent states. In corecte terms ti means that Punjab, North Western Frontier, Baluchistan and Sind in the North_West and Bengal in the East will instead of remaining as the Provinces of British India shall be incorporated as independent states outside of British India. This is the sum and substance of the Resolution of the Muslims League."[120]

"لاهور ٺهراءَ جو ٽيون حصو اُن سوچ کي ظاهر ڪري ٿو ته مسلم گهڻائي وارن سمورن علائقن کي آزاد رياستن جي صورت ۾ آندو وڃي. ٿوس معنيٰ ۾ اُن ڳالهه جو مطلب اُهو آهي ته ننڍي کنڊ جي اُتر اُولهه ۾ پنجاب، سنڌ، سرحد، بلوچستان ۽ اوپر ۾ بنگال کي برطانوي هندستان جو حصو سمجهڻ بدران، اُنهن کي برطانوي هندستان کي ڌار ڪري آزاد ۽ خودمختيار رياستن واري حيثيت ڏني وڃي. دراصل، اُهو ئي مقصد ۽ مطلب هو مسلم ليگ جي انهي لاهور واري ٺهراءَ جو."

ڪانگريس جي صدر مولانا ابوالڪلام آزاد لاهور ٺهراءِ تي پنهنجي ڪتاب India wins Freedom ۾ هيئن تبصرو ڪيو آهي:

"The wording was vague and capable of more than one interpretation, but the general purport was clear. The Muslim League demanded that the Muslim majority provinces should have full autonomy."[121]

"اُن [لاهور ٺهراءَ] جي ٻولي ڪجهه مبهم هئي، ۽ اُن جون اڪيچار معنائون نڪري ٿي سگهيون، پر اُن جو عام مطلب بلڪل صاف هو ته مسلم ليگ لاهور ٺهراءَ جي ذريعي مسلم گهڻائي وارين رياستن جي مڪمل خودمختياري جو مطالبو ڪيو هو."

اصل ۾ لاهور ٺهراءَ پاس ڪرائڻ جو مقصد ۽ مطلب ئي اُهو هو ته

هندستان کي ورهائي، اُن ۾ شامل ڪيل مسلم گهڻائي وارن علائقن (بنگال، پنجاب، سنڌ، سرحد ۽ بلوچستان) کي آزاد ۽ خودمختيار قومي رياستن جي صورت ۾ آندو ويڃي، بلڪل ائين ئي، جئين اُهي انگريزن جي اچڻ ۽ قبضي کان اڳ، آزاد ۽ خومختيار قومي رياستن واري حيثيت ۾ هئا. اُهو ئي سبب هو جو نه رڳو جناح، لاهور ٺهراءَ جي پهرين اجلاس جي، 22 مارچ واري تقرير ۾ "هندستان کي آزاد ۽ خودمختيار قومي رياستن ۾ ورهائي، وڌين مسلم قومن کي پنهنجي لاءِ ڌار وطن ٺاهڻ" جي ڳالهه ڪئي،[122] پر پي ڏينهن آل انڊيا مسلم ليگ جي 23 مارچ واري اجلاس ۾ اُنهي ڳالهه ۽ سوچ کي عملي طور روپ ڏيندي، باضابطه طور هندستان کي ورهائي، مسلم گهڻائي وارين علائقن ۽ رياستن جي مڪمل آزادي ۽ خودمختياري جي گُهر ۾ ڪري ڇڏي هيائين.[123] سبب اُهو هو ته 1937ع واري چونڊن ۾ جهڙي نموني ڪانگريس، ۽ اُن جي ليڊرشپ اقتدار ۽ رياستي اختيارن جي مالڪ بڻجي، پنهنجي عددي اڪثريتي سوچ ۽ ناجائز غرور جو ڏيکاءُ ڪندي، جهڙي نموني پاڻ، ۽ ڪانگريس کي سڄي هندستان جي حڪمران پارٽي طور ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، ۽ اقليتن خاص طور مسلمانن ۽ اُنهن جي نمائنده جماعت مسلم ليگ ڏانهن جيڪو انتهائي غيرذميوارانو ۽ متعصب رويو روان رکندي، ان کي صوبائي اقتدار کان محروم رکي، فرقيواريت جو مظاهرو ڪري، پنهنجي ٻن ادائي سالن جي حڪومتي راج دوران مسلمانن سان جيڪي ناانصافيون ۽ زيادتيون ڪيون، اُن سڄي صورتحال، دراصل، جناح ۽ مسلم ليگ کي هڪ ٻئي رستي تي هلڻ لاءِ سوچڻ تي مجبور ڪري وڌو هو ۽ اهو ٻيو رستو دراصل، ڪانگريس ۽ هندن کان ڌار ٿي، مسلم گهڻائي وارن رياستن جي آزادي ۽ خودمختياري کي بحال ڪرائي، انهن کي پنهنجي اختيارن ۽ اقتدار جو مالڪ ۽ وارث بڻائڻ وارو هو جنهن جو اظهار لاهور ٺهراءَ ۽ اُن جي پاس ٿيڻ کان هڪ ڏينهن اڳ 22 مارچ تي ڪيل جناح جي تقرير مان به چڱي طرح سان ٿئي ٿو.[124]

اصل ۾، 1937ع واري ڪانگريسي حڪومتي راج دوران ٿيل تلخ تجربي کانپوءِ جناح ۽ مسلم ليگ، اُها سوچ اختيار ڪري ورتي هئي ته جئين ته، ڪانگريس ۽ اُن جي ليڊرشپ پنهنجي روايتي اقليت_دشمن سوچ ۽ مفادن تان هٽ ڪٽي، ڪڏهن به مسلمانن ۽ انهن جي ليڊرشپ سان ٺهي نه هلندي، ۽ هندستان ۾ پنهنجي عددي اڪثريت جي بنياد ۽ نام نهاد

جمهوريت جي نالي تي، مضبوط وفاق مڙهي مسلمانن ۽ ٻين اقليتن جو جئيڻ جنجال ڪري ڇڏيندي ان ڪري اُنهي سڄي جنجال ۽ تڪرار مان ٻاهر نڪرڻ جو اُهو ئي حل ۽ رستو آهي، تہ ننڍي کنڊ جي جيڪا اصل پهرين انگريزن جي اچڻ کان اڳ واري جاگرافيائي بيهڪ هئي، جنهن ۾ ننڍو کنڊ ڪا وحدت نہ پر اڪيچار آزاد ۽ خودمختياري قومي رياستن جي صورت ۾ تاريخي طور ورهايل هو (ياد رهي تہ ننڍو کنڊ اڄ سوڌو مختلف ملڪن ۽ قومن ۾ ورهايل ئي آهي) جنهن کي بعد ۾ انگريزن هتي اچي، ۽ هتي جي لڳ ڀڳ سمورين رياستن کي فتح ڪري، اُنهن کي طاقت جي زور تي هڪ هندستاني وفاق هيٺ آڻيندي، ننڍي کنڊ کي بنهہ هٿرادو انداز ۾ وحدت طور اپاريو ان کي رد ڪرائي، مسلم گهڻائي وارين علائقن ۽ رياستن جي پهرين واري آزاد ۽ خودمختيار قومي حيثيت کي بحال ڪرائجي، جنهن ۾ مسلم صوبا ۽ رياستون (جيئن پهريان انگريزن جي اچڻ کان اڳ)پنهنجي اقتدار ۽ اختيارن جون پاڻ مالڪ هونديون. ڪانگريس ۽ هندن جو ڪو بہ آزاريا مداخلت نہ هوندي.

ڏنو ويجي تہ، اهڙي سوچ تحت ئي، آل انڊيا مسلم ليگ 23 مارچ 1940ع تي پنهنجو لاهور وارو ٺهراءُ پاس ڪرايو جنهن ۾ علي الاعلان اُها ڳالهہ ۽ مطالبو ڪيو ويو تہ "هندستان جي ڏکڻ اُولهہ ۽ اُوپر جي مسلم گهڻائي وارن علائقن کي آزاد ۽ خودمختياري رياستن جي قيام واسطي پاڻ ۾ گڏايو ويجي، جنهن ۾ شامل ٽيندڙيونٽ آزاد ۽ خودمختيار هوندا."[125]

تنهن کانسواءِ، مسلم ليگ طرفان لاهور ٺهراءُ پاس ڪرائڻ جو ٻيو خاص مقصد اُهو هو تہ اُنهي ٺهراءَ ذريعي انگريزن ۽ ڪانگريس کي هندستان جي ورهاڱي جي ڏمڪي ڏئي، دٻاءُ هيٺ آڻي، کين ننڍي کنڊ جي مسلم قومن لاءِ ڌار وطن ناهي ڏيڻ تي راضي ڪري سگهجي، جو ڪانگريس ۽ اُن جي ليڊرشپ اُنهي رستي کانسواءِ ٻيو ڪو بہ رستو مسلمانن لاءِ نہ ڇڏيو هو. جناح جي حڪمت عملي اُها هئي، تہ جيڪڏهن انگريزن ۽ ڪانگريس مسلمانن کي هندستان جي وڏاڪي حڪومتي نظام ۾ سياسي برابريءَ (Political Parity) جي بنياد تي نمائندگي ڏين، تہ ٺيڪ آهي، نہ تہ، پوءِ صُورت ۾ هندستان کي ورهائي، مسلم رياستن کي قومي خودمختياري ۽ خوداختياري ڏئي، اُنهن کي ڌار وطن جوڙڻ جي اجازت ڏئي، کين پنهنجي رياست، اقتدار ۽ اختيارن جو مڪمل طور تي مالڪ ۽ وارث بڻايو ويجي، تہ

جئين اُهي گڏيل هندستان جي مرڪز ۾ ڪانگريس ۽ ان جي ليڊرشپ جي ناجائز مداخلت کان بچي سگهن. اُهو ئي سبب هو جو جناح لاهور واري تقرير ۾ اُهو واضع طور چئي ڏنو ته هندستان ۾ هندو_مسلم مسئلي ۽ تڪرار جي حل اُهو آهي ته "هندستان کي آزاد ۽ خودمختيار قومي رياستن ۾ ورهائي، وڌين قومن کي ڌار وطن ٺاهڻ جي اجازت ڏني وڃي."[126]

جناح جو خيال هو ته جيڪڏهن انگريز ۽ ڪانگريس وارا هندستان کي ورهائڻ واري ڌمڪي (جيڪا جناح ۽ آل انڊيا مسلم ليگ طرفان لاهور ٺهراءَ جي ذريعي ڏني وئي)کان ڊڄي يا اُن جي خوف ۾ اچي، مسلم ليگ ۽ مسلمانن کي (انگريزن جي وڃڻ کانپوءِ ٺهندڙ) گڏيل وفاقي هندستان جي حڪومتي سرشتي ۾ برابريءَ جي بنياد تي حصيداري ڏيو ڇڏين ٿا، ته به اُها ڳالهه مسلم مفادن وٽان هوندي، جو مرڪز ۾ برابر پوزيشن هجڻ سببان هندن کي مسلم رياستن جي اختيارن سان هٿ چراند ڪرڻ جو موقعو نه ملي سگهندو ۽ ائين هندستان ۾ هندو بالادستي ۽ استيٽسڪو قائم ٿي وڃڻ واري امڪان جو به سدباب ٿي ويندو. پر جيڪڏهن ڪانگريس ۽انگريز اُن تي راضي نه ٿا ٿين، ته پوءِ مسلمانن ۽ اُنهن جي رياستن کي هندستان کان ڌار ڪرائي، مسلم رياستن جي اقتدار ۽ اختيارن جو اُتي جي مسلمانن کي مالڪ ۽ وارث بڻايو وڃي. ۽ ائين ڪانگريسي مداخلت کان جند ڇٽي پوندي. ۽ بعد ۾ وري، جڏهن اُهي مسلم گهٽائي واريون رياستون هندستان کان ڌار ٿي ويون، ۽ انگريز به هتان جڏهن هليا ويا ته بعد ۾ انهن مسلم رياستن سان ڳالهائي، بارگينگ ڪري، انهن کي لاهور ٺهراءَ واري معاهدي تحت جمهوري اصول مطابق سينٽرلائيزڊ (Centrelized) ڪري، هڪ وفاق هيٺ آڻي، اُنهن کي هڪ وڏي وفاقي طاقت ۽ رياست ۾ تبديل ڪيو ويندو جنهن جو نالو پاڪستان هوندو. اُها ئي دراصل، جناح ۽ مسلم ليگ جي سياسي حڪمت عملي (Political Manipulation) هئي، جنهن تحت اُنهن 23 مارچ 1940ع تي لاهور ٺهراءَ پيش ڪيو ۽ اُن سڄي ڪم لاءِ وري وڏي حد تائين ٻه_قومي نظريي کي به استعمال ڪيائون، جنهن لاءِ پاڪستان_جائي مشهور عورت اسڪالر عائشه جلال جو چوڻ آهي ته ٻه_قومي نظرئي يا ٻين مذهبي ڳالهين کي استعمال ڪرڻ پويان، جناح جو مقصد سياسي هو نه ڪي مذهبي.[127]

حوالا ۽ سمجھاڻيون

1. تفصيل لاءِ پڑھو الحاج محمد گوهر جواڙدو ڪتاب، ميرا قائد عظيم تر هي، نظريہ پاڪستان اڪادمي، لاهور 2008ع
2. ساڳيو صحفو 187
3. راج موهن گانڌي، مسلم افڪار مترجم: محمد فاروق قريشي، فڪشن هائوس، لاهور 1996ع، صحفہ 218
4. Stanley Wolpert, Jinnah of Pakistan, Oxford University, Karachi, 2008, p,133
5. تفصيل لاءِ پڑھو هيڪٽر بوليٿو جواڙدو ۾ ترجمو ڪيل، حيات قائداعظم، مترجم: زهير صديقي، جمهوري پبليڪيشنز لاهور 2012ع
6. الحاج محمد گوهر ، ميرا قائد عظيم تر هي، نظريہ پاڪستان اڪادمي، لاهور 2008ع، صحفہ 189
7. هيڪٽر بوليٿو حيات قائداعظم، مترجم: زهير صديقي، جمهوري پبليڪيشنز لاهور 2012ع، صحفہ،142
8. ياد رهي تہ جنهن لياقت علي خان، پنهنجي زال سميت لنڊن ۾ جناح وٽ ويڄي، ڪيس هندستان موٽي اچڻ لاءِ وڏا وس هلايا هئا، اُنهيءَ لياقت علي خان پنهنجي روايتي عوام دشمن جاگيرداراڻن مفادن خاطر جناح جي هندستان موٽي اچڻ کانپوءِ ترت ئي، جناح ۽ مسلم ليگ کي اکيلو ۽ ڪمزور ڪرڻ واريون حرڪتون ڪرڻ شروع ڪري ڏنيون هيون. مثال طور: 1936ع ۾ جڏهن جناح صاحب، مسلم ليگ يوپي جي صوبائي پارلياماني بورڊ ۾ لياقت علي خان جي منظور نظر زميندارن ۽ جاگيردارن کي شامل ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو تہ لياقت علي خان مسلم ليگ کي يوپي صوبي ۾ ڪمزور ڪرڻ خاطر نہ رڳو مسلم ليگ جي سيڪريٽري جنرل واري عهدي تان استعيفيٰ ڏئي، يوپي جي زميندار طبقي سان جوڙيل ايگريڪلچرسٽ پارٽي ۾ شموليت اختياري ڪري ورتي، پر هن 1937ع وارين چونڊن ۾ بہ ايگريڪلچر جي پليٽ فارم تان حصو ورتو. جيتوٽيڪ چونڊن ۾ تہ لياقت علي خان ڪاميابي حاصل ڪري، صوبائي اسيمبلي جو ميمبر ٿي ويو پر بهرحال، جئين تہ مسلم ليگ بہ 1937ع وارين چونڊن ۾ يوپي صوبي مان شاندار ڪاميابي حاصل ڪري ورتي هئي، جو اُن يوپيءَ جي 36 مسلم سيٽن مان 29 سيٽون حاصل ڪري ورتيون هيون، ۽ ٻيو تہ، چونڊن کانپوءِ جڏهن ڪانگريس ۽ اُن جي متعصب هندو ليڊرشپ مسلم چونڊيل نمائندن کي غيرمشروط طور وزارتن ۾ ڪٽڻ کان نٽ انڪار ڪري ڇڏيو تہ تڏهن لياقت علي خان کي پنهنجي غلطي جو احساس ٿيو ۽ هُو وري مسلم ليگ ۽ جناح صاحب جي ويجهو اچڻ لڳو تان جو هو 20 مارچ 1938ع تي مسلم ليگ جي دهليءَ ۾ ٿيندڙ هڪ وڏي ڪنوينشن ۾شرڪت ڪري، مسلم ليگ جي اڳواڻن کي راضي ڪري،

هڪ دفعو ٻيهر ۾ مسلم ليگ ۾ شامل ٿي. اُن جو سڪريٽري جنرل وارو عهدو ٻه حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو.(وڌيڪ تفصيل لاءِ زاهد چوڌري جو اڙدو ڪتاب، جناح_لياقت تضاد اور پنجابي_مهاجر تضاد، پڙهي سگهجي ٿو)

9. هيڪٽر بوليٿو حيات قائداعظم مترجم: زهير صديقي، جمهوري پبليڪيشنز لاهور 2012ع، صحفہ،146
10. ساڳيو صحفو 146
11. ساڳيو صحفو 146
12. ساڳيو صحفو 147
13. ساڳيو صحفو 147
14. ساڳيو صحفو 147
15. الحاج محمد گوهر ، ميرا قائد عظيم تر هي، نظريہ پاڪستان اڪادمي، لاهور 2008ع، صحفہ، 195
16. ساڳيو صحفو 195
17. هيڪٽر بوليٿو حيات قائداعظم مترجم: زهير صديقي، جمهوري پبليڪيشنز لاهور 2012ع، صحفہ، 149
18. ساڳيو صحفو149
19. ساڳيو صحفو149
20. ساڳيو صحفو149
21. ڪانگريس جي پارليماني بورڊ جوڙڻ واري طريقي ڪار بابت هيڪٽر بوليٿو جو چوڻ آهي تہ "اُهو بورڊ اُنهي منظم طريقي سان باقائده ڪم ڪري رهيو. جئين انگلينڊ جي وڏين وڏين پارٽين جي پارليماني بوردن ڪم پئي ڪيو.اُهو ئي بورڊ جتي ڪانگريس جي چونڊن بابت پاليسي کي ظاهر ڪري رهيو هو. اُتي وري پنهنجي اميدوارن کي ضروري هدايتون ڏيڻ وارو ڪم ٻہ ڪري رهيو هو. اُن جي ابتڙ وري ڪانگريس جون مخالف پارٽيون بنهہ دير سان تحرڪ ۾ آيون. انهن ڪانگريس کان ٻن سالن بعد (يعني 1937ع واري سال)ئي چونڊن جي سلسلي ۾ ڪم ڪرڻ شروع ٿي ڪيو."(وڌيڪ تفصيل لاءِ پڙهو هيڪٽر بوليٿو جو اڙدو ۾ ترجمو ڪيل ڪتاب، حيات قائداعظم مترجم: زهير صديقي، جمهوري پبليڪيشنز لاهور 2012ع)
22. هيڪٽر بوليٿو حيات قائداعظم مترجم: زهير صديقي، جمهوري پبليڪيشنز لاهور 2012ع، صحفہ،150
23. ساڳيو صحفو150
24. ساڳيو صحفو150
25. ساڳيو صحفو150
26. ساڳيو صحفو150

27. ساڳيو صحفو51_150
28. تفصيل لاءِ ايچ ايم سيروائي جو ڪتاب، پارٽيشن آف انڊيا_ليجنڊ اينڊ ريئلٽي،پڑهي سگهجي ٿو.
29. Stanley Wolpert, Jinnah of Pakistan, Oxford University, Karachi, 2008, p,147
30. ايازعلي، پاڪستان جوبنياد_ٻه قومي نظريو يا صوبائي خودمختياري، صحفو 305، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو 2014ع
31. Stanley Wolpert, Jinnah of Pakistan, Oxford University, Karachi, 2008, p,147
32. هيڪٽر بوليٿو حيات قائداعظم مترجم: زهير صديقي، جمهوري پبليڪيشنز لاهور 2012ع، صحفہ153
33. ساڳيو صحفو153
34. ساڳيو صحفو153
35. ساڳيو صحفو53_154
36. Stanley Wolpert, Jinnah of Pakistan, Oxford University, Karachi, 2008, p,148
37. هيڪٽر بوليٿو حيات قائداعظم مترجم: زهير صديقي، جمهوري پبليڪيشنز لاهور 2012ع، صحفہ154
38. بندي ماترم دراصل هندن جو مذهبي گيت آهي، جنهن جي معني آهي ماءُ توکي سلام. اصل ۾ ڪانگريس ۽ اُن جي ليڈرشپ کي پنهنجي حڪومتي راج دوران صرف هندن جي ئي گيت کي قومي حيثيت ڏني، اُن کي لازمي سرڪاري ۽ قومي گيت بنائڻ جو ڪو به اخلاقي، مذهبي توڙي سياسي جواز نه هو. ڇاڪاڻ ته هندستان ۾ صرف هندو نه هئا. هندستان بنيادي طور تي هڪ گهڻ_مذهبي ملڪ ۽ خطي طور رهيو آهي. اُتي هندن سان گڏ مسلمان، پارسي، عيسائي۽ ٻيون اڪيچار اقليتون ورهين کان ورسيل هيون ۽ آهن. ان ڪري هندستان ۾ ٻين اقليتي مذهبي ڏرين جي مذهبي سوچ، جذبن ۽ حقن کي نظرانداز ڪري، صرف هڪ ئي اڪثريتي مذهبي ڏر (يعني هندن)جي مذهبي مفادن کي اوليت ڏيڻ، ۽ اُنهن کي رياستي طاقت ۽ فائدي جي زور تي ٻين سمورين مذهبي اقليتن مٿان مڙهي ڇڏڻ هڪ وڏي بيوقوفي ۽ ڪج_شعوري هئي. ڪانگريس ۽ اُن جي ليڈرشپ، دراصل، شروع کان وٺي اهڙيون بيوقوفاڻيون ۽ تعصبي پاليسيون اختيار ڪندي رهي، جنهن جو لوڙ هندو توڙي مسلم ٻنهي ڏرين جي عوام کي ورهاڱي جي صورت ۾ لوڙهڻو پيو.
39. Stanley Wolpert, Jinnah of Pakistan, Oxford University, Karachi, 2008, p,152
40. Ibid,p,152
41. Ibid,p,152
42. Ibid,p,153
43. هيڪٽر بوليٿو حيات قائداعظم مترجم: زهير صديقي، جمهوري پبليڪيشنز لاهور 2012ع، صحفہ155
44. ساڳيو صحفو156

45. ساڳيو صحفو156
46. ساڳيو صحفو157
47. ساڳيو صحفو157
48. ساڳيو صحفو157
49. ساڳيو صحفو157
50. تفصيل لاءِ پڙهو ايچ ايم سيروائي جو انگريزي ڪتاب، پارٽيشن آف انڊيا_ليجنڈ اينڊ ريئلٽي، آڪسفورڊ يونيورسٽي پريس ڪراچي، سنڌ
51. هيڪٽر بوليٿو حيات قائداعظم، مترجم: زهير صديقي، جمهوري پبليڪيشنز لاهور 2012ع، صحفہ157
52. ساڳيو صحفو158
53. ساڳيو صحفو158
54. ساڳيو صحفو58_157
55. Stanley Wolpert, Jinnah of Pakistan, Oxford University, Karachi, 2008, p,157
56. Ibid,p,157
57. Ibid,p,146
58. Dr Tanvier Ahmed Tahir, Political Dynamics of Sindh, 1947-1977 Pakistan Study center, University of Karachi, 2010, P,338
59. ايازعلي، سنڌ_پاڪستان ۾ ڪئين ۽ ڇو شامل ٿي؟ (ڇپائي هيٺ تحقيقو مقالو)
60. تفصيل لاءِ پڙهو سيد حس رياض جو اڙدو ڪتاب،پاڪستان ناگريز تها، ڪراچي يونيورسٽي، سنڌ 1992ع
61. Ayesha Jalal, The sole spkmen, Jinnah, the Muslim League and Demand for Pakistan, Sang-e-meel Publication, Lahore, 1999, P,162
62. Stanley Wolpert, Jinnah of Pakistan, Oxford University, Karachi, 2008, p,165
63. Ibid,p,165
64. Ibid,p,165_66
65. Ibid,p,166
66. Ibid,p, 166_67
67. Ibid,p,168
68. Ibid,p,168_69
69. سيد حس رياض ،پاڪستان ناگريز تها، ڪراچي يونيورسٽي، سنڌ 1992ع ،277صحفہ
70. Stanley Wolpert, Jinnah of Pakistan, Oxford University, Karachi, 2008, p,172
71. Ibid,p,172
72. Ibid,p,172
73. جاويد راجپر، بي عالمي جنگ _فاشزم ۽ سوشلزم ۾ لڙائي، ڪاپڙي پبليڪيشن، حيدرآباد، 2010ع، صحفو 72
74. هيڪٽر بوليٿو حيات قائداعظم، مترجم: زهير صديقي، جمهوري پبليڪيشنز لاهور 2012ع، صحفہ68_69 1

75. ساڳيو صحفو169
76. ساڳيو صحفو169
77. ساڳيو صحفو169
78. ساڳيو صحفو169
79. ساڳيو صحفو169
80. ساڳيو صحفو170
81. Stanley Wolpert, Jinnah of Pakistan, Oxford University, Karachi, 2008, p,178
82. Ibid,p,178
83. Ibid,p,178
84. Ibid,p,178
85. Ibid,p,178
86. Ibid,p,178
87. Ibid,p,179
88. Ibid,p,179
89. تفصيل لاءِ پڙهو وولپرٽ اسٽينلي جو ڪتاب، جناح آف پاڪستان، آڪسفورڊ يونيورسٽي ڪراچي، سنڌ
90. Stanley Wolpert, Jinnah of Pakistan, Oxford University, Karachi, 2008, p,179
91. تفصيل لاءِ پڙهو ايازعلي جو مقالو پاڪستان جوبنياد_ٻه قومي نظريو يا صوبائي خودمختياري، صحفو 305، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو 2014ع
92. الحاج محمد گوهر ، ميرا قائد عظيم تر هي، نظريہ پاڪستان اڪادمي، لاهور 2008ع، صحفہ،222
93. ساڳيو صحفو222
94. ساڳيو صحفو222
95. ساڳيو صحفو222
96. ساڳيو صحفو222
97. هيڪٽر بوليٿو حيات قائداعظم، مترجم: زهير صديقي، جمهوري پبليڪيشنز لاهور 2012ع، صحفہ،191
98. الحاج محمد گوهر ، ميرا قائد عظيم تر هي، نظريہ پاڪستان اڪادمي، لاهور 2008ع، صحفہ،222
99. Stanley Wolpert, Jinnah of Pakistan, Oxford University, Karachi, 2008, p,180
100. Ibid,p,180
101. Ibid,p,180
102. Ibid,p,180
103. Ibid,p,180
104. الحاج محمد گوهر، ميرا قائد عظيم تر هي، نظريہ پاڪستان اڪادمي، لاهور 2008ع، صحفہ،24_225
105. ساڳيو صحفو225

106. تفصيل لاءِ پڙهو وولپرٽ جو ڪتاب "جناح آف پاڪستان"، جناح جي تقرير جي اُن ٽڪري مان اُهو پليءَ پت ظاهر ٿئي ٿو ته، جناح قومن جي خودمختياري جو زبردست حامي هو. اصل ۾ 1937ع کان پوءِ جڏهن ڪانگريس ۽ اُن جي ليڊرشپ پنهنجي مخصوص هندو بالادستي واري سوچ جي اظهار ڪندي هندستان جي آئيني حڪومتي بندوبست لاءِ اختيارن جي مرڪزيت تي ٻڌل "مضبوط مرڪز" جي حامي بڻجي، مضبوط مرڪز جي نالي تي، سڄي هندستان تي هندو بالادستي قائم ڪرڻ واري حڪمت عملي اختيار ڪري ورتي هئي، ته دراصل، تڏهن کان جناح هندستان جي مسلم گهٽائي وارين رياستن ۽ علائقن جهڙوڪ: پنجاب، بنگال، سنڌ، سرحد ۽ بلوچستان جي خودمختياري ۽ خوداختياري کي بچائڻ، ۽ اُن ۾ ڪانگريسي ليڊرشپ جي ناجائز مداخلت جا دروازا بند ڪرڻ لاءِ، مسلم گهٽائي وارين رياستن جي خودمختياري جو حامي بڻجي ويو هو ۽ اُن لاءِ هُن سياسي حڪمت عملي طور هندستان جي ورهاڱي ۽ وڏين مسلم قومن لاءِ ڌار وطن ٺاهڻ جي به ڳالهه ڪئي، ته جئين ڪانگريس کي هندستان جي ورهاڱي جي خوف هيٺ آڻي، گڏيل هندستان جي وفاقي حڪومتي نظام ۾ وڌ مان وڌ مسلمانن لاءِ خودمختياري واري ضمانت ونڊي، گڏيل هندستان ۾ هندن سان گڏيل طرح سان رهي سگهجي. جناح جا ڪانگريس سان سمورا اختلاف، دراصل، اُن مسلم گهٽائي وارين رياستن ۽ علائقن جي قومي، سياسي ۽ رياستي خودمختياري جي باري ۾ هئا. اهو ئي سبب آهي، جو اسان وٽ ائين چيو ويندو آهي ته هندستان جو ورهاڱو يا پاڪستان ٺهڻ جو بنياد ٻه_قومي نظريو يا ڪو مذهبي مسئلو نه، پر قومي خودمختياري وارو سياسي مسئلو هو. جنهن جي حل تي جڏهن ڪانگريس اتفاق نه ڪيو ۽ جناح ۽ مسلم ليگ جي مسلم رياستن لاءِ برابريءَ جي بنياد تي گڏيل هندستاني وفاق ۾ حصيداري ڏيڻ واري مطالبي کي مڃڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو ۽ اُها ڪنهن به طرح سان، پنهنجي انهي انڪار ۽ ضد تان لهڻ لاءِ تيار نه ٿي، ته مجبورن جناح ۽ مسلم ليگ کي پاڪستان ٺاهڻ واري رستي ڏانهن راغب ٿيڻو پيو ۽ اُن سڄي الميي ۽ تاريخي حادثي جي ذميوار پيو ڪير نه، پر ڪانگريس ۽ اُن جي ليڊرشپ ئي هئي.

البت، اُها پاڪستان جي تاريخ جي ستر ظرفي آهي ته جيڪو ملڪ ننڍي کنڊ جي مسلم قومن جي قومي ۽ صوبائي خودمختياري کي هندو بالادستيءَ کان بچائڻ جي بنياد تي ٺهيو ان ئي ملڪ کي بعد ۾ خاص طور ملڪ جي باني (جناح صاحب)جي لاڏاڻي کانپوءِ، ملڪ ۾ شامل قومن جي سياسي، معاشي، ثقافتي، قومي ۽ رياستي خودمختياري کي، هتي جي بالادست پنجابي_مهاجر حڪمران ٽولي پاران ڪانگريس واري ئي نام نهاد مضبوط وفاق جي نالي تي ختم ڪري، هتي ملڪ ۽ ان جي رياستي اختيارن ۾ ملڪ ۾ شامل قومن ۽ اُن جي نمائنده ڏرين کي سياسي برابريءَ (Political Parity) جي بنياد تي (جيڪو دراصل جناح جو

ڪانگريس کان وڌو مطالبو هو) پائيواري ۽ حصيداري ڏيڻ بدران، سندن قومي خودمختياري کي ڪلعدم ڪري، کين نام نهاد مضبوط وفاق ۽ ان جي بالادست پنجابي_مهاجر ٽولي جو محتاج، ڳيجهو ۽ غلام بڻايو ويو جنهن سببان ملڪ جون ننڍيون مظلوم قومون گذريل چاليهن پنجاهه ورهين کان قومي جدوجهد جي ميدان ۾ بہ بيئل ڏسڻ ۾ اچن ٿيون، ۽ اُنهي سڄي جهيڙي ۽ جدوجهد جو نتيجو وري رياست جي مستقل بحران جي صورت ۾ پڻ ظاهر ٿيو آهي، ۽ اُهو ئي سبب آهي، جو هتي پاڪستان جي نہ ڪو رياست گهربل استحڪام حاصل ڪري، سگهاري ۽ ميچوئر روپ ۾ ايري سگهي آهي، ۽ نہ ڪو وري هتي قومي تڪرارن جو ڪو مستقل حل نڪري سگهيو آهي، ۽ نتيجي ۾ پاڪستان مستقل طور رياستي عدم استحڪام ۽ اڪيچار بحرانن جو شڪار ئي رهي ٿو.

107. Stanley Wolpert, Jinnah of Pakistan, Oxford University, Karachi, 2008, p,182

108. الحاج محمد گوهر ، ميرا قائد عظيم تر هي، نظريہ پاڪستان اڪادمي، لاهور 2008ع، صحفہ225

109. ساڳيو صحفو226

110. ساڳيو صحفو226

111. ساڳيو صحفو226

112. ساڳيو صحفو226

113. Stanley Wolpert, Jinnah of Pakistan, Oxford University, Karachi, 2008, p,183

114. Ibid,p,184_85

115. الحاج محمد گوهر ، ميرا قائد عظيم تر هي، نظريہ پاڪستان اڪادمي، لاهور 2008ع، صحفہ225

116. Dr. B. R. Amedkar, Thougts On Pakistan, Royal Book Company, Karachi, 2008,p,16_17

117. bid,p,17

118. ياد رهي تہ امبيڊڪر جو اهو ساڳيو ئي ڪتاب، هندستان توڙي پاڪستان ۾ Pakistan Or Partition Of India جي نالي سان پڻ ڇپيو آهي. هن ڪتاب جي خاص ڳالهہ اُها آهي، تہ امبيڊڪر دليل ۽ لاجڪ جي بنياد تي ڪانگريس ۽ اُن جي ليڊرشپ جي متعصب سامراجي سوچ، ارادن ۽ مفادن کي چڱي طرح سان نروار ڪيو آهي، ۽ اُهو بہ لڳ ڀڳ 1940ع واري دور ۾ ئي هن اهو سڄو ڪم ڪيو.

119. Dr. B. R. Amedkar, Thougts On Pakistan, Royal Book Company, Karachi, 2008,p, 17

120. Maulanana Abul Kalam Azad, India wins Freedom, Venguard Book Limeted Lahore, 1989, p,153

121. Stanley Wolpert, Jinnah of Pakistan, Oxford University, Karachi, 2008, p, 182

122. ان کري، اسان هڪ معنيٰ ۾ لاهور ٺهراءَ کي ننڍي کنڊ جي مسلم گهڻائي وارن علائقن (پنجاب، بنگال، سنڌ، سرحد ۽ بلوچستان) جي قومي آزادي ۽ خودمختياري جي ضمانت جو هڪ آئيني ٺهراءَ ۽ چئي سگهون ٿا. دراصل، لاهور ٺهراءَ جو اُهو ئي نقطو آهي، جنهن سببان هاڻ پاڪستان ٺهڻ ڪانپوءِ، جڏهن ملڪ ۾ شامل قومن کي لاهور ٺهراءَ مطابق قومي خودمختياري نه ڏني وئي، تڏهن کان هتي جي ننڍين مظلوم قومن ۽ اُنهن جي وطن دوست قومي ليڊرشپ ياران لاهور ٺهراءَ جي بنياد تي ئي ننڍين قومن جي خودمختياري ۽ خوداختياري جو مطالبو ٿيندو رهيو آهي. اُنهي مطالبي جي نظرياتي اهميت کي ختم ڪرڻ، توڙي ننڍي قومن جي قومي خودمختياري لاءِ هلندڙ قومي جدوجهد کي تاريڪيءَ ڪرڻ لاءِ پاڪستان جي رياست ۽ ان جو بالادست توتن، پهريان جتي، جناح جي مخالفت ٿي ڪرائي، اُتي هاڻ وري حڪمت عملي جي ٻي ڏاکي طور، لاهور ٺهراءِ جي پڙ مخالفت ڪرائي پئي وڃي. اهو ئي سبب آهي، جو ڊاڪٽرصفدر محمود ۽ اُن جهڙا ٻيا اڪيچار پنجابي_مهاجر سرڪاري دانشور پنهنجي "تحقيقن" ۽ "تخليقن" ۾ اُها گوهرافشاني پيا ڪن، ته هاڻ لاهور واري ٺهراءَ جي ڪا اهميت ناهي رهي، ۽ اُهو بنيادي طور غيراهم آهي. ڇاڪاڻ ته، خود مسلم ليگ ئي، اُن کي پنهنجي 1946ع واري دهلي ڪنوينشن/اجلاس ۾ گهڻن رياستن جي بدران صرف هڪ رياست جو مطالبو ڪري، لاهور ٺهراءَ کي رد ڪري ڇڏيو هو. اُن ڪري، پاڪستان جي ننڍين قومن ۽ اُنهن جي ليڊرشپ ياران 1940ع واري لاهور ٺهراءَ جي ڳالهه ڪرڻ، ۽ اُن جي بنياد تان قومي خودمختياري جي گهر ڪرڻ کا معنيٰ نه ٿي رکي.(پڙهو ڊاڪٽرصفدر محمود جو جنگ اخبار ۾ 12 مارچ 2013ع تي ڇپيل مضمون، مارچ کا مهينا_هماري تاريخ کا سنگ ميل) ٻين لفظن ۾ ائين چئي سگهجي ٿو ته رياست پنهنجي نام نهاد سرڪاري دانشورن جي ذريعي، دراصل، اُهو ٻڌائڻ چاهي ٿي ته، جئين ته، 1940ع واري ٺهراءَ کي، خود ملڪ جي باني جماعت مسلم ليگ ئي پاڻ پنجن ڇهن سالن جي اندر پنهنجو دهليءَ وارو تنظيمي ڪنوينشن گهرائي رد ڪري ڇڏيو هو. اُن ڪري، هاڻ هن ملڪ ۾ ڪا قومي خودمختياري نه ملندي، ننڍيون قومون قومي حقن لاءِ تحريڪون هلائي ملڪ لاءِ گڙبڙ پيدا نه ڪن، ۽ ماڻ ڪري وڃي ويهي رهن، جئين ملڪ ۾ هلي پيو تئين ان کي هلڻ ڏيو ۽ رياست تي هي جيڪو پنجابي_مهاجر قوتن جو قبضو ۽ استيسٽڪو آهي، اُن کي چيلينج ڪرڻ مان ڪو به فائدو ناهي. بهرحال، سمجهڻ وارا سمجهن ٿا ته، رياست طرفان نام نهاد سرڪاري دانشورن جي ذريعي 1940ع واري لاهور ٺهراءِ کي رد ڪرائڻ جون خبرون ڦهلائڻ جو مقصد ٻيو ڪجهه نه، پر ننڍين قومن جي قومي جدوجهد کي ڪمزور ڪرڻ ئي آهي. جيتوڻيڪ مسلم ليگ پنهنجي 1946ع واري دهلي ڪنوينشن ۾ گهڻين رياستن جي خودمختياري جي ڳالهه ڪرڻ بدران، صرف هڪ رياست پاڪستان جو مطالبو ڪري، لاهور ٺهراءَ تان ڦري وئي هئي، جيڪو

دراصل، مسلم ليگ ۾ اُن جي لياقت علي خان واري مهاجر ليڈرشپ جو پاڪستان جي ننڍين قومن سان هڪ وڏو بلنڈر ۾ تاريخي دوکو هو پر بهرحال، جئين ته اُنهي ڏهليءَ واري ڪنوينشن کي پارٽي جي آئين (ياد رهي ته مسلم ليگ لاهور واري ٺهراءَ کي 1941ع ۾ پارٽي جي آئين جو حصو بڻائي چڏيو هو)۾ ڪا به تبديلي يا ترميم آڻڻ جو ڪو به آئيني طرح سان اختيار نه هو. چاڪاڻ ته، آل انڊيا مسلم ليگ جي آئين مطابق اُهو اختيار صرف پارٽي جي مرڪزي ڪميٽي، مرڪزي ڪائونسل ۾ سالياني طور تي ٿيندڙ اجلاس ۾ اُن ۾ شريڪ ٿيندڙ عوام جي چونڊيل اڳواڻن وٽ ئي هو. اُن ڪري ڏهلي ڪنوينشن ذريعي، لاهور ٺهراءَ کي رد ڪرڻ يا اُن تان ڦري وڃڻ واري ڳالهه جي ڪا به آئيني اهميت ناهي، ۾ لاهور ٺهراءِ جي آئيني اهميت جئين جو تئين برقرار ئي رهي ٿي.

123. Stanley Wolpert, Jinnah of Pakistan, Oxford University, Karachi, 2008, p, 182

124. Ibid,p,82

125. Ibid,p,82

126. The Sole Spokeman, Jinnah, Muslim League and the Demand for Pakistan, Sang_e_Mail Publication, Lahore, p,162

127. Ibid,p,05

باب يارهون

لاهور ٺهراءَ ڪانپوءِ جي صورتحال!

(1940_1942ع)

جيتوڻيڪ 23 مارچ 1940ع تي پاس ٿيل لاهور واري ٺهراءَ ۾ هندستان کي ورهائي، ڏار خودمختيار مسلم رياستن جي قيام جي ڳالهه ته ڪئي وئي هئي، جن ۾ شامل ٿيندڙ يونٽن ۽ اِڪاين جي حوالي سان اُها ضمانت ڏني وئي هئي ته اُهي آزاد ۽ خودمختيار هونديون، پر اُهي رياستون يا اُنهن جا آزاد ۽ خودمختيار يُونٽ ڪهڙي وفاق يا رياست سان الحاق ڪندا، ۽ اُنهيءَ رياست يا وفاق جو نالو ڇا هوندو؟ لاهور ٺهراءَ ۾ اُن جي باري ۾ ڪجهه به نه ٻڌايو ويو هو. البت، اُهو سڄو ڪم لاهور ٺهراءَ جي پاس ٿيڻ بعد هندو پريس ئي سولو ڪري ڏنو جو اُن پنهنجي طرفان فتويٰ ڏيندي، بي ڏڙڪ اُهو واضع ڪري ڏنو ته، اُهو لاهور وارو ٺهراءَ ٻيو ڪجهه نه، پر پاڪستان جو ئي ٺهراءُ آهي.[1] ائين، مسلم ليگ به، پنهنجي 1941ع ڏاري ڪونسل مدراس واري اجلاس ۾ هڪ قرارداد جي ذريعي، نه رڳو اُنهيءَ ٺهراءَ کي پاڪستان جو ٺهراءَ قرار ڏنو پر اُن کي پارٽي جي سياسي مقصد ۽ ان جي آئين جو حصو بڻائيندي، اُهو اعلان به ڪري ڇڏيو ته پاڪستان لاءِ جدوجهد اُنهي آئيني بنياد تان ڪئي ويندي.[2]

جڏهن ته، اُهڙا به هڪ حقيقت آهي ته اُنهيءَ لاهور ٺهراءَ تي ڪانگريس ۽ اُن جي ليڈرشپ جو انتهائي سخت رد عمل ظاهر ڪيو جتي نهروءَ اُنهي ٺهراءَ کي برطانوي سامراجي منافقت سان پيٽ ڏني ته، اُتي وري راج گوپال اچاري انهيءَ کي "بيمار ذهن جي هڪ علامت قرار ڏنو."[3]

بهرحال، ائين هڪ طرف، هندستان ۾ هندو_مسلم مسئلو وڌيڪ شدت اختيار ڪندو تڪراري ٿڌجندو ٿي ويو ته، وري ٻي پاسي عالمي

صورتحال اُها هئي، جو پي عالمي جنگ ۾ عارضي طور جرمنيءَ کي وڏي ڪاميابي ملڻ سببان، برطانيا لاءِ وڏو بحران ۽ ڏڪو پيدا ٿيندو ڏسڻ ۾ ٿي آيو. جرمنيءَ پاران پولينڊ، ناروي ۽ ڊينمارڪ کي فتح ڪرڻ، ۽ اُن جي گهربل دفاع ڪرڻ ۾ ناڪاميءَ برطانيا جي ڪمزوريءَ کي ظاهر ڪري ڇڏيو هو ۽ اهو ئي سبب هو جو مئي 1940ع ۾ برطانيا جي وزيراعظم چيمبرلين استيعفيٰ ڏيو ڇڏي،[4] ۽ ونسٽن چرچل اچي، اقتدار جون واڳون سنڀاليون.[5] ونسٽن چرچل جي اقتدار ۾ اچڻ سان وري نئين سري سان، هندستان کان جنگ ۾ گهربل مدد ونڊڻ واسطي برطانيا طرفان ڪوششون ورتيون ويون. ائين، اهڙي ئي صورتحال ۾ برطانوي حاڪمن طرفان مليل نين هدايتن مطابق، هندستان جي وائسراءِ لنلٿگو جناح کي ڳالهه ٻولهه ڪرڻ لاءِ شملا ۾ اچڻ جي دعوت ڏيارائي موڪلي.[6] 26 جون 1940ع ۾ جناح وائسراءِ لاج ۾ لنلٿگو سان ملاقات ڪئي.[7] اُنهيءَ ملاقات ۾ جناح جي وائسراءِ سان تفصيلي ڳالهه ٻولهه ٿي.[8] ملاقات ۾ ٿيل "ڳالهه ٻولهه جو مقصد هندستان جي آئيني صورتحال ۽ جنگ ۾ سهڪار واري سوال تي بڌل هو."[9] چون ٿا ته، جناح اُنهيءَ ملاقات ۾ وائسراءِ سان بنهه کُلي ڳالهايو[10] ۽ کيس اُهو واضح طور ٻڌائي ڇڏيو ته مسلم ليگ جنگ ۾ انگريزن سان ڪهڙن شرطن تي سهڪار ڪري سگهي ٿي؟[11]

جناح جو ٿلهي ليکي اُهو چوڻ هو ته، برطانيه جيڪڏهن مسلمانن کي نظرانداز ڪري، صرف هندن کي خوش ڪرڻ خاطر هندستان لاءِ ڪو آئين ڏنو ته مسلمانن اُن کي ڪڏهن به قبول نه ڪندا.[12] بهرحال، اُنهي ملاقات ۾ وائسراءِ لنلٿگو جناح کي اُها خاطري ڪرائي:

> "برطانيا جو اهڙو ڪو به ارادو ناهي ته اُها هندستان ۾ پنهنجي موجوده ذميواري ڪنهن به اهڙي حڪومت کي ڏئي ڇڏيندي، جنهن کي قبول ڪرڻ لاءِ ملڪ جو وڏو ۽ بااثر طبقو مجبور ڪان انڪار ڪري، ۽ نه ئي وري اُها ان طبقي کي اُن ڳالهه کي مجبور لاءِ مجبور ڪندي ته، اُهي ڪنهن اهڙيءَ حڪومت کي قبول ڪن، جنهن تي اُن جو ڪو اعتماد نه هجي."[13]

وائسراءِ لنلٿگو جي انهيءَ خاطريءَ بابت تبصرو ڪندي، هيڪٽر بوليٿو لکي ٿو:

> "وائسراءِ جي اُنهي واعدي جو صاف مطلب هو ته، انگريز ڪڏهن به هندستان مان اُن حالت ۾ نڪري نه ويندا، جو مسلم اقليت هندو اڪثريت جي رحم

ڪرڻ تي اچي وڃي."[14]

بهرحال، اُنهي ملاقات ۾ اُن تي به اتفاق ڪيو ويو ته "جنگي ڪوششن کي وڌائڻ، هندستان جي سمورن وسيلن، اندروني اُمن، تحفظ ۽ سُڪون کي برقرار رکڻ، ۽ ٻاهري حملي جي مقابلي ڪرڻ لاءِ عوام کي متحرڪ ڪرڻ جي هرممڪن ڪوشش ڪئي ويندي. جناح اُن ڳالهه تي زور ڏنو ته اُهو سڀ ڪجهه تڏهن ممڪن ٿيندو جڏهن برطانوي حڪومت مسلم ليڊرشپ کي برابريءَ جي بنياد تي حڪومت، مرڪز ۽ مڙني صوبن ۾ نه صرف شامل ڪرڻ جي خواهش رکندي هجي، پر اُن لاءِ تيار به هجي."[15]

وولپرٽ موجب، جناح اُنهيءَ ملاقات ۾ وائسراءِ کي اُها به تجويز ڏني ته، "جنگ دوران وائسراءِ جي انتظامي ڪائونسل جي ميمبرن ۾ ايترو اضافو آندو وڃي، جو اُن ۾ مسلم ميمبر هندو ميمبرن جي برابر ٿي وڃن."[16]

جناح سان ملاقات کانپوءِ وري، 29 جون تي وائسراءِ ٻيهر جناح ۽ گانڌيءَ کي گڏيل ملاقات لاءِ مدعو ڪيو[17] جو وائسراءِ کي اها اميد هئي ته، هو انهن ٻنهي اڳواڻن کي ان ڳالهه تي راضي ڪري وٺندو ته، ڪانگريس ۽ مسلم ليگ گڏجي، جنگ ۾ برطانيا جي مدد ڪن.[18] بهرحال، ان ملاقات ۾ به جناح مسلم مفادن جي حوالي سان پنهنجي پرپور موقف رکيو[19] البت گانڌيءَ ملاقات بعد جنگ ۾ برطانيا جي مدد لاءِ برطانوي شهرين جي حمايت ۽ مدد واسطي هڪ ڪُليل خط لکي، پنهنجي خيالن جو تفصيلي اظهار ڪيو جنهن ۾ وولپرٽ چواٽي، "نفرت کي ختم ڪرڻ" تي زور ڏنل هو.[20] خط ۾ گانڌيءَ لکيو:

"No cause , however just, can warrant the indiscriminate slaughter that is going on minut by minut.....I dont want Britain to be defeated, nor do I want her to be victorious in a trial of brute strength.....I want you to fight Nazism without arms.....Iwould like you to lay down the arms you have as being useless for saving you or humamity. You will invite Herr Hitler and Signor Musolini to take what they want of the countries you call your possessions. Let them take possession of your beautiful island, with your many beautiful buildings. You will give all these, btu neither your souls, nor your minds. If these gentleman choose t occupy your homes, you wil vacate them. If they do not give you free passage out, you will allow yourself, man, woman and child, to be slaughtered, but

you will refuse to owe allegiance to them.....I am telling His Excellency the Viceroy that my services are at the diposal of His Majesty's Government, should they consider them of any pratical use in advancing the object of my appeal."[21]

"کو به سبب کيترو به صحيح چو نہ هجي. اُهو انهيءَ قتلام جو ڪارڻ نہ ٿو بڻجي سگهي. جيڪو هن وقت جاري آهي.....مان اُهو نہ ٿو چاهيان تہ ڪو جنگ ۾ برطانيا کي شڪست اچي. ۽ نہ ڪو وري اُهو چاهيان ٿو تہ ڪو جرمني پنهنجي وحشي طاقت جي آزمائش ۾ ڪامياب ٿئي..... مان چاهيان ٿو تہ اوهان نازي ازم جي مقابلو هٿيارن کانسواءِ ڪريو..... مان چاهيان ٿو تہ اوهان هٿيارن کي پنهنجي ۽ انسانيات جي بچاءَ لاءِ بيڪار سمجهندي ڦٽو ڪري ڇڏيو. اوهان هر هٽلر ۽ هر مسوليني‌ءَ کي پنهنجي بادشاهت جي حصي ۾ آيل. هرملڪ مان جيڪو اُنهن کي وٽي. اُهو انهن کي ڪٽي ويڙ جي دعوت ڏئي ڇڏيو. اوهان اُنهن کي پنهنجي سمورن ملڪن تي قبضي ڪرڻ لاءِ ڇڏي ڏيو. اوهان اُهو سڀ ڪجهہ انهن کي ڏئي ڇڏيو. پر پنهنجو روح ۽ پنهنجو ذهن هرگز انهن جي حوالي نہ ڪريو. جيڪڏهن اُهي اوهان جي گهرن تي قبضو ڪرڻ چاهين تہ اوهان پنهنجا گهر اُنهن کي خالي ڪري ڏيو. مان وائسراءِ کي اُهو ٻڌائڻ چاهيان ٿو تہ برطانيا ۽ اُن جي هزميجستي گورنمينٽ لاءِ منهنجو سموريون خدمتون حاضر آهن. جيڪڏهن منهنجي درخواست جي مقصد کي اڳتي وڌائڻ لاءِ اُن کي عملي فائدي جي قابل سمجهيو وڃي."

ڏنو وڃي تہ. گانڌيءَ جو اُهو خط صرف لفاظيءَ ۽ ڪج_فهميءَ کانسواءِ ٻيو ڪجهہ به نہ هو. اُهو گانڌي ڪهڙي دنيا ۾ رهيو ٿي. جو انگريزن ۾ نازي جرمنيءَ جو مقابلو هٿيارن کانسواءِ ڪرڻ جي تبليغ ڪري رهيو هو ۽ سندس سڄو زور رڳو پنهنجون خدمتون انگريزن کي آڇڻ تي هو ۽ اُهي به ڪنهن شرط شروط کانسواءِ! ڇا هندستان جون اُن وقت جون حالتون اهڙي غيرمشروط حمايت ۽ مدد ڪرڻ جي متقاضي هيون؟ ڇا جنگ ۾ انگريزن جي غيرمشروط حمايت ڪرڻ واري ڳالهہ اُن وقت جي حالتن ۾ مناسب هئي؟ ڇا ائين ڪرڻ هندستان جي مفادن وٽان هو؟ بهرحال. ٿورن لفظن ۾ ائين چئي سگهجي ٿو تہ گانڌيءَ جو اُهو ڪُليل خط صرف پاڻ وڌائڻ ۽ پنهنجون"غيرمشروط خدمتون" انگريزن کي آڇڻ واري "نيڪ جذبي" ۽ "نيڪ مقصد" جي اظهار تي ئي ٻڌل هو. افسوس جو انگريز حاڪمن گانڌيءَ جي انهيءَ لفاظيءَ ۽ تبليغ تي ڌيان ڏئي. ان جون خدمتون حاصل ڪرڻ بدران. اُن جي ابتڙ جناح جي صلاح تي عمل ڪندي. وائسراءِ

جي انتظامي ڪائونسل جي جوڙجڪ ۾ تبديلي آڻيندي، اُن کي ڪنهن حد تائين وڌائي ڇڏيو. وولپرٽ به ائين ئي لکيو آهي:

"The Viceroy did not, however, use the Mahatama's "service" in this regard, optinng instead fellow Jinnah's advice by axpending his excutive Council to make it a more affective weapon of war."[22]

"بهرحال، وائسراءِ مهاتما جي "خدمتن"کي استعمال نه ڪيو. ائين ڪرڻ بدران وائسراءِ پنهنجي انتظامي ڪائونسل کي وڌائيندي، اُن کي جنگ جو هڪ اثرائتو هٿيار بڻائيندي، جناح واري صلاح کي ئي اوليت ڏني."

"جناح، هاڻ پوڙهو به ٿي چڪو هو ۽ سياسي جدوجهد کان ڪجهه ٿڪي به پيو هو جئين بعد ۾ ظاهر به ٿيو. تن ڏينهن، دم جي بيماريءَ وارو موذي مرض به لڳي چڪو هيس. جنهن ٿورن سالن ۾ ئي سندس حياتي کسي ورتي، پر باوجود اُن جي، سندس ذهني پختگي ۽ اِرادي ۾ آخر تائين ڪو به فرق نه آيو. اهو ئي سبب هو جو 1936ع ڌاري لکنؤ ۾ تقرير ڪندي، مسلمانن کي هدايت ڪيائين ته فيصلي ڪرڻ کان اڳ هزار ڀيرا سوچي وٺو. هڪ دفعو فيصلي ڪرڻ کانپوءِ ان تي مضبوطيءَ سان جمي رهو. هاڻ، پاڻ هُو پنهنجي انهيءَ نصيحت تي عمل ڪري رهيو هو. ڪا به حجت يا مصلحت کيس پنهنجي اُن مقصد تان هٽائي نه ٿي سگهي، جنهن لاءِ پنهنجو پاڻ کي وقف ڪري ڇڏيو هيائين."[23]

جيتوڻيڪ جناح، بوليٽو جي لفظن ۾، "هاڻ، پوڙهو ٿي چڪو هو ۽ سياسي جدوجهد کان به ٿڪي پيو هو"[24] پر اُهو جناح جو پنهنجي مقصد تي ثابت قدمي سان ٻيهي رهڻ ۽ ڪنهن به لالچ، لوڀ ۽ ذاتي مفادن کانسواءِ پنهنجي ملڪ ۽ عوام جي مستقل مزاجي سان خدمت ڪرڻ وارو اڏول ۽ عوام دوست سياسي ڪردار ئي هو جنهن جا هندستان جا سمورا هندو مسلم توڙي پارسي اڳواڻ توڙي عام ماڻهو به معترف هئا، جنهن جو اظهار جناح جي چوهٽيءَ سالگره جي موقعي تي موڪليل پيغامن مان پڌ ڇڪيءَ طرح سان ٿئي ٿو. دراصل، 25 ڊسمبر 1940ع تي جناح جي چوهٽين سالگرهه هئي،[25] اُن موقعي تي، هندستان جي اڪيچار سُڃاڻ سياسي اڳواڻن جناح کي پنهنجا مختلف ۽ ڌار ڌار پيغام موڪليا، جن مان هڪ اڇوت برادري جي اڳواڻ راءِ بهادر ايم. سي راجا جو پيغام انتهائي اهم ۽ معنيٰ خيز آهي. راءِ بهادر ايم. سي راجا پنهنجي پيغام ۾ جناح جي سياسي ڪردار

جدوجهد ۾ محنت جو هئين ذڪر ڪيو آهي:

"دنيا جي مڙني مذهبن جو اُهو عقيدو رهيو آهي ته خدا پنهنجي مقصد جي تڪميل لاءِ وقت بوقت لائق ۽ قابل ماڻهو دنيا ڏانهن موڪليندو رهيو آهي ائين، مان پانيان ٿو ته خدا جناح کي اُن ڪري هتي آندو آهي ته جئين هو هندستان جي ماڻهن کي غلط رستي تان هٽائي، جيڪو اُنهن ڪانگريس ۽ مسٽر گانڌيءَ جي اثرهيٺ اچي اختيار ڪيو آهي. ڪانگريس پنهنجي شروعاتي ڏهاڙن ۾ انتهائي معقول پاليسي تي هلندي رهي، اُها انگريز حڪومت جي غلطين ۽ ڪوتاهين تي تنقيد ۽ ڪندي رهي، ۽ ملڪ جي مفاد ۾ حڪومت سان جيترو سهڪار اُن ضروري سمجهيو اُهو ڪيو ۽، اُهو سڄو طريقي ڪار دادپائي نورجي ۽ گوپال ڪرشن گوکلي ئي اسان کي ڏنو هو پر بعد ۾ ڪانگريس مسٽر گانڌيءَ جي مڪمل عدم تعاون واري پروگرام کي قبول ڪري ورتو ۽ حڪومت ڏانهن بنهه دشمنيءَ وارو رويو روا رکي ڇڏيو ائين، ڪانگريس جي پليٽ فارم تان سول نافرمانيءَ جي تحريڪ شروع ڪئي وئي. نام نهاد حق پرستي ۽ اهنسا جي نعرن جي ذريعي عوام کي قانون جي خلاف ورزي ڪرڻ ڏانهن مائل ڪيو ويو. ڪانگريس گانڌيءَ کي مهاتما بڻائي، هندن ۾ بت پرستيءَ ۽ مذهبي عقيدن واري سوچ کي اپاري، اُنهن ۾ پنهنجو اثر پيدا ڪيو ۽ ائين ماڻهن جي گهٽائيءَ کي عدم تعاون واري تحريڪ ۾ شامل ڪرڻ تي راضي ڪيو ويو. اُن طريقي ڪار جو اُهو اثر نڪتو جو حڪومت خوف ۾ اچي ڪانگريس جي مطالبن کي مڃڻ لڳي، پر ٻئي طرف وڏو نقصان اُهو ٿيو جو هندو ۽ غيرهندو سياسي ميدان ۾ هڪٻئي کان بنهه ڌار ۽ جدا ٿي ويا. اهڙين ئي حالتن ۾ اُن ڳالهه جي اشد ضرورت هئي ته ڪو اهڙو وڏو ماڻهو ۽ اڳواڻ، ڪانگريس جي مقابلي ۾ اُٿي کڙو ٿئي، ۽ اُن جي ليڈرشپ کي اُهو ٻڌائي سگهي ته ڪانگريسي حمايتين جو تعداد گهڻو آهي، ۽ مالي لحاظ کان ۽ اُها مضبوط آهي، پر اُن هوندي ۽، اُها سڄي هندستان جي نمائندگيءَ جي دعويٰ نه ٿي ڪري سگهي.

مان ذاتي طور تي، مسٽر جناح جو تمام گهڻو مداح آهيان، ۽ اُن ڪري ڪائنس تمام گهڻو متاثر آهيان، جو اُهو مسلمانن جي حقن ۽ مفادن لاءِ جدوجهد ڪري رهيو آهي، اُن جدوجهد مان اُنهن مڙني طبقن ۽ ماڻهن کي فائدو پهچندو، جيڪي اعليٰ ذات وارن هندن جي گهٽائيءَ جي بار هيٺيان دٻيل آهن، ۽ مسٽر گانڌيءَ جي حڪم مطابق کين ڦريو لٽيو پيو وڃي."[26]

"اُنهن ئي ڏينهن ۾، جناح جو مائونٽ پليزنٽ روڊ تي هڪ نئون شاندار گهر تيار ٿي رهيو هو جنهن ڪانپوءِ هُو ترت ئي اُن گهر ڏانهن منتقل ٿي ويو. جناح جو پراڻو گهر، جيڪو هن پنهنجي شاديءَ کان ۽ اڳ ورتو هو

اُهو دراصل، هڪ گوالائي نموني جو بنگلو هو. اُنهيءَ بنگلي سان جناح جون انتهائي تلخ يادگيريون واڳيل هيون، ۽ شايد اُهو ئي سبب هو جو اُن 1939ع ۾ اُن بنگلي کي ڏاهيءَ اُن جي جاءِ تي هڪ نئون گهر ٺهرائي ورتو. گهر ٺهڻ دوران جناح لٽل گبز روڊ تي واقع هڪ گهر ۾ ترسيل رهيو. لٽل گبز روڊ واري اُن عارضي گهر جو هاڻ کو به نالو نشان کونهي. مئي 1952ع ۾ مون جڏهن اُها جاءِ ڏٺي ته اُتي پراڻن گهرن جو ڪاٺ ئي پيل هو ۽ اُن هنڌ تي وري نئوان گهر ٺهي رهيا هئا. صرف هڪ شيءِ اهڙي ڏسڻ ۾ آئي، جنهن مان ائين پتو پئي پيو ته ڪڏهن ڪنهن وقت اُتي ڪو ماڻهو رهندو هو. اُها شيءِ غسل خاني ۾ استعمال ٿيندڙ ٽائيلز واري هئي، جيڪي ڳاڙهين سِرن جي ڊير سان گڏ پيون هيون. اُنهيءَ پراڻي ڪاٺ ۽ سِرن جي ڊير کان ٿورو اڳتي هڪ وڏو گهر آهي، جنهن جو لان ۽ باغ به آهي. مئي 1952ع ۾ جڏهن مان اتي ويس ته اُتي ٽي پارسي عورتون ويٺيون هوا مان لطف وٺي رهيون هيون. پنهنجي خوبصورت ساڙهين ۾ ملبوس اُهي عورتون، سچ پچ خوبصورت لڳي رهيون هيون. مان اُنهن مان هڪ کان پڇيو ته، ڇا اوهان کي ياد آهي ته محمد علي جناح ڪهڙي گهر ۾ رهندو هو؟ هنن مان هڪ ٻهه پهه جواب ڏنو "ها، مون کي بلڪل خبر آهي. محمد علي جناح مٿيئين گهر ۾ رهندو هو پر هاڻ اُن کي ڏاهيو ويو آهي. محمد علي جناح مون کي چگيءَ طرح سان ياد آهي. مان ان کي سڀ نموني سڃاڻان ٿي. هُو لڳ ڀڳ روزانو مون کي ڏسڻ ۾ ايندو هو. وڏي ڇڪ ۽ ڪشش هوندي هوس. هُو جڏهن به مون کي ڏسندو هو ته، هڪدم پنهنجي ٽوپي لاهي، مون کي صبح جو سلام آڇيندو هو." [27] هيڪٽر بوليٿو لکيو آهي.

بهرحال، ٻي عالمي جنگ نوان رخ ونڊي، وڏيڪ شديد ۽ ڀيانڪ ٻڌجندي ٿي وئي. جرمني، فرانس کي شڪست ڏئي، اُن جو ڊينگو ڊير ڪرڻ ڪانپوءِ اوچتو برطانيا کي چڏي، 22 جون 1941ع تي سوويت يونين (هاڻوڪو روس) تي حملو ڪري ڏنو [28] جنهن سببان جنگ هڪ نئين موڙ ورتي چڏيو. دراصل، انهيءَ حملي ڪانپوءِ سڄي ٻي عالمي جنگ جو پاسو ئي پلٽجي ويو. [29] هوڏانهن، روس تي حملي ڪرڻ جي ٽيڪ پنجن مهينن ڪانپوءِ وري ايشيا ۾ جپان هڪ وڏي فوجي طاقت ٻڌجي اڀي پيو ۽ اُوچتو ئي 7 ڊسمبر 1941ع تي پرل هاربر واري ساموندي ٻيٽ تي بيٺل آمريڪي جنگي جهاز تي هڪ زبردست حملو ڪري ڏنائين. آمريڪي اُتان جان

بچائي ڇڏڻ تي مجبور ٿي پيا.[30] جپان جي اهڙي موتمار حملي کانپوءِ آمريڪا به پي عالمي جنگ ۾ باضابط طور برطانيا جو اتحادي بڻجي شامل ٿي ويو.[31] ياد رهي ته جپان جي ساموندي ٻيٽ پرل هاربر تي بيئل آمريڪي جنگي ٻيڙو ايشيا ڪنڊ ۾ آمريڪي-برطانوي قبضي هيٺ آيل ملڪن، جهڙوڪ: سنگاپور، ملايا، برما، سريلنڪا ۽ هندستان وغيره جي فوجي قبضي طور نظرداري رکڻ لاءِ بيئل هو.

بهرحال، پرل هاربر تي حملي کانپوءِ هڪ پاسي جپان تيزيءَ سان ايشيا ۾ موجود آمريڪي-برطانوي بيڪتي سفادن لاءِ خطرو بڻجندو ٿي ويو[32] ۽ اهڙي ئي صورتحال ۾ جپان جتي ملايا سريلنڪا ۽ برما تي قبضو ڪري ورتو هو ته اُتي وري ٻئي پاسي، هندستان جي بنهه ويجهو واقع سنگاپور تي 10 فيبروري 1942ع تي 20 هزار جپاني فوج قبضو ڪري اُتي موجود 60 هزار برطانوي فوجين کي جنگي قيدي بڻائي ورتو.[33] هيءُ دراصل، برطانيا لاءِ هڪ وڏيءَ تباهيءَ مثل جهڙڪو هو[34] ۽ اهو ئي سبب هو جو برطانوي وزيراعظم ونسٽن چرچل کي ڪجهه ڏينهن کانپوءِ، پنهنجي آمريڪي اتحادي وزيراعظم فرينڪن روز ويلٽ ڏانهن موڪليل خط ۾ ائين لکڻو پيو:

"Britina had suffered the greatest disaster in our history."[35]

"برطانيا کي، پنهنجي تاريخ جي، هڪ بنهه وڏي تباهي جو منهن ڏسڻو پيو آهي."

بهرحال، سنگاپور تي جپاني قبضي کانپوءِ، هاڻ امڪاني طرح جپان جي هندستان ڏانهن پيش قدمي ڏسڻ ۾ ٿي آئي. جو جپان جي جنگي جهازن هندستان جي مدراس ۽ ڪلڪتي جهڙن شهرن تي لامارا ڏيڻ شروع ڪري ڏنا هئا.[36] انهيءَ صورتحال، برطانوي انگريزن کي هندستان ۾ پنهنجي حاڪميت کي بچائڻ جي ڳڻتيءَ ۽ فڪر ۾ آڻي ڇڏيو. شايد اهو ئي سبب هو جو مدراس جي گورنر سرآرٿر هوپ (Sir Aurthur Hop)کي 8 اپريل 1942ع تي وائسراءِ لنلٿگو ڏانهن هڪ ڳجهي رپورٽ موڪلڻي پئي،[37] جنهن ۾ هُن مدراس تي جپان جي امڪاني حملي ۽ اُن سببان پيدا ٿيندڙ صورتحال تي وڏي ڳڻتيءَ جو اظهار ڪيو.[38] هوڏانهن وري ڪانگريس جي ياڳوڙي صدر سياڄ چندر بوس هندستان جي قومي فوج (Indian Natinal Army)جوڙي ورتي هئي، جنهن جو مقصد جپان کان فوجي مدد وٺي،

هندستان کي آنگريزن کان آزاد ڪرائڻ هو. اُنهيءَ ڳالهه پڻ انگريزن کي پريشاني جي ورچاڙهي ڇڏيو هو.[39]

بهرحال، انهيءَ صورتحال ۾ جڏهن برطانيا ڏنو تہ دشمن (جپان) اچي سندس در تي بينو آهي، ۽ اُهو ڪڏهن بہ اُوچتو هندستان تي حملو ڪري، انگريزن لاءِ وڏي تباهي آڻي سگهي ٿو تہ، اُنهيءَ صورتحال کان بچڻ لاءِ برطانيا ۽ اُن جي اسٽريٽجڪ ماهرن اُهو ضروري ٿي سمجهيو تہ، هندستان جي سياسي ليڈرشپ سان ترت ڳالهيون ڪري، ان کي هندستان لاءِ ڪنهن آئيني پيڪيج تي راضي ڪيو وڃي، تہ جئين جنگ ۾ هندستان جي مدد وٺي، جپان جي جارحيت جو مقابلو ڪري سگهجي. هوڏانهن آمريڪا جو بہ برطانيا تي اُهو زور هو تہ، برطانيا جئين تئين ڪري هندستانين، خاص طور تي هندستان جي نمائنده سياسي ليڈرشپ کي اعتماد ۾ وٺي، هندستان کي جپان خلاف هڪ جنگي مورچي ۾ تبديل ڪرڻ جون ڪوششون شروع ڪري.[40]

برطانيا (۽ آمريڪا) جي، دراصل، اُها ئي ڊپلوميٽڪ سوچ هئي، جنهن سببان، مارچ 1942ع ۾ ڪرپس مشن کي هندستان موڪلڻو پيو.[41] جنهن لاءِ برطانوي وزيراعظم ونسٽن چرچل کي 11 مارچ 1942ع تي برطانوي پارليامينٽ ۾ اُهو اعلان ڪرڻو پيو:

> "جپاني حملي کي سامهون رکندي، هندستان جي معاملن کي حل ڪرڻ جي حوالي سان جيڪو بُحران پيدا ٿيو آهي، اُن اسان ۾ اها خواهش پيدا ڪئي آهي تہ اسان اُهو ڏسون تہ هندستاني زندگيءَ جا سمورا شعبا حملي آورن جي خطري خلاف هڪ ٿي وڃن. هن اعلان ڪيو تہ هُو جنگي ڪابينا جي هڪ انتهائي اهم ماڻهو لارڊ پريوي سيل کي هندستان موڪلي رهيو آهي، جنهن تي هزميجسٽي جي حڪومت کي پورو پورو اعتماد آهي. اُهو هندستان وڃي اُها ڪوشش ڪندو تہ جنگ ۾ مدد لاءِ نہ صرف هندو اڪثريت جي راضپو حاصل ٿي وڃي، پر انهن وڏين اقليتن کي بہ راضي ڪيو وڃي، جن ۾ مسلمان سڀ کان وڏيڪ اهم آهن."[42]

برطانوي وزيراعظم جي اهڙي اعلان کانپوءِ، ڪرپس کي، وولپرٽ چواڻي، "سندس زندگيءَ جي سڀ کان وڏي مايوس ڪُن مشن تي موڪليو ويو."[43] بهرحال، سراسٽيفورڊ ڪرپس پنهنجي وزيراعظم جي هدايت تي، هندستان جي مسئلي جي حل لاءِ هڪ نئون آئيني پيڪيج ڪڍي، 22 مارچ

1942ع تي ڪراچي پهچي ويو.[44] "جيتوڻيڪ سراستيفورڊ ڪرپس ان کان اڳ به 1940ع ۾ هندستان اچي چڪو هو پر بهرحال، جناح کائنس مايوس ئي هو."[45] سراستيفورڊ جي اچڻ کانپوءِ ٻئي ڏينهن 23 مارچ 1942ع تي مسلم ليگ جي لاهور ۾ منظور ڪيل تاريخي قرارداد جي ياد ۾ پاڪستان جو ڏاڙو ملهايو ٻئي ويو.[46] چون ٿا ته، اُهو ڏاڙو سڄي هندستان ۾ ملهايو ويو ۽ ان موقعي تي جلسا جلوس ڪيا ويا.[47]

"سڀ کان وڏو جلسو دهليءَ ۾ ٿيو جنهن ۾ هڪ اندازي موجب پنجاهه هزار ماڻهن شرڪت ڪئي. جناح، جنهن انهيءَ جلسي جي صدارت ٿي ڪئي، پنهنجي خطاب ۾ چيو ته، مان ڪنهن به خوف ۽ ڊپ کانسواءِ اُن ڳالهه جي ترديد ڪريان ٿو ته هندستان جي ٻين پارٽين کان وڌيڪ مسلم ليگ ئي هندستان جي آزاديءَ ۽ خودمختياري جي عملبردار آهي. اسان انصاف جا طلب گار آهيون. اسان ٻين فرقن سان ساڻ يا تعصب هرگز نه ٿا رکون، ۽ نه ڪوري اُنهن جا حق غضب ڪرڻ چاهيون ٿا. اسان هڪ آزاد ۽ خودمختيار قوم وانگر هتي پنهنجي زندگي گذارڻ چاهيون ٿا. برطانيا طرفان هندستان جي مسئلي جي حل واسطي ڪرپش مشن موڪلڻ جي حوالي سان منهنجو اُهو مشورو آهي ته، جيستائين ڪرپس جون تجويزون مڪمل طور تي ظاهر نه ٿيون ٿين، تيستائين اوهان صبر ۽ سڪون کان ڪم وٺو. مان اوهان کي اها پڪ ڏيارايان ٿو ته جيڪڏهن اُهي تجويزون هندستان جي مفادن خلاف هونديون ته اسان نه صرف انهن کي رد ڪري ڇڏينداسين، پر پنهنجي سموري سگهه سان اُنهن جي سڀ-طرفي مخالفت به ڪنداسين، ۽ جيڪڏهن انهيءَ ڪوشش ۾ پنهنجي زندگي تان به هٿ کڻڻو پيو ته اُن تان به هٿ کڻنداسين. مان حڪومت کي اهو ٻڌائي ڇڏڻ چاهيان ٿو ته، اُها مسلم ليگ کي دٻائڻ يا ان جي صفن ۾ انتشار پکيڙڻ جي ڪوشش نه ڪري،اُهو وڏو ڪوڙ ۽ سراسر ٻُهتان آهي ته اسان برطانوي بادشاهت جا مددگار آهيون. مون سڄي زندگي اُن ڳالهه جو تصور به نه ناهي ڪيو ته، اسان جي ملڪ کي باهرين ماڻهن جي حڪومت هيٺ رهڻ گهرجي. مسلمانن کي اُن ڳالهه جو ڊپ آهي ته سراستيفورڊ ڪرپس ڪانگريس جو دوست آهي، ۽ ايندي ئي پنڊت جواهر لال نهرو جي مهمانوازي مان لطف اندوز ٿيو آهي. اُها ڳالهه ٺيڪ آهي، پر اسان کي اُهو به ڏسڻ گهرجي ته ڪرپس هندستان ۾ پنهنجي ذاتي حيثيت ۾ ناهي آيو پر هو هتي برطانوي نمائندي جي حيثيت سان آيوآهي. اُن ڪري، حڪومت جو جيڪو منصوبو يا تجويزون هو کڻي آيو آهي، جيستائين اهي ظاهر نه ٿيون ٿين، تيستائين اسان کي صبر مان ڪم وٺڻ کپي. سرڪرپس پنهنجي پريس ڪانفرنس ۾ اُن ڳالهه تي زور ڏنو آهي ته مسلمانن ۽ ٻين فرقن

۾ جيڪا ڳڻتي يا تحفظات آهن، انهن کي ختم ٿيڻ گهرجي. مان هتي اهو واضح ڪري چڏيان ٿو ته اسان کي اُن حوالي سان ڪو به خوف يا ڊپ ڪونهي. اسان جو مقصد ۽ ڳالهه بلڪل ئي سچ تي ٻڌل آهي. اسان انصاف جا طلبگار آهيون. اسان حڪومت کي به پريشان ڪرڻ نه ٿا چاهيون، پر ڏاڍهن به اسان بيگر ۾ حڪومت جي ڪا مدد ڪرڻ لاءِ تيار ناهيون. جيڪڏهن مسلمانن جي مفادن خلاف ڪو به حل يا تجويز زبردستي مڙهي وئي ته اسان اُن جي مزاحمت ڪنداسين ۽ ان جي جيڪي به نتيجا نڪرندا، انهن سان مقابلي ڪرڻ لاءِ تيار هونداسين. جيڪڏهن هندو يا انگريزن ڏار ڏار ٿي، يا ڪٽي گڏجي به اسان سان ڪو دوکو يا ويساهه گهاتي ڪئي ته اسان جي اُن جي پرپور مزاحمت ڪنداسين. ۽ تيستائين مزاحمت ڪندا رهنداسين، جيستائين اسان سڀ مري نه ٿا وڃون."[48]

چون ٿا ته، ڪرپس ڪراچيءَ ۾ به چار ڏينهن رهڻ ڪانپوءِ سڌو دهليءَ ڏانهن هليو آيو[49] ۽ اُتي ڪجهه ڏينهن رهڻ بعد، پريس ڪانفرنس ذريعي هيٺيون علان ڪيائين:

"ملڪ معظم جي حڪومت فيصلو ڪيو آهي ته اُها واضع ۽ صاف لفظن ۾ اهو ٻڌائي چڏي ته هندستان کي جلدازجلد خودمختياري ڏيڻ لاءِ اها هڪڙي ڪارروائي ڪرڻ چاهي ٿي. هن ٻڌايو ته حڪومت جو مقصد اُهو آهي ته هندستان ۾ هڪ نئين وفاقي حڪومت قائم ڪئي وڃي، جنهن کي دولت مشترڪا جي ٻين ميمبرن جي برابر ڊومينن واري حيثيت مليل هجي، برطانيا ۽ دولت مشترڪا جي ٻين ميمبرن سان اُن نئين هندستان جو ايترو واسطو هوندو ته، اهو انهن سيني سان گڏ برطانوي تاج جو وفادار ئي رهندو. حقيقت ۾ اُهو هرطرح سان انهن جي برابر ئي هوندو ۽ اهو پنهنجي اندروني توڙي ٻاهرين معاملن ۾ ڪنهن جو به زيردست نه هوندو. اهڙو آئيني وفاقي حڪومت نظام وارو سرشتو جنگ جي ختم ٿيڻ ڪانپوءِ ترت ئي لاڳو ڪيو ويندو."[50]

جناح جو سوانح نگار هيڪٽربوليٿو ڪرپس جي اهڙي اعلان تي تجزياتي تبصرو ڪندي لکي ٿو:

"جيتوڻيڪ برطانوي حڪومت جي اُنهيءَ اعلان ۾ پاڪستان جو ڪو ذڪر ته ڪونه هو، پر هر صوبي کي اُهو حق ڏنو ويو هو ته جيڪڏهن اُن کي نئون آئين نه وٺي ته اُهو پنهنجي آئيني حيثيت کي برقرار رکي سگهي ٿو تنهن ڪانسواءِ اهڙن صوبن کي اهو اختيار به ڏنو ويو هو ته جيڪڏهن اُهي چاهين ته برطانوي حڪومت اُنهن لاءِ اهڙو آئين به آڻي سگهي ٿي، جنهن مطابق انهن

کي هندستاني وفاق جي برابر آزادي ۽ اختيار مليل هوندا."[51]

سراستيفورڊ ڪرپس، اُنهيءَ پريس ڪانفرنس سان گڏ پنهنجون مڪمل تجويزون پڻ اخبارن ۾ شايع ڪرائي ڇڏيون،[52] جن مطابق:

(الف) جنگ جي ختم ٿيڻ کانپوءِ هندستان کي مڪمل آزادي ڏني ويندي.

(ب) هندستان ۾ آباد مختلف فرقن ۽ اقليتن جي حقن ۽ مفادن جو في الحال برطانيا ذميوار هوندو.

(ت) جنگ جي خاتمي کانپوءِ ترت صوبائي اسيمبلي جون چونڊون ڪرايون ويندیون، ۽ مرڪز ۾ هڪ آئين ساز اسيمبلي جوڙي ويندي.

(پ) آئين وفاقي نوعيت جو هوندو يعني، صوبن کي هڪ يونين ۾ شامل ڪيو ويندو.

(ج) آئين ساز اسيمبليءَ جو آئين هندستان جو آئين هوندو.

(ح) هر صوبي توڙي رياست کي اُهو حق حاصل هوندو ته، اُها ڏهن سالن کانپوءِ چاهي ته يونين کان ڌار ٿي سگهي ٿي. ائين ڌار ٿيندڙ رياستون يا صوبا پنهنجي ڌار وفاقي حڪومت يا يونين ناهي سگهندا.

(خ) جنگ جي ختم ٿيڻ تائين گورنمينٽ آف انڊيا ايڪٽ لاڳو رهندو.

(د) دفاع وارو شعبو بدستور وائسراءِ وٽ رهندو پوءِ پوءِ ملڪ جون سموريون پارٽيون گڏجي متحد چونڊ ٿي وڃن.[53]

بهرحال، سراستيفورڊ ڪرپس ڏهليءَ ۾ ڪيل انهيءَ اعلان ۽ پنهنجي تجويزن کي ميڊيا ۾ ظاهر ڪرڻ کانپوءِ هندستان جي سياسي اڳواڻن سان ملاقاتون ڪرڻ شروع ڪري ڏنيون. هن سڀ کان پهرين، 25 مارچ تي ڪانگريس جي صدر (جيڪو 1939ع ۾ هڪ سال لاءِ چونڊيو ويو هو) مولانا ابُوالڪلام آزاد سان ملاقات ڪئي.[54] ملاقات ۾ وولپرٽ چواڻي، سراستيفورڊ پهرين تاثر اُهو حاصل ڪيو ته "ڪانگريس جي صدر مولانا ابوالڪلام جي انگريزي ايتري سُٺي ناهي، جيتري وري سندس عربي ۽ فارسي سُٺي هئي."[55]

بهرحال، ملاقات ۾ ڪرپس اُها ساڳئي پنهنجي پريس ڪانفرنس واري ڳالهه ڪئي ته، هندستان ۽ اُن جي ليڈرشپ طرفان جيڪڏهن جنگ ۾

برطانيا جي مدد ڪئي ويندي ته، جنگ کانپوءِ هندستان کي خودمختياري ڏني ويندي، ۽ هڪ گڏيل فريم ورڪ تيار ڪيو ويندو. جڏهن ته، مولانا ابُوالڪلام آزاد جو زور هو ته جنگ ۾ مدد خاطر هندستان ۾ اُن جي سياسي ليڈرشپ کي مڪمل طور تي دفاعي اختيار ملڻ گهرجي ۽ اُن صورت ۾ ئي ڪانگريس جنگ ۾ انگريزن جي گهربل مدد ڪري سگهي ٿي.[56] آزاد جي اهڙي موقف کانپوءِ، ڪرپس اُن نتيجي تي پهتو ته، ڪانگريس دراصل، فوجي معاملن تي مڪمل اختيار نه، پر "هڪ هندستاني دفاع جي وزير جو نالو ۽ وجود ۾ چاهي ٿي."[57]

بهرحال، مولاناابوالڪلام آزاد سان ملاقات کانپوءِ، سراسٽيفورڊ ڪرپس ٻئي ڏينهن جناح سان ملاقات ڪئي.[58] ملاقات ۾ ٻين گهڻين ڳالهين سان گڏ جناح، سراسٽيفورڊ اڳيان اُها ڳالهه ٻه رکي ته، ڇا صوبن کي ضرورت مطابق ڌار ٿيڻ جو حق حاصل هوندو.[59] اهڙي سوال جو جواب هائوڪار ۾ ٻڌي، جناح سراسٽيفورڊ ڪرپس کي اُهو چيو ته، اُن سڄي معاملي کي مان پهريان پنهنجي پارٽيءَ جي ورڪنگ ڪميٽيءَ جي آڏو رکندس، پوءِ جيڪو ٻه اسان جو فيصلو ٿيو اُن جي باري ۾ اوهان سان ملي اوهان کي ان کان باخبر ڪندس.[60] جناح سان ٿيل ملاقات بابت خود ڪرپس ٻڌائي ٿو:

"He[Jinnah]was extremely cordial and when we parted expressed the view to me the one thing that mattered was to be able to mobilize the whole of India behind her own defence and that he was personally most anxious to achive this."[61]

"جناح ملاقات دوران ڏاڍو پرجوش ڏسڻ ۾ آيو ۽ ويڑ وقت مون کي اُهو ٻه چئي ڏنائين ته، اُن سڄي معاملي ۾ هڪ ڳالهه انتهائي اهم آهي، اُها هئي ته سڄي هندستان کي پنهنجي دفاع لاءِ هرطرح سان تيار رهڻ گهرجي، ۽ هُو ذاتي طور اُن سڄي ڪم جي لاءِ تمام گهڻو خواهشمند آهي."

جناح سان ملاقات ڪرڻ کانپوءِ سراسٽيفورڊ ڪرپس 27 مارچ تي موهن.داس گانڌيءَ سان ملاقات ڪئي. ملاقات ۾ گانڌيءَ ڪرپس جي تجويزن مان هڪڙي اُن تجويز ته، صوبن جي پنهنجي ڌار آئيني حيثيت برقرار رهندي، تي حيرت گاڏڙ ڪاوڙ جو اظهار ڪيو[62] ۽ اُها سڄي ملاقات مجموعي طور "خوشگوار انداز" ۾ نه ٿي سگهي.[63] گانڌيءَ سان ملاقات بعد ڪرپس جواهرلال نهرو سان وڃي مليو[64] جنهن جو ڳچ ڪلاڪن وارو

ليڪچر ڪرپس کي ٻڌايو ٿو.[65] نهروءَ جي ملاقات جي باري ۾ ڪرپس ٻڌائي ٿو:

"نهروءَ جي ڳالهه ٻولهه مان اُهو ڄاڻي ٻنهه حيران ٿي ويس ته، ڪانگريس اڳواڻ ئي منهنجي تجويزن کي رد ڪرڻ جو فيصلو ڪري چڪيو آهي."[66]

بهرحال، سراسٽيفورڊ ڪرپس هندستاني اڳواڻن سان ملاقاتن ڪرڻ بعد کوبه حل نه ڏسي مايوس ٿي ويو. هاڻ، هُن اُن مسئلي کي ايترو سولو ۽ قابل حل نه ٿي سمجهيو جيترو هُو پهريان اُن مسئلي کي سُولو ۽ حل جوڳو سمجهي هندستان کهي آيو هو. وولپرٽ ڪرپس بابت لکي ٿو:

"Less then a week gone by, and Cripp's crisp British cofidnece was fast dissolving in the miasma fo Indian complexity, ambiguity and transcendental doubt."[67]

"هندستاني اڳواڻن سان ملاقاتون ڪري، هڪ هفتي اندر ئي ڪرپس جو برطانوي اعتماد هندستاني پيچيدگين، مونجهارن ۽ بي يقينيءَ واري صورتحال جي اڳيان تيزيءَ سان ختم ٿي ويو."

بهرحال، ڪانگريس پنهنجي 10 اپريل واري ورڪنگ ڪميٽيءَ جي اجلاس ۾ ڪرپس جي تجويزن کي رد ڪري ڇڏيو[68] ۽ اُهو چيائين ته، انهن تجويزن سان هندستان جو مسئلو حل نه ٿي سگهندو.[69] ٻئي ڏينهن ڪانگريس جو صدر مولانا ابُوالڪلام آزاد ڪرپس ڏانهن هڪ وضاحتي خط لکيو جنهن ۾ چيائين:

"We are yet preoared to assume responsibility provided a truly National Govrnment is formed.... But in the present the National Government must be a Cabinet Government with full power, and must not merely be a continuation of the Viceroy's Executive Council....We would point out to you that the suggestions we have put forward are not ours only but may be considered to be the unanimous demand fo the Idian people. On these matters there is no difference of opinion among vartion groups and parties."[70]

"جنگ کي مُنهن ڏيڻ لاءِ هڪ قومي حڪومت قائم ڪئي ويچي... پر، اسان ان قومي حڪومت ۾ ذميواري کڻڻ لاءِ ايجا به اُن صورت ۾ تيار آهيون ته، قومي حڪومت پنهنجي مڪمل اختيار سان گڏ هڪ مڪمل ڪيبنيٽ حڪومت هجڻ گهرجي، ۽ اُها رڳو وائسراءِ جي انتظامي ڪائونسل جي واڌ واري صورت نه هجي.....مان اوهان جي اڳيان اُها ڳالهه به رکڻ گهران ٿو ته،

اسان جي اُها تجويز رڳو اسان جي ناهي، پر اُها سڄي هندستان جي عوام جي
بہ تجويز آهي. اُنهيءَ معاملي تي هندستان جي مختلف پارٽين، گروهن ۽
جماعتن ۾ ڪو بہ اختلاف ناهي."

مولانا ابُوالڪلام آزاد جي اهڙي خط ۽ اُن ۾ ظاهر ڪيل دعويٰ ڪانپوءِ
وولپرٽ ٻڌائي ٿو تہ، جناح هڪدم پنهنجو موقف پڌرو ڪري ڇڏيو. جناح
جو چوڻ هو:

"There is no foundation for that assertion. Muslim India has repudiated that claim. We maintain that the Congress does not represent not only the Musalmans of India but even a large body of the Hindu, the Depressed Classes, the non_Brahmins and other minorties."[71]

"هتي اهڙي دعويٰ [تہ ڪانگريس جي تجويز ئي سڄي هندستاني عوام جي
تجويز آهي] جو ڪو بہ بنياد ناهي. مسلم هندستان انهيءَ دعويٰ کي قبول
ڪرڻ کان انڪاري آهي. اسان اُها ڳالهہ يقين سان چئون ٿا تہ، ڪانگريس نہ
صرف هندستاني مسلمانن جي نمائندگي نہ ٿي ڪري، پر اُها هندن جي وڏي
ڏ، هيٺين طبقي ۽ غيربرهمڻن سميت ٻين اقليتن جي بہ نمائندگي نہ ٿي
ڪري"

وولپرٽ تبصرو ڪندي ٻڌائي ٿو:

"He [Jinnah]also repudiated all negotiation that Congress had carried on with Cripps over the head of all other parties, reiterating what had been his basic position for over two years. If all parties agress to the Muslim demand for Pakistan or partition and Muslim right of self_dertermination, details to be sttled after the war, then we are prepared to come to any reasonable adjustment with regard to the persent."[72]

"جناح پنهنجي اُنهي پريس بيان ۾ اُنهيءَ ڳالهہ بولهہ کي بہ رد ڪري ڇڏيو
جيڪا ڪانگريس ٻين پارٽين کي باءِ پاس ڪري، ڪرپس سان ڪئي ٿي، ۽
پنهنجي اُنهيءَ موقف کي ورجايو جيڪو گذريل ڏهن سالن کان سندس بنيادي
موقف هو تہ جيڪڏهن سموريون پارٽيون پاڪستان واري مسلمانن جي
مطالبي يا مسلمانن جي حق خودارادايت سان اتفاق رکن ٿيون تہ پوءِ اسان حال
جي حوالي سان ڪو بہ مناسب ناهہ ڪرڻ لاءِ تيار آهيون."

اصل ۾ ڪانگريس ۽ خاص طور گانڌيءَ طرفان ڪرپس جي تجويزن
کي سنجيدگيءَ سان نہ وٺڻ جا بہ وڏا سبب هئا. هڪ تہ اُنهن تجويزن ۾

صوبن ۾ رياستن کي هندستاني وفاق کان عليحدگيءَ جو جيڪو آئيني حق ڏنو ويو هو(ته اُهي ڏهن سالن کانپوءِ جيڪڏهن چاهين هندستاني وفاق کان ڌار ٿي سگهن ٿا ۽ پنهنجي ڌار وناڪي حڪومت يا يونين قائم ڪري سگهن ٿا) اُهو گانڌيءَ کي ڪنهن به طرح سان پسند نه هو ۽ ٻيو ته تن ڏينهن، جنگ ۾ جرمنيءَ جو پلڙو ڀاري ٿيندي ٿي ويو ۽ اُن ڪري اُن کالهه جا وڌا امڪان هئا ته جنگ ۾ اڳي يا پوءِ برطانيا کي شڪست ملندي اُن کالهه به دراصل، ڪانگريس ۽ گانڌيءَ کي ڪرپس جي تجويزن کي رد ڪرڻ جو هڪ سبب مهيا ڪري ڏنو. جو سمجهيائون ته جنگ ۾ برطانيا جي شڪست ۽ خواري ته هونئن ٿيڻ واري آهي، ته پوءِ اسان سندس شرطن ۽ ضابطن تي هندستان جي آزاديءَ لاءِ سائس ڇو معاهدو ڪريون. (البت اُها ٻي ڪالهه آهي ته جنگ ۾ برطانيا کي شڪست نه. پر سوويت يونين جي مدد سان ڪاميابي نصيب ٿي، جنهن ڪري بعد ۾ ڪانگريس ۽ گانڌيءَ کي پنهنجي سوچ ۽ خوش فهميءَ تي ضرور حيراني ٿي هوندي). بهرحال، اُها ئي سوچ هئي، جنهن سببان نه رڳو ڪرپس جي تجويزن کي رد ڪيو ويو. پر گانڌيءَ ڪرپس جي تجويزن جي باري ۾ ايترو به چئي ڏنو ته، اُهي تجويزون "ڏيوالي نڪتل بئنڪ جي چيڪ مثل آهن."[73]

بهرحال، مسلم ليگ طرفان پڻ ڪرپس تجويزن جي حوالي سان اپريل مهيني ۾ دهليءَ ۾ هڪ وڏو اجلاس گهرايو ويو[74] جنهن ۾ ڪرپس تجويزن جي حوالي سان هڪ قرارداد منظور ڪئي وئي،[75] قرارداد ۾ چيائون:

"مسلم ليگ جي ورڪنگ ڪميٽيءَ اُن کالهه تي پنهنجي خوشي جو اظهار ڪري ٿي ته ڪرپس تجويزن ۾ هندستان ۾ ٻن يا ٻن کان وڌيڪ خودمختيار يونين واري کالهه رکي، پاڪستان واري معاملي کي قبول ڪري ورتو آهي، پر افسوس جي کالهه اُها آهي ته، برطانيا جي اُنهن تجويزن ۾ ڪا به وقت ۽ ضرورت مطابق، ترميم يا گهٽ وڌائي نه ٿي ڪري سگهجي. اُها انهن تجويزن جي وڏي ڪمزوري آهي. ان ڪري، اسان لاءِ اُن ڪانسواءِ ٻيو ڪو به رستو ناهي ته اسان انهن کي ناقابل قبول قرار ڏيون."[76]

"13 اپريل تي، جناح دهليءَ ۾ سڏايل پريس ڪانفرنس ۾ ڪرپس تجويزن تي سخت تنقيد ڪئي، ۽ چيائين ته برطانيا جون جيڪي تجويزون ڪرپس هندستان کڻي آيو آهي، اُنهن ۾ ڪنهن به قسم جي ڪابه ترميم وغيره نه ٿي ڪري سگهجي. مون کي اُنهن تجويزن جي حوالي

سان چيو ويو تہ اُنهن جي ڪ٘ حصن کي نہ، پر اُنهن کي مڪمل طور تي قبول ڪرڻو پوندو. ائين، ڪيئن ٿو ٿي سگهي تہ اسان مستقبل کي نظرانداز ڪري، صرف حال تي غور ويچار ڪريون. ٻيو تہ اُنهن تجويزن ۾ پاڪستان کي ب٘ واضع طور قبول ناهي ڪيو ويو. ان ڪري، اسان انهن تجويزن کي رد ڪريو ٿا." [77] ائين، ڪانگريس ۽ مسلم ليگ جي طرفان تجويزن کي قبول نہ ڪرڻ سببان، ڪرپس مشن ناڪام ٿيو ۽ ڪا مفاهمت نہ ٿي سگهي، جنهن جي نتيجي ۾ سراسٽيفورڊ ڪرپس اپريل مهيني جي پڇاڙي ۾ ئي لنڊن ڏانهن واپس موٽي ويو. [78]

جيتوڻيڪ، ڪرپس 12 اپريل تي برطانوي وزيراعظم چرچل کي خط لکي، مشن جي ناڪامي جو اطلاع ڏئي، پنهنجي مايوسيءَ ۽ نراسائيءَ جو اظهار ڪيو [79] پر آمريڪي دٻاءُ سببان ڪرپس کي اپريل مهيني جي پڇاڙي تائين هندستان ۾ ئي رهڻو پيو. ۽ بعد ۾ اُتان ڪهي اچي لنڊن پهتو. 12 اپريل تي، ڪرپس جي خط جو جيڪو جواب وزيراعظم چرچل موڪليو اُهو پروفيسر اسٽينلي وولپرٽ (Stanley Wolpert) پنهنجي هڪ اهم ڪتاب Shamfull Flight-The last years of British empire in the India ۾ نقل ڪيو آهي، . نهن مطابق چرچل ڪرپس کي هئين لکيو:

"You must not feel unduly or disopointed by the result. The effect throught Britain and in theUnited state has beenwholly beneficial....Even though your hope have not been fulfilled, you have rendered a verey important service to the common cause and the foundations have been laid for the future progress of the people of India."[80]

"اوهان کي، هرو پرو مشن جي نتيجي مان مايوس نہ ٿيڻ گهرجي. اُن سڄي سرگرميءَ مان برطانيا ۽ آمريڪا لاءِ وڏي حد تائين فائديمند اثر نڪتو آهي.....توڙي جو مشن جي حوالي سان اوهان جون اُميدون پُوريون ناهن ٿيون، پر اوهان کي اُها خبر هجڻ گهرجي تہ اوهان، اُن سڄيءَ سرگرميءَ جي ذريعي هڪ اهڙو ڪردار ادا ڪيو آهي، جيڪو اڃڪتي هلي عام فائدي ۽ هندستان جي عام ماڻهن جي پلائيءَ ۽ ترقيءَ ۾ پيڙهه جو پٿر ثابت ٿيندو."

ڪرپس ڏانهن موڪليل برطانوي وزيراعظم جي اُنهيءَ خط مان ائين پاسجي ٿو تہ، برطانيا، هندستان جي مسئلي جي حل جي حوالي سان، تن ڏينهن، هروپرو ايڏو پراميد ۽ سنجيده ب٘ نہ هو. اصل ۾، برطانيا ڪرپس

مشن موڪلڻ جو بندوبست عالمي برادريءَ خاص طور آمريڪا جي دباءَ سببان ڪيو هو. اُهو ئي سبب هو جو ڪرپس مشن کي جڏهن ڪا ڪاميابي نه ملي، تہ برطانيا بہ اُن تي ڪو وڌو ردعمل ظاهر نہ ڪيو. بهرحال، ڪرپس، لنڊن پهچي مشن جي ناڪاميءَ جو سڄو الزام ڪانگريس ۽ ان جي ليڊرشپ تي هنيو. هن لنڊن ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي اُهي الزام هنيا تہ، هندستان جي مسئلي جي حل ۾ ڪانگريس ۽ ان جي ليڊرشپ غيرسنجيده آهي ۽ اها گڙبڙ ڪرڻ وارو ڪردار ادا ڪري رهي آهي. اُها آئين ۾ ترميم ڪرڻ سان گڏ دفاع واري نظام ۾ پڻ تبديلي جي گهر پئي ڪئي، جنهن سببان سڄي جنگي صورتحال ۾ تبديلي اچڻ جا امڪان هئا. ڪرپس جو چوڻ هو تہ، اُهي ڪانگريس واريون تبديليون، هندستان جي اقليتن لاءِ ڪنهن بہ طرح سان قابل قبول نہ هيون. اُن جو اقليتن تي راج ڪرڻ جو ارادو آهي. ان ڪري، ان برطانيا جي انتهائي معقول ۽ مناسب آئيني تجويزن کي رد ڪري ڇڏيو ۽ کو مثبت ڪردار ادا نہ ڪيو.[81]

جيتوڻيڪ ڪرپس جي ويڙ ڪانپور؛ راج گوپال اچاريا جهڙن ڪانگريسي اڳواڻن، ڪانگريس ۽ مسلم ليگ ۾ مفاهمت ڪرائڻ لاءِ ڪجهہ ڪوششون ورتيون، پر مفاهمت جي حوالي سان گانڌيءَ جو ڪو بہ موڊ نہ هجڻ سببان اُهي ڪوششون نتيجا خيز ثابت نہ ٿي سگهيون. مثال طور اپريل 1942ع پچاڙيءَ ۾ جڏهن راج گوپال اچاريا جي ڪوشش سان مدراس ڪانگريس طرفان مسلم ليگ سان مفاهمت ڪري، هندستان ۾ هڪ ٽومي حڪومت قائم ڪرڻ واري قرارداد منظوري ڪرائي وئي،[82] تہ انهيءَ قرارداد کي هي هفتي واري آل انڊيا ڪانگريس ڪميٽيءَ جي اجلاس ۾ گانڌيءَ رد ڪرائي ڇڏيو[83] جيڪا انتهائي افسوسناڪ ڳالهہ هئي. شايد اهو ئي سبب هو جو مدراس واري ڪانگريسي اڳواڻ راج گوپال اچاريا پنهنجي انهيءَ قرارداد کي رد ڪرڻ واري فيصلي تي دل شڪستو ٿيندي، 30 اپريل تي پنهنجي پارٽيءَ عهدي تان استعيفيٰ بہ ڏئي ڇڏي،[84] ۽ انهيءَ استعيفيٰ کي ڪانگريس جي "سيڪيولر" ۽ "جهموريت پسند" ليڊرشپ ڪنهن خاطر ۾ نہ آندو ۽ اُها ترت ئي منظور ڪري ڇڏيائون.

"ساڳئي هفتي، هن آمريڪي صحافين گانڌيءَ کان انٽرويو ورتو. اُنهن مان هڪ گانڌيءَ کان سوال ڪيو تہ، اوهان جو آزاد هندستان بابت ڪهڙو تصور آهي؟ جڏهن تہ، جناح اُن کي هندو راج جي نالي سان پيٽ ڏئي ٿو؟ ان

تي گانڌيءَ وراٽيو مان برطانيا کي هندستان، ڪانگريس ۽ هندن جي حوالي ڪرڻ لاءِ نہ ٿو چوان. برطانيا کي هندستان خدا يا جديد هوليءَ ۾ افراتفريءَ جي حوالي ڪرڻ ڏيو پوءِ اوهان ڏسندو تہ هندستان جون سموريون پارٽيون ڪُتن وانگر پاڻ ۾ وڙهنديون. ائين، جڏهن اُنهن کي پنهنجي حقيقي ذميواريءَ جو احساس ٿي ويندو تہ اُهي هڪ مفاهمت تي وڃي پهچنديون. مون کي اُها اميد آهي تہ اُنهيءَ ابتريءَ مان عدم تشدد ئي پيدا ٿيندو. گانڌيءَ کي "دي هندو" اخبار جي هڪ رپورٽر ياد ڏياريو تہ اوهان هن وقت تائين تہ هندو ـ مسلم اتحاد کانسواءِ سوراج حاصل ناهي ڪيو تہ پوءِ چو اوهان هاڻ ان ڳالهہ تي زور ڏيو ٿا تہ هندستان جي آزادي حاصل ڪرڻ تائين ڪو بہ اتحاد نہ ٿو ٿي سگهي؟ان تي 73 سالن جي مهاتما جواب ڏنو تہ وقت هڪ بي رحم دشمن آهي. مان پنهنجو پاڻ کان پڇان ٿو تہ چو مون سميت مڙني ماڻهن جون اتحاد ڪرائڻ واريون ڪوششن ناڪام ثابت ٿيون آهن، ۽ اُهي بہ ايتري تہ خراب انداز ۾ ناڪام ٿيون آهن، جو مان هڪ بنهہ اڻ وٽندڙ ماڻهو بڻجي ويو آهيان. اهو ئي سبب آهي، جو ڪجهہ مسلم اخبارن مون کي اسلام جي سچ کان وڌي دشمن طور بہ پيش ڪيو آهي. اُهو اهڙو ئي عمل آهي، جنهن جي مان ائين ئي تشريح ڪري سگهان ٿو تہ. ٿين طاقت، شعوري طور چاهي يا نہ چاهي، اُها اتحاد ڪرڻ نہ ڇڏيندي. ان ڪري، مان اُن نتيجي تي پهتو آهيان تہ هندستان مان برطانوي حڪومت جي ختم ٿيڻ کانپوءِ اُهي ٻئي فرقا هڪ ٻئي جي ويجهو ايندا، ۽ مفاهمت ٿيندي "[85]

گانڌيءَ جي اهڙي انترويو ظاهر ٿيڻ کانپوءِ، وولپرٽ ٻڌائي ٿو تہ. جناح بہ ترت پنهنجو رد عمل ظاهر ڪيو. جناح انهيءَ انترويو تي تبصرو ڪندي چيو:

"Iam glad that at last Mr. Gandhi has openly declared that unity and Hindu_Muslim settlement can only come after the achievement of India's independence and has thereby thrown off the cloak that he had worn for the last 22 years."[86]

"مان خوش ٿيو آهيان، تہ نيٺ مسٽر گانڌي پنهنجي اُها ڳالهہ علي الاعلان ڪري ڇڏي تہ هندو ۽ مسلمانن ۾ اتحاد يا ناهہ هندستان مان انگريزن جي وڃڻ کانپوءِ ئي ٿيندو ۽ ائين گانڌيءَ پنهنجو اُهو چوغو لاهي ڦٽو ڪري ڇڏيو جيڪو هن گذريل ٻاويهن سالن کان پائي ورتو هو."

بهرحال، ڪرپس مشن جي وڃڻ کانپوءِ، جئين ته ڪانگريس اُن خام خياليءَ ۾ ورتل هئي ته، انگريزن خاص طور برطانيا کي جنگ ۾ جپان شڪست ڏئي ڇڏيندو. ان ڪري، اهڙيءَ سوچ تحت گانڌي ۽ ڪانگريس هندستان ۾ انگريزن کي وڌيڪ ڪمزور ڪرڻ ۽ کين پنهنجن مخصوص شرطن تي هندستان جو رياستي اختيار ۽ اقتدار ڪانگريس جي هٿن ۾ ڏيڻ تي مجبور ڪرڻ لاءِ، "هندستان خالي ڪريو تحريڪ" هلائڻ جو منصوبو جوڙي ورتو. جنهن جي باضابطه طور اظهار ڪانگريس پاران 14 جولا 1942ع واري اجلاس ۾ ڪيو ويو.[87] اُنهيءَ اجلاس ۾ گانڌيءَ ۽ ڪانگريس پاران، هڪ قرارداد ذريعي انگريزن کي ڏمڪي آميز انداز ۾ چيو ويو ته، "انگريزن کي هندستان مان نڪري وڃڻ گهرجي. ملايا، سنگاپور ۽ برما تي جپاني فوجن جنهن طريقي سان برطانوي قبضي کي ختم ڪيو آهي، اسان اُن جو ورجاءُ هتي هندستان ۾ ڪرڻ نه ٿا چاهيون. جيڪڏهن برطانيا بدستور هندستان تي پنهنجو قبضو قائم رکيو ته پوءِ ڪانگريس وٽ اُن کانسواءِ ٻيو ڪو به رستو نه هوندو ته، اُها مهاتما جي اڳواڻيءَ ۾ عدم تشدد واري اصول جي پيروي ڪندي، برطانوي حڪومت خلاف هڪ وسيع عوامي تحريڪ هلائي." [88] اجلاس ۾ قرارداد کي اڪثريت سان منظور ڪيو ويو. ڪانگريس ۽ گانڌيءَ جي اُنهيءَ قرارداد تي تبصرو ڪندي، وولپرٽ Shamfull Flight ۾ لکي ٿو:

"Gandhi, seven two years old and suffering from high blood pressur, was now ready to lunch the more difficult struggle of his life."[89]

"ٻاهتر سالن جو پُوڙهو ۽ هاءِ بلڊ پريشر جي بيماري ۾ ورتل گانڌي، هاڻ پنهنجي زندگيءَ جي بنهه ڏکي تحريڪ هلائڻ لاءِ تيار هو."

بهرحال، جناح، گانڌيءَ جي انهيءَ ڏمڪي آميز قرارداد تي، 31 جولاءِ تي صحافين کي انٽرويو ڏيندي، سخت تنقيد ڪئي ۽ چيائين:

"ڪانگريس جي اُنهيءَ مطالبي جي منظوري مطلب، هندستان جي اٺ ڪروڙ مسلمانن ۽ ٻي اقليتن تي، ڪانگريس جو اڪيلو راج قائم ڪرڻ هوندو."[90]

هندستان جي اڇوتن جو اڳواڻ ڊاڪٽر بي. آر. امبيدڪر، جناح واري موقف کي تقويت ڏيندي لکي ٿو:

"هندستان خالي ڪريو تحريڪ بابت ڪانگريس جي اُها منظور ڪرايل قرارداد، نہ رڳو بنيادي طرح برطانوي حڪومت لاءِ هڪ چيلينج هو پراُها برطانوي حڪومت طرفان اقلتين جي مسئلي تي ٿيندڙ ڳالهہ ٻولهہ واري عمل ۾ دخل اندازي ڏيڻ جي ٻہ هڪ ڪوشش هئي، تہ جئين ڪانگريس کي اُن جي ئي نقط نظر ۽ شرطن جي روشنيءَ ۾ اقليتي مسئلي کي حل ڪرڻ جو فري هينڈ ملي وڃي. جيڪڏهن اُهو سڀ ڪجهہ، تحريڪ هلائڻ وغيرہ، سوچيل سمجهيل انداز ۾ ڪٽي نہ ٻہ ڪيو ويو هجي، پر تڏهن ٻہ، اُهو سڀ ڪجهہ مسلمان ۽ ٻين اقليتي ڌرين کي نظرانداز ڪندي، آزادي حاصل ڪرڻ جي هڪ ڪوشش ضرور هئي." [91]

بهرحال، ڪانگريس جي 14 جولاءِ واري اجلاس کانپوءِ، گانڌيءَ ڏٺو تہ انگريز سرڪار ساڻس ڪنهن ٻہ طرح سان ڳالهائڻ يا لفت ڪرائڻ لاءِ تيار ناهي تہ هُن "هندستان خالي ڪريو" تحريڪ شروع ڪرائڻ لاءِ باضابطہ طور 8 آگسٽ 1942ع تي ڪانگريس جي مرڪزي ڪميٽيءَ جو اجلاس گهرائي ورتو[92] ۽ ان ۾ انگريزن خلاف "هندستان خالي ڪريو" تحريڪ بابت هڪ قرارداد کي منظور ڪيو ويو[93] جنهن ۾ عام ماڻهن کي هدايت ڪئي وئي تہ اُهي مهاتما گانڌي جي اڳواڻي ۾ هندستان کي انگريزن کان آزادي ڏيارڻ لاءِ اڻي ڪڙا ٿين،[94] ۽"گانڌيءَ جي سيني پيروڪارن کي اُها ڳالهہ سمجهڻ گهرجي تہ هيءَ تحريڪ آزادي تائين جاري رهندي." [95]

وولپرٽ Shamfull Flight ۾ ٻڌائي ٿو تہ، "اُن تحريڪ ۾ گانڌيءَ جو نعرو هو (جنهن کي هن آزادي حاصل ڪرڻ لاءِ جادوءَ جو منتر قرار ڏنو هو)"ڪجهہ ڪريو يا مري وڃو." [96] چون ٿا تہ، اُنهي سڏي سنئين بغاوت تي ٻڌل قرارداد جي منظوري بعد گانڌيءَ کي ايجا ٻہ اُها اميد هئي تہ هو وائسراءِ لنلٿگو سان ملي، مٿس ڪانگريس جي مطالبن کي منظور ڪرائڻ لاءِ زور وجهندو[97] پر وولپرٽ چوائي، "وائسراءِ کي گانڌيءَ سان ملڻ ۾ ڪا ٻہ دلچسپي نہ هئي." اهو ئي سبب هو جو هُن ترت ئي 8 آگسٽ واري اجلاس کانپوءِ ٻي ڏينهن تي گانڌيءَ ۽ ڪانگريس جي سڄي مرڪزي ليڊرشپ کي گرفتار ڪرائي ورتو.[98] گانڌيءَ ۽ ڪانگريس جي اڳواڻن جي گرفتاري کانپوءِ ترت سڄي هندستان ۾ وڳوڙ شروع ٿي ويا،[99] جيڪي "تيزيءَ سان يوپيءَ، دهليءَ ۽ بهار تائين پکيڙجي ويا. حڪومت جنهن تيزيءَ ۽ ڳجهي نموني سان گرفتارين ۽ وٽ پڪڙ جو سلسلو شروع ڪيو اُن سڄي ماحول کي ئي مفلوج ڪري ڇڏيو. ميڊيا ۽ صحافين کي ٻہ هنگامن يا هڙتال وغيرہ

جي خبرون نہ ڏيڻ جون هدايتون جاري ڪيون ويون. اُن جي باوجود. لنلٿگو ايمري کي لکيو تہ. دهليءَ ۾ وڏو مسئلو پيدا ٿي پيو آهي. ڪافي ماڻهو مارجي ويا آهن. جڏهن تہ مالي نقصان بہ وڏو ٿيو آهي. اُن هوندي بہ. بهرحال. مان اُن کي گهٽي اهميت نہ ٿو ڏيان. اُهو سپ ڪجهہ فيڪٽري مزدورن جي هڙتال جي ڪري ٿيو. جڏهن تہ شهر جي چيف ڪمشنر کي پڪ آهي تہ اُهو صورتحال کي سنيالي ونندو."[100]

وولپرٽ موجب. وائسراءِ وڏيڪ لکيو تہ "وچ آگسٽ تائين بمبئيءَ ۾ ٽيهن کان وڌي ماڻهو مارجي ويا هئا. ۽ اُتي پوليس ڦٽڪا هڻڻ واري سزا کي مستقل طور ٻيهر لاڳو ڪري ڇڏيو هو. اُولهہ هندستان جي پٽنا واريءَ علائقي جي پرياسي کان ريلن جون سموريون پٽڑيون پٽي اُوکيڙيون ويون. جنهن جي اطلاع ملڻ شرط برطانوي فوجي دستا متاثر علائقن ۾ پهچي ويا هئا. جن کي وائسراءِ لنلٿگو وگوڙين کي ڏسندي کي گولي هڻي مارڻ جي اجازت ڏيو ڇڏي هئي. بهار ۾ ڪيل اُنهيءَ فوجي تشدد بابت کا بہ خبر هندستاني اخبارن ۾ ڇاپڻ لاءِ نہ ڏني وئي. سينسرشپ وارن عملدارن کي هندستاني فوج جي هرطرح جي ڪارروائي ڳجهي رکڻ واري ڪم ۾ مصروف رکيو ويو. جنهن جو نشانو "شاگرد ۽ بيڪارماڻهو" (انهن ئي نالن سان وائسراءِ گانڌيءَ جي پيروڪارن کي سڏيندو هو) هئا."[101]

جيتوٽيڪ انگريز سرڪار آگسٽ مهيني جي اندر ئي احتجاجن ۽ وگوڙن تي وڌي حد تائين ضابطو آڻي ورتو[102] پر بهرحال. اُها بہ حقيقت آهي تہ اُن سڄي صورتحال. انگريزن کي وڌيءَ حد تائين هڪ وڏي پريشاني ۽ خوف ۾ آڻي ڇڏيو. انهيءَ پريشاني ۽ خوف جو اولڙا وائسراءِ لنلٿگو جي انهيءَ خط مان پسي سگهجن ٿا. جيڪو خط هن آگسٽ جي پڇاڙيءَ وارن ڏينهن ۾ برطانوي وزيراعظم چرچل ڏانهن لکي موڪليو جنهن ۾ لکيائين:

"I am engage here in meeting by far the most serious rebellion since that of 1857, the gravity and extent of which we have so far concealed from the world for reason of military security. Mob violence remains rampant over larg tracts of the countryside and I am by no means confident that we may not see in September a formidable attempt to renew this widespread sabotage of our war effort. The lives of Europeans in outlying places are today in jeopardy. If we bungle this business we shall demage Indai irretrievably as a base for future allied operations and as a

throughfare for U.S. help to China."[103]

"مان، هن وقت 1857ع ڪانپوءِ، ٻيو پيرو سڀ کان وڏيڪ شديد بغاوت کي مُنهن ڏيڻ ۾ مصروف آهيان. هتي اُنهيءَ تحريڪ جي شدت وڏي وئي آهي، جنهن کي اسان پنهنجي فوجي رازداريءَ جي ڪري دنيا کان ڳجهو رکي چڏيو آهي. وڌوڙ ۾ فساد ملڪ جي ڏورانهن علائقن تائين به پکيڙجي ويا آهن. ۾ مُون کي اُها پڪ ناهي ته سيپٽمبر ۾ به اسان جي جنگي ڪوشش کي وسيع پئماني تي تباهه ڪرڻ جي ٻيهر خوفناڪ ڪوشش نه ڪئي ويندي. اڄ، ملڪ جي ڏورانهن علائقن ۾ انگريزن جي حياتي کي وڏو خطرو ٿي ويو آهي. جيڪڏهن اسان اُنهيءَ معاملي کي بگاڙي چڏيو ته پوءِ هندستان نَي، مستقبل جي اتحادي ڪارروائيءَ جي هڪ اڏي ۾ چين لاءِ آمريڪا جي مدد فراهم ڪرڻ واري رستي طور وڏو نقصان پهچائيندا سون."

بهرحال، ڪانگريس جي "هندستان خالي ڪريو" تحريڪ سيپٽمبر مهيني ۾ دم ٽوڙي ويهي رهي،[104] جنهن ڪانپوءِ وائسراءِ لنلٿگو به سُکَ جو ساهه ڪنيو ۽ برطانوي وزيراعظم کي اطلاع ڏيندي لکيائين ته "هاڻ صورتحال ضابطي هيٺ آهي."[105] چون ٿا ته، گانڌيءَ جيل ۾ پوڻ ڪانپوءِ وري حڪومت سان ڳالهيون ڪرڻ لاءِ خط لکندو رهيو پر حڪومت "هاڻ گانڌيءَ تي ڳالهين جا سمورا دروازا بند ڪري چڏيا."[106]

بهرحال، اُها به حقيقت آهي ته مسلم ليگ، گانڌيءَ ۽ ڪانگريس جي انهيءَ سڃي تحريڪ کان نه صرف لاتعلق رهي، پر وڏيءَ حد تائين اُن کي تنقيد جو به نشانو بڻايو.[107] مثال طور جئين ئي 8 آگسٽ 1942ع ڪانپوءِ "هندستان خالي ڪريو" تحريڪ شروع ٿي ته لڳ ڀڳ هڪ هفتي بعد مسلم ليگ جي ورڪنگ ڪميٽيءَ جو هڪ وڏو اجلاس ٿيو جنهن ۾ هڪ قرار داد منظور ڪندي تحريڪ جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪئي وئي، ۽ چيو ويو:

"آل انڊيا مسلم ليگ جي ورڪنگ ڪميٽيءَ جو هي اجلاس، ملڪ جي موجوده صورتحال، جيڪا ڪانگريس جي 8 آگسٽ واري اجلاس جي فيصلي جي نتيجي طور پيدا ٿي آهي، تي ڳڻتي جو اظهار ڪري ٿو ۽ سوچ ويچار ڪانپوءِ اُن نتيجي تي پهتو آهي ته، ڪانگريس جي "هندستان خالي ڪريو تحريڪ" سڏي سنئين ڪليل بغاوت ۽ سول نافرمانيءَ واري تحريڪ آهي، جنهن جو مقصد هندستان ۾ هندو راج قائم ڪرڻ آهي، اهو ئي سبب آهي، جو ملڪ ۾ بدامني، ٽوڙ ڦوڙ ۽ لاقانونيت ڦهلجي وئي آهي، جنهن سببان عام خلق جو وڏو جاني توڙي مالي نُقصان ٿي رهيو آهي"[108]

جناح جو اُن تحريڪ ڏانهن جيڪو رويو هو اُن بابت جناح جي حوالي سان، پروفيسر محمد رضا ڪاظمي هيٺين لکي ٿو:

"جناح ڪي اُن تحريڪ جي حوالي سان اُهو شڪ هو ته ڪانگريس اُنهيءَ تحريڪ جي آڙ ۾ برطانيا کان صرف پهنجي لاءِ ئي حڪومت وٺي، مسلم ليگ کي اڪيلو ڪرڻ چاهي ٿي. دراصل، جناح جو اهڙو شڪ ماضي واري تجربي تي ٻڌل هو. هن کي اُهو ڇڪيءَ طرح سان ياد هو ته پهرين عالمي جنگ دوران جڏهن هن (جناح) برطانيا سان عدم تعاون واري تجويز پيش ڪئي هئي ته اُهو گانڌي ئي هو جنهن اُن ۾ رڪاوٽ وڌي هئي. ۽ برطانيا کي غير مشروط حمايت جي خاطري ڪرائي چڏي هيائين. اُهو ئي سبب هو جو گانڌي 1918ع ۾ جناح کي خط لکي چيو هو ته جيڪڏهن اسان جون پارٽيون برطانوي فوج لاءِ پرتيءَ جي مرڪز ٻڌجي پون ته هوند آزادي واري منزل جلد ئي ويجهو اچي پوندي. جناح اُن وقت به گانڌيءَ جي منطق کي سمجهي نه سگهيو هو. ۽ هاڻ 1942ع ۾ به، هن جي ارادن جي باري ۾ اڪيچار انومانن ۽ شڪن ۾ ورتل هو. جنگ ۾ سهڪار واري موضوع تي ڳالهه ٻولهه ڪندي، جناح گانڌيءَ جو ئي جملو ورجايو ۽ چيائين ته "مان پرتيءَ جي سارجنٽ وارو ڪردار ادا نه ٿو ڪري سگهان." جڏهن ته، هن اُهو به چيو هو ته، مسلم ليگ عدم تعاون ناهي ڪري رهي. هين لفظن ۾ ائين چئجي ته گانڌي جو عدم تعاون متحرڪ ۽ جناح جو عدم تعاون خاموش نوع وارو هو. هن چيو ته، هُو ڪانگريس جي پيٺ ۾ برطانيا کي وڏيڪ مصيبت ۾ وجهي سگهي ٿو پر اُن جو نتيجو ڇا نڪرندو؟ يا ته اسان جا آقا تبديل ٿي ويندا، يا وري هندستان جا ٽڪرا ٽڪرا ٿي ويندا. هن جو مطلب اُهو هو ته، جيڪڏهن برطانيا ملڪ مان هليو ويو ته، جپان جون وڏندڙ فوجون سڄي ملڪ تي قبضو ڪري ويٺديون. يا اُن جا ڪجهه حصا برما ۽ سنگاپور وانگر جپان جي قبضي ۾ هليا ويندا. اُن وقت به، جناح کي هندستان جي سالميت جو ڪيڏو نه اُونو هو. دراصل هن "هندستان خالي ڪريو" تحريڪ جي صرف اُن ڪري مخالفت ٿي ڪئي، جو سمجهيائين ته اُها تحريڪ برطانيا تي دباءُ وجهي، صرف ڪانگريس کي اقتدار ڏيڻ لاءِ شروع ڪرائي وئي آهي ته جئين مسلم ليگ کي اڪيلو ۽ ڪنڌائتو ڪيو وڃي."[109]

بهرحال، گانڌيءَ جي تحريڪ ۾ مهينن جي اندر ئي، پنهنجي ناڪام پُڄاڻيءَ تي وڃي پهتي. اُن سڄي عرصي دوران نه ڪو جپاني فوجون هندستان ۾ داخل ٿيون، ۽ نه ڪو وري سياسي چندر بوس جي "انڊين نيشنل آرمي" "پارٽ ماتا" کي آزاد ڪرايو. ايتري ۾، اُن سڄي عرصي دوران برما مان

جپانين کي هُوريان هُوريان پوئتي ئي هٽڻو پيو ۽ انگريز سگهاري پوزيشن ۾ ايندا ٿي ويا."[110]

چون ٿا ته، گانڌيءَ پنهنجي "هندستان خالي ڪريو" تحريڪ هلائڻ کان ڪجهه ڏينهن اڳ، جناح ڏانهن خط لکي، ساڻس ناهه ڪرڻ واريءَ خواهش جو اظهار ڪيو هو.[111] خط ۾ گانڌيءَ جو چوڻ هو:

"Provided th Muslim League co_operated fully with the Congress demand for immediate independence without the slightest reservation....th Congress will have no objection to the British Government transferring all the power it today exercise to the Muslim League on behalf of whole India.....And Congresswill not only obstruct any Government that the Muslim League may form on behalf of the people, but will even join the *Government* in running the machinery of the free state. This is meant in all seriousness and sincerity."[112]

"ڪانگريس جي آزاديءَ واري مطالبي ۾ مسلم ليگ پاران سهڪار ڪرڻ جي صورت ۾، ڪانگريس کي برطانوي حڪومت جا سمورا اختيار (جيڪي اڄ اُن وٽ آهن) آزاديءَ کانپوءِ.....مسلم ليگ جي حوالي ڪرڻ تي ڪو به اعتراض نه هوندو..... ۽ ڪانگريس نه صرف ڪنهن به اهڙيءَ حڪومت جي مخالفت نه ڪندي، جيڪا مسلم ليگ هندستاني عوام جي بهتري لاءِ قائم ڪندي، پر اُها آزاد رياست جي ڪاروهنوار هلائڻ خاطر حڪومت ۾ به شامل ٿي ويندي، اُهو سڀ ڪجهه پوريءَ سنجيدگيءَ ۽ سچائيءَ سان ڪيو ويو آهي."

وولپرٽ، گانڌيءَ جي اُنهي خط تي تبصرو ڪندي لکي ٿو:

"Such an offer might have tempted Jinnah if he had belived in or trusted Gandhi., but just a few days earlier, he had told the press: Mr. Gandhi's conception of Independent India is basically different from ours.....Mr. Gandhi by independence meance Congrss raj. I ask Mr. Gandhi to give up the game of fooling the Muslmans by insinuating that we depend upon the British for the achievement of our goal of Pakistan."[113]

"جناح کي جيڪڏهن، گانڌيءَ تي پروسو يا اعتماد هجي ها ته اُها آڇ، سچ پچ، جناح کي وڏيءَ آزمائش ۾ وجهي چڏي ها. پر، جناح کي گانڌيءَ تي ڪو به پروسو نه هو چاڪاڻ ته هُن گانڌي جي اُنهيءَ آڇ کان ڪي ٿورا ڏينهن اڳ ئي اخبار وارن سان ڳالهائيندي ائين چئي ڏنو هو ته، مسٽر گانڌي جو آزاد

هندستان وارو تصور اسان واري آزاد هندستان واري تصور کان مختلف آهي.... گانڌيءَ لاءِ آزادي جو مقصد آهي، صرف ڪانگريس جي حڪومت. مان مسٽر گانڌيءَ کي اُهو ٻڌائي چڏڻ چاهيان ٿو تہ هو اُهو الزام هٽي مسلمانن کي بيووقوف ڪرڻ چڏي ڏئي تہ ڪ. اسان پنهنجي پاڪستان واري مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ برطانيا تي پاڙي رهيا آهيون."

بهرحال، گانڌيءَ جي "هندستان خالي ڪريو" تحريڪ جڏهن باقائده ختم ٿي وئي تہ سيپٽمبر 1942ع ۾ جناح، پنهنجي خيالن جو اظهار هڪ پريس ڪانفرنس ۾ هن طرح سان ڪيو:

"مون کي، هميشہ ڪانگريس، برطانوي حڪومت جي وچ ۾ ڪنهن بہ نامناسب معاهدي ٿيڻ جي حوالي سان خطرو رهيو آهي. صحافين سوال ڪيو تہ ڇا اُوهان جي پارٽيءَ جي مطالبي ۾ ڪنهن تبديلي اچڻ جو امڪان آهي؟ جناح جواب ڏنو تہ جيڪڏهن سورنهن آنن (هڪ روپئي جي قيمت)کان شروع ڪريو ٿا تہ پوءِ سوديبازيءَ جي گنجائش ٿئي ٿي. مسلم ليگ، ڪڏهن بہ اهڙو ڪو مطالبو ناهي ڪيو جنهن کي، ڪو بہ معقول ماڻهو غيرمعقول سمجهندو هجي. مسلم ليگ، هندن ۽ مسلمانن، ٻنهي لاءِ آزاديءَ جي نمائندگي ڪري ٿي. هندو هندستان جي پاڪيٽ ۾ هندستان جو ٽيون حصو اڳ ۾ ئي پيل آهي ۽ اُهو هندو هندستان ئي آهي، جيڪو اهو ڏسڻ لاءِ سوديبازي ڪري رهيو آهي تہ، ڇا هو باقي چوٿين ۽ آخري حصي کي بہ حاصل ڪري سگهي ٿو ۽ اسان کي دوکو ڏئي، ان کان محروم ڪري سگهي ٿو."[114]

بهرحال، گانڌيءَ جي اُنهيءَ تحريڪ سببان جيڪي وڏوڙ ۽ فساد ٿيا، جن ۾ عام خلق جو وڏو جاني مالي ۽ معاشي نقصان ٿيو. اُن جا آڪٽوبر 1942ع ۾ سرڪاري طرح انگ اکر جاري ڪيا ويا. انهن انگن اکرن جا تفصيل، وولپرٽ Shamfull Flight ۾ ڏنا آهن.[115] جن مطابق، "آگسٽ مهيني دوران 312 باغين کي گوليون هٽي ماريو ويو. ۽ 151 ڄڻڪ کي زخمي ڪيو ويو. جڏهن تہ، رد عمل ۾ يارهہ برطانوي فوجي پڻ ماريا ويا. ۽ ست ڄڻا قٽجي پيا. جيتوڻيڪ ڪيترن صوبن ۾ گرفتارين جي صحيح انگن اکرن جي ڄاڻ ڪانهي، پر اُن هوندي بہ، هڪ اندازي مطابق، يو پيءَ مان 4800، دهليءَ مان 453 ۽ بمبئيءَ مان 2600 ڄڻڪ کي گرفتار ڪري جيل حوالي ڪيو ويو."[116]

"جڏهن تہ، فوجي دستن کي گهٽ مان گهٽ ست هنڌن تي طلب ڪيو

ويو جن مان ڪيترا دستا ايا سوڏو اُنهن هنڌن تي بدستور مقرر ٿيل آهن. باقائدي برطانوي فوجي سپاهين جي لڳ ڀڳ 57 بٽالين کي، ٻي عالمي جنگ جي انتهائي خونريز ۾ تڪليف ڏيارائيندڙ ويڙهه، جيڪا هندستان ۾ اُنهن جي پنهنجي هم وطنن خلاف وڙهي ٿي، دوران استعمال ڪيو ويو. بهار ۾ مارجي ويل توڙي زخمي ٿيلن جا صحيح انگ اکر معلوم ڪرڻ جو به طريقو نه هو. چاڪاڻ ته، برطانوي جهازن، ور ور ڏئي، شهرين متان گولين جا وسڪارا ڪيا هئا."[117]

حوالا ۽ سمجهاڻيون

1. الحاج محمد گوهر، ميرا قائد عظيم تر هي، نظريه پاڪستان اڪادمي، لاهور 2008ع، صحفه 226
2. ڈاڪٽرصفدر محمود، مارچ ڪا مهينا۔هماري تاريخ ڪا سنگ ميل، روزنامه جنگ، ڪراچي، 2 اپريل 2013ع
3. Stanley Wolpert, Jinnah of Pakistan, Oxford University, Karachi, 2008, p,185
4. Ibid,p,185
5. جاويد راڇپر، ٻي عالمي جنگ۔ فاشزم ۽ سوشلزم ۾ لڙائي، ڪاپڙي پبليڪيشن، حيدرآباد، 2010ع، صحفو 75
6. ساڳيو صحفو 75
7. Stanley Wolpert, Jinnah of Pakistan, Oxford University, Karachi, 2008, p,187
8. Ibid,p,187
9. Ibid,p,1
10. الحاج محمد گوهر ، ميرا قائد عظيم تر هي، نظريه پاڪستان اڪادمي، لاهور 2008ع، صحفه 228
11. هيڪٽر بوليٿو حياتِ قائداعظم مترجم: زهير صديقي، جمهوري پبليڪيشنز لاهور 2012ع، صحفه 183
12. ساڳيو صحفو 183
13. ساڳيو صحفو 183
14. ساڳيو صحفو 183
15. Stanley Wolpert, Jinnah of Pakistan, Oxford University, Karachi, 2008, p,187
16. Ibid,p,187
17. تفصيل لاءِ پڙهو الحاج محمد گوهر جو اڙدو ڪتاب ، ميرا قائد عظيم تر هي، نظريه پاڪستان اڪادمي، لاهور 2008ع
18. هيڪٽر بوليٿو حياتِ قائداعظم مترجم: زهير صديقي، جمهوري پبليڪيشنز لاهور 2012ع، صحفه 182

19. چون ٿا تہ اُنهيءَ ملاقات کان اڳ هندستان جي ڪجهہ غيرجانبدار ۽ وطن دوست ماڻهن جو خيال هو تہ جيڪڏهن گانڌي ۽ جناح وائسراءِ سان گڏيل ملاقات ڪرڻ کان اڳ پاڻ ۾ ڳالهہ ٻولهہ ڪري، ڪنهن هڪ نقطي تي اتفاق ڪري، بعد ۾ وائسراءِ اڳيان موقف رکن تہ، اُها ڳالهہ هندستان لاءِ بهتر ۽ فائدي بخش ثابت ٿيندي. پر افسوس سان چوڻو ٿو تہ پوي تہ اُن قسم جي ڪا بہ اڳيرائي نہ ٿي. اُن کان اڳ ئي ٻنهي اڳواڻن جو غرور ۽ تڪبر آڏو اچي ويو. جنهن سببان جنگ ۾ انگريزن جي مشروط مدد ڪرڻ واري نقطي تي ڪو بہ گڏيل اتفاق نہ ٿي سگهيو. اُهو ئي سبب هو جو وائسراءِ سان ٽيل ملاقات ۾ گانڌيءَ پنهنجو ڌار موقف رکيو تہ وري جناح پنهنجو الڳ موقف رکيو. هيڪٽر بوليٿو موجب، ديوان چمن لال، گانڌيءَ ۽ جناح جي ملاقات ڪرائڻ لاءِ ورتل ڪوشش بابت ٻڌائيندي چيو تہ، "هُو جڏهن گانڌي وٽ ويو ۽ ڪيس تجويز ڏني تہ وائسراءِ سان ملاقات کان اڳ اوهان جيڪڏهن جناح سان ملاقات ڪري ڪنهن هڪ نقطي تي اتفاق ڪري وٺندو تہ، اُها ڳالهہ ملڪ ۽ عوام لاءِ بهتر ثابت ٿيندي. منهنجي اُها تجويز ٻڌي گانڌيءَ ڪنڌ مٿي ڪيو ۽ چيائين، تہ "تون سچ ٿو چئين، مصيبت ۾ دشمن بہ دوست ٻڌجي ويندو آهي." چون ٿا تہ، گانڌيءَ جي اهڙي مايوساڻي جواب ٻڌڻ کانپوءِ چمن لال وري جناح وٽ ويو ۽ اُن کي اُها ڳالهہ سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي تہ جيڪڏهن هُو گانڌي سان ملاقات ڪري، پاڻ ۾ ڳالهہ ٻولهہ ڪن تہ ملڪ کي وڏو فائدو ٿيندو. اُن تي جناح کيس جواب ڏنو تہ، "جيڪڏهن گانڌي مون سان ملڻ چاهي ٿو تہ پوءِ مان تيار آهيان. باقي مان اُهو نہ ٿو چاهيان تہ اوهان وڃي هُن کي اُهو چئو تہ مان هُن سان ملاقات ڪرڻ چاهيان ٿو." جناح جي اهڙي جواب کانپوءِ وري چمن لال گانڌيءَ سان مليو ۽ کيس عرض ڪيو تہ، چا اوهان جناح سان ملڻ چاهيون ٿا؟ اُن تي گانڌيءَ کيس جواب ۾ چيو، "جيڪڏهن مان ائين چوان تہ مان جناح سان ملڻ چاهيان ٿو تہ اُهو سراسر ڪوڙ ٿيندو. پر جيڪڏهن جناح مون سان ملڻ چاهي ٿو تہ پوءِ مان پيرين اگهاڙي سيسل هوٽل تائين وڃڻ لاءِ تيار آهيان. بهرحال گانڌي ۽ جناح هڪٻئي سان ملڻ تي راضي نہ ٿيا ۽ وائسراءِ سان ملاقات کان اڳ ڪنهن گڏيل نقطي يا مطالبي تي اتفاق ڪرڻ وارو موقعو هٿن مان نڪرندو ويو." (وڌيڪ تفصيل لاءِ پڙهو هيڪٽر بوليٿو جو اڙدوءَ ۾ ترجمو ٽيل ڪتاب، حيات قائداعظم، مترجم: زهير صديقي، جمهوري پبليڪيشنز لاهور 2012ع)

20. Stanley Wolpert, Jinnah of Pakistan, Oxford University, Karachi, 2008, p,188

21. Ibid,p,188

22. Ibid,p,188

23. هيڪٽر بوليٿو حياتِ قائداعظم، مترجم: زهير صديقي، جمهوري پبليڪيشنز لاهور 2012ع، صحفہ 83_184

24. Stanley Wolpert, Jinnah of Pakistan, Oxford University, Karachi, 2008, p,194

25. هيڪٽر بوليٿو حيات قائداعظم مترجم: زهير صديقي، جمهوري پبليڪيشنز لاهور 2012ع، صفحہ 178

26. ساڳيو صفحو 178_179

27. ساڳيو صفحو 78

28. Stanley Wolpert, Jinnah of Pakistan, Oxford University, Karachi, 2008, p,189

29. Stanley Wolpert, Shamful Flight, The last years of the British empire in India, Oxford University press, Karachi,p,

30. تفصيل لاءِ پڙهو جاويد راڇپر جو ڪتاب، ٻي عالمي جنگ، سوشلزم ۽ فاشزم ۾ لڙائي، ڪاپڙي پبليڪيشن، حيدرآباد، سنڌ، 2010ع

31. H.M.Seervaisbook,Partition of India_Legend & Reality Oxford University, Karachi, 2006, p,23

32. Ibid,p,23

33. اصل ۾ پرل هاربر تي جپاني حملي ۽ اُن بعد ڪجھ مهينن اندر جپان پاران برطانوي بينڪيت هيٺ آيل سنگاپور تي، فيبروري 1942ع ۾ قبضي ڪرڻ ڪانپوءِ ايشيا ۾ برطانيا سان گڏ آمريڪا جا به سرمائيدار سامراجي مفاد خطري هيٺ اچي ويا هئا. اهو ئي سبب هو جو ايشيا ۾ جپان کي پوئتي ڌڪڻ ۽ اُتي برطانوي-آمريڪي طاقت جو توازن برقرار رکڻ لاءِ اُهو ضروري هو تہ جپان خلاف هندستان کي هڪ مضبوط جنگي مورچي ۽ مرڪز طور منظم ڪيو وڃي، ۽ اُهو سڀ ڪجھ تڏهن ممڪن هو جڏهن اُن ڪم لاءِ هندستان ۽ اُتي جي سياسي ليڈرشپ گهربل سهڪار ۽ اُن واسطي ڪنهن ٽاهہ تي راضي ٿئي ها.

دراصل، هندستاني سياسي ليڈرشپ جي اهڙي راضپي حاصل ڪرڻ لاءِ ئي برطانيا کي مارچ 1942ع ۾ ڪرپس مشن هندستان موڪلڻو پيو. ياد رهي تہ ڪرپس جي هندستان اچڻ وقت، ساٺس هڪ عدد آمريڪي نمائندو ڪرنل لوئيس جانسن به گڏ هو. ڪرپس جي هندستاني اڳواڻن سان ٽاهہ لاءِ ڳالهہ ٻولهہ ڪرڻ ۽ اُن سڃي پروگرام ۾ آمريڪي نمائندي پاران سڃي صورتحال کي مانيٽر ڪرڻ مان اُها ڳالهہ ڇگهي ۽ طرح سان ثابت ٿئي ٿي تہ برطانيا سان گڏ آمريڪا به ايشيا ۾ پنهنجي سرمائيدار سامراجي مفادن کي بچائڻ لاءِ هندستان جي مسئلي جي حل ۾ ڪيڏي نہ دلچسپي وٺي رهيو هو جو اُن پنهنجي نمائندي ذريعي سڃي صورتحال کي مانيٽر به پئي ڪيو.

34. Stanley Wolpert, Shamful Flight, The last years of the British empire in India, Oxford University press, Karachi,Sindh,p,13

35. Ibid,p,13

36. Ibid,p,13

37. Ibid,p,13

38. Ibid,p,37

39. Ibid,p,37

40. تفصيل لاءِ پڙهو اسٽينلي وولپرٽ جو ورهاڱي جي موضوع تي لکيل هڪ انتهائي

اهم ڪتاب، شيم فل فلائيٽ_دي لاسٽ يئيرس آف دي برٽش امپائر ان انڊيا، آڪسفورڊ يونيورسٽي پريس، ڪراچي، سنڌ

41. Stanley Wolpert, Jinnah of Pakistan, Oxford University, Karachi,Sindh, 2008, p,189

42. Ibid,p,189

43. bid,p,189

44. ڪرپس مشن جي حوالي سان، ننڍي ڪنڊ جي تاريخ جي ڪجھ ماهرن جو خيال آهي تہ اُهو سڀ ڪجھ برطانيا پاران دنيا جي اکين ۾ ڌوڙ وجھڻ لاءِ ڪيو ويو ھو. محمد فاروق قريشي اُن حوالي سان لکي ٿو تہ "ڪرپس مشن کي هندستان موڪلڻ جي حوالي سان، برطانيا پاران پنهنجي ظاهر ڪيل خلوص، سچائي ۽ سنجيدگي ٽرانسفر آف پاور واري سرڪاري رڪارڊ جي پڙي ٽيڻ ڪانپوءِ وائکي ٿي وئي آهي. اُنهيءَ رڪارڊ ۾ سرڪاري دستاويزن مان هاڻ اُها ڳالھ بنھ ظاهر ٿي وئي آهي تہ انگريزن، هندستانين، آمريڪا ۽ اتحادي قوتن کي بيوقوف ڪرڻ لاءِ ئي ڪرپس مشن کي هندستان موڪلڻ جو ڊراموڪيو ھو. برطانيا جي جنگي ڪابينا طرفان ڪرپس کي هندستان تہ ضرور موڪليو ويو ھو، پر اُن جو مقصد هندستانين کي ڪا مراعات ڏيڻ نہ، پر دنيا جي اکين ۾ ڌوڙ وجھڻ ھو. عالمي راءِ عامہ ۽ آمريڪا تي اثرانداز ٿيڻ ھو ۽ اُھو تاثر پيدا ڪرڻ ھو تہ، هي ڏسو برطانيا تہ هندستان جي مسئلي حل ڪرڻ ۾ سنجيده ۽ سڀي نيت رکندڙ آهي، پر خود هندستاني ليڈرشپ پنهنجي سياسي ۽ فرقيواراڻن تڪرارن سببان، اُن مسئلي کي حل ڪرڻ جي قابليت نہ ٿي رکي، جنھن سبب اُها برطانيا سان نھي هلڻ لاءِ بہ تيار ناهي." (وڌيڪ تفصيل لاءِ پڙھو محمد فاروق قريشي جو اڙدو ڪتاب، مولانا ابُوالڪلام آزاد اور قومپرست مسلمانون کی سياست، تخليقات، لاهور 1997ع)

45. هيڪٽر بوليٿو حيات قائداعظم، مترجم: زهير صديقي، جمهوري پبليڪيشنز لاهور 2012ع، صحفہ185

46. الحاج محمد گوهر ، ميرا قائد عظيم تر هي، نظريہ پاڪستان اڪادمي، لاهور 2008ع، صحفہ233

47. ساڳيو صحفو233

48. ساڳيو صحفو33_234

49. تفصيل لاءِ پڙھو هيڪٽربوليٿو جو اڙدوءَ ۾ ترجمو ٿيل ڪتاب، حيات قائداعظم، مترجم: زهير صديقي، جمهوري پبليڪيشنز لاهور 2012ع

50. هيڪٽر بوليٿو حيات قائداعظم، مترجم: زهير صديقي، جمهوري پبليڪيشنز لاهور 2012ع، صحفہ185

51. ساڳيو صحفو185

52. الحاج محمد گوهر ، ميرا قائد عظيم تر هي، نظريہ پاڪستان اڪادمي، لاهور 2008ع، صحفہ234

53. ساڳيو صحفو234
54. Stanley Wolpert, Jinnah of Pakistan, Oxford University, Karachi, 2008, p,198
55. Ibid,p,198
56. Ibid,p,198
57. Ibid,p,198
58. Ibid,p,198
59. Ibid,p,198
60. Ibid,p,198
61. Ibid,p,198_99
62. Ibid,p,1 99
63. Ibid,p,199
64. Stanley Wolpert, Shamful Flight, The last years of the British empire in India, Oxford University press, Karachi,Sindh,p,33
65. Ibid,p,33
66. محمد فاروق قريشي، مولانا ابوالڪلام آزاد ۽ قومپرست مسلمانون ڪي سياست، تخليقات، لاهور، 1997ع، صحفو 196
67. Stanley Wolpert, Shamful Flight, The last years of the British empire in India, Oxford University press, Karachi,Sindh,p,199
68. تفصيل لاءِ پڙهو، اسٽينلي وولپرٽ جو انگريزي ۾ لکيل ڪتاب، جناح آف پاڪستان، آڪسفورڊ يونيورسٽي، ڪراچي، سنڌ
69. Stanley Wolpert, Jinnah of Pakistan, Oxford University, Karachi, 2008, p,199
70. Ibid,p, 202
71. Ibid,p, 202
72. Ibid,p, 202 ڏنو وڃي ته جناح ۽ آل انڊيا مسلم ليگ ننڍي کنڊ ۾ مسلمانن لاءِ ڌار وطن طور پاڪستان جو 1940ع ڪان، خاص طور لاهور ٺهراءَ ڪانپوءِ ئي مطالبو ڪرڻ شروع ڪيو هو. ڇاڪاڻ ته، 1940ع تائين اُها ڳالهه ٻنهه واضع ٿي آئي هئي ته ڪانگريس ۽ اُن جي ليڈرشپ، ڪنهن به طرح سان مسلم ليگ سان سياسي برابريءَ جي بنياد تي، ڪو به مناسب ۽ جائز ناهه ڪرڻ لاءِ تيار ناهي. 1937ع وارين چونڊن ڪانپوءِ ڪانگريس عملي طور ڪوناهه نظري جو مظاهرو ڪندي، مسلم ليگ کي صوبائي وزارتن ۾ جائز نمائندگي ڏيڻ ڪان محروم رکي، اُهو واضع ڪري ڇڏيو هو ته اُها ئي صرف هڪڙي پارٽي سڄي هندستان جي حڪمران پارٽي آهي، ۽ ٻين سمورن پارٽين، قومن، گروهن ۽ طبقن کي صرف ۽ صرف ڪانگريس ۽ اُن جي بالادستيءَ واري راج هيٺ ئي رهڻو پوندو. نهروءَ جو اُهو بيان ته، ڪانگريس ۽ انگريز هندستان جون ٻه جماعتون آهن، ٻيءَ ڪنهن جو به وجود ناهي، دراصل، ڪانگريس جي اقليت دشمن سوچ ۽ ارادن جو ئي عڪاس هو جيڪا سوچ اُن پنهنجي ٻن سالن جي صوبائي حڪومتي دور ۾ عملي طور پڌري ٻه ڪري ڇڏي هئي. ڪانگريس جي حڪومتي دور جو اُهو وڏو تلخ تجربو ئي هو جنهن دراصل، جناح ۽ مسلم ليگ کي اُن نتيجي تي پهچايو ته هندستان ۾ هاڻ هندو_مسلم

مسئلي جو حل ڏار ٿيڻ ۽ پاڪستان ٺاهڻ ۾ ئي آهي. البت اُها به رڪاوٽ جي ڳالهه آهي ته جناح ۽ مسلم ليگ جي پهرين ترجيح، مسلم گهٽائي وارن علائقن ۽ اُتي جي قومن جي مڪمل حق خودارادیت يا ڪٽي ائين چئجي ته مڪمل قومي خودمختياري جي بنياد تي گڏيل وفاقي هندستان ۾ هندن سان گڏجي رهڻ واري هئي. جنهن لاءِ وري جناح ۽ مسلم ليگ جو مطالبو گڏيل وفاقي هندستان ۾ سياسي برابريءَ (Political Parity) جي بنياد تي نمائندگي ڏيڻ وارو هو جنهن کي جڏهن ڪانگريس 1946ع تائين رد ڪندي آئي ته مجبورن جناح کي، سڏيءَ طرح پاڪستان جي ئي گهر ڪرٽي پئي.(تان جو 14 آگسٽ 1947ع تي پاڪستان ٺهي به ويو)ان ڪري، اسان ائين به چئي سگهون ٿا، جناح جو پاڪستان بابت تصور بنيادي طور تي قومي خودمختياري واري تصور تي ٻڌل هو جو جناح ۽ مسلم ليگ جا ڪانگريس ۽ انگريزن سان سمورا اختلاف مسلم گهٽائي وارين رياستن ۽ علائقن جي حق خود ارادیت جي باري ۾ هئا، جنهن کي جڏهن ڪانگريس ۽ اُن جي هندو ليڈرشپ پنهنجي ناجائز اقليت،دشمن مفادن جي ڪري قبول نه ڪيو ته منطقي نتيجي طور نه رڳو هندستان جو ورهاڳو ٿي ويو پر پاڪستان به ٺهي ويو.

73. Stanley Wolpert, Jinnah of Pakistan, Oxford University, Karachi, 2008, p,199

74. تفصيل لاءِ پڙهو ايازعلي جو مقالو پاڪستان جوبنياد: ۾ قومي نظريو يا صوبائي خودمختياري، صحفو 000، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو 2014ع.

75. پڙهو ساڳيو مقالو

76. هيڪٽر بوليٿو حيات قائداعظم، مترجم: زهير صديقي، جمهوري پبليڪيشنز لاهور 2012ع، صحفه،185

77. الحاج محمد گوهر ، ميرا قائد عظيم تر هي، نظريه پاڪستان اڪادمي، لاهور 2008ع، صحفه،235

78. ساڳيو صحفو235

79. ساڳيو صحفو235

80. ساڳيو صحفو35_236

81. تفصيل لاءِ پڙهو هيڪٽر بوليٿو جو اڙدوءَ ۾ ترجمو ٿيل ڪتاب، حيات قائداعظم، مترجم: زهير صديقي، جمهوري پبليڪيشنز لاهور 2012ع.

82. Stanley Wolpert, Jinnah of Pakistan, Oxford University, Karachi, 2008, p,205

83. Ibid,p, 205

84. Ibid,p, 205

85. Ibid,p, 207

86. Ibid,p, 207

87. Stanley Wolpert, Shamful Flight. The last years of the British empire in India, Oxford University press, Karachi,Sindh,p,43

88. زاهد چوڌري، مسلم پنجاب کا سياسي ارتقاء ، (1849_1947ع) پاڪستان کي سياسي تاريخ، جلد 5، اداره مطالعه تاريخ، لاهور، ايڊيشن، 1998ع، صحفه، 346

89. Stanley Wolpert, Shamful Flight, The last years of the British empire in India, Oxford University press, Karachi,Sindh,p,44

90. زاهد چوڌري، مسلم پنجاب کا سياسي ارتقاءَ ، (1849_1947ع) پاڪستان کي سياسي تاريخ، جلد 5، اداره مطالعہ تاريخ، لاهور، ايڊيشن، 1998ع، صحفہ 346

91. بي. آر امبيڊکر، پاڪستان يا هندستان کي تقسيم، تدوين: ڊاڪٽر وديا ساگر آنند، بي ٽي اي پبلشنگ هائوس ڪراچي، 2010ع، صحفو 463

92. Stanley Wolpert, Shamful Flight, The last years of the British empire in India, Oxford University press, Karachi,Sindh,p,44

93. Ibid,p, 44

94. Ibid,p, 44

95. Ibid,p, 44

96. Ibid,p, 44

97. تفصيل لاءِ پڙهو اسٽينلي وولپرٽ جو انگريزي ۾ لکيل ڪتاب، شيمر فل فلائيٽ_ دي لاسٽ يئيرس آف دي برٽش امپائر ان دي انڊيا، آڪسفورڊ يونيورسٽي ڪراچي، سنڌ

98. Stanley Wolpert, Shamful Flight, The last years of the British empire in India, Oxford University press, Karachi,Sindh,p,44

99. Stanley Wolpert, Jinnah of Pakistan, Oxford University, Karachi, 2008, p,209

100. Ibid,p,209

101. Ibid,p,209

102. زاهد چوڌري، مسلم پنجاب کا سياسي ارتقاءَ ، (1849_1947ع) پاڪستان کي سياسي تاريخ، جلد 5، اداره مطالعہ تاريخ، لاهور، ايڊيشن،1998ع، صحفہ، 348

103. Stanley Wolpert, Shamful Flight, The last years of the British empire in India, Oxford University press, Karachi,Sindh,p,46

104. وائسراءِ لنلٿگو جي اُن خط ۾، چين جي آمريڪا طرفان ٽيندڙ مدد (جيڪا ظاهر آهي تہ اُن وقت ۾ آمريڪا جي اُها صرف فوجي مدد ئي هئي)جي بہ ڳالهہ ڪئي وئي هئي، ۽ چيو ويو هو تہ، جيڪڏهن اسان هندستان ۾ حالتن کي نہ سنياليو سين تہ پوءِ چين جي هندستان واري رستي جي ذريعي ٽيندڙ آمريڪي مدد بہ ختم ٿي ويندي، اصل ۾ ڳالهہ اُها آهي تہ، تن ڏينهن، چين اندر ڪميونسٽ مخالف ڪُوڙي قومپرست جنرل چيانگ ڪائي شيڪ جي نام نهاد قومپرست حڪومت هئي، جنهن اُتي جي ڪميونسٽ پارٽيءَ ۽ اُن جي انقلابي اڳواڻن خلاف رڙ ٻاري ڏنو هو ۽ اُهو سڀ ڪجهہ آمريڪا جي آشيرواد ۽ مدد سان ٿي رهيو هو جيڪا مدد دراصل، هندستان واري رستي سان جنرل چيانگ ڪائي شيڪ کي آمريڪا طرفان غيرمشروط طور ملي رهي هئي، ۽ جئين تہ، آمريڪا ۽ برطانيا جا سرمائيدار سامراجي مفاد گڏيل هئا. اُن ڪري، برطانيا کي جتي هندستان هٿن مان نڪري ويڻ جي صورت ۾، سندس سامراجي مفادن کي زک پهچڻ جيڪا ڳڻتي هئي، تہ وري اُتي ڪيس ساڳئيءَ طرح سان، پنهنجي اتحادي سامراجي ملڪ

(آمريڪا)جي سامراجي مفادن کي به بچائڻ جي اُون هئي.

105. چوڌري، مسلم پنجاب کا سياسي ارتقاء ، (1849_1947ع) پاڪستان کي سياسي تاريخ، جلد 5،اداره مطالعه تاريخ، لاهور، ايڊيشن،1998ع،صحفه 451

106. Stanley Wolpert, Shamful Flight, The last years of the British empire in India, Oxford University press, Karachi,Sindh,p,46

107. Ibid,p,46

108. محمد رضا کاظمي ، مطالعه پاڪستان، مترجم: سيد سعيد احمد، آڪسفورڊ يونيورسٽي، ڪراچي، 2006، صحفو 88

109. محمد فاروق قريشي، مولانا ابوالڪلام آزاد ۽ قومپرست مسلمانون کي سياست، تخليقات، لاهور، 1997ع، صحفه 196

110. محمد رضا کاظمي ، مطالعه پاڪستان، مترجم: سيد سعيد احمد، آڪسفورڊ يونيورسٽي، ڪراچي، 2006، صحفو 88

111. زاهد چوڌري، مسلم پنجاب کا سياسي ارتقاء ، (1849_1947ع) پاڪستان کي سياسي تاريخ، جلد_5،اداره مطالعه تاريخ، لاهور، ايڊيشن،1998ع،صحفه 348

112. تفصيل لاءِ پڙهو جسونت سنگهه جو انگريزي ڪتاب، جناح، انديا، پارٽيشن_ انڊيپينڊنس، آڪسفورڊ يونيورسٽي پريس، ڪراچي، سنڌ

113. Stanley Wolpert, Jinnah of Pakistan, Oxford University, Karachi, 2008, p,208

114. Ibid,p,208

115. Ibid,p,211

116. Stanley Wolpert, Shamful Flight, The last years of the British empire in India, Oxford University press, Karachi,Sindh,p,50

117. Stanley Wolpert, Jinnah of Pakistan, Oxford University, Karachi, 2008, p,211

باب بارهون

1943ع کان 1945ع وارو دور!

اُها حقيقت آهي تہ گانڌيءَ جي 1942ع ۾ "هندستان خالي ڪريو" تحريڪ، اُن جي ناڪامي ۽ ڪانگريسي ليڈرشپ جي جيل وڃڻ سببان جيڪو عوام ۽ سياسي ليڈرشپ جي وچ ۾ رابطي جو خال پيدا ٿيو[1] جناح ۽ مسلم ليگ پنهنجي حڪمت علميءَ سان، انهيءَ خال کي پريندي نہ صرف وڏيءَ سطح تي عوام، خاص طور مسلم گهٽائي وارن علائقن جي مسلم عوام سان پنهنجي رابطي ۽ سياسي ڪم کي وڌائي چڌيو. پر ائين جناح ۽ مسلم ليگ کي پاڪستان جي حق ۾ پنهنجو ڪيس عوام جي هيٺين سطح تي کٽي وڃڻ، ۽ اُن کي عوامي، سياسي ۽ اخلاقي طرح وڏي تقويت ڏيارڻ، توڙي مسلمانن ۽ مسلم ليگ کي منظم ڪري، هندستان ۾ هڪ وڏي سگهاريءَ ڌر ۽ پارٽيءَ طور اپارڻ لاءِ گهربل وڏو وجهہ ۽ وقفو بہ ملي ويو هو[2] ۽ اُهو ئي سبب هو جو هاڻ بنگال ۾ فضل الحق جي ڦري وڃڻ کانپوءِ، اُتي ناظم حڪمت واري مسلم ليگي وزارت قائم ٿي چڪي هئي. سنڌ ۾ بہ، مسلم ليگ اقتدار ۾ اچي وئي هئي، ۽ جڏهن تہ پنجاب ۽ سرحد ۾ پڻ مسلم ليگ متحرڪ ٿي، رياستي اقتدار ۽ اختيارن ۾ شامل ٿيڻ جون تياريون ڪري رهي هئي.

بهرحال، اُها بہ حقيقت آهي تہ "1943ع واري سال جي شروعات انتهائي سنگين حالتن ۾ ٿي هئي. ٻي عالمي جنگ پنهنجي پوري شدت سان جاري هئي، 1942ع ۾ جنگ جي سپلاءِ تي لڳ ڀڳ 223 ڪروڙ رپيا خرچ اچي چڪا هئا، ۽ ايڏا سوڏو جنگ جي ختم ٿيڻ جا ڪي آثار نظر نہ ٿي آيا. برطانوي انگريزن جي بينڪي علائقن تي اُنهيءَ جنگ جا مجموعي

طور وڏا تباهه ڪن اثر پئجي رهيا هئا، خاص طور هندستان جي معاشي ۽ اقتصادي حالت بنهه تباهه ٿي وئي هئي."[3] الحاج محمد حسين گوهر ٻڌائي ٿو:

"جنگ سببان هندستان جي اقتصادي طرح چيلهه چهي ٿي پئي هئي. صورتحال ايتري تہ خراب ٿي وئي هئي، جو ملڪ ۾ معمولي ڪاغذ بہ اٽلي ٿي ويو هو. سرڪاري آفيسن ۾ ٽلهو بادامي ڪاغذ استعمال ٿي رهيو هو. پُراڻن لفافن تي سلپ لڳائي، اُن تي تاريخون ۽ ايڈريسون وغيره لکيون ويندیون هيون. ڪيترن ئي ڪمن ۾ وري استعمال ٿيل ڪاغذن کي ٻئي پاسي کان ٻيهر استعمال ڪيو ٿي ويو. کاڌ خوراڪ اٽلي هئي. راشن ۾ صرف هڪ چٽانگ اٽي جو روزانو ملندو هو. خوراڪ پيدا ڪريو مهم سبب بنگلن جا لان جهڙ تہ فصلن ۾ تبديل ٿي ويا هئا. پٽاٽا وڏيءَ ڪثرت سان استعمال ڪيا ٿي ويا. بنگال ۾ ڏڪر اچڻ ڪري لکين ماڻهو موت جي مُنهن ۾ هليا ويا هئا. ۽ هاڻ هڪ اندازي موجب، پنجاهه هزار ماڻهو هڪ هفتي ۾ بک سبب مري رهيا آهن. سياسي محاذ تي بہ صورتحال ڪا مختلف نہ هئي. ڪانگريس جا سمورا اڳواڻ بغاوتي تحريڪ سببان جيل ۾ هئا. بنگال ۾ مولوي فضل الحق مسلم ليگ سان لاڳاپو توڙڻ جي چڪر ۾ هو."[4]

بهرحال، هندستان جي اهڙي صورتحال هجڻ جي باوجود، 1943ع واري سال جي شروعاتي جنوري مهيني ۾ هڪ مثبت ڳالهه اُها ٿي، جو نازي جرمنيءَ کي استالن گراد ۾ وڏيءَ شڪست جو منهن ڏسڻو پيو. جنهن جي نتيجي ۾ جرمنيءَ کي اتان پيڇو پيو[5] جنهن ڪري اتحادي قوتن ۾ فتح حاصل ڪرڻ جي هڪ اُميد پيدا ٿي.

هوڏانهن، گانڌيءَ وري جيل ۾، انگريزن کي دباءَ هيٺ آڻڻ لاءِ، ورت رکڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو ۽ اُهو اعلان هن وائسراءِ ڏانهن موڪليل خط ۾ ڪيو.[6] خط ۾ لکيائين:

"Government goaded the people to the point of madness. They started leonine violence in the shape of the arrestes.... I must resort to the law prescrible for satygrahis, namely, a fast according to capacity. I must commence after the early morning breakfast of the 9 th February...ending on the morning of the 2nd March."[7]

"انگريز سرڪار عام خلق کي تنگ ڪري، لڳ پڳ ان کي چريو ڪري ڇڏيو آهي. گرفتارين جي صورت ۾ اسان تي تشدد جي بازار گرم ڪئي وئي آهي..... مون کي، هاڻ، پنهنجي پيروڪارن جي لاءِ تجويز ڪيل قانون،

يعني: همت مطابق هڪ ورت رکڻ طرف ويڙهو آهي..... اُهو ورت مان 9 فيبروري کان شروع ڪري 2 مارچ جي صبح تي ختم ڪندس."

استينلي وولپرٽ لکي ٿو:

"Linlithgow wired Amery, soon after reciving the Mahatma's latter. I have never wavered that Gandhi, if he desired to do so, should be allowed on his own responsibility to starve to death."[8]

"وائسراءِ لنلٿگو گانڌيءَ جي خط ملڻ کانپوءِ جلد ايمريءَ ڏانهن تار موڪلي چڏي، جنهن ۾ چيائين ته مان ڪڏهن به انهيءَ مُونجهه ۾ ناهيان رهيو ته جيڪڏهن گانڌي هروپرو ورت رکڻ چاهي ٿو ته پوءِ کيس اُن جي ئي ذميواري تي بک تي مرڻ جي اجازت ڏئي چڏجي."

ڏنو وڃي ته، وائسراءِ لنلٿگو پهريان گانڌيءَ جي ورت ۽ اُن دوران مري وڃڻ واري معاملي کي سنجيدگيءَ سان نه ٿي ورتو پر پوءِ جڏهن صورتحال وڌيڪ بگڙجندي وئي، ۽ خود وائسراءِ جي انتظامي ڪائونسل جي ٽن ميمبرن، گانڌيءَ کي غيرمشروط طور آزاد نه ڪرڻ خلاف احتجاجن استعفائون ڏئي چڏيون،[9] ته تڏهن ئي دراصل، وائسراءِ اُن سڃي معاملي ڏانهن ڌيان ڏيڻ شروع ڪيو. بهرحال، گانڌي 9 فيبروري کان باقائدي ورت رکي چڏيو.[10] ڪجهه ڏينهن ۾ ئي سندس وزن بنهه گهٽجي ويو. وڏا امڪان اُن ڳالهه جا هئا ته، گانڌي انهيءَ ورت دوران مري ويندو ۽ جئين ته گانڌي جي جيل ۾ مري پوڻ سببان ۾ ملڪ ۾ انتشار ۽ وڳوڙ ڦهلجڻ جو انديشو هو ان ڪري، ان سڃيءَ صورتحال، انگريزن کي به پريشانيءَ جي ور چاڙهي چڏيو ۽ اهو ئي سبب هو جو 17 فيبروري 1943ع تي وائسراءِ جي انتظامي ڪائونسل جي ٽن ميمبرن، گانڌيءَ کي غيرمشروط طور نه چڏڻ خلاف اُن ڏينهن احتجاج طور استعيفائون ڏئي چڏيون.[11] 21 فيبروري تي گانڌيءَ جي چڪاس لاءِ رکيل مڙني ڊاڪٽرن اُها حتمي رپورٽ سرڪار کي موڪلي چڏي ته سندس طبعيت ڏينهون ڏينهن خراب ٿي رهي آهي، ۽ هُو ڪڏهن به "هلي" سگهي ٿو.[12] وولپرٽ ٻڌائي ٿو:

"Much to every one's amazement, however, the little old man did not die. His stamina surprised the world and delighted his anxious friends, who attributed his survival to divine intervention. Churchill, however, suspected "Fraud" and urged Lingthgow to expose all these Congress Hindu doctors round him who could as

easily slip glucose or other nourishment into his food."[13]

"سيني کي حيران ڪندڙ هي ننڍڙو پُوڙهو همراهه موت جي حوالي نه ٿيو. هن جي برداشتي سگهه، سيني کي اچرج ۾ آڻي ڇڏيو ۽ هُن جي پريشان دوستن کي خوش ڪري ڇڏيو جن سندس حياتيءَ لاءِ دعائون ٿي گهريون. البت چرچل، گانڌيءَ جي انهيءَ بچي پوڻ واري عمل تي، "جعل سازي"ٿيڻ جو شڪ ڪيو ۽ لنلٿگو تي، گانڌيءَ جي ڇُوڏس موجود ڪانگريسي هندو ڊاڪٽرن کي، جيڪي نهايت سُولائيءَ سان گانڌيءَ جي کاڌي ۾ گلوڪوز يا توانائي بخش شيون ملائي ٿي سگهيا، ظاهر ڪرڻ تي زور ڏنو."

"جناح، گانڌيءَ جي ورت رکڻ واري معاملي ۾ چرچل وانگر اڌول رهيو. هن بنگال اسيمبليءَ جي مُونجهه ۾ ورتل ميمبرن کي گانڌيءَ جي آزادي لاءِ حڪومت کي درخواست ڪرڻ واري قرارداد جي حمايت ڪرڻ کان روڪڻ لاءِ اصحفاني کي فون به ڪئي. مهاتما جي ورت جي پهرين هفتي ڪانپوءِ لنلٿگو کي ائين رپورٽ ڪرڻ ۾ وڏي سُرهائي محسوس ٿي ته مسلمانن گانڌيءَ جي معاملي کان بنهه ڌار رهڻ، ۽ جناح جي اخبار "ڊان" پاران ٿنول ۽ تنقيد کي جاري رکيو."[14]

"سڄي هندستان ۾ گانڌيءَ جي ورت رکڻ ڪانپوءِ شروع ٿيندڙ احتجاج ۽ بي چينيءَ کان مسلم ليگ لاتعلق رهي. نئين دهليءَ جي اسيمبليءَ ۾ لياقت علي خان مسلم ليگ جي لاتعلقي واري موقف کي ورجايو. اسان پنهنجي هندو دوستن سان سندن جذباتي معاملن ۾ هرطرح جي همدردي رکون ٿا. اُن شخص چيو، جنهن کي مستقبل ۾ پاڪستان جو وزيراعظم بنجڻو هو پر ان معاملي ۾ اسان ساڻن ساڻ نه ٿا ڏئي سگهون."[15]

بهرحال، جئين ته ورت رکڻ سببان پُوڙهي گانڌيءَ جي طبعيت ڏينهون ڏينهن خراب ٿي رهي هئي. ان ڪري، ڪانگريسي اڳواڻن ۽ سندن همدردن ۾ وڏي سطح تي پريشاني ۽ بي چيني ڦهلجي وئي.[16] اهڙيءَ ئي صورتحال جي پيش نظر، ڪانگريسي اڳواڻن راج گوپال اچاريا ۽ سرتيج بهادر سپرو وارن، دهليءَ ۾ هڪ ڪانفرنس ڪوٺائڻ جو بندوبست ڪري ورتو، جنهن لاءِ جناح کي به دعوت ڏنائون، پر جناح اُن کي رد ڪري ڇڏيو ۽ چيائين ته "جڏهن گانڌي، کي جيل موڪلڻ جو مون کي اختيار ناهي ته هُن کي جيل مان ٻاهر ڪيڻ جو مون کي اختيار ڪٿان آيو؟"[17]

وولپرٽ موجب، "جناح انهيءَ ڪانفرنس ۾ ائين چئي انڪار ڪري ڇڏيو ته اُهو معاملو هندو اڳواڻن جي ئي غور ويچار ڪرڻ جو معاملو

آهي."[18] بهرحال، گانڌي 3 مارچ تي پنهنجو ورت ختم ڪيو.[19] ورت ختم ڪرڻ وقت "سندس وزن 109 پونڊن مان گهٽجي 90 پونڊ ٿي ويو هو."[20] 7 مارچ تي، دهليءَ ۾ مسلم ليگ جي ڪائونسل جو اجلاس ٿيو جتي جناح کي، آل انڊيا مسلم ليگ جو هڪ ٻيرو ٻيهر صدر طور چونڊيو ويو.[21] 23 مارچ تي، سنڌ صوبي جي صوبائي اسيمبلي ۾ سائين جي ايم سيد پاڪستان جي حمايت ۾ قرارداد پاس ڪرائي.[22] ائين، مسلم ليگ ۽ جناح کي پنهنجي سياسي ڪم ۽ تنظيم سازيءَ کي اڳتي وڌائڻ لاءِ وڏو تحرڪ ملي ويو. اپريل ۾ وري مسلم ليگ جو دهليءَ ۾ سالياڻو جلسو ٿيو."[23]

هي جلسو نهايت خوشگوار ماحول ۾ ٿي رهيو هو. چاڪاڻ ته بنگال ۾ مولوي فضل الحق وزارت تان استعيفيٰ ڏيو ڇڏي هئي، ۽ اُتي مسلم ليگ جي ناظم حڪمت واري وڏ وزارت قائم ڪئي وئي هئي.[24] انهيءَ ڏينهن "جناح اچيءَ شيرواڻيءَ واري ڊريس ۾ ملبوس هو ۽ ڪلفدار ڪالر جي هڪ بٽڻ جي مٿان "پي" وارو لفظ لکيل هيس، ۽ جئين ئي هُو پنڊال ۾ داخل ٿيو ته، چوطرف تاڙين جا وسڪارا ٿي ويا. هاڻ جڏهن پنجاب، سنڌ، بنگال ۽ آسام ۾ مسلم وزارتون حڪومتي ڪاروهنوار هلائي رهيون هيون، ان ڪري، جناح ان ڳالهه تي زور ڏيندي چيو ته، "هيءَ اجا صرف شروعات آهي.....اُتر اُولهه واري سرحدي صوبي ۾ مون کي اعتماد جوگين ذريعن وٽان اطلاع مليا آهن ته، اُتي جي مسلم عوام مڪمل طور مسلم ليگ سان گڏ آهي. (انهيءَ سال گرمي واري موسم ۾ اورنگزيب خان جي اڳواڻيءَ ۾ هڪ ليگي وزارت پشاور ۾ به اقتدار ۾ اچي وئي هئي) اقليتي صوبن کي وساري نه ٿو سگهجي. هي اُهي ئي صوبا آهن، جن اُن وقت روشني ڦهلائي، جڏهن اڪثريتي صوبن ۾ اوندهه هئي. اهي صوبا ئي دراصل، هڪ اهڙي هراول دستي مثل آهن، جنهن کي ڪانگريس ختم ڪرڻ چاهي ٿي. اسان کي گهٽو ڪجهه ڪرڻو آهي....اسان جو مقصد واضع آهي، اسان جا مطالبا بلڪل ئي چٽا آهن."[25]

وولپرٽ ٻڌائي ٿو ته "اُن ڪانپوءِ جناح هڪ صدي جي شروعات کان وٺي هندو-مسلم لاڳاپن جي تاريخ جو جائزو ورتو ۽ پوءِ وري مهاتما تي سڄي هندستان کي آشرم ۾ تبديل ڪرڻ جو الزام هنيو ۽ سندس چالاڪين تي لفظي حملا ڪيا. هن گانڌيءَ کي هڪ نئين ملاقات جي به تجويز ڏني، ۽ دليل ڏنائين ته، ڪير به هُن کي مون کان وڌيڪ پليڪار نه ٿو

چئي سگهي. جيڪڏهن مسٽر گانڌي، مسلم ليگ سان پاڪستان جي مطالبي جي حوالي سان، کو به ناهه ڪرڻ جو خواهشمند آهي ته مان اوهان کي ٻڌايان ٿو ته اُهو هندن ۽ مسلمانن، ٻنهي ڌرين لاءِ هڪ عظيم ترين ڏينهن هوندو. جيڪڏهن هُن فيصلو ڪري ڇڏيو آهي ته پوءِ اُها ڪهڙي ڳالهه آهي، جيڪا مسٽر گانڌيءَ کي مون سان سڌي سنئين رابطي ڪرڻ کان روڪي ٿي"[26] جناح جو وڌيڪ چوڻ هو:

"The Muslim League calls upon the British Government to come forward, without any further delay, with and unequivocal declaration guaranteeing to the Muslmans the right of self_determination, and to pledge themselves that they will abide by the Muslim league session in Lahore in 1940. I say to the Muslmans ....100 million Musalmans are with us. When I say 100 million Musalmans, I mean that 99 percent of them are with us, leaving aside some who are traitors, cranks, superman or lunatics_an evil form which no sociely or nation is free. The way in which I see them now is that the phoenix_like rise and regeneration of Muslim India from the very ashes of its ruination....is a miracle. The people who had lost everything and who were placed by providence between the two stones of a mill, not only came into their own in a very short time, but became, after the British, socially the most solid, militarily the most virile, and politically the most decisive factor in modern India. Now it is time to take up the constructive programme to build up this nation so that it can march on the path of our goal of Pakistan.....The goal is near, stand united persevere and march forward."[27]

"مسلم ليگ، برطانوي حڪومت کان اُها گهر ڪري ٿي ته، اُها هاڻ ڪنهن به دير ڪرڻ کانسواءِ، مسلمانن جي حق خودارادیت ڏيڻ واري خاطري جي ضمانت جي اعلان ڪرڻ سان گڏ اڳتي اچي ۽ واعدو ڪري ته اُها، مسلم ليگ جي 1940ع واري مسلم ليگ جي لاهور جي قرارداد جي بنيادن تي جيڪو به ريفريڊم هوندو اُنهيءَ فيصلي جي پابند رهندي. مان مسلمانن کي چوان ٿو..... ڏهه ڪروڙ مسلمان اسان سان گڏ آهن. جڏهن مان چوان ٿو ڏهه ڪروڙ مسلمان ته، منهنجو مطلب صاف ۽ چٽو آهي ته، اُنهن مان 99 سيڪڙو اسان سان گڏ آهن. باقي اُنهن منافق ۽ موقعي پرست مسلمانن کي باهر ڪڍي ڇڏيو. جن جو دين ۽ ايمان ذاتي مفاد حاصل ڪرڻ آهي. .....اُهي ماڻهو جن پنهنجو سڀ ڪجهه وڃائي ڇڏيو هو، قسمت اُنهن کي چڪيءَ جي ٻن

پڙن وچ ۾ رکي ڇڏيو آهي. اُنهن نه صرف بنهه ٿوري وقت ۾ پنهنجي سچاڻپ ٺاهي ورتي آهي. پر اُهي هاڻي برطانيا کانپوءِ واري هندستان ۾ سياسي توڙي قومي لحاظ کان سڀ کان وڌيڪ اڳتي وڌيل ڏر بڻجي ويا آهن. هاڻ اُن قوم کي منظم ڪرڻ واري هڪ تعميري پروگرام کي شروع ڪرڻ جو وقت اچي ويو آهي ته جئين. اسان واري پاڪستان ڏانهن وک وڌائي سگهجي.....منزل اسان جي ويجهي آهي. متحد ٿيو ثابت قدم رهو ۽ اڳتي وڌو."

بهرحال. اُنهيءَ شاندار جلسي کانپوءِ. جناح کي جُون مهيني جي پڇاڙيءَ ۾. بلوچستان جي دوري تي وڃڻو پيو.[28] جتي 3 جولاءِ تي مسلم ليگ جي هڪ اجلاس جي صدارت ڪيائين.[29] صدارتي خطاب ۾ هن "بلوچستان جي مسلمانن کي. پنهنجي سُستيءَ ۽ لاپرواهيءَ کي ختم ڪري. قوم سان وک وک سان ملائي هلڻ جي صلاح ڏني. ان ڳالهه تي ٻه زور ڏنائين ته. پنهنجي ذاتي ۽ گروهي مفادن خاطر ٿيندڙ جهيڙن کي ختم ڪري. قبائلي سوچ ۽ مفادن جو خاتمو آڻي. پاڻ ۾ هڪ ٿي وڃو."[30]

انهيءَ اجلاس ۾ جناح "پاڪستان جي مطالبي کي ورجايو. پهرين سڌارن ۽ ترقيءَ جي بنياد رکڻ جي ڳالهه ڪيائين. ۽ پوءِ وري پنهنجي عليحدگيءَ وارن مطالبن تي روشني وڌائين.[31] جناح 6 اپريل تي بلوچستان مسلم اسٽوڊنٽ فيڊريشن جي ڪانفرنس کي ٻه خطاب ڪيو.[32] اُتي شاگردن کي خطاب ڪندي چيائين:"اوهان هوائي توائي ڳالهين نعرن ۽ لفظن جي پويان نه ڇيو. پنهنجو سڄو ڌيانُ ۽ دلچسپي پنهنجي تعيلم ڏانهن ڏيو. ماهر ٿيو ۽ عملي ڪم ڪرڻ جي قابل بڻجو.....اوهان جيترا وڌيڪ ماهر ٿيندو ڪاميابيءَ جا امڪان اوترا ئي ڇڻا ۽ واضع ٿي ويندا."[33]

23 جولاءِ تي. جناح بلوچستان جي دوري کان واپس موٽي بمبئي آيو.[34] چون ٿا ته. جولاءِ مهيني دوران ئي خاڪسار تحريڪ جي باني اڳواڻ علامه مشرقيءَ جناح کي خط کي اُها فرمائش ڪئي ته. هُو جلدازجلد گانڌيءَ سان ٺاهه ڪرڻ لاءِ ڪوششون وڌي.[35] ياد رهي ته خاڪسار تحريڪ ۽ اُن جا اڳواڻ گانڌيءَ ۽ ڪانگريس جا حمايتي ۽ جناح جا سخت مخالف هئا.

بهرحال. اُن خط کانپوءِ مختلف خاڪسارن طرفان جناح کي اڪيچار ڏمڪين پريا خط پڻ ايندا رهيا. تان جو 26 جولاءِ تي هڪ خاڪسار محمد رفيق (جيڪو اصل ۾ لاهور کان بمبئي جناح کي مارڻ لاءِ آيل هو)جناح جي آفيس ۾ اچي. اُتي ويٽل جناح جي سيڪريٽري محمد خورشيد سيد

کي چيو ته مان جناح صاحب سان ملڻ آيو آهيان، منهنجي ان سان ملاقات کرايو. اتفاق سان اُهو همراهه ايڊا جناح جي سيڪريٽريءَ سان ڳالهائي ئي رهيو ته، جناح به، ڪمري کان ٻاهر نڪري، ڪنهن ڪم واسطي ڪجهه پڇڻ لاءِ سيڪريٽري وٽ آيو. رفيق، جناح کي ڏسندي ئي چاقو ڪڍي، مٿس جُلهه ڪئي. جناح پنهنجو دفاع ڪندي، حملي آور کي ٻانهه کان روڪي ورتو. ان دوران آفيس جي چوڪيدار به پهچي ويو. جنهن جوابدار کان چاقو کسي، کيس پڪڙي ورتو ۽ پوليس جي حوالي ڪيو.[36] جوابدر تي ڪورٽ ۾ ڪيس هليو ۽ ڪيس پنجن سالن جي سزا آئي.[37]

وولپرٽ ٻڌائي ٿو:

"Sub_inspector Abdul kadir Shaikh who had been put in charge of the investigation, came to admire Jinnah so much in its aftermath that he opted to join him in Pakistan."[38]

"جناح جي اُنهيءَ ڪيس جي جاچ ڪندڙ پوليس عملدار عبدالقادر شيخ هو. اُهو انهيءَ واقعي جي جاچ دوران، جناح کان ايترو ته متاثر ٿيو جو هُن جناح جي پاڪستان واري جدوجهد ۾ شامل ٿيڻ واري خواهش جو به ظاهر ڪري ڇڏي."

بهرحال، جناح تي حملي جي اُها خبر اخبارن ۾ ڇپي ته اُها باهه جيان پکيڙجي وئي، جنهن سببان مسلمانن ۾ بي چيني جي لهر اٿي پئي.[39] اهو ئي سبب هو جو ترت ئي جناح کي سوين هزارين خط، ٽيليگرام ۽ تارون ايندين رهيون، جنهن ۾ ڪائنس خيريت ۽ صحتيابيءَ جي باري ۾ پڇاڻو ٿيل هو.[40] جناح، ماڻهن جي اهڙي والهانا محبت ۽ اُون کي ڏسندي، اخبار ۾ هڪ خاص بيان جاري ڪيو جنهن ۾ چيائين ته، اُهو مون کي مارڻ جو هڪ سوچيل سمجهيل منصوبو هو، پر خدا جي فضل سان منهنجو وار ونگو به نه ٿيو ۽ مان خيريت سان آهيان. مون کي هلڪو ڏڪ لڳو آهي. ان کري، مان مسلمانن کي پُرامن رهڻ جي هدايت ڪريان ٿو.[41]

بهرحال، اُن حملي جو جناح کي تمام گهڻو ڏک ۽ افسوس هو. هن جو چوڻ هو ته، "مون کي ائين چوندي ڏک ٿئي ٿو ته، مون تي، اُهو بزدلاڻو حملو هڪ مسلمان ئي ڪيو آهي."[42]

آڪٽوبر 1943ع ۾، هندستان جي وائسراءِ لارڊ لنلٿگو جو آئيني مدو پورو ٿي وڃڻ سببان، هندستاني فوجي ڪمانڊرانچيف، لارڊ ويول کي،

هندستان جي وائسراءِ جنرل طور مقرر ڪيو ويو.[43] جيتوٽيڪ نئون وائسراءِ لارڊ ويول هڪ انتهائي مثبت سوچ رکندڙ فرض شناس ۽ ايماندار ماڻهو هو پر ان هوندي بہ، سندس جناح ۽ گانڌيءَ جي باري ۾ خيال ڪي مثبت نہ هئا. هو لکي ٿو:

"Gandhi and Jinnah are both dictator.....Gandhi because he has built himself up as a saint, and Jinnah because there is no body in his party who approaches him in ability."[44]

"گانڌي ۽ جناح ٻئي ڊڪٽيٽر آهن..... گانڌي اُن ڪري ڊڪٽيٽر آهي تہ هُن پاڻ کي هڪ وڏو پِيرُ بڻائي ڇڏيو آهي، ۽ جناح وري ان ڪري، جو هن جي پارٽيءَ ۾ ڪير بہ هُن جيتري قابليت نہ ٿو رکي."

بهرحال، نومبر ۾ مرڪزي اسيمبليءَ جو دهليءَ ۾ اجلاس ٿيڻو هو.[45] جناح 9 نومبر واري ڏاڙي تي، بمبئيءَ مان ڪهي دهليءَ پهتو ۽ اسيمبليءَ جي اجلاس ۾ شرڪت ڪيائين.[46] ياد رهي تہ دهليءَ ۾ مرڪزي اسيمبليءَ جو هيءُ اجلاس بنگال صوبي ۾ پيدا ٿيل خوراڪ جي ڪُوٽ ۽ ڏُڪر واري صورتحال تي غور ويچار ڪرڻ لاءِ سڏايو ويو هو. اجلاس ۾ جڏهن هڪ انگريز سرهينري رچرڊسن (جيڪو دراصل يورپين پارٽيءَ جو هڪ اڳواڻ هو) ڳالهائيندي ائين چيو تہ بنگال ۾ ڏُڪر واري صورتحال جي حوالي سان، حڪومت تي بُهتان بازي نہ ٿي ڪري سگهجي. انهيءَ ڳالهہ تي جناح اُٿي زبردست تقرير ڪئي ۽ انگريز حڪومت توڙي ان جي انتظامي اهليت تي سخت تنقيد ڪيائين. جناح تقرير ۾ پنهنجي ڪاوڙ ۽ تنقيدي خيالن کي هيئن اظهاريو:

"Do you call this recrimination when the Government in charge of country are called upon to explaintheir conduct, and that we are entitled examine whether they have discharged their duty and responsibility? Who is the real blief has to be found out. Surely the Government of the country is responsible for the safety of the lives of the people, and that is fact which nobody can deny.....Supposing in England a few hundred people had die or were dying every week of staveration, let alone a few thousand, would Churchill's Government be able to stand.....for 24 hours. And here we are clamly and cooly told about not including in recrimination.....It is our misfortune that we are living under a system of Government which is irremovable and irresponsible and,

I would add, thoroughly incompetent to handle any big issue."[47]

"ڇا اوهان اُن کي ٻُهتان بازي ٿا سمجهيو. جڏهن حڪومت کان، جيڪا ملڪ جي ڏميوار آهي، ان جي رويي جو مطالبو ٿا ڪريون ۽ اُهو پڇاڻو ٿا ڪريو ته ڇا حڪومت پنهنجو ڪم ڏميواري سان پورو ڪيو آهي ۽ اُهو ته اصل چور ڪير آهي، يقيني طور حڪومت ئي ماڻهن جي زندگين جي حفاظت جي ڏميوار آهي ۽ اُها اهڙي حقيقت آهي، جنهن کان ڪير به انڪاري نه ٿو ڪري سگهي..... فرض ڪريو ته انگلينڊ ۾ هرهفتي بک ۽ ڏڪر ڪري ڪجهه سوين ماڻهن مري چڪا هجن يا وري مري رهيا هجن، ته ڇا.... 24 ڪلاڪ به چرچل جي حڪومت قائم رهي سگهي ٿي، ۽ هتي وري اسان کي ٻهتان بازيءَ ۾ پوڻ جو سبق ڏنو پيو وڃي...اُها اسان جي بدقسمتي آهي ته، اسان هڪ اهڙي حڪومت هيٺ رهي رهيا آهيون، جيڪا نه رڳو غيرذميوار آهي، پر اُن کي هٽائي به نه ٿو سگهجي. مان وڌيڪ ائين ئي چئي سگهان ٿو ته، اها حڪومت ڪنهن به وڏي مسئلي کي حل ڪرڻ جي اهليت ئي نه ٿي رکي."

جناح جو سوانح نگار استينلي وولپرٽ، جناح جي انهيءَ تقرير تي تبصرو ڪندي لکي ٿو:

"It is Jinnah's most vitriolic attack against the British government since the post world war 1 passege of the Rowlatt acts.[48]

"پهرين عالمي جنگ جي ختم ٿيڻ وقت، رولٽ ايڪٽ واري معاملي کانپوءِ، جناح جو برطانوي حڪومت خلاف اُهو هڪ وڏو حملو هو."

اُنهيءَ سال جي ڊسمبر واري مهيني ۾، جناح جي طبعيت ۾ ناچاڪيءَ پڙ اچي واسو ڪيو. جنهن ڪري جناح، ڪافي بيمار ۽ ڪمزور ڏسڻ ۾ ٿي آيو. 18 ڊسمبر 1943ع تي، جناح سان يورپ جو هڪ مشهور صحافي بيورلي نڪسن ساڻس ملڻ آيو.[49] جيتوڻيڪ، جناح، گهڻي ياڳي صحافين سان ملڻ پسند نه ڪندو هو ۽ هيڪٽر بوليٿو جواڻي، "صحافين سان جناح جو رويو ئي رکو هوندو هو"[50] پر صحافي بيورلي نڪسن جي حوالي سان معاملو ڪجهه ٻيو ئي هو جو هيءُ 18 ڊسمبر تي جناح سان مليو ته، "معلوم ٿئي ٿو ته هن ملڻ سان ئي جناح جو اعتماد حاصل ڪري ورتو."[51]

بهرحال، انهيءَ صحافيءَ جناح سان هڪ ڏگهي ڪچهري ڪئي، ۽ ڪائنس هڪ اهم انٽرويو پڙ ورتو. بعد ۾ اُن صحافيءَ، هيڪٽربوليٿو موجب، هندستان تي هڪ ڪتاب Verdict On India جي نالي سان لکيو جنهن جو هڪ سڄو باب وري جناح ۽ سندس سياست جي باري ۾ آهي.

انهي صحافيءَ پنهنجي ڪتاب ۾ جناح جي باري ۾ هيئن لکيو:

"محمد علي جناح اڄ ايشيا کنڊ ۾ سڀني کان وڌيڪ اهم شخصيت آهي. هن جي عمر 67 سال آهي، قد ڏگهو ۽ جسم سنهڙو اٿس، سندس لباس ۽ انٽي ويهڻيءَ مان نفاست جهلڪي ٿي. سرمئي رنگ واري ڏاڳي سان هٿ ڪڍل هڪ چشمو هميشہ سندس سيني تي لڙڪندو رهي ٿو ۽ سخت گرميءَ ۾ به هو قميص سان گڏ سخت ڪالر لڳائي ٿو. هو ڏسڻ سان اسپين جو ڪو رئيس يا وري پراٽي استائيل وارو سفير ئي پاسجي ٿو."[52]

هيڪٽر بوليٿو موجب، صحافي بيورلي نڪسن، جناح ۽ هڪ هندو سياستدان ۾ فرق محسوس ڪندي لکي ٿو:

"هڪ هندو سياستدان ۽ جناح ۾ فرق ائين آهي، جهڙو هڪ ماهر ڊاڪٽر ۽ عطائي ڊاڪٽر ۾ هجي ٿو جيڪو ڏُکن ۽ اندازن سان مريض جو علاج ڪندو آهي. هڪ ماهر ڊاڪٽر وانگر جناح جي تجويز به لڳ ڀڳ تڪليف ڏيارينڊڙ هوندي آهي، پر مريض هُن جي علاج تي چڱي طرح سان پروسو ڪري سگهي ٿو."[53]

بهرحال، 24 ڊسمبر 1943ع تي، مسلم ليگ جو هڪ وڏو سالياڻو اجلاس سنڌ جي شهر ڪراچيءَ ۾ ٿيڻو هو[54] جنهن ۾ شرڪت لاءِ جناح 20 ڊسمبر تي بمبئي کان ڪراچيءَ پهچي ويو.[55] هيءُ هڪ وڏو ۽ زبردست اجلاس هو. چاڪاڻ ته هاڻ، مسلم ليگ، سنڌ ۾ بهتر نموني سان منظم ٿي ايري آئي هئي. ان جو هڪ سبب اُهو به هو جو"خان بهادري الله بخش جي وڏ وزارت تان برطرف ٿيڻ ڪري غلام حسين هدايت الله وڏ وزارت ناهي ورتي هئي، ۽ پنهنجي مڙني ساٿين سميت مسلم ليگ ۾ شموليت اختيار ڪري ورتي هياٿين، ۽ ائين سنڌ صوبو غلام حسين هدايت جي الله جي وڏوزارت قائم ٿيڻ سببان هندستان جو اُهو پهريون صوبو بڻجي ويو هو جنهن ۾ مڪمل طور مسلم ليگي وزات قائم ٿي چڪي هئي."[56] اهڙي صورتحال سببان جناح به تمام گهڻو خوش هو جو هاڻ مسلم ليگ مسلم اقليتي صوبن سان گڏ مسلم اڪثريتي صوبن ۾ به سگهاري سياسي حيثيت حاصل ڪندي، اُتي جي عوام جي هڪ نمائندي جماعت بڻجندي پئي وئي. اُها سڄي صورتحال سُنو سئنوڻ ثابت پئي ٿي.

بهرحال، سنڌ ۾ هيءُ جلسو باقائده 24 ڊسمبر تي شروع ٿيو. جڏهن جناح روشنين جي جگمگائيندڙ پنڊال ۾ داخل ٿيو ته، سندس،"قائداعظم

زنده آباد" ۽ "ڪانگريس جو فاتح زنده آباد" جي زوردار نعرن سان استقبال ڪيو ويو."[57] وولپرٽ موجب، "جناح ڏهه لکي پنجاهه منٽن تي تقرير شروع ڪئي ۽ سو (100) منٽن تائين ڳالهائيندو رهيو. اُن وچ ۾ تڪليف ڏيارائيندڙ سِلهه واري عارضي سببان چار يا پنج ڀيرا ساهي ۾ پٽڪي پيس."[88] تقرير ۾ چيائين:

"Muslim India as the sick man and to have lapsed into a personal reverie: I got some suggestions which are splendid ones and thoughtful ones and very good, too. I get complaints and petty quarrels, which I do not like. But anyhow it is a heathy sign. In one word, let me put it to you this way. I am thankfull to God that Muslim India is awake. Iam thankfull that Muslim India has regained consciousness. Iam thankfull that the Muslim India is taking interest in things around it, not only in India, but throughout the world."[59]

"ڪجهه سال اڳ مسلم هندستان جي حيثيت هڪ بيمار ماڻهو جي مثل هئي، پر هاڻ، اُن ۾ شعور اچي ويو آهي، جيڪا هڪ مثبت ڳالهه آهي. هاڻ اُن وٽ ڏيڍ لاءِ اڪيچار صلاحون ۽ تجويزون آهن، ۽ وري حل ڪرڻ لاءِ وڌيڪ اڪيچار تڪرار ۽ جهيڑا آهن، اُها هڪ سٺي ڳالهه آهي ۽ اُن صورت ۾ تہ ان کي حد ۾ رکيو وڃي. هن چيو تہ، مون کي ڪجهه تجويزن مليون آهن، جيڪي پنهنجي جاءِ تي شاندار ۽ غور ڪرڻ جوڳيون آهن، منهنجي آڏو معمولي تڪرار ۽ اهڙيون شڪايتون ۽ پيش ڪيون وڃن ٿيون، جن کي مان پسند نہ ٿو ڪريان، پر اُها هڪ صحتمند علامت آهي. ٿورن لفظن ۾ مان اوهان جي آڏو ان کي هيئن بيان ڪري سگهان ٿو تہ، مان خدا جو شڪر گذار آهيان، جو مسلم هندستان سجاڳ ٿي ويو آهي. مان شڪرگذار آهيان تہ مسلم هندستان شعور حاصل ڪري ورتو آهي، مان شڪرگذار آهيان تہ مسلم هندستان، نہ صرف پنهنجي پرپاسي وارن مٿاڻي لقائن ۾، پر سڄي هندستان ۽ سڄيءَ دنيا ۾ دلچسپي ونڊي رهيو آهي."

وولپرٽ ٻڌائي ٿو تہ، "پوءِ جناح، چوندن ٿاءِ سڄي ملڪ مان ليگ جي نامزد اميدوارن جي نالن جو فيصلو ڪرڻ لاءِ هڪ تہ رڪني (لياقت علي خان، خليق الزمان ۽ حسين امام) پارلياماني بورڊ جي مقرريءَ جو اعلان ڪيو. هن پاڪستان لاءِ تعليمي، سماجي ۽ معاشي منصوبابنديءَ جي نگرانيءَ خاطر لائحہ عمل جوڙڻ لاءِ، هڪ نئين ڪميٽي جوڙڻ جي بہ تجويزن ڏني، جنهن جي صدارت نواب اسماعيل خان کي ڪرڻي هئي، ۽

جنهن جي مقرريءَ جي ذميواري لياقت علي خان کي ڏني وئي. اُن کميٽيءَ ۾ نواب آف ممدوٽ، جي ايم سيد، حاجي ستار سيٺ ۽ قاضي ايم عيسيٰ کي شامل ٿيڻو هو ۽ اُنهن سيني جي مقرري 27 ڊسمبر 1943ع تي جناح باضابطه طور تي ڪري به ڇڏي. خطاب جي ختم ٿيڻ کانپوءِ لياقت علي خان، جناح کي سندس سالگره جي حوالي سان مبارڪ باد ڏيڻ لاءِ اُٿي بيٺو. جناح ۽ سندس پيٽ هٿن ۾ تلوارون کنيل هن محافظن سان گڏ، اُن رات ليگ جي ماٺهن جي ميڙاڪي سان پريل پنڊال مان باهر نڪري آيا. جناح تي ڪيل قاتلاڻي حملي کانپوءِ، سرمئي يونيفارم ۾ ملبوس ليگ جا نيشنل گارڊ، هرهنڌ جناح سان گڏ هئا. هتي به ميڙاڪي ۾ساٿس گڏ هئا، ۽ سڄي ميڙاڪي توڙي ماٺهن جي ڀُرپُرتي چڱي طرح سان نظر تي رکيائون. اُنهيءَ پروگرام واري ڏينهن هڪ اندازي موجب، لڳ ڀڳ هن هزارن جي تعداد ۾ انهن محافظن، جن کي ڪڏهن ڪڏهن جناح جي ذاتي فوج به چيو تي ويو ۽ جنهن جي اڳواڻي نواب صديق علي خان تي ڪئي، سڄي ڪراچيءَ ۾ گشت ڪيو. ناظم الدين ڏينهن جو ئي ڪلڪتي کان ڪراچي پهچي ويو هو جيڪو پنجاب جي خضر حيات سميت، سنڌ، آسام ۽ اُتراُولهه واري سرحد صوبي جي وڏن وزيرن سان گڏ جناح جي پويان اسٽيج تي ويٺل هو. سرحد جي وزيراعليٰ اورنگزيب ائين چئي ڏنو ته، هاڻ حساب ڪتاب جو ڏاڙو ويجهو اچي ويو آهي، ۽ جڏهن به ميدان ۾ نڪرڻ ۽ جناح جي پاڪستان لاءِ جنگ ڪرڻ جو سڏ ايندو ته پوئتي نه هٽبو."[60]

"ڪراچي ۾ پنهنجي ڏڪهيءَ تقرير جي ٽڪ ڪري، ساهه واري تڪليف جناح کي بيمار ڪري وڌو هو. پر خوش قسمتيءَ سان فاطمه ياد ڪندي ٻڌائي ٿي، ته هن کي پنهنجي مرضيءَ سان ئي رات جو ننڊ اچي ويندي هئي. سڄي رات چڱي طرح آرام ڪرڻ کانپوءِ، ايتري طاقت ملي پوندي هيس، جو هُو پاڻ ڏانهن ايندڙ روزمره جي خطن، درخواستن ۽ حل طلب مسئلن جي ڍڳ کي منهن ڏئي سگهندو هو. هن پنهنجي انهيءَ تسلسل کي بخارجي باربار موتي اڇڻ، جنهن سندس جسم کي بنهه ڪمزور ڪري ڇڏيو هو، جي باوجود برقرار ئي رکيو."[61]

جيتوڻيڪ جناح اُنهيءَ ڪراچي واري ٽڪائيندڙ اجلاس/جلسي کانپوءِ جنوري 1944ع ۾ ڪراچي کان بمبئي موتي آيو پر وري مارچ ۾ ئي جناح کي دهليءَ مان لاهور وڃڻو پيو[62] جتي، کيس 18 مارچ تي لاهور جي

مسلم اسٽوڊنس فيڈريشن جي ڪانفرنس جو افتتاح ڪرڻو هو.[63]"اُن وقت پنجاب ۾ ملڪ خضر حيات جي وڏي وزارت قائم هئي، جيڪو يونينسٽ پارٽي ڪانسواءِ مسلم ليگ جو به ميمبر هو پر هُن ايجا تائين پنهنجي وڏي وزارت کي مسلم ليگ جو نالو نه ڏنو هو. اُن جو وڏو سبب دراصل اُهو خوف هو جيڪو هن اسيمبليءَ ۾ ويٺل هندو ميمبرن کان محسوس ٿي ڪيو. قائداعظم مسلم اسٽوڊنس فيڈريشن جي ڪانفرنس کان فارغ ٿيڻ کانپوءِ، خضرحيات سان ڳالهه ٻولهه شروع ڪئي. جيڪا اپريل جي پهرين هفتي تائين جاري رهي، پر اُها ڳالهه ڪامياب نه سگهي ٿي. ۽ جناح اپريل مهيني جي پڇاڙيءَ ۾ ئي لاهور کان سڏو دهلي هليو ويو."[64]

هاڻ، وائسراءِ لارڊ ويول به، هندستان ۾ انگريزن جي مفادن ۽ هندو-مسلم مسئلي جي حل ۽ صورتحال ۾ پيدا ٿيل جمود کي توڙڻ لاءِ سنجيده نوع جون ڪوششون ونڊڻ شروع ڪري ڏنيون هيون. وائسراءِ ويول جي پهرين ترجيح اُها هئي ته، هندستان جي اڳواڻن سان ڳالهه ٻولهه واري عمل کي شروع ڪيو وڃي. هوڏانهن، گانڌي جيل ۾ هو. فيبروري 1944ع ۾ سندس گهرواري به لاڏاٽو ڪري وئي. ڪجهه اُنهيءَ صدمي ۽ ڪجهه وري عمرجي وڏي وڃڻ سببان، گانڌي هاڻ ڪمزور ۽ بيمار ڏسڻ ۾ آيو ٿي، جنهن ڪري وري ائين سمجهيو ٿي ويو ته، متان گانڌي جيل ۾ ئي فوت ٿي نه وڃي. (ياد رهي ته آغا خان جي محل کي گانڌي لاءِ سب جيل قرار ڏئي، اُتي کيس نظربند ڪيو ويو هو) اُنهيءَ امڪاني صورتحال، وڏيءَ حد تائين انگريز حاڪمن کي پڻ پريشاني جي ورڇاڙهي ڇڏيو هو. اهو ئي سبب هو جو لارڊ ويول هاڻ گانڌيءَ سان ڳالهائڻ پئي چاهيو.[65] ائين، وائسراءِ لارڊ ويول غيرمشروط طور گانڌيءَ کي آزاد ڪرڻ جي تجويز مئي مهيني ۾ ئي انگلينڊ ڏانهن موڪلي ڇڏي[66] سيڪريٽري آف اسٽيٽ فار انڊيا جي عهدي تي، لنڊن ۾ ويٺل ليو ايمريءَ جي مهرباني سان اُها تجويز جلد وزيراعظم چرچل به منظور ڪري ورتي،[67] جنهن ڪانپوءِ مئي مهيني ۾ گانڌيءَ کي آغا خان جي محل مان آزاد ڪيو ويو.[68] گانڌي جيل مان، ڇُٽندي ئي صحتياب ٿي، "وڏي جوش ۽ جذبي سان ٽمٽار ۽ اڪيچار ماڻهن سان ملاقاتون ڪري ورتيون."[69] ان وچ ۾، جئين ته ڪانگريسي اڳواڻ راج گوپال اچاريا هندو-مسلم مسئلي جي حل واسطي، هڪ فارمولو متعارف ڪرائي چڪو هو[70] جنهن جي قبوليت لاءِ هُن (راج گوپال اچاريا) گانڌيءَ سان جيل ۾ ملاقات

به ڪري ورتي هئي. اُن ڪري، گانڌيءَ آزاد ٿيڻ کانپوءِ ترت جناح سان ڳالهه ٻولهه ڪرڻ واري خواهش جو اظهار ڪيو.[71] ان حوالي سان هن 14 جولاءِ تي جناح ڏانهن گجراتي ٻوليءَ ۾ هڪ خط به لکيو[72] جنهن ۾ لکيائين:

"Brother Jinnah, There was a day when I could induce you th speak in the mother longue. Today I take courage to write to you in the same language.I had invited you to meet me while I was in jail. I have not written to you since my release. But today my heart says that I should write to you. We will meet whenever you choose. Don't regard me as the enemy of Islam or of the Muslims of this country. I am the friend and servant of not only yourself but of the whole world. Do not disappoint me."[73]

"ڀاءُ جناح، ڪو وقت هو جڏهن مُون اوهان کي مادري ٻوليءَ ۾ ڳالهائڻ لاءِ چيو هو ۽ هاڻ وري هيءُ خط به مان اوهان ڏانهن انهيءَ ٻوليءَ ۾ ئي لکڻ جي جرئت ڪري رهيو آهيان. مان جڏهن جيل ۾ هوس، تڏهن اوهان سان ملاقات ڪرڻ لاءِ چيو ويو هو. آزاد ٿيڻ کان وٺي مون اوهان کي ڪو خط ناهي لکيو. پر اڄ منهنجي دل چوي ٿي ته، مان اوهان کي خط لکان. جڏهن به اوهان چاهيون ته، ملاقات ڪري سگهون ٿا. مون کي اسلام يا هن ملڪ جي مسلمانن جو دشمن نه سمجهو. مان نه صرف اوهان جو پر سڄيءَ دنيا جو دوست ۽ خدمتگار آهيان. مون کي مايوس نه ڪندا."

جناح، تن ڏينهن ڪشمير ۾ ترسيل هو[74] طبعيت به گهٽي پاڳي ٺيڪ نه ٿي رهيس. بهرحال، ڪشمير کان گانڌيءَ ڏانهن جواب طور خط لکي موڪليائين، جنهن ۾ لکيائين:

"Mr. Gandhi that he would be glad to receive you at my house in Bomby on my return, which will be probably be about the middle of August."[75]

"مسٽر گانڌي، مان واپسيءَ تي اوهان کي پنهنجي بمبئي واري گهر ۾ ڏسي خوشي محسوس ڪندس. منهنجي واپسي گهڻو ڪري آگسٽ مهيني جي وچ ۾ ٿيندي"

بهرحال، ائين هاڻ هندستان ۾ سياسي سرچاءُ وارو ماحول تيار ٿي رهيو هو. جڏهن ته، عالمي سطح تي صورتحال اُها هئي، جو (ٻي عالمي) جنگ ۾ طاقت جو توازن پڻ تيزيءَ سان تبديل ٿيندو ٿي ويو. هاڻ اتحادي

قوتون، جپان ۾ نازي جرمنيءَ تي ياري پئجي رهيون هيون، ۽ وڏي حد تائين ائين ٿي سمجهيو ويو ته اتحادي طاقتن کي جنگ ۾ ڪاميابي ملندي، ۽ ائين سمجهڻ صحيح به هو. چاڪاڻ ته 1944ع واري سال ۾ جرمنيءَ کي روس هٿان موتمار شڪست ملڻ جا امڪان ٿينڊا ٿي ويا، تان جو اُن کي 1945ع ۾ شڪست ملي به وئي.[76]

جيتوڻيڪ جناح آگسٽ مهيني ۾ ڪشمير کان واپس موٽي آيو هو پر، بهرحال، گانڌيءَ ۽ جناح ۾ تڪڙي ملاقات نه ٿي سگهي،[77] جنهن جو وڏو سبب اُهو هو جو جناح جي طبعيت خراب هئي، ۽ هو سخت بيمار هو.[78] "هن کي ڦڦڙن جو عارضو لاحق ٿي ويو هو. جنهن لاءِ هن ڊاڪٽرن کان علاج ٿي ڪرايو. اُنهن ڊاڪٽرن مان هڪ ڊاڪٽر تن ڏينهن، گانڌي جو پڻ علاج ڪري رهيو هو. انهيءَ ڊاڪٽر جو چوڻ هو ته، جناح پنهنجي ڊاڪٽر سان، چگيءَ طرح سان پيش اچي ٿو."[79]

هيڪٽربوليٿو موجب، اُهو ڊاڪٽر پنهنجي انهن ٻنهي مشهور شخصيتن / مريضن جي مزاج ۽ طبعيت جو تجزيو ڪندي ٻڌائي ٿو:

"جناح، بطور سياستدان، ماڻهن کان پري رهندو هو. گانڌي پنهنجي پوئلڳن آڏو اڌ اگهاڙو ويندل هوندو هو پر جناح جڏهن پنهنجن ماڻهن جي اڳيان ايندو هو ته هُو مڪمل طور لباس ۾ ملبوس هوندو هو. ظاهري طور طريقن جو اهو فرق وڏو اهم فرق هو. گانڌي طاقت حاصل ڪرڻ جو هڪ ذريعو هو، جڏهن ته جناح خود طاقت هو. سياسي معاملن ۾ جناح جو رويو بلڪل غيرجذباتي ۽ منطقي هو. جيتوڻيڪ هُن جو فڪري دائرو محدود هو پراُن جي باوجود هن ۾ بي پناهه ۽ اٽاهه ذهني طاقت ۽ سگهه لِڪل هئي. دراصل گانڌيءَ جناح ۾ اهو ئي بنيادي فرق هو."[80]

هيڪٽر بوليٿوموجب:

"اُنهيءَ ڊاڪٽر جو خيال هو ته جناح فطرتي طور تي هڪ رحم دل ماڻهو هو پر زندگي جي ڪجهه واقعن ۽ حادثن هن جي دل کي سخت بڻائي ڇڏيو هو. وڪالت جي شروعاتي دور ۾ هن کي اڪيچار سال گمنامي ۽ غربت ۾ گذارڻا پيا ۽ اڳتي هلي هن جي گهريلو زندگي پڻ بريءَ طرح سان ناڪام ٿي. انهن حادثن جو اهو اثر نڪتو جو هُن پنهنجي فطري رحم دلي کي دٻائڻ جي ڪوشش ڪئي، ۽ بين ماڻهن سان گهرا ٿيڻ گهاٽا واسطا رکڻ کان پاڻ کي روڪي ورتائين."[81]

بوليٽو موجب، اُنهيءَ ڊاڪٽر گانڌيءَ ۽ جناح جي صفائي پسندي واري عادت جو تجزيو ڪندي ٻڌايو:

"گانڌي چوندو هو ته تقويٰ ڪانپوءِ صفائي سيڪ ڪان وڌي صفت آهي. ايڏا به ائين چوڻ ڪيي ته، صفائي خود تقويٰ آهي. هُو پاڻ تمام گهڻو صفائي پسند هو پر غريبن لاءِ هو اڪثر اُهو ڪم وڌيءَ خوشي سان ڪندو هو جنهن ۾ هُن جا هٿ خراب ٿي ويندا هئا. جناح جو رويو اُنهيءَ معاملي ۾ بلڪل مختلف هو. هن جي صفائيءَ پسنديءَ واري عادت وڌي حد تائين چريائپ تائين پهتل هئي. هُو هر هر پنهنجا هٿ ڏوئيندو هو ۽ ڪپڙا وري ڏينهن ۾ ڪيترائي ڀيرا متائي وٺندو هو. گانڌي جي ابتڙ، هُو ٻين ماڻهن جي ويجهي ٽيڙ ڪان لهرائيندو هو. ائين ياسجندو هو ته هُن ٻين کان بنهه الڳ ٿلڳ ۽ بي داغ رهڻ ٿي چاهيو."[82]

بهرحال، اهڙيءَ ئي صورتحال ۾ جناح ۽ گانڌيءَ جي ملاقاتن به شروعات ٿي. ٻنهي اڳواڻن ۾ پهرين ملاقات 9 سيپٽمبر 1944ع تي جناح جي بمبئيءَ واري گهر ۾ ٿي.[83] ملاقاتن جو اُهو سلسلو 27 سيپٽمبر تائين هلندو رهيو. "ملاقات دوران گانڌي، راج گوپال اچاريا جي فارمولي کي ئي ڳالهه ٻولهه جو بنياد قرار ڏنو ۽ بعد ۾ پنهنجي طرفان به ڪجهه تجويزون ڏنائين. جيڪي ٻين لفظن ۾ دراصل، راج گوپال اچاريا واري فارمولي مثل هيون. جناح کا به اهڙي ڳالهه قبول ڪرڻ لاءِ تيار نه هو جنهن سان مسلم ليگ جي 1940ع واري قرارداد متاثر ٿي ٿي."[84] بهرحال، ملاقات ۾ اهو طئي ٿيو ته، هڪ طرف وڌيڪ ملاقاتون به جاري رهنديون، ته وري ٻي طرف هڪ ٻئي ڏانهن خط پَٽَن وارو سلسلو به جاري رهندو.[85]

جيتوڻيڪ گانڌي-جناح جون اُهي ملاقاتون لڳ ڀلڳ ارڙهن ڏينهن تائين لڳاتار جاري رهيون، پر، هيڪٽربوليٽو چواڻي، پهرين ملاقات ۾ ئي"انهن ٻنهي اڳواڻن کي اُها پڪ ٿي وئي هئي ته ٻنهي کي هڪٻئي تي ڪو ڀروسو نه ناهي."[86]

بهرحال، پهرينءَ ملاقات واري هفتي ڪانپوءِ، گانڌي 15 سيپٽمبر تي، جناح ڏانهن خط لکيو.[87] جنهن ۾ جناح کي هڪ قومي نظريي (One Nation theory) تي زبردست ليڪچر ڏنائين، ۽ لکيائين ته "هندستان جا مسلمان هندن جي اولاد آهن، جن جي وڏڙن هندو مذهب کي ڇڏي اسلام قبول ڪيو هو. ان ڪري اُنهن کي هندو قوم کان ڌار نه ٿو ڪري سگهجي."[88] موٽ ۾

وري جناح، گانڌيءَ کي خط لکي، ٻن قومن (Two Nation Theory) جي ڳالهه ڪئي، ۽ چيائين ته هندستان جا ڏهه ڪروڙ مسلمان اقليت نه، پر قوم آهن، جن جي تاريخ، ڪلچر، رسم رواج ۽ رهڻ ڪهڻي هندن کان مختلف ۽ ڌار آهي، جيستائين اُن حقيقت ۽ ڳالهه کي تسليم نه ٿو ڪيو ويي، تيستائين هندو-مسلم مسئلي جو حل نڪرڻ ممڪن ناهي.[89] 24 سيپٽمبر جي شام جو روبرو ملاقات ڪانپوءِ، گانڌي گهر اچي، وري جناح ڏانهن خط لکيو.[90] خط ۾ لکيائين ته "جيڪڏهن مسلم ليگ گانڌيءَ جي تجويز ڪيل شرطن کي قبول ڪري ته پوءِ هُو ڪانگريس کي صلاح ڏيندو ته، اُها هندستان جي ورهاڱي واري مطالبي کي قبول ڪري، مان، دراصل، اُهو ته قبول نه ٿو ڪريان ته، هندستان ۾ به يا ٻن کان وڌيڪ کي قومون رهن ٿيون، پر اُها ڳالهه قبول ڪرڻ لاءِ تيار آهيان ته هندستاني قوم هڪ اهڙي خاندان وانگر آهي، جيڪو گهڻن گهرياتين تي مشتمل آهي، اُنهن مان اُهي مسلمان جيڪي ملڪ جي اُتر اُولهه ۽ اُوپر وارن علائقن ۾ رهن ٿا، اُهي چاهن ٿا ته اُهي باقي هندستان کان ڌار ٿي رهن. اُهي علائقا بلوچستان، سنڌ، سرحد، پنجاب، بنگال ۽ آسام جي انهن حصن تي مشتمل آهن، جتي مسلمانن ٻين مڙني فرقن کان وڌيڪ اڪثريت رکن ٿا."[91]

جناح، گانڌيءَ جي اُنهيءَ شرط جو جواب ڏيندي لکيوته "جيڪڏهن اوهان جي اُها ڳالهه قبول ڪئي ويي ته پوءِ اُنهن صوبن جون موجوده سرحدون بنهه مسخ ٿي ويندیون، ۽ اُهي صوبا بلڪل بيڪار حالت ۾ مسلمانن جي هٿن ۾ اچي ويندا."[92]

هيڪٽر بوليٿو موجب، گانڌيءَ ٻيو شرط بيان ڪندي خط لکيوته "انهن علائقن جي نشاندهي هڪ ڪميشن جي ذريعي ڪئي ويندي، ۽ اُها ڪميشن ڪانگريس ۽ مسلم ليگ جي گڏيل مرضيءَ مطابق جوڙي ويندي، بعد ۾ اُنهن علائقن جي رهواسي کان راءِ ورتي ويندي، ته اُهي هندستان کان ڌار ٿيڻ چاهين ٿا يا نه. اُهو سڀ ڪجهه رفربدم ذريعي ڪرايو ويندو."[93] هيڪٽربوليٿو ٻڌائي ٿو ته "جناح، گانڌيءَ جي اُنهيءَ شرط تي اعتراض اٿاريندي لکيو ته صوبائي سرحدن کي مسخ ڪرڻ ڪانپوءِ، جيڪي علائقا مسلمانن لاءِ رهجي ويندا. اُنهن ۾ به حق خودارادیت صرف مسلمانن کي نه، پر انهن صوبن جي مڙني رهواسين کي ملڻ گهرجي، ۽ اُهي سيئي گڏجي ئي پنهنجي سياسي مستقبل جو فيصلو ڪندا."[94]

گانڌيءَ جو ٽيون شرط اُهو هو تہ "جيڪڏهن اُنهن علائقن جا رهواسي ڌار ٽيڙ جي حق ۾ فيصلو ڏيندا تہ پوءِ (ڪانگريس ۽ ليگ ۾) اُهو معاهدو ٽيندو تہ اُتي هڪ آزاد مملڪت قائم ڪئي ويجي، پر اُنهيءَ معاهدي تي عمل اُن وقت ٽيندو جڏهن انگريز هندستان مان هليا ويندا."[95] گانڌيءَ جي انهيءَ شرط بابت بوليٽو ٻڌائي ٿو تہ "جناح، گانڌيءَ جو اُهو شرط قبول ڪرڻ لاءِ تيار نہ هو. هُن جي تجويز اُها هئي تہ ڪانگريس ۽ مسلم ليگ جي وچ ۾ ترت هڪ ناهہ ٽيڙ گهرجي، ۽ پوءِ ٻئي پارٽيون گڏجي هندستان ۽ پاڪستان جي نالي تي، ملڪ جي ٻين مڙني قومن جي آزادي لاءِ ڪوششون تيز ڪريو ڇڏين."[96] هيڪٽر بوليٽو ٻڌائي ٿو:

"گانڌيءَ جو چوٽون ۽ آخري شرط سڀ کان وڌيڪ سخت هو. مسلمانن جي ڌار ٽيڙ وارو مطالبو تہ هُن ظاهري طرح قبول ڪري ورتو هو پر اُن آخري شرط مان اها ڳالهہ واضع ٿي وئي تہ انگريزن جي راج جي ختم ٽيڙ کانپوءِ به پاڪستان مڪمل آزاديءَ جو حقدار نہ ٻڌجندو پر وڏيءَ حد تائين اُهو مغلوب هندستاني وفاقي حڪومت جو پابند هوندو. ان حوالي سان گانڌيءَ جي تجويز اُها هئي تہ ملڪ جي ورهاست کان اڳ ڌار ٽيڙ بابت هڪ معاهدو ٽيڙ گهرجي، جنهن ۾ اُن ڳالهہ جو بندوبست ڪيو ويجي تہ جن رياستي معاملن ۾ ٻنهي مملڪتن جا مفاد گنڊيل هجن، انهن جو انتظام مناسب ۽ معقول انداز ۾ وفاق جي وٽ هجڻ گهرجي، انهن معاملن ۾ دفاع، پرڏيهي معاملا، مواصلات، وٽج واپار ۽ ان قسم جا ٻيا اسر شامل آهن."[97]

هيڪٽر بوليٽو موجب:

"جناح اُنهيءَ شرط جو جواب ڏيندي چيو تہ مان پهريان به اوهان جي اڳيان اُها ڳالهہ واضع ڪري چڪو آهيان تہ لاهور قرارداد مطابق اُنهن سمورن معاملن جو اختيار ڪنهن به مرڪزي حڪومت جي حوالي نہ ٿو ڪري سگهجي. ڇاڪاڻ تہ اُهي اختيار ئي تہ آزادي ۽ خودمختياري جا ضامن آهن. باقي جيستائين ٻنهي مملڪتن جي دفاع ۽ تحفظ جي ڳالهہ آهي تہ اُهو معاملو به آزاد هندستان ۽ آزاد پاڪستان جي آئين ساز اسيمبلين ۽ ادارن جو ئي معاملو آهي. پاڙيسري ملڪن جي حيثيت سان ٻنهي ملڪن تي ڪي گڏيل ذميواريون به عائد ٽين ٿيون، جن جو تعين به اهي آئين ساز اسيمبليون ئي ڪنديون."[98]

بهرحال، جناح ۽ گانڌيءَ جي وچ ۾ ٽيل ملاقاتن ۽ اُن دوران ٽيل خط ڪتابت ۽ اُن ۾ ڪنهن به هڪ نقطي تي اتفاق نہ ٽيڙ ڪري "ناهہ جو ڪو

امڪان نہ رهيو ۽ ڳالهه هولهه واري عمل جي ناڪامي جو اعلان ڪيو ويو."[99]

اصل ۾ ڏنو وڃي تہ اُن سڃي ڳالهه هولهه ۽ گانڌي ـ جناح ملاقاتن توڙي خط ڪتابت ۾ تڏهن ئي بداعتمادي، وارو ماحول پيدا ٿي ٿيو جڏهن گانڌيءَ پاڪستان جي مطالبي کي مڃڻ جي باوجود، اُن تي عمل ڪرڻ واري ڳالهه کي انگريزن جي وڃڻ کانپوءِ واري صورتحال سان مشروط ڪرڻ ٿي گهريو. ٻين لفظن ۾ ائين چئجي تہ گانڌيءَ جو سڌو سنئون موقف اُهو هو تہ، اڳ ۾ انگريزن کان آزادي حاصل ڪجي، ۽ بعد ۾ وري هندو-مسلم مسئلي جو حل ڪڍجي، ۽ اُن مسئلي جي حل طور جيڪڏهن پاڪستان ناهڻ ضروري هجي، تہ پوءِ پاڪستان ناهيو وڃي، پراُهو سڀ ڪجهه انگريزن جي وڃڻ کانپوءِ ئي ڪيو وڃي.

جڏهن تہ، جناح جو موقف ۽ شرط اُهو هو تہ ڪانگريس، انگريزن جي موجودگيءَ ۾ ئي، اڳواڻ پاڪستان واري شرط ۽ اصول کي قبول ڪري، ان کانپوءِ ئي گڏجي هندستان جي آزاديءَ لاءِ جدوجهد کي تيز ڪرڻ کپي. "جناح جو اُهو شرط ان ڪري هو جو دراصل هُن کي ڪانگريس تي پروسو نہ هو تہ ڪا اُها آزادي کانپوءِ انگريزن کي ٻاهر ڪڍي، اقتدار پنهنجي هٿن ۾ ڪري، پاڪستان واري ڳالهه کي قبول ڪندي."[100]

اصل ۾، جناح ۽ ٻي سموري مسلم ليڊرشپ کي اهو ئي خوف هو تہ جيڪڏهن ڪانگريس، پاڪستان واري شرط کي انگريزن جي موجودگي ۾ اڳواڻ قبول ڪندي، مسلمانن سان برابريءَ جي بنياد تي ڪو منصفاڻو ناهہ نہ ڪيو تہ سياڻي اُن ڳالهه جي ڪهڙي ضمانت آهي تہ اُها انگريزن جي وڃڻ کانپوءِ گڏيل هندستان ۾ حقيقي وفاقي جمهوري حڪومت قائم ڪرڻ بدران هندو بالادستي تي ٻڌل پنهنجو من پسند طاقت جي مرڪزيت وارو وحداني حڪومتي نظام مڙهي، مسلمانن ۽ ٻين اقليتن کي غلامي نہ ٻڌائيندي اهوئي سبب هو جو جناح ۽ آل انڊيا مسلم ليگ جي ليڊرشپ جو اهو زور هو تہ ڪانگريس کان انگريزن جي موجودگي ۾ ئي پاڪستان جو شرط قبول ڪرائي وٺجي، ٻي صورت ۾ گڏيل هندستان ۾ مسلمانن جو وجود ۽ مستقبل سوالیا نشان بڻيل هوندو. دراصل، جناح ۽ مسلمانن جو اُهو هڪڙو جائز خوف هو.

خود گانڌيءَ جي ڏُوهتي راج موهن ڳانڌيءَ، جناح جي اُنهيءَ خوف کي جستيفاءِ ڪندي لکيو آهي:

"پاڪستان ٺهڻ ۾ هندستان جي ورهاڱي جي وقت جي تعين جي باري ۾ جناح جا دليل غيرمعقول هرگز نه هئا. هُن کي ڊپ هو ته انگريز جي ويجهڙ کانپوءِ هندستان تي ڪانگريس جي حڪومت قائم ٿيڻ کانپوءِ ڪانگريس پاڪستان ٺاهڻ ۾ هندستان جي ورهاڱي جي واعدي کان ڦري نه وڃي. اُن ڪري هُن برطانوي حڪومت ۽ انگريزن کان اُهو مطالبو ڪيو ته اُهي پهريان هندستان جو ورهاڱو ڪري، پاڪستان ٺاهي ڏين، ۽ بعد ۾ هتان پنهنجا ٽپڙ گول ڪري هليا وڃن."[101]

بهرحال، ائين ئي گانڌي-جناح جي ڳالهه ٻولهه مان ڪو به لاڀ نڪري نه سگهيو ۽ اُها ناڪامِ ثابت ٿي، جنهن جو 27 سيپٽمبر 1944ع تي، باضابطه اعلان به ڪيو ويو.[102] ڳالهه جي ٻولهه جي ناڪاميءَ کانپوءِ، ترت ئي جناح اخبارن وارن ڏانهن هڪ بيان جاري ڪري چڏيو جنهن ۾ چيائين:

"I regret to say that I have failed in my task of converting Mr. Gandhi.....Nevertheless, we hope that the public will not feel embittered, and we trust that this is not final end of our efforts."[103]

"مون کي ائين چوندي انتهائي افسوس ٿئي ٿو ته مان گانڌيءَ جي نقطه نظر کي تبديل ڪرڻ ۾ ناڪام ويو آهيان.....اُن جي باوجود، مون کي اُميد آهي ته عوام کا به مايوسي محسوس نه ڪندو. مون کي اُها به پڪ آهي ته اُهو اسان جي ڪوشش جو خاتمو ناهي."

وولپرٽ موجب، گانڌيءَ به وارڌا ۾ صحافين کي خطاب ڪندي اُها ڳالهه ڪئي:

"The Breakdown is only so_called. It is an adjournment *sine die*. Each of us must know talk to the public and put our viewpoint before them...My experience of the previous three weeks confirm me in the view that the presence of a third power hinders the solution. A mind enslaved can not act as if it was free....The chief thing is for the press and the public to avoid partisanship and bitterness."[104]

"اهو وقفو وقتي آهي، ۽ اڻ ڄاڻايل مدي جو هڪ وقفو آهي. اسان ٻنهي اڳواڻن کي هاڻ عوام وٽ ويڄڻ گهرجي، ۽ پنهنجو نقطه نظر اُن جي اڳيان رکڻ گهرجي.....منهنجي، گذريل قيمتي ٽن هفتن جو تجربو اُن ڳالهه جي تصديق ٿو ڪري ته، ٽين قوت جي موجودگيءَ ۾ مسئلي جو حل نڪري نه ٿو سگهي. هڪ غلام ذهن ائين عمل نه ٿو ڪري سگهي، جئين هڪ آزاد ذهن ڪندو

هجي.....عوام ۾ ميڊيا لاءِ بنيادي ڳالهه اُها آهي ته اُهي تلخيءَ ۾ ڪوڙاڻ کان پاسو ڪن."

هيڪٽربوليٿو ٻڌائي ٿو ته، اُنهن ملاقاتن جي تيرهن ڏينهن ڪانپوءِ ڪانجي دوارڪاداس پنهنجي ڊائري ۾ لکيو ته، "اڄ هڪ ڪلاڪ تائين منهنجي جناح سان ڳالهه ٻولهه ٿي. هو بيمار، ڪمزور ۽ دل شڪستو ڏسڻ ۾ ٿي آيو. مان هُن کان صرف ٻه فوٽ پري ويٺو هيس. اُن جي باوجود، هُن جو آواز ايترو ته جهيڻو هو جو مان مشڪل سان ڪيس ٻڌي ٿي سگهيس. هُن جو چوڻ هو ته جڏهن گانڌيءَ وٽ ڪنهن منصفاٽي ناهه ڪرڻ جي ڪا تجويز ٿي نه هئي ته پوءِ هُو مون سان ملڻ ڇو آيو؟ اُن تي مون ڪيس چيو ته ڇا اوهان کي اُهو شڪ آهي ته گانڌي اُن ڪري اوهان سان ملڻ آيو ته جئين هُو اوهان کي ڏوهي ثابت ڪري، ماڻهن جي نظرن ۾ گهٽ ڪري، نه ته جناح جواب ڏنو. گانڌيءَ ته مون سان ڪُلي ڳالهايو ۽ اسان جي ڳالهه ٻولهه نهايت دوستاٽي انداز ۾ ٿي." [105]

هيڪٽر بوليٿو وڌيڪ لکي ٿو:

"انهن ٻنهي هڪ ٻئي جي زبردست مخالفن جي ملاقاتن دوران هڪ اهڙو موقعو ۽ وقفو به آيو جو اُهي سياست جي ڳالهين کي وساري، ٿوري وقت لاءِ، ذاتي معاملن ۾ به پئجي ٿي ويا. هڪ ڏينهن اُنهن ٻنهي پنهنجي تلخ سياسي بحث کي ڇڏي، پنهنجي روزمره جي زندگيءَ جي باري ۾ ڳالهائڻ شروع ڪيو. ٻئي ٽڪي پيا هئا، ۽ سندن حالت انهن مُکي بازن جهڙي لڳي رهي هئي، جيڪي پنهنجو سڄو زور مقابلي ۾ وڃائي ويهندا آهن، ۽ آخري موڪلاٽي وقت ملڻ ۾ وڏو سڪون محسوس ڪندا آهن. ملاقات ۾ جناح پنهنجي ذاتي تڪليف جو ذڪر ڪندي گانڌي کي ٻڌايو ته هُن جي پيرن ۾ هڪ وڏو ڦُڙ ٿي پيو آهي. اُهو ٻڌندي مهاتما هيٺ ويهي رهيو ۽ جناح جو بوٽ ۽ جوارابا لاهي، سندس پير تپاسڻ لڳو. ٿورو اُن منظر جو تصور ڪريو ته جناح پنهنجو فيشن ايبل مغربي وڳو پهريو ويٺو آهي ۽ گانڌي ڏوتي پايو، چادر ويڙهيو هُن جي سامهون زمين تي ويٺي، هن جي پيرن جي چڪاس ڪري رهيو آهي. اُهو تصور ڪل ڏيارائيندڙ ٻه لڳي ٿو ته عجيب ٻه. بهرحال، گانڌيءَ ڪجهه ڪنن تائين جناح جي ڏُکندڙ پير کي پنهنجي هٿن ۾ کٽي ڏسندو رهيو ۽ پوءِ چيائين ته مان اوهان جي تڪليف کي سمجهي ويو آهيان ته اُن جو علاج ڪهڙو آهي. سياٽي مان اوهان کي دوا سوڪلي ڏيندس. هي ڏينهن هڪ ننڍڙ ڊبي ۾ مٽيءَ جو هڪ مرڪب جناح جي گهر پهچي ويو. جيتوٽيڪ جناح ته اُن کي استعمال نه ڪيو، پر هي ملاقات ۾ گانڌي وٽس آيو ته هُن سندس ٿورو

مجيو ۽ کيس ٻڌايو تہ هُو اڳ ۾ هڪ ٻي دوا کائو چڪو آهي، جنهن ڪري سندس پيرن واري تڪليف ختم ٿي وئي آهي."[106]

جيتوڻيڪ گانڌي-جناح ڳالهہ ٻولهہ واري انهيءَ سڄي دور ۾ جناح اڪثر بيمار ٿي رهيو پر اُنهيءَ حالت ۾ ب، جناح سياسي حوالي سان تمام گهڻو سرگرم ۽ متحرڪ ٿي رهيو. ڊسمبر 1944ع ۾ سنڌ ڏانهن ويڙهو پيس،[107] جتي سنڌ مسلم ليگ جي صوبائي اڳواڻن، جي ايم سيد ۽ وڏي وزير غلام حسين هدايت الله جي وچ ۾ اختلاف چوٽ چڙهي چڪا هئا، جنهن ڪري وڏيءَ حد تائين ائين ٿي سمجهيو تہ جيڪڏهن اُنهن اختلافن جو نبيرو نہ ٿيو تہ سنڌ صوبي ۾ مسلم ليگ جي وڏ وزارت جو ئي ڏينگو ڊير ٿي ويندو.[108] اُهي اختلاف ڇا هئا؟ وولپرٽ چواٽي، "اُهي نظرياتي اختلافن کان وڌيڪ ذاتي سگهہ حاصل ڪرڻ وارا اختلاف هئا."[109] جن جي نبيري لاءِ جناح اُن ڳالهہ کي ضروري ٿي سمجهيو تہ هو پاڻ وڃي، اُتي جي اڳواڻن سان ملي، سڄيءَ صورتحال کان واقف ٿئي.

ائين، 27 ڊسمبر تي جناح سنڌ پهچي ب ويو. جيتوڻيڪ جناح جي ايم سيد ۽ غلام حسين هدايت الله سان ملي، ٻنهي اڳواڻن ۾ سرچاءَ ڪرائي چڏيو، پر سنڌ مسلم ليگ جي اڳواڻن جا اُهي اختلاف ختم نہ ٿي سگهيا. تان جو بعد ۾ جي ايم سنڌ کي پارٽي اصولن جي پيڪڙي جي الزام هيٺ پارٽي مان خارج ڪيو ويو.[110] بهرحال، جناح سنڌ مسلم ليگ جي اڳواڻن جي اختلافن جو نبيرو ڪرائي، وري جنوري 1945ع ڌاري بمبئي موٽي آيو.[111] مختلف سياسي دورن ۽ تڪرارن کي حل ڪرڻ کانپوءِ جناح نہ رڳو ڪافي ٿڪي پيو هو پر ڪافي پڻ بيمار ڏسڻ ۾ ٿي آيو. هوڏانهن، گانڌيءَ جي طبعيت ب ڪا سُٺي نہ هئي. گانڌي پڻ 1945ع وري سال ۾ بيماري ۽ ناچاڪيءَ جي نذر رهيو.[112]

اهڙيءَ ئي صورتحال ۾ وولپرٽ چواٽي، "جڏهن ٻئي اڳواڻ (جناح ۽ گانڌي) ڪجهہ بيمار ۽ ڪجهہ طبعيت جي ناچاڪيءَ سببان وقتي طور سياسي منظرنامي تان هٽي ويا، تڏهن نوجوان سياسي اڳواڻ اڳتي وڌي آيا."[113] جنهن جي نتيجي ۾ وري هندو-مسلم مسئلي جي نبيري ۽ هڪ ناهہ ڪرائڻ واسطي لياقت-ڊيسائي وارو معاهدو عمل هيٺ آيو[114] جنهن کي باضابطہ طور تي 20 جنوري 1945ع تي ظاهر ڪيو ويو.[115]

لياقت-ڊيسائي معاهدي مطابق هندو-مسلم مسئلي جو اهو حل

ڪيو ويو ته هندستان جي مرڪزي عبوري حڪومت ۾ ڪانگريس ۽ مسلم ليگ جا هڪجيترا نمائندا هوندا. جڏهن ته "وائسراءِ ۽ ڪمانڊر انچيف جو عهدي بدستور برطانيا وٽ رهندو."[116] جيتوڻيڪ معاهدو جو ڊرافٽ ڪڍي ڏيسائي ترت ئي وائسراءِ سان وڃي ملاقات ڪئي، ۽ ڪيس اهو ٻڌايو ته اُن معاهدو کي گانڌي ۽ جناح ٻنهي قبول ڪري ورتو آهي،[117] پر جڏهن وائسراءِ لارڊ ويول بمبئيءَ واري گورنر جي معرفت جناح سان رابطو ڪري، ڪيس ائين چورائي موڪليو ته جيڪڏهن اوهان لياقت-ڏيسائي معاهدي کي عملي روپ ڏيارڻ لاءِ تيار آهيون ته پوءِ اوهان دهليءَ ۾ مون سان ملي سگهون ٿا. ته جئين اڳتي واري پيش رفت کي ممڪن بڻائي سگهجي.[118] چون ٿا ته جناح اهڙي پيغام ملڻ کانپوءِ نه رڳو اُنهيءَ معاهدي کان لاتعلقي ۽ بي خبري ظاهر ڪئي، پر مورڳو اُن کي رد به ڪري ڇڏيائين، جنهن ڪري انهيءَ معاهدي جي حوالي سان ڪا به پيش رفت نه ٿي سگهي. هوڏانهن، جئين ته معاهدي ۾ هندستان جي عبوري مرڪزي حڪومت ۾ مسلم ليگ کي برابريءَ جي بنياد تي حصيداري ڏيڻ جو واعدو ٿيل هو. اُن ڪري ڪانگريس ۽ گانڌيءَ به انهيءَ معاهدي جي قبوليت جي حوالي سان ڪا گهٽي سرگرمي نه ڏيکاري.

ڏنو وڃي ته لياقت-ڏيسائي معاهدو پنهنجي جاءِ تي هڪ ڇڪو معاهدو هو جنهن ۾ وقتي طور تي هڪ عبوري حڪومت ۽ اُن جي اختيارن ۾ برابريءَ جي بنياد تي رياستي اختيارن ۾ مسلمانن کي حصيداري ڏيڻ جو واعدو ڪيو ويو هو. (البت ڏڪهي مدي ۾ اختيارن جي ڪهڙي نوعيت هوندي؟ ان بابت پڪ سان ڪا به ڳالهه ٻڌايل نه هئي) ۽ اُنهيءَ معاهدي کي بنياد بڻائي، هندو-مسلم مسئلي جي نبيري واسطي گهربل پيش رفت ڪري سگهجي پئي. سوال آهي ته جناح اُن معاهدي تي مثبت رويي جو اظهار ڇو نه ڪيو؟ ۽ ڇو اُن کي رد ڪيو؟ سنهنجي خيال ۾، ان سبب اُهو هو ته جئين ته اُهو سڄو معاهدو جناح کي بي خبر رکي ڪري ڪيو ويو. ان ڪري، جناح اصولي طور تي اُنهي معاهدي کي نه رڳو پارٽي اختيارن کي اورانگهي غيرآئيني طرح سان (صرف لياقت جي مرضي مطابق) ڪيل معاهدي طور ڏنو پر بنيادي طرح سان اُن معاهدي کي، پاڻ سان ٿيل جعلسازيءَ ۽ دوکي سان به پيٽ ڏني ٿي، ۽ اهو ئي سبب هو جناح انهيءَ معاهدي کي ڪا اهميت نه ٿي ڏني، ۽ ان کي رد ڪري ٿي ڇڏيائين. ٻيو ته

جناح پاران انهيءَ معاهدي کي رد ڪرڻ جو سبب اُهو به ٿي پئي سگهيو جو اُنهيءَ معاهدي مطابق، صرف عبوري حڪومت ۾ ئي برابريءَ جي بنياد تي نمائندگي ڏيڻ جو واعدو ڪيل هو باقي اڳتي هلي ڇا ٿيندو؟ عبوري حڪومت ڪانپوءِ واري حڪومت، خاص طور انگريزن جي وڃڻ ڪانپوءِ جيڪا حڪومت قائم ٿيندي، اُن ۾ رياستي اختيارن جي ورهاست جو بنياد ڇا هوندو؟ اُن بابت جئين ته معاهدي ۾ ڪا به پڪ ڏنل نه هئي. ان ڪري به، مان پاڻيان ٿو ته، جناح کي اُهو معاهدو رد ڪرڻو پيو. ۽ اُهو ئي سبب هو جو بعد ۾ اُنهيءَ معاهدي جي حوالي سان ٻي ڪا به پيش رفت نه ٿي سگهي. هاڻ، وائسراءِ ڪنهن نئين فارمولي جوڙڻ جي چڪر ۾ هو جنهن سببان ڪنهن نئين فارمولي کي ترتيب ڏيڻ ۽ ان جي منظوري لاءِ مارچ مهيني ۾ انگلينڊ اسهٽو پيس،[119] جتي هو جون مهيني تائين ترسيل رهيو.

مئي 1945ع تائين، ٻي عالمي جنگ جون تباهڪاريون گهٽ ٿيندیون ٿي ويون، خاص طور سوويت يونين هٿان جرمنيءَ کي مليل موتمار سيڪٽ ڪانپوءِ جرمنيءَ شڪست قبول ڪري ورتي هئي، جيتوڻيڪ جپان ايڄا به ميدان ۾ سينو سهايون بيٺل هو، پر "ياسجي ائين رهيو هو ته اُهو به جلد ئي هٿيار ڦٽا ڪري، پنهنجي شڪست قبول ڪري ونڊندو."[120]

بهرحال، وائسراءِ لارڊ ويول پنهنجي حاڪمن سان ڳالهيون ڪري، 7 جون 1945ع تي، هڪ نئون منصوبو ڪڍي، انگلينڊ کان واپس هندستان موٽي آيو[121] 14 جون تي ريڊيو تي تقرير ڪيائين، جنهن ۾ پنهنجي منصوبي جاتفصيل ٻڌائيندي چيائين:[122]

"هندستان ۾ هڪ عبوري حڪومت قائم ڪئي ويندي، جنهن جي سياسي اڳواڻن جي صلاح مشوري سان هڪ نئين ايگزيڪٽو ڪائونسل جوڙي ويندي. وائسراءِ جي اُنهيءَ ايگزيڪٽو ڪائونسل ۾ اعليٰ ذات سان لاڳاپيل هندن ۽ مسلمانن کي برابريءَ جي بنياد تي نمائندگي ڏني ويندي. اُنهن نمائندن جي صوبن ۽ مرڪز ۾ ڪم ڪندڙ چونڊيل ميمبرن مان چونڊ ڪئي ويندي. هندستان جي ٻن وڏين پارٽين جي نمائندن جي حيثيت سان وائسراءِ سان ڳالهه ٻولهه ڪرڻ لاءِ گانڌي ۽ جناح، اڇوتن ۽ سکن جي نمائندگيءَ لاءِ مسٽر سوراج ۽ مسٽر تاراچند کي دعوت ڏني ويندي."[123]

محمد گوهر حسين لکي ٿو:

"وائسراءِ ويول جي انهيءَ تقرير تي مڙني سياسي پارٽين ۽ انهن جي اڳواڻن

طرفان گاڏڙ ساڏڙ رد عمل ظاهر ڪيو ويو. گانڌيءَ اهو چئي وائسراءِ سان ڳالهه ٻولهه ڪرڻ کان معذوري ظاهر ڪري ڇڏي تہ هُو ڪانگريس جو ميمبر ناهي. ان ڪري ڪانگريس طرفان مولانا ابُوالڪلام وائسراءِ سان ڳالهائيندو. دراصل، اُها گانڌيءَ جي هڪ چال هئي، جنهن جو مقصد اُهو ظاهر ڪرڻ هو تہ صرف مسلم ليگ ئي مسلمانن جي اڪيلي نمائنده تنظيم ناهي."[124]

بهرحال، وائسراءِ ويول، پنهنجي منصوبي کي عملي جامو پهرائڻ لاءِ، اُهو اعلان ڪيو تہ 25 جون تي شملا ۾ هندستاني اڳواڻن جي ڪانفرنس ڪوٺائي ويندي.[125] اهڙي اعلان کانپوءِ وائسراءِ ترت ئي مڙني اهم سياسي اڳواڻن ڏانهن ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪرڻ لاءِ دعوت نامہ بہ موڪلي ڇڏيا.[126] ڪانفرنس جي شروع ٿيڻ کان هڪ ڏينهن اڳ، وائسراءِ 24 جون تي سيني اهم سياسي اڳواڻن سان وائسرالاج ۾ ملاقات ڪئي. ملاقات ڪرڻ وارن ۾ گانڌي، جناح ۽ مولانا ابُوالڪلام آزاد وارا شامل هئا. انهيءَ ملاقات جي حوالي سان وائسراءِ لارڊ ويول پنهنجي ڊائري ۾ لکي ٿو:

"گانڌيءَ سان ملاقات ڪرڻ کانپوءِ جناح آيو. جناح، گانڌيءَ جي پيٺ ۾ وڌيڪ سڌو ماڻهو آهي. جناح سان منهنجي ملاقات ڏيڍ ڪلاڪ تائين جاري رهي. اُن دوران هُن اقليتن ۽ وائسراءِ جي ايگزيڪٽو ڪائونسل ۾ مسلم ميمبرن جي نمائندگيءَ جي سوال تي ڳالهه ٻولهه ڪئي، ۽ اُن ڳالهه جي خاطري ٿي گهرائين تہ مسلم ليگ ڪانسواءِ ٻي ڪنهن بہ جماعت کي وائسراءِ جي ايگزيڪٽو ڪائونسل ۾ مسلم ميمبر کي مقرر ڪرڻ جو حق نہ ڏنو وڃي."[127]

بهرحال، شملا ڪانفرنس 25 جون تي ٿيڪ يارنهن وڳي شروع ٿي.[128] هن ڪانفرنس ۾ لڳ ڀڳ هندستان جي ٻاويهن اڳواڻن شرڪت ڪئي. وائسراءِ جي افتتاحي تقرير کانپوءِ، ڪانگريس جي صدر مولانا ابُوالڪلام آزاد تقرير ڪئي. مولانا جو جئين تہ ڪانگريس کي هڪ غيرفرقيواراڻي تنظيم قرار ڏيڻ تي زور هو. اُن ڪري مولانا جي تقرير کانپوءِ جئين ئي جناح کي وارو مليو تہ، هُن ان تي اختلاف ڪيو ۽ احتجاج ڪندي چيائين تہ، ڪانگريس هڪ فرقيواراڻي جماعت آهي مسلمان اُن کي صرف هندن جي ئي پارٽي سمجهن ٿا.[129] وولپرٽ ٻڌائي ٿو:

"Jinnah asked to speak again before that first meeting adjourned, insisting the League would not agree to any constitution except on the fundamental principle of Pakistan. The League might well

calim, he argued, immediate concession of Pakistan as a prior condition thanks to his faith in the Viveroy's sincerity and hi belief that the British Government and people really wished to give a fair deal to British India."[130]

"جناح اجلاس جي ختم ٿيڻ کان اڳ، وري ٻيهر ڳالهائڻ جي اجازت گهري ۽ ان ڳالهه تي زور ڏنائين ته، ليگ پاڪستان جي بنيادي اصول کانسواءِ ڪنهن به آئين تي اتفاق نه ڪندي جناح دليل ڏيندي چيو ته، ليگ ڪنهن به تعاون جي لاءِ اڳواٽ شرط طور پاڪستان جي تڪڙي منظوري جي به دعويٰ ڪري سگهي ٿي، پراُن جي باوجود به، هو ان قسم جي ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ تيار آهي. ان جو سبب وائسراءِ جي "سچائي" تي هن جو اعتماد ۽ اُهو يقين آهي ته، برطانوي حڪومت ۽ عوام حقيقي معنيٰ ۾ برطانوي هندستان کي ان جو جائز حق ڏيڻ چاهي ٿو."

ڪانفرنس جي پهرين اجلاس ۾ ڪنهن به هڪ ڳالهه تي اتفاق نه ٿيڻ ڪري، اُن جو ٻيو اجلاس 29 جون 1945ع تي رکيو ويو.[131] ٻئي اجلاس ۾ وائسراءِ هندستاني اڳواڻن جا اختلاف ۽ تقريرن ٻڌڻ بدران، سڏو پنهنجي مقصد جي ڳالهه ڪريو چڏي، ۽ اُها گهر ڪيائين ته، ايگزيڪٽو ڪائونسل ۾ هندستاني نمائندن جي مقرري لاءِ سيئي پارٽيون پنهنجي پنهنجي طرفان نمائندن جي فهرست ڏين. جيتوڻيڪ وائسراءِ جي انهي گهر کي ڪانگريس ۽ ان جي صدر مولانا ابُوالڪلام ته فوري طور قبول ڪري ورتو پر وولپرٽ موجب، "جناح، اُهو دليل ڏيندي ته، هُو پنهنجي پارٽيءَ جي مرڪزي ڪميٽيءَ سان صلاح مشوري ڪرڻ کانسواءِ نالن جي فهرست نه ٿو ڏئي سگهي، انڪاري ڪري چڏيو."[132]

جناح جي انڪار ڪانپوءِ ڪانفرنس کي وري 14 جولاءِ تائين ملتوي ڪيو ويو.[133] اصل ۾، اُن اجلاس ۾ اختلاف ان ڳالهه تي به هو ته وائسراءِ جي نئين انتظامي ڪائونسل ۾ صرف مسلم ليگ نه، پر ڪانگريس به پنهنجي طرفان مسلم ميمبرن کي مقرر ڪري سگهي ٿي، ۽ ان حوالي سان اُها وائسراءِ کي مسلم (ڪانگريسي) نمائندن جا نالا ڏيڻ جي مجاز هوندي هوڏانهن، جناح جو موقف هو ته، ننڍي کنڊ جي مسلمانن جي واحد نمائنده جماعت، جئين ته آل انڊيا مسلم ليگ آهي. ان ڪري، وائسراءِ جي انتظامي ڪائونسل ۾ مسلم ميمبرن جي مقرري جو حق صرف مسلم ليگ وٽ ئي هجڻ گهرجي. بهرحال، ڪانفرنسن جي ٻئي اجلاس ۾ به ڪنهن به

ڳالهه تي اتفاق نه ٿي سگهيو ۽ صورتحال ۾ ڏيڊ لاڪ جئين جو تئين برقرار رهيو. ان ڪري، وائسراءِ ويول ڪانفرنس جي 14جولاءِ تي ٿيندڙ اجلاس کان اڳ اُهو ضروري ٿي سمجهيو ته، جناح سان اڳواٽ هڪ ٻي ملاقات ڪئي وڃي، ۽ ائين 8 جولاءِ تي ٻنهي جي ملاقات ٻه ٿي.[134]

وائسراءِ لارڊ ويول ۽ جناح جي اُنهيءَ ملاقات ۾ لڳ ڀڳ ڏيڍ ڪلاڪ تائين بحث هلندو رهيو. وائسراءِ جو زور هو ته جناح ۽ مسلم ليگ جئين تئين ڪري پنهنجي طرفان ڪائونسل لاءِ نالن جي فهرست ڏئي ڇڏي، ته جئين اڳتي واري پيش رفت کي ممڪن بڻائي سگهجي. هوڏانهن، جناح جي مجبوري اُها هئي، جو مسلم ليگ جي مرڪزي ڪميٽيءَ جو اجلاس 9 جولاءِ تي رکيل هو ۽ اُنهيءَ جي منظوري يا مسلم ليگ جي ٻين مرڪزي اڳواڻن جي موقف جاڻڻ ۽ انهن جي حمايت حاصل ڪرڻ کانسواءِ جناح ڪنهن به طرح سان وائسراءِ سان ڪا پڪي ڳالهه يا ڪيس نالن جي فهرست ڏيڻ جي پوزيشن ۾ نه هو. اهو ئي سبب هو جو جناح، اُنهي ملاقات ۾ نيٽ اهو چئي وائسراءِ کي مات ڪرائي ته، هو سياٽي خط لکي، مرڪزي ڪميٽيءَ جي فيصلي ۽ نالن جي فهرست جي باري ۾ پڇا ڪري سگهي ٿو. ائين اها ملاقات ختم ٿي.[135]

ٻي ڏينهن 9 جولاءِ تي، وائسراءِ جو اُهو خط جناح وٽ پهچي ويو. خط ۾ وائسراءِ لارڊ ويول طرفان هيئن خيالن جو اظهار ڪيو ويو:

"Ifully appreciate your difficulties, but regret that I am unable to give you the guarantee you wish, ie, that all the Muslim member of the proposal new Council shall necessarily be member of the Muslim League..... I have to attempt to form an Ececutive Council representative, competent, and generally acceptable.....It will help me greatly if you will let me have names.....I asked for eight but will certainly accept five if you do not wish to send more."[136]

"مُون کي اوهان جي مجبورين جو چڱيءَ طرح سان احساس آهي، پر افسوس اٿم ته مان اوهان کي اها ضمانت ڏيڻ کان لاچار آهيان ته ڪو وائسراءِ جي نئين انتظامي ڪائونسل ۾ مسلم ميمبر صرف مسلم ليگ ئي نامزد ڪري سگهي ٿي.....مون کي هڪ نمائنده، قابل ۽ سڀني کي قبول ڪرڻ جوڳي ايگزيڪٽو ڪائونسل جي جوڙجڪ لاءِ ڪوشش ڪرڻي آهي. جيڪڏهن اوهان مون کي پنهنجي نمائندن جي نالا موڪلي ڏيو ته، مون لاءِ ڳالهه آسان ٿي پوندي...اوهان گهٽ مان گهٽ اٺ نالا موڪلي سگهو ٿا. پر منظور پنجن

نالن کي ڪيو ويو ويندو."

جناح، اُهو خط مسلم ليگ جي مرڪزي ڪميٽيءَ آڏو پيش ڪيو ۽ بعد ۾ ڪميٽيءَ جي اجلاس ۾ جيڪو فيصلو ڪيو ويو[137] اُن جو پتو جناح جي وائسراءِ کي انهيءَ ساڳئي ڏينهن تي موڪليل هن خط مان پوي ٿو:

"The Committee, after giving its very careful consideration to the matter, Jinnah replied that day, desires me to state that it regrests very much to note that your Excenllency is not able to give the assurance that all the Muslim members of the proposal Executive Council will be selected frome the Muslim League....the Committee considers this as one of the fundamental principle, and, in the circumistannce, I regret I am not in a position to send the names...it is not possible for us to depart from our fundamental principles."[138]

"انهيءَ معاملي تي گهڻي غور ويچار کانپوءِ، ڪميٽيءَ مون کي اُهو ٻڌائڻ جي خواهش ظاهر ڪئي آهي ته، اُن کي اُهو چوڻ نهايت ڏک ۽ افسوس ٿيو آهي ته، يورايڪسيلينسي (برطانيا) طرفان وائسراءِ جي نئين انتظامي ڪائونسل ۾ مسلم ميمبرن کي مقرر ڪرڻ جو حق صرف مسلم ليگ کي ڏيڻ واري ڳالهه کان لاچاري ظاهر ڪئي آهي.... ڪميٽي اُن ڳالهه کي پنهنجي بنيادي اصول سمجهي ٿي ۽ اهڙيءَ صورتحال ۾ مون کي افسوس آهي ته، مان نالن موڪلڻ جي پوزيشن ۾ ناهيان.....اسان جي لاءِ پنهنجي بنيادي اصولن تان هٽي وڃڻ ممڪن ناهي."

جيتوڻيڪ جناح پاران نالن ڏيڻ کان ٽپ انڪار جي باوجود، وائسراءِ ويول پنهنجي طرفان مسلم ليگ جي چئن ميمبرن، يونينسٽ پارٽي جي هڪ ميمبر، ڪانگريس جي اعليٰ ذات جي پنج هندو ميمبرن، سکن جي تارا سنگهه، اڇوتن جي ڊاڪٽر بي. آر. امبيڊکر ۽ عيسائي ڏر طرفان جان مٿائي جي نالن جي فهرست ناهي، منظوريءَ لاءِ برطانيا جي سيڪريٽري آف اسٽيٽ فار انڊيا جي عهدي تي ويٺل مسٽر ليو ايمريءَ ڏانهن موڪلي ڇڏي[139] ليو ايمري اُها درخواست وصول ڪري، بعد ۾ وائسراءِ کي اها هدايت موڪلي ته، هو وري جناح سان ملاقات ڪري، اُنهن مسلم نمائندن جي نالن جي باري ۾ ڪيس ٻڌايو ڇڏي، جن کي هُن تجويز ڪيو آهي ۽ هُو "جناح کي ان ڳالهه تي راضي ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ته هُو انهن نالن کي پنهنجي پارٽيءَ جي فهرست طور منظور ڪري"[140]

ايمري طرفان اهڙي هدايت ملڻ کانپوءِ وائسراءِ لارڊ ويول 11 جون تي بيهر جناح سان ملاقات ڪئي[141] "۽ سندس موقف کي تبديل ڪرڻ جي هرممڪن ڪوشش ڪئي ٿي."[142] ملاقات ۾"جناح وائسراءِ جي طرفان موڪليل مسلم ميمبرن جي نالن تي بہ ڳالهہ ٻولهہ ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو ۽ چيائين تہ جيستائين سمورن مسلم نمائندن کي مقرر ڪرڻ جو حق هُن کي نہ ٿو ڏنو وڃي، ۽ اها ضمانت تہ وائسراءِ جي نئين انتظامي ڪائونسل ۾ ڪو بہ فيصلو جنهن جي مسلمان مخالفت ڪندا. اُهو سادي اڪثريت سان منظور نہ ڪيو ويندو. تيستائين نالن جي فهرست تي غور نہ ڪيو ويندو."[143] بهرحال، اهڙيءَ صورتحال ۾ جڏهن 14 جولاءِ تي ڪانفرنس جو ٽيون اجلاس ٿيو تہ اُن ۾ بہ، ڪنهن ڳالهہ تي اتفاق نہ ٿي سگهيو. ۽ ائين وائسراءِ کي، ڪانفرنس جي ناڪاميءَ جو اعلان ڪرڻو پيو.[144] وائسراءِ ڪانفرنس جي ناڪاميءَ جو اطلاع گانڌيءَ کي بہ ڏئي ڇڏيو. گانڌيءَ انهيءَ اطلاع تي جيڪو رد عمل ظاهر ڪيو اُن بابت وائسرا هيئن لکي ٿو:

"Gandhi took the news calmly, but said that H.M.G. would have to decide sooner or later to accept the Hindu or the Muslim point of view, since ther were irreconcilable."[145]

"گانڌي [ڪانفرنس جي ناڪاميءَ واري] خبر کي سڪون سان ٻڌو پر چيائين تہ، انگريز سرڪار کي اڄي يا پوءِ هندو يا مسلم نقطہ نظر کي قبول ڪرڻ جو فيصلو ڪرڻو پوندو. ڇاڪاڻ تہ ٻنهي ڌرين ۾ ناهہ جا امڪان ناهن."

ڪانفرنس جي ناڪاميءَ جي حوالي سان جناح جو سوانح نگار استينلي وولپرٽ، تبصرو ڪندي هيئن لکي ٿو:

"The ulter failure of Wavell's Simla conference served only to underscore the intensity of communal distrust that remained India's key political problem. Many British officials expected that this failure would weaken Jinnah's power over the League, but his presidential position seemed instead to grow as the demand for Pakistan gained redence among Muslims across the land."[146]

"ويول جي شملا ڪانفرنس جي شديد ناڪاميءَ، انهي فرقيواراڻي عدم اعتماد کي اجا وڌيڪ اُپاري ڇڏڻ وارو ڪم سرانجام ڏنو جيڪو دراصل هندستان جو بنيادي مسئلو رهيو آهي. جتيوڻيڪ ڪانفرنس جي ناڪاميءَ

کي ڏسندي، گھٽن ئي برطانوي عملدارن ائين سمجھيو ٿي تہ اُھا ناڪامي، جناح جي پنھنجي تنظيم تي گرفت ڪمزور ڪري ڇڏيندي، پر جناح جي پارٽيءَ ۾ صدارتي حيثيت ايڏا بہ ائين وڌيڪ مضبوط ٿيندي وئي، جئين پاڪستان جو مطالبو مسلمانن ۾ تيزي سان اپرندو طاقتور ٿيندو پئي ويو."

بھرحال، ائين ئي شملا ڪانفرنس ناڪام ٿي، پنھنجي منطقي پڄاڻي تي پھتي، ۽ اُن جي ناڪامي جي ذميواري ڪنھن بہ طرح سان جناح ۽ مسلم ليگ تي رکي نہ ٿي سگھجي. اصل ۾ شملا ڪانفرنس اُن ڪري ناڪام ٿي، جو آل انڊيا ڪانگريس ۽ اُن جي ليڈرشپ وائسراءِ جي ايگزيڪٽو ڪائونسل ۾ ھندن سان گڏ مسلم ميمبرن کي بہ مقرر ڪرڻ واري موقف تي بضد ھئي، جنھن جي نتيجي ۾ نہ رڳو ڪانگريس ۽ مسلم ليگ ۾ ڪو ناھہ نہ ٿي سگھيو پر مورڳو سڄي ڪانفرنس ئي ناڪام ٿي وئي، ۽ مسئلي جو ڪو بہ گھربل حل نڪري نہ سگھيو.

بھرحال، ھندستان ۾ ھيڏانھن شملا ڪانفرنس ناڪام ٿي تہ، ھوڏانھن وري آگسٽ 1945ع ۾ آمريڪا جپان جي ھن شھرن ھيروشيما ۽ ناگاساڪي تي ايٽم بم ڪيرائي، جپان کي ئي مورڳو ڊير ڪري ڇڏيو ۽ ائين جپان (ھي عالمي) جنگ ۾ شڪست قبول ڪري ويھي رھيو.[147] "البت، جپان جي شڪست جي وري برطانيا جي وزيراعظم کي ڳري قيمت چڪائڻي پئي، جو ھُو چونڊن ۾ ھارائي ويو جنھن ڪانپوءِ ھُن جي ليبر پارٽيءَ جي لارڊ ڪيملينٽ ايٽليءَ وزيراعظم جو عھدو اچي سنياليو."[148] ھاڻ، ھندستان جي سياسي حالتن ۾ بہ نين تبديلين اچڻ جا امڪان ڇتا ڏسڻ ۾ آيا ٿي.

حوالا ۽ سمجھاڻيون

1. Jaswant Singh, Jinnah, India _ Partition_ Independence, Oxford University Press, Karachi, 2010, p,336
2. Ibid, p, 236
3. الحاج محمد گوھر ، ميرا قائد عظيم تر ھي، نظريہ پاڪستان اڪادمي، لاھور 2008ع، صحفہ 237
4. ساڳيو صحفہ 237
5. تفصيل لاءِ پڙھو جاويد راڇپرجو ڪتاب، ھي عالمي جنگ-سوشلزم ۽ فاشزم ۾ لڙائي، ڪاپڙي پبليڪيشن، حيدرآباد، 2010ع

6. Stanley Wolpert, Jinnah of Pakistan, Oxford University, Karachi, 2008, p,214
7. Ibid,p,214
8. Ibid,p,214
9. تفصيل لاءِ پڑھو استينلي وولپرٽ جو انگريزي ۾ لکيل ڪتاب، شيم فل فلائيٽ- دي لاسٽ ايئيرس آف دي برٽش امپائر ان دي انڊيا، آڪسفورڊ يونيورسٽي ڪراچي، سنڌ
10. Stanley Wolpert, Jinnah of Pakistar., Oxford University, Karachi, 2008, p,214
11. Ibid,p,215
12. Ibid,p,215
13. Ibid,p,215
14. Ibid,p,215
15. Ibid,p,215
16. تفصيل لاءِ پڑھو جسونت سنگھ جو انگريزي ڪتاب،جناح، انڊيا، پارٽيشن، انڊيپنڈنس، آڪسفورڊ يونيورسٽي پريس ڪراچي، سنڌ
17. الحاج محمد گوهر ، ميرا قائد عظيم تر هي، نظريہ پاڪستان اڪادمي، لاهور 2008ع، صحفہ238
18. Stanley Wolpert, Shamful Flight, The last years of the British empire in India, Oxford University press, Karachi,Sindh,p,44
19. Stanley Wolpert, Jinnah of Pakistan, Oxford University, Karachi, 2008, p,214
20. Ibid,p,215
21. الحاج محمد گوهر ، ميرا قائد عظيم تر هي، نظريہ پاڪستان اڪادمي، لاهور 2008ع، صحفہ238
22. تفصيل لاءِ پڑھو ايياز علي جو مقالو سنڌ-پاڪستان ۾ ڪيئن ۽ ڇو شامل ٿي؟ (اٽ-چيپل تحقيقي مقالو)
23. الحاج محمد گوهر ، ميرا قائد عظيم تر هي، نظريہ پاڪستان اڪادمي، لاهور 2008ع، صحفہ238
24. ساڳيو صحفہ238
25. Stanley Wolpert, Jinnah of Pakistan, Oxford University, Karachi, 2008, p,2119
26. Ibid,p,219
27. Ibid,p,219
28. الحاج محمد گوهر ، ميرا قائد عظيم تر هي، نظريہ پاڪستان اڪادمي، لاهور 2008ع، صحفہ238
29. ساڳيو صحفہ238
30. Stanley Wolpert, Jinnah of Pakistan, Oxford University, Karachi, 2008, p,220
31. Ibid,p,220
32. زاهد چوڌري، بلوچستان-مسئلا صوبائي خودمختياري ڪا آغاز پاڪستان ڪي سياسي تاريخ جلد 7، اداره مطالعہ تاريخ، لاهور صحفہ 58
33. Stanley Wolpert, Jinnah of Pakistan, Oxford University, Karachi, 2008, p,223

34. Ibid,p,223
35. تفصيل لاءِ پڙهو الحاج محمد گوهرجو ڪتاب ، ميرا قائد عظيم تر هي، نظريہ پاڪستان اڪادمي، لاهور 2008ع
36. هيڪٽر بوليٿو حيات قائداعظم، مترجم: زهير صديقي، جمهوري پبليڪيشنز لاهور 2012ع،صفحہ 195
37. Stanley Wolpert, Jinnah of Pakistan, Oxford University, Karachi, 2008, p,224
38. Ibid,p,224
39. هيڪٽر بوليٿو حيات قائداعظم، مترجم: زهير صديقي، جمهوري پبليڪيشنز لاهور 2012ع،صفحہ 296
40. ساڳيو صفحہ,296
41. الحاج محمد گوهر ، ميرا قائد عظيم تر هي، نظريہ پاڪستان اڪادمي، لاهور 2008ع، صفحہ,240
42. ساڳيو صفحہ,240
43. ساڳيو صفحہ,240
44. تفصيل لاءِ پڙهو استينلي وولپرٽ جو انگريزي ڪتاب، جناح آف پاڪستان، آڪسفورڊ يونيورسٽي ڪراچي، سنڌ
45. Stanley Wolpert, Jinnah of Pakistan, Oxford University, Karachi, 2008, p,226
46. Ibid,p,226
47. هيڪٽر بوليٿو حيات قائداعظم، مترجم: زهير صديقي، جمهوري پبليڪيشنز لاهور 2012ع،صفحہ 295
48. هيڪٽربوليٿو صحافين سان جناح جي رويي جي باري ۾ ٻڌائي ٿو تہ "جيتوڻيڪ صحافي، جناح جي اڻ سهائيندڙ رويي جي ڪري، سندس باري ۾ عجيب ۽ غريب خبرون ڪندا هئا، پر اُها ب حقيقت آهي تہ سمورا صحافي جناح جو بي حد احترام ڪندا هئا. ان حوالي سان هڪ پراڻي صحافيءَ مون (هيڪٽربوليٿو) کي ٻڌايو تہ، جناح پنهنجي زندگيءَ ۾ ڪڏهن ب مڻيون مڻيون ۽ ليائيندڙ ڳالهيون ڪري، اسان کان ڪڏهن ب ڪم نہ ورتو. ٻين سياستدانن جي ٻيٽ ۾ هو هڪ ٽيڙو ۽ ڏکيو ماڻهو هو. اسان سان بنهہ تکبر ۽ آکڙ سان پيش ايندو هو. پريس ڪانفرنس لاءِ هميشہ اسان کي پنهنجي گهر ئي گهرائيندو هو پر اسان کي چانهن يا سگريٽ وغيره نہ پارينڊو هو. شايد هُو ان قسم جي خاطر توازه کي ب هڪ قسم جي رشوت ئي سمجهندو هو. هڪ ڏينهن بمبئيءَ ۾ هڪ پريس ڪانفرنس جي ختم ٿيڻ کانپوءِ، مسٽرجناح ڪمري کان ٻاهر نڪرڻ واروئي هو تہ، منهنجي هڪ صحافي دوست کائنس هڪ سوال ڪري ورتو جنهن تي هن جلد ئي دڙکو ڏيندو جواب ڏنو تہ، پريس ڪانفرنس ختم ٿي چڪي آهي، هاڻي توهان پنهنجو صرف وقت ٿا وڃايو. هيڪٽر بوليٿو حيرت جو اظهار ڪندي لکي ٿو تہ، حيرت جي ڳالهہ آهي تہ، جنهن ماڻهو (جناح) پنهنجي لاءِ ڪو ب پريس ترجمان نہ رکيو ۽ جنهن

صحافين ۽ ميڊيا وارن کان کا ٻہ رعايت نہ گھري، ان ئي ماٹھو اڳتي هلي، پاڻ هڪ اخبار ڪڍي ۽ پاڻ ئي اُن جي پاليسيءَ جي نگراني ڪئي. اُها اخبار "ڊان" هئي، جنهن پاڪستان ٺهڻ کان اڳ ۾ ئي دهليءَ ۾ وڏي ڪاميابيءَ حاصل ڪري ورتي هئي، جنهن کي بعد ۾ پاڪستان ٺهڻ بعد جناح پاڪستان ۾ ڪٽي آيو جتي اُن اخبار وڏي ترقي ڪئي ۽ شهر جي هڪ مشهور اخبار بڻجي وئي." (وڌيڪ تفصيل لاءِ پڙهو هيڪٽربوليٿو جو ڪتاب، حيات قائداعظم، مترجم: زهير صديقي، جمهوري پبليڪيشنز لاهور)

49. هيڪٽر بوليٿو حيات قائداعظم، مترجم: زهير صديقي، جمهوري پبليڪيشنز لاهور 2012ع، صفحہ 295
50. ساڳيو صفحہ 196
51. ساڳيو صفحہ 196
52. الحاج محمد گوهر ، ميرا قائد عظيم تر هي، نظريہ پاڪستان اڪادمي، لاهور 2008ع، صفحہ 242
53. ساڳيو صفحہ 242
54. ساڳيو صفحہ 242
55. Stanley Wolpert, Jinnah of Pakistan, Oxford University, Karachi, 2008, p,226
56. Ibid,p,227
57. Ibid,p,227
58. Ibid,p,227
59. Ibid,p,228
60. الحاج محمد گوهر ، ميرا قائد عظيم تر هي، نظريہ پاڪستان اڪادمي، لاهور 2008ع، صفحہ 243
61. ساڳيو صفحہ 243
62. ساڳيو صفحہ 243
63. Stanley Wolpert, Jinnah of Pakistan, Oxford University, Karachi, 2008, p,230
64. Ibid,p,230
65. Ibid,p,230
66. Ibid,p,230
67. Ibid,p,230
68. راج گوپال اچاريا جي فارمولي جو لب لباب اُهو هو:

(الف) آزاد هندستان جي آئين لاءِ هيٺ ڏنل شرطن مطابق مسلم ليگ آزاديءَ لاءِ هندستاني مطالبي جي حمايت ڪندي ۽ ڪانگريس کي ان جي وچ واري عرصي لاءِ عبوري حڪومت جي جوڙجڪ واسطي مسلم ليگ جو سهڪار ملهل هوندو.

(ب) جنگ جي خاتمي کانپوءِ هڪ ڪميشن قائم ڪيو ويندو جيڪو هندستان جي اتر، اولهہ ۽ اوپر جي انهن ضلعن جي حدبندي ڪندو جن ۾ مسلمان قطعي اڪثريت ۾ آهن. نشاندهي ڪيل علاقن ۾ راءِ شماري ڪرائي ويندي، جنهن ۾

هندستان ۾ شامل ٿيڻ يا ان کان ڌار ٿيڻ جو فيصلو ڪيو ويندو. جيڪڏهن آبادي جي اڪثريت هڪ خودمختيار رياست جي قيام جي حق ۾ فيصلو ڏنو ته پوءِ اُنهي فيصلي بعد مختلف ضلعن جي اُنهيءَ حق کي، ته اُهي ٻي رياست ۾ شامل ٿي سگهن ٿا، بنا ڪنهن رڪاوٽ جي عمل هيٺ آندو ويندو. (ت) راءِ شماري ڪرائڻ کان اڳ مڙني ڌرين کي پنهنجي پنهنجي نقطه نظر جي وڪالت جي سڀ طرفي آزادي مليل هوندي. (ج) ڌار ٿيڻ جي صورت ۾ دفاع، معيشت، مواصلات ۽ بين معاملن جي تحفظ جي لاءِ هڪ معاهدو عمل هيٺ آندو ويندو. (خ) آبادي جي لڏپلاڻ صرف رضاڪارانه بنياد ڪئي ويندي. (د) اهي سمورا شرط صرف ان صورت ۾ موثر ۽ جٽادار ثابت ٿيندا، جڏهن برطانيا هندستانين کي حڪومت جا سمورا اختيار ۽ ذميداري ڏئي ڇڏيندي.

انهيءَ فارمولي بابت سيد حسن رياض تبصرو ڪندي ٻڌائي ٿو ته، "مسٽر راج گوپال اچاريا جو اُهو فارمولي صرف ننگي جو ناڪ هو. مسلم ليگ ۽ ڪانگريس جو پاڻ ۾ اُن ڳالهه تي سخت اختلاف هو ته، عبوري دور لاءِ عارضي حڪومت ۾ هندن ۽ مسلمانن جي نمائندگي ڪيتري هوندي. اُن ڏس ۾، مسلم ليگ جو مطالبو اُهو هو ته، جيڪڏهن عارضي حڪومت ۾ ڪانگريس شامل ٿئي ته پوءِ ان ۾ مسلم ليگ جي نمائندگي هندن جي برابر هجڻ گهرجي، جي نه ته پوءِ مسلم ليگ جي ئي اڪثريت شامل هجي. جيستائين اُهو مسئلو طئي نه ٿو ٿئي، تيستائين جناح اُنهن شرطن جي تائيد ڪيئن ڪري سگهي ٿو جن ۾ هڪ اُهو به هو ته مسلم ليگ عارضي عبوري حڪومت قائم ڪرڻ ۾ ڪانگريس سان سهڪار ڪندي. راج گوپال جي تجويزن ۾ نه اُن ڳالهه جو ذڪر هو ته عبوري حڪومت ۾ مسلمانن جي نمائندگيءَ جو تناسب ڪيترو هوندو ۽ نه وري اُهو ته، اُها عبوري حڪومت موجوده آئين جي حدن اندر قائم ئي ڪئي ويندي. تنهن ڪانسواءِ اُنهيءَ فارمولي ۾ ٻيا به اڪيچار مونجهارا هئا. مثال طور اُهو ته مسلمانن جي اڪثريت جي ڪهڙي سمجهاڻي هوندي. مسلم اڪثريت وارن ضلعن جي حدبندين لاءِ ڪميشن ڪير مقرر ڪندو. لاهور واري نهراءَ ۾ راءِ شماري جو ڪو به ذڪر نه هو اُهو شرط ڇو عائد ڪيو ويو؟ (وڌيڪ تفصيل لاءِ پڙهو سيد حس رياض جو اڙدو ڪتاب، پاڪستان ناگزير تها، ڪراچي يونيورسٽي، ڪراچي، سنڌ)

69. Stanley Wolpert, Jinnah of Pakistan, Oxford University, Karachi, 2008, p,230
70. Ibid,p,231
71. Ibid,p,231
72. هيڪٽر بوليٿو حيات قائداعظم، مترجم: زهير صديقي، جمهوري پبليڪيشنز لاهور 2012ع، صحفه 197
73. Stanley Wolpert, Jinnah of Pakistan, Oxford University, Karachi, 2008, p,231
74. تفصيل لاءِ پڙهو جاويد راڇپر جو ڪتاب، ٻي عالمي جنگ-سوشلزم ۽ فاشزم ۾ لڙائي، ڪاپڙي پبليڪيشن، حيدرآباد، 2010ع

75. هيڪٽر بوليٿو حيات قائداعظم، مترجم: زهير صديقي، جمهوري پبليڪيشنز لاهور 2012ع، صفحہ 198
76. ساڳيو صفحہ 198
77. ساڳيو صفحہ 198
78. ساڳيو صفحہ 198
79. ساڳيو صفحہ 199
80. ساڳيو صفحہ 199
81. Stanley Wolpert, Jinnah of Pakistan, Oxford University, Karachi, 2008, p,234
82. الحاج محمد گوهر ، ميرا قائد عظيم تر هي، نظريہ پاڪستان اڪادمي، لاهور 2008ع، صفحہ 245
83. هيڪٽر بوليٿو حيات قائداعظم، مترجم: زهير صديقي، جمهوري پبليڪيشنز لاهور 2012ع، صفحہ 201 ياد رهي تہ جناح-گانڌي جي اُها خط ۽ ڪتابت، مسلم ليگ 1944ع واري سال Jinnah Gandhi Talks جي نالي سان، انگريزي ۾ ڇپائي پڌري ڪري ڇڏي هئي.
84. هيڪٽر بوليٿو حيات قائداعظم، مترجم: زهير صديقي، جمهوري پبليڪيشنز لاهور 2012ع، صفحہ 201
85. ساڳيو صفحہ 202
86. ساڳيو صفحہ 202
87. ساڳيو صفحہ 202
88. ساڳيو صفحہ 202
89. ساڳيو صفحہ 202
90. ساڳيو صفحہ 203
91. ساڳيو صفحہ 203
92. ساڳيو صفحہ 203
93. ساڳيو صفحہ 203
94. ساڳيو صفحہ 03_204
95. ساڳيو صفحہ 204
96. ساڳيو صفحہ 204
97. ساڳيو صفحہ 204
98. راج موهن گانڌي، مسلم افڪار مترجم: محمد فاروق قريشي، فڪشن هائوس، لاهور 1996ع، صفحہ 242
99. ساڳيو صفحہ 244
100. Stanley Wolpert, Jinnah of Pakistan, Oxford University, Karachi, 2008, p, 235
101. Ibid,p,235
102. Ibid,p,235

103. هيڪٽر بوليٿو حيات قائداعظم، مترجم: زهير صديقي، جمهوري پبليڪيشنز لاهور 2012ع،صحفہ205
104. ساڳيو صحفہ205_206
Stanley Wolpert, Jinnah of Pakistan, Oxford University, Karachi, 2008, p, 239 .105
Ibid,p,239 .106
Ibid,p,239 .107
108. تفصيل لاءِ پڙهو اياز علي جو ڪتاب، سنڌ_پاڪستان ۾ ڪئين ۽ ڇو شامل ٿي؟(اڻ ڇپيل تحقيق مقالو)
Stanley Wolpert, Jinnah of Pakistan, Oxford University, Karachi, 2008, p, 239 .109
Ibid,p,239 .110
Ibid,p,240 .111
112. تفصيل لاءِ پڙهو اياز علي جو ڪتاب، پاڪستان جو بنياد: ۽ قومي نظريو يا صوبائي خودمختياري؟ صفحو 00، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو 2014ع
Stanley Wolpert, Jinnah of Pakistan, Oxford University, Karachi, 2008, p, 240 .113
Ibid,p,240 .114
Ibid,p,240 .115
116. زاهد چوڌري، جناح_لياقت تضاد اور پنجابي_مهاجر تضاد، پاڪستان ڪي سياسي تاريخ، جلد 4، اداره مطالعہ تاريخ، لاهور،1999ع، صحفہ36
117. الحاج محمد گوهر ، ميرا قائد عظيم تر هي، نظريہ پاڪستان اڪادمي، لاهور 2008ع، صحفہ246
Stanley Wolpert, Jinnah of Pakistan, Oxford University, Karachi, 2008, p, 242 .118
Ibid,p,242 .119
Ibid,p,242 .120
121. الحاج محمد گوهر ، ميرا قائد عظيم تر هي، نظريہ پاڪستان اڪادمي، لاهور 2008ع، صحفہ246
122. ساڳيو صحفہ246
123. ساڳيو صحفہ246
124. ساڳيو صحفہ247
125. ساڳيو صحفہ247
Stanley Wolpert, Jinnah of Pakistan, Oxford University, Karachi, 2008, p, 243 .126
Ibid,p,243 .127
Ibid,p,243 .128
Ibid,p,244 .129
Ibid,p,244 .130
Ibid,p,244 .131
132. تفصيل لاءِ پڙهو اياز علي جو ڪتاب، پاڪستان جو بنياد: ۽ قومي نظريو يا صوبائي خودمختياري؟
Stanley Wolpert, Jinnah of Pakistan, Oxford University, Karachi, 2008, p, 244 .133

134. Ibid,p,244
135. Ibid,p,244
136. Ibid,p,244
137. تفصيل لاءِ پڙهو استينلي وولپرٽ جو انگريزي ڪتاب، جناح آف پاڪستان، آڪسفورڊ يونيورسٽي ڪراچي، سنڌ،2008
138. Stanley Wolpert, Jinnah of Pakistan, Oxford University, Karachi, 2008, p, 244
139. Ibid,p,245
140. Ibid,p,245
141. Ibid,p,245
142. Ibid,p,245
143. Ibid,p,245
144. Ibid,p,245
145. تفصيل لاءِ پڙهو جاويد راڇپر جو ڪتاب، ٻي عالمي جنگ-سوشلزم ۽ فاشزم ۾ لڙائي، ڪاپڙي پبليڪيشن، حيدرآباد، 2010ع
146. الحاج محمد گوهر ، ميرا قائد عظيم تر هي، نظريہ پاڪستان اڪادمي، لاهور 2008ع، صحفہ،249
147. ساڳيو صحفہ،249
148. ساڳيو صحفہ،249

باب تيرهون

45_1946ع واريون چونڊون، ڪيبينيٽ مشن پلان ۽ جناح!

(1945_1946ع)

برطانيا ۾ جئين ئي ليبر پارٽي آقتدار ۾ آئي تہ هندستان جو وائسراءِ لارڊ ويول ٻہ 20 آگسٽ 1945ع تي لنڊن ڪهي ويو. اُنهيءَ دوري جو مقصد دراصل، نون حاڪمن کان هندستان جي باري ۾ نئين پاليسي ۽ نيون هدايتون وٺڻ هو.[1] جئين تہ شملا ڪانفرنس ۾ هندستان جي نمائندہ جماعتن، خاص طور ڪانگريس ۽ مسلم ليگ ۾ ڪوناهہ نہ ٿي سگهيو هو. ان ڪري، هاڻ، برطانيا هندستان جي مسئلي جو حل اُهو ڪڍيو تہ هندستان ۾ جلدازجلد چونڊون ڪرائي، اُن ۾ حاصل ڪيل ڪاميابيءَ جي بنياد تي، هندستان جي نمائندہ جماعتن کي هندستان جي اقتدار ۽ اختيارن ۾ حصيداري ڏئي، هڪ طرف هندستان واري مسئلي جو پُرامن نموني حل ڪڍيو وڃي، تہ وري ٻي طرف اهڙي حل کانپوءِ اُتان مرحليوار برطانوي واپسيءَ کي ٻہ ممڪن بڻايو وڃي.[2]

برطانيا ۾ وائسراءِ ويول، انڊيا ڪميٽي جي اڳواڻن پيٿڪ لارينس ۽ ڪرپس وارن سان ملاقاتون ڪري، هندستان جي مسئلي جي حل لاءِ اڪيچار صلاحون ۽ مشورا ڪندو رهيو. نيٺ وائسراءِ ويول پنهنجي نون حاڪمن کان چونڊن جي نئين هدايت ڪٽي، سيپٽمبر مهيني ۾ هندستان موڪي آيو[3] ۽ ڪجهہ ڏينهن کانپوءِ ڊسمبر_جنوري 45_1946۾ هندستان اندر چونڊون ڪرائڻ جو اعلان ڪري ڇڏيائين.[4] وائسراءِ لارڊ ويول جي

اهڙي اعلان کانپوءِ هندستان ۾ سمورين سياسي پارٽين طرفان جلد ئي چونڊن لاءِ سرگرميون شروع ڪيون ويون. ائين، جتي ڪانگريس پنهنجي چونڊن مهم ترت شروع ڪري ڏني، اُتي مسلم ليگ به هاڻ اڳي کان وڌيڪ منظم ۽ طاقتور انداز ۾ اڳتي آئي، ۽ پنهنجو سرگرميون عروج تي پهچائي ڇڏيائين. چونڊن ۾ ڪاميابي واسطي، جناح سڄي هندستان، خاص طور بنگال، پنجاب، سنڌ، سرحد، بلوچستان ۽ بمبئيءَ جا اڪيچار طوفاني سياسي دورا ڪيا، ۽ ماڻهن کي سجاڳ ڪيائين.

ائين، نومبر 1945ع تي مسلم ليگ جو پشاور ۾ هڪ وڏو جلسو ٿيو جنهن ۾ جناح خطاب ڪندي چيو ته، "اسان جو هاڻ ڪو به دوست ناهي رهيو نه انگريز ۽ نه ئي وري هندو. اسان اُها ڳالهه پليءَ پت سمجهي ورتي آهي ته اسان کي پنهنجن حقن ۽ مفادن لاءِ انهن ٻنهي ڏرين سان ويڙهه وڙهڻي پوندي. اُهي ٻئي ڏريون، جيڪڏهن پاڻ ۾ گڏ ٻه ٿي وڃن، ته به اسان کي ڪا پرواهه ناهي، ۽ نه ڪو اسان ڏجنداسين. اسان انهيءَ ڳڻيل طاقت جو مقابلو ڪنداسون ۽ فتح ماڻينداسون"[5] ووليرٽ موجب، اُنهيءَ جلسي ۾ جناح ماڻهن کي پاڪستان حاصل ڪرڻ جي پڪ ڏيارائي، ۽ چيو ته "اسان هرحال ۾ پاڪستان حاصل ڪري ونڊنداسين، پوءِ وري ڪاوڙ واري انداز ۾ چيائين، ته هندو چون ٿا ته جناح ۽ مسلم ليگ ڪهڙيون قربانيون ڏنيون آهن؟ اُها صحيح ڳالهه آهي ته مان جيل ۾ ناهيان ويو ڪا ڳالهه ناهي. مان ڪٿي خراب ماڻهو آهيان، پر مان پُڇان ٿو ته 1920_1921ع ۾ ڪنهن قربانيون ڏنيون؟ قربانيون ته اسان ئي ڏنيون. مستر گانڌي ته صرف اسان جي لاشن تي پنهنجي ليڊريءَ واري گدي حاصل ڪئي آهي."[6]

جناح جي انهيءَ تقرير تي ووليرٽ تبصرو ڪندي لکي ٿو:

"This last statement came closest to revealing Jinnah's deepest grievance, reverting to the worst trauma of his political life when he actually appeared to have felt Mr. Gandhi step on his "skull" to ascend th throne of Congress national ledadership."[7]

"جلسي ۾ ڪيل اُنهي تقرير جا اُهي آخري لفظ دراصل، جناح جي ڏک ۽ ڪاوڙ جي شديد اظهار جا عڪاس هئا، ۽ اُنهن لفظن هن جي زندگيءَ جي هڪ بدترين حادثي جي ياد ٿي ڏيارائي، جڏهن هُو ائين محسوس ڪندي نظر ٿي آيو ته گانڌي ڪانگريس جي قومي سياست جي تخت تي چڙهڻ لاءِ هن جي ڪنڌ تي پير رکي چڙيو هو."

بهرحال، چونڊون ڊسمبر ۾ شروع ٿيون. پهرين مرحلي ۾ ڊسمبر مهيني اندر مرڪزي اسيمبلي جو چونڊون ڪرايون ويون. ٻئي مرحلي طور صوبائي چونڊون جنوري-فيبروري 1946ع ۾ ڪرايو ويون. "ان ڊسمبر ۾ ئي مسلم ليگ مرڪزي اسيمبلي جي سمورين ٽيهه جو ٽيهه سيٽن (جن مان هڪڙي سيٽ جناح جي به هئي) تي ڪاميابي حاصل ڪري ورتي. اُها دراصل حيران ڪندڙ ڪاميابي هئي، جنهن نه صرف جناح جي اڳڪٿي کي صحيح ثابت ڪري ڏيکاريو هو پر بنيادي طور تي ننڍي کنڊ جي مسلمانن لاءِ پاڪستان ۾ موجود زبردست ڪشش هجڻ جو ثبوت به مهيا ڪري ڏنو. جيتوڻيڪ ڪانگريس پنهنجي 55 سيٽن واريءَ اڪثريت کي برقرار رکيو، پر ڏٺو ويڄي ته اُنهن چونڊن ۾ اُن پنهنجون چار سيٽون وڃائي ڇڏيون هيون."[8]

هيءَ دراصل، جناح ۽ مسلم ليگ جي وڏي ڪاميابي ئي هئي. نو سال اڳ، 1937ع وارين چونڊن ۾ سادي اڪثريت سان ڪاميابي حاصل ڪرڻ ڪري، ڪانگريس ۽ اُن جي ليڈرشپ جناح کي، مسلمانن جي نمائندي مڃڻ کان ئي انڪار ڪري ڇڏيو هو. ۽ نهروءَ ياران مسلم ليگ کي هڪ فرقيواراڻي جماعت هجڻ جا طعنا ۽ مِهڻا سهڻا پيا هئا، پر هاڻ صورتحال بنهه بدلجي، جناح ۽ مسلم ليگ جي حق ۾ ٽي چڪي هئي.

هاڻ جناح، مرڪزي اسيمبليءَ جي ٽيهه مسلم سيٽن مان ٽيهه ئي حاصل ڪري، دراصل، اُهو ثابت ڪري ڇڏيو هو ته، اُهو ئي ننڍي کنڊ جي مسلمانن جو "واحد ۽ اڪيلو نمائندو" (Sole Spokesman) آهي. مرڪزي اسيمبليءَ جي چونڊن ڪانپوءِ برطانيا طرفان هڪ ڏهه رڪني پارلياماني وفد پروفسر آر. رچرڊ جي اڳواڻيءَ ۾ هندستان آيو. هن وفد کي، دراصل، هندستان جي سياسي ليڈرشپ سان مختصر ڳالهه ٻولهه ڪري، سندن خيالن کان واقفيت حاصل ڪري، سياسي واءَ سواءَ بابت هڪ رپورٽ ٺاهي، انگريز حاڪمن جي حوالي ڪرڻي هئي، جيڪو ڪم ان برطانوي وفد ترت ڪري به ڏيکاريو.

بهرحال، وفد جي اچڻ جو اطلاع لارڊ پيٿڪ جناح ۽ مولانا ابُوالڪلام آزاد کي ڏئي ڇڏيو. جنهن ڪانپوءِ جناح 10 جنوري 1946ع تي اُنهيءَ وفد سان ملاقات ڪري پنهنجي خيالن کان آگاهي ڏني.[9] وولپرٽ موجب، برطانيا جي اُنهي ڏهه رڪني پارلياماني وفد سان ملاقات ڪرڻ جي پنجن ڏينهن

اڳ جناح وائسراءِ لارڊ ويول سان ٻه ملاقات ڪئي هئي، جيڪا هڪ ڪلاڪ تائين جاري رهي.[10] چون ٿا ته، مسلم ليگ جي سيڪريٽري جنرل لياقت علي خان، جڏهن جناح کي وائسراءِ سان گڏجي گڏيل ملاقات ڪرڻ لاءِ چيو ته، جناح، لياقت علي خان کي وائسراءِ سان گڏجي يا اڪيلي ملاقات ڪرڻ کان ٽپ انڪار ڪري ڇڏيو هو.

دراصل، اُها جناح جي لياقت علي خان تي سياسي لحاظ کان بداعتمادي ئي هئي، جنهن ڪري هُو لياقت علي خان کي پاڻ سان ساڻُ ڪري يا وري ڪيس (لياقت علي کي) اڪيلي طرح وائسراءِ سان ملاقات ڪرڻ کان منع ڪري ڇڏي هئي، ۽ اُها بداعتمادي، دراصل، تڏهن کان جناح جي دل ۾ ويهي وئي هئي، جڏهن کان لياقت علي خان، جناح کي بي خبريءَ ۾ رکي، ڪانگريس وارن سان لياقت-ڊيسائي معاهدو ڪري ڇڏيو هو. اُنهيءَ بداعتماديءَ بابت وولپرٽ لکي ٿو:

"Jinnah's refusal to allow Liaquat to meet with Wavell shows how little he trusted any of his lieutanants to participate in tough negotiations with the Government. He alone felt confident in giving nothing away as he wrestled to win Pakistan."[11]

"جناح پاران لياقت کي ويول سان ملاقات ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏڻ واري ڳالهه مان اُهو ثابت ٿئي ٿو ته، جناح حڪومت سان پيچيده انداز ۾ ٿيندڙ ڳالهه ٻولهه ۾ حصي وٺڻ لاءِ، پنهنجي ساٿين تي ڪيڏو نه گهٽ اعتماد ڪيو ٿي. ڪجهه به نه ڏئي پاڪستان حاصل ڪرڻ واري اُن جدوجهد ۾ هُن کي صرف پاڻ تي ئي اعتماد هو."

بهرحال، چوندڙن ۾ مليل شاندار ڪاميابي جي خوشيءَ ۾، مسلم ليگ طرفان 11 جنوري 1946ع تي ڪاميابي ۽ فتح ڏينهن ملهايو ويو.[12] 28 جنوري تي دهليءَ ۾ مرڪزي اسيمبليلي جو اجلاس ٿيو جنهن ۾ جناح سميت مسلم ليگ جي مڙني چونڊيل ميمبرن شرڪت ڪئي.[13] اجلاس ۾ وائسرا لارڊ ويول پنهنجي تقرير ۾ اُها ڳالهه ڪئي ته "برطانيا طرفان هندستان ۾ هڪ نئين ايگزيڪٽو ڪائونسل قائم ڪرڻ جو بندوبست ڪيو ويندو جيڪا سياسي اڳواڻن تي مشتمل هوندي، ۽ جيترو جلدي ممڪن ٿيندو اُوترو جلدي آئين جوڙڻ لاءِ اسيمبلي جو اجلاس منعقد ڪرايو ويندو. انهيءَ تقرير ڪانپوءِ جناح ترت ئي هڪ بيان جاري ڪري ڇڏيو جنهن ۾ هن چيو ته، مسلم ليگ پاڪستان ناهڻ ڪانسواءِ ٻيءَ ڪنهن به ڳالهه ڏانهن

ڏيان نہ ڏيندي، ۽ اُها اُن وقت تائين ڪنهن بہ عارضي آئيني انتظام يا بندوبست ۾ سهڪار نہ ڪندي جيستائين اُهو واضع نہ ٿو ڪيو وڃي تہ آئين جوڙڻ لاءِ بہ اسيمبليون ٿيندیون، هڪ پاڪستان لاءِ ۽ ٻي هندستان لاءِ. هاڻ برطانوي حڪومت کي گهرجي تہ اُها بنا ديرپاڪستان جو اعلان ڪري ڇڏي."[14]

بهرحال، فيبروريءَ ۾ صوبائي چونڊن جا بہ نتيجا اچي ويا، جن مطابق مسلم ليگ صوبائي 507 ڪل سيٽن مان 427 سيٽن تي ڪاميابي حاصل ڪري ورتي،[15] ۽ ائين "مسلم ليگ هڪ پيرو ٻيهر اُهو ثابت ڪري ڇڏيو تہ ننڍي کنڊ جي مسلمانن جي وڏي اڪثريت مسلم ليگ سان ئي گڏ آهي، ۽ پاڪستان جي مطالبي جي هرطرح سان حمايت ڪري ٿي."[16]

جيتوڻيڪ هن اليڪشن ۾ مسلم ليگ 1937ع جي پيٽ ۾ وڌيڪ ڪاميابي حاصل ڪئي هئي، جنهن ڪري اُها سنڌ ۽ بنگال ۾ صوبائي حڪومت جوڙڻ جي قابل بہ ٿي وئي هئي، پر اُها بہ حقيقت آهي تہ آل انڊيا مسلم ليگ مسلم گهٽائي واري صوبي سرحد مان سادي ڪاميابي حاصل ڪئي هئي، ۽ اُتي ڪانگريس جو ئي پلڙو ياري رهيو جو پٺاڻ پائر مسلم ليگ بدران ڪانگريس سان گڏ هئا. هوڏانهن پنجاب ۾ جيتوڻيڪ مسلم ليگ 88 مسلم سيٽن مان 75 سيٽن تي ڪاميابي حاصل ڪري ورتي هئي. اُن ڪري، وولپرٽ جي لفظن ۾ "اُهي ايترا ووٽ نہ هئا، جو اُهي ليگ کي سکن يا ڪانگريس جي مدد ڪانسواءِ وزارت قائم ڪرڻ ۾ ڪا مدد فراهم ڪن ها." [17] پر، اُن سڃيءَ صورتحال جي باوجود، اُها حقيقيت آهي تہ "مسلم ليگ جي مجموعي طور صوبائي سطح تي حاصل ڪيل ڪاميابي ۽ سيٽن جي تعداد اُها ڳالهہ بنهہ پڌري ڪري ڇڏي هئي تہ مسلم ليگ کي مسلمانن جا 88 سيڪڙو ڪان وڌيڪ ووٽ مليا آهن، جيڪي دنيا جي نظرن ۾ پاڪستان جي مطالبي کي جائز بنائڻ لاءِ ڪافي هئا."[18]

اُن وچ ۾ فيبروري 1946ع واري مهيني ۾ هندستان جي نيوي جي آفيسرن، انگريز حڪومت خلاف بغاوت ڪري ڇڏي. جيتوڻيڪ هيءَ هڪ وڏي بغاوت هئي، جنهن کي وڏيڪ ميڇوئر ۽ منظم ڪري، انگريزي راج کي هندستان ۾ ڪمزور ڪري، انگريزن کي هتان سولائي سان نڪري وڃڻ تي مجبوري ڪري پيو سگهجي، پر ڪانگريس ۽ اُن جي قيادت باغي اڳواڻن سان ڳالهائي، انهن کي هٿيار ڦٽا ڪرڻ تي راضي ڪري ورتو جنهن

ڪري انگريز سرڪار جو ڪو وڏو نقصان ته نٿيو البت انهيءَ بغاوت جي جوش ۾ اچي، مختلف شهرن، جهڙوڪ: بمبئيءَ، ڪراچيءَ ۽ لاهور وغيره ۾ جيڪي وڪوڙ ٿيا، اُنهن ۾ اڪيچار ماڻهن جو حياتيون ڪسجي ويون. ياد رهي ته انهيءَ بغاوت کي ختم ڪرڻ ۾ ڪانگريس جي ولپ پائي پٽيل خدمتون سرانجام ڏنيون هيون، ۽ باغي اڳواڻن سان ڳالهيون ڪري، کين هٿيار ڦٽا ڪرڻ تي راضي ڪري ورتو هو.

بهرحال، اليڪشن کانپوءِ صوبائي حڪومت قائم ڪرڻ بعد، 15 مارچ 1946ع تي برطانوي وزيراعظم ايٽلي، برطانوي پارليامينٽ کي خطاب ڪندي اُهو چيو ته "هندستان جي مسئلي جي حل ۽ اُتي هڪ نئين مرڪزي حڪومت قائم ڪرڻ لاءِ، برطانيا طرفان جلد ئي هڪ ڪيبنيٽ مشن وفد موڪليو ويندو جيڪو هندستان جي ذميوار سياسي ليڈرشپ سان ملي اختلافات ختم ڪرائي، حڪومت ۽ آئيني جوڙجڪ واسطي مدد فراهم ڪندو."[19]

ان کانپوءِ وزيراعظم تقرير ۾ جيڪي ڪجهه چيو اُهو گانڌيءَ جي ڏوهٽي راج موهن گانڌيءَ چواٽي، "ڪانگريس کي خوش ڪرڻ لاءِ هو"[20] جنهن ۾ وزيراعظم جو وڏيڪ چوڻ هو ته، "اسان کي اقليتن جي حقن جو پورو پورو خيال آهي، پر هي طرف اسان اقليتن کي اڪثريت مٿان ويٽو ڪرڻ جو اختيار نه ٿا ڏئي سگهون."[21]

ائين ئي، 23 مارچ 1946ع تي ڪيبينيٽ مشن وفد هندستان پهچي ويو. وفد ۾ ڪُل ٽي برطانوي آئيني ماهر شامل هئا، جن ۾ هڪ سراسٽيفورڊ ڪرپس (جيڪو 1942ع ۾ آئيني تجويزون کڻي آيون هو)، ٻيو پيٽڪ لارينس ۽ ٽيون وري اي. وي. اليگزينڊر هو[22] وفد جو جيڪو خاص مقصد هو اُن جي باري هيڪٽر بوليٿو مختصر طور هٿين لکي ٿو:

"وفد جي حوالي ٽيل اُهو ڪم هو ته اُهو هندستان جي سياسي اڳواڻن سان صلاح مشورا ڪري ۽ مدد وٺي، اهڙو طريقو ڳولهي، جنهن جي ذريعي هندستان جلد از جلد خودمختياري وٺي سگهي."[3]

راج موهن گانڌيءَ مطابق:

"ڪيبينيٽ مشن وفد جا ٻه بنياد ي مقصد هئا، هڪ هندستان ۾ وائسراءِ جي ايگزيڪٽو ڪائونسل جي جاءَ تي عبوري قومي حڪومت قائم ڪرڻ، ۽ ٻيو

وري آئيني حل لاءِ کو ڏگهي مدي واري طريقو ڳولهڻ هو."[24]

هتي اُهو ياد رکڻ گهرجي ته مشن وفد کي برطانيا طرفان اُهي واضع هدايتون مليل هيون ته انگريزن جو مقصد هندستان کي کنهن به طرح سان ورهائڻ نه پر متحد رکڻ آهي. اُن کري پاکستان ۾ ورهاڱي واري هر مطالبي کي رد کري صرف گڏيل وفاقي هندستان جي آئيني بندوبست واسطي تجويزن ونڻي اُنهن تي عمل کيو ويجي. اهو ئي سبب هو جو مشن وفد کي هندستان اچڻ کان اڳ ئي، وفد جي هڪ ماهر صلاحکار فرانسس ٽرنبل (Francis Turnbull) برطانوي سرکار طرفان هڪ دستاويز تيار کري ڏني ڇڏيو هو جنهن ۾ هندستان جي ورهاڱي جي سخت مخالفت کيل هئي، ۾ هندستان کي اُن سانحي کان بچائڻ جي هڪ واضع هدايت ٿيل هئي، جيکا هن ريت هئي:

"The division of India will be born in bitter antagonism and it will certainly be rash to assume that this will not be reflected in the efforts necessary to regulate the machinery of communicaltion and of economic intercourse between the Pakistan states and the rest of India.....It is hard to resist the conclusion that taking all these consideration into account the splitting up of India will be the reverse fo beneficial so far as the livelihood of the people is concern."[25]

"هندستان جو ورهاڱو شديد دشمني ۾ نفرت واري ماحول ۾ ٿي سگهندو ۾ اُهو سمجهڻ بلکل ٻاراٽي ڳالهه ئي ٿيندي ته اُن جي جهلڪ انهن کوشش ۾ ڏسڻ ۾ نه ايندي، جيکي پاکستاني رياستن ۾ باقي هندستان جي وچ ۾ مواصلات ۾ ٻين اقتصادي رابطن جي بحالي لاءِ ضروري آهن.....اُن نتيجي کان منهن موڙڻ ڏکيو آهي ته انهن سمورن معاملن کي ڏسندي هندستان جي ورهاڱو جيستائين ماڻهن جي معاش جو سوال آهي، کنهن به طرح فائديمند ثابت نه ٿيندو."

بهرحال، مشن وفد سرکاري عملدارن سان ملاقاتون کري ۾ کائنن صلاح مشورا ونڻي، 03 اپريل تي گانڌيءَ سان ملاقات ڪئي.[26] "جيکو ڏوتيءَ ۾ ملبوس ۾ غيرمعمولي طور صحتمند ڏسڻ ۾ آيو ٿي."[27] گانڌيءَ جيکو موقف مشن وفد جي اڳيان رکيو اُن جو تفصيل وائسراءِ ويول پنهنجي جرنل ۾ ڏنو آهي، وائسراءِ تفصيل بيان کندي لکي ٿو:

"Mr. Gandhi said that he had passed 18 days with Jinnah. He

claimed to be a sincere friend of the Muslims but had never been able to appreciate the Pakistan which Mr. Jinnah says he means...His Pakistan was a sin which he [Mr.Gandhi] would not commit. The substance of Pakistan as he understood it was independence of culture and a legitimate ambition.....The Two_nation theory is far more dangerous. The Muslim population is a population of converts....all denscendants of Indian_born people. Jinnah is sincere but his logic is utterly at fault especially as a kind of mania possesses him. He himself was called a maniac and he therefore honoured Jinnah for his mania....He asked Jinnah whether his own son [HarilalGandhi] who had gone over to the Muslim religion changed his nationality by doing so.....Let Mr. Jinnah form the first Government and choose its personnel form elected representatives in the country. The Viceroy would appoint them formally but, in fact, Mr. Jinnah would choose. If he does not do so then the offer to form a Government should be made to Congress.....The Interim government must be absolutely national. Mr. Jinnah could choose who he liked for his Government. They would be subject to the vote of the Assembly from which they were drawn."[28]

"مسٽر گانڌي پڌايو تہ هُن 18 ڏينهن مسٽر جناح سان گڏ گذاريا. هُو مسلمانن سان مخلص هجڻ جي دعويٰ ڪري ٿو پر ڪڏهن به هُن پاڪستان کي نہ ٿي سمجهيو... جنهن جو مطالبو جناح ڪري ٿو... هُن جو پاڪستان هڪ گناهہ آهي. جيڪو هُو(گانڌي) ڪڏهن به نہ ڪندو. پاڪستان جو مطلب، جئين هو سمجهي ٿو ثقافت ۽ جائز ارادن جي آزادي آهي... جنهن کان پـ قومي نظريو وڌيڪ خوفناڪ آهي. هندستان ۾ مسلمان، سڀ نوان ٽيل مسلمان آهن.....اُهي سڀ هندستان ۾ پيدا ٿيندڙن جو اولاد آهن. جناح سچو آهي، پر هُن جو منطق مڪمل طور تي غلط آهي، خاص طور تي اُن ڪري جو هو هڪ قسم جي جُنون ۾ مبتلا آهي. هُن کي پاڻ به هڪ جُنون ۾ ورتل ماڻهو سمجهيو ويندو آهي. اُن ڪري هو جناح جي جنون جو به احترام ڪري ٿو... هُن جناح کان پڇيو تہ ڇا هن جي پٽ (هري لال گانڌي) جيڪو مسلمان ٿي ويو ان ائين ڪري پنهنجي قوميت تبديل ڪريو ڇڏي هئي... عبوري حڪومت جي لاءِ اوهان جناح کي دعوت ڏئي سگهون ٿا. هُو چونڊيل نمائندن مان پنهنجي حڪومت لاءِ ميمبر چونڊي وٺي، جن جو سرڪاري طور تي وائسراءَ پاران بطور ميمبر ايگزيڪٽو ڪائونسل جي مقرري جو اعلان ڪيو ويجي، جيڪڏهن جناح ائين نہ ٿو ڪري تہ پوءِ حڪومت ٺاهڻ جي ڪانگريس کي دعوت ڏيڻ گهرجي. عبوري حڪومت کي قطعي طور تي قومي

عبوري حڪومت هجڻ گهرجي. مسٽر جناح جنهن کي چاهي، اُن کي پنهنجي حڪومت ۾ کڻي سگهي ٿو. اُهي اسيمبليءَ جي ووٽ جا تابع هوندا، جنهن مان اُنهن کي کنيو ويندو."

چون ٿا ته، گانڌيءَ جي اُنهيءَ موقف ٻڌڻ کانپوءِ، مشن وفد جي هڪ ميمبر پيٽڪ لارينس، وچ ۾ مداخلت ڪندي، گانڌيءَ کي اُهو چئي ڏنو ته "جناح جي پارٽيءَ کي ته اسيمبليءَ ۾ ڪا گهٽي اڪثريت ناهي، اُهو ڪيئن ٿيندو ته هن کي هڪ اهڙي حڪومت جي سربراهي ڪرڻ لاءِ چيو ويجي، جنهن جي ميمبرن جي اڪثريت، هُن جي پنهنجي پارٽيءَ جي ئي نه هجي. اُن تي گانڌيءَ چيو ته ائين بلڪل آهي. اُن تي سيڪريٽري آف اسٽيٽ اُها ڳالهه ڪئي ته اُن صورت ۾ ته جناح جي حڪومت لڳ ڀڳ سمورن هندو ميمبرن تي ئي مشتمل هوندي. مسٽر گانڌي چيو ته، هو مشن وفد جي آڏو آيل پيچيدگيءَ کي ڇڪيءَ طرح سان سمجهي ٿو. جيڪڏهن هُو اميدپرست نه هجي ها ته، هُو به انهيءَ پيچيدگي ۽ ڏکيائين سببان مايوس ٿي وڃي ها."[29]

گانڌيءَ سان ملاقات کانپوءِ، مشن وفد ٻئي ڏينهن صبح جو جناح سان ملاقات ڪئي.[30] ملاقات لڳ ڀڳ ٻن ڪلاڪن تائين جاري رهي.[31] مشن وفد سان جناح جيڪا ڳالهه ٻولهه ڪئي، ۽ جيڪو موقف رکيو، ان جي باري ۾ پاڪستان جي هڪ مشهور عورت اسڪالر عائشه جلال ٻڌائي ٿي ته جناح مشن وفد توڙي پي سموري ڳالهه ٻولهه واري عمل دوران جناح سڀ کان پهريان گڏيل وفاقي هندستان اندر مسلمانن کي سياسي برابريءَ جي بنياد تي اختيارن ۾ حصيداري ڏيڻ جي ڳالهه ڪئي، پرجڏهن اُنهي موقف کي انگريزن ۽ ڪانگريس قبول ڪرڻ کان انڪار ڪيو ته تڏهن ئي، دراصل، جناح پنهنجي موقف جي تقويت ڏيارڻ خاطر حڪمت عملي طور ٻه قومي نظريي جي ڳالهه ڪئي، ۽ بلڪل ائين ئي، جڏهن مشن وفد گانڌيءَ سان ملاقات ڪري، پي ڏينهن جناح سان اچي مليو ته جناح اُهو موقف رکيو ته مسلمان سڀ کان پهرين گڏيل وفاقي هندستان ۾ هندن سان گڏ سياسي برابريءَ جي بنياد تي رهڻ لاءِ تيار آهن. جيڪڏهن ڪانگريس مسلمانن کي سياسي برابريءَ واري اصول تحت مرڪز ۾ حصيداري يا نمائندگي نه ٿئي ڏئي ته پوءِ، مسلمان ڪا اقليت نه، پر قوم آهي، جنهن جو حياتيءَ گذارڻ جو طريقو ۽ فلسفو هندن کان بنهه الڳ، مختلف ۽ ڌار آهي. ان

ڪري. مسلمانن کي پاڪستان جي نالي سان ڌار وطن جوڙڻ جي اجازت ڏني ويجي.[32] دراصل، اُهو ئي بنيادي موقف هو جناح جو مشن وفد سان ڳالهه ٻولهه ڪرڻ وقت. بهرحال، جناح جي مشن وفد سان ٿيل ڳالهه ٻولهه مان هيٺيون ٽي ڳالهيون پڻ چڱيءَ طرح سان چٽيون ٿين ٿيون.

(الف)جناح جو ڪيبينيٽ مشن وفد جي آڏو بنيادي موقف، گڏيل وفاقي هندستان جي حمايت ۾ هندن سان گڏ رهڻ بابت هو جنهن لاءِ هن جو شرط صرف گڏيل هندستان جي مرڪز ۾ مسلمانن کي سياسي برابريءَ (Political Parity) جي بنياد تي نمائندگي ڏيڻ وارو هو.

(ب)ڪانگريس ۾ اُن جي ليڊرشپ، جڏهن جناح ۾ مسلم ليگ جي ان شرط کي مڃڻ لاءِ تيار نه ٿي، ته دراصل، اُنهيءَ صورتحال کي مدنظر رکندي، حڪمت عملي جي ضرورت مطابق جناح پنهنجي ڳالهه/ شرط کي مڃائڻ ۾ اُن کي گهربل تقويت ڏيارڻ خاطر ٻه_قومي نظريي جو ذڪر ڪندي، اُها ڳالهه ٽي ڪئي ته مسلمان ڪا اقليت نه، پر هڪ قوم آهن. ان ڪري، اُن کي پاڪستان جي نالي سان آزاد ۾ خودمختيار هڪ ڌار وطن جوڙڻ جو اجازت ڏني ويجي.

(ت)هتي اُهو به ذهن ۾ رکڻ گهرجي ته جناح ٻه_قومي نظريي جي ڳالهه يا مسلمانن جي قوم طور تشريح سياسي ضرورت/جبر تحت ڪئي، جو ڪانگريس ۾ اُن جي ليڊرشپ گڏيل هندستان جي مرڪز ۾ مسلمانن کي ڪنهن به طرح سان برابريءَ جي بنياد تي نمائندگي ڏيڻ تي تيار نه هئي. ڪانگريس جي اهڙي رويي ئي جناح کي حڪمت عملي طور ٻه_قومي نظريي جي ڳالهه ڪرڻ تي مجبور ڪيو. ان ڪري، ائين چئي سگهجي ٿو ته، جناح ۾ ڪانگريس جي وچ ۾ بنيادي اختلاف ٻه_قومي نظريي تي نه، پر گڏيل وفاقي هندستان جي مرڪز ۾ برابريءَ واري حصيداري ڏيڻ واري معاملي تي هئا. جيڪو معاملو دراصل، هڪ ٺوس سياسي (Solid Political Problem) معاملو هو.[۾ اهو ئي سبب آهي، جو اسان ائين سمجهون ٿا ته پاڪستان جو بنياد ٻه_قومي نظريي يا ڪنهن مذهبي معاملي تي نه، پر اختيارن جي ورهاست واري هڪ ٺوس سياسي معاملي تي ٻڌل هو] اُنهيءَ معاملي کي پنهنجي مخصوص مفاد ۾ مرضي مطابق حل ڪرڻ لاءِ آل انڊيا ڪانگريس طرفان، هڪ_قومي نظريي جو راڳ الاپجڻ لڳو. ته وري مسلمانن ۾ سندن نمائنده جماعت آل انڊيا مسلم ليگ طرفان ٻه_قومي

نظريي جو رينگڻ شروع ڪيو ويو جنهن جي نتيجي ۾ ڪو حل ته نڪري نه سگهيو اٽلندو اُهو سڄو سياسي معاملو ئي فرقيواريت جي رنگ ۾ رنگجي مذهبي نوع جو بڻجي ويو ۽ اُها غلط فهمي [Misconception] پيدا ٿي ته پاڪستان ۽ قومي نظريي جي بنياد تي صرف مذهب ۽ مسلمانن لاءِ ٺهيو. بهرحال، جئين ته ڪانگريس ۽ مسلم ليگ جي وچ ۾ بنيادي اختلافات گڏيل هندستان جي مرڪز ۾ حصيداري ڏيڻ واري سياسي معاملي تي ٻڌل هئا، جنهن تي جڏهن ڪانگريس جي غيرحقيقي سوچ جي ڪري ڪو اتفاق نه ٿي سگهيو ته، دراصل انهيءَ سياسي اختلاف واري صورتحال جي منطقي نتيجي طور حالتون ورهاڱي ۽ پاڪستان جي قيام ڏانهن هليون ويون.

بهرحال، مان پنهنجي اصل ڳالهه تي اچان، ۽ ڪيبينيٽ مشن وفد سان جناح جي ٿيل انهيءَ ملاقات جا وڌيڪ تفصيل ٻڌائيندو هلان ته اُنهيءَ ملاقات دوران "مشن وفد جي هڪ ميمبر ڪرپس، جناح کان سوال ڪيو ته، ڇا جناح ائين سمجهي ٿو ته بنگال ۾ هندن ۽ مسلمانن وارو فرق، پنجاب ۽ سنڌ جي مسلمانن وچ ۾ موجود فرق کان وڌيڪ آهي؟ اُن تي جناح دليل ڏنو ته، "بنيادي عقيدو" سيني مسلمانن جو هڪجهڙو ۽ گڏيل آهي. هن هرهنڌ جو سفر ڪيو آهي، ۽ جتي به هو مسلمانن سان مليو آهي، اُهي هڪ خدا تي ئي پروسو رکن ٿا، اُهي انسانن جي برابريءَ ۽ هڪجهڙائيءَ تي ويساهه رکن ٿا، جڏهن ته هندو اُنهن مان ڪنهن به اصول تي ڪو ويساهه نه ٿا رکن. "[33]" پيٽڪ لارينس ۽ ڪرپس ٻنهي دفاع واري سوال، خاص طور تي، اُولهه پاڪستان جي عدم تحفظ جي سوال تي، جناح سان معاملو طئي ڪرڻ تي چاهيو جيتوڻيڪ اُها هرممڪن ڪوشش ڪئي وئي ته جناح کان اُها ڳالهه قبول ڪرڻ تي راضي ڪيو وڃي ته، سمورين لاڳاپيل پارٽين جي لاءِ هڪ گڏيل فوجي ڪمانڊ ئي هڪ بهترين حل آهي، پر جناح پنهنجي وڪالت جي غيرمعمولي مضبوطي جو مظاهرو ڪندي هڪ مڪمل خومختيار پاڪستان جي مطالبي تي قائم رهيو. "[34]

بهرحال، ڪيبينيٽ مشن وفد گانڌيءَ ۽ جناح سان ملاقات ڪرڻ کانپوءِ جڏهن ڏنو ته، ڳالهه ڳري آهي، ۽ ڏريون ڪنهن به گڏيل ناهه تي اتفاق نه ٿيون رکن ته اُن پنهنجي طرفان ابتدائي طور تي به تجويزون جوڙي ورتيون. هڪ تجويز اُها هئي ته هڪ گڏيل هندستاني يونين هوندي،

جيڪا تن حصن ۾ ورهايل هوندي، اُن جو ڦهريون حصو هندو اڪثريتي، ٻيو مسلم اڪثريتي ۽ ٽيون وري راجائي رياستن جي علائقن تي ٻڌل هوندو. ٻيءَ تجويز مطابق، "برطانوي هندستان جي علائقي ۾ ٻه ملڪ بنجڻ گهرجن. هڪ هندستان، ۽ ٻيو پاڪستان. هندستاني رياستن کي انهن ٻنهي مان ڪنهن ٻه هڪ سان الحاق ڪرڻ جي اجازت ڏني ويندي"[35] وفد ٻنهنجون تجويزون جوڙي، 16 اپريل تي جناح سان گڏجاڻي ڪئي.[36] گڏجاڻيءَ ۾ وولپرٽ چواڻي، "ٽرنبل، ويول ۽ ڪرپس جناح کي مات ڏيڻ لاءِ ٻنهنجون مڪمل تياريون ڪري ورتيون هيون، جيڪا ڳالهه دراصل، جناح جي بحث مباحثي واريءَ سگهه ۽ قابليت لاءِ هڪ وڏو اعزاز ئي هو."[37]

بهرحال، "اجلاس جي شروعات ۾ ئي پيٽڪ لارينس، جناح کي اهو ٻڌائي ڇڏيو تہ هُن جي پاڪستان جي مطالبي کي منظور ڪرڻ جو بنهه گهٽ ئي امڪان آهي، ۽ اُها ڳالهه تہ اُنهن ٻنهي علائقن، جنهن جي هُن دعويٰ ڪئي هئي، اُهي هُو مڪمل طور حاصل ڪرڻ جي اُميد نہ ٿو ڪري سگهي، جتي وڏي اڪثريت ۾ غيرمسلم ئي رهن ٿا. اُن ڪري اسان ۾ تجويزون جوڙي ورتيون آهن، جنهن جا تفصيل اوهان کي ٻڌايا ويا آهن. اوهان ڪنهن کي ترجيح ٿا ڏيون؟"[38] وولپرٽ موجب، گڏجاڻيءَ ۾ جناح اهڙيءَ ڳالهه ٻڌڻ کانپوءِ چيو تہ "پاڪستان جي ڇاڻايل گڏيل هندستاني يونين ۾ ڪهڙي بيهڪ هوندي؟"[39] اُن تي سيڪريٽري آف اسٽيٽ ڪيس ٻڌايو:

"The Secretary of state said that briefly there were two propositions_a small Pakistan with soverign rights and a Treaty relation, and a larger Pakistan.. .The later would come together with Hindustan on term of equality within an all_Indian Union....Sir.S.Cripps sai that under the second ulternative two Federation would be created linked by a Union Center.....The Communal balance would be retained at the center by some means even if the state came in there. Mr. Jinnah asked how the Union Executive would be formed.Sir.S. Cripps said that the Federation would be chosen the member of the Union Executive. Mr. Jinnah asked how, if there were equal epresentation, decision was to be reached...Sir.S.Cripps said that .....Represenibility would go back to the two Federations if agreement could not be reached....Mr. Jinnah expressed doubts as to whether this arrangement would

work in practice. Matters would have to be decided every day in regard to defence. From what been said he had not been able to get anything which would enable him to say that the Union idea was worth considering....Mr. Jinnah said that no amount of equality provided on paper was going to work....Would there, for example, be equlality of each communality in the services?

The Secretary of state said that Mr. Jinnah seemed to be turning to the other alternative and asked Mr. Jinnah's views on that. Mr. Jinnah said that once the principle if Pkistan was conceded the question of territory of Pakistan could be discussed. His claim was for the six Province, but he was willing to discusse the area....He could not possibily accept that Clacutta should go out merely for the sake of 5 or 6 lakhs of Hindu(largely depressed Classes who would prefer Pakistan)most of whom were imperted labour...TheSecretary of state said that he wishe to emphasise that the Delegation did not consider that either of these two alternative would be readily acceptable to the Congress...Mr. Jinnah said that he thought with respect that the Congress stood to loose nothing. The unity of India was a myth."[40]

"اسان وٽ مختصر طور تي ۽ تجويزون آهن. خودمختياري واري حق سان گڏ هڪ ننڍو پاڪستان ۽ معاهدي سان لاڳاپيل هڪ وڏو پاڪستان...وڏو پاڪستان گڏيل هندستان يونين جي اندر برابريءَ واري شرط جي بنياد تي، هندستان سان گڏ وجود ۾ ايندو. ڪرپس چيو ته ٻئي حل يا متبادل مطابق ۽ وفاق جوڙيا ويندا، جيڪي وري هڪ گڏيل مرڪز سان ڳنڍيل هوندا. فرقيواراڻي توازن کي ڪنهن نه ڪنهن طريقي سان مرڪز ۾ ئي رکيو ويندو. جناح پڇيو ته، گڏيل انتظامي سرشتو ڪئين جوڙيو ويندو. ڪرپس چيو ته، وفاق گڏيل انتظامي سرشتي جي عملداري جي چونڊ ڪندو. جناح پڇيو ته، جيڪڏهن نمائندگي برابري ٿئي ٿي ته پوءِ فيصلي تي ڪئين پهچبو.... ڪرپس چيو ته... جيڪڏهن ڪو ۽ فيصلو نه ٿي سگهي ته، اُن جي ذميواري ڪنهي وفاقن جي مٿان هوندي.. مسٽر جناح پنهنجي شڪ جو اظهار ڪندي چيو ته، اُهو انتظامي سرشتو شايد ئي عملي ثابت ٿي سگهي. دفاع سان لاڳاپيل معاملن کي هرروز و طئي ڪرڻو پوندو جيڪي ڪجهه چيو ويو آهي. اُن سان هُوان نتيجي تي ناهي پهتو ته، جنهن جي بنياد تي ائين چئي سگهجي ته، اتحاد واري ڳالهه غور ڪرڻ جي قابل آهي... مسٽرجناح چيو ته ڪاغذ تي ڏنل برابريءَ کا ۽ حد ڪم نه ڪري سگهندي....مثال طور ڇا نوڪرين ۾ هرفرقي جو حصو برابر ٿي سگهندو؟

سيڪريٽري آف اسٽيٽ چيو ته، جناح ٻي متبادل ڏانهن ويندي ڏسڻ ۾ ٿو

اچي، ۽ اُن جي باري ۾ هُن، مسترجناح کان ويچار معلوم کيا. مسترجناح چيو تہ جيڪڏهن هڪ پيرو پاڪستان واري ڳالهہ کي قبول ڪيو وڃي تہ پوءِ پاڪستان جي علائقي واري مسئلي تي ڳالهہ ٻولهہ ڪري سگهجي ٿي. هن جي دعويٰ توڙي جو ڇهن صوبن جي باري ۾ هئي، پر هُو اُنهن جي علائقن جي باري ۾ ڳالهہ ٻولهہ ڪرڻ لاءِ تيار هو.....هُو گهٽيءَ حد تائين اُهاڳالهہ ڪيئن قبول ڪري ٿي سگهيو تہ. ڪلڪتو صرف پنج يا ڇهہ لکن هندن (جن جي گهڻائي هيئين طبقي سان واسطو ٿي رکيو ۽ جن پاڪستان کي ترجيح ٿي ڏني) جي ڪري ڏار ٿي ويندو... سيڪريٽري آف اسٽيٽ چيو تہ هو اُن ڳالهہ تي زور ڏيڻ چاهي ٿو تہ. وفد اُهو نہ ٿو سمجهي تہ اُنهن ٻنهي تجويزن مان ڪانگريس ڪنهن بہ هڪ کي قبول ڪندي. مسترجناح چيو تہ. هُن مڪمل احترام سان اُهو سوجيو آهي تہ. ڪانگريس ان حوالي سان ڪجهہ بہ نہ وڃائيندي. هندستان جو اتحاد هڪ مفروضو ئي آهي."

ڪيبينيٽ مشن وفد سان جناح جي ٽيل اهڙي گڏجاڻي، ۽ اُن ۾ جناح جي رکيل موقف، ۽ اُن جي ڪاميابيءَ تي تبصرو ڪندي وولپرٽ لکي ٿو:

"Jinnah legal adroitness proved more than Pathick_Lawrence, Cripps, or Alexender could outwit, though all three wise Birtish brain tried their best.[41]

"جناح جي وڪالت واري مهارت اُن کان وڌيڪ ثابت ٿي، جنهن جو پيٿڪ لارينس ، ڪرپس يا اليگزينڊر وي وارا تصور ڪري ٿي سگهيا. جيتوڻيڪ اُنهن ٽنهي دماغن، جناح کي مات ڏيڻ لاءِ پنهنجي پرپور ڪوشش ڪئي هئي."

وولپرٽ وڌيڪ لکي ٿو:

"Round was over. Jinnah knocked nobody down but surely won on points before the bell sounded, giving him an interlude of much needed rest."[42]

"اُن گڏجاڻي کانپوءِ پهريون دور ختم ٿي چڪو هو. جناح ڪنهن کي هارائي تہ نہ سگهيو هو البت گهنٽي وڄڻ کن اڳ ئي، هُو پنهنجي پوائنٽس جي بنياد تي کٽي چڪو هو. ائين هُن کي آرام جو بہ وقفو ملي ويو. جنهن جي هُن کي ڪافي ضرورت بہ هئي."

بهرحال، ڪيبينيٽ مشن وفدُ جناح سان گڏجاڻي ڪري، بعد ۾ ڪشمير هليو ويو. جتان مشن وفد 24 اپريل تي موٽي آيو.[43] وفد جي ڪشمير رهڻ دوران ئي "نهروءَ ۽ گانڌيءَ وفد جي ٽن درجن واري وفاقي

منصوبي کي ڏسي چڪا هئا، ۽ اُن کي رد بہ ڪري ڇڏيو هيائون. جنهن ۾ ليگ جي گهربل پاڪستان جي علائقن جي جوڙجڪ لاءِ صوبن کي ملايو ويو هو ۽ باقي برٽش انڊيا کي هندستان بنجڻو هو. جڏهن تہ راجائي رياستن کي پنهنجي مان ڪنهن بہ هڪ ۾ شامل ٿيڻ جي اجازت هئي. وفاق ۾ سڀ کان مٿي گڏيل هندستاني يونين کي، دفاع، پرڏيهي معاملن، مواصلات ۽ اقليتن جي مسئلن کي سنڀالڻ هو. هندستان ۽ پاڪستان جي اتحادي گروهن جا ذاتي ۽ الڳ جهنڊا ۽ اندروني دفاعي فوج جو هجڻ هو. جنهن جو انتظام مرڪزي اسيمبليءَ کي ڪرڻو هو جن مان هرهڪ کي ڪُل هندستان يُونين جي لاءِ نمائندن جي هڪ جيتري تعداد جي چونڊ ڪرڻي هئي. اقليتن جي مسئلن ۽ شڪايتن کي هڪ يونين ڪورٽ جي حوالي ڪرڻو هو. جنهن کي اهم فرقي جي نمائندگي ڪرڻي هجي ها. مسلم ليگ ۽ ڪانگريس کي پنهنجون ڈار ڈار ذاتي قانون ساز ڪميٽون جوڙڻيون پون ها. جيڪي پنهنجو ڈار ڈار آئين ناهي ٿي سگهيون. ڪانگريس دليل ڏنو تہ اُن منصوبي سان حقيقت ۾ پاڪستان نهي ويندو. ان کان اڳ اُها صلاح ورتي وڃي ها تہ ڪيترا ماڻهو سچ پچ ان جي گهرج محسوس ڪن ٿا. تڏهن مشن وفد سمورين اسيمبلين جي 150 کان وڌي 220 تائين نون چونڊيل نمائندن جي هڪ خصوصي ڪميشن جوڙڻ جي ڳالهہ ڪئي، ۽ تجويز ڏني تہ اُن جي آڏو پاڪستان جي تجويز تي راءِ شماري ڪرائي وڃي. جيڪڏهن ڪميشن جا 20 سيڪڙو ميمبر پاڪستان لاءِ ووٽ ڏيندا تہ، پوءِ پنجاب، سنڌ، سرحد، بنگال، آسام ۽ سهلٽ ضلعن جي صوبائي اسيمبلين جا نمائندا، اُن ڳالهہ تي راءِ شماري ڏيڻ لاءِ گڏ ٿي سگهن ٿا تہ ڇا اُهي هڪ هندستاني يونين مان نڪري وڃڻ جا خواهشمند آهن. جيڪڏهن 75سيڪڙو اُن جي حق ۾ ووٽ ڏين ٿا تہ پوءِ اُهي ان کان ٻاهر ئي رهندا. ۽ جيڪڏهن سنڌ، پنجاب ۽ سرحد ڌار ٿيڻ کي پسند ڪندا تہ پوءِ بلوچستان کي بہ پاڪستان جو حصو بنجڻو پوندو. جئين بنگال ۽ سهلٽ ضلعن کي بنجڻو پوندو. اُنهن صوبن جا (جئين اُوپر پنجاب ۽ اُولهہ بنگال وغيره) غيرمسلم اڪثريتي ضلعا هندستاني يُونين ۾ رهڻ جي چونڊ ڪري سگهندا."[44]

"ڪرپس جناح کي هڪ"نہ مڃڻ واري موڊ"۾ ڏٺو. بهرحال، جناح ڪرپس جي تجويز ڪيل نقطن کي لکي ورتو ۽ چيائين تہ، جيڪڏهن

ڪانگريس اُنهن تجويزن کي منظور ڪندي ته پوءِ هُو اُنهن کي پنهنجي ورڪنگ ڪميٽيءَ جي اڳيان رکندو. اُهو چاٽيندي ٻ. ته ڪنهن تجويزن جي ناپسند هجڻ جي صورت ۾ جناح کيترو نه محتاط ۽ ڪيڏو نه تيزيءَ سان غيرمتفق ٿي پئي سگهيو ويول کي پڪ هئي ته پنهنجي ماڻهن جي آڏو هڪ منصوبي کي پيش ڪرڻ لاءِ جناح جي صرف رضامندي ۾ مشروط ۽ بنهه گهٽو مشروط راضپو موجود هو. ائين، ڪرپس کي مشن وفد پاران نهروءَ سان غيررسمي ملاقات ڪرڻ، ۽ ڪيس مشن منصوبي جي باري ۾ سندس راءِ وٺڻ جو اختيار ڏنو ويو پر جواهرلال نهروءَ اُنهيءَ نئين تجويز کي مڪمل طور تي رد ڪري ڇڏيو. هُو وري پهرين شروعاتي صورتحال ڏانهن موٽي ويو هو. اُن رات ڪرپس وري جناح جي گهر آيو ۽ هن جي آڏو هڪ پيرو وري اڳوٽو الف ۽ ب وارو منصوبو پيش ڪيائين. جناح "ب" منصوبي ۾ موجود گهٽ مان گهٽ خودمختيار پاڪستان کي رد ڪري ڇڏيو البت هو "الف" منصوبي جي ٽن درجن واري وفاق يونين..... کي اُن صورت ۾ پنهنجي ورڪنگ ڪميٽيءَ جي آڏو رکڻ لاءِ تيار هو ته هن کي اُها پڪ ڪرائي وڃي ته ڪانگريس ب اُن تي غور ڪرڻ لاءِ تيار آهي. ڪرپس اُن نئين امڪان مان ايترو ته خوش ٿيو جو هُو ٻئي ڏينهن "الف" وارو منصوبو ابُوالڪلام آزاد وٽ کڻي پهچي ويو ۽ هُن کي تجويز ڏنائين ته اُنهيءَ حل جا تفصيلي لکڻ لاءِ چئن ڪانگريس ۽ چئن مسلم ليگي اڳواڻن جو هڪ سربراهي اجلاس گهرايو وڃي. ڪرپس مطمئن ٿي، وري جناح وٽ ڪهي ويو. جناح کيس ياد ڏيارايو ته، جيڪي ڪجهه هن پهرين چيو هو اُهو هن جو ذاتي خيال هو ۽ ضروري ناهي ته مسلم ليگ جو به اُهو ئي خيال هجي، البت هُو اُن خيال کي ورڪنگ ڪميٽيءَ جي آڏو رکڻ جو خيال رکي ٿو. ان کانپوءِ مشن وفد ۽ ويول پاران جناح ۽ آزاد کي هڪ خط لکيو ويو جنهن ۾ شملا ۾..... هڪ سربراهي گڏجاڻيءَ جي تجويز ڏني وئي هئي. اُن وقت نئين دهلي گرميءَ سبب بي حال ٿي رهيو هو ۽ سيني اتفاق ڪيو ته، هڪ هماليائي هل اسٽيشن جي خشڪ، صاف ستري ۽ وڏيڪ معقول ماحول ۾ ڪنهن به فيصلي تي پهچڻ جا امڪان وڌيڪ روشن هوندا."[45]

ائين، شملا ڪانفرنس 5 مئي 1946ع تي شروع ٿي.[46] ڪانگريس ۽ مسلم ليگ ٻنهي پارٽين جا نمائندن اچي گڏ ٿيا. اجلاس ۾ شرڪت لاءِ مسلم ليگ طرفان جناح، لياقت علي خان، سردار عبدالرب نشترخان ۽

نواب محمد اسماعيل خان جي چونڊ ڪئي وئي.[47] جڏهن ته ڪانگريس پاران جواهرلال نهرو ولڀ پائي پٽيل ۽ خان عبدالغفار خان کي موڪليو ويو[48] ۽ ائين وولپرٽ چواٽي، "ڪانگريس جي وفد کي آڏو هندو ۽ آڏو مسلمان بڻايو ويو."[49]

بهرحال، اجلاس ۾ "پهريون اختلاف يونين جي خرچن تي ٿيو. ڪانگريس جو مقصد هو ته مرڪز وٽ ٽيڪس اوڳاڙي جا اختيار هجڻ گهرجن، ۽ اُن سان گڏ مرڪز معاشي لحاظ کان پاڻ ۾ پرو هجي. جڏهن ته جناح جو موقف هو ته مرڪز کي هڪ مخصوص حد تائين ڏوڪڙ ملڻ ڪپن، ۽ جيڪڏهن اُن کان وڌيڪ ڏوڪڙن جي ضرورت هجي ته پوءِ اُن کي صوبن جي گروپن سان رابطو ڪرڻ گهرجي. اُنهي اختلاف ڪانپوءِ انهن وري هڪ مرڪزي آئين ساز اسيمبليءَ تي اختلاف ڪيو. ڪانگريس جو ان جي حق ۾ موقف هو. جڏهن ته جناح ان جي خلاف هو. هن جا دليل ڪمزور ۽ غيرتسلي بخش هئا. جناح قدرتي طور تي ٻئي درجي تي، جتي پاڪستان هو، پنهنجي ڌار آئين ساز اسيمبليءَ جو مطالبو ٿي ڪيو. جڏهن ته ڪانگريس ٻئي درجي تي، ڪنهن به قسم جي آئين ساز اسيمبليءَ جوڙڻ جي خلاف هئي."[50]

بهرحال، ڏرين ۾ مرڪز ۽ آئين ساز اسيمبليءَ جي قيام جي حوالي سان ڪو به اتفاق نه ٿيڻ سببان، شملا ڪانفرنس جو پهريون اجلاس ختم ڪيو ويو ۽ ٻيو اجلاس وري 6 مئي تي شروع ڪيو ويو. وولپرٽ لکي ٿو:

"On the morning of May 6 Nehru and Jinnah crossed swords in what was to evolve into the most deadly duel in Indian history."[51]

"6 مئي واري شام جو نهروءَ ۽ جناح اُنهي ويڙهه لاءِ پنهنجون پنهنجون تلوارون ٻاهر ڪڍيون، جنهن کي هندستان جي تاريخ ۾ سڀ کان لڙائيءَ جي صورت اختيار ڪرڻي هئي."

بهرحال، اُنهيءَ اجلاس ۾ نهروءَ جو چوڻ هو ته، "هندستان جي يونين کي اختياري فهرست ننڍي هجڻ جي باوجود مضبوط ۽ سگهارو هجڻ گهرجي. صوبن کي اهڙن کاتن، جهڙوڪ: تعليم ۽ صحت وغيره ۾ هڪٻئي سان سهڪار ڪرڻ کان روڪي نه ٿو سگهجي، پر اُنهن کي، هڪ گروپ جوڙڻ جي ضرورت نه هوندي. هُن ليگ کي آئين ساز اسيمبليءَ ۾ اُها خاطري ڪرائيندي درخواست ڪئي ته. اُن ۾ ڪنهن سان به ڪا به زبردستي نه

ڪئي ويندي. مسٽرجناح جواب ۾ چيو تہ، هُو اُن دعوت کي قبول نہ ٿو ڪري سگهي، پر جيڪڏهن ڪانگريس گروپن واري ڳالهہ کي قبول ڪري تہ پوءِ مسلم ليگ بہ يونين کي قبول ڪندي.... نهروءَ ڏيان ڇڪرايو تہ، مسٽرجناح يونين جي ڪنهن بہ ڳالهہ کي قبول نہ ٿو ڪري آئين ساز اسيمبلي ڪانسواءِ يونين جو هجڻ بيڪار ۽ مڪمل طور ناقابل قبول هوندو."[52] وولپرٽ لکي ٿو:

"Whil Nehru and Jinnah fenced, Patel face of cold angry disapproval was a study worthy of viceregal notice. That afternoon Nehru said that the question of grouping would arise after the constitution had been ed," insisting that "The first question to decide was the character of be Union. After that Provinces might exercise their autonomy subject to Union constitution and Provincial representatives might bring up in the 'Ml-India Constitution-making Body proposals for grouping?" Cripps drafted a new "points of agreement" document, which he jlanned to show Gandhi that evening, asking Wavell to tackle jinnah. The Mahatma was living in Simla's "Chadwick" bungalow with Patel and Chaf- hrlfihan, but he had not come to any mission meetings. Cripps had hoped mwin Gandhi's support, but he struck out. Gandhi argued that "the pro- jmed solution was 'worse than Pakistan,' and he could not recommend it mCongress." He "seemed quite unmoved at the prospect of civil war," Wavell noted, concluding, "I think he [Gandhi] had adopted Patel's thesis that if we are firm the Muslims will not fight."" The following evening Wavell met with]innah for over an hour. "He was friendly but showed his deep and utter mistrust of Congress and all their works. He is convinced of their intention to split the Muslims and secure Hindu domination. . . . He mid finally that we must do what we think just and fair, but not press him mo hard.""' Meanwhile Cripps returned to tackle Gandhi, and this time raid the Mahatma gave "full approval" to an outlined proposal of the three- tier system." Wavell, who did "not quite trust Cripps and wholly mis- trusted Gandhi," was "not at all persuaded that C. had led G. up to the altar, . . . more likely that G. has led C. down the garden path.

On May 8, 1946, Pethick-Lawrence sent]innah and Azad identical eopies of nine suggested points of agreement that started with

"There shall be an All-India Union Government and Legislature dealing with Foreign Allairs, Defence, Communications, fundamental rights and having the nec- essary powers to obtain for itself the finances it requires for these subjects," then vested "All the remaining powers in the Provinces," and as point three stated; "Groups of Provinces may be formed and such groups may deter- mine the Provincial subjects which they desire to take in co'mmon.""' jinnah replied the same day from "Yarrows," the bungalow he occupied in Simla: We are of the opinion that the new suggested points for agreement are a fundamental departure from the original formula embodied in your letter of 27th April, which was rejected by the Congress. . . . In these circumstances, we think, no useful purpose will be served to discuss this paper." Gandhi also rejected the written points of "agreement" for various other reasons, but primarily because 90 million Muslims would enjoy "partly"_ with over 200 million Hindus, an idea he termed "really worse than Pakistan."[53]

"جڏهن نهرو ۽ جناح وارا پاڻ ۾ لفظي جنگ ۾ مصروف هئا، تڏهن پٽيل جي منهن تي ڪاوڙ ۽ بيزاريءَ وارن تاثرن جو مشاهدو وائسراءِ جي ڏيان جو حقدار هو. اُنهي ٻنهڑن جو نهرو چيو ته، صوبن جي گروپ بنديءَ جو سوال، آئين نهڙ ڪانپوءِ ئي اُٽندو ۽ زور ڏنائين ته، پهريون مسئلو يونين جي ڪردار کي طئي ڪرڻ آهي، اُن ڪانپوءِ يونين جي آئين تحت صوبا پنهنجي خودمختياريءَ کي يونين جي آئين ۾ آڻي سگهن ٿا، ۽ صوبائي نمائندا ڪُل هندستاني آئين ساز اسيمبلي ۾، صوبن جي گروپ بنديءَ واري سوال کي ڪٽي سگهن ٿا. ڪرپس "ناهه جي نقطن" جو هڪ نئون دستاويز جيڪو هن اُن رات گانڌيءَ کي ڏيڪارڻ جو ارادو ٿي رکيو تيار ڪري ورتو ۽ ويول کي درخواست ڪيائين ته، هُو جناح سان معاملو طئي ڪري وٺي. مهاتما، پيٽيل ۽ غفار خان سان گڏ، شملا ۾ بنگلي ۾ رهي پيو هو. البت، مشن وفد جي ڪنهن به اجلاس ۾ شرڪت نه ٿي ڪيائين. ڪرپس، گانڌيءَ کان حمايت وٺڻ جي اميد رکي ويٺو هو پر بدقسمتيءَ سان هُن اُن جي دستاويز کي مڃڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. گانڌيءَ دليل ڏنو ته، اوهان وارو حل پاڪستان کان به بدتر آهي، ۽ اُن کي ڪانگريس جي آڏو نه ٿو رکي سگهي، ۽ هو گهرو ويڙهه واري امڪان کان ڇڪيءَ طرح سان غيرمتاثر ڏسڻ ۾ آيو. ويول پنهنجي جرنل ۾ نوٽ ڪيو ۽ اُهو نتيجو ڪڍيائين ته منهنجي خيال ۾ هُن (گانڌي) پٽيل جي اُن ڳالهه سان اتفاق ڪري ورتو هو ته، جيڪڏهن اسان پنهنجي ڳالهه تي قائم رهياسين ته، مسلمانن ويڙهه وڙهي نه سگهندا. پي رات ويول جناح سان هڪ ڪلاڪ ملاقات ڪئي. هُن جو رويو دوستاڻو هو. پر هُن ڪانگريس ۽

اُن جي سرگرمين تي پنهنجي گهري ۽ مڪمل بي اعتباريءَ جو اظهار ڪيو. هَنَ ڪي، هُنَ جي مسلمانن کي ورهائڻ ۽ هندو راج قائم واري ارادي جي پڪ ٿي وئي هئي. آخر ۾ هُن چيو ته، جيڪي هُو صحيح ۽ جائز سمجهن، اُهو ڪري ڇڏين. پر هن تي وڌيڪ دٻاءُ نه وڌن.

اُن دوران ڪرپس، گانڌيءَ کي مُنهن ڏيڻ لاءِ واپس اچي ويو ۽ هن پيري چيائين ته، گانڌي هڪ ته_درجاتي وفاق جي شروعاتي تجويز کي قبول ڪرڻ جي منظوري ڏيو ڇڏي آهي. ويول، (جنهن کي ڪرپس تي ڪو وڌيڪ اعتبار نه هو ۽ گانڌيءَ تي ته بہ قطعي اعتبار نه ٿي رکيائين) اُن ڳالهه کي نه ٿي مڃيو ته ڪو ڪرپس، گانڌيءَ کي فيصلي ڪرڻ تائين وٺي وڃڻ ۾ ڪامياب ويو آهي.....اُن ڳالهه جو وڌيڪ امڪان آهي ته گانڌي ڪرپس کي صرف ڏٺا ڏئي رهيو آهي. 8 مئي 1946ع تي پيٽڪ لارينس، جناح ۽ آزاد ڏانهن نئين ناهه جو هڪ دستاويز موڪلي ڇڏيو جنهن جي شروعات ائين پئي ٿي ته، هڪ ڪُل هندستاني يونين حڪومت هوندي، جنهن وٽ دفاع، پرڏيهي معاملا، مواصلات، ۽ بنيادي حقن جا انتظامن جا اختيار هوندا ۽ اُن سان گڏوگڏ اُن وٽ اُنهن ڪاتن کي هلائڻ لاءِ ناٽي حاصل ڪرڻ جا بہ اختيار مليل هوندا، باقي بيا سمورا اختيار ۽ ڪاتا صوبن جي حوالي هوندا. جڏهن ته صوبن کي گروپنگ ڪرڻ جي بہ آزادي هوندي ۽ اُهي گروپ انهن صوبائي ڪاتن کي، جيڪڏهن گڏيل طور رکڻ چاهين ته پوءِ اُهي فيصلو ڪري سگهن ٿا. جناح اُنهيءَ ڏينهن جواب موڪلي ڇڏيو ته، منهنجي خيال ۾ اوهان واري انهي ناهه جا نوان نقطا 27 اپريل واري خط ۾ موجود فارمولي، جنهن کي ڪانگريس رد ڪري ڇڏيو هو، تان ڦري وڃڻ برابر آهن. انهن حالتن ۾ مان سمجهان ٿو ته، هن دستاويز تي ڳالهائڻ مان ڪو بہ نتيجو نڪري نه سگهندو. جناح ڪانپوءِ گانڌيءَ بہ اُنهيءَ ناهه جي لکيل نقطن کي رد ڪري ڇڏيو، جنهن جو بنيادي سبب اُهو هو ته، اُن طرح سان نوَ ڪروڙ مسلمانن ويهه ڪروڙ هندن جي برابر ٿي ويندا، جيڪا اهڙي ڳالهه هئي، جنهن جي باري ۾ هن (گانڌي)چيو ته، حقيقت ۾ اُهو پاڪستان کان بہ بدتر آهي."

وولپرٽ وڌيڪ لکي ٿو:

"They were back to the drawing board. Cripps went to see Azad; Wa visited Jinnah. Nehru was with Azad when Cripps saw them, finding tlrell both "reasonable" but "having great difficulty" with "colleagues," Press: ably meaning Patel. Jinnah assured Wavell that he was "trying to be rea.. sonable" but that he was "already the subject of criticism from his su l porters for having yielded" on the "acceptance of a Union of any kind"; which he termed "a great

concession."2' Thus he insisted on Pakistall groups meeting to define their own constitution. On the evening of May 9 Nehruproposed that Congress and the League should meet with an "um: pire" to settle their points of difference. "Jinnah replied that he would be pleased to meet any Hindu representatives of Congress. There was a Preg_ nant silence for a minute or so; and then Nehru suggested that he and Jinnah should meet there and then and see whether they could decide on an umpire?" Everyone else left the conference room and strolled round Simla's lawns for forty minutes while Jinnah and Nehru locked horns in' single combat. They agreed only to adjourn for two days, however, and resolved to meet again on Saturday, May 11 at 3:00 P.M.

Nehru wrote Jinnah that day on the eve of their meeting to report that he and his colleagues had "given a good deal of thought to the choice of a suitable umpire," deciding that it would "probably be desirable to exclude Englishmen, Hindus, Muslims and Sikhs.""' The field was thus quite lim- ited, but Congress drew up "a considerable list" that included Americans. Jinnah replied that there were "several points" that remained to be dis- cussed "besides the fixing of any umpire" and informed Nehru that he would be "glad" to meet with him any time after 10:00 A.M. on Saturday. Nehru answered, "I was under the impression that the proposal to have an umpire had been agreed to and our next business was to suggest names?" Nonetheless, the two leaders met at Jinnah's residence at 10:30 A.M.

They fought on till after 6:00 P.M., when Pethick-Lawrence asked Jill- nah to put his precise conditions in writing for the next round to begin Sunday evening. Jinnah sent a written statement of ten principles to Pethick- Lawrence the next day. There were to be separate constitution-making bodies for the Pakistan and Hindustan groups, and "parity of representa- tion" between the groups in a union executive or legislature that might be established. No "controversial" decision could be taken in the union except by a "three-fourths" majority. Azad also submitted a written proposal Of suggested points of agreement on behalf of the Congress. It opened with the formation of a single constituent assembly composed of elective representative of all provinces and princely states. Pethick-Lawrence asked that evening if they thought, in view of positions they had they saw any "chance of reaching agreement?" No one could yes. The secretary of state,

therefore, felt he had no further to close" the conference. The cabinet mission and viceroy to New Delhi on Tuesday.

That Monday May 13, Wavell talked with Iinnah, so "looked tired talked about the new executive council that the viceroy appoint. Wavell offered the League parity with Congress, include one Sikh, one Scheduled Caste member, and one He urged Iinnah to accept "so favourable a proportion." carefully but made "little comment." He said that "whether League came into the Interim Government would de- our Statement seemed likely to offer a solution of the His fear was that the Congress plan was to get control of Government . . . and concentrate on getting control in thenProvinces. Jinnah planned to remain in Simla to "rest and recuperate," for at least three weeks.[54]"

"اهڙيءَ صورتحال پيدا ٿيڻ کانپوءِ ائين ياسجي رهيو هو ته، هُو جتان هليا هئا، وري اُتي ئي پهچي ويا. ڪرپس آزاد سان ملڻ ويو. ويول جناح سان ملاقات ڪئي. نهرو آزاد سان گڏ هو. جڏهن ڪرپس هُن سان ملاقات ڪئي ته، هُن اُنهن ٻنهي کي معقول ٿي ڏٺو. جناح به ريول سان ملاقات ڪري ڪيس خاطري ڪرائي ته هو به، "معقول ٻڌجڻ جي ڪوشش" ڪري رهيو آهي، پر هُو اُن ڳالهه تي پنهنجي ساڻين جي طرف کان وڏي تنقيد جو نشانو ٻڌجي چڪو آهي ته، هن ڪنهن به قسم جي يونين کي قبول ڪري ورتو آهي، ۽ ان کي هنن وڏي رعايت قرار ڏنو آهي. بهرحال، جناح پاڪستان جي گروپن جي اجلاس تي اتفاق ڪيو ته جئين پنهنجي آئين جا تفصيل پيش ڪري سگهي. 9 مئي جي رات جو نهروءَ تجويز ڏني ته ڪانگريس ۽ مسلم ليگ کي پنهنجي اختلافي نقطن کي نبيرڻ لاءِ هڪ "ٽياڪڙ" مقرر ڪرڻ گهرجي. جناح جواب ڏنو ته هُو ڪانگريس جي ڪنهن به هندو نمائندي سان خوشيءَ سان ملڻ لاءِ تيار آهي. هڪ اڏ منٽ لاءِ معنيٰ خيز خاموشي ٿي وئي ۽ پوءِ نهروءَ تجويز ڏني ته هن کي ۽ جناح کي انهيءَ وقت، اتي ئي ملڻ گهرجي، ۽ اُن امڪان جو جائزو وٺڻ گهرجي ته اهي ڪنهن ٽياڪڙ تي اتفاق ڪن. سيئي اجلاس واري ڪمري مان ٻاهر هليا ويا ۽ ويهن منٽن تائين شملا جي باغن ۾ پسار ڪرڻ لڳا. هُوڏانهن، نهرو ۽ جناح هڪٻئي سان مُڪاميل هئا. البت جناح ۽ نهروءَ صرف اُن ڳالهه تي اتفاق ڪيو ته اجلاس کي ٻن ڏينهن تائين ملتوي ڪرڻ گهرجي، ۽ 11 مئي تي ٻيهر ملڻ جو فيصلو ڪيو. نهروءَ اُنهي ڏينهن اجلاس کانپوءِ، جناح کي اُهو ٻڌائڻ لاءِ لکيو ته، هن ۽ هن جي ساڻين هڪ مناسب ٽياڪڙ جي چونڊ جي حوالي سان ڪافي غور ويچار ڪيو آهي، ۽ فيصلو ڪيو آهي ته، انگريزن، هندن، مسلمانن توڙي سکن کي ان آجو رکڻ مناسب ٽيندو.ائين، دراصل، ميدان بلڪل محدود ٿي ويو. پر ڪانگريس

هڪ چگي ڏگهي فهرست تيار ڪري ورتي، جنهن ۾ آمريڪي به شامل هئا. جناح جواب ۾ چيو ته، ٽياڪڙ جي فيصلي ڪرڻ کانسواءِ ڪجهه ٻيا نقطا به آهن، جن تي ڳالهه ٻولهه ڪرڻ جي ايجا به ضرورت آهي، ۽ ائين هُن نهروءَ کي ٻڌايو ته هُن کي چنڊچر ڏينهن صبح جو ڏهين وڳي ڪانپوءِ ملڻ تي خوشي ٿيندي. نهروءَ جواب ڏنو ته، منهنجو تاثر اُهو آهي ته هڪ ٽياڪڙ مقرر ڪرڻ واري تجويز تي اتفاق ٿي چڪو آهي، ۽ اسان جو ٻيو قدم ان ٽياڪڙ جي نالي جي چونڊ ڪرڻ آهي. بهرحال، ٻنهي اڳواڻن ۾ صبح جي سادي ڏهين وڳي جناح جي گهر ۾ ملاقات ٿي. هو شام جو ڇهين وڳي تائين بحث ڪندا رهيا. پيٽڪ لارينس جڏهن جناح کي، ٻئي اجلاس لاءِ، جيڪو آڇر تي شروع ٿيڻ وارو هو، پنهنجا شرط واضع طور لکي موڪلڻ لاءِ چيو ته، جناح ٻي ڏينهن پيٽڪ لارينس کي 10 اصولن تي ٻڌل هڪ تحريري بيان موڪلي ڇڏيو جنهن ۾ ڄاڻايو ويو ته، پاڪستان ۽ هندستان جي گروپن لاءِ ڏار آئين ساز اسيمبليون ۽ يونين جي آئين ساز اسيمبلي قائم ڪري سگهجي ٿي. اُن جي گروپن جي وچ ۾ "نمائندن جي برابري" هجڻ گهرجي. يونين ۾ ڪو به اختلافي فيصلو ٿي ياڳي چار جي اڪثريت کانسواءِ نه ٿيڻ گهرجي. آزاد، ڪانگريس طرفان ناهه لاءِ پنهنجي پاران مختلف نقطن ۽ اصولن تي ٻڌل لکت ۾ بيان موڪلي ڇڏيو. جنهن جي شروعات هڪ واحد آئين ساز اسيمبليءَ جي قيام سان ٿي پئي، جيڪا مڙني صوبن ۽ رياستن جي چونڊيل نمائندن تي مشتمل هوندي. پيٽڪ لارينس انهيءَ شام ٻنهي پارٽين جي اڳواڻن کان پڇيو ته، ڇا انهن جي خيال ۾ سندن موقفن ۽ لکت ۾ موڪليل نقطن کي مدنظر رکندي، انهن کي ڪنهن به ناهه تي پهچڻ جو امڪان ڏسڻ ۾ اچي ٿو. ڪير به ايمانداريءَ سان ها ڪري نه پئي سگهيو. ائين سيڪريٽري آف اسٽيٽ محسوس ڪيو ته، هن وٽ ڪانفرنس کي ختم ڪرڻ کانسواءِ هاٿي ٻيو ڪو به رستو ناهي. ڪيبينيٽ مشن ۽ وائسراءِ آڳاري تي نئين دهلي اچڻ جو ارادو ڪري ورتو. اُنهي رات، 13 مئي تي، ويول جناح سان ڳالهه ٻولهه ڪئي. جيڪو بنهه ٽڪل ۽ بيمار ڏسڻ ۾ ٿي آيو. هُنن اُن نئين اسيمبلي جي باري ۾ ڳالهايو جنهن کي وائسراءِ مقرر ڪرڻ جي تجويز ڏني هئي. ويول ڪانگريس ۽ مسلم ليگ کي برابريءَ واري حصيداري ڏيڻ جي آڇ ڪئي، جنهن ۾ هڪ سک، هڪ اڇوت ۽ هڪ ٻي اقليت جي اڳواڻ کي شامل ڪرڻ جو ارادو ظاهر ڪيو. هن جناح تي اهڙي فائدي بخش حل کي قبول ڪرڻ تي زور ڀريو. جناح غور سان ٻڌندو رهيو. پر ڪا چٽي راءِ نه ڏنائين. جناح چيو ته، مسلم ليگ هڪ عبوري حڪومت ۾ شامل ٿئي ٿي يا نه، اُن جو دارومدار اسان جي موڪليل بيان ۾ ڏڪهي مدي واري مسئلي جي حل جي صورت ۾ آهي. هُن جو خدشو هو ته، ڪانگريس جو ارادو هڪ ته مرڪزي حڪومت جا سمورا

اختيار پنهنجي قبضي هيٺ رکڻ وارو آهي. ۽ ٻيو وري صوبن جي اختيارن تي قبضي کڻڻ جو به آهي. جناح آرام کڻڻ ۽ صحت جي بحالي لاءِ جئين ويول رپورٽ ڪيو آهي، گهٽ مان گهٽ تي هفتا شملا ۾ رهڻ جو ارادو ٿي رکيو."

دراصل، اُنهن ڏينهن ۾ جناح جي طبعيت بنهه خراب هئي. کنگهه ۽ ڦڦڙن جي بيماريءَ جناح کي سچ پچ جهوري ۽ ڪمزور بڻائي ڇڏيو هو. شايد اهو ئي سبب هو جو جناح ۾ تن ڏينهن، ڪاوڙ ۽ بيزاريءَ واري ڳالهه پڻ، واسو ڪري ويٺي هئي، جنهن جا اُولڙ' اسان کي ڪيبينيٽ مشن وفد جي اڳواڻن سان ڪيل اڪيچار گڏجاڻين ۾ پڻ ڏسڻ ۾ اچن ٿا. تن ڏينهن، جناح جو علاج ڪندڙ ڊاڪٽر جان پٽيل جو بيان آهي:

"مئي ۾ جڏهن هُو (جناح) ٻي شملا ڪانفرنس ۾ شرڪت واسطي بمبئيءَ کان روانو ٿيو تہ بنهه نبل ۽ ڪمزور هو. شملا پهچي هُو وري بيمار ٿي پيو. جڏهن هو اتان کان واپس بمبئي اچي رهيو هو تہ هن جا ٽيهه هزار عقيدتمند سينٽرل اسٽيشن تي آڏرياءَ لاءِ گڏ ٿي ويا، پر مون ائين ڪيو جو هن کي وڏيءَ اسٽيشن کان ڪجهه ميل پري دادر جي اسٽيشن تي لاهي، گهر موڪلي ڇڏيو. جڏهن هو دادر تي لٿو تہ مون ڏٺو تہ هو ٽڪ سبب انتهائي ڪمزور ٿي رهيو هو انهيءَ ڪري مون هڪ هندو اسٽيشن ماسٽر کي درخواست ڪئي تہ هو هن کي ريل جي ڦاٽڪ مان نڪري وڃڻ جي اجازت ڏئي تہ جئين هو پل تي چڙهڻ واري زحمت کان بچي پوي. اسٽيشن ماسٽر منهنجي ڳالهه کي قبول ڪري ورتو. هن کي وري ٻيهر رٽُ جي نالين ۾ ڪنڌ اچي ويو هو. جڏهن به هو بيمار ٿيندو هو تہ هن کي بنيادي شڪايت انهي ڪنڌ جي هوندي هئي. هن پيري کيس ڏهن ڏينهن تائين بخار رهيو. منهنجو خيال آهي تہ هن کي هميشہ کان ڦڦڙن جي شڪايت رهي هوندي، ۽ هاڻ وري هن کي وڏ کان وڏ ڪمزوري ۽ تڪليف محسوس ٿي رهي هئي."[55]

جناح جي، سوانح نگار هيڪٽر بوليٿو موجب:

"انهي ڊاڪٽر کيس ٻڌايو تہ تن ڏينهن جناح جي بيماري جو اثر هن جي عام رويي ۽ ڪيفيت تي ٻڌجي رهيو هو. مون کي ياد آهي تہ جڏهن هو شملا کان واپس بمبئي آيو تہ هو بيمار هجڻ کانسواءِ دلشڪستو ٻہ هو. هن جي اُها شڪايت هئي تہ سائڪس مستر استيفورڊ جو رويو نامناسب ۽ اڻ سهائيندڙ هو. مشن جا ٻيا ميمبر ٻہ هن سان اهڙي تہ سختي ۽ زور آوريءَ سان پيش ٿي آيا، جو هو ڪاوڙجي اجلاس مان اٿي موٽي گهر هليو ٿي آيو. ٻئي ڏينهن مسٽر اليگزينڊر فون تي هن سان معذرت ڪندي چيو تہ لڳي ائين ٿو تہ هتان

جي سخت ۽ اڻ سهائيندڙ آهيوا جو اثر اسان جي مزاج تي به پيو آهي. لارڊ پيٿڪ لارينس به معذرت خواهه آهي ۽ اوهان سان ملڻ چاهين ٿا. اُن تي جناح کيس رکائيءَ سان جواب ڏنو ته، جيڪڏهن هو چاهي ته پاڻ اچي، مون سان ملي سگهي ٿو. ڊاڪٽر پٽيل جي راءِ آهي ته، تن ڏينهن جناح جنهن قسم جي بيماريءَ ۾ مبتلا هو ان ۾ مريض لڳ ڀڳ ڪاوڙيل ۽ سخت مزاج ٻڌجيو پوي ٿو. تن ڏينهن، هڪ ٻيو واقعو به مشهور ٿيو جنهن مان جناح جي سخت مزاجي يا چڙ جوانداز و ٿئي ٿو. چون ٿا ته، هڪ ڏينهن بمبئيءَ جي گورنر جي سيڪريٽري، جناح کي فون ڪئي ۽ کيس گورنر جو پيغام ڏيڻ ٿي چاهيو. جناح سيڪريٽريءَ جي ڳالهه ٻڌڻ کانسواءِ ئي کيس ڏڪو ڏيندي چئي ڏنو ته، جيڪڏهن لاٽ صاحب ايترو ئي وڏو ماڻهو آهي، ۽ پاڻ فون نه ٿو ڪري سگهي ته پوءِ مان به وڏو ماڻهو آهيان. ائين چئي هن فون بند ڪري ڇڏي انهيءَ واقعي جو ذڪر ڪندي ڊاڪٽر جان پٽيل چيو ته، اسان کي اهو نه وسارڻ گهرجي ته، تن ڏينهن جناح بنهه گهٽو بيمار هو جنهن سبب سندس مزاج ۽ طبعيت ۾ سختي اچي وئي هئي، جيڪا گهٽي حد تائين عارضي هوندي هئي.

دراصل هُو دل جو صاف ماڻهو هو. طبعيت ۾ پاڻ هر تڙائي اصل نه هوس. هن جو ذهن تعصب ۽ خاص طور فرقيواراڻي فرق کان آجو هو. ان زماني ۾ به، جڏهن هندن ۽ مسلمانن جي دشمني وڏيءَ انتها تي پهچي چڪي هئي، تڏهن به، هن پنهنجي پراڻي هندو جمعدار کي، پاڻ وٽ بحال رکيو. تن ڏينهن هڪ پيري، مان جڏهن جناح جي طبعيت جي چڪاس ڪرڻ واسطي سندس گهر ڪهي ويس ته، مون کائنس مذاق ۾ پڇي ورتو ته، ڇا اوهان کي ان ڳالهه جو ڪو خطرو نه ٿو ٿئي ته اوهان جو اُهو هندو ملازم اوهان کي نقصان پهچائيندو؟ هرگز نه! جناح جواب ڏنو. مان هُن کي پسند ڪريان ٿو ۽ مون کي هن تي پورو پورو پروسو آهي. اڇڪلهه ڪٿي هن کي ڪانگريس جي سرگرمين سان وڏي دلچسپي پيدا ٿي آهي، پر پوءِ به هو هڪ سٺو ماڻهو آهي."56

بهرحال، اهڙيءَ ئي صورتحال ۾، هڪ طرف جناح جي طبعيت ٺيڪ نه هئي، ته وري ٻي طرف لڳاتار ڪيبينيٽ مشن وفد جي اجلاس ۾ شرڪت ڪرڻ، ۽ انهن ۾ هندو توڙي انگريزن ماهرن سان، جناح جا وڏا بحث مباحثا ٿيندا رهيا، جيڪي دراصل ڪنهن به طرح سان پاڪستان واريءَ ڳالهه کي قبول ڪرڻ لاءِ تيار نه هئا. نيٺ، وفد مشن وفد جي ماهرن، صورتحال کان زچ ۽ بيزار ٿي، 16مئي 1946ع تي پنهنجي طرفان هندستان جي آئيني وفاقي بندوبست واسطي هڪ آئيني طريقي ڪار جو اعلان ڪري ڇڏيو، جنهن مطابق، هندستان جي وفاقي مرڪزي حڪومت

برطانوي هندستان ۾ رياستن تي مشتمل هوندي، جنهن وٽ دفاع، پرڏيهي معاملا ۽ مواصلات جا شعبا هجڻ سان گڏو گڏ، ان کي مڙني شعبن جي خرچن جي پورائي لاءِ آمدني گڏ ڪرڻ جا به اختيار هوندا. يونين، يعني مرڪز وٽ، انتظاميا ۽ قانون ساز اسيمبلي هوندي، جيڪا هندستان ۽ رياستن جي نمائندن تي ٻڌل هوندي. فرقيواراڻن مسئلن جو فيصلو ڪرڻ لاءِ ٻنهي وڌين ڌرين (هندو ۽ مسلمانن) جي موجود ۽ ووٽنگ ۾ حصو وٺندڙ نمائندن جي اڪثريت ضروري هوندي. مرڪز کي ڏنل ڪاتن کانسواءِ ٻيا سمورا ڪاتا ۽ شعبا صوبن جي حوالي هوندا. رياستن کي اُهي سمورا شعبا ۽ ڪاتا مليل هوندا، جيڪي مرڪز وٽ نه هوندا. صوبن کي گروپ ناهڻ جي مڪمل آزادي هوندي. صوبن جي هر گروپ جي پنهنجي ڌار ايگزيڪٽو ۽ قانون ساز اسيمبلي هجڻ سان گڏوگڏ، هر گروپ صوبائي ڪاتن مان انهن شعبن جو تعين ڪري سگهندو، جيڪي ان گروپ جا گڏيل شعبا هوندا. يونين ۽ گروپن جي آئين ۾ اِها شق شامل هوندي ته، شروعاتي ڏهن سالن بعد، ۽ پوءِ وري هر ڏهن سالن بعد، ڪو به صوبو پنهنجي قانون ساز اسيمبليءَ جي اڪثريتي راءِ سان، آئين جي شرطن تي نظرثانيءَ جو مطالبو ڪري سگهي ٿو. مٿين طريقي ڪار مطابق، صوبن جي چونڊيل ميمبرن جو هڪ اجلاس نئين دهليءَ ۾ سڏايو ويندو. اُهو شروعاتي اجلاس هوندو جنهن ۾ چئيرمين ۽ ٻين عهديدارن جي چونڊ عمل هيٺ ايندي، بعد ۾ اُهي نمائندا هيٺين ٽن گروپن ۾ ورهائجي ويندا. پهرين حصي (يعني سيڪشن اي) ۾ هندو اڪثريتي صوبا، جهڙوڪ: مدراس، بمبئي، بهار، گڏيل صوبا، وچولا صوبا ۽ اوڙيسا وغيره شامل هوندا. ٻئي حصي (يعني سيڪشن بي) ۾ مسلم اڪثريتي صوبا، جهڙوڪ: پنجاب، سنڌ ۽ سرحد (هاڻوڪو خيبر پختونخوا) وارا شامل هوندا. ٽئين حصي (سيڪشن سي) ۾ بنگال ۽ آسام شامل هوندا. اُهي گروپ پنهنجي اندر شامل صوبن لاءِ آئين ناهيندا ۽ فيصلو ڪندا ته، ڇا اُنهن صوبن تي ٻڌل گروپ جي ڪو آئين هجڻ گهرجي يا نه، ۽ جيڪڏهن آئين هجڻ گهرجي ته پوءِ اُهي ڪهڙا ڪاتا ۽ شعبا گروپ وٽ هجڻ گهرجن، ۽ ڪهڙا ڪاتا مرڪز جي حوالي ڪيا وڃن. انهن ٽنهي حصن جي آئين جي نهڻ کانپوءِ، اُهي ٽئي گروپ وري پاڻ ۾ گڏجي، رياستن جي سهڪار سان هڪ مڪمل قانون ساز اسيمبلي ٻڌجي، آل انڊيا يونين جي مرڪزي حڪومت جو آئين جوڙيندا.[57]

جئين تہ ڪيبينيٽ مشن وفد جي انهيءَ آئيني فارمولي ۾ صوبن جي خودمختياريءَ سان گڏ برابريءَ [Parity]واري مطالبي (جيڪو دراصل جناح ۽ مسلم ليگ جو وڏو مطالبو هو) کي گروپنگ واري منصوبي جي ذريعي وڏيءَ حد تائين قبول ڪيو ويو هو. اُن ڪري انهيءَ آئيني منصوبي کي پڏري ڪرڻ کانپوءِ، جڏهن ان کي قبول ڪرڻ واسطي، جناح سان رابطو ڪيو ويو تہ هُن مثبت موٽ ڏني، ۽ اُها ڳالهہ ٽي ڪئي، تہ اُنهيءَ حل تي گهربل غور ويچار ڪرڻ لاءِ 5 جون 1946ع تي مسلم ليگ جي مرڪزي ڪميٽي جو اجلاس گهرايو ويندو ۽ ان کانپوءِ ئي مسلم ليگ طرفان ڪجهہ ٻڌائي سگهجي ٿو.

دراصل، هاڻ جناح حڪمت عمليءَ طور، پنهنجي پاڪستان واري موقف ۾ تبديلي آڻڻ جو واضع اشارو ڏئي چڏيو هو ۽ وڏا امڪان ان ڳالهہ جا هئا تہ جناح ۽ مسلم ليگ، جون مهيني واري پنهنجي تنظيمي اجلاس کانپوءِ ڪيبينيٽ مشن وفد جي متي بيان ڪيل آئيني بندوبست کي قبول ڪري وٺندي، جيڪو عملي طور تي بعد ۾ 5 جون 1946ع واري مسلم ليگ جي اجلاس ۾ قبول ڪيو به ويو.[58] مسلم ليگ جي انهيءَ 5 جون واري اجلاس ۾ جناح کي عبوري حڪومت جي جوڙجڪ جي حوالي سان وائسرا سان ڳالهہ ٻولهہ ڪرڻ جا به اختيار ڏنا ويا، جنهن کانپوءِ 7جون تي جناح وائسراءِ لارڊ ويول سان ملاقات ڪئي، ۽ پنج مسلم ليگي، پنج ڪانگريسي ۽ به بين اقليتن ڏرين جي اڳواڻن تي مشتمل هڪ عبوري حڪومت قائم ڪرڻ جي تجويز پڻ ڏئي تي چڏي.[59]

جيتوڻيڪ مسلم ليگ تہ پنهنجي 5 جون واري اجلاس ۾ مشن وفد جي منصوبي کي قبول ڪري ورتو هو، پر ڪانگريس پنهنجي 14جون واري اجلاس ۾ انهي منصوبي کي رد ڪري چڏيو.[60] جڏهن تہ"وائسراءِ عارضي حڪومت جي باري ۾، جيڪو 16 جون تي اعلان ڪيو هو تہ ان کي به ڪانگريس جي مرڪزي ڪميٽيءَ رد ڪري چڏيو تہ ان صورتحال ۾ ڪيبينيٽ مشن ۽ وائسراءِ کي پنهنجي فيصلي تي نظرثاني ڪرڻي پئجي وئي، ۽ ان ڪانگريس نوازيءَ جو ثبوت ڏيندي، عارضي حڪومت جي قيام جي فيصلي کي 26 جون تائين ملتوي ڪري چڏيو. مشن جي هڪ ميمبر اي وي اليگزينڊر 26 جون تي جناح سان ملاقات ڪئي، ۽ کيس اُهي سبب ٻڌايا، جنهن جي ڪري مشن وفد کي عارضي حڪومت واري اسڪيم کي

ملتوي ڪرڻو پيو. جناح 27 جون تي هڪ بيان جاري ڪيو جنهن ۾ اُنهي اوچتي فيصلي تي، احتجاج ڪندي، حڪومت تي ويساهه گهاتي جو الزام هنيو ۽ وائسراءِ کي خبردار ٿي ڪيو ته 16 مئي واري مشن منصوبي ۾ جيڪڏهن ڪنهن به قسم جي ترميم ڪئي وئي، ۽ مسلم ليگ سان ڪيل واعدن جي خلاف ورزي ڪئي وئي ته، سڄي اسڪيم تباهه ٿي ويندي، ان سلسلي ۾ جناح 28 جون تي وائسراءِ کي هڪ احتجاجي خط به لکي موڪليو. بهرحال، 29 جون تي وائسراءِ سرڪاري ميمبرن تي مشتمل عارضي عبوري حڪومت جو اعلان ڪري ڇڏيو."[61]

جيتوڻيڪ ڪانگريس، عوامي دٻاءِ ۽ سياسي مورال ڪري پوڻ واري خوف کان مجبور ٿي، نيٺ 25 جون واري اجلاس ۾ ڪيبنيٽ مشن وفد جي 16 مئي واري آئيني منصوبي کي (بي دلي) سان قبول ڪرڻ جو اعلان ته ڪري ڇڏيو پر بعد ۾ اُها 10 جولاءِ 1946ع تي تڏهن ڦري وئي،[62] جڏهن ڪانگريس جي صدر جواهر لال نهروءَ (جيڪو 6 جولاءِ 1946ع تي تازو ئي مولانا ابوالڪلام آزاد جي جاءِ تي ڪانگريس جو صدر بڻيو هو) بمبئيءَ ۾ پريس ڪانفرنس ۾ اُهو بيان ڏنو:

"ڪانگريس ڪنهن به معاهدي جي پابند ناهي. اُها آئين سازا اسيمبلي ۾ آزاد حيثيت سان ويندي ۽ هر صورتحال کي پنهنجي مرضيءَ مطابق منهن ڏيندي. صحافين پڇيو ته، ڇا اُن جو مطلب اُهو آهي ته ڪانگريس پاران ڪيبينيٽ مشن پلان ۾ تبديلي آندي ويندي. نهروءَ زور سان جواب ڏنو ته، ڪانگريس صرف اسيمبليءَ ۾ شامل ٿيڻ تي راضپو ڏيکاريو آهي. ان ڪري ڪانگريس تي مشن پلان کي تبديل ڪرڻ جي حوالي سان ڪا به پابندي نه هوندي."[63]

نهروءَ جو اُهو بيان، سڌو سنئون غلط ۽ اتڪل بازيءَ واري سوچ تي ٻڌل هو جنهن جو مطلب اُهو هو ته ڪانگريس ۽ ان جي ليڊرشپ گڏيل هندستان جي آئين ساز اسيمبليءَ ۾ ڪنهن به معاهدي يا ناهه جي پابندي ڪرڻ جي مجاز نه هوندي ۽ اُن ۾ پنهنجي اڪثريت جي بنياد تي جئين چاهيندي تئين ڪندي. بين لفظن ۾ ائين چئي سگهجي ٿو ته، جواهر لال نهروءَ اُنهيءَ پريس ڪانفرنس ۾ اُهو ٻڌائڻ ٿي چاهيو ته، هاڻ انگريزن جي ويڙ ڪانپوءِ هندستان ۾ اقليتن کي ڪا خودمختياري نه هوندي. اڪثريتي ڏر جو ئي راج هوندو. جئين اها چاهيندي تئين قانون سازي ٿيندي اُها

صورتحال، دراصل جناح ۽ مسلم ليگ لاءِ ٻنهه ڳٽتيءَ جوڳي ۽ حيران ڪندڙ هئي، جنهن جي نتيجي ۾ مسلم ليگ کي 27 جولاءِ تي هڪ وڏو هنگامي اجلاس سڏائڻو پيو.[64] "اجلاس ۾ نهروءَ جي بيان تي سخت احتجاج ڪيو ويو ۽ ان ڏينهن جي غور ويچار کانپوءِ 29 جولاءِ تي ٻه ٺهراءَ منظور ڪرايا ويا."[65] وولپرٽ موجب، پهرين ٺهراءَ ۾ "ڪيبينيٽ مشن جي تجويزن جي منظوري کي واپس ورتو ويو ۽ ٻئي ٺهراءَ ۾ ڊائريڪٽ ايڪشن ڊي ملهائڻ واري لائحہ عمل جو خاڪو پيش ڪيو ويو ۽ چيو ويو ته، هاڻ جڏهن مسلم هندستان ڪنهن بہ ڪاميابيءَ کانسواءِ مفاهمت ۽ آئيني طريقن سان هندستان جي مسئلي جي پُرامن حل ڳولهڻ واري ڪوششن ۾ ٽڪي پيو آهي، ۽ هاڻ جڏهن ڪانگريس برطانيا جي مرضيءَ ۽ مدد سان، هندستان ۾ هندو راج قائم ڪرڻ تي بضد آهي. هاڻ، جڏهن تازن واقعن ۽ ڳالهين ثابت ڪري ڇڏيو آهي ته هندستان جي مسئلي ۾ انصاف ۽ سچائي نہ، پرطاقت واري سياست فيصلو ڪندڙ آهي، ۽ هاڻ جڏهن اُهو وڏيڪ واضع ٿي چڪو آهي ته هندستان جا مسلمان پاڪستان جي مڪمل خودمختياري ۽ آزاد رياست جي تڪڙي قيام کان ڪنهن گهٽ ڳالهہ تي راضي نہ ٿيندا... ته تڏهن اُهو وقت اچي ويو آهي، ته مسلمان پنهنجي ساک کي مجائڻ ۽ موجوده برطانوي غلامي، ۽ مستقبل جي هندو بالادستيءَ کان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ لاءِ، پنهنجي جائز حقن ۽ مفادن جي جائز دعويٰ ڪرڻ لاءِ، ۽ پاڪستان کي حاصل ڪرڻ لاءِ ڊائريڪٽ ايڪشن ملهائڻ جو فيصلو ڪن."[66] اُنهن ٻنهي قراردان جي منظوري بعد جناح آخر ۾ خطاب ڪندي چيو:

"اڄ اسان انتهائي اهم ۽ تاريخي فيصلو ڪيو آهي. مسلم ليگ جي سڄي تاريخ ۾ اسان اهڙو ڪو بہ ڪم ناهي ڪيو جنهن سان آئين جي خلاف ورزي ٿيندي هجي، پر هاڻ اسان کي ائين ڪرڻ تي مجبور ڪيو وڃي ٿو. اهو ئي سبب آهي، جو اڄ اسان آئيني طريقي ڪار کي خدا حافظ چئون ٿا. جناح ڪيبينيٽ مشن وفد سان ڪيل ڳالهہ هولهہ جو ذڪر ڪندي چيو ته، انهيءَ تاريخ ساز ڳالهہ هولهہ واري عمل دوران ٻئي پارٽيون (يعني انگريز ۽ ڪانگريس) پنهنجي هٿن ۾ پستول جهليون بيٺل هيون. هڪ وٽ رياستي اختيار ۽ هٿيارن جو پستول هو ۽ ٻي وٽ وري عدم تعاون ۽ عوامي جدوجهد جو پستول. هن چيو ته اڄ اسان بہ پستول هٿن ۾ جهلي ورتو آهي، ۽ اسان ان کي استعمال ڪرڻ جي پوزيشن ۾ بہ آهيون."[67]

جناح جي اجلاس ۾ ڪيل اها تقرير، ڪاوڙ گاڏڙ جوش سان پريل هئي. هاڻ، دراصل، گهٽيءَ حد تائين، جناح اُها ڳالهه سمجهي ورتي هئي ته، انگريز ۽ هندو مسلمانن کي سندن جائز حقن جي آئيني ضمانت ڏيڻ جو مڪمل آئيني بندوبست ڪرڻ بدران، صرف ٽال مٽول مان ئي ڪم وٺي رهيا آهن. اهو ئي سبب هو جو هاڻ جناح ۽ مسلم ليگ پاڪستان حاصل ڪرڻ لاءِ ڊائريڪٽ ايڪشن ڈي ملهائڻ جو به فيصلو ڪري ڇڏيو هو جيڪو عملي طور تي 16 آگسٽ 1946ع تي ملهايو به ويو. جنهن ڪري اڪيچار فرقيوارانه جهيڑا ۽ وڳوڙ به ٿيا.[68] خاص طور ڪلڪتي، پنجاب ۽ بنگال ۾ دل ڏارينڊڙ واقعا رپورٽ ٿيا، جن مطابق سوين هزارين هندو توڙي مسلم بي گناهه ماڻهن کي انتهائي بي رحميءَ ۽ ڪنورتا سان ماريو ويو. چون ٿاتا، انهن وڳوڙن جو صحيح معنيٰ ۾ ذميوار هندو انتهاپسند تنظيمون ۽ ڏُريون هيون، جن جڏهن، مسلم ليگ جي سڏ مطابق، 16 آگسٽ تي ڊائريڪٽ ايڪشن ڈي ملهائڻ جي سلسلي ۾ مسلمانن طرفان جلوس ڪڍيا ٿي ويا ته اُنهن هٿياربند هندن اوچتو مٿن حملا ڪري ٿي ڏنا، جنهن سببان جوابي حملا، جهيڑا ۽ وڳوڙ وڌندا ويا، ۽ ڏُوهي توڙي بي ڏُوهي ماڻهو مرندا ٿي رهيا.

بهرحال، برطانيا ۽ وائسراءِ ويول انهيءَ وڳوڙن واري صورتحال کان هراسجي، 24 آگسٽ 1946ع تي عبوري حڪومت جو اعلان ڪري ڇڏيو ۽ ان لاءِ نهروءَ کي باضابطه دعوت به ڏئي ڇڏيائون.[69] جيتوڻيڪ اُن عرصي دوران، انگريزن خاص طور هندستان جي وائسراءِ لارڊ ويول ذاتي دلچسپيءَ هيٺ ۽ خاص طور هندستان جي مسئلي کي صحيح ۽ پُرامن طريقي سان حل ڪرڻ خاطر، ڪانگريس ۽ گانڌيءَ تي اهو زور رکيو ته، اُهي مشن منصوبي جي صوبن جي گروپن واري منصوبي کي ميڙ ۽ اُن جي، آئيني طرح سان، مسلم ليگ کي خاطري ڪرائي وڃي، ته حالتون بهتر ٿي سگهن ٿيون، پر افسوس سان چوٽو ٿو پوي ته ڪانگريس ۽ گانڌي وائسراءِ جي انهيءَ ڳالهه کي ميڙ بدران اتلندو ڪيس اهو چئي ڏنو ته هاڻ "ڪانگريس ڪڍهن به نه جهڪندي"[70]

بهرحال، ائين سيپٽمبر 1946ع ۾ جڏهن نهروءَ جي اڳواڻيءَ ۾ عبوري حڪومت جي ڪانگريسي اڳواڻن کي حلف کڻايو ويو ته تڏهن وري هڪ پيرو ٻيهر فرقيواراڻا فساد ڦهلجي ويا. مسلم ليگ طرفان ڪارو ڏينهن

ملهائي، هر گهر جي مٿان ڪارا جهنڊا چاڙهيا ويا،[71] ۽ سخت احتجاج رڪارڊ ڪرايو ويو.

عبوري حڪومت قائم ٿيڻ کانپوءِ، ڪانگريس ۽ نهروءَ وارن وائسراءِ تي اُهو سپ_طرفو زور وجهندا رهيا ته هُو جئين تئين ڪري آئين ساز اسيمبليءَ جو اجلاس سڏائي. هوڏانهن، وائسراءِ جو خيال هو ته مسلم ليگ جي عدم موجودگيءَ ۾ آئين ساز اسيمبلي جو اجلاس سڏائڻ نه رڳو سياسي ۽ آئيني طور غلط ٿيندو پر اُهو اخلاقي طرح به مناسب نه ٿيندو. اهوئي سبب هو جو وائسراءِ مسلم ليگ جي عبوري حڪومت ۾ شموليت کانسواءِ آئين ساز اسيمبلي جي اجلاس سڏائڻ کان لنوائي رهيو هو جنهن ڪري ڪانگريسي ليڈرشپ طرفان برطانوي وزيراعظم ايٽليءَ ڏانهن خط لکي، اُهي شڪايتون ڪيو ويون ته وائسراءِ ويول "مسلم ليگ جي مطالبن ڏانهن حد کان وڌيڪ جهڪاءُ رکي ٿو اُن ڪري ڪيس هٿايو ويڄي."[72]

بهرحال، وائسراءِ ويول، ڪانگريس ۽ نهروءَ کي ڊسمبر مهيني ۾ آئين ساز اسيمبلي جي اجلاس سڏائڻ جو چئي خاموش ڪرائي ڇڏيو.[73] دراصل، وائسراءِ جو خيال هو ته ڊسمبر مهيني تائين ڪنهن نه ڪنهن طرح سان مسلم ليگ کي عبوري حڪومت ۾ شامل ڪرايو ويندو. اُها سوچ سوچي وائسراءِ ويول، 25 سيپٽمبر تي جناح سان ملاقات ڪئي،[74] جيڪا ٻن ڪلاڪن تائين هلندي رهي. ملاقات ۾ وائسراءِ "جناح کي ٻنهه خاموش، معقول ۽ اهڙي ناهه لاءِ، جنهن سان وقار کي ڪو خطرو نه هجي، بي قرار ڏٺو. جناح کي اُميد هئي ته ڪانگريس خيرسگالي جي اظهارطور حڪومت ۾ ڪنهن به مسلم ميمبر کي مقرر ڪرڻ کان پرهيز ڪندي. هن نهروءَ سان گڏجي، ڪابينا ۾ واري واري سان نائب صدر ٿيڻ ۾ دلچسپي ٿي رکي. ٻئي ڏينهن وري نهرو ۽ گانڌي هڪٻئي جي پويان وائسراءِ وٽ آيا. ۽ هڪ ڪلاڪ تائين ڳالهه ٻولهه ڪيائون. ڳالهه ٻولهه دوران وائسراءِ کي قائل ڪرڻ جي ڪوشش ڪيائون، ته ڪانگريس وارا جناح ۽ ليگ کي عبوري حڪومت ۾ شامل ڪرڻ نه ٿا چاهين. ۽ آخر ۾ وري گانڌي، ڪانگريس جي غاصباڻي تسلط واريءَ پاليسيءَ کي هميشه کان وڌيڪ واضع ڪيو."[75] انهيءَ ملاقات ۾ دراصل، گانڌي، وائسراءِ کي پنهنجو اهڙو ته چهرو ڏيکاريو جووائسراءِ کي انهيءَ ملاقات کانپوءِ ائين چوٽو پيو:

"The more I see of that old man,the more I regard him as an unscrupulous old hypocrite."[76]

"جيترو مان، گھٽو ئي انهيءَ پوڙهي شخص (گانڌي) سان ملان ٿو. اُوترو ئي وڌيڪ مان ان کي بي اصول ۽ منافق سمجهڻ لڳا ٿو."

بهرحال، هاڻ مسئلو عبوري حڪومت ۾ مسلم ليگ جي شموليت جو هو جنهن لاءِ مسلم ليگ ۽ جناح اهو شرط رکيو ته، جيڪڏهن ڪانگريس، حڪومت ۾ ڪنهن به مسلم نمائندي کي پنهنجي طرفان مقرر نه ڪري ۽ اُهو حق صرف مسلم ليگ لاءِ محفوظ ڪيو ويڃي ته پوءِ مسلم ليگ حڪومت ۾ شامل ٿي سگهي ٿي. مسلم ليگ جي اهڙي موقف ۽ مطالبي کي، جڏهن ڪانگريس طرفان رد ڪيو ويو ته وائسراءِ وري 12 آڪٽوبر تي جناح سان ملاقات ڪئي،[77] اُنهي ملاقات ۾ جناح اهو موقف رکيو ته جيڪڏهن ڪانگريس مسلمان نمائندي کي عبوري حڪومت ۾ مقرر ڪرڻ واري ضد تان نه ٿي لهي، ۽ اُهو حق پاڻ وٽ محفوظ رکڻ چاهي ٿي، ته پوءِ اُهو ساڳيو حق مسلم ليگ کي به ڏنو وڃي ته اُها به اڇوت يا ڪنهن به بي اقليت جي نمائندي کي مقرر ڪري. مسلم ليگ اهڙي حق ملڻ کانپوءِ عبوري حڪومت ۾ شامل ٿي سگهي ٿي. انهيءَ تي وائسراءِ پاران رضامندي ظاهر ڪرڻ تي جناح عبوري حڪومت ۾ شامل ٿيڻ جي حامي پري، ۽ مسلم ليگ طرفان لياقت علي خان، آءِ آءِ چنديگر، سردار عبدالرب نشتر، راجا غنضفر علي خان ۽ مسٽر جگن ناٿ منڊل جا نالا حڪومتي نمائندن طور ڏيارائي موڪليائين. جگن ناٿ منڊل جي حوالي سان سيد رياض حسن لکي ٿو:

"جگن ناٿ منڊل جو نالو دراصل، ڪانگريس جي انهيءَ ضدي موقف ته ڪانگريس پنهنجي طرفان مسلمان نمائندي کي مقرر ڪرڻ جو حق رکي ٿي، جي جواب ۾ موڪليو ويو هو جنهن سان اُن ڳالهه کي ظاهر ڪرڻو هو ته جيڪڏهن ڪانگريس مسلمانن جي نمائندگي جو حق رکي ٿي، ته پوءِ مسلم ليگ کي به بين اقليتن ڏرين جي نمائندگيءَ جو حق حاصل آهي."[78]

جيتوڻيڪ مسلم ليگ طرفان پنهنجي نمائندن جي نالن موڪلڻ کانپوءِ نئين اتحادي حڪومت جو 15 آڪٽوبر تي باضابطه طور تي اعلان ته ڪيو ٿي ويو، پر هاڻ "هڪ وڏي رڪاوٽ اُها هئي، جو ليگ کابينا جي ٽن اهم وزارتن، دفاع، پرڏيهي معاملن ۽ گهرووزارت، جيڪي ترتيبوار ڪانگريس جي نهروءَ، پٽيل ۽ بلديو سنگهه وٽ هيون، مان کا به هڪ وزارت ڏيڻ جو مطالبو ڪري ڇڏيو. ڪانگريس اُنهن ٽنهي اهم وزارتن مان

کا بہ هڪ وزارت مسلم ليگ کي ڏيڻ نہ ٿي چاهي. نهرو انهيءَ تقرير جي رپورٽن جي باري ۾ بہ پريشان هو جيڪا ليافت 20آڪٽوبر تي ڪراچيءَ ۾ ڪئي هئي،جتي چيو هيائين تہ ليگ حڪومت ۾ شامل ٿيڻ جو فيصلو ان ڪري ڪيو آهي، چاڪاڻ تہ ڪانگريس، مسلم ليگ جي شموليت جي خلاف هئي، ۽ اُهو تہ اڳ وانگر مسلمانن کي پنهنجي پاڪستان واري بنيادي مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ جنگ جاري رکڻ گهرجي. نهروءَ انهن ٻنهن مطالبن کي واپس وٺڻ جو مطالبو ڪيو ۽ اها گُهر ٿي ڪيائين تہ ليگ جي ڊگهي مدي وارن اِرادن سان گڏو گڏ، ان کان گڏجي ڪم ڪرڻ جي حوالي سان هڪ پڪيءَ خاطري ورتي وڃي. ويول کي خطرو ٿيو تہ ڪانگريس، ليگ جي شموليت کي روڪڻ لاءِ جيڪي ڪري سگهندي، اُهو ڪرڻ جو فيصلو ڪري ورتو آهي. بهرحال، نهروءَ اشاري ۾ چئي ڏنو تہ ڪانگريس ناٽي واري وزارت، جيڪا اُن وقت عيسائي ڊاڪٽرجان متائي وٽ هئي، اُها ليگ کي ڏيڻ لاءِ تيار آهي."[79]

نهروءَ جي انهيءَ راضپي کانپوءِ، وائسراءِ ويول ٻئي ڏينهن جناح سان ملاقات ڪئي، ۽ کائنس پڇيو تہ، ڇا مسلم ليگ ناٽي واري وزارت قبول ڪندي؟ جناح اُن تي راضپو ڏيکاريو ۽ هائو ڪيائين. وائسراءِ ويول پنهنجي جرنل ۾ لکي ٿو:

"جناح مفاهمت جي گهٽي موڊ ۾ نہ هو پر هن هائوکار ڪئي، ۽ ناٽي واري وزارت وٺڻ تي راضي ٿي ويو. پنهنجي انهيءَ هميشہ واري شرط سان گڏ تہ هن جي فيصلي جو دارومدار ورڪنگ ڪميٽيءَ جي فيصلي تي آهي. جناح جي رضامندي کانپوءِ مان سائڊي نائين وڃي نهروءَ کي پاڻ وٽ گهرايو ۽ کيس ٻڌايو تہ ليگ ناٽي واري وزارت کي قبول ڪيو آهي، ۽ پڇيومانس تہ اوهان جان متائيءَ لاءِ ٻي ڪهڙي متبادل وزارت تجويز ڪريو ٿا؟نهرو (جيڪو ٽڪل ۽ شڪست کاڌل ڏسڻ ۾ آيو ٿي) چيو تہ، هُو پنهنجي ساٿين سان صلاح مشوري ڪرڻ بعد ۾ مون کي ٻڌائيندو. ٻنهي جماعتن مان ڪنهن بہ هڪ کي رتيءَ جيترو بہ هڪٻئي تي اعتماد ڪو نہ هو.. اُهو سڀ ڪجهہ ٽڪائيندڙ هو ۽ مون پنهنجي زندگيءَ ۾ لڳ ڀڳ پهريون ڀيرو ذهني دٻاءَ کي محسوس ڪرڻ شروع ڪيو هو."[80]

ائين، وزارتن وارو معاملو طئي ٿي وڃڻ کانپوءِ، عبوري حڪومت جي نون ميمبرن 26 آڪٽوبر 1946ع تي حلف نامو کڻي ورتو[81] ۽ 29

آڪٽوبر تي وري نئين چونڊيل قانون ساز اسيمبلي جو اجلاس سڏايو ويو.[82] وولپرٽ ٻڌائي ٿو:

"With Nehru and Laiguat Ali Khan seated side by side on the government's front bench, neither smiling or saying a word to each other all day. They sate the way most Hindu and Muslim Indian lived, in sullen, silent, angry proximaity, resenting, fearing and distrusting one another.[83]

"ان اجلاس ۾ نهرو ۽ لياقت علي حڪومت جي آمهون سامهون وارين بينچن تي ويٺل هئا، پر سڄو ڏينهن نه ڪو ٻاڻ ۾ ڪا مُرڪ مُرڪيائون ۽ نه وري هڪٻئي سان ڪجهه ڳالهايائون. انهن ويٺل هئا، جئين اڪثر هندو ۽ هندستاني مسلمان ناراض، خاموش ۽ ڪاوڙ سان پريل هڪ ٻئي جي پاڙي ۾ رهياڻي."

بهرحال، ائين ئي ڳڙيل حڪومت هوندي به، هڪ ٻئي سان ڪاوڙ نفرت ۽ بداعتمادي برقرار رهي، ۽ اهڙي ئي ماحول ۾ جڏهن اُها ڳالهه ظاهر ٿي ته، ڊسمبر مهيني ۾ آئين ساز اسيمبليءَ جو اجلاس سڏايو ويندو ته 22 نومبر 1946ع تي مسلم ليگ طرفان، جناح اُهو اعلان ڪري ڇڏيو ته آئين ساز اسيمبليءَ جي اجلاس ۾ ليگ جو ڪو به ميمبر شرڪت نه ڪري سگهندو.[84] هوڏانهن، ڪانگريس سان گڏ برطانيا جو به، وائسراءِ تي اُهو دٻاءُ هو ته جلدازجلد آئين ساز اسيمبليءَ جو اجلاس گهرائي، معاملي جو نبيرو آڻيندي، هندستان جا رياستي اختيار هندستاني اڳواڻن جي حوالي ڪياوڃن، ۽ پُرامن طريقي سان، انگريزن جي هندستان مان واپسي کي ممڪن بڻايو وڃي، ۽ اُن لاءِ جيڪڏهن مسلم ليگ آئين ساز اسيمبلي ۾ شرڪت نه ٿي ڪري ته ان کانسواءِ ئي اجلاس گهرائي معاملي کي اُڪلايو وڃي.[85] مسلم ليگ ۽ جناح سان مسئلو اُهو هو ته اُنهن، ڪانگريس طرفان ڪيبينيٽ مشن وفد جي 16 مئي واري آئيني منصوبي کي نه مڃڻ ۽ ان تان قُري وڃڻ جي ڪري، آئين ساز اسيمبلي ۾ شرڪت کي غيرضروري ٿي سمجهيو جنهن جي نتيجي ۾ وري هڪ ڊيڊلاڪ اچي ويو هو.

اُنهي ڊيڊلاڪ کي ٽوڙڻ خاطر برطانوي حاڪمن پاران، هندستان جي وائسراءِ جي صلاح سان ڊسمبر 1946ع تي لنڊ ۾ هڪ اجلاس گهرائي ورتو جنهن ۾ ڪانگريس طرفان نهرو، بلديو سنگهه ۽ مسلم ليگ طرفان جناح ۽ لياقت علي خان شرڪت ڪئي.[86] لنڊن پهچڻ تي، 3 ڊسمبر تي

ڪانفرنس جو پهريون اجلاس گهرايو ويو. اجلاس ۾ ڪانگريس ۽ مسلم ليگ جي نمائندن سان گڏ، وائسراءِ لارڊ ويول، وزيراعظم ايٽليءَ ۽ ڪيبينيٽ مشن ۾ شامل ٽنهي اڳواڻن شرڪت ڪئي. وولپرٽ ٻڌائي ٿو:

"Wavell had prepared a top secrate note for discussion with the cabinet, handing it to Attlee, Pethic_Lawrence and Alexander at the start of their first meeting on December3. Present situation is that Congress feel that H.M.G dare not break with them unless they do something quite outrageous. Their aim is power and to get rid of British influence as soon as possible, after which they think they can deal with both Muslims and Princes, the former by bribery, blackmail, propaganda, and if necessary force, the latter by stirring up their people against them, as well."[87]

"اجلاس کان اڳ ئي، 3 ڊسمبر واريءَ پهرين گڏجاڻيءَ ۾ وائسراءِ ويول، هڪ انتهائي ڳجهو نوٽ تياري ڪري ايٽلي، پيٽڪ لارينس ۽ اليگزينڊر وارن جي حوالي ڪري ڇڏيو هو جنهن ۾ چيو ويو هو ته، موجوده صورتحال اُها آهي، جو ڪانگريس محسوس ڪري ٿي ته هزميجسٽي جي گورنمينٽ اُن وقت تائين اُن سان لاڳاپا ختم نه ٿي ڪري سگهي، جيستائين اُها غيرقانوني قدم نه ٿي کڻي. اُن (ڪانگريس)جو مقصد اقتدار ۽ جيترو جلدي ٿي سگهي، برطانوي عملداري کان نجات حاصل ڪرڻ آهي، جنهن کانپوءِ، ان جو خيال آهي ته اُها مسلمانن ۽ راجائي رياستن واري معاملي کي چڱي طرح سان منهن ڏئي سگهندي. پهرين ڏر سان رشوت، بليڪ ميلنگ ۽ پروپيگنڊا جي ذريعي ۽ ضرورت پئي ته رياستي طاقت جي ذريعي. جڏهن ته ٻي ڏر سان انهيءَ ڏر جي رعايا کي ان جي خلاف ورغلائڻ جي ذريعي."

بهرحال، ڪانفرنس جو 6ڊسمبرتي آخري اجلاس گهرايو ويو. "چاڪاڻ ته، نهرو 9 ڊسمبر تي ٿيندڙ آئين ساز اسيمبلي جي افتتاحي اجلاس ۾ شرڪت لاءِ نئين دهلي وڃڻ تي بضد هو. جڏهن ته جناح ۽ ليياقت علي کي وطن واپس وڃڻ جي ڪا تڪڙ نه هئي، ۽ هنن جو ايجا ڪجهه هفتا لنڊن ۾ رهڻ جو ارادو هو." [88] بهرحال، 6 ڊسمبر واري اجلاس ۾ به، ڪانگريس ۽ مسلم ليگ جي وچ ۾ ڪو ناهه نه ٿي سهگيو. صورتحال مايوسيءَ واري رهي. گڏجاڻيءَ ۾ جناح جو موقف هو:

"ڪانگريس جئين ته ڪيبينيٽ مشن منصوبي کان ڦري وئي آهي، ان ڪري ليگ کي حڪومت ناهڻ جي اجازت ڏيڻ ڪپندي آهي. هن پوري جوش ۽ خروش سان چيو ته، ڪانگريس ڪڏهن به مشن وفد جي ڏڳهي مدي واري

آئيني منصوبي کي قبول ناهي ڪيو نہ ان کي قبول ڪرڻ جو ارادو رکي ٿي ۽ نہ ئي وري ان کي قبول ڪندي...هو هر هر چوي ٿو تہ ڪانگريس جنهن مقصد جي پويان لڳل آهي، اُهو آهي جئين تئين اقتدار حاصل ڪرڻ آهي...هُو ان کي روڪڻ لاءِ جيڪي ڪجهہ ڪري سگهيو اُهو ڪندو. هو هاٿي ڪيبينيٽ مشن جي باري چوي ٿو تہ اُهو دوکو ۽ فريب هو. هو پنهنجي ان تجويز ڏانهن واپس موٽي اچي ٿو تہ صرف پاڪستان جو قيام ئي صورتحال کي سنيالي سگهي ٿو. تن ڪاتن سان گڏ، هڪ مرڪزي حڪومت وارا وکريل خيال، جيڪي شملا ۾ هن جي ذهن ۾ هئا، اهي ائين لڳي رهيو تہ هميشہ لاءِ ختم ٿي ويا هئا. اوهان اُهو نہ ٿا سمجهو. هن چيو تہ اوهان جي اتان کان هليو اچڻ بعد هندستان ۾ حالتون ڪهڙي سطح تي پهچي چڪيون آهن، ان مسئلي تي، هن جي زور ڏيڻ واري ڳالهہ اها آهي، جنهن کي هو هندن جي هٿان، بهار ۾ مسلمانن جي سوچيل سمجهيل قتل عام چوي ٿو. جڏهن هن کان هڪ تعميري تجويز گهري وئي تہ، هن چيو تہ، جيڪو سيٽ کان وڌيڪ تڪڙو قدم کڻي سگهجي ٿو اُهو آهي امن امان جي بحالي. انهن مڙني ڏرين کي امن امان جي بحالي ۾ سهڪار ڪرڻ گهرجي. خاص طور برطانيا کي."[89]

گڏجاڻيءَ ۾ ڪرپس، جڏهن نهروءَ کان پڇيو تہ "اُهي ڪهڙا بنيادي سبب آهن. جن جي ڪري ليگ آئين ساز اسيمبلي ۾ شامل ٿيڻ نہ ٿي چاهي؟" ان تي نهروءَ چيو:

"The league had never been prepared to co_operate, being totally negative about everything, wanting only a veto. The Congres wanted co_operation because every one knew that nothing be done socially or politically if co_operation among Hindus or Muslims was laking. Nehru argued, however, that the Muslim league was not interested in either social or political advance. Cripps next asked whether Nehru thought that if the Muslims could be assured that a three_tier system would eventuate out of a constituent assembly, that might induce them to come in? Nehru said he thought the Muslims would come in anyhow sooner or later, provided that they felt the assembly was going to be convenced. But even if the Muslim League came in, Nehru predicted, it would not be to work harmoniously with Congress, but merely as a step in a conflict, the way it had done in the interim government.[90]

"ليگ ڪڏهن بہ سهڪار ڪرڻ لاءِ تيار نہ هئي، اُها هر ڳالهہ جي باري ۾ منفي رويو رکي ٿي، ۽ صرف هڪ ويٽو وارو حق حاصل ڪرڻ چاهي ٿي. جڏهن تہ ڪانگريس سهڪار چاهي ٿي، چاڪاڻ تہ هر ڪو ئي چاڻي ٿو تہ، جيڪڏهن

هندن ۽ مسلمانن ۾ گڏيل سهڪار جي کوٽ ٿي وئي ته پوءِ سماجي ۽ سياسي طور تي ڪجھ به نه ٿو ڪري سگھجي. نهروءَ دليل ڏنو ته، مسلم ليگ نه ڪو سماجي ۽ نه ڪو وري سياسي طور تي سهڪار کي ترجيح ڏئي ٿي. ان کانپوءِ ڪرپس کائنس پڇيو ته ڇا نهرو سمجھي ٿو ته، جيڪڏهن مسلمانن کي اهو يقين ڏيارائي سگھجي ٿو ته هڪ ٽن-درجن وارو نظام آئين ساز اسيمبليءَ جي نتيجي طور سامهو ايندو ته شايد اها ڳالھ انهن کي آئين ساز اسيمبليءَ ۾ شامل ٿيڻ تي راضي ڪري سگھي ٿي؟ نهرو چيو ته، هن جو خيال آهي ته مسلمان ديرِ يا سوير بهرحال هليا ئي ايندا. جيڪڏهن انهن کي اهو احساس ڏيارايو وڃي ته اسيمبلي جو جئين تئين ڪري اجلاس ٿيندو، پر جيڪڏهن مسلم ليگ شامل ٿي نه وڃي ٿي ته، نهروءَ اڳ-ڪٿي ڪندي چيو اُها ڪانگريس سان گڏجي ڪم ڪرڻ لاءِ نه، پر اُن سان ڦيٽارو پيدا ڪرڻ لاءِ ئي شامل ٿيندي. جئين ان عبوري حڪومت ۾ شامل ٿي ڪيو."

جناح جو سوانح نگار استينلي وولپرٽ لکي ٿو:

"The longer Nehru talked, the clearer it became to all of them that Nehru and Congress would not be able to work harmoniously with Jinnah and thr League_not in the same cabinet and probably not in the same country. Still they tried, for another hour to convince Nehru that it might jus possibly be better to reassure the league of a free hand in its sections to form th groups that would have satisfied it_ three month ago than to embark upon trying to draft a constitution without one quarter of its population represented."[91]

"جيترو گھڻو جواهرلال نهروءَ ڳالهايو اُوترو ئي ڪرپس تي اُها ڳالھ واضع ٿي وئي ته نهرو ۽ ڪانگريس، جناح ۽ ليگ سان هڪ ئي ڪابينا ۾ ۽ شايد هڪ ئي ملڪ ۾ گڏجي ڪم نه ڪري سگھندا. ان جي باوجود به ڪرپس هڪ ٻيو ڪلاڪ به نهروءَ کي قائل ڪرڻ تي صرف ڪيو ۽ موقف رکيائين ته هندستان جي هڪ وڏي آبادي جي نمائندگي ۽ راضپي ڪانسواءِ، ڪنهن آئين ٺاهڻ جي ڪوشش شروع ڪرڻ بدران، اهو بهتر نه ٿيندو ته ليگ کي گروپ ٺاهڻ لاءِ پنهنجي علاقن ۾ آزادي جو يقين ڏيارايو وڃي، جنهن ٿي مهينا اڳ ان کي مطمئن ڪري چڏيو هو."

"انهي ٻنهڑن جو پيٽڪ لارينس، ڪرپس ۽ اليگزينڊر جناح ۽ لياقت علي سان ملاقات ڪئي. ڪرپس، جناح کان پڇيو ته، جيڪڏهن وفاقي عدالت مشن منصوبي جي شقن جي طريقي جي باري ۾ مسلم ليگ جي حق ۾ هڪ وضاحتي بيان جاري ڪري چڏي ته ڇا هو آئين ساز اسميبليءَ ۾

شامل ٿي ويندو؟ جناح وراڻيو ته، هن جي پارٽي ڪنهن به جوڊيشنل اپيل ۾ ڏر نه ٻڌجندي ۽ پنهنجي ڳالهه ان نقطي تي ختم ٿي ڪئي، ته موجوده ماحول ۾ هندستان کي ڪنهن به آئين سازيءَ واري عمل ۾ ڏنڪو ڪرڻ غيردانشمندي وارو ڪم ٿيندو. جيتوڻيڪ ڪرپس ۽ اليگزينڊر دليل ڏنو ته برطانيا پنهنجي مشن منصوبي تي سختي سان قائم رهندو، پر هو جناح جي ذهني اُڻ تُڻ کي ختم نه ڪري سگهيا ۽ نه ئي وري اُهي هن کي سندس غيرلچڪدار موقف کان هٽائي ٿي سگهيا. اُن وقت ڪرپس هڪ عوامي اعلان نامي جي حمايت ڪئي ته برطانيا هڪ سال ۾ يا وڌ ۾ وڌ ارڙهن مهينن جي اندر هندستان کي مان نڪري ايندو. هُن زور ڏنو ته اُهو ضروري ٿي ويو آهي ته، هندستان جي رياستي ذميواري هڪ اهڙي حڪومت جي حوالي ڪئي وڃي، جنهن کي آئين ساز اسيمبلي وجود ۾ آندو هجي. پيٽڪ لارينس کي يقين هو ته نهرو هڪ ناهه تي پهچڻ لاءِ، جيڪو مسلمانن لاءِ انصاف تي ٻڌل هوندو. شدت سان خواهشمند هو پر هن کي شڪ هو ته ڪانگريس جي اندر ويٺل فرقي پرست ماڻهو هن کي ائين ڪرڻ نه ڏيندا. ويول زور ڏيندي، اتفاق ڪيو ته ڪانگريس طرفان مسلمانن لاءِ فراخدليءَ جي مظاهري ڪرڻ جو نطعي ڪو امڪان ناهي. هن هندستان جي مسئلي کي آمريڪا جي آڏو رکڻ واري امڪان تي به ڳالهه ٻولهه ڪئي، جنهن تي ايٽلينءَ تجويز ڏني ته ان کي دنيا جي امن لاءِ خطري بنجڻ واري مسئلي طور ڪٽي سگهجي ٿو. ريول هن کي ياد ڏيارايو ته جناح هميشه زور ڏيندو رهيو آهي ته، پاڪستان ڪامن ويلٿ ۾ رهندو ۽ ان کي سرحدي مسئلن کي منهن ڏيڻ ۾ برطانيا جي ئي مدد جي اميد آهي."[92]

بهرحال، اختلافن جي نبيري نه ٿيڻ ڪانپوءِ، برطانوي اختيارين طرفان، 6 ڊسمبر 1946ع تي، هڪ بيان جاري ڪيو، جنهن ۾ چيو ويو:

"ڪيبينيٽ مشن شروع کان اُن راءِ تي قائم آهي ته، جيستائين ان جي ابتڙ فيصلو نه ٿو ٿئي، تيستائين سيڪشنز ۾ فيصلا موجود نمائندن جي سادي اڪثريت سان ڪيا وڃن. مسلم ليگ ان نقطه نظر کي قبول ڪري ورتو هو، پر ڪانگريس کي اختلاف آهي. ڪانگريس جو ضد آهي ته ان بيان جي مجموعي معنيٰ اها آهي ته، صوبن کي، نهي نوعيت وارا اختيار ملڻ هجن، يعنيٰ، صوبن کي پنهنجي گروپنگ جا ۽ پنهنجي آئين جوڙڻ جا به اختيار حاصل هجن. برطانوي حڪومت قانوني مشورو ورتو آهي، جيڪو دراصل جون 16 مئي واري بيان جي انهي معنيٰ جي تصديق ڪري ٿو، جيڪا

ڪيبينيٽ مشن موجب شروع کان ان جو مقصد، ارادو ۽ نيت هئي. بيان جي اُن حصي جي اُها تشريح 16 مئي واري منصوبي جو اڻ ٽر حصو سمجهي وڃي ته جئين هندستاني عوام پنهنجي واسطي آئين ٺاهي سگهي، جنهن کي برطانوي حڪومت پارليامينٽ آڏو پيش ڪرڻ لاءِ پڻ تيار آهي. ان ڪري آئين ساز اسيمبلي ۾ موجود مڙني پارٽين کي گهرجي ته اُهي ان کي قبول ڪن. اُها ڳالهه به واضع آهي ته 16 مئي واري بيان جي تشريح جي ڏس ۾ وڌيڪ سوال به پيدا ٿي سگهن ٿا، ۽ جئين ته حڪومت اُها اميد ڪري ٿي ته جيڪڏهن مسلم ليگ آئين ساز اسيمبلي ۾ شرڪت ڪندي ته اُها به ڪانگريس وانگر ان ڳالهه کي قبول ڪندي ته اختلافي مسئلن ۽ معاملن جي وضاحت وارو ڪم فيڊرل ڪورٽ جي حوالي ڪيو ويندو. جنهن جي فيصلن کي هرطرح سان قبول ئي ڪيو ويندو ته جئين مرڪزي آئين ساز اسيمبلي ۾ گروپن جي طريقي ڪار توڙي ڪيبينيٽ مشن پلان ۾ هڪجهڙائي رهي. برطانوي حڪومت ڪانگريس تي اُهو زور پري ٿي ته اُها ڪيبينيٽ مشن پلان جي نقطه نظر کي قبول ڪري ته جئين مسلم ليگ کي پنهنجي رويي تي نظرثاني جو موقعو ملي سگهي. ڪيبينيٽ مشن جي مقصد، ارادي ۽ وضاحت جي باوجود، جيڪڏهن آئين ساز اسيمبلي ان بنيادي (تڪراري) نقطي کي فيڊرل ڪورٽ ڏانهن موڪلڻ چاهي ٿي ته پوءِ جيترو جلد ٿي سگهي، اُترو جلد ان کي فيڊرل ڪورٽ ڏانهن موڪليو وڃي. مناسب ائين ٿيندو ته آئين ساز اسيمبليءَ جي سيڪشنن جون گڏجاڻيون فيڊرل ڪورٽ جي فيصلي تائين ملتوي رکيون وڃن. هونئين به، ڪنهن گڏيل ۽ متفق ضابطي ۽ طريقي ڪانسواءِ آئين ساز اسيمبليءَ جي ڪاميابيءَ جو امڪان ڪڏهن به ناهي رهيو. جيڪڏهن اهڙي آئين ساز اسيمبلي کي آئين ٺاهي به ڇڏي، جنهن ۾ هندستاني آبادي جي وڏي حصي جي نمائندگي نه هجي ته اهڙي حالت ۾ برطانوي حڪومت اهڙي آئين کي ملڪ جي اهڙن حصن تي لاڳو نه ٿي ڪري سگهي، جن کي اهو قبول نه هوندو."[93]

"دراصل، برطانوي حڪومت جي اُنهيءَ بيان جاري ڪرڻ جو مقصد اُهو هو ته ڪانگريس ۽ مسلم ليگ ٻئي، ڪيبينيٽ مشن پلان جي 16 مئي واري منصوبي کي قبول ڪري آئين ساز اسيمبلي جي اجلاس (جيڪو 9 ڊسمبر تي ٿيڻو هو) ۾ شرڪت ڪن، ۽ اڳتي جي آئيني بندوبست واسطي هڪٻئي سان سهڪار جاري رکي، سياسي توڙي فرقيواراڻن مسئلن جو حل ڪڍن، ۽ جيڪڏهن پوءِ به اختلافي معاملا، جهڙوڪ: گروپنگ ۽ آئين سازي وارا مسئلا وغيره حل نه ٿا ٿين ته اُن لاءِ هندستان جي فيڊرل ڪورٽ سان رابطو ڪري لاڳاپيل مسئلن جي نبيري لاءِ ڪوششون ورتيون وڃن.

ڏنو ويڇي تہ انگريزن جي اُها خاطري بہ پنهنجي جاءِ تي انتهائي اهم هئي، جنهن تي عمل ڪري تڪراري معاملن جو نبيرو ڪري سگهجي ٿيو پر ڪانگريس اهڙي ڪنهن بہ خاطري تي بہ ڪنهن بہ طرح سان سنجيده نہ هئي، جنهن جو ثبوت اُهو هو جو اُن جو رڳو جئين تئين ڪري آئين ساز اسيمبلي جي اجلاس سڏائڻ تي زور هو." [94]

بهرحال، ائين ئي 6 ڊسمبرواري اجلاس ۾ هندستان جي مسئلي جو ڪو حل نڪري نہ سگهيو. نهرو ترت ئي لنڊن کان نئين دهلي واپس موٽي آيو. 9 ڊسمبر تي آئين ساز اسيمبلي جو اجلاس سڏايو ويو. مسلم ليگ طرفان ان جو سخت بائيڪاٽ ڪيو ويو جنهن سبب ڪنهن بہ مسلم ميمبر اسيمبلي ۾ شرڪت نہ ڪئي ۽ اسيمبلي ۾ مسلمانن جون 79 سيٽون خالي پيل رهيون. [95] اُنهيءَ اجلاس ۾ ڊاڪٽر راجندر پرساد کي هندستان جي صدر طور چونڊيو ويو [96] ۽ نهروءَ هڪ انتهائي جذباتي تقرير ڪئي، جنهن ويتر مسلمانن کي مشتعل ڪري ڇڏيو.

"هوڏانهن انگريز خود اهڙي صورتحال سببان پريشاني جو شڪار هئا. 11 ڊسمبر تي برطانوي وزيراعظم ايٽليءَ پارليامينٽ کي خطاب ڪندي چيو تہ گذريل هفتي هندستاني اڳواڻن سان جيڪا ڳالهہ ٻولهہ ٿي. اُن جو بدقسمتي سان ڪو نتيجو نڪري نہ سگهيو ۽ ناهہ نہ ٿيو. مون کي اها پڪ آهي تہ مان هندستان جي مڙني فرقن کي هڪ آئين جوڙڻ لاءِ گهربل سهڪار ڪرڻ لاءِ هن ايوان ۾ ويٺل مڙني ڌرين جي طرفان ڳالهائي رهيو آهيان. ونسٽن چرچل اُن ڳالهہ ڏانهن ڌيان ڇڪرائڻ لاءِ اٽيو ۽ چيائين تہ هزميجستي جي حزب اختلاف انهن ڏڪين مهينن ۾ هندستان جي مسئلي تي ڪنهن بہ قسم جي بحث مباحثي کي نہ اٽاري عظيم صبر، برداشت ۽ ضبط جو مظاهرو ڪيو آهي، پر مان ايوان صدر کي اهو نوٽيس ضرور ڏيندس تہ اسان محسوس ڪريون ٿا تہ هاڻ هڪ بحث ٿيڻ کپي. حالتون ايتريون تہ سنگين ٻڌجنديون پيون وڃن، جو انهن ۾ اُها ڳالهہ ضروري ٿي وئي آهي تہ قوم کي مجموعي طور تي انهن ڏانهن ڌيان ڏيڻ کپي." [97]

بهرحال، ائين جڏهن هندستان جي مسئلي کي حل ڪرڻ واري وائسراءِ لارڊ ويول جي ڪوششن بہ ڪو رنگ نہ لاتو ۽ ڪانگريس ۽ مسلم ليگ ۾ ڪو ناهہ نہ ٿي سگهيو تہ برطانوي وزيراعظم ايٽليءَ هندستان ۾ وائسراءِ کي تبديل ڪرڻ واري سوچ اختيار ڪري ورتي، ۽ انهيءَ سوچ تحت 18 ڊسمبر 1946ع مائونٽ بيٽن کي، پنهنجي هڪ دعوت تي گهرائي، کيس هندستان

جي وائسراءِ واري عهدي ڏيڻ جي آڇ ڪيائين.[98]

چون ٿا تہ مائونٽ بيٽن پهرين تہ اُها ذميواري ڪٽڻ جي حوالي سان ٽال مٽول کان ڪم ورتو پر جڏهن ايتليءَ مٿس زور وڌو تہ هن اُها ذميواري ڪٽڻ جي حامي پري ورتي، ۽ ائين هُو 22 مارچ 1947ع تي هندستان پهچي ٻہ ويو.

حوالا ۽ سمجهاڻيون

1. Stanley Stanley Wolpert, Jinnah of Pakistan, Oxford University, Karachi, 2008, p, 244
2. تفصيل لاءِ پڙهو ايياز علي جو ڪتاب، پاڪستان جو بنياد: ٻہ قومي نظريو يا صوبائي خودمختياري؟ روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو 2014ع.
3. Wolpert, Jinnah of Pakistan, Oxford University, Karachi, 2008, p, 245
4. Ibid,p,245
5. Ibid,p,253
6. Ibid,p,253
7. Ibid,p,253
8. Ibid,p,253
9. Ibid,p,253
10. Ibid,p,254
11. Ibid,p,254
12. الحاج محمد گوهر ، ميرا قائد عظيم تر هي، نظريہ پاڪستان اڪادمي، لاهور، 2008ع، صحفہ،252
13. ساڳيو صحفو 253
14. ساڳيو صحفو 253
15. راج موهن گانڌي، مسلم افڪار مترجم: محمد فاروق قريشي، فڪشن هائوس، لاهور،1996ع، صحفہ،247
16. الحاج محمد گوهر، ميرا قائد عظيم تر هي، نظريہ پاڪستان اڪادمي، لاهور، 2008ع، صحفہ،254
17. Stanley Wolpert, Jinnah of Pakistan, Oxford University, Karachi, 2008, p, 256
18. Ibid,p,256
19. راج موهن گانڌي، مسلم افڪار مترجم: محمد فاروق قريشي، فڪشن هائوس، لاهور،1996ع، صحفہ، 248
20. ساڳيو صحفو 248
21. ساڳيو صحفو 248
22. هيڪٽر بوليٿو حيات قائداعظم، مترجم: زهير صديقي. جمهوري پبليڪيشنز لاهور، 2012ع،صحفہ،212

23. ساڳيو صحفو 212
24. راج موهن گانڌي، مسلم افڪار مترجم: محمد فاروق قريشي، فڪشن هائوس، لاهور،1996ع، صحفہ،248
25. Stanley Wolpert, Jinnah of Pakistan, Oxford University, Karachi, 2008, p, 257
26. Ibid,p,257
27. Ibid,p,257
28. Ibid,p,257
29. Ibid,p,258
30. Ibid,p,258
31. Ibid,p,258
32. Ibid,p,258
33. Ibid,p,258
34. Ibid,p,258
35. Ibid,p,259
36. Ibid,p,259
37. Ibid,p,259
38. Ibid,p,259
39. Ibid,p,259
40. Ibid,p,250_49
41. Ibid,p,250
42. Ibid,p,250
43. Ibid,p,262
44. Ibid,p,262
45. Ibid,p,262
46. ايازعلي ، پاڪستان جو بنياد: ۾ قومي نظريو يا صوبائي خودمختياري؟ روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو 2014ع، صحفو 390
47. ساڳيو صحفو 390
48. ساڳيو صحفو 390
49. Stanley Wolpert, Jinnah of Pakistan, Oxford University, Karachi, 2008, p, 264
50. Ibid,p,264
51. Ibid,p,264
52. Ibid,p,265
53. Ibid,p,265
54. Ibid,p,265
55. هيڪٽر بوليٿو حيات قائداعظم، مترجم: زهير صديقي، جمهوري پبليڪيشنز لاهور 2012ع،صحفہ،214_215
56. ايازعلي، پاڪستان جو بنياد: ۾ قومي نظريو يا صوبائي خودمختياري؟ روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو 2014ع، صحفو 398
57. تفصيل لاءِ پڙهو وولپرٽ اسٽينلي وولپرٽ جو ڪتاب، جناح آف پاڪستان، آڪسفورڊ يونيورسٽي پريس ڪراچي، سنڌ

58. پڑهو ساڳيو ڪتاب
59. پڑهو ساڳيو ڪتاب
60. الحاج محمد گوهر، ميرا قائد عظيم تر هي، نظريہ پاڪستان اڪادمي، لاهور، 2008ع، صحفہ260
61. ساڳيو صحفو 260
62. ايياز علي ، پاڪستان جو بنياد_ہ قومي نظريو يا صوبائي خودمختياري؟ روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو 2014ع، صحفو 412
63. ساڳيو صحفو 395
64. ساڳيو صحفو 395
65. ساڳيو صحفو 395
66. Stanley Wolpert, Jinnah of Pakistan, Oxford University, Karachi, 2008, p, 282
67. H.M.Seerai, Partition of India_Legend and Reality, Oxford University, Karachi, 2006, p,76
68. تفصيل لاءِ زاهد چوڌري جو ڪتاب، پاڪستان ڪيسي بنا؟ اداره مطالع تاريخ، لاهور 2011ع، کي پڙهي سگهجي.
69. Stanley Wolpert, Jinnah of Pakistan, Oxford University, Karachi, 2008, p, 288
70. Ibid,p,288
71. Ibid,p,289
72. Ibid,p,290
73. ايياز علي ، پاڪستان جو بنياد: ہ قومي نظريو يا صوبائي خودمختياري؟ روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو 2014ع، صحفو426
74. Stanley Wolpert, Jinnah of Pakistan, Oxford University, Karachi, 2008, p, 290
75. Ibid,p,291
76. ايياز علي ، پاڪستان جو بنياد: ہ قومي نظريو يا صوبائي خودمختياري؟ روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو 2014ع، صحفو433
77. سيد رياض حسن، پاڪستان ناگزير تها، ڪراچي يونيورسٽي، سنڌ، 1992ع، صحفہ457
78. ساڳيو صحفو 457
79. Stanley Wolpert, Jinnah of Pakistan, Oxford University, Karachi, 2008, p, 292
80. Ibid,p,293
81. Ibid,p,293
82. Ibid,p,294
83. Ibid,p,294
84. Ibid,p,294
85. تفصيل لاءِ زاهد چوڌري جو ڪتاب، پاڪستان ڪيسي بنا؟ اداره مطالع تاريخ، لاهور 2011ع، کي پڙهي سگهجي.
86. ايياز علي، پاڪستان جو بنياد: ہ قومي نظريو يا صوبائي خودمختياري؟ روشني

پبليڪيشن، ڪنڊيارو 2014ع، صحفو455
87. Stanley Wolpert, Jinnah of Pakistan, Oxford University, Karachi, 2008, p, 297
88. Ibid,p,298
89. Ibid,p,298
90. Ibid,p,299_300
91. Ibid,p, 300
92. Ibid,p, 300
93. H.M.Seerai, Partition of India_Legend and Reality, Oxford University, Karachi, 2006, p,85
94. اياز علي ، پاڪستان جو بنياد: ٻه قومي نظريو يا صوبائي خودمختياري؟ روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو 2014ع، صحفو 440
95. تفصيل لاءِ پڙهو اسٽينلي وولپرٽ جو انگريزي ڪتاب، جناح آف پاڪستان، آڪسفورڊ يونيورسٽي پريس، ڪاراچي، سنڌ
96. Stanley Wolpert, Jinnah of Pakistan, Oxford University, Karachi, 2008, p, 302
97. Ibid,p, 303
98. Ibid,p, 304

باب چوڏهون

جناح، مائونٽ بيٽن ۽ پاڪستان!

(1947ع)

بهرحال، ائين برطانوي وزيراعظم ايٽليءَ مائونٽ بيٽن سان معاملو طئي ڪري، ترت ئي فيبروري 1947ع ۾ هندستان جي وائسراءِ لارڊ ويول سان رابطو ڪري ورتو ۽ کيس خط لکي چيائين، ته هاڻ هندستان جو نئون وائسراءِ لارڊ مائونٽ بيٽن هوندو. اوهان کي استيعفيٰ ڏئي هليو اچڻ گهرجي.[1] ان کانپوءِ وزيراعظم ايٽليءَ 20 فيبروري تي، برطانوي پارليامنيٽ کي هندستان بابت برطانوي پاليسي کان آگاهي ڏيندي چيو ته "هزميجستي جي حڪومت هندستان ۾ رياستي ذميواري اهڙن بااختيار ادارن جي حوالي ڪرڻ چاهي ٿي، جيڪي هڪ آئين تحت وجود ۾ آيا هجن ۽ انهن کي هندستان جي مڙني ڌرين قبول ڪيو هجي، پر بدقسمتي سان، اهڙي آئين ٺهڻ جو حال ۾ ڪو امڪان ڏسڻ ۾ نه ٿو اچي. هزميجستي جي حڪومت اها ڳالهه واضح ڪري ڇڏڻ چاهي ٿي ته اُهو ان جو آخري ۽ قطعي ارادو آهي ته هڪ اهڙي تاريخ تائين، جيڪا جون 1948ع کان اڳتي نه هجي، ان دوران هندستان ۾ اقتدار جي منتقلي کي ممڪن بنائڻ لاءِ ضروري قدم کنيا ويندا. ان ڪري، ضروري آهي ته هندستان جون سمورين ڌريون پنهنجن اختلافن کي وساري ڇڏين ته جئين اُها عظيم ذميواري، جيڪا ايندڙ سال سنڊن حوالي ٿيڻي آهي، ان کي خوش اسلوبيءَ سان کڻي سگهن."[2]

ائين ڏٺو وڃي ته هڪ طرف، انگريز هندستان مان باعزت نموني نڪري وڃڻ جي تيارين ۾ هئا، ته وري ٻي طرف، هندستان جي صورتحال اُها هئي، جو ڪانگريس ۽ مسلم ليگ ۾ ڪو به ناهه نه ٿيڻ سبب چوڏس

چڙ، ڪاوڙ ۽ نفرت جو ماحول پروان چڙهي رهيو هو ۽ اُها چڙ ۽ ڪاوڙ توڙي نفرت، سياسي ۽ مذهبي، بنهي ڏسا ۾ سفر ڪري رهي هئي، جنهن جي نتيجي ۾ وري فرقيواراٽي خونريزي ۽ قتل عام جا بنهه دل ڏارينڏڙ واقعا ٿي رهيا هئا. خاص طور تي پنجاب ۾ هندن ۽ سکن گڏجي، مسلمانن لاءِ جئيري دوزخ پيدا ڪري ڇڏيو هو. جو روزانو اُتي فرقيواراٽن جهيڙن ۾ ماٺهو مارڻ معمول بڻجي ويو هو.[3] اهڙيءَ ئي صورتحال ۾ جڏهن، فيبروري 1946ع ۾ هندستان جي عبوري حڪومت جي ناٽي واري مسلم ليگي وزير لياقت علي خان، هندو سرمائيدار طبقي تي ڳرا ٽيڪس عائد ڪرڻ واري بجيٽ پيش ڪئي تہ ايوان ۾ ڪانگريس ۽ ان جي هندو ميمبرن طرفان وڏو هنگامو مچايو ويو.[4] بجيٽ تہ پيش ڪئي وئي، پر ائين ڪانگريس ۽ مسلم ليگ جي روپ ۾ هندن ۽ مسلمانن ۾ سياسي لحاظ کان وچوٽيون وڏندیون ويون ۽ ٻئي ڏريون هڪٻئي کان بنهه ڏور ٽيندیون ٿي ويون.[5]

بهرحال، 22 مارچ 1946ع ۾ نئون وائسراءِ لارڊ مائونٽ بيٽن بہ پنهنجي عملي سميت هندستان پهچي ويو ۽ 24 مارچ تي باضابطہ وائسراءِ جي عهدي جو حلف بہ کٽي ورتائين. وائسراءِ مائونٽ بيٽن سان ڪانگريس، خاص طور جواهر لال نهروءَ جا بنهه پراٽا واسطا هئا. وولپرٽ چواٽي، "اُنهن بنهي جي، جنگ واري زماني ۾ ئي، ملايا ۾ ياراٽي ٿي چڪي هئي."[6] ان ڪري، ڏٺو وڃي تہ وائسراءِ لارڊ مائونٽ بيٽن اڳتي هلي، جيڪڏهن جناح ۽ مسلم ليگ کي ڪنهن بہ سياسي فائدي ڏيڻ بدران، صرف ڪانگريس ۽ هندن کي سڀ طرفو فائدو ڏنو تہ اُن تي ڪا حيرت نہ ٿي ڪري سگهجي.

بهرحال، وائسراءِ مائونٽ بيٽن اچڻ سان، سڀ کان پهرين جناح جي باري ۾ ڄاڻ ۽ واقفيت حاصل ڪرڻ لاءِ، هن پنهنجي پراٽي دوست جواهرلال نهرو جون خدمتون حاصل ڪري ورتيون ۽ اُن مقصد واسطي ترت ئي نهرو سان ملاقات ڪري، جناح بابت گهربل ڄاڻ بہ حاصل ڪري ورتائين. هي مائونٽ بيٽن جو، جناح جي باري ۾ ڄاڻ حاصل ڪرڻ وارو طريقو بہ واهہ جو هو جو هو جناح جي باري ۾ ڄاڻ هڪ اهڙي ماٺهو کان وٺي رهيو هو جيڪو سياسي طور جناح جو سخت مخالف هو.

جيتوڻيڪ وائسراءِ جي اهڙي طريقي ڪار تي اڪيچار شڪ بہ ڪري سگهجن ٿا، پر جئين تہ هن پاڻ ئي اڳتي هلي، اهو ثابت ڪري ڇڏيو تہ هو ڪانگريس ۽ هندن جو ئي طرفدار آهي. ان ڪري، هن تي شڪ

ڪرڻ واري ڳالهه به اجايو ٿي لڳي. بهرحال، نهروءَ جو وائسراءِ مائونٽ بيٽن ڪي چوڻ هو:

"The essential thing to realize about Jinnah is that he is a man to whom success has com very late in life_at over sixty. Before that he had not been a major figure om Indian politics....was a successful lawyer, but not an especially good one.....The secret of his success_and it had been tremendous, if only for its emotional intensity_was in his capacity to take up a permanently negative attitude.....He knew that Pakistan could never stand up to constructive criticism, and he had ensured that it should never be subjected to it."[7]

"جناح جي باري ۾ پهرين ڳالهه اُها ڏهن ۾ رکڻ گهرجي ته هن ڪي ڪاميابي زندگيءَ جي پڇاڙيءَ واري عرصي ۾ ملي آهي. يعني، سٺ ورهين جي عمر کانپوءِ. ان کان اڳ هن جي هندستان جي سياست ۾ ڪا به اهم حيثيت نه هئي...هڪ ڪامياب وڪيل ته هو پر هڪ سٺو وڪيل نه هو... هن جي ڪاميابيءَ جو راز هڪ جذباتي شدت سان گڏ مستقل طور تي هڪ منفي رويو اختيار ڪرڻ واري صلاحيت ۾ آهي....هن ڄاتو ٿي ته پاڪستان ڪنهن به تعميري تنقيد کي برداشت ڪري نه سگهندو ۽ هن ان ڳالهه کي يقيني بڻايو ٿي ته ڪڏهن هن کي انهيءَ تنقيد جو منهن ڏسڻو ئي پوندو."

دراصل، جناح جي باري ۾ اُها راءِ، نهروءَ جي ذاتي ۽ سياسي نفرت تي ٻڌل هئي، جنهن جو مقصد وائسراءِ جي اڳيان، جناح جي اهميت کي گهٽ ڪرڻ هو. نهروءَ جي اهڙي نفرت کي، وولپرٽ به محسوس ڪيو آهي. ان حوالي سان هو لکي ٿو:

"Mountbatten's own rather negative assessment of Jinnah was, in some measure, probably influenced by Nehru's singular aversion to the Quaid_i_Azam and all he represented."[8]

"جناح جي باري ۾ مائونٽ بيٽن جو ذاتي منفي تجزيو ڪنهن حد تائين، شايد نهروءَ جي جناح کان ان شديد نفرت کان ئي متاثر ٿيل هو جيڪا هُن، قائداعظم کان ۽ جنهن جي هن نمائندگي ٿي ڪئي، ان کان ڪئي ٿي."

بهرحال، جناح جي باري ۾ اهڙين خبرن ٻڌڻ کانپوءِ، وائسراءِ مائونٽ بيٽن"31 مارچ کان 4 اپريل تائين، پنجن ڏار ڏار ڪيل ملاقاتن ۾، ڏهن ڪلاڪن کان وڌيڪ عرصو گانڌيءَ سان گڏ، اڪيلائي ۾ ڳالهيون ڪندي گذاريو."[9] اُنهن ملاقاتن ۾ گانڌيءَ جي اها تجويز هئي ته"سڀ کان پهريان،

مسٽر جناح کي حڪومت ناهڻ جو اختيار ڏنو ويجي. جيڪڏهن مسٽر جناح انهيءَ آڇ کي قبول ڪري ٿو تہ ڪانگريس ايمانداريءَ سان سهڪار ڪرڻ جي ضمانت ڏئي ٿي. شرط اُهو آهي تہ اُهي سمورا قدم جيڪي مسٽرجناح کي، حڪومت ناهڻ تائين وٺي ٿا اچن، اُهي مجموعي طور هندستاني عوام جي مفادن وٽان هجن. هندستان جا مجموعي طور ڪهڙا مفاد آهن ۽ ڪهڙا ناهن، انهن کي طئي ڪرڻ وارو ٽياڪڙ خود مائونٽ بيٽن ئي هوندو. مسٽرجناح، ليگ جي طرفان اُها ڳالهہ قبول ڪري تہ هُو هندستان ۾ امن امان قائم رکڻ ۾ پنهنجي سمورين ڪوششن کي استعمال هيٺ آڻيندو. نيشنل گارڊ يا ڪنهن ٻي طرح جي ذاتي فوج جو ڪو بندوبست نہ هوندو. اُن بنيادي ڏانچي جي اندر اختيارن جي منتقلي کان پ اڳ، مسٽرجناح پاڪستان جي منصوبي کي منظوريءَ واسطي پيش ڪرڻ لاءِ مڪمل طور تي آزاد هوندو. جيڪڏهن مسٽرجناح اُنهيءَ آڇ کي رد ڪري ٿو تہ پوءِ اُها ساڳئي آڇ ڪن ضروري تبديلين ڪانپوءِ ڪانگريس کي ڏني ويجي."[10]

ڏنو ويجي تہ گانڌيءَ جي اُها تجويز پنهنجي جاءِ تي انتهائي اهم ۽ زبردست قسم جي هئي. جيتوڻيڪ اُنهيءَ تجويز جي پويان گانڌيءَ جي روايتي حرفت لڪل هئي، جو هُن اُها ڳالهہ چڱيءَ طرح سان سمجهي ٿي تہ جناح، ڪانگريس ۽ گانڌيءَ جي اهڙي فراخدلاڻي آڇ کي ڪڏهن بہ قبول نہ ڪندو. پر بهرحال، اُها حرفت تي پڌل آڇ بہ، نهروءَ جي وزيراعظم بنجڻ واري شوق سببان جناح تائين پهچي نہ ٿي سگهي. ۽ نهروءَ جي سخت مخالفت سببان جناح تائين پهچڻ کان اڳ ۾ ئي فوت ٿي وئي. هاڻ وائسراءِ مائونٽ بيٽن، جناح سان ملاقاتون ڪرڻ شروع ڪيون، جيڪي لڳ ڀڳ 10 اپريل 1946ع تائين مختلف وقفن سان جاري رهيون. آخري 10 اپريل واري ملاقات ڪانپوءِ وائسراءِ جڏهن، جناح کي پاڪستان جي مطالبي کان اصل هٽائي نہ ٿي سگهيو تہ پنهنجي اسٽاف جي ماڻهن کي اُهو چئي ڏنائين تہ"مسٽرجناح هڪ نفسياتي مريض آهي."[11]

جيتوڻيڪ، وائسراءِ مائونٽ بيٽن کي، برطانوي حڪمرانن پاران شروع کان اُهي هدايتون مليل هيون تہ هُو هندستان کي ورهائڻ نہ، پر سمورن هندستاني اڳواڻن کي هڪ گڏيل ۽ متحد وفاقي هندستان جي اسڪيم کي قبول ڪرڻ تي راضي ڪري، ۽ اهڙي ڳالهہ کي ممڪن بڻائي،

جنهن سان هڪ ٿہ انگريز هندستان مان باعزت نموني نڪري وڃن، ۽ ٻيو ٿہ هندستان جو بہ ورهاڱو نہ ٿئي.[12] اُها هڪ واضع هدايت هئي. بهرحال، جڏهن وائسراءِ ڏنو ٿہ هندستاني اڳواڻ ڪنهن بہ طرح سان پاڻ ۾ ٺهڻ لاءِ تيار ناهن، ۽ خاص طور هن جڏهن نهرو ۽ ولپ پائي پٽيل سان ملاقاتون ڪري، سندن موقف کان واقف ٿيو جن دراصل مسلم ليگ کي، ڪنهن بہ طرح سان برابريءَ جي بنيادي تي اقتدار ۾ پائيواري ڏيڻ کان ٽپ انڪار ڪندي، ورهاڱي جو مطالبو ڪري ڇڏيو هو ٿہ هُن بہ، مسئلي جو حل صرف ورهاڱي کي سمجهندي، مئي 1947ع ۾ پنهنجي صلاحڪار وي. پي. مينن جي مدد سان، هندستان جي ورهاڱي جو منصوبو تيار ڪرائي ورتو ۽ امانت ۾ خيانت ڪندي، سڀ کان پهرين نهروءَ کي دوستيءَ جي بنياد تي ڏيکاري ڇڏيائين، جنهن ڏسڻ سان ئي، اُن جي سخت مخالفت ڪئي. (پڪ ناهي پر، امڪان اُن ڳالهہ جو آهي ٿہ اُنهيءَ ورهاڱي جي منصوبي ۾ مسلمانن ۽ مسلم ليگ کي غير شعوري طور سياسي فائدو ڏنو ويو هوندو. اُهو ئي سبب هو، جو نهروءَ ان کي ڏسي ڪاوڙجي ان جي مخالفت ٿي ڪئي) نهروءَ جي مخالفت ڪانپوءِ وائسراءِ اُها ڳالهہ جڏهن برطانوي حاڪمن کي ٻڌائي ٿہ اُنهن ڪيس لنڊن اچي صلاح مشوري ڪرڻ جو حڪم ڏنو.

چون ٿا ٿہ، اُهو ساڳيو ئي منصوبو، نهروءَ کي ڏيکارڻ بعد، وائسراءِ ڪليل نموني، مسلم ليگ جي سيڪريٽري جنرل لياقت علي خان ۽ بعد ۾ وري جناح کي بہ ڏيکاريو. اُنهيءَ منصوبي مطابق جئين ٿہ، پنجاب ۽ بنگال جو ورهاڱو ٿيڻو هو، ان ڪري، مسلم ليگ ۽ جناح بہ، اُنهيءَ منصوبي جي سخت مخالفت ڪندي، ان کي رد ڪري ڇڏيو[13] جنهن ڪانپوءِ وائسراءِ لارڊ مائونٽ بيٽن پنهنجو منصوبو ڪٽي، 19 مئي 1947ع تي سڈو لنڊن هليو ويو.[14] جتان هُو منصوبي ۾ ضروري تبديليون ڪرائي، مئي مهيني جي پڇاڙيءَ ۾ واپس هندستان موٽي آيو.[15] لنڊن کان موٽي اچڻ ڪانپوءِ ترت ئي "وائسرا 2 جون 1947ع تي هندستاني اڳواڻن کي ملاقات لاءِ سڏائي ورتو ۽ انهن جو آڏو برطانوي حڪومت جي قطعي ۽ آخري فيصلي جو اعلان ڪيائين. فيصلو اُهو هو ٿہ برطانيا جي هندستان مان نڪري وڃڻ کان اڳ، هندستان کي ٻن آزاد ۽ خودمختيار رياستن ۾ ورهايو ويندو. هندستان ۽ پاڪستان ٻنهي کي برطانوي ڊمينن جي حيثيت ڏني ويندي ۽ ٻنهي کي اُن ڳالهہ جو اختيار هوندو ٿہ اُهي دولت مشترڪا کان ڌار ٿي وڃن."[16] هيڪٽربوليٿو

ٻڌائي ٿو:

"لارڊ مائونٽ بيٽن کي، جڏهن هندستان جو وائسراءِ ڪري موڪليو ويو هو تڏهن اُن وقت، مسترايٽلي جو فيصلو اُهو هو ته جون 1948ع تائين هندستان کي مڪمل آزادي ڏني ويندي، پر هاڻ اُهو عرصو هڪ سال تائين گهٽ ڪيو ويو ۽ حڪم اُهو هو ته 15 آگسٽ 1947ع تائين ملڪ جي ورهاست جي سلسلي ۾ هر ممڪن ڪارروائي مڪمل ڪئي وڃي. اُنهيءَ تاريخ تي هندستان مٿان برطانوي اختيار ختم ڪيو وڃي. جڏهن ته اُنهيءَ تاريخ تي ديسي رياستن مٿان پڻ برطانوي حڪومت جو اختيار ختم ٿي ويندو جنهن ڪانپوءِ هر رياست کي اهو فيصلو ڪرڻ جو اختيار هوندو ته اُها هندستان ۾ شامل ٿئي يا پاڪستان ۾ شامل ٿئي."[17]

جيتوڻيڪ، وائسراءِ مائونٽ بيٽن جو هندستاني اڳواڻن کي ڏيکاريل 2 جون وارو منصوبو اُهو ساڳيو ئي مَئي مهيني ۾ نهروءَ کي ڏيکاريل ورهاڱي وارو منصوبو هو، جنهن ۾ هاڻ، ڪانگريس کي خوش رکڻ خاطر ڪي ضروري تبديليون ڪيو ويون هيون، پر جئين ته وري به اُنهي منصوبي ۾ هندستان کي ورهائڻ سان گڏ پنجاب ۽ بنگال کي ورهائڻ جو شرط هو. ان ڪري، جناح ۽ مسلم ليگ، ان کي قبول ڪرڻ جي حوالي سان مونجهاري جو شڪار هئا. ۽ اهو ئي سبب هو جو جڏهن انهيءَ گڏجاڻي ۾ وائسراءِ نهروءَ کان منصوبي جي منظوري جي باري ۾ پڇيو ته، هن اُن تي نيم رضامندي جو اظهار ڪري ڇڏيو[18] البت جناح "قطعي طور تي ڪا به ڳالهه نه ٿي ڪئي، ۽ اُهو شرط ٿي رکيائين ته هُن کي اُها (ورهاڱي واري) تجويز مسلم ليگ جي مرڪزي ڪميٽيءَ ۽ مسلمانن جي اڳيان پيش ڪرڻي پوندي."[19] اُن ڪانپوءِ ئي هُو ڪجهه ٻڌائي سگهي ٿو.

بهرحال، جناح جي اهڙي جواب ڪانپوءِ وائسراءِ سيني ڏرين کي اها هدايت ڪري ڇڏي ته اُهي گهٽ ۾ گهٽ اڌ رات تائين پنهنجي پنهنجي پارٽين جي فيصلن کان مون کي آگاهه ڪري ڇڏين ته جئين سياڻي 3جون تي ٽيندڙ باضابطه اجلاس ۾ حتمي فيصلو ڪيو وڃي.

هڪيٽربوليٽو ٻڌائي ٿو:

"ٽن پارٽين جي اڳواڻن وائسراءِ جي هدايت تي عمل ڪئي ۽ اڌ رات جو ئي ان کي پنهنجي فيصلي کان آگاهه ڪري ڇڏيائون. البت جناح اڌ رات جو پاڻ وائسراءِ وٽ ڪهي ويو. هن جي ڳالهه ٻولهه ٻنهه ڏکي صورتحال پيدا

ڪري ڇڏي. وائسراءِ جي گهٽي زور بار جي باوجود، جناح پنهنجي انهيءَ ڳالهه تي بضد رهيو ته جيستائين مسلم ليگ کي فيصلو نه ٿي ڪري، تيستائين هُو منصوبي جي منظوريءَ جو کي به پڪو واعدو نه ٿو ڪري سگهي. اُنهيءَ موقعي تي وري هن، اهڙي احتياط ۽ پيچيدگي سان ڳالهه ڪئي، جهڙي وڪالت واري زماني ۾ هو ججن جي اڳيان ڪندو هو. هن جو دليل اُهو هو ته مسلم ليگ جي آئين مطابق ڪائونسل جي منظوري ڪانسواءِ هو ان معاملي ۾ ڪنهن به قسم جي فيصلي کرڻ جو مجاز ناهي. جناح جو اهڙو رويو ڏسي، مائونٽ بيٽن ٿورن سخت لهجو اختيار ڪندي، کيس چيو ته اوهان جيڪڏهن هن وقت کي قطعي فيصلو نه ٿا ڪري سگهو ته پوءِ سياڻي واري اجلاس ۾ ڪانگريس ۽ سکن طرفان انهيءَ منصوبي کي رد ڪيو ويندو. جيڪڏهن ائين ٿيو ته پوءِ سڄي ملڪ ۾ انتشار پکڙجي ويندو ۽ ڊپ اٿم ته اوهان افراتفريءَ ۾ پاڪستان نه وڃائي ويهو. ان تي جناح بيوسي جو اظهار ڪندي چيو ته، جيڪا ڳالهه ضروري آهي، اُها بهرحال ضروري آهي. مان وڌيڪ ڪجهه به نه ٿو ڪري سگهان. وري وائسرا جناح کي درخواست واري انداز ۾ چوڻ لڳو ته مسٽر جناح ان منصوبي کي تيار کرڻ ۾ وڌيءَ محنت کان ڪم ورتو ويو آهي. مان اوهان کي اهو اختيار نه ٿو ڏئي سگهان ته، اوهان اسان جي ٺهيل ٽڪيل ڪم کي خراب ڪري، سڄيءَ محنت کي رائيگان ڪري ڇڏيو. جيڪڏهن اوهان مسلم ليگ جي طرفان منصوبي کي منظور نه ٿا ڪريو ته پوءِ مان پنهنجي ذميواريءَ سان اعلان ڪري ڇڏيندس ته مسلم ليگ کي به اُهو منصوبو منظور آهي. بعد ۾ جڏهن اوهان جي ڪائونسل اُنهيءَ منصوبي کي قبول نه ڪري ته پوءِ اُهو سڄو الزام مان پاڻ تي هٽندس. ائين چوڻ بعد مائونٽ بيٽن سختي سان جناح کي هدايت ڪئي ته، سياڻي واري اجلاس ۾ مان سيني جي اڳيان چوندس ته مسٽر جناح ليگ جي طرف کان مون کي پورو پورو اطمينان ڏيارايو آهي، ۽ مون کي پڪ آهي ته، ليگ جي طرفان کان ڪا به رڪاوٽ نه ٿيندي ۽ ائين جڏهن مان چوندس ته اوهان هرگز منهنجي تردید نه ڪندؤ پوءِ وري مان اوهان ڏانهن ڏسندس ته اوهان رڳو ڪنڌ لوڏي هائوڪار ڪري ڇڏجو. جناح اُها تجويز قبول ڪري ورتي. پوءِ مائونٽ بيٽن وري جناح کان آخري سوال پڇيو ته، ڇا مان مسٽر ايٽليءَ کي اُهو چئي ڇڏيان ته هُو پارليامينٽ ۾ منصوبي جي منظوري جو اعلان ڪري؟ جناح ها ڪري ڇڏي."[20]

ائين ئي ٻي ڏينهن، يعني 3 جون 1947ع تي مائونٽ بيٽن، ڪانگريس، مسلم ليگ ۽ سکن جو گڏيل، آخري ۽ حتمي اجلاس ٿيو.[21] "جنهن ۾ وائسراءِ ورهاڱي جي منصوبي جي ڪانگريس ۽ سکن پاران لکت ۾ ملهل

منظوري جو ذڪر ڪرڻ ڪانپوءِ چيو تہ، جناح مون کي خاطري ڪرائي آهي، جنهن ڪري مان سمجهان ٿو تہ مسلم ليگ انهيءَ منصوبي کي قبول ڪري ورتو آهي. ائين چئي وائسراءِ جناح ڏانهن نهاريو تہ جناح ڪنڌ لوڏي هائوڪار ڪئي."[22]

بهرحال انهيءَ 3 جون واري ڏينهن جي شام جو ئي، وائسراءِ مائونٽ بيٽن طرفان باضابطہ طور ريڊيو ذريعي ورهاڱي جي منصوبي جو اعلان ڪيو ويو. جنهن ڪانپوءِ نهرو ۽ جناح ريڊيو تي اچي تقرير ڪئي. نهروءَ هندي ۾ تقرير ڪئي، جڏهن تہ جناح انگريزيءَ ۾ ڪئي، ۽ پاڪستان زنده باد جو نعرو هنيائين.[23] انهي"ساڳئي ڏينهن تي برطانوي سرڪار پاران پڙ ورهاڱي جي منظوري جو اعلان ڪيو ويو. جنهن ۾ چيو ويو تہ هاڻ جيئن تہ هندستاني سياسي جماعتن ۾ مفاهمت ٿي وئي آهي، ان ڪري برطانيا جون 1948ع ڪان اڳ ئي، هندستان جو اقتدار اتي جي نمائنده ڏرين جي حوالي ڪري ڇڏيندو."[24] 4 جون 1947ع تي وري وائسراءِ لارڊ مائونٽ بيٽن هڪ پريس ڪانفرنس ڪئي، جنهن ۾ چيائين:

"هاڻ اقتدار ۽ رياستي اختيار صرف ہن مهينن جي اندر منتقل ڪيا ويندا، جنهن جي آخري تاريخ 15 آگسٽ هوندي. هن خاص طور اُهو واضع ڪري ڇڏيو تہ، رياستن ۽ صوبن کي ڪامن ويلٿ ۾ ميمبر طور شامل ٿيڻ جي اجازت نہ ڏني ويندي. صوبن لاءِ ہن آئين ساز اسيمبلين مان ڪنهن بہ هڪ ۾ شامل ٿيڻ ڪانسواءِ ہي ڪا بہ چوائس ڪونهي، جي ائين نہ ٿيو تہ پوءِ هندستان ٽڪرا ٽڪرا ٿي ويندو."[25]

بهرحال، مسلم ليگ طرفان 10جون ۽ ڪانگريس طرفان 13جون تي ورهاڱي جي منصوبي جي باضابطہ منظوري ڏني وئي.[26] 20 جون 1947ع تي صوبن ۾ رفريڊم ڪرايو ويو. جنهن ۾ مسلم گهٽائي وارن صوبن جي عوام پاڪستان جي حق ۾ ووٽ ڏئي ڇڏيو.[27] هيڪٽربوليٿو لکي ٿو:

"هاڻ هندستان جي نقشي تي وڏي تبديلي اچڻ واري هئي. برطانوي سلطنت جو اُهو انتهائي اهم ۽ قيمتي نقشو جيڪو هڪ وڏي ڳاڙهي ناسپاتيءَ وانگر هو لڳ ڀڳ هڪ صديءَ تائين انگريزي ايٽلس جي زينت بڻيل رهيو. هاڻ انهيءَ ناسپاتي جا بہ نہ، پر ٽي حصا ٿيڻ وارا هئا. توڙي جو هندستان جي پکيڙ آمريڪا جي پکيڙ جي اڌ برابر آهي، پر اُن جي آبادي آمريڪا کان ٻنهڙ ٻيڻ ٽي آهي. هاڻ انهيءَ ننڍي ڪنڊ جي ورهاست ڪجهہ ان طرح سان ڪئي ٿي

وئي، جو اُن جي اُتر اُولهه ۽ اُتر اُوپر وارن خطن ۾ مسلمانن جي حڪومت هوندي. پاڪستان جي اُنهن ٻنهي ٽڪرن جي وچ ۾ هڪ هزار ميلن جو فاصلو هوندو ۽ وچ وارو رستو وري هندستان جي قبضي ۾ هوندو. جيڪڏهن جارج واشنگٽن ڪيليفورنيا ۽ ميساچوسيٽس کي گڏائي، هڪ رياست ناهي ڇڏي ها، ۽ اُنهن ٻنهي جي وچ وارو علائقو ڪنهن ٻي ملڪ جي قبضي هيٺ هجي ها، تہ پوءِ آمريڪا جو نقشو ڪجهه هن طرح سان هجي ها، جئين اڄ پاڪستان جو آهي. جناح جيڪو پاڪستان حاصل ڪيو هو اُن جي ٻنهي خطن جي وچ ۾ نہ فقط هڪ هزار ميلن جو وڇوٽي نہ هئي، پراُنهن جون بوليون ۽ مختلف هيون. هڪ علائقي جو رخ اُوپر ڏانهن هو تہ. وري ٻئي جو اُولهه طرف. اُنهن ٻنهي علائقن جي وچ ۾ زميني آمدرفت جو ڪو ٻ وسيلو نہ هو. اُنهن جي گڏجڻ ۽ اتحاد وارو رشتو صرف اُهو هو جو علائقن جي رهواسين جي وڏي اڪثريت مسلمان هئي، ۽ مسلمانن وري هرقيمت تي هندن جي غلامي کان ڇوٽڪارو ٿي چاهيو."[28]

بهرحال، جيئن تہ ورهاڱي جي اُنهيءَ منصوبي ۾ پنجاب ۽ بنگال جي ورهاست ٻ طئي ٿيل هئي. ان ڪري منصوبي جي اعلان کانپوءِ ترت ئي ڇاڻايل ٻنهي صوبن جي ورهاست ۽ حدبندين جي باري ۾ انگريزن طرفان، هڪ ورهاست واري ڪائونسل پڻ جوڙي وئي، جنهن جي ڪجهه اجلاسن بعد، صوبن جي ورهاست ۽ حدبندين جي مقرريءَ لاءِ سرريڊڪلف جي اڳواڻيءَ ۾ هڪ ڪميشن قائم ڪئي وئي،[29] جنهن کي دراصل، ننڍي کنڊ جي سياسي تاريخ جو هڪ انتهائي اهم ۽ بنهه تڪراري ڪم اڪلائڻو هو. هوڏانهن 15 جولاءِ تي هندستان جي ورهاڱي جي منصوبي کي قانوني مسودي جو روپ ڏئي، برطانوي پارليامينٽ ۾ پيش ڪيو ويو[30] جنهن تي گهٽي بحث مباحثي کانپوءِ 18 جولاءِ تي منظوري جي مهر ثبت ڪئي وئي، ۽ ائين 15 آگسٽ تي هندستان ۽ پاڪستان جي نالي سان ٻ ملڪ دنيا جي نقشي تي اچڻا هئا.[31] وولپرٽ ٻڌائي ٿو:

'Jinnah held a press conference in mid_July and "assured" minorties in his inchoate dominion that they would have "protection with regard to their religion, faith, life, property and culture. They would, in all respect, be citizens of Pakistan without any discrimination.....The same principle.....would apply to the minorties in India as well.'[32]

"جولاءِ جي وچ وارن ڏهاڙن ۾ جناح هڪ پريس ڪانفرنس جو بندوبست

ڪرايو جنهن ۾ هُن نئين رياست (پاڪستان) جي اقليتي برادريءَ کي خاطري ڪرائي ته، نئين رياست ۾ اقليتن کي سندن مذهب، ايمان، زندگيءَ ۽ ثقافت جو سيڪيورٽي طرفو تحفظ ڏنو ويندو... اُهي هرلحاظ کان، ڪنهن به فرق کانسواءِ، پاڪستان جا شهري هوندا. اُهو ئي اصول ... هندستان تي اقليتن جي حوالي سان لاڳو هوندو."

جناح جي سوانح نگار هيڪٽربوليٿو جناح جي اُنهن ويچارن تي تبصرو ڪندي هئين لکيو آهي:

"اُن بيان مان اُها ڳالهه واضح ٿي وڃي ٿي ته جناح جي دل ۾ مذهبي تعصب ڪو نه هو. هُن جي انصاف پسنديءَ واري جذبي ۽ غيرفرقيوارانه سوچ جون پاڙون بنهه گهريون هيون، ۽ اُنهن تي هندو ۽ مسلم فرق ڪنهن به قسم جو ڪو اثر نه وڌو هو. اڳ وانگر هاڻ به جناح جي دل ۾ ڪنهن به فرقي، گروهه يا نسل جي ماڻهن کان ڪنهن به قسم جي نفرت يا دشمنيءَ جذبو نه هو. جيتوڻيڪ اڄ هُو مسلمانن جي آزادي جو عملبردار هو، پر تڏهن به هن جو اهو جذبو جنهن جي بدولت ڪڏهن ڪيس هندو- مسلم اتحاد جو سفير چيو ٿي ويو هن وقت تائين هن جي دل تان مٽجي نه سگهيو هو."[33]

بهرحال، هاڻ ورهاڱي ٽيڻ سببان ٻين گهٽڻ مسئلن سان گڏ مختلف راجائي رياستن جي شموليت ۽ الحاق جو به مسئلو هو. چون ٿا ته، ڪشمير جي راجا هري سنگهه ته پاڪستان سان الحاق ڪرڻ کان ٽپ انڪار ڪري ڇڏيو جو ڪيس خطرو هو ته مسلم گهٽائيءَ واري راج ۾ سندس بادشاهت قائم رهي نه سگهندي. هوڏانهن، حيدرآباد دکن واري رياست جو راجا هڪ مسلمان هو. جنهن وري هندستان سان الحاق ڪرڻ کان ٽپ انڪار ڪري ڇڏيو پر جيئين ته حيدرآباد دکن جي عوام ۾ هندن جي اڪثريت هئي. ان ڪري اُها رياست گهٽو وقت تائين هندستان کان ڌار نه رهي سگهي، ۽ ايندڙ سال 1948ع ۾ ئي هندستان (فوجي) طاقت جي زور تي اُن کي هندستان سان ملائي ڇڏيو.[34] بهرحال، اُنهي جولاءِ واري مهيني ۾ گورنر جنرل شپ جو معاملو پٽ اُٽيو. ان ڏس ۾ وائسراءِ مائونٽ بيٽن جو ضد هو ته جئين ٽئين ڪري ڪيس، ڪانگريس ۽ مسلم ليگ طرفان، ٻنهي ملڪن جو گڏيل گورنر جنرل طور قبول ڪيو وڃي ته جئين ورهاڱي واري سڄيءَ ڪارگذاريءَ کي چڱيءَ طرح سان ممڪن بڻائي سگهجي.

جيتوڻيڪ ڪانگريس ته مائونٽ بيٽن کي هندستان جي گورنر جنرل

طو قبول ڪري ورتو پر جناح، ائين ڪرڻ کان ٽپ انڪار ڪري ڇڏيو ۽ اها تجويز ڏنائين، ته مائونٽ بيٽن کي ٻنهي رياستن جي گڏيل گورنر جنرل بنجڻ بدران، برطانيا طرفان ٻنهي ملڪن جو سپر گورنر جنرل ٿيڻ گهرجي. وائسراءِ کي جناح جي اهڙي تجويز نه وڻي، جو هن لاءِ ٻنهي ملڪن جو گڏيل گورنرجنرل بنجڻ سندس ذاتي وقار ۽ عزت جو سوال هو. جنهن جي آڏو دراصل، جناح جي انڪار بند ٻڌي ڇڏيو هو.

بهرحال، ائين ئي جڏهن وائسراءِ مائونٽ بيٽن، جناح کي سندس انڪار تان هٽائي نه سگهيو ته آخر ۾ وائسراءِ کيس اها ٽمڪي ڏني ته جيڪڏهن هُن(جناح)وائسراءِ کي گڏيل گورنرجنرل طور قبول نه ڪيو ته پاڪستان کي نه صرف ڪروڙين روپين جي گهاٽي جو منهن ڏسڻو پوندو بلڪ اُن جو مستقبل به خطري هيٺ اچي ويندو.[35]

بهرحال، اهڙو نقصان ورهاڱي واري مرحلي دوران پاڪستان ۽ اُن جي عوام کي ڏنو به ويو جو هڪ طرف وائسراءِ لارڊ مائونٽ بيٽن صرف هندستان جي گورنرجنرل بڻجي، هڪ طرفو ٿي، ساڻ تعصب، ڪروڌ ۽ پاڪستان دشمنيءَ ۾ اچي، ريڊ ڪلف بائونڊري ايوارڊ جي فيصلي کي آزادي واري رات تائين ڳجهو رکي، عام خلق کي گهمراهه بڻايو ته وري ٻئي طرف ورهاڱي واري عمل دوران پنجاب ۾ جيڪا لڏپلاڻ ٿي، ۽ ان دوران جيڪي فساد ۽ خونريز وڳوڙ ٿيا، انهن جي روڪٿام لاءِ وائسراءِ مائونٽ بيٽن ڄاڻي ٻُجهي ڪي به سنجيده اپاءَ نه ورتا. جنهن سببان بي خبريءَ جي عالم ۾ مسلم عوام جو قتلام عام ٿيندو رهيو ۽ ماٺهو انتهائي لاچاريءَ، بيوسيءَ ۽ نڌڻڪائيءَ واري حالت ۾ ڪُسجندا رهيا ۽ اُهو سڀ ڪجهه صرف ۽ صرف مائونٽ بيٽن گڏيل وائسراءِ بنجڻ کان جناح جي انڪار جي ڪري ڪيو.

سوال آهي ته جناح ائين ڇو ڪيو؟ اُن جو جواب، اسان کي جناح جي تن ڏينهن، بنهه ويجهو رهندڙ شخص، چوڌري محمد علي (جيڪو بعد ۾ پاڪستان جو وزيراعظم به بڻيو) ڏنو آهي. هو ٻڌائي ٿو:

"جناح جي مائونٽ بيٽن کي گڏيل گورنرجنرل بڻجڻ کان انڪار ڪرڻ واري فيصلي جو پهريون سبب اُهو هو جو خود وائسراءِ جي اُها تجويز غير آئيني ۽ بيوقوفاڻي هئي، جنهن تي آئيني طرح سان عمل نه پيو ڪري سگهجي، ۽ پيو

اڳوٽ ئي مقرر ڪري ڇڏيو هو تنهن ڪانسواءِ ٻيا ٻه اڪيچار انگريز سول ۽ فوجي آفيسر اتي موجود هئا. اُن ڪري پاڪستان جي عوام کي اُهو تاثر ڏيڻ ضروري هو ته هنن جي هندستان کان ڌار ۽ آزاد رياست قائم ٿي چڪي آهي. ۽ اُهو تاثر تڏهن ڏئي پئي سگهجي ٿيو. جڏهن گورنر جنرل جو عهدو خود جناح وٽ ئي هجي ها." [36]

بهرحال، ڪانگريس وائسراءِ مائونٽ بيٽن کي هندستان جو گورنرجنرل بنجڻ جي اجازت ڏئي ڇڏي. جنهن ڪانپوءِ گڏيل هندستان جي سمورين معاملن جي ورهاست ڪئي وئي. ناٽي ۽ فوج جهڙن اهم ۽ اسٽريٽجڪ معاملن ۾ پاڪستان سان جيڪا بددياني ۽ ٺڳي ڪئي وئي، اُن سان تاريخ جو رڪارڊ ڀريل آهي. چون ٿا ته، "پاڪستان جي حصي ۾ جيڪي ساموندي جهاز آيا، اُنهن جي ڪراچي پڇهندي، اهڙي ته حالت ٿي چڪي هئي، جو نه ڪو منجهن تيل بچيو هو ۽ نه ڪو وري ڪوئلو. اُهي وڏي وقت تائين سمنڊ ڪناري بيڪار حالت ۾ سڙندا رهيا."[37]

اهڙي ئي صورتحال ۾ 7 آگسٽ 1947ع تي، جناح (جيڪو هاڻ سترسالن کان مٿي ٿي چڪو هو) پنهنجي ڀيڻ فاطمہ ۽ مختصر عملي سان گڏجي، پاڪستان جي گورنر جنرل جي عهدي سنيالڻ واسطي ڪراچيءَ لاءِ جهاز ۾ چڙهيو.[38] ڪراچيءَ پهچڻ تي هزارين ماڻهن جي هجوم ۾ جناح جو استقبال ڪيو ويو.[39] ماڻهو پنهنجي قائد ۽ اڳواڻ کي ڏسڻ لاءِ حيران ۽ پريشان هئا. ڪراچي ايئرپورٽ کان وٺي گورنر هائوس تائين ماڻهن جا انبوهہ ۽ پاڪستان زنده باد جا نعرا هئا.[40] ٽن ڏينهن کانپوءِ 11 آگسٽ 1947ع تي پاڪستان جي آئين ساز اسمبليءَ جو پهريون اجلاس ڪراچي ۾ ٿيو. جنهن ۾ "گڏيل طور تي اُپ ڌاريندڙ تاڻين ۾ جناح کي اجلاس جي صدارت لاءِ سڏيو ويو. جناح صدارت جي ڪرسيءَ تي وڃي ويٺو ۽ گڏ ٿيل مڙني نمائندن طرفان ڏنل اُنهي عظيم ترين اعزاز جو شڪريو ادا ڪيو."[41] جناح اجلاس جي صدارتي تقرير ڪندي چيو:

"هن آزاد اسيمبليءَ پهريون صدر چونڊي، مون کي اعليٰ ترين اعزاز بخشيو آهي. مان دل سان اميد ڪريان ٿو ته اسان هن آئين ساز اسيمبلي کي هڪ وڏو مثال ٻڌائي ڇڏينداسون. هن آئين ساز اسيمبليءَ کي ٻه اهم ڪم ڪرڻا آهن. هڪ پاڪستان جي مستقبل لاءِ آئين ٺاهڻ وارو محنت طلب ڪم ۽ ٻيو پاڪستان کي وفاقي اسيمبليءَ طور هڪ ڀرپور ۽ مڪمل طور خودمختيار

حيثيت سان اپارٽ وارو ڪم. اُن لاءِ سينيٽ کي پوري پوري ڪوشش ڪرڻي پوندي."[42]

انهن شروعاتن ڳالهين کانپوءِ جناح پنهنجي انهن تاريخي خيالن جو اظهار ڪيو جن کي دراصل، هڪ سيڪيولر ۽ جهموري پاڪستان جي پيڙهه جي پٿر طور تاريخ ۾ سراهيو ويندو آهي. جناح جو چوڻ هو:

"هاڻ جيڪڏهن اسان کي، پاڪستان جي هن عظيم رياست کي مضبوط ۽ خوشحال بنائڻو آهي، ته پوءِ اسان کي چگهءَ طرح سان ماڻهن، خاص طور غريب عوام جي چگهيلائيءَ ڏانهن ڌيان ڏيڻو پوندو. هاڻ، جيڪڏهن اوهان ماضي کي فراموش ڪندي، اختلافن کي وساريندي، گڏيل ساڻ ۽ سهڪار سان ڪم ڪندؤ ته اوهان جو ڪامياب ٿيڻ اٽٽر آهي. جيڪڏهن اوهان ماضيءَ کي تبديل ڪري ۽ اوهان مان هر ڪوئي، پوءِ پل اُن جو واسطو ڪهڙي به فرقي سان هجي، ماضيءَ ۾ اُن جا اوهان سان ڪهڙا به تعلقات رهيا هجن، اُهي ڪهڙي به رنگ، نسل ۽ ذات جو هجي، اُهو جيڪڏهن اوهان سان گڏ هڪجهڙي حق، مراعات ۽ ذميواري سان گڏ هن رياست جو شهري آهي ته پوءِ اُنهيءَ ترقي جي ڪا به انتها نه هوندي، جيڪا اوهان حاصل ڪندؤ.

مان اُن تي گهڻو زور نه ٿو ڏئي سگهان، اسان کي اُن جذبي سان ڪم شروع ڪرڻ گهرجي. وقت سان گڏ وگڏ اڪثريتي ۽ اقليتي فرقي، هندو فرقي ۽ مسلم فرقي واري ڳالهه ختم ٿي ويندي، اوهان مون کان اُهو پڇي سگهون ٿا ته، هندستان جي آزاديءَ ۽ خودمختياريءَ واري رستي ۾ اُها فرقي واري ڳالهه وڏي رڪاوٽ بڻيل هئي، ۽ اُن جي نه هجڻ جي ڪري اسان گهڻو وقت اڳ ئي آزادي ماڻي وٺون ها.

هاڻ، اوهان آزاد آهيو. اوهان پنهنجي مندرن ۾ وڃڻ لاءِ تيار آهيو. اوهان پنهنجي هن پاڪستان جي رياست اندر مسجدن يا ٻين عبادتن گاهن ۾ وڃڻ لاءِ آزاد آهيو. اوهان جو واسطو ڪهڙي به، مذهب، نسل يا ذات سان ٿي سگهي ٿو، حڪومت جو اُن ڳالهه سان ڪو به واسطو ناهي. اسان اُنهن ڏينهن ۾ شروعات ڪري رهيا آهيون، جڏهن هڪ فرقي جو ٻئي فرقي سان ڪو به فرق ۽ ڪا وڇوٽي ناهي. هڪ نسل ۽ ذات جو ٻي نسل ۽ ذات سان ڪو تضاد ڪونهي. اسان اُن بنيادي اصول سان شروعات ڪري رهيا آهيون ته اسان سڀ هڪ اهڙي رياست جا شهري آهيون، جن جا حق برابر آهن. انگلينڊ جي ماڻهن کي وقت سان گڏوگڏ صورتحال جي سڃائين کي به منهن ڏيڻو پيو هو ۽ انهن سمورين ذميوارين ۽ فرضن کي ادا ڪيو هو جيڪي حڪومت مٿن عائد ڪيا هئا. اڄ اوهان انصاف سان گڏ اهو چئي سگهون ٿا ته، اتي رومن ڪيٿولڪ ۽ پروٽسٽنٽ وجود نه ٿا رکن، جيڪا شيءِ هاڻي اُتي وجود

رکي ٿي، اُها هيءَ آهي ته اُتي هر فرد هڪ شهري آهي- برطانيا جو هڪجهڙي حيثيت رکندڙ شهري سيئي هڪ قوم جا فرد ۽ ميمبر آهن. مان پانيان ٿو ته اسان کي پنهنجو نصب العين بنهه پنهنجي سامهون ئي رکڻ گهرجي، ۽ اوهان کي اُها پڪ هجي ته وقت گذرڻ سان گڏوگڏ هتي هندو هندو نه رهندو ۽ مسلمان مسلمان نه رهندو. مذهبي طور تي نه، ڇاڪاڻ ته اُهو فرد جو ذاتي مسئلو ۽ عقيدو آهي، پر سياسي طور تي هڪ رياست جي شهري هجڻ جي حيثيت سان....انصاف ۽ برابريءَ واروا اصول هميشه منهنجي رهنمائي ڪندو رهيو آهي، ڪنهن به جئين سيءَ سي هولي ۾ چيو ويندو آهي، تعصب يا فرق جي، يا ٻين لفظن ۾ جانبداريءَ ۽ طرفداريءَ جي، انصاف ۽ مڪمل غيرجانبداري منهنجا رهنما اصول هوندا ۽ مُنهنجو ويساهه آهي ته، اوهان جي گهربل مدد، ساڻ ۽ سهڪار سان پاڪستان دنيا جي عظيم ترين قومن مان هڪ قوم ثابت ٿيندو."[43]

جيتوٽيڪ جناح جي اُنهيءَ تقرير تي، جناح جي سوانح نگار استينلي وولپرٽ اچرج جو اظهار ڪيو آهي ته جنهن ماڻهو ٻه-قومي نظريي جي ڳالهه ڪئي، جنهن ماڻهوءَ هندن ۽ مسلمانن جي مذهبي فرق جي ڳالهه ڪئي، جنهن ماڻهو ڏار ڏار ڪلچر ۽ ڏار ڏار سڃاڻپ جي ڳالهه ڪئي، اُهو ماڻهو (جناح) ڪيئن آخر ۾ (پاڪستان ٺهڻ بعد) ٻه-قومي نظريي کي، پنهنجو پاڻ ئي رد ڪري، پنهنجي پرائي هندو-مسلم اتحاد جي سفير واري نقطي تي موٽي آيو؟ بهرحال، مون کي ذاتي طور تي جناح جي اهڙي، پاڪستان ٺهڻ کانپوءِ، تبديل ٿي ويل ڪردار تي ڪا گهٽي حيرت ناهي، جو مان پانيان ٿو ته جناح ٻه-قومي نظريي يا هندن ۽ مسلمانن جي فرق جي ڳالهه صرف سياسي ضرورت ۽ حڪمت عمليءَ طور ڪئي، ته جئين انگريزن ۽ ڪانگريس کي سياسي ۽ اخلاقي طور تي ڪمزور ڪري، ساڻن ڪو منصفاڻو ناهه ڪري، مسلم مفادن کي گڏيل وفاقي هندستان جي رياستي سرشتي ۾ مستقل طور تي محفوظ بڻائي سگهجي، ۽ اُن لاءِ گهربل آئيني ضمانت حاصل ڪري سگهجي، جيڪا ضمانت، دراصل، گڏيل هندستان جي مرڪز ۾ مسلمانن لاءِ پڙيتي جي مطالبي جي قبوليت سان مشروط هئي. ان ڪري، ائين چئي سگهجي ٿو ته جناح طرفان ٻه-قومي نظريي يا هندن ۽ مسلمانن جي مذهبي فرق واري ڳالهه ڪرڻ دراصل سياسي حڪمت عمليءَ طور، ٿي، اُن جي پويان جناح جو ڪو مذهبي

هڪ وڏي عورت اسڪالر ڊاڪٽر عائشہ جلال (Dr. Ayesha Jalal) پنهنجي هڪ اهم ڪتاب The Sole sopkesman, Jinnah, Muslim League and Demand for Pakistan ۾ ڪري چڪي آهي.[44] ان ڪري، جڏهن ڪانگريس ۽ مسلم ليگ جو تضاد پاڪستان ٺهڻ ڪانپوءِ حل ٿي ويو. تڏهن مان سمجهان ٿو تہ، جناح لاءِ بہ-قومي نظريي کي جئيري رکڻ جي ڪا ضرورت ئي نہ هئي. اُهو ئي سبب هو جو جناح ورهاڱي ڪانپوءِ ترت ئي 11 آگسٽ 1947ع واري تقرير ۾ "پاڪستان جي رياست ۾ هندو هندو نہ رهندو ۽ مسلمان، مسلمان نہ رهندو سڀ هڪ ٿي، رياست جي هڪجهڙي شهري جي حيثيت سان رهندا." واري ڳالهہ ڪري، نہ صرف بہ-قومي نظريي کي رد ڪري ڇڏيو پر مورڳو اُن کي تاريخ ۾ دفن بہ ڪري ڇڏيو.

بهرحال، جناح اُها تقرير ڪري، دراصل پنهنجي ملڪ جا ابتدائي لحاظ کان، سيڪيولر، جمهوري ۽ روشن خيال فڪري بنياد رکي ڇڏيا هئا. جنهن تي، تنهن وقت جي، جناح واري لڏي جي اڪيچار ماڻهن ۽ ڏرين ارهائي پڻ محسوس ڪئي، ۽ انهيءَ ارهائي جو عملي مظاهرو جناح جي لاڏاڻي ڪانپوءِ رياستي طور تي ظاهر بہ ٿيو[45] جو بعد ۾ هڪ سوچيل سمجهيل منصوبي مطابق نام نهاد قرارداد مقاصد (Objective Resolution) آٿي، پاڪستان جي جناح واري جمهوري، سيڪيولر ۽ روشن خيال روپ کي تبديل ڪيو ويو.

بهرحال، مان پنهنجي اصل ڳالهہ تي اچان ٿو. جناح جي اُنهيءَ تقرير ڪانپوءِ ٻئي ڏينهن تي اُها ڳالهہ پڌري ٿي وئي ٿہ وائسراءِ مائونٽ بيٽن جناح کان ذاتي ويرُ وٺڻ لاءِ پاڪستان دشمني تي لهي، ڪانگريس ۽ اُن جي ليڈرشپ کي سپ_طرفو فائدي ڏيڻ واري پاليسي تي عمل پيرا رهندي، ريڈ ڪلف ايوارڊ بائونڊري جي فيصلي ۾ اُها تبديل آٿي ڇڏي آهي، جو هاڻ ريڈڪلف ايوارڊ جي فيصلي مطابق، پنجاب جي گورداسپور واري مسلم اڪثريتي ضلعي کي، جيڪو پاڪستاني پنجاب ۾ شامل ٿيڻو هو اُن کي متائي هندستاني پنجاب ۾ شامل ڪيو جنهن سان هندستان کي وڏو فائدو اُهو مليو جو ڪشمير جي بنهہ ويجهو سلهاڙيل اُنهيءَ استريٽجڪ اهميت جي حامل ضلعي کي هندستاني پنجاب ۾ شامل ڪري ڇڏڻ سبب

هلي، هندستان کي ڪشمير ۾ مستقل طور تي فوجي تسلط قائم ڪرڻ ۾ وڏي زميني مدد ۽ اسٽريٽجڪ سهولت مهيا ڪري ڏني.

جيتوڻيڪ مائونٽ بيٽن ۽ ڪانگريس جي ملي ڀڳت سان ٽيل اهڙي ناانصافي تي، پاڪستان طرفان جناح ۽ لياقت علي خان وڏي هاءِ گهوڑا ڪئي، پر بهرحال، مائونٽ بيٽن اُن سڄي معاملي کان پنهنجي لاتعلقيءَ جو اظهار ڪري، معاملي کي بنهه ناري ڇڏيو ۽ اُهو اسٽريٽجڪ اهميت وارو ضلعو هندستاني پنجاب کي ئي ڏيڻ ويو. ڏنو وڃي ته، اُهو دراصل پهريون وڏو ڏڪ هيو جيڪو انگريزن ۽ ڪانگريسي ليڈرشپ ڏڪجي پاڪستان کي هنيو ۽ اُهو ئي سبب هو جو 1948ع واري ڪشمير تي پاڪستان جي قبائلين جي ڪاهه کي به بريءَ طرح سان شڪست جو منهن ڏسڻو پيو. اهو منهنجو ذاتي خيال آهي ته جيڪڏهن مائونٽ بيٽن بدنيتي جو مظاهرو ڪري، پنجاب جي گرداسپور وارو مسلم اڪثريتي ضلعو هندستاني پنجاب ۾ شامل ڪرڻ بدران اصول ۽ انصاف جي تقاضا کي ڏسندي، اُهو ضلعو پاڪستاني پنجاب ۾ شامل ڪري ڇڏي ها، ۽ ائين ڪشمير کان هندستان جو زميني رابطو ڪٽيل هجي ها، ته مان نه ٿو سمجهان ته هندستان 1948ع ڌاري، پاڪستان جي قبائلين جي ڪشمير تي ڪيل ڪاهه کي ائين پسپا نه ڪري سگهي ها، جئين هن سولائي سان اُن ڪاهه کي بعد ۾ پسپا ڪيو. جنهن سببان پاڪستان ۽ اُن جو حڪمران ٽولو عالمي سطح تي نه صرف اخلاقي ۽ سياسي طرح سان اڪيلو ٿي ويو، پر مورڳو سڄي عالمي برادريءَ اڳيان خُوار به ٿيو.

بهرحال، ائين ئي 13 آگسٽ تي مائونٽ بيٽن پنهنجي سموري فيملي‌ءَ سميت ڪراچي پهتو ته جئين پاڪستان جي گورنر جنرل کي حلف ڪٽائڻ وري تقريب ۾ شرڪت ڪري سگهجي. ٻئي ڏينهن 14 آگسٽ تي مائونٽ بيٽن، جناح کي گورنر جنرل جو حلف نامو ڪٽايو.[46] مائونٽ بيٽن جناح کي حلف ڪٽائي، 15 آگسٽ تي هندستان جي آزاديءَ واري تقريب ۾ شرڪت ڪرڻ لاءِ ترت ئي پاڪستان کان ڪهي هندستان ويو.

هوڏانهن، 15 آگسٽ تي ريڊ ڪلف ايوارڊ بائونڊري اويوارڊ جو فيصلو پڌرو ڪيو ويو.[47] فيصلي پڌري ٽيڻ کانپوءِ "آزادي جا سمورا جشن ختم ٿي ويا، ۽ پوءِ قتل عام شروع ٿي ويو. امرتسر ۽ ان جي آسپاس سکن جي هٿياربند ٽولن ڏسڻ ۾ ايندڙ هر مسلمان کي قتل ڪري ڇڏيو. لاهور ۽ اُن

جي آسپاس جي ٽولن (جن ۾ ڪيترائي پوليس وارا به شامل هئا) هندن ۽ سکن تي، پنهنجي چاقن کي استعمال ڪيو ۽ بندوقن کي خالي ڪيائون. پناهگيرن جي سڄي سارين ريلن کي صاف ڪيو ويو ۽ اُهي گهمندڙ قرندڙ تابوت بڻجي ويون، جن مٿان لاشن جا انبار هئا. جيڪي اُنهن ڳجهن جي غذا بڻيا، جن پنجاب جي آسمان کي بنهه ڪارو ڪري ڇڏيو هو ۽ جن کي آگسٽ جي اُنهن آخري هفتن دوران، پيٽ پرڻ لاءِ اُن کان وڌيڪ رت ۽ گوشت مليو هو. جيترو اُنهن جي ابن ڏاڏن کي سڄي صديءَ ۾ به نه مليو هوندو. بنگال ۾ گانڌي اُهو ڄاڻيندي به، ته اُنهن ٻنهي رياستن جي پيدا ٿيڻ ڪري ڪيتري نه بي گناهه مخلوق موت جي سمنڊ جي حوالي ٿي وئي هئي، آزاديءَ واري ڏهاڙي تي ورت رکيو. ڪلڪتي ۾ 15 ۽ 16 آگسٽ ٻن ڏينهن جو مڪمل طور ڪاروبار بند رهيو. آخري ڏينهن کي نجومين ايترو ته منحوس قرار ڏنو جو ڪنهن به مذهبي برهمڻ پنهنجي گهر جي محفوظ ديوارن مان ٻاهر نڪرڻ جي همٿ نه ڪئي. مهاسيا ورهاڱي، اکنڊ هندستان ۽ پارت ماتا جي ورهاڱي جي خلاف ڪارا جهنڊا چاڙهيا. ڪلڪتي جا مسلمان افراتفريءَ جي عالم ۾ هيڏانهن هوڏانهن ڀڄندا رهيا، ۽ خُوفَ وچان شهر جي اُنهن علائقن ۾ لڪندا رهيا، جن ۾ مسلمانن جي اڪثريت هئي.[48]

بهرحال، ائين، جتي دنيا جي نقشي تي ٻه نوان ملڪ، هندستان ۽ پاڪستان جي نالي سان اُپري ظاهر ٿيا، اُتي وري خُوفَ، وحشت، تباهي ۽ بربادي به پنهنجي هڪ نئين ۽ ڊيجاريندڙ تاريخ رقم ڪري ورتي.

حوالا ۽ سمجهاڻيون

1. Stanley Wolpert, Jinnah of Pakistan, Oxford University, Karachi, 2008, p, 308
2. Ibid,p, 308
3. تفصيل لاءِ زاهد چوڌري جو ڪتاب، پاڪستان ڪيسي بنا؟ اداره مطالع تاريخ، لاهور 2011ع، کي پڙهي سگهجي.
4. Stanley Wolpert, Jinnah of Pakistan, Oxford University, Karachi, 2008, p, 315
5. ايازعلي، پاڪستان جو بنياد: ٻه قومي نظريو يا صوبائي خودمختياري؟ صحفو458 (اڻ ڇپيل تحقيقي مقالو)
6. Stanley Wolpert, Jinnah of Pakistan, Oxford University, Karachi, 2008, p, 315

7. Ibid,p, 315
8. Ibid,p, 315
9. Ibid,p, 316
10. Ibid,p, 316
11. Ibid,p, 319
12. Ibid,p, 321
13. Ibid,p,321
14. هيکٹر بوليٹو حيات قائداعظم، مترجم: زهير صديقي، جمهوري پبليکيشنز لاهور 2012ع،صحفہ,245
15. ساڳيو صحفو 245
16. ساڳيو صحفو 245
17. ساڳيو صحفو 46_245
18. ساڳيو صحفو 246
19. ساڳيو صحفو 246
20. ساڳيو صحفو249
21. ايازعلي ، پاڪستان جو بنياد: ٻه قومي نظريو يا صوبائي خودمختياري؟ صحفو466 (اڀ چيپل تحقيقي مقالو)
22. ساڳيو صحفو466
23. ساڳيو صحفو466
24. ساڳيو صحفو466
25. زاهد چوڌري، پاڪستان کيسي بنا، پاڪستان کي سياسي تاريخ، جلد_2، ادراه مطالعہ تاريخ لاهور 2011ع، صحفہ,509
26. هيکٹر بوليٹو حيات قائداعظم، مترجم: زهير صديقي، جمهوري پبليکيشنز لاهور 2012ع،صحفہ,249
27. ساڳيو صحفو249
28. ساڳيو صحفو50_249
29. Stanley Wolpert, Shamful Flight, The last years of the British empire in India, Oxford University press, Karachi,Sindh,p,166
30. Ibid,p,166
31. Ibid,p, 166
32. Stanley Wolpert, Jinnah of Pakistan, Oxford University, Karachi, 2008, p,334
33. هيکٹر بوليٹو حيات قائداعظم، مترجم: زهير صديقي، جمهوري پبليکيشنز لاهور 2012ع،صحفہ,248
34. تفصيل لاءِ پڙهو زاهد چوڌري جو ڪتاب، پاڪ_پارت تنازعا اور مسئلا ڪشمير ڪا آغاز پاڪستان کي سياسي تاريخ، جلد3، اداره مطالعہ تاريخ، لاهور 1999ع
35. زاهد چوڌري، پاڪ_پارت تنازعا اور مسئلا ڪشمير ڪا آغاز پاڪستان کي سياسي تاريخ، جلد3، اداره مطالعہ تاريخ، لاهور 1999ع،صحفہ، 559

36. چوڌري محمد علي، دي ايمرجنس آف پاڪستان، حوالو: زاهد چوڌري، پاڪ-پارت تنازعا اور مسئلا ڪشمير ڪا آغاز پاڪستان ڪي سياسي تاريخ، جلد3، اداره مطالعه تاريخ، لاهور 1999ع،صحفه 559

37. هيڪٽر بوليٿو حيات قائداعظم مترجم: زهير صديقي، جمهوري پبليڪيشنز لاهور 2012ع،صحفه 251

38. ساڳيو صحفو255

39. 336Stanley Wolpert, Jinnah of Pakistan, Oxford University, Karachi, 2008, p,

40. Ibid,p, 336

41. Ibid,p, 337

42. Ibid,p, 337

43. Ibid,p, 339

44. تفصيل لاءِ پڙهو ڊاڪٽر عائشه جلال جو انگريزي ڪتاب، دي سول اسپوڪ مين، جناح، مسلم ليگ اينڊ ڊماند فار پاڪستان، سنگ ميل پبليڪيشنز لاهور 2010ع

45. اُن حوالي سان پهريون وڏو بلنڊر پاڪستان جي پهرين وزيراعظم مسٽر لياقت علي خان ڪيو جنهن جناح جي لاڏاڻي کانپوءِ مارچ 1949ع ۾ قرارداد مقاصد آڻي، جناح واري سيڪيولر، جمهوري ۽ روشن خيال پاڪستان جا بنياد تبديل ڪري اُن کي هڪ مذهبي رياست ۾ تبديل ڪري ڇڏيو ۽ جئين ته اُهو سڀ ڪجهه ملڪ ۾ شامل قومن خاص طور ننڍين قومن کي رياست ۽ اُن جي پنجابي-مهاجر بالادست قوتن جو محتاج، ڳيجهو ۽ غلام رکڻ لاءِ ڪيو ويو هو. اُن ڪري، اُن جو وڏو اثر ملڪ جي ننڍين مظلوم قومن تي ئي پيو، جنهن جو اُهي اڄ سوڌو معاشي، سياسي، قومي ۽ ثقافتي حقن جي ڦرلٽ جي صورت ۾ لوڙ لوڙيندين پيون اچن.

46. هيڪٽر بوليٿو حيات قائداعظم، مترجم: زهير صديقي، جمهوري پبليڪيشنز لاهور 2012ع،صحفه 262

47. 342Stanley Wolpert, Jinnah of Pakistan, Oxford University, Karachi, 2008, p,

48. Ibid,p, 34

باب پندرهون

جناح ـ پاڪستان کانپوءِ!

(1947_1948ع)

هاڻ، پاڪستان تہ ٺهي ويو هو ۽ ننڍي کنڊ جي مسلمانن کي هندوبالادستيءَ جي خُوفَ کان ڇوٽڪارو تہ ملي ويو هو پر جناح جي حالت بنهہ نازڪ هئي، سندس طبعيت ۽ صحت ڏينهون ڏينهن بد کان بدتر ٿيندي ٿي وئي، مستقل طور تي بُخار ۽ کنگهہ بنهہ ڪمزور ۽ نپُوڙي ڇڏيو هيس. "پنهنجي فتح جي وقت بہ جناح شديد بيمار هو. مون کيس وڏي ڏک ۽ تڪليف وچان ڏٺو. هن کي بُک تہ لڳي ئي نہ ٿي يا وري لڳي بہ ٿي تہ اُها بنهہ ٿوري ئي لڳي ٿي، جنهن سببان ٿوري ماني ٿي کاڌي اُن سان گڏو گڏ، هو هاڻ، پاڻ کي ننڍ ڏيارڻ واري صلاحيت بہ وڃائي وينو هو ۽ اُنهن مڙني ڳالهين سان گڏ هاڻ هن لاءِ سرحد جي ٻنهي پاسن کان ايندڙ خُونريزي، قتل عام، لڄالت ۽ قُرلتَ جون دل ڏارينڌڙ خبرون بہ شامل ٿي ويون هيون. هن پنهنجي ڏينهن جي شروعات صبح جي مانيءَ تي مون سان اُنهيءَ قتل ۽ غارت گيري بابت ڳالهائڻ سان ڪئي، جنهن دوران هُن جو رومال، ڳچ پيرا لڪلَ انداز ۾ سندس پنل اکين ڏانهن ويندو رهيو. ايڏا ملڪ جو آئين ناهڻو هو اُن لاءِ جيترو هن کان ممڪن ٿي سگهيو هن پنهنجو ذهن تيار ڪري ورتو هو. هُن پاڪستان کي مضبوط ڪرڻ لاءِ هڪ جنونيءَ وانگر ڪم ٿي ڪيو ۽ ظاهر آهي تہ اُنهيءَ ڪم ۾ هُن پنهنجي صحت کي مڪمل طور تي نظرانداز ڪري ڇڏيو هو.اُهو ئي سبب هو جو هُن جي کنگهہ ۽ هلڪي هلڪي بُخار مون کي بنهہ گهٽو پريشان ٿي ڪيو. مُنهنجي زور پرڻ تي، هو پنهنجي هڪ ذاتي ڊاڪٽر ڪرنل رحمان کان چڪاس ڪرائڻ لاءِ تيار

ٿيو جنهن ڇڪاس بعد مليريا جي حملي جي نشاندهي ڪئي."[1] فاطمہ ٻڌايو آهي.

بهرحال، جناح جي اهڙي ئي حالت هئي، جو ڪيس خاص طور سندس وزيراعظم مسٽر لياقت علي خان طرفان ٻہ، ڪجهہ ٻڌائڻ ڪانسواءِ ئي، ڪيس بي خبري ۾ رکي، ملڪ ڇهڙ جي ٽيڪ ٻن مهينن بعد، يعني 23 آڪٽوبر 1947ع تي اوچتو پٺاڻ برادريءَ جي ڪجهہ قبائلين ۽ اُنهن جي ويڑهاڪ ماڻهن کي گڏ ڪري، فوجي هٿيار ۽ ٻيو سازوسامان ڏئي، ڪين ڪشمير تي ڪاهہ ڪرڻ لاءِ موڪلي ڇڏيو.[2] هيڏانهن جي ملڪ جي بانيءَ کي ملڪ جي آئين جوڙڻ جي ڳڻتي ۽ فڪر هو ۽ سندس جسماني حالت ڏينهون ڏينهن خراب ٿيندي ٿي وئي، تہ هُوڏانهن وري، رياست جي اصل قوتن کي ڳڻتي اُها هئي تہ جئين تئين ڪري، ڏاڍ ۽ طاقت جي زور تي ڪشمير کي حاصل ڪيو ويڄي.

جيتوڻيڪ پاڪستان ۽ اُن جي اصل بالادست قوتن طرفان ڳُجهہ ڳُوهہ ۾ موڪليل، اُهو قبائلين جو نيم فوجي دستو، جيڪڏهن فوجي ڏاهپ ۽ حڪمت عمليءَ مان ڪم وٺي، اُتي قرلٽ ۽ هندو عوام جي قتل عام ڪرڻ بدران، سڌو سرينگر ۽ اُن جي ايئرپورٽ تي قبضو ڪري وٺي ها تہ، ڪشمير فوجي لحاظ کان فتح ٿي وڃي ها ۽ ڪشمير جي راجا مهاراجا هري سنگهہ وٽ سواءِ پيش پوڻ جي، ٻيو ڪو ٻہ رستو نہ بچي ها،[3] پر افسوس سان چوٽو ٿو تہ پوي تہ اُهو قبائلي ويڑهاڪن تي ٻڌل پاڪستاني نيم فوجي دستو ائين نہ ڪري سگهيو ۽ اُتي پهچڻ شرط قرلٽ، چڑواڳي ۽ قتل غارتگريءَ جي باهہ ٻاري ٿي ڏني، جنهن جو نتيجو اُهو نڪتو جو ترت ئي حملي جي ڪُڙڪ پوڻ شرط مهاراجا هري سنگهہ ڀڄي وڃي هندستان پهتو ۽ هندستان سان الحاق ڪري ۽ ڪائنس فوجي مدد طلب ڪري ورتائين.

هندستان ٻہ وقت نہ وڃائيندي، ترت فوجي ڪارروائي ڪندي، 24 آڪٽوبر 1948ع تي سرينگر جي ايئرپورٽ تي پنهنجون فوجون لاهي، نہ رڳو اُتي پهتل پاڪستاني قبائلي هٿياربند پٺاڻن کي پوئتي ڀاڄ ڪائڻ تي مجبور ڪري وڌو پر مورڳو سڄي ڪشمير کي پنهنجي مستقل قبضي هيٺ ٻہ آڻي ڇڏيو. انهيءَ واقعي جي جڏهن جناح کي سُڌ ڏني وئي تہ جناح، جيتوڻيڪ ترت 27 آڪٽوبر تي پاڪستاني فوج جي برطانوي ڪمانڊرانچيف جنرل ڊگلس گريسي کي ڪمشير ۾ پاڪستاني فوج کي

باضابطه طور داخل ڪرڻ جو حڪم ڏنو پر المیي جي ڳالهه اها هئي، جو جنرل ڊگلس انهيءَ حڪم کي مڃڻ کان ٽپ انڪار ڪري ڇڏيو ۽ چيائين ته هُو پنهنجي (هندستان ۽ پاڪستان جي گڏيل) سپريم ڪمانڊري فيلڊ مارشل آڪينليڪ جي مرضيءَ کانسواءِ پاڪستاني فوج کي ڪشمير ۾ داخل ٿيڻ جي حڪم نه ٿو ڏئي سگهي.[4] ان حوالي سان وولپرٽ لکي ٿو:

"On October 27, as soon as Govern_General Jinnah learned of India's airlift to Srinagar, he ordered his acting British commander_in_chief(General Messerv y was on leave)Geneeral Sir Douglas Gracy, to move two brigades of the pak army into Kashmir...One frome Rawalpindi anc another frome Sialkot. The Sialkot army was to mrach to Jammu, take the city and make the Maharaja a prisoner.The Rawalpindi column was to advance to Srinagar and caputer the city. Such steratygic could have secured Kashmir for Pakistan while saving Srinagar frome tribal anarchy."[5]

"27 آڪٽوبر تي جئين ئي، گورنر جنرل جناح کي هندستان طرفان سرينگر تي فوج لاهڻ جو پتو پيو ته هن پهنجي قائم مقام برطانوي ڪمانڊرانچيف (جنرل ميسروي موڪل تي هو)جنرل سر ڊگلس گريسي کي، پاڪ فوج جي ٻن برگيڊن کي ڪشمير ۾ داخل ڪرڻ جو حڪم ڏنو. هڪ کي راولپنڊي کان داخل ٿيڻو هو ۽ ٻي کي وري سالڪوٽ کان. سالڪوٽ واري فوج کي جموں ڪشمير ڏانهن پيش قدمي ڪري شهر تي قبضو ڪرڻو هو ۽ مهاراجا کي قيد ڪرڻو هو. جڏهن ته راولپنڊي واريءَ برگيڊ کي سرينگر ڏانهن وڌڻو هو ۽ شهر تي قبضو ڪرڻو هو. اهڙي قسم جي حڪمت عملي سان سرينگر قبائلي وحشت کان بچي پوي ها ۽ ڪشمير به پاڪستان سان گڏجي وڃي ها."

بهرحال، پاڪستان جي(برطانوي) فوجي ڪمانڊر انچيف جي انڪار سببان ڪشمير ۾ پاڪستان طرفان، باضابطه طور ڪا فوجي ڪارروائي نه ٿي سگهي، ۽ ائين ڪشمير کي، سولائي سان هندستان جو نام نهاد حصو بڻايو ويو جنهن سببان هڪ پاسي پاڪستان جي فوجي، سياسي ۽ رياستي ڪمزوري عيان ٿي پئي، ۽ ڪشمير جي حوالي سان پاڪستان جو سڄو موقف اخلاقي طرح سان ڪمزور ٿي ويو ته وري ٻئي پاسي هندستان جو ڪشمير بابت موقف هرطرح سان مضبوط ٿي ويو[6] ۽ اهو ئي سبب هو جو هندستان ڊسمبر 1947ع ۾ ئي پاڪستان خلاف هڪ شڪايت ڪٽي، سڏو اقوام متحده سان رابطو ڪيو ۽ اُها شڪايت داخل ڪرايائين، ته

پاڪستان، هندستان سان الحاق ڪندڙ رياست ڪشمير ۾ قبائلي ويڙهاڪ موڪلي گڙبڙ ڪرڻ چاهي ٿو. جيڪڏهن پاڪستان اُن جو سدباب نه ڪيو ته هندستان اُن جي علاقن ۾ گهڙي، پاڻ اُنهن ويڙهاڪ قوتن کي ناس ڪري ڇڏيندو.[7]

وولپرٽ مطابق، پاڪستان اُن شڪايت جو اقوام متحده ۾ باضابطه طور تي 15 جنوري 1948ع تي "هڪ ٻرپور قانوني انداز ۾ جواب" ڏنو[8] جنهن ۾ پاڪستان جي وزيراعظم ليياقت علي خان جو موقف هو ته "پاڪستان جي حڪومت قبائلي ويڙهاڪن جي ڪا به مدد نه ناهي ڪئي، ۽ نه ئي وري اُن هندستاني حڪومت خلاف ڪو جارحاڻي قدم کڻڻ وارو ڪم ڪيو آهي."[9] جڏهن ته اُنهيءَ جواب سان گڏ پاڪستان طرفان، اقوام متحده ۾ هندستان خلاف ڪشمير کي زوريءَ هندستان سان الحاق ڪرائڻ واري حرڪت خلاف شڪايت پڻ داخل ڪرائي وئي، البت پاڪستان جي اُنهيءَ شڪايت جو ڪو به ڪڙتيل نه نڪتو.

چون ٿا ته، اُنهيءَ واقعي جو جناح کي وڏو صدمو پهتو هو. جو هو جڏهن مرڻ وارو هو ته تڏهن به سندس زبان تي ڪشمير جي ڳالهه هئي. بهرحال، هاڻ جناح ٻاهتر سالن جو ٿي ويو هو. سندس صحت ۽ طبعي حالت ڏينهون ڏينهن بگڙجندي رهي. "ٻاهتر سالن جي عمر ۾ هُن نه صرف پنهنجو ڪيس ڪٽي ورتو هو پر پنهنجي سڀ کان وڏي مخالف (گانڌي) جي پيٽ ۾ اڃا تائين جئيرو به هو."[10] وولپرٽ لکيو آهي.

هتي ياد رهي ته، گانڌيءَ کي جنوري 1948ع ۾ انتهاپسند هندو ناٿو رام گوڊسي گولي هٽي ماري ڇڏيو هو. جنهن لاءِ چيو ٿو وڃي ته گانڌي جڏهن هندستاني حڪومت تي، پاڪستان جي حصي ۾ ايندڙ 55 ڪروڙ روپيا ڏيڻ لاءِ دباءَ طور ورت رکيو ته، هندن جي انتهاپسند ڌرين ۾ تاءُ پکيڙجي ويو جنهن جي نتيجي ۾ وري هڪ انتها پسند هندو ناٿو رام گوڊسي، گانڌيءَ کي گوليون هٽي ڪيس قتل ڪري ڇڏيو. اُهو ئي سبب آهي، جو گانڌيءَ جي اُنهي قتل کي، هندو مذهبي انتهاپسند تاءَ، ڪاوڙ ۽ ڪروڌ جو هڪ منطقي نتيجو سمجهيو وڃي ٿو.

بهرحال، هاڻ توڙي جو جناح، طبعيت جي ناچاقيءَ جي ڪري، سياسي ۽ رياستي نوعيت جون سرگرميون گهٽ ڪري ڇڏيون هيون، پر جڏهن حڪومتي ڪابينا طرفان ڪيس 21 مارچ 1948ع تي بنگال جي گاديءَ واري

هنڊ ڏاڪا ۾ ٽيندڙ هڪ وڏي عوامي ميڙاڪي ۾ خطاب ڪرڻ لاءِ چيو ويو ته، هُو انڪار ڪري نه سگهيو ۽ ائين، 21 مارچ تي ڏاڪا وڃي، بنگالي عوام جي هڪ وڏي عوامي ميڙاڪي کي زبردست خطاب به ڪيائين.

چون ٿا ته، اُهو ميڙاکو ٽن لکن کان به وڌيڪ ماڻهن تي مشتمل هو. جڏهن ته وولپرٽ چواڻي، "جناح جو اُهو آخري عوامي خطاب پڻ هو."[11] بهرحال، اُنهيءَ ميڙاڪي ۾ جناح تقرير ته انگريزيءَ ۾ ڪئي، پر پاڪستان جي سرڪاري ٻوليءَ طور اڙدوءَ کي ڊڪلئير ڪيو. جناح جي اهڙي ڳالهه بنگالي عوام کي اصل نه وڻي، جنهن سببان منجهن وڏي بي چيني ڦهلجي وئي. (بعد ۾ اُنهيءَ مسئلي تان بنگالين ۽ پاڪستان جي بالادست پنجابي-مهاجرمفادن جي وچ ۾ وڏي جنگاڙ پڻ شروع ٿي، جيڪا نيٺ بنگال جي ڌار ٿيڻ جي صورت ۾ پنهنجي پڄاڻيءَ تي پهتي)

دراصل، جناح جي اُنهي ڏاڪا واري تقرير جي ڪري عام طور تي ائين به چيو ويندو آهي ته جناح اُنهي تقرير جي ذريعي، پاڪستان ۾ اڙدوءَ ٻوليءَ کي قومي ٻوليءَ ٻڌائڻ جو اعلان ڪري ملڪ ۾ قومي تڪرار جا بنياد رکيا. سوال آهي ته ڇا واقعي ائين هو؟ ڇا واقعي جناح ئي اڙدوءَ ٻوليءَ کي پاڪستان جي قومي ٻولي ٻڌايو؟ مان پيان ٿو ته اُها ڳالهه درست ناهي، جناح پنهنجي ڏاڪا وارين تقريرن ۾ قومي ٻُوليءَ جي ڪا به ڳالهه ناهي ڪئي. هن صرف سرڪاري ٻوليءَ جي ڳالهه ڪئي آهي، ۽ اُن ڳالهه کي به سمجهڻ جي ضرورت آهي. مثال طور: هُن جيڪا 21 مارچ 1948ع تي ڏاڪا ۾ تقرير ڪئي، اُن ۾ هُن جو چوڻ هو:

"Let me make it very clear to you that the state language of Pakistan is going to be Urdu and no other language. Any one who tries to mislead you is really the enemy of Pakistan. Without one state language, no nation can remain tied up solidly together and function. Look at the History of other countries.Therefor, so for as the state language concern, Pakistan's language shall be Urdu."[12]

"مان اوهان کي اُهو صاف طرح سان ٻڌائڻ چاهيان ٿو ته پاڪستان جي سرڪاري ٻولي، ٻي ڪا نه، پر صرف اڙدو ئي هوندي. اُن حوالي سان جيڪڏهن ڪو ماڻهو اوهان کي گمراهه ڪري ٿو ته، هو پاڪستان جو دشمن آهي. ڪنهن به رياستي، يعني سرڪاري ٻولي ڪانسواءِ، ڪا به قوم گهربل ترقي ڪري اڳتي وڏي نه ٿي سگهي، ۽ نه ڪو ورې رياستي ڪاروهنوار کي سنياڻي سگهي ٿي. ٻين ملڪن جي تاريخ کي ڏسو. ان ڪري، جيستائين

پاڪستان جي سرڪاري ٻوليءَ جي ڳالهه آهي تہ اُها اڙدو ٻولي ئي هوندي."

دراصل، جناح جي اُنهي تقريري اقتباس توڙي سندس ڏاڪا ۾ ڪليل سموري تقريري رڪارڊ ڪي پڙهڻ ڪانپوءِ، اُها ڳالهه يلي ۽ پت واضع ٿئي ٿي تہ، جناح جو ڪنهن بہ طرح سان اڙدوءَ کي قومي ٻولي بنائڻ تي زور نہ هو. هُن جو سڄو زور ئي اڙدوءَ کي پاڪستان جي سرڪاري ٻولي (State Language) بنائڻ تي هو نہ ڪِي قومي ٻولي تي. ٻيو تہ قومي ٻولي (National Language) ۽ سرڪاري ٻوليءَ (State Language) ۾ وڏو فرق هجي ٿو ۽ اُن فرق کي سمجهڻ جي پڻ ضرورت آهي.

اسان وٽ، عام طرح سان، اُهو غلط ڌڏايو ويندو آهي تہ، جناح ئي اڙدو ٻوليءَ کي پاڪستان جي قومي ٻولي بڻايو. سوال آهي تہ، جيڪڏهن، جناح اڙدو ٻوليءَ کي پاڪستان جي قومي ٻولي بنائڻ ٿي چاهيو تہ پوءِ، هُن اڙدوءَ لاءِ National Language جي بدران State Language جي ڳالهه چو ڪئي؟ ۽ هن ڇو State Language تي سڀ_طرفو زور ٿي ڏنو؟

دراصل، جناح سرڪاري ٻوليءَ ۽ هڪ قومي ٻوليءَ ۾ ڪهڙو فرق هجي ٿو؟ ان کي چڱيءَ طرح سان سمجهيو ٿي. اُهو ئي سبب هو جو هُن پنهنجي تقريرن ۾ اڙدو ٻوليءَ کي پاڪستان جي قومي ٻولي (National Language) طور نہ، پر اُن کي صرف سرڪار جي ۽ رياست جي ٻولي (State Language) طور ڏکلئير ڪرڻ تي زور ڏنو ٿي. اُن حوالي سان هُن جو تقريرون خاص طور تي هُن ڏاڪا ويچي، جيڪي ٻوليءَ واري معاملي تي تقريرون ڪيون، اُهي سڀ تاريخ جي رڪارڊ تي آهن، جن ۾ جناح پاران قومي ٻوليءَ بابت هڪ لفظ بہ چيل ناهي. هُن جو دراصل، سڄو زور اڙدوءَ کي صرف سرڪاري ٻوليءَ بنائڻ تي هو. هُن ڏاڪا ۾ 24 مارچ 1948ع تي جيڪا تقرير ڪئي، اُن ۾ ايترو بہ چئي ڏنائين:

"For the official use in this province, the people of the Province can choose any language they wish."[13]

"هن صوبي (بنگال)۾ رياستي ڪاروهنوار هلائڻ لاءِ هتي جي عوام جهڙي ٻولي چاهي، اُن کي استعمال ڪري سگهي ٿو."

جناح اُها ڳالهه ڪري، دراصل، پاڪستان ۾ شامل هر صوبي ۽ هر قوم کي اُهو حق ڏئي ڇڏيو هو تہ، اُهي جهڙي ٻولي چاهين، اُن کي پنهنجي صوبي ۾ سرڪاري ۽ دفتري ٻوليءَ وار حيثيت ڏئي، استعمال هيٺ آڻي سگهن ٿا.

جنهن مان ظاهر ٿئي ٿو ته جناح، پاڪستان ۾ شامل صوبن ۽ قومن جي اصلوڪي هولين کي دفتري، سرڪاري ۽ قومي هوليءَ طور استعمال ڪرڻ جي هرگز خلاف نه هو.

اُن ڪري، ڏنو وڃي ته جيڪڏهن پاڪستان ۽ اُن جي غيرمتوازن ۽ غيروفاقي حڪومتي انتظامي نظام ۾ ننڍين قومن جي هولين کي قومي ۽ سرڪاري هولين جو درجو نه ٿو ڏنو وڃي، ۽ اُها مراعات صرف اڙدوءَ لاءِ مخصوص ڪئي پئي وڃي ته اُن ۾ جناح جو ڪو ڏوهه ناهي. اُن ۾ ڏوهه يا ناانصافي واري روش بنيادي طور هن ملڪ ۽ اُن جي رياست تي قابض عوام جي بدخواهه پنجابي-مهاجر بالادست قوتن جي آهي، جيڪي سمجهن ٿيون ته جيڪڏهن پاڪستان ۾ سمورين قومن جي هولين کي، قومي هولين جو درجو ڏنو ته، سندن قومي خودمختياريءَ جي مطالبي کي تقويت ملي ويندي، ۽ ائين، جيڪڏهن پاڪستان ۾ شامل قومون پنهنجي هولين، معاشي وسيلن، ناٽي، پاٽيءَ ۽ ثقافتي معاملن تورّي حق حاڪميت ۾ گهربل آئيني خودمختياري حاصل ڪري ورتي ته، پاڪستان ۽ اُن جي رياست قائم پنجابي-مهاجر مفادن جي ناجائز بالادستيءَ ۽ قبضو نه رهڻو خطري هيٺ اچي ويندو. پر اُهو مورهڻو هڪ ڏينهن به هلي نه سگهندي. دراصل، اُنهيءَ خُوفَ تحت، هتي پاڪستان ۾ نه ڪو ننڍين قومن جي هولين کي قومي هولين جو درجو ڏنو وڃي ٿو ۽ نه ڪو وري هتي قومي خودمختياري جي مطالبي کي رياستي طور قبوليت جي نظر سان ڏنو وڃي ٿو.

بهرحال، هتي مان ائين نه ٿو چوان ته جناح طرفان ڏاڪا ۾ ڪيل اڙدوءَ هوليءَ کي سرڪاري هوليءَ بنائڻ وارو اعلان ڪو سُٺو عمل هو. اڙدوءَ کي سرڪاري هولي بنائڻ واري معاملو بلڪل ئي غلط هو. ڇاڪاڻ ته سرڪاري هوليءَ بنجڻ جو بنيادي جمهوري حق به اڙدوءَ کي نه، پر بنگالي هوليءَ کي هو. جو بنگالي ئي پاڪستان ۾ اڪثريتي قوم جي هولي هئي. ٻيو ته گهڻ-قومي وفاقي ملڪن ۾ سرڪاري (تورّي قومي) هولي بنجڻ جو حق به اُن ۾ شامل قومن مان ڪنهن به هڪ وڏيءَ اڪثريتي قوم جي هوليءَ جو ئي هوندو آهي، ۽ ائين هتي پاڪستان ۾ اُهو حق سڌو سنئون بنگالي هُوليءَ جو هو. جنهن کي باءِ پاس ڪري، هڪ اهڙيءَ هوليءَ کي سرڪاري هوليءَ طور ڏکلئير ڪيو ٿي ويو. جنهن جو پاڪستان ۾ شامل ڪنهن به قوم سان ڪو به قومي، تهذيبي ۽ فڪري تورّي ثقافتي لڳ لڳاپو نه هو. ان ڪري، جئين جناح

طرفان اڙدو ٻوليءَ کي سرڪاري ٻوليءَ طور ڊڪلئير ڪيو ويو ته اُن جي خلاف بنگالي قوم ۾ قومي سطح تي وڏو شديد ردعمل ظاهر ٿيو جيڪو پنهنجي جاءِ تي بلڪل ئي جائز ۽ درست هو.

بهرحال، جئين ته جناح جو به اڙدو ٻوليءَ کي پاڪستان جي قومي ٻولي بنائڻ جو ڪو به ارادو نه هو ۽ پنهنجي تقريرن توڙي ڳالهين ۾ اڙدوءَ کي قومي ٻوليءَ طور نه، پر سرڪاري ٻولي طور ڊڪلئير ٿي ڪيو ان ڪري، ائين سمجهڻ ته جناح ئي پاڪستان ۾ اڙدو ٻوليءَ کي قومي ٻولي بڻايو ته منهنجي خيال ۾ اُها اسان جي سڌي سنئين ڪج_شعوري ئي ٿيندي، چاڪاڻ ته اُها رڪارڊ جي ڳالهه آهي ته اڙدو ٻوليءَ کي قومي ٻوليءَ طورلاڳو ڪرڻ جو نام نهاد آئيني دستاويز جناح جي لاڏاڻي کانپوءِ ئي، مارچ 1949ع ۾ وزيراعظم لياقت علي خان قرارداد مقاصد جي نالي سان پاس ڪرايو هو جنهن ۾ آئيني طور تي اڙدوءَ کي پاڪستان جي قومي ٻولي بڻايو ويو. اُن ڪري، اُنهيءَ بلنبر جو جناح کي ذميوار قرار ڏيڻ، ساڻس وڏي ناانصافي ٿيندي.

اصل ۾، پاڪستان ۽ سنڌ اندر جناح جي شخصيت ۽ سياست جي حوالي سان ڪافي اهڙيون غلط، من گهڙت ۽ هٿ ٺوڪيون ڳالهيون، ڪوڙ ۽ مفروضا ڦهلايا ويا آهن، جن جو حقيقت توڙي جناح سان ته ڪو واسطو ناهي، البت، نقصان اُهو ٿيو آهي، جو هڪ ته اهڙين غلط مفروضاتي ۽ هٿ ٺوڪين ڳالهين ڦهلائڻ جي ڪري، جناح سان لاڳاپيل اڪيچار سياسي ڳالهيون پيچيده بڻجي، مونجهارن جو شڪار بڻجي ويون آهن، ۽ ٻيو ته اُنهن پيچيدگين ۽ مونجهارن جي ڪري، اسان وٽ جناح جي سياست توڙي سندس سياسي حڪمت عمليءَ جي باري ۾ ڪا صحيح ۽ واضع راءِ به جڙي ناهي سگهي.

بهرحال، مان پنهنجي اصل ڳالهه تي اچان، ۽ جناح جي ڪهاڻيءَ جا پيرا ٻڌائيندو هلان ته، جناح ڏاڪا جي دوري کانپوءِ ڪراچي موٽي آيو ان وقت جي جيڪا صورتحال هئي، اُن جي باري ۾ وولپرٽ هيئن ٻڌائي ٿو:

"The Frontier grew more restive as well. Pathans continued talking about a state of their own, "Pashtunistan," and even the Baluchistan kept murmuring about a "Greater Baluchistan." So in April Jinnah was flows to Peshawar where he had to speak at Islamia College, and to air force cadets at Risalpur,, and to the civil

officers at the government house, and then at an open_air meeting in Peshawar, where he "He was drenched to the bone," Fatime recalled. "That night it was obvious that he had caught a chill, but he refused to send for a doctor. "It is nothing," he said me, just a cold. This cold was the beginning of the end. In Karachi, his cough continued, and only when I forced a doctor on him did we learn that he had bronchitis."[14]

"سرحد (خيبرپختون خواھ) ۾ ب بي چيني وڏي وئي هئي، پٺاڻ پنھنجي الڳ رياست "پختونخواه"جي باري ۾ ڳالهيون ڪري رهيا هئا. جڏهن ته بلوچ پٽ، "گريٽربلوچستان" جي باري ۾ سوچي رهيا هئا. اُهو ئي سبب هو جو جناح انهيءَ بي چيني کي محسوس ڪندي، اپريل ۾ پشاور آيو جتي پهريان رسالپور ۾ اسلامي فضائيا ڪاليج جي ڪيڈٽن، گورنمينٽ هائوس جي سرڪاري عملدارن ۽ بعد ۾ وري پشاور جي ڪلب اجلاس کي خطاب ڪرڻو هيس. جتي هو برسات سببان سڄو پاڻيءَ ۾ ڀجي ويو. فاطمہ ياد ڪندي ٻڌائي ٿي ته، اُن رات اُهو واضع هو ته من کي ٽڏ لڳي وئي هئي، پر اُن هوندي ب ڈاڪٽر گھرائڻ کان انڪار ڪري ڇڏيائين، ۽ چيائين ته مون کي ڪجھ ب ناهي ٿيو صرف ٽڏ لڳي آهي. اُها ٽڏ دراصل، هڪ پڇاڻيءَ جي شروعات هئي. ڪراچي ۾ ب هن جي کنگھ جاري رهي ۽ صرف مون جڏهن هن کي ڪراچي جي ڈاڪٽرن کي ڈيڪارڻ لاءِ زبردستيءَ مجبور ڪيو تڏهن پتو پيو ته هن کي برونڪائٽس آهي."

استينلي وولپرٽ وڌيڪ ٻڌائي ٿو:

"Jinnah knew it was much worse than either a cold or bronchitis but did not wish to alarm Fatima more than was absolutely necessary. He understood too well by then that there was no cure for his sickness, no simple patent medicin to take his pain away or make the coughing stop.

Jinnah's relation with his closet colleagues deteriorated rapidly in the final month of his life. As he grew weaker and daily more conscious of the imminence of death, he was less patient with inefficiency and ineptitude, more easily engry by the usual excuse for not getting anything done."[15]

"جناح کي اُها پليءَ پت خبر هئي ته سندس بيماري ٽڏ يا برونڪائٽس کان وڌيڪ هئي، پر هُن اُها ڳالھ فاطمہ کي ٻڌائي، اُن کي ڪنھن وڏي پريشاني ۾ وجھڻ نہ ٿي گھريو. اُن وقت تائين هو چڱيءَ طرح سان سمجھي ويو هو ته سندس بيماريءَ جو ڪو ب گھربل علاج ڪونهي. هن جي تڪليف ختم ڪرڻ لاءِ يا هن جي کنگھ کي روڪڻ خاطر ڪا ب دوا ڪانهي.

زندگي جي آخري مهينن ۾ جناح جا سندس ويجهن سياسي دوستن سان لاڳاپا خراب ٿيا. جئين جئين هو گهٽو ڪمزور ۽ موت جي ويجهو ٿيندو ٿي ويو تئين تئين هُن لاءِ رياستي عملدارن جي نااهليت ۽ بيڪار پٽي کي برداشت ڪرڻ ڏکيو ٿيندو ٿي ويو. اهو ئي سبب هو جو هُن کي جڏهن کوبه ڪم نه ڪري سگهڻ ۽ اُن لاءِ وري اڪيچار بوگس بهانا ٻڌايا ويندا هئا تہ هُو بنهہ چڙي ۽ ڪاوڙجي پوندو هو."

دراصل، هن بيان ۾ جناح جي سوانح نگار وولپرٽ، جتي جناح جي شديد بيماري واري حالت ۽ اُن ۾ وري سندس چڙ ۽ ڪاوڙ واري لاڙي کي ظاهر ڪيو آهي، تہ اُتي لياقت علي خان سان، جناح جي لاڳاپن جي خراب ٿيڻ ڏانهن به اشارو ڪيو آهي. جيتوڻيڪ اُها حقيقت آهي تہ عمر جي آخري ڏهاڙن ۾ جناح جا، وزيراعظم لياقت علي خان سان لاڳاپا خراب ٿيا هئا، جنهن جي ساک، خود جناح جي پيٽ فاطمہ سميت پاڪستان جي اڪيچار مورخن به پنهنجي تحقيقي مواد ذريعي ڏني آهي،[16] پر بهرحال، اُها جناح جي رياستي عملدارن سان تعلقاتن جي خرابي ئي هئي، جنهن کان بيزار ٿي، جناح جون 1948ع ۾ پنهنجي پيٽ فاطمہ سميت ڪوئٽہ ڪهي آيو تہ جئين ڪجهہ آرام ۽ گهربل سڪون حاصل ڪري سگهجي.[17]

پاڪستان ۾ ڪجهہ مورخن جو اُهو به خيال آهي تہ، جناح جي جئيري ئي رياست تي قابض قوتن، جناح کي جاڻي ٻُجهي اڪيلو ڪرڻ لاءِ ساڻس اختلاف اُڀاري، ساڻس تعلقاتن جي خرابيءَ جي شروعات ڪئي، جنهن جي نتيجي ۾ جناح کي ڪوئٽا جي زيارت واري علائقي ۾ وڃي، اُتي پنهنجي علاج ڪرائڻ ۽ اڪيلائي ۾ رهڻ تي مجبور ٿيڻو پيو. ٻيو تہ، اُن کان اڳ ۾ فيبروري 1948ع ۾ ئي، پاڪستان جي آئين جوڙڻ واسطي گهرايل مسلم ليگ جي هڪ وڏي اجلاس ۾ جناح کي پارٽيءَ جي صدارت واري عهدي کي چڏڻ تي مجبور به ڪيو ويو ۽ اُهو ان ڪري ڪيو ويو تہ، جئين جناح کي رياستي معاملن سان گڏ، پارٽي معاملن کان به بي خبر ۽ بي دخل ڪري، ڪيس هرطرح سان گمراهہ ۽ ڪمزور ڪيو وڃي.[18]

بهرحال، اهڙيءَ ئي صورت حال ۾ جون 1948ع ۾ جناح علاج گاڏڙ آرام ڪرڻ واسطي، بلوچستان جي زيارت واري علائقي ۾ اچي ترسيو.[19] اڃا جناح بلوچستان ۾ ڪجهہ ڏينهن مس گذاريا تہ، پهرين جولاءِ تي ڪيس اسٽيٽ بينڪ ڪراچيءَ جي افتتاحي تقريب ۾ شرڪت ۽ تقرير ڪرڻ

لاءِ واپس ڪراچيءَ موٽي ويڻو پيو. جيتوڻيڪ جناح کي طبعيت جي ناچاقيءَ سببان سندس پيٽ فاطمہ ڪراچي نہ وڃڻ لاءِ چيو پر هُو ڪراچي وڃي، اُتي بينڪ جي افتتاحي تقريب ۾ شامل ٿيڻ تي بضد رهيو جنهن سببان مجبورن فاطمہ کي بہ بينڪ جي افتتاحي تقريب ۾ شريڪ ٿيڻو پيو.[20] اُن حوالي سان، جناح جي سوانح نگار هيڪٽربوليٿو هڪ ٻي اهم ڳالهہ ٻڌائي آهي تہ، "جڏهن جناح کي سندس اي ڊي سي طرفان طبعيت خراب هجڻ سببان اُها صلاح ڏني وئي تہ، اوهان ڪراچي وڃڻ بدران پنهنجي تقرير ڪراچي موڪلي ڏيو جيڪا اوهان جي بدران وزيراعظم پڙهي ٻڌائيندو تہ، جناح اُنهيءَ صلاح کي هڪدم رد ڪري ڇڏيو."[21] دراصل، جناح جو اهڙو رويو اُن ڳالهہ جي ساک پري ٿو تہ هاڻ سندس وزيراعظم لياقت علي خان سان لاڳاپا اعتبار جوڳا نہ رهيا هئا.[22]

بهرحال، جناح پهرين جولاءِ 1948ع تي ڪراچي آيو ۽ بينڪ جي افتتاحي تقريب ۾ شرڪت بہ ڪيائين، تہ وري تقرير بہ ڪيائين، البت انهيءَ سرگرمي جي حوالي سان سندس بيمار طبعيت تي جيڪو اُڪرو اثر پيو اُن جي باري ۾ فاطمہ ٻڌائي ٿي:

"جئين ئي هُو (جناح) بينڪ جي افتتاحي تقريب ۾ تقرير ڪري واپس گهر آيو تہ، هو جُوتن سميت سڌو اچي بستري تي ڊرکي ڪري پيو."[23]

بهرحال، طبعيت جي ناسازي، ڪمزوري ۽ مسلسل بُخار رهڻ جي ڪري، فاطمہ جناح کي وري ڪراچي کان واپس ڪوئيٽا وٺي آئي.[24] اُتي ڪجهہ ڏينهن رهڻ کانپوءِ بہ جناح جي طبعيت ۾ سڌارو نہ آيو تہ 21 جولاءِ تي لاهور مان ڊاڪٽر ڪرنل الاهي بخش کي علاج واسطي گهرايو ويو[25] جنهن کي جناح بنهہ ڪمزور ۽ بيمار ڏسڻ ۾ آيو. جيتوڻيڪ ڊاڪٽر الاهي بخش ترت ئي ڪجهہ موثر ۽ مقوي دوائون ڏني، جناح جي طبعيت ۾ بهتري آندي، جيڪا خود جناح بہ محسوس ڪئي،[26] پر اُها بهتري عارضي ثابت ٿي، جو ڪجهہ ڏينهن بعد وري جناح کي بخار ۽ کنگهہ جي حملي سندس طبعيت کي مرٽينگ ڪري وڌو جنهن تي ڊاڪٽرالاهي بخش لاهور مان ٻيا ڊاڪٽر ۽ اُنهن سان گڏ ايڪسري مشين گهرائي، جناح جون ٽيسٽون ورتيون، جن مان ڊاڪٽر کي اصل مرض، يعني ڦڦڙن جي ڪينسر جي سُڌ پئي. ان حوالي سان، ڊاڪٽر ڪرنل الاهي بخش لکي ٿو:

"While I was telling him the grave news I watched him intently. He...remained quite calm and all he said after I had finished was, Have you told Miss Jinnah?" I replied, "Yes, sir...I had to take her into confidence." The Qauid_i_ Azam interrupted me and said," No you should not have done it. After all she is a woman." I express regret for the pain caused to his sister.... The Qauid_i_ Azam listen patiently and in the end said, "It does not matter, what is done is done. Now tell me all about it. How long have I had this disease? What are the chances of my overcoming it? How long will the treatment last? I should like to know everything and you must not hesitate to tell me the whole truth."...I replied that I..felt confident that with the aid of the latest durgs there should be a fair chance of a considerable improvement."[27]

"جڏهن مان اُها خبرهُن کي ٻڌائي رهيو هوس، تڏهن مان غور سان کيس ڏسي ٻ رهيو هوس. هو بلڪل ئي پرسُڪون هو ۽ مون جڏهن ڳالهه ختم ڪئي ته، صرف ايترو چيائين ته، ڇا اوهان فاطمه کي اها ڳالهه ٻڌائي آهي؟ ها سائين! بلڪل، هن کي اعتماد ۾ ونڊو پيو. اُن تي جناح مونَ کي ٽوڪيو ۽ چيائين ته، اوهان کي ائين ڪرڻ نه ڪپندو هو۔ هوءَ آخر عورت آهي. اُن تي مون هن جي پيڙ کي پهتل تڪليف لاءِ افسوس جو اظهار ڪيو. جناح صبر سان ٻڌندو رهيو ۽ آخر ۾ چيائين ته، هاڻ ته اُن سان ڪو فرق نه ٿو پوي، جيڪو ٿيو سو ٿيو. هاڻ اوهان مون کي اُن جي باري ۾ سڀ ڪجهه ٻڌايو. مون کي اُها گهٽي وقت کان بيماري آهي؟ منهنجي ٽيڪ ٽيڙ جا ڪيترا امڪان آهن؟علاج ڪيستائين جاري رهندو؟ مان هرڳالهه جي ڄاڻ حاصل ڪرڻ پسند ڪندس ۽ اوهان کي سڄي حقيقت ٻڌائي ڇڏڻ ۾ ڪا رڪاوٽ نه هجڻ گهرجي. مون جواب ۾ چيو ته، مان پُراميد آهيان ته جديد دوائن جي مدد سان اوهان جي ٽيڪ ٽيڙ جا وڏا امڪان آهن."

چون ٿا ته، آگسٽ مهيني جي شروعات تائين، جناح جي ڪجهه طبعيت ته بهتر رهي، ۽ اُهو ئي سبب هو جو هن ڪائڙ پئيڙ ۾ شروع ڪري ڏنو البت آگسٽ جي پچاڙي ۾ وري جناح جي طبعيت ۾ بگاڙُ اچي ويو. جنهن سببان ڪائڙ پيئڙ ۾ بند ڇڏيائين، جيڪا ڳالهه ڊاڪٽرن سميت خود فاطمه لاءِ پڻ وڏي ڳڻتي جو ڪارڻ بڻي.[28]

جيتوڻيڪ 14 آگسٽ 1948ع تي عوام کي، جناح جو لکت ۾ پيغام پڙهي ته ٻڌايو ويو هو پر وولپرٽ موجب،"اُهو پيغام ڪنهن به طرح سان جناح جو نه هو. ڇاڪاڻ ته هُن تن ڏينهن، طبعيت جي ناچاقيءَ سببان لکڻ

پڙهڻ بنهه چڏي ڏنو هو."[29] بهرحال، اُهي جناح جي بيماري وار ڏينهن هئا. جو اوچتو وزيراعظم لياقت علي خان زيارت اچي، جناح سان نويڪلائيءَ ۾ ملاقات ڪئي، جيڪا ڪلاڪ ڏيڍ تائين جاري رهي. ملاقات ۾ لياقت علي خان، جناح سان ڪهڙيون ڳالهيون ڪيون؟ ۽ ڪيس چا چيو؟ اُن جي باري ۾ ته ڪجهه ظاهر ناهي ٿي سگهيو. البت اُنهي ملاقات کانپوءِ جناح ۾ وڏي حد تائين منفي تبديلي اچي وئي. اُهو ئي سبب هو جو هُن لياقت علي خان جي وڃڻ کانپوءِ ترت ئي ڊاڪٽر ڪرنل الاهي بخش کي ائين چئي ڏنو:

"You know, when you first came to Ziarat, I wanted to live. Now, however, it does not matter whether I live or die."[30]

"اوهان کي خبر آهي ته، جڏهن اوهان پهريون ڀيرو زيارت آيا هيؤ ته تڏهن مون جئيرو رهڻ ٿي چاهيو. پر هاڻ منهنجو جئين ۽ مرڻ ساڳئي ڳالهه آهي."

ڊاڪٽر الاهي بخش، تفصيل ٻڌائيندي لکي ٿو:

"I noticed tears in his eyes, and was startled by this manifestation of feeling in one generally looked upon as unemotional and unbending....I could not help feeling that something had happened which undermined his will to live."[31]

"اُهي لفظ چوڻ کان پوءِ هُن جي اکين ۾ ڳوڙها تري آيا. مان اهڙي ماڻهو کي روئندي ڏسي، جنهن کي عام طور تي غيرجذباتي ۽ فولاد جئين بنهه سخت سمجهيو ٿي ويو، بنهه حيران ٿي ويس....مان اُهو محسوس ڪرڻ کانسواءِ رهي نه سگهيس ته، ڪا ڳالهه اهڙي ضرور هئي، جنهن جناح جي جئيڻ واري خواهش کي ختم ڪري چڏيو آهي."

بهرحال، جناح جي پنهنجي ڊاڪٽر کي چيل اُها ڳالهه ته هاڻ مان جئيڻ نه ٿو چاهيان، منهنجو جئين ۽ مرڻ هڪ ئي آهي، ۽ جناح جي اهڙي ڳالهه تي وري ڊاڪٽر الاهي بخش جي ڪيل متئين تبصري مان، اُهو نتيجو ضرور ڪڍي سگهجي ٿو ته، وزيراعظم لياقت علي خان، جناح سان ملاقات دوران ضرورو پاڪستان ۽ اُن جي رياست جي پاليسي جي باري ۾ ڪا اهڙي اڻ_سهائيندڙ ڳالهه ڪئي هوندي، جنهن ڪري جناح مايوس ٿي، جئيڻ کي مرڻ جي برابر سمجهيو. ڇاڪاڻ ته، جنهن ملڪ ناهڻ لاءِ جناح هيڏا سارا مقابلا ڪيا هئا، جنهن ملڪ ناهڻ لاءِ جناح وڏيون ڇوٽون ڪاڌيون هيون، جنهن ملڪ ناهڻ لاءِ جناح انگريزن ۽ ڪانگريس سان ڳنايو هو، جنهن ملڪ ناهڻ لاءِ جناح "ڪائراعظم" وار ايذائيندڙ لفظ ٻڌا هئا،

جنهن ملڪ ناهڻ لاءِ جناح کي "فرقي پسند" هجڻ جون فتويٰ ٻڌڻيون پيون هيون. جنهن ملڪ ناهڻ لاءِ جناح کي هندستان جي ورهاڱي جو نام نهاد الزام پنهنجي مٿان کڻڻو پيو هو جنهن ملڪ ناهڻ لاءِ جناح پنهنجي ذاتي زندگي کي قربان ڪري ڇڏيو هو جنهن ملڪ ناهڻ لاءِ جناح پنهنجي سڀ کان وڌيڪ پياري شهر بمبئي کي هميشہ هميشہ لاءِ الوداع ڪري آيو هو اُهو ملڪ هاڻ ڪن مخصوص، بدنيت ۽ ڦورو سوچ رکندڙ ٽولن جي حوالي ٿيڻ وارو هو جنهن جي جڏهن جناح کي عملي طور تي سُڌ ڏني وئي تہ جناح بنهہ مايوس ٿي ويو ۽ اُها ڳالهہ ٿي ڪيائين تہ منهنجو جئين ۽ مرڻ هڪجهڙو ئي آهي.

بهرحال، اُهو طئي آهي تہ جناح (۽ سنڌس پيڙ فاطمہ) جي وزيراعظم لياقت علي خان تي بداعتمادي وڌي وئي هئي، ۽ اُهو ئي سبب هو جو فاطمہ باضابطہ طور جناح جي علاج ڪندڙ ڊاڪٽر ڪرنل الاهي بخش کي جناح جي بيماريءَ جي باري ۾ ڪنهن بہ رياستي عملدار کي ڪا سُڌ ڏيڻ کان اڳواٽ ئي روڪي ڇڏيو هو.[32] جنهن جي ثابتي خود فاطمہ جناح جي لکيل ڪتاب "ماءِ برادر" مان پڻ ڇڱيءَ طرح سان ملي ٿي.[33] جنهن ۾ هوءِ لکي ٿي:

"وزيراعظم جناح سان ملاقات ڪرڻ کان اڳ ڊاڪٽر الاهي بخش کان پڇيو تہ قائداعظم کي ڪهڙي بيماري آهي، ۽ اُن جي باري ۾ ڇا تجويز ڪيو ويو آهي. اُن تي ڊاڪٽر ڪيس چيو تہ هُن کي مس فاطمہ هتي گهرايو آهي. ان ڪري اُن جي اجازت ڪانسواءِ پنهنجي مريض جي باري ۾ ٻئي ڪنهن بہ ماڻهو کي ڪجهہ نہ ٿو ٻڌائي سگهان. اُن تي وزيراعظم چيو تہ پرمان وزيراعظم جي حيثيت سان، جناح جي بيماريءَ جي باري ۾ خبروار ٿيڻ لاءِ پريشان آهيان. ڊاڪٽرادب سان وري کيس چيو تہ، اوهان بلڪل ٺيڪ ٿا چئو پر مان ڪجهہ بہ نہ ٿو ٻڌائي سگهان."[34]

فاطمہ وڌيڪ لکي ٿي:

"مان قائداعظم وٽ ويٺي هيس. جڏهن مون کي اُها خبر پئي تہ وزيراعظم ۽ سيڪريٽري جنرل هن سان ملڻ چاهين ٿا، ۽ مون اُن ڳالهہ جو اطلاع هن کي ڏنو. اُن تي هو ٽورو مرکيو ۽ چيائين تہ فطي توکي خبر آهي تہ، هو هتي ڇو آيا آهن؟ مون کيس چيو تہ، مون کي هنن جي هتي اچڻ جي باري ۾ ڪا ڳالهہ نہ ٿي سُجهي. هن چيو تہ، هو دراصل، اُها خبر ونڊڻ ٿا چاهين تہ مان ڪيترو شديد بيمار آهيان، ۽ گهٽي وقت تائين جئيرو رهي سگهان ٿو. ڪجهہ گهڙين کانپوءِ هن مون کي چيو تہ، هيڊ وڃ ۽ وزيراعظم کي چئو تہ، مان هن سان هاڻ

ئي ملڻ گهران ٿو. مون چيو ته جن (فاطمہ پيار وچان جناح کي جن چوندي هئي.ا. ع) هاڻ گهڻو وقت ٿي ويو آهي، هو سياڻي صبح جو اوهان سان ملي ونڊندا. نه نه هن کي هاڻ ئي اچڻ ڏي ته. هُو پاڻ اکين سان منهنجو حال ڏسن. جناح چيو. لياقت اڌ ڪلاڪ تائين نوڪلائي ۾ هُن سان ملاقات ڪئي. جئين ئي لياقت ملاقات ختم ڪري واپس هيٺ آيو ته. مان ترت ئي مٿي پاڻ وٽ ڪهي ويس. هو بنهه ٽڪل ڏسڻ ۾ آيو ٿي. مُنهن لٽل ۽ مايوس هيس. هن مون کان جُوس گهريو ۽ بعد ۾ چوڌري محمد علي کي اندر سڏائي ورتائين. جيڪو پندرهن منٽن تائين هن سان گڏ رهيو. پوءِ وري جڏهن هو پيهر اکيلو ٿيو ته. مان وري واپس اندر هلي ويس. مان کائنس پڇيو ته. ڇا هو جوس پئيڻ پسند ڪندو. هن کو جواب نه ڏنو. هن جو ڏهن ڪنهن گهريءَ سوچ ۾ گم هو. ايتري ۾ ڊنر جو وقت ٿي ويو. هن مون کي چيو ته. بهتر ٿيندو ته. تون هيٺ وڃ ۽ مهمانن سان گڏجي ماني کاءِ. نه بلڪل نه! مون زور ڏيندي چيو. مان اوهان وٽ ئي ويندي هوندس، هتي ئي ماني کائيندس. نه اُهو مناسب نه ٿيندو اُهي آخر اسان جا مهمان آهن. هيٺ وڃ ۽ اُنهن سان گڏجي ماني کاءِ. جناح چيو. مان هيٺ ويس، ماني جي ميز تي، وزيراعظم کي خوشگوار موڊ ۾ ڏٺم. هُو لطيفا ٻڌائي رهيو هو ۽ يوڪ ٽڪاءَ ٿي ڪيائين. جڏهن ته مان قائداعظم جي صحت جي باري ۾ ڊپ وچان جن ته ڏکي رهي هيس، جيڪو متئين منزل تي شديد بيماري واري حالت ۾ اکيلو بستري تي پيل هو. مانيءَ کائڻ دوران چوڌري محمد علي به چپ چاپ ڪنهن سوچ ۾ ٻُڏل هو. ماني ختم ڪرڻ کان اڳ ئي مان متئين ڪمري ڏانهن هلي ويس. مان ڪمري ۾ داخل ٿيس ته. قائداعظم مون کي ڏسي مرڪيو ۽ چيائين ته. فطي توکي همٽ مان ڪم ونڻ گهرجي. مان مشڪل سان پنهنجن ڳوڙهن کي لڪائڻ جي ڪوشش ڪئي، جيڪي منهنجي اکين ۾ ٻرجي آيا هئا." [35]

زاهد چوڌري ٻڌائي ٿو:

"شريف الدين پيرزادي پنهنجي هڪ مضمون ۾ ايم. اي رحمان جو هڪ خط شايع ڪيو آهي، جنهن ۾ ڊاڪٽر الاهي بخش جي پُٽ، همايون خان جي هڪ ڳالهه جو تفصيل ڏنو ويو آهي، اُها ڳالهه جيڪا همايون، پنهنجي پيءُ الاهي بخش کان ٻڌي هئي. اُن مطابق، تن ڏينهن قائداعظم تي دوائن جو ڏاڍو سٺو اثر ٿي رهيو هو ۽ هو چڱو پلو ٿيندو ٿي ويو. هڪ ڏينهن لياقت علي خان، قائداعظم سان ملڻ لاءِ زيارت ڪهي آيو. هن لڳ ڀڳ هڪ ڪلاڪ تائين قائداعظم سان ملاقات ڪئي. ايڏا اها ملاقات جاري هئي، جو دوا کارائڻ جو وقت اچي ويو البت ڊاڪٽر ڪرنل الاهي بخش اندر وڃي نه ٿي سگهيو چاڪاڻ ته جيڪا ملاقات جاري هئي، اها بنهه ڳجهي هئي، ان ڪري هو ٻاهر

ئي انتظار ڪندو رهيو. جئين ئي ملاقات ختم ٿي ته، هُو اندر هليو ويو ۽ قائدا عظم کي دوا کارائڻ گهري ته، هن جناح کي پريشاني ۽ مايوسيءَ واري حالت ۾ ڏٺو ۽ هُن دوا کائڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو ۽ چيائين ته، مان هاڻ وڌيڪ جئيرو رهڻ نه ٿو چاهيان. ڊاڪٽر ڪرنل الاهي بخش جي پرپور ڪوشش ۽ ضد جي باوجود، قائد پنهنجي ڊاڪٽر سان تعاون ڪرڻ کان نٿ انڪار ڪري ڇڏيو. قائد جي لاڏاڻي کانپوءِ ترت ئي منهنجي پيءُ کي، لياقت علي خان گهرائي ورتو. لياقت علي خان هُن کان پڇيو ته، اُن ڏينهن زيارت ۾ جڏهن مان قائد جي ڪمري مان نڪري آيس، ۽ اوهان اندر ويئو ته قائد اوهان کي ڪهڙي ڳالهه ٻڌائي هئي. ڪرنل الاهي بخش، لياقت علي خان کي اُهو يقين ڏيارڻ جي پرپور ڪوشش ڪئي ته، قائد ۽ اوهان جي انهيءَ ملاقات ۽ ڳالهه ٻولهه جي باري ۾ مون کي قطعي طور ڪجهه به نه ٻڌايو هو سواءِ اُن جي ته هن دوا کائڻ بند ڪري ڇڏي. الاهي بخش جي جواب کان لياقت علي خان کي تسلي نه ٿي، توڙي جو لياقت علي خان ڪجھ دير تائين، ڪرنل الاهي بخش تي دٻاءُ وجهندو رهيو جڏهن ملاقات ختم ٿي، ۽ ڪرنل الاهي بخش ڪمري مان ٻاهر نڪتو ته، لياقت علي خان وري هُن کي واپس گهرائي ورتو ۽ کيس ڏمڪي گاڏڙ هدايت ڪندي چيائين ته، مون کي جيڪڏهن اُنهيءَ ملاقات جي باري ۾ ٻي هنڌان کا خبر پئي ته اُن جو نتيجو تون کي پوڳڻو پوندو."[36]

اُن سڄي معاملي مان ائين ياسجي ٿو ته ضرور لياقت علي خان، جناح کي اهڙي اڻ سهائيندڙ ڳالهه چئي، يا ٻڌائي هوندي، جنهن دراصل، جناح تي ايترو ته منفي اثر ڇڏيو جو هُن دوا کائڻ ۽ وڌيڪ جئيري رهڻ کان ئي انڪار ڪري ڇڏيو. بهرحال آگسٽ 1948ع جي پڇاڙيءَ کان شروع ٿيل جناح جي طبعيت جي خرابي، سيپٽمبر جي ڏهه تاريخ تائين بنهه بگڙجي، نازڪ مرحلي ۾ داخل ٿي وئي. اُهو ئي سبب هو جو فاطمه ۽ ڊاڪٽرن کي ڪيس ڪراچي وٺي وڃڻ تي مجبور ٿيٽو پيو. جيتوڻيڪ جناح، ڊاڪٽرن کي اڪيچار پيرا اهو چيو ته، "مون کي اسٽريچر تي ڪراچي نه وٺي وڃو. مان ڪراچي تڏهن وڃڻ چاهيان ٿو جڏهن مان پاڻ ڪار مان لهي، پنهنجي ڪمري ۾ وڃي سگهان،"[37] پر بهرحال، ڊاڪٽرن ۽ خاص طور فاطمه جي گهٽي ضد سببان مجبورن جناح کي هٿيار ڦٽا ڪرڻا پيا، ۽ ائين اُهي 11 سيپٽمبر 1948ع تي، ڪوئيٽا جي هوائي اڈي تان، منجهند جو ٻه وڳي جهاز ۾ ڪراچيءَ وڃڻ لاءِ چڙهي ويا. جناح کي اسٽريچر تي ليٽائي، جهاز ۾ آندو ويو. جهاز لڳ ڀڳ چار وڳي ڪراچيءَ جي هوائي اڈي تي پهتو.[38] فاطمه ياد ڪندي ٻڌائي ٿي:

"هو(جناح) هڪ سال اڳ، انهيءَ ڪراچي واري هوائي اڈي تي لٿو هو. اُن اميد ۽ اعتماد سان ته هو پاڪستان کي هڪ عظيم مملڪت طور ايارٽ ۾ مدد ڪندو تڏهن هزارين ماڻهو هن کي پليڪار ڪرڻ خاطر اچي ويا هئا. پر اڄ جئين ماڻهن کي هدايت ڏني رئي هئي، ان ڪري هوائي اڈي تي ڪو به نه آيو صرف هڪڙي ڪرنل نول جهاز کان ٻاهر اچڻ تي اسان جو آڏرياءُ ڪيو."[39]

استينلي وولپرٽ وڌيڪ تفصيل ٻڌائيندي لکي ٿو:

"ڪرنل نول، جناح جو ملٽري سيڪريٽري هو ۽ اُهو هوائي اڈي تي فوجي ايمبولينس وٽي آيو هو. جنهن ۾ گورنر جنرل کي، اُن جي اسٽريچر تي سمهاري آندو ويو. فاطمه ۽ ڪوئيٽه جي هڪ نرس سسٽر ڊنهم جناح سان گڏ ايمبولينس جي پوئين حصي جي اندر ويهي رهيون. جڏهن ته ڊاڪٽر گورنر جنرل جي نئين ڪيبلاڪ ليموزين ۾ ان جي پويان ئي وينڊل هو."[40]

بهرحال، ايمبولينس ۾ ويهڻ کانپوءِ گاڏي هلي. ۽ ڪجهه وقت جي مسافري کانپوءِ، فاطمه چواٽي، "اوچتو بيهجي وئي."[41] گاڏيءَ جو پيٽرول ختم ٿي چڪو هو ۽ گورنر جنرل جناح ائين بي يارو مددگار نيم بيهوشيءَ جي حالت ۾ گاڏي اندر پيو رهيو. فاطمه لکي ٿي:

"هوا بند هئي ۽ گرمي ساهه پٽي ڪيو. هُن (جناح)جي بي چينيءَ ۾ اضافي ڪرڻ لاءِ مکيون مٿس لامارا ڏيڻ لڳيون. هُن ۾ مکين کي مُنهن تان هٽائڻ جي سگهه ئي نه بچي هئي. سسٽر ڊنهم ۽ مان، ۾ ايمبولينس جي انتظار ڪندي، واري واري سان هُن کي هٿ پکو هڻنديون رهيوسين....هرمنٽ هڪ عذابناڪ هو."[42]

ڊاڪٽر الاهي بخش مطابق، "هن، اُن وقت جناح جي چڪاس ڪئي ته، هو خُوفَ گاڏر حيران ٿي ويو جو هن جي نبض ڪمزور ۽ بنهه ڊري ٿي رهي هئي. مان ڊوڙ پائي ويس ۽ هڪ ٿرموس فلاسڪ کڻي آيس. جيڪو گرم چانهه سان ڀريل هو. مس جناح ترت ئي هن کي هڪ پيالي پياريو چڏي... اُهو ڪيڏو نه المیو ثابت ٿئي ها، جو هوائي جهاز جو سفر برداشت ڪرڻ جي باوجود، هو وچ رستي ۾ دم ڏئي چڏي ها."[43]

بهرحال، چون ٿا ته، سوا ڪلاڪ جي انتظار ۽ عذاب کانپوءِ هڪ پي ايمبولينس پهتي، جنهن ملڪ جي گورنر جنرل قائداعظم محمد علي جناح کي، هڪ ڪلاڪ جي مسافريءَ کانپوءِ لڳ ڀڳ سوا ڇهين وڳي، گورنرجنرل هائوس پهچايو[44] جتي (رياست جو ٻيو ڪو به ذميوار ماڻهو

موجود کو نہ هو سواءِ فاطمہ ۽ ڊاڪٽرن جي) هن ڪلاڪن کانپوءِ، هن لڳ پڳ اٽين وڳي دم ڏٽي حوالي ڪيو.[45] پيٽ کي جڏهن پاءَ جي لاڏاڻي جي خبر ملي ته هوءِ بيهوش ٿي ڪري پئي.

ائين ئي، جناح هن دنيا مان لاڏاڻو ڪيو ۽ ننڍي کنڊ جي هڪ عظيم روشن خيال اڳواڻ جي زندگيءَ جي ڊرامائي ڪهاڻيءَ جو به انت اچي ويو. البت، هن جو ننڍي کنڊ جي سياسي تاريخ ۾ جيڪو مثبت جهموري سياسي ڪردار هو ۽ هن جيڪا ڪانگريسي ليڊرشپ جي سياسي بالادستي ۽ اسٽيٽسڪو واري سوچ ۽ مفادن خلاف غيرمعمولي سياسي ۽ آئيني جدوجهد ڪئي، اُها اڄ به زنده جاويد آهي. اسان جي بدقسمتي اُها آهي، جو جنهن ماڻهو (جناح) ننڍي کنڊ ۾ هندو بالادستيءَ خلاف شاندار سياسي ۽ آئيني جدوجهد ڪندي پاڪستان حاصل ڪيو اُنهي پاڪستان کي سندس مرڻ پڄاڻان، هڪ منظم رياستي سازش ۽ نام نهاد آئيني هٿڪنڈن تحت، نہ رڳو پنجابي- مهاجر بالادستي هيٺ آندو ويو پر ملڪ جا حقيقي وفاقي جمهوري ۽ آئيني بنياد به تبديل ڪري، ملڪ کي قومن جي برابريءَ ۽ خودمختياري وارو ملڪ بڻائڻ بدران ملڪ ۾لاهور ٺهراءَ جي ابتڙ، طاقت جي مرڪزيت وارو وحداني حڪومتي نظام لاڳو ڪري، شامل ننڍين قومن کي غلام، محتاج ۽ ڳيجهو به بڻايو ويو ۽ اُهوئي سبب آهي، جو هاڻ اُهو ملڪ ننڍين مظلوم قومن لاءِ ڳچيءَ جو ڳارو بڻجي ويو آهي.

حوالا ۽ سمجهاڻيون

1. فاطمہ جناح، منهنجو پاءُ، حوالو: اسٽينلي وولپرٽ، جناح آف پاڪستان، آڪسفورڊ يونيورسٽي پريس، ڪراچي، سنڌ، صحفو 343
2. Stanley Wolpert, Jinnah of Pakistan, Oxford University, Karachi, 2008, p, 348
3. ان ڳالهہ کي سمجهڻ ۽ تفصيل حاصل ڪرڻ لاءِ ايار علي جي هڪ ٻي مقالي "پاڪستان ۾ قومي تضاد، جناح ۽ مظلوم قومون" پڙهي سگهجي ٿو.
4. Stanley Wolpert, Jinnah of Pakistan, Oxford University, Karachi, 2008, p, 350
5. Ibid,p, 350
6. تفصيل لاءِ پڙهو ايار علي جو ڪتاب، پاڪستان ۾ قومي تضاد، جناح ۽ مظلوم قومون! (اڻ-ڇپيل تحقيقي مقالو)
7. Stanley Wolpert, Jinnah of Pakistan, Oxford University, Karachi, 2008, p, 356

8. Ibid,p, 356
9. Ibid,p, 356
10. Ibid,p, 357
11. Ibid,p, 357
12. S.M. Burke, Jinnah_Speeches and Statement, 1947_1948, Oxford University, Karachi, 2009,p,150
13. Ibid,p,157
14. فاطمہ جناح، منهنجو ڀاءُ، حوالو: اسٽينلي وولپرٽ، جناح آف پاڪستان، آڪسفورڊ يونيورسٽي پريس، ڪراچي، سنڌ، صحفو 360
15. Stanley Wolpert, Jinnah of Pakistan, Oxford University, Karachi, 2008, p, 360
16. ان لاءِ پڙهو زاهد چوڌر جو ڪتاب، لياقت_ جناح تضاد اور پنجابي_ مهاجر تضاد، پاڪستان ڪي سياسي تاريخ، جلد_5، اداره مطالعہ تاريخ، لاهور ايڊيشن،1999ع
17. Stanley Wolpert, Jinnah of Pakistan, Oxford University, Karachi, 2008, p, 361
18. ياد رهي تہ انهيءَ سال 1948ع جي فيبروري مهيني ۾ سنڌ جي صوبائي حڪومت جا مرڪز سان مهاجرن کي سنڌ ۾ آباد ڪرڻ ۽ ڪراچي کي سنڌ کان ڪسي وفاق جي حوالي ڪرڻ جي حوالي سان اختلاف پيدا ٿيا تہ هڪ انتهائي غيرجهموري فيصلو ڪندي، مورڳو سنڌ جي تنهن وقت جي وزيراعليٰ محمد ايوب کهڙو کي برطرف ڪيو ويو. جيتوڻيڪ انهيءَ غيرجمهوري فيصلي کي جناح سان منسوب ڪيو ويندو آهي، پرمان پانيان ٿو تہ، اُهو غيرجمهوري فيصلو جناح جو نہ، پر خود رياست ۽ اُن تي قبضو ڪري ويٺل پنجابي_مهاجر مفادن جو فيصلو هو. ڇاڪاڻ تہ ڪراچي کي وفاق جي حوالي ڪرڻ سان سڌو سنئون فائدو ائين بہ مهاجر مفادن کي مليو جو ڪراچيءَ جي وفاق جي قبضي ۾ اچڻ جي ٻيڪ پي ڏينهن پنجاب ۾ ترسيل هزارين مهاجرن جون گاڏيون پرائي ڪراچي ۾ آنديون ويون. ان ڪري، ڏٺو وڃي تہ اُن سڄي معاملي ۾ اصل مفاد ۽ مقصد رياست تي قابض مهاجرن مفادن جو هو. اُن کي نظرانداز ڪري، صرف اُن سڄي معاملي جو ذميوار جناح کي قرار ڏيڻ ڪنهن بہ طرح سان حقيقت پسندي نہ ٿيندي (وڌيڪ تفصيل لاءِ ايازعلي جا ٻہ مقالا، بعنوان "سنڌ ۽ جناح" ۽"پاڪستان ۾ قومي تضاد، جناح ۽ مظلوم قومون" پڙهي سگهجن ٿا)
19. Stanley Wolpert, Jinnah of Pakistan, Oxford University, Karachi, 2008, p, 362
20. هيڪٽر بوليٿو حيات قائداعظم، مترجم: زهير صديقي، جمهوري پبليڪيشنز لاهور 2012ع،صحفہ،290
21. ساڳيو صحفو 290
22. جيتوڻيڪ هيڪٽربوليٿو قائداعظم محمد علي جناح جو هڪ سرڪاري سوانح نگار آهي ۽ خود پاڪستان جي وزيراعظم لياقت علي خان طرفان، هيڪٽربوليٿو

کي جناح جي سوانح حيات لکڻ جو پروجيڪٽ ڏنو ويو هو. اهو ئي سبب آهي، جو هيڪٽربوليٿو جناح جي انهيءَ سوانح حيات ۾ اڪيچار هنڊن تي لياقت علي خان جي تعريف جا ڍڪ بہ پريا آهن. بهرحال، هو انهيءَ سوانح حيات ۾ لاشعوري طور تي، ڪجهہ اصل حقيقتن کي بہ ظاهر ڪري ويو.

23. فاطمہ جناح، منهنجو پاءُ، حوالو: اسٽينلي وولپرٽ، جناح آف پاڪستان، آڪسفورڊ يونيورسٽي پريس، ڪراچي، سنڌ، صحفو 362

24. Stanley Wolpert, Jinnah of Pakistan, Oxford University, Karachi, 2008, p, 362

25. Ibid,p, 362

26. تفصيل لاءِ پڙهو ڊاڪٽر ڪرنل الاهي بخش جو انگريزي ڪتاب، وٺ دي قائداعظم ڊيورنگ هز لاسٽ ڊيز آڪسفورڊ يونيورسٽي پريس، ڪراچي، سنڌ، 2011ع

27. ساڳيو صحفو 164

28. Stanley Wolpert, Jinnah of Pakistan, Oxford University, Karachi, 2008, p, 366

29. Ibid,p, 366

30. Lt.Colonel Ilahi Bakhsh, With the Quad_i_Azam during his last days, Oxford University, Karachi, 2011, p,39

31. Ibid,p, 39

32. پڑهو زاهد چوڌري جو ڪتاب، لياقت_جناح تضاد اور پنجابي_ مهاجر تضاد، پاڪستان کي سياسي تاريخ، جلد_5، اداره مطالعہ تاريخ، لاهور، ايڊيشن،1999ع

33. جتيوڻيڪ هاڻي فاطمہ جي لکيل ڪتاب ماءِ برادر (منهنجو پاءُ) ۾ اهي لفظ شامل ناهن. جو 1987ع واري ڪتاب جي پهرين ڇاپي دوران ئي انهن کي ڪتاب مان ڪڍي گم ڪيو ويو هو پر بهرحال، پاڪستان جي اڪيچار مورخن ۽ دانشورن فاطمہ جي لکيل انهيءَ ڪتاب جي اڻ_ڇپيل مسودي مان، لياقت علي خان جي جناح سان ڪيل ملاقات ۽ ان حوالي سان جناح جي فاطمہ سان ڪيل ڳالهہ بولهہ کي رڪارڊ تي آندو آهي. ان ڏس ۾ اهو بہ ڏڻائيندو هلجي تہ، پاڪستان جي هڪ مشهور رٽائرڊ بيوروڪريٽ قدرت الله شهاب الدين پنهنجي اڙدوءَ ۾ لکيل آتم ڪٿا "شهاب نامہ"۾ فاطمہ جي ڪتاب، "ماءِ بردار" مان اڪيچار ٽڪرا جئين جو تئين پيش ڪيا آهن. جن کي فاطمہ جي اصل ڪتاب ۾ ڇپائي دوران هدف ڪيو ويو. جڏهن تہ زاهد چوڌري بہ پنهنجي ڪتاب "جناح _لياقت تضاد" ۾ فاطمہ جي انهيءَ ڪتاب جي اڻ_ڇپيل مسودي مان سنسر ڪيل ڪافي حصا ڏئي ڇڏيان آهن.

34. فاطمہ جناح، منهنجو پاءُ، حوالو: لياقت_جناح تضاد اور پنجابي_ مهاجر تضاد، پاڪستان کي سياسي تاريخ، جلد 5، اداره مطالعہ تاريخ، لاهور، ايڊيشن،1999 ع، صحفو61

35. ساڳيو صحفو 16_62

36. ساڳيو صحفو 63_64

37. Stanley Wolpert, Jinnah of Pakistan, Oxford University, Karachi, 2008, p,368

38. Ibid,p, 369

39. فاطمہ جناح، منهنجو پاءُ، حوالو: اسٽينلي وولپرٽ، جناح آف پاڪستان، آڪسفورڊ يونيورسٽي پريس، ڪراچي، سنڌ، صحفو 369

40. Stanley Wolpert, Jinnah of Pakistan, Oxford University, Karachi, 2008, p,369

41. Ibid,p, 369

42. فاطمہ جناح، منهنجو پاءُ، حوالو: اسٽينلي وولپرٽ، جناح آف پاڪستان، آڪسفورڊ يونيورسٽي پريس، ڪراچي سنڌ، صحفو 369

43. ڊاڪٽر ڪرنل الاهي بخش ، وٽ دي قائداعظم ڊيورنگ هز لاست ڊيز حوالو: اسٽينلي وولپرٽ، جناح آف پاڪستان، آڪسفورڊ يونيورسٽي پريس، ڪراچي، سنڌ، صحفو 369

44. Stanley Wolpert, Jinnah of Pakistan, Oxford University, Karachi, 2008, p,370

45. Ibid,p, 37

BIBLIOGRAPHY

English Books:

1. Stanley Wolpert, Jinnah of Pakistan, Oxford University press Karachi, 2008 .
2. _____Shamful Flight, The last years of the British empire in India, Oxford University press, Karachi,2011
3. William S. Metz, The political Career of Mohammed Ali Jinnah, Oxford University, Karachi, 2010
4. Ayesha Jalal, Sole spoke man, Jinnah, Muslim League and Demand for Pakistan,Samg_e_Mail publication,Lahore,2010
5. _____Pakistani History, Oxford University press, Karachi,
6. 2013
7. Ata Rabbani, I was The Quad's ADC, Oxford University, Karachi, 1996
8. Aziz Beg, Jinnah_and his Time,Babur and Amer Publication, Istamabad,1986
9. Jafri,A,B,S. Jinnah Betrayed, Royal Book Company, Karachi,1996
10. Burk,S.M._Salim Al_Din Quershi, Quad_i_Azam Mohammed Ali Jinnah, His Personality and his Politics, Oxford University, Karachi, 2009
11. Khairy, R. Saad, Jinnah Reinterpreted, Ferzson's Lahore,2006
12. Noorani, A.G. Jinnah and Tilak, Comrads in the Freedom Sruggle, Oxford University, Karachi, 2008
13. Allana, A.G. Quad_i_Azam, Jinnah,The story of a Nation, Ferzson's Lahore,1996
14. Javed, Ajeet, Secular and Nationalist Jinnah, Oxford University press, Karachi, 2009
15. Hayat, Sikander, The Charismatic Leader, Oxford University press, Karachi, 2009
16. Ali Siddiqui, Mohammed Dr, Quad_i_Azam Jinnah: A Chronology, Quad_i_Azam Acadmey, Karachi,1996
17. Karim, Saleena, Secular Jinnah and Pakistan, Paramount Publishing Enterprize, Karachi, 2010
18. Hasan,Khalid Shamsual, Quad_i_Azma's Unrealized Dream, Shamsual Hasan Foundation for reaserch, Karachi,1991
19. Jaswant Singh, Jinnah, India _ Partition_ Independence, Oxford University Press, Karachi,2010
20. Lt.Colonel Ilahi Bakhsh, With the Quad_i_Azam during his last days, Oxford University, Karachi, 2011, p,39
21. Dr. Riaz Ahmad, Quad_i_Azam Mohammed Ali Jinnah, Second Pase of his Freedom Struggle, 1924_1934,Natinal Institute of Pakistan Studies,

Islamabad,1994
22. Wasti, Syed Razi, Lord Mint and the Indian Nationalist Movement, 1906_1910, People's Publishing House, Lahore,1976
23. Seervai,H.M, Partition of India_ Legend & Reality, Oxford University, Karachi, 2006
24. Richard Symonds, The Making of Pakistan, Purnell & sons Limted, London,2010
25. K.K.Aziz,The Making of Pakistan, Sang_e_Meel Publications, Lahore,201
26. _____The Murder of History, Sang_e_Meel Publications, Lahore,2010
27. _____Muslims Under Congress Rule, 1937_1939, ADocumentary record, Sang_e_Mail, Publication, Lahore, 2007
28. Saeed, Khalid Bin, Pakistan, Formative Phase, (1851-1948 Oxford University Press, Karachi, 2007
29. Larry Collins, Dominique Lapierre, Freedom At Midnight, Haper Collins Publishers, London, 1975
30. Choudhry, Muhammad Ali, The Emergence of Pakistan, Lahore, Research Society of Pakistan University of Punjab, Lahore, 1989
31. Hodson, H.V, The Great Divide, Britain, India, Pakistan, Oxford University Press, Karachi,1997
32. Majahid, al, Sharif, Ideological Foundation of Pakistan, Shariah Academy, Islamabad, Pakistan, 1999
33. Muwar, Muhammed, Prof: Dimenions of Pakistan Movement, Institute of Islamic Culture, Lahore, 1990
34. Uzair, Mohammed,Dr. Lahore Resolution to Lahore Declaration and after, Royal Bood Company, Karachi, Sindh, 2007
35. Ahmed, Riaz, Prof: Dr, All India Muslim League and the Creation of Pakistan, National Institute of Historical and Cultural Research, Islambad, Pakistan, 2006
36. Chaghatai, Ikram, M. 1857_Muslim Historiography, Sang_e_Mail, Publication, Lahore, 2007
37. Syed Sharifuddin Pirzada, Evolution Of Pakistan, Royal Book Company, Karachi, 1963
38. _____Foundation of Pakistan, Royal Book Company, Karachi, 1963
39. Hamid Khan, Costitutional & Political History of Pakistan, Oxford University, Karachi,2005
40. Shafqat, Saeed, New Perspectives on Pakistan. Oxford University Press, Karachi, 2007
41. Mahmood, Safdar, Pakistan, Political Roots and Devolpment 1947-1999, Oxford University Press, Karachi, 2002
42. Gardezi Hassan, Rashid Jamil, Pakistan, The Unstable state, Vanguard

Book, ltd, Lahore, 1983
43. Jahan, Dad Khan, Lt.Gen:Pakistan,Leadership challenges, Oxford University Press, Karachi, 2001
44. Jawahar Lal Nehru, The Discovery of India, Penguin Books,New Dheli, India, 2004,
45. Shah, Mujawar Hussain, Syed, Religion and Politics in Pakistan, National Institute of Pakistan Studies, Islamabad,1976.

اردو کتابیات:

1. بولتھو، ھیکٹر: حیات قائداعظم، مترجم: ظہور صدیقی، جمہوری پبلیکیشنز لاہور، ۲۰۱۲ع
2. جناح، فاطمہ: میرا بھائی، ترجمہ وحواشی: محمد جہانگیر عالم، الفیصل بوک تاجران، لاہور، ۲۰۰۹ع
3. دوار کاداس، کانجی: قائداعظم محمد علی جناح، مترجم، سید شہاب الدین دستوری، فکشن ہاؤس لاہور ۲۰۱۳ع
4. جاوید، اجیت ڈاکٹر، سیکیولر اور نیشلنسٹ جناح، سانجھ پبلیکیشنز لاہور، ۲۰۰۸ع
5. چودہری، عبدالستار، جناح کو کس نے مارا؟ جمہوری پبلیکیشنز لاہور، ۲۰۱۲ع
6. احمد، خالد: قائداعظم کے خاندانے تنازعات، پرنٹ لائین پبلشرز لاہور، ۱۹۹۶ع
7. نظامی، قیوم: قائداعظم، بحیثیت گورنر جنرل، جہانگیر بوک ڈپو، لاہور، ۲۰۰۰ع
8. مبارک علی، ڈاکٹر: جناح_ بیورکریٹ اور مورخ کے درمیان، فکشن ہاوس لاہور، ۲۰۱۰ع
9. چودہری، زاہد: پاکستان کیسے بنا؟ پاکستان کی سیاسی تاریخ جلد_۱، ترتیب وتدوین: حسن جعفر زیدی، ادارہ مطالعہ تاریخ، لاہور، ۲۰۱۱ع
10. _____ پاکستان کیسے بنا؟ پاکستان کی سیاسی تاریخ جلد ۲، ترتیب وتدوین: حسن جعفر زیدی، ادارہ مطالعہ تاریخ، لاہور، ۲۰۱۱ع
11. _____ مسلم پنجاب کا سیاسی ارتقا، پاکستان کی سیاسی تاریخ جلد ۳، ترتیب وتدین: حسن جعفر زیدی، ادارہ مطالعہ تاریخ، لاہور ۱۹۹۶ع
12. _____ تحریک پاکستان میں بنگالی مسلمانوں کا نمایاں ترین کردار، پاکستان کی سیاسی تاریخ، جلد، ۹، تکمیل وترتیب: حسن جعفر زیدی، ادارہ مطالعہ تاریخ
13. _____ سندھ مسلہ خود مختیاری کا آغاز، ، پاکستان کی سیاسی تاریخ جلد ۶، ترتیب و تدین: حسن جعفر زیدی، ادارہ مطالعہ تاریخ، لاہور ۱۹۹۶ع
14. _____ لیاقت_ جناح تضاد اور پنجابی_ مہاجر تضاد، پاکستان کی سیاسی تاریخ، جلد، ۹، تکمیل وترتیب: حسن جعفر زیدی، ادارہ مطالعہ تاریخ
15. _____ پاک بھارت تنازعہ اور مسلہ کشمیر کا آغاز، پاکستان کی سیاسی تاریخ جلد 3، ترتیب

وتدین: حسن جعفر زیدی، ادارہ مطالعہ تاریخ، لاہور ۱۹۹۶ء
16. رضا کاظمی، محمد: مطالعہ پاکستان، آکسفورڈ یونیورسٹی پریس کراچی، سندھ ۲۰۰۶، ص
17. علوی، حمزہ: تخلیق پاکستان، مترجم: ریاض احمد شیخ، فکشن ہائوس، لاہور ۲۰۱۲ء
18. _____ پاکستان، ریاست اور اس کا بحران، فکشن ہاوس، لاہور، ۲۰۱۰ء
19. حسن رضا، سید: پاکستان ناگریز تھا۔ کراچی یونیورسٹی سندھ، ۱۹۹۲ء
20. سید جعفر احمد: پاکستان اور اقلیتیں۔ پاکستان میں اقلیتوں کی جدوجہد اور خدمات کا خاکا، مکتبہ دانیال، کراچی، ۲۰۰۰ء
21. صفدر محمود، ڈاکٹر: مسلم لیگ کا دور حکومت، ۱۹۵۴-۱۹۴۷ء، جنگ پبلشرز، لاہور، ۱۹۹۸ء
22. _____ جناح، اقبال اور پاکستان، جنگ پبلشرز، لاہور، ۱۹۹۸ء
23. _____ پاکستان، تاریخ و سیاست، جہانگیر بکس، لاہور، ۲۰۰۷ء
24. نان، لال: پاکستان کی اصل کہانی، ۶۹-۱۹۶۸ء کا انقلاب، طبقاتی جدوجہد پبلیکیشنز، لاہور، ۲۰۰۹ء
25. حسن، سبط: پاکستان میں تہذیب کی ارتقا، مکتبہ دانیال، کراچی، ۲۰۱۲ء
26. عزیز الدین احمد: پروفیسر: کیا ہم اکٹھے رہ سکتے ہیں؟ مکتب فکر و دانش، لاہور، ۱۹۹۰ء
27. ساریلا، نریندر سنگھ: گریٹ گیم کی پرچھائیں، تقسیم ہند کی ان کہے کہانی، مترجم: پروفیسر ظفر الحسن پیرزادہ، تخلیقات لاہور، ۲۰۱۰ء
28. قدوائی، ہاشم ڈاکٹر: ہندستان کے سیاسی اور سماجی افکار، ترقی اردو نئیں دہلی، انڈیا، ۱۹۸۵ھ
29. حالی، الطاف حسین مولانا: حیات جاوید، بک ناک، ٹیمپل روڈ، لاہور، ۲۰۰۷ء
30. خان، وحید مولانا: پاک_ہند ڈائری، فکشن ہاوس، لاہور، ۲۰۱۳ء
31. زائرنگ، لارینس پروفیسر: پاکستان کا سیاسی بحران، وین گارڈ بوک لمیٹڈ لاہور، ۱۹۹۷ء
32. ایم را، ستیا ڈاکٹر: پنجاب کی انقلابی تحریکیں، جمہوری پبلیکیشنز لاہور، ۲۰۰۴ء
33. قریشی، محمد فاروق: ولی خان اور قرارداد پاکستان، فکشن ہاوس لاہور، ۱۹۹۷ء
34. _____ بوالکلام آزاد اور قومپرست مسلمانوں کی سیاست، تخلیقات لاہور، ۱۹۹۶ء
35. گاندھی، راج موہن: مسلم افکار، مترجم: محمد فاروق قریشی، فکشن ہاوس لاہور، ۱۹۹۸ء
36. شیخ، اسد سلیم: ہماری دستوری تاریخ، ۱۶۰۰_۲۰۱۱ء، اظہار سنز لاہور، ۲۰۱۰ء
37. علیگ، باری: کمپنی کی حکومت، مکتب فکر و دانش، لاہور، ۱۹۹۲ء
38. چودہری، نیاز احمد سنگھیڑا: پاکستان میں قوم سازی کا عمل، جمہوری پبلیکیشنز، لاہور، ۲۰۱۰ء
39. قاضی، جاوید: برصغیر میں مسلم فکر کی ارتقا، تخلیقات لاہور، ۱۹۹۸ء

40. بی آر نندا: گاندھی نامہ، مترجم: علی جواد زیدی، العصر پبلیکیشن لاہور، ۲۰۰۸ء
41. گاندھی، موہن داس: تلاش حق، مترجم: سید عابد علی عابد، فکشن ہاوس لاہور، ۲۰۱۱ء

سنڌي ڪتاب

1. سيد، جي ايم: جديد سياست جا نو رتن، روشني پبليڪيشن، حيدرآباد، 2012
2. _____ پنهنجي ڪهاڻي پنهنجي زباني، (حصوپهريون) روشني پبليڪشن، ڪنڊيارو 2005ع
3. _____ پنهنجي ڪهاڻي پنهنجي زباني، (حصو ٻيو) روشني پبليڪشن، ڪنڊيارو 2005ع
4. _____ نئين سنڌ لاءِ جدوجهد، روشني پبليڪشن، حيدرآباد، 2009ع
5. _____ پاڪستان جو ماضي، حال ۽ مستقبل، روشني پبليڪشن، ڪنڊيارو 2012ع
6. پليجو، رسول بخش: سياسي ادب، جلد پهريون، مرتب: جامي چانڊيو سينٽر فار پيس اينڈ سول سوسائٽي، حيدرآباد حيدرآباد، 2005ع
7. علي، ايان: پاڪستان جو بنياد: ۽ قومي نظريو يا صوبائي خودمختياري، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو 2014
8. _____ سنڌ، پاڪستان ۾ ڪيئن ۽ ڇو شامل ٿي؟ (اڻ ڇپيل تحقيقي مقالو)
9. _____ سنڌ ۽ جناح (اڻ ڇپيل تحقيقي مقالو)
10. _____ پاڪستان ۾ قومي تضاد، جناح ۽ مظلوم قومون (اڻ ڇپيل تحقيقي مقالو)
11. فشر، لوئي: گانڌي، سنڌي ترجمو: نجم عباسي، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو 2008ع

انڈيڪس (ڈسٽي)

آ

آئرلينڈ، 169
آمريڪا، 78،215،223، 244، 272، 273، 281، 282، 287، 293، 294، 297، 298، 329، 374، 388، 389
آمريڪي محقق، 38
آغا خان اسماعيلي، 15
آڪٽيون، 23
آغا خان، 15
آل انڈيا مسلم ايجوڪيشنل، 54
آل انڈيا ڪانگريس ڪميٽي، 282
آل پارٽيز ڪانفرنس، 172،173، 174، 177، 194، 241
آل انڈيا مسلم ليگ ، 54، 55، 56، 172، 182، 201، 219، 227، 233، 250، 251، 252، 254، 263، 287، 295، 303، 325، 341، 346، مسلم ليگ ، 59، 61، 64، 65،66، 67، 76، 75، 83، 91، 122، 137، 138، 138، 156، 157، 162، 161،164، 165، 166، 168، 172، 173، 174، 176، 177، 178، 179،180، 181، 182، 201، 209، 212، 216، 217، 219، 220، 221، 222، 223، 224، 225، 226، 227، 228، 229، 231، 232، 233، 234، 237، 239، 241، 244، 245، 248، 249، 250، 251، 252، 253، 254، 255، 256، 261، 263، 265، 266، 267، 274،280، 281، 282، 288، 289، 295، 296، 299، 300، 302، 303، 304، 305، 309، 312، 315، 316، 317، 321، 322، 324، 325، 326، 327، 329، 332، 333، 334، 337، 338، 339، 340، 341، 346، 347، 351، 352، 353، 358، 359، 362، 363، 364، 365، 366، 367، 368، 369، 370، 371، 372، 373، 374، 375، 376، 381، 382، 385، 386، 387، 388، 390، 395، 399، 409
آل انڈيا ڪانگريس، 48، 51، 56، 61، 62، 63، 83، 118، 119،245، 282، 329، 346، ڪانگريس، 5، 29، 35، 48، 49، 50، 52، 53، 56، 61، 62، 63، 64، 65، 66، 67، 68، 75. 76، 83، 89، 90 ، 91، 92، 96، 97، 99، 104، 108، 109، 110، 112، 117، 119، 120،122، 126، 127، 128، 132، 133،136، 137، 140، 141، 144، 14، 146، 147، 157، 161، 162، 164، 165،167، 169، 170، 171، 172، 173، 174، 177، 178، 179، 180، 181، 182، 190، 192، 193، 194، 195، 202، 203، 204، 205، 206، 207، 209، 210، 212، 214، 215، 216، 218، 219، 221، 222، 223، 224، 225، 226، 228، 229،231، 232، 234، 235، 236، 237، 238، 239،240، 241، 243، 244، 252، 253، 254، 255، 256، 257، 258، 260، 261، 265، 270، 273، 274، 276، 277، 278، 279، 280، 281، 282، 283، 284، 285، 286، 287، 288، 289، 290، 295، 296، 299، 300، 302، 303، 305، 309، 312، 316، 317، 318، 321، 322، 323، 324، 325، 327، 329،332، 333، 337، 338، 339، 340، 341، 342، 344، 345، 346، 347، 350،351، 352، 353،

354, 355, 356, 358,359, 361,
363, 364, 365, 366, 367, 368,
369, 370,371, 372, 373, 374,
375, 376, 381, 382, 384, 386,
387, 388, 390, 394, 395, 396,
412,417
آئين، 11، 12، 16، 56، 67، 68،
105، 112، 127، 128، 156، 170،
175، 181، 187، 205، 211، 214،
224، 226، 242، 243، 244، 246،
250، 251، 263، 265، 266، 276،
282، 317، 332، 341، 351، 353،
355، 358، 362، 364، 365، 366،
367، 370، 371، 372، 373، 374،
375، 376، 381، 387,388، 392،
400، 409
آئيني پيڪيج، 53، 273، 274
آئيني مسودو 198، 209، 274
آئيني ماهر، 288، 296
آئيني اسڪيم، 66
آئيني ڊرافٽ، 56، 66، 67
آئيني خودمختياري، 406
آئيني جدوجهد، 90، 108
آئيني سڌارا، 114
آئيني مدو، 306
آئيني ڪميشن، 165،
آئيني حڪمت عملي، 132،
آئيني جنگ، 166،
آئين ساز اسمبلي، 156، 242، 243،
276,317، 353، 355، 359، 364،
366، 367، 370، 371، 372، 373،
374، 375، 376، 388، 392
آئيني وفاقي نظام، 181، 182، 204
آريا سماج، 73
آر ايس ايس، 74
آسٽريليا، 78، 191
آزادي، 35، 56، 62، 66,68، 80، 88،
90، 91، 105، 109، 122، 127،
132، 133، 140,141، 142، 152،
154، 155، 156، 157، 162، 164،
174، 181، 190، 191، 192، 205،
223، 240، 252، 253، 262،
274,276، 280، 283، 285، 288،
289، 290، 302، 317، 318، 332،
333، 344، 356، 362، 373، 386،
390، 391، 393، 396، 397
آفريڪا، 89، 82، 230
آئرش عورت، 83
آڪسفورڊ يونيورسٽي، 37، 39، 77،
100، 159، 183، 212، 213، 214،
216، 258، 60، 294، 295، 297،
298، 330، 331، 336، 378، 380،
418، 419، 42
آگره، 119
آسام، 303، 316,351، 362
آشرم، 302
آزاد مملڪت، 317
آر. رچرڊ، پروفيسر، 339

الف

استينلي وولپرٽ(Stanly Wolpert)
10,12، 19,23، 33,35، 36، 37،
55,67، 77، 81، 86,87,100,102،
130، 159، 167,173، 177، 183،
189,212، 213، 216، 226، 247،
281، 294، 295، 297، 301، 308،
328، 310، 331، 336، 373، 378،
394، 408,416، 417، 418، 419،
420
اڇوت برادري، 11، 146,209,251،
270
اهل شعيت، 15
امپريل بينڪ، 38
اڙدو 10، 11، 37، 39,41، 56،

59,82، 100، 102، 159،
212,255، 256، 257، 259، 292،
294، 295، 296,333، 404,405،
406، 407,419
اڙدو بولي، 404، 405، 407
اسلام، 15، 19، 20، 25، 71، 144،
146، 215، 216، 283، 313، 315،
اسڪالر، 13، 59، 109، 345، 394
اقوام متحده، 402، 403
احمد علي، 20
ايچ ايم سيروائي، (H.M.Seervai)
9، 142، 214، 257، 258
اخبار، 13، 49، 74,95، 155، 172،
190، 193، 231، 234، 249، 263،
276، 283، 286، 290,302، 306،
319,331، 332
انگريز، 25، 26، 27، 30,34,53، 54،
55، 59,61، 84، 85، 87، 88، 89،
90، 55، 57، 100، 105، 107، 109،
111، 112، 115، 119، 120,122،
124، 137، 140,152، 155، 165،
166، 192، 195، 197، 202، 205،
206، 225، 243، 244، 246، 254،
255، 267,269، 270، 275، 285،
289، 307، 312، 317، 318، 328،
338، 339، 341، 365، 376، 381،
385، 391، 392،
انگريزي، 10، 11، 37، 38، 41، 56،
82، 86، 102,159، 230، 298،
330، 331، 334، 380، 388، 404،
419،
اورنگزيب خان، 303
انٽرشپ، 26، 29، 30
انگلينڊ، 26، 7، 28,29، 30، 31، 32،
33، 34، 35، 36، 38، 41، 88، 107،
113,125، 150، 154، 168,169،
170، 172,199,220، 223، 242،
257، 308، 312، 223,393
ايمي بائي، 27، 29، 30,36
ايڊجسٽ، 30
ايسٽ انڊيا ڪمپني، 30
ايران، 15
انٽوني ايڊن ڊيوڪ آف ونڊسر، 34
اليڪشن، 35، 233
استالن گراد، 300
ايشيا، 34، 144، 272
اليگزينڊرمومن، 152
اليگزينڊر وي اي، 342، 350، 360،
363، 371، 373
ايمري، ليو، 286,301، 312، 327،
اولهه بنگال، 51، 351،
اقليت، 34، 53، 74، 80، 164، 172،
176، 188، 209، 253، 267 296،
316، 345، 346، 359,368
ايلين آڪٽيوم هيوم، 61
انڊين ايسوسئيشن، 61
اعتدال پسند، 62، 63، 83,145
احمد آباد، 171
الحاج محمد گوهر، 255، 256، 260،
261، 262، 289، 290، 294، 295،
296، 329، 330، 331، 332، 334،
335، 277، 278
اپني بسنت، 78، 79، 83، 85,108،
245، 247، 166، 167،
اسڪيم، 66، 93، 122، 162، 164،
165، 207، 215,363، 384،
ايڊون مارلي، 96
افغانستان، 118،
امرتسر، 111، 112، 134
اقبال سنگهه، 128
استرلنگ، 153
اڪايون، 181
الهه آباد، 66، 201
اتراولهه، 311

ايوارڊ، 208،209، 210،
انڊيپينڈنٽ پارٽي، 287
الله بخش، 233، 289
ايڈيٽر، 154، 228
اسٽيفورڊ ڪرپس، سر، 242، 274،
276، 277، 278، 281، 342،
ايڪٽ، 96، 105، 106، 107، 108،
109، 110، 111، 112، 113، 114،
115، 117، 121، 144، 182،
اسٽيٽسڪو 14، 155، 212، 255،
288
ايگريڪلچرسٽ پارٽي، 256
اهنسا، 270
اي ڊي سي، 72، 410،
اکنڈ هندستان، 397
ايگزيڪٽو ڪائونسل، 323، 324،
325، 326، 329، 340، 342، 345،
اسٽيٽ بينڪ ڪراچي، 409
انگريزي ايٽلس، 388
اسلامي فضائيا ڪاليج، 408
ايڪسري مشين، 410
ايٽلي، لارڊ ڪيملٽ، 329، 342،
367، 370، 371، 374، 376، 381،
386، 387،
ايم اي رحمان، 414
اصحفاني، 302
استيشن ماسٽر، 360
ايوب کهڙو محمد، 418

ب

بابوگرافيڪل مقالو 9
بمبئي، 17، 23، 24، 25، 27،36، 41،
42، 43، 44، 45، 46، 47، 48، 49،
50، 56، 66، 83، 85،93، 94، 95،
96، 97، 98، 99، 102، 112، 129،
136، 141، 144، 154، 162، 164،
170
بنڪر چندرچترجي، 62، 73
باني، 15،
بلنڊن 17، 170، 263،
بينڪر، 20
بمبئي ياترا، 23
برطانوي راج، 25، 205
بئنڪ آف انگلينڊ، 30
بئريسٽر، 31، 32، 33، 34، 36، 41،
42، 46، 70، 219،
برطانوي پارليامينٽ، 35، 198، 207،
240، 273، 342، 389،
برطانيا، 35، 51، 55، 78 ، 79، 84،
85، 96، 99، 104، 106، 113، 120،
140، 166، 170،187، 188، 189،
192، 197، 205، 206، 211، 214،
215، 240، 241، 242، 243، 244،
246، 266، 267، 268، 271، 272،
273، 274، 275، 276، 277، 280،
281، 282، 283، 284، 288، 290،
293، 294، 298، 305، 321، 327،
329، 333، 337، 339، 340، 342،
365، 366، 370،372،373، 374،
385، 388، 391، 394
بينڪيٽ، 51، 293
بال گنگاڌرتلڪ، 80
برٽش انڊين ايسوسئيشن، 61
بانڪي پور، 64
بمبئي ڪائونسل، 66
برطانوي سرڪار، 67، 210، 221،
343، 388،
برطانوي آفيسر، 72،
بينڪر چندر چترجي، 62
برهمو سماج، 73، 74
بينڪي راج، 78، 79، 89، 90
بينڪي درجو، 89
برطانوي لارڊ، 86
برطانوي بادشاهت، 78، 88، 274

برطانوي تاج، 88، 275
بيوروڪريسي، 106
برطانوي ڪمشنر، 111
برطانوي قوم، 188
بمبئي ڪرانيڪل، 112، 154
برهمڻ، 145، 279،
باليشويڪ، 146
بي. آر. امبيدڪر (B.R.Ambedkar)، 11، 210،251، 285،327
بلوچستان، 162، 164، 181، 201، 252، 262، 305، 316، 330، 338، 351، 408، 409
بجيٽ، 153، 382
بنگال، 51، 52، 53، 54، 55، 56، 69، 61، 64،73، 74، 76، 162، 164، 165، 174، 181، 196، 208، 238، 249، 252، 260، 262، 299، 300، 302، 303، 307، 316، 338، 341، 347، 351، 362، 366، 385، 386، 389، 397،403، 404،
بيگم شاهه نواز 195
بندي ماترم، 226، 258
بيورلي نڪسن، 208، 209
بهار، 56، 66، 107، 234، 237، 238، 239، 286، 291، 362
بادامي ڪاغذ، 300
برطانوي وزيراعظم، 188، 195، 272،273، 274، 281، 282، 286، 287، 342، 367، 376، 381
برطانوي حڪومت، 55،124، 167، 188،197، 207، 208، 210، 237، 246، 267، 276، 283، 284، 285، 289، 290، 304، 208، 319، 325، 341، 374، 375،385، 386
برما، 272، 288، 289
برونڪائٽس، 408
بائونڊري ايوارڊ، 391

ب

ب قومي نظريو 13، 59، 74،76، 99، 100، 101، 102، 114، 115، 145، 146، 147، 148، 149، 182، 183، 184، 185، 212، 213، 214، 257، 258، 296، 335، 377، 378، 379، 380-، 397، 398
پي عالمي جنگ، 240، 244، 272، 273، 291، 293، 299، 323،329، 333، 335، 336
پاجهري، 16

ت

تاج محل هوٽل، 179، 180
تحريڪ، 5، 52، 53، 56، 59، 61، 62، 73، 74، 76، 84، 92، 104، 105، 108، 10، 110، 111، 112، 114، 115، 117، 118، 119، 120،124، 126، 127، 132، 133، 136، 137، 139، 140،142، 143، 144، 146، 152، 155، 156، 161، 162، 194، 195، 207، 211، 215، 223، 263، 270، 284، 285، 287، 288، 289، 290، 299، 300، 305
تاريخ، 11، 12، 16، 17، 19، 37، 57، 59، 73، 74، 75، 76، 89، 98، 99، 101، 105، 111، 112، 114، 115، 143، 145، 148، 153، 159، 181، 184، 185، 188، 194، 196، 201، 203، 208، 214،216، 224، 228، 229، 240، 248،261، 263، 272، 274، 291، 294، 297، 298، 303، 316، 330، 335، 353، 365، 379، 381، 386، 388، 389، 392، 393،

395، 397، 398، 404، 405، 415،
418،419،417
تنظيم، 61، 62، 63، 74، 81، 83،
92، 104، 127، 128، 144، 205،
223، 233، 247، 303، 324، 328،
ترڪ عوام، 143

پ

پارٽ، 59
پارٽي جنتا پارٽي(BJP)، 74
پڳت سنگھ، 105
پارٽ ماتا، 289، 397

ٽ

ٽٽو ضلعو، 17، 18

ث

ثقافت، 62، 73،234، 245، 344،
390،

ٽ

ٽرينڊل اسٽريٽ، 30
ٽرموس فلاسڪ، 416

ٽ

ٽائون هال، 25، 98
ٽيمز درياءَ، 30
ٽائيمز آف انڊيا، 135
ٽيرف، 195
ٽوري پارٽي، 223
ٽرانسفر آف پاور، 294
ٽيليگرام، 306

پ

پاڪستان، 6،8، 9، 10، 11، 12،
13، 15، 17، 18، 19، 34، 36،
37، 38، 55، 57، 59، 73، 74،
75، 76، 77، 81، 92، 99، 100،
101، 102، 109، 114، 115،
142، 144، 145، 146، 147،
148، 149، 159، 171، 182،
183، 184، 185، 186، 201،
202، 203، 208، 211، 212،
213، 214، 216، 217، 218،
229، 245، 247، 248،255،
256، 257، 258، 259، 260،
261، 262، 263، 265، 274،
276، 280، 281، 290، 291،
292، 293، 294، 295، 296،
297، 298، 299، 302، 303،
304، 305، 306، 310، 311،
317، 318، 319، 325، 328،
329، 330، 331، 332، 333،
334، 335، 336، 338، 339،
340، 341، 343، 344، 345،
346، 347، 348،349، 350،
351، 352، 353، 355، 356،
358، 359،361، 363، 365،
369، 372، 374، 377، 378،
379، 380، 381، 383، 384،
385، 386، 387، 388، 389،
390، 391، 392، 393، 394،
395، 396، 397، 398، 399،
400، 401، 402، 403، 404،
405، 406، 407،409، 412،
416، 417، 418، 419، 420
پٽيل، ولڀ ڀائي، 9، 190، 237،
342، 352، 355، 360، 361،
368، 385
پانيلي،15، 16، 25، 27، 28،
پنجاب، 120، 121، 122، 124،
125، 145، 148، 162، 164،
168، 174، 181، 183، 184،
185، 196، 201، 202، 208،

209، 214، 222، 223، 233،
245، 252، 160، 161، 162،
163،
پارسي، 34، 46، 48، 50، 68، 71،
80،
پرنس آف ويلز 140، 141
پيرس، 94، 169، 179
پهرين عالمي جنگ، 84، 100،
104، 117،
پنڊت مالويا، 167
پارليامينٽري ڪميٽي، 210
پروٽسٽنٽ، 394

ج
جناح پائي پونجا، 16، 17، 20، 21،
23، 25، 26، 27، 28، 30، 31،
32، 50
جناح پونجا اينڊ ڪمپني، 23، 26
جناح هال، 99
جناح آف پاڪستان
(Jinnah of Pakistan)، 11، 36، 37،
38، 39، 77، 81، 89، 102،
146، 159، 183، 212، 213،
216، 247، 260، 295، 331،
378، 380
جي ايم سيد، 303، 311، 321
جوزف چيمبرلين، 34
جان مولزورٿ ميڪ فرسن، 42، 43
جپان، 51، 272، 273، 284،
288، 289، 293، 313، 323،
329
جرمني، 72، 78، 240، 244،
266، 268، 271، 280، 300،
314، 315، 323
جليان والا باغ، 111، 112، 120
جنرل ڊائر، 120، 124، 125
جيارام، 127، 129
جرنل وائسراءِ، 343،355، 369
جگن ناٿ منڊل، 368
جارج واشنگٽن، 389

جھ
جھرڪ، 17، 18،

چ
چيمبرلين، وزيراعظم، 34
چارلس اولبونٽ، 43
چيمسفورڊ، 66، 72، 85، 95، 96،
97، 105، 107، 111، 112،
113، 122، 136، 140، 146
چمن لال، 195، 292
چوڌري رحمت علي، 211، 218
چرچل، ونسٽن، 266، 272، 273،
281، 286، 302، 308، 312،
366
چين، 287، 297

ح
حاجي عبدالڪريم، 47،
حيدرآباد دڪن، 142، 390
حافظ هدايت الله، 219
حسرت موهاني، مولانا، 219
حاجي عبدالله هارون، 233
حق خودارادیت، 280، 296، 304
حسين امام، 310
حاجي ستار سيٺ، 311

خ
خلافتي تحريڪ، 5،84، 104،110،
115، 117، 118، 119، 127،
133، 136، 137، 139،
143،144، 146، 152، 155،
156، 161،
خلافت عثمانيا، 117، 143،145۔

خلافتي ڪميٽي، 122140، 156
خضر حيات، 312
خليق الزمان، چوڌري، 219، 310
خاڪسار، 245، 305
خاڪسار تحريڪ، 305
خورشيد، 305
خان عبدالغفار خان، 352
خيبر پختونخوا، 362

د

دادا پائي نورجي، 34، 35، 83
درسگاهه لنڪن، 32
دوارڪاداس، ڪانجي، 129، 150
دارجلنگ، 86
دولت مشترڪا، 88، 187
درگاداس، 206
داردر، استيشن، 360

ڈ

ڈڪڻ ايشيا، 34، 144، 245
ڈاڈاٽو خاندان، 15

ڈ

ڈاڪٽر اجيت جاويد، 9، 100
ڈاڪٽر صفدر محمود، 262، 263
ڈومينڪ ليپيري، 119
ڈنشا اي واچا، 145
ڈومينن، 156، 187، 189، 190، 191، 192، 242، 243،275،
ڈومينن اسٽيٽس، 187، 189،190، 191، 192، 193، 242،
ڈبلن، 169،
ڈاڪٽر انصاري، 173، 175
ڈينا، 73، 107، 200
ڈائريڪٽ ايڪشن ڈي، 237،
ڈينمارڪ، 244، 266
ڈان، اخبار، 302،332

ذ

ذات، 53، 55، 144،404، 405، 406، 407

ر

رياست ،11، 15، 16، 17، 18، 76،98، 105، 106، 119، 137، 140، 141، 185، 186، 201، 202، 211، 216، 246، 255،260، 261، 262، 263، 265، 276، 289، 332، 322، 365، 386، 389، 390،392، 393، 394، 395، 399، 401، 402،405 ، 406، 408، 409، 412، 417، 418
رائل بئنڪ آف اسڪاٽ لينڊ،39
روسي سامراج، 51
راج موهن گانڌي، 58،
رتي ٻائي، 179
رومانوي شاعري،69
روم، 72،
ارشتريا سيوڪ سنگهه 92
رولٽ ايڪٽ، 5، 196، 104،105، 106، 107، 108، 109، 110، 111، 112، 113، 115، 117، 121، 144
رولٽ ڪميٽي، 122
ريفارمز انڪوائري ڪميٽي، 152
رمزي ميڪ ڈونالڊ، 188، 191، 196، 197، 198، 203، 214
رياض احمد، 101
رينٽ ڪلب، 243

رشيداحمد خان، 248
راءِ بهادر ايم. سي. راجا، 270
ريفريڊم، 304
راج گوپال اچاريا، 282، 312،315، 332، 333
روس، 78، 314
راجا هري سنگهه، 390، 401
رومن ڪيٿولڪ، 394
ريڊڪلف بائونڊري ايوارڊ، 391، 395، 396
رسول بخش پليجو، 39
رسالپور، 408

ز

زارشاهي، 51
زمرد، 86
زاهد چوڌري، 73، 101، 114، 115، 142، 145، 148، 171، 175، 178، 184، 185، 214، 256،297، 298، 330، 335، 379،397، 398،414، 419
زيت لينڊ، 242
زيارت، 409، 412، 41، 415

س

سنڌ، 13، 17، 18، 19، 20، 23، 26، 36، 37، 41، 54، 119، 159، 162، 164، 170، 178، 181، 182، 183، 185، 200، 201، 207، 210، 212، 213، 214، 216، 224، 233، 246، 252، 258، 259، 260، 263، 293، 294، 295، 297، 298، 299، 303، 309، 311، 316، 321، 330، 331، 333، 335، 336، 338، 341، 347، 351، 362، 378، 379، 380، 407، 417، 418،419، 420
سنڌي ٻولي، 9، 10، 14، 32، 56، 57، 405، 404، 10، سرڪاري ٻولي، 405، 406، 407
سوئيزواهه، 17
سنڌمدرسته السلام، 23، 26
سروجني نائيڊو، 43، 49، 50
سوراج، 74، 91، 127، 137، 144، 151، 157، 205، 283، 323
سوراج پارٽي، 144، 151،
سوديشي تحريڪ، 52، 56
سي پي (Central Province)، 136، 137، 138
سرسيداحمد خان، 62، 74
سي آر داس، 63، 97، 140، 144
سورت، 63،
سردنشا پيٽٽ، 68، 69،
سنگهڻ تحريڪ، 74، 144
سنيل ڪمار شنڊي، 74
سيدحسن رياض، 133
سريلنڪا، 272
سروينٽس آف انڊيا سوسائٽي (Servant of India Society)، 138
سيڪريٽري آف اسٽيٽ، 96، 107، 122، 146، 161، 179، 203، 312،327، 345، 348، 349، 350، 359
سبجيڪٽ ڪميٽي، 110، 134، 135، 249،
سعدآر.خيري، 109
سهلٽ، 351
سلطنت عثمانيا، 122
سوراج، 74، 144، 151، 157، 205، 283
سوراج سيا، 127، 137،
سارجنٽ، 288
سرجان سائيمن، 165،
سري نواس آئينگر، 161

سيسل هوٽل، 292
سسترڊنهم، 416
سي ايم چاڪلا، 168
سياش چندر بوس، 238
سرتيج بهادر سپرو، 175، 302
سرسڪندر حيات، 233
سينٽ جيمس، 203
سرهينري رچرڊسن، 307
سرپرسيول گرفٽن 225
سنگاپور، 272، 284، 288
سرحد، صوبو 144، 162، 164، 178، 181، 201، 207، 252، 260، 262، 299، 203، 211، 338، 341، 351، 362، 374، 400، 408
سيڪريٽري آف استيٽ فار انڊيا، 313، 327
سرينگر، 401، 402

ش

شيرين، 20
شملا، 54، 71، 266، 324، 352، 358، 359، 360، 372،
شملا ڪانفرنس، 324، 328، 329، 337، 352، 353، 360
شڊي، 73
شهنشاهيت، 78، 125
شاهي ڪميشن، 85
شهنشاهه، 85
شفيع محمد، 164، 168
شائيلاڪ، 238
شريف رپورٽ، 239
شاهجهان، 245
شهاب نامو، 419
شريف الدين پيرزادو، 414

ص

صوبائي خودمختياري، 13، 74، 76، 99، 100، 101، 102، 114، 115، 145، 146، 147، 148، 149، 151، 156، 171، 174، 181، 182، 183، 184، 185، 202، 207، 212، 213، 214، 216، 217، 257، 260، 296، 330، 335، 377، 378، 379، 380، 397، 398،
صوبائي ڪابينا، 181
صوبائي پارليامانري بورڊ، 256

ط

طارق اسماعيل ساگر، 59

ظ

ظفرالله خان، محمد، 195

ف

فاطمه، 20، 22، 25، 28، 29، 35، 36، 37، 38، 39، 40، 43، 44، 199، 208، 245، 258، 311، 392، 401، 408، 409، 410، 411، 413، 414، 415، 416، 417، 418، 419، 420
فيروز شاهه مهتا، 48، 49، 51، 62، 63
فرانس، 78، 240، 271
فيلڊ ايمبولينس ڪور، 100
فرينڪ سلابي، 136
فيز باراڪ وي، 169
فيڊريشن، 146، 196،
فيڊرل ڪورٽ، 375، 377،
فيڊرل اسٽرڪچر ڪميٽي، 203
فيڊرل اسڪيم، 207
فلسطين، 237
فضل الحق، 238، 249،
فرانسس ٽرنبل (Francis Turubull)، 343
فيلڊمارشل آڪلينڊ، 402،

ع

عائشہ جلال، 345
عدم تشدد، 76، 91
علي پائر، 133
علامہ اقبال، 201، 202، 211
عبدالعزيز سيد، 234
عبدالستار خيري، 238
عبدالخالق، 238
عبدالقادر شيخ، 306
عبدالرب نشتر خان، 352

غ

غلام حسين هدايت الله 309، 312
غنضفر علي خان، راجا، 368

ق

قدرت الله شهاب الدين، 419
قومي ٻولي،(National Laguage) 10، 404، 405، 406، 407
قومي رياست، 12
قومي خودمختياري، 12، 18،
قانون ساز ڪائونسل، 105،
قومي حڪومت، 215، 279، 282
قرارداد مقاصد، (Objective Resolution) 395، 399، 407

ڪ

ڪراچي، 10، 17، 18، 20، 23، 24، 25، 26، 27، 28، 29، 36، 37، 39، 4، 42، 44، 50، 54، 77، 115، 119، 159، 212، 213، 214، 215، 216، 274، 309، 311، 342، 368، 392، 396، 407، 408، 409، 410، 415، 416
ڪرافورڊ مارڪيٽ، 25
ڪمال پاشا، 118، 143
ڪي ايم منشي، 67، 129، 131، 141، 142
ڪانجي دوارڪا داس، 129، 150
ڪئنيڊا، 197
ڪيبينٽ مشن پلان، 6، 337، 364،
ڪيبينٽ مشن وفد، 342، 346، 347، 350، 360، 361، 362، 363، 365، 370،
ڪيبينٽ مشن، 374، 375
ڪرانيڪل اخبار 154
ڪارل مارڪس، 199
ڪميونل ايوارڊ، 208، 209، 210،
ڪنزرويٽو پارٽي، 215
ڪرپس، 242، 243، 273، 274، 275، 276، 277، 278، 289، 280، 281، 282، 293، 294، 337، 342، 347، 348، 349، 350، 351، 352، 355، 356، 358، 372، 373، 374
ڪرپس مشن، 284، 293، 294،
ڪرنل لوئيس جانسن، 293
ڪميونسٽ پارٽي، 298
ڪلڪتو 349
ڪشمير، 144، 313، 314، 350، 395، 396، 398، 401، 402، 403
ڪل هندستان يونين، 351
ڪامن ويلٿ، 374، 388
ڪيليفورنيا، 389
ڪوئيٽا، 409، 410
ڪرنل نول، 416

گ

گونڊل، رياست، 15، 16، 17
گوڪل داس اسڪول، 25
گوٽڪ يادگيريون، 25
گرامس ٽريڊنگ ڪمپني، 26
گراهم، 30، 31
گلڊهال، 30
گلڊ استون، 41

گوپال ڪرشنا گوکلي، 62، 63
گجرات، 15، 82، 83،
گجرات سوسائٽي، 82
گجرات سپا، 82
گانڌي، 5، 9، 58، 63، 74، 75، 78،
89، 80، 81، 82، 83، 84، 85، 86،
87، 88، 89، 90، 91، 92، 99، 100،
104، 108، 109، 110، 111، 117،
118، 119، 120، 122، 124، 125،
126، 127، 128، 129، 131، 132،
133، 134، 135، 136، 137، 138،
139، 140، 141، 142، 143، 144،
145، 146، 147، 152، 155، 15،
157، 161، 167، 168، 169، 171،
182، 190، 191، 192، 193، 194،
195، 203، 204، 205، 206، 207،
208، 209، 210، 229، 230، 232،
236، 237، 238، 239، 240، 241،
242، 267، 268، 269، 270، 271،
278، 280، 282، 283، 284، 285،
286، 287، 288، 289، 290، 292،
299، 300، 301، 302، 303، 304،
305، 307، 312، 313، 314، 315،
316، 317، 318، 319، 320، 321،
322، 323، 324، 328، 338، 342،
343، 344، 345، 350، 355، 356،
366، 367، 382، 383، 403
گورنمينٽ هائوس، 94
گورنر جنرل، 197
گورنر جنرل شپ، 390
گورنمينٽ آف انڊيا ايڪٽ، 114،
221،
گول ميز ڪانفرنس، 6، 187، 190،
192، 194، 195، 197، 198، 200،
201، 203، 204، 207، 208، 210،
211، 214، 215، 218
گڏيل چونڊ نظام، 164
گري وولف، 200
گريٽر پنجاب، 201
گروپنگ، 356، 374، 375
گروپ بندي، 355
گورداسپور، 395
گريٽر بلوچستان، 408
گورنر جنرل هائوس، 417

ل

لارڊ ولنگڊن، 93،
ليڊن هال اسٽريٽ، 30
لنڪن ان، 32، 33، 36
لارڊ مارلي، 34
لارڊ چيمسفورڊ، 66، 71
لارڊ فنلي، 125
لارڊبرڪن هيڊ، 161، 165، 167،
179
لارڊ ارون، 161، 187، 188، 191،
194، 215
لارڊ ريڊنگ، 72، 140، 141
لارڊ ويول، 306، 307، 312،323،
324، 326، 327، 337، 339، 340،
363، 366، 370، 376، 381
لارڊ پريوي سيل، 273
لارڊ ڪيملٽ ايٽلي، 329، 342،
367، 370، 371، 374، 376،
ليري ڪولن، 119
لبرل ازم، 41
لبرل اڳواڻ، 62، 63
لالالجپت راءِ، 53، 134
لکنو معاهدو، 5، 61، 91،
لاهور، 6، 156، 157، 186، 192،
221، 244، 245، 247، 248، 249،
250، 251، 252، 253، 254، 255
ليجسليٽو ڪائونسل، 155
ليبر پارٽي، 169، 187
لياقت علي خان، 195، 218، 219،

220، 256، 263، 302، 310، 311،
340، 352، 368، 370، 382، 385،
396، 401، 403، 407، 409، 410،
412، 413، 414، 415
لتل گبز روڊ، 271
ليگي وزارت، 299
ليو ايمري، 312، 327
لنڊن، 5، 15، 138، 140، 153، 187،
192، 194، 195، 196، 198، 199،
200، 201، 203، 208، 211، 218،
219، 220، 221، 244، 281، 282،

گھ

گھرو وزير، 74
گھڙ_نسلي، 64
گھڙ_مذهبي، 64
گھڙ_قومي، 12

و

وفاقي پاڪستان، 12
وفاقي هندستان، 76،
وفاقيت، 12
وفاق، 76، 181، 211، 237، 253،
255، 261، 265، 275، 276، 280،
350، 352، 355،
وفاقي، 12، 76، 77، 156، 170،
171، 181، 182، 185، 186،
201، 202، 203، 204، 204،
206، 210، 211، 212، 216،
254، 255، 261، 265، 275،
276، 280، 296، 317، 318،
343 345، 346، 349، 350،
351، 361، 373، 384، 392،
394، 406، 417، 418
وفاقي عدالت، 373
وفاقي اسيمبلي، 392
واپاري ڪوٽي، 21
واپاري فرم، 23
وڪٽوريا دور، 25
وزن (Weightage)، 18، 67
واڪ آئوٽ، 93
ويد برنبرن، 81
وي ايس شري نواس شاستري، 145
ويسٽ منسٽر، 177
وائسراءِ ڪيمپ، 189
ويسٽ هيٽ هائوس، 199
ويج وڊ بين، 203
وائيٽ پيپر، 210
ورڪنگ ڪميٽي، 238، 248، 250،
251، 277، 278، 280، 287، 351،
352، 369،
وائسراءِ لنلٿگو، 242، 243
وائسراءِ لاج، 266
ونسٽن چرچل، 266، 272، 273
وي پي مينن، 385

ن

نهرو جواهر لال، 10، 34، 86، 167،
170، 172، 203، 225، 226،
230، 231، 237، 240، 266،
274، 278، 296، 339، 349،
352، 353، 355، 358، 364،
366،367، 368، 369، 370،
371، 372، 373، 374، 376،
382، 383، 384، 385، 388،
نواب سليم الله، 53، 55
نواب صديق علي خان، 311
نواب محمد اسماعيل خان، 352
نواب واقار الملڪ، 55
نواب محسن الملڪ، 5
ناڳپور، 127، 133، 134، 136، 137،
145، 176، 177، 237
نيشنل گارڊ، 245، 311
نيني تال، 86

نيشنل لبرل فيڊريشن، 145
نهرو ڪميٽي، 170، 172، 173
نهرو رپورٽ، 6، 68، 161، 170، 171، 172، 173، 174، 176، 178، 179، 180، 181، 182، 184
ناظر حڪمت، 299
ناٿورام گوڊسي، 403
ناروي، 244
نازي ازم، 268
نيشنل آرمي، 289

م

محمد علي جناح، 1، 15، 17، 22، 23، 26، 27، 28، 29، 30، 33، 37، 39، 99، 195، 214، 221، 222
مائونٽ بيٽن، 6، 366، 381، 382، 383، 384، 385، 386، 387، 388، 389، 390، 391، 392، 395، 396
ميني ٻائي، 16، 27
مريم، 20
مسلم هندستان، 176، 246، 279، 310،
مانچسٽر، 20
محمدفاروق قريشي، 58، 102، 103،
مان ٻائي، 16، 23، 24
موتي لال نهرو، 34، 87، 144، 170، 172، 173، 190، 191
ميجسٽريٽ، 43، 44، 45
مانٽيگيو_چيمسفورڊ، 97، 113
مسلم انجمن اسلام، 25
مسزايني بنسٽ، 78
محمد رفيق، 306
ميڊيز، 95
ميساچوسيٽس، 389
مسيوپوتاميا، 94
مسٽر تاراچند، 323
مطلوب الحسن، سيد، 42، 99
مرڪزي قانون ساز اسيمبلي، 181
مرڪزي قانون ساز ڪائونسل، 105
مولانا ابوالڪلام آزاد، 117، 140، 141، 175، 223، 252، 276، 277، 278، 279، 294، 295، 298، 324، 339، 364
مولانا محمد علي جوهر، 117، 171
مولانا شوڪت علي، 117، 119، 140
مولانا مظهرالدين احمد، 234
ماڊريٽ پارٽي، 130
مهاتما ٻڌ، 234
مصطفيٰ ڪمال پاشا، 118، 143
مسترجيڪار، 175
مسلم اسٽوڊنٽس، 214
محمود آباد، 86
مدراس، 194، 265، 272، 282
مونجي داس، 196
محمد علي چاءِ والا، 240
منٽوپارڪ، 245
ملٽري سيڪريٽري، 416
مائونٽ پليزنٽ روڊ، 270
موريا خاندان، 234

هـ

هندستان، 5، 11، 15، 25، 31، 35، 36، 41، 48، 49، 50، 51، 54، 55، 56، 59، 62، 63، 64، 65، 66، 67، 68، 69، 74، 75، 76، 79، 80، 82، 83، 84، 85، 87، 88، 89، 90، 91، 92، 93، 94، 95، 96، 97، 98، 99، 100، 101، 102، 104، 105، 107، 108، 109، 110، 111، 112، 113، 114، 115، 117، 118، 119، 120، 122، 124، 125، 126، 127، 128، 133، 136، 137، 140، 141، 144، 145،

146، 150، 151، 152، 153،
154، 155، 156، 157، 158،
161، 162، 164، 165، 166،
167، 168، 169، 170، 171،
174، 176، 177، 179، 180،
181، 182، 187، 188، 189،
190، 191، 192، 194، 195،
197، 198، 199، 200، 201،
202، 203، 204، 205، 206،
207، 208، 210، 211، 212،
214، 215، 216، 218، 219،
220، 221، 223، 224، 225،
226، 227، 229، 231، 233،
234، 236، 237، 238، 240،
241، 242، 243، 244، 246،
247، 248، 249، 250، 151،
152، 153، 154، 155، 156،
158، 160، 161، 162، 266،
267، 268، 269، 270، 272،
273، 274، 275، 276، 277،
278، 279، 280، 281، 282،
283، 284، 285، 286، 287،
288، 289، 290، 291، 292،
293، 294، 298، 299، 300،
302، 303، 305، 306، 307،
308، 309، 310، 312، 315،
316، 317، 318، 319، 321،
322، 323، 324، 325، 328،
329، 332، 333،337، 338،
339، 340، 341، 342، 343،
344، 345، 346، 347، 348،
349، 350، 351، 353، 355،
356، 361، 364، 365، 366،
370، 372، 374، 375، 376،
381، 382، 383، 384، 385،
386، 387، 388، 389، 390،
391، 392، 393، 394، 395،
396، 397، 401، 402، 403،
413

هوم منسٽر، 155
هاءِ ڪورٽ، 25، 42
هندو راج، 74، 132، 171، 236،
247، 283
هندستاني قوم، 74، 75، 76
هوم رول ليگ، 83، 92، 93، 94،
104، 108، 120، 127، 128، 131،
132، 136، 145، 147، 157
هندو راشٽريا، 92
هني مون، 94
هزميجسٽي، 107، 189
هزميجسٽي گورنمينٽ، 268
هندو مهاسيا، 167، 175، 177، 178،
194، 196
هوم گورنمينٽ، 188
هاءِ ڪمانڊ، 235
هري لال گانڌي، 344
هندستاني يونين، 347، 350، 351
همايون خان، 414

ي

يونيورسٽي، 25، 47،
ياداشتنامو، 53
يوپي، 290
يورپ، 17، 29، 157، 240، 208
يورپين، 72، 208، 225، 207
يورپي، 85،
يورپي برطانوي، 86
يونٽ، 201
يونٽي بورڊ، 219
ياقوت، 86
يوسف سنڌي، 13، 200
يهودي، 238
يونينسٽ پارٽي، 312، 327



Ayaz Ali Shaikh is a young writer, journalist, Researcher and politico_anaylst. He born in 1981 at Kamber, and got his primary_secondary education from kamber city. He completed his graduation in 2014_15 from University of Sindh, and now conduct M.A in political Science.

He has rich experience in academic research, and wrote more than fourteen books, based on research work, about the history and politics of Pakistan; fromwhich three has been published now. The main subjects of his interest and research are History, Politics, Federalism, Marxist philosophy and Nationalism. He also keeps expertise on the history and politics of Pakistan as well as South Asia.

He is the author of "***The Roots of Pakistan_Two Nation theory or Provincial Autonomy?***" of various articles and dissertation on the divers issues particularly political, national and historical are published in several news papers and research Journals.

Ayaz Ali worked with a thinktank C.P.C.S as a writer and political expert, but after three year's experience he resigned. Now a days, he engage in research work full time.

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.